دانجرس قيدي جي ڊائري



شبير شر

Sindhica
سنڌيڪا

ڊانڊرس قيديءَ جي ڊائري

شبير شر

Sindhica
سنڌيڪا

ڪتاب نمبر

475

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 2019ع
ڪتاب جو نالو : ڊانڊرس قيدي'۽ جي ڊائري
ليکڪ: شبير شر
ڪمپوزنگ: معشوق شر
ڇپيندڙ: ذڪي سنز پريس، ڪراچي
ڇاپائيندڙ : سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي

"DANDROUS QEDEE'A JEE DAIRY"
(Jail Dairy)
By: Shabeer Shar
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400
Phone: 021-32737290, Website: www.sindhica.org

اسٽاڪسٽ

سنڌيڪا اڪيڈمي B_24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. **فون:** 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
سنڌيڪا بوڪ شاپ 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سڪر **فون:** 03352233803_03013431537
سنڌيڪا بوڪ شاپ جي پي او روڊ پوسٽ آفيس پٽيان لاڙڪاٽو **فون:** 03313480039

العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي 03002827848، ڪائياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بٹراڄ روڊ، بخاري ڪتاب گهر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙهي سڪر- پٹائي بوڪ هائوس حيدرآباد03223011560، سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، پٽ شاهه- عثماني لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، -نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڈمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاٽو- مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو- حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس -المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- سليمان برادرس، مسجد روڊ، عوامي بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڈوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص فون: 03003319565، عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو، وسيم ڪتاب گهر لکي در، سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور، سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ 0346-8948535، مڪتبه امام العصر گهوٽڪي، 03033695037

لکپڑهه لاءِ:

سنڌيڪا اڪيڈمي

B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي-74400 فون: 021-32737290،
ويب سائيٽ:www.sindhica.org اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

فهرست

پبلشر نوٽ..... 5

پنهنجي پاران..... 7

سچ وڏو ڏوهاري آهي... 13

ماءُ ڏٺم اڄ مات مڙهين ٿو..!..... 248

نئون سال مبارڪ 259

بنا اعلان جي سينسر بہ ختم 268

هيءَ نہ ويل وڃڻ جي.. 340

پبلشر نوٽ

انسانن جي مٿان طاقت جي زور تي ظلم ۽ ڏاڍ جي به هڪ ڏگهي تاريخ آهي. ماڻهن ڏرتيءَ جي مٿان فرعون بڻجي انسانن کي پنهنجي محڪوميءَ جي عذابن ۾ رکيو آهي. انهن جي عذابن کي ٽارڻ ۽ انسانن جي لاءِ قدرت جي جوڙيل مٿانهن انساني آدرشن جي بقا واسطي جدوجهد ۽ قربانين جي به اوتري ئي هڪ تاريخ آهي. اسان جي ويجهي تاريخ ۾ سرمائيداريت ۽ سامراج انسانن جي مٿان غلامي، استحصال، جبر ۽ ظلم جا نوان عذاب مسلط ڪيا تہ ان جي خاتمي لاءِ به پورهيت ۽ مزدور راج جو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آواز اٿيو.

اسان جي ننڍي ڪنڊ ۾ فردي، طبقاتي ۽ قومي غلاميءَ جون هزارين شڪليون هلندڙ هيون ۽ انگريزن انهن غلامين کي وڌيڪ پختو بڻائي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪيو. ان غلاميءَ جي اثرن کي دائمي بنائڻ لاءِ هنن هتي تقسيم جو بنياد وڌو ۽ غلاميءَ جي پنجوڙ وارن ادارن کي طاقتور بڻائي نظام انهن جي هٿن ۾ ڏئي هتان پاڻ تہ هليا ويا پر عذابن کي برصغيري عوام جو مقدر بڻائي ويا. اڄن انگريزن جي وئي پڄاڻان ڪارن انگريزن سان آدرشي انسانن انهن جي ظلم ۽ جبر خلاف مهاڏو اٽڪايو. سڄي دنيا ۾ جيئن استحصال خلاف هڪ آواز گونجيو ان جي گونجار هتي به ٻڌڻ ۾ آئي. بدقسمتيءَ سان هتي پورهيتن جو انقلاب برپا ٿي نہ سگهيو پر ناانصافين جي خلاف هڪ اٽل سوچ ۽ لوچ زندگيءَ کي حسناڪين سان جيئڻ جو اتساهہ ڏنو. هيءَ ڊائري ان اتساهہ جو آئينو آهي. سنڌ ۾ قومي

تحريڪ ۾ سماجوادي تحريڪ کي سنڌي نوجوانن ڪيئن پنهنجون زندگيون ارپي ڏنيون. ڪيئن انهن انقلابن جي مشعلن کي پنهنجي خون ۾ پگهر سان ٻاري رکيو هو. انهن جون ڪجهه جهلڪيون هن ڊائري ۾ ڏسي اندازو ڪري سگهجي ٿو.

آتم ڪٿائون، يادگيريون ۽ ڊائريون پنهنجي دور جي جيئري جاڳندي تاريخ هجن ٿيون. شبير شر جي هيءَ ڊائري جيئري جاڳندي‌ءَ سان گڏ اکين ۾ اکيون ملائي ڳالهائيندڙ تاريخ آهي. هڪ سياسي قيدي‌ءَ کي نروس ٽيڙ جي بجاءِ سندس عالي همتي‌ءَ کي جنهن نموني هن ڊائري‌ءَ ۾ ڏسون ٿا سا پنهنجو مٽ پاڻ آهي. شبير شر زندان ۾ اسير هوندي ظلم ۽ جبر جي ڪردارن جي جنهن نموني چيرڦاڙ ڪئي آهي ۽ ساڳي وقت ناانصافين ۽ استحصال کي جنهن نموني پنهنجي ڊائري‌ءَ ۾ نديو آهي سو هن جي ديانتداري ۽ بي ڊپائي کي نکيڙي اسان جي سامهون آڻي ٿو. اها ئي انوقت جي سياسي ڪارڪن جي ڪميٽمينٽ ۽ بهادري هئي جنهن طاقتورن جي وحشتن ۽ درندگي‌ءَ جي ڪنهن حد تائين روڪٽام ڪئي هئي. اسان جي موجوده ۽ ايندڙ نسلن جي لاءِ اتساهيت، عبرت ۽ جاڻ جا هن ۾ انيڪ پهلو موجود آهن.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڈمي

پنهنجي پاران

مون کي ڊانڊرس ڊيڊيءَ جي ڊائري مڪمل ڪرڻ ۾ 31 سال لڳي ويا آهن. ان دوران ڪافي ساٿي هي جهان ڇڏي ڇڪا آهن. جن ۾ ڄام ساقي، جمال نقوي، اختيار پٽو، شاهه جهان پنهيار، محمد خان احمداڻي، ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ، سنجر چانڊيو، علي حسن چانڊيو، احمد خان جمالي، عطا دل ۽ ٻيا ڪيترائي پڻ شامل آهن، جن جا نالا هن وقت ذهن ۾ نٿا اچن.

ان جا هڪ کان وڌيڪ سبب آهن، ته جيل ۾ جيڪي خواب ڏسندا هئاسون ته جڏهن اسان آزاد ٿينداسون، انقلاب واريون حالتون هونديون ۽ اسان ماڻهن جي وڏن انبوهن کي خطاب ڪنداسون، پر مان جڏهن 17 ڊسمبر 1987ع تي آزاد ٿيس ته پنهنجي خوابن جي دنيا ئي اُجڙي چڪي هئي.

پارٽي ۾ ڪن حصن ۾ ورهائجي وئي، جيڪي ساٿي هڪٻئي سان پيار ڪندا هئا، اُهي هڪٻئي جي خون جا پياسا نظر آيا، هڪٻئي تي عجيب غريب بهتان مڙهي رهيا هئا، اِها صورتحال ڏسي سينو چيرجي ويو.

ٻئي طرف منهنجا پوڙها ابو امڙ (زوار عبدالرزاق ۽ امڙ زوار ملوڪ خاتون) منهنجي آخري اميد (شادي) ڏسڻ لاءِ آتا نظر آيا. پائرن کي ڏٺو ته انهن ۾ محسوس ڪرايو ته پنهنجو ڏاڏو ڏاڙي ڳوليان، هنن طرفان ڪا به آس اميد نظر نه آيم. ابي سائين جيڪي منهنجي حصي جا ۽ ٽي هزار بئنڪ ۾ رکيا هئا، معلوم ڪرڻ تي پتو پيو ته ابي سائين جون ڪوڙيون صحيحون ڪري اُهي به هڙپ ڪري چڪا هئا، ڪجهه ٿورا جيڪي پئسا بچيا، ان مان شادي جو خرچ پورو ڪيو. شادي بعد گهر سنيالڻ جو ڳڻ پيو.

پهريان ڏان ۾ خيرپور لاءِ ڪامريڊ سوپي ڏان جي ايڊيٽر مظهر علي خان کي چئي، خيرپور لاءِ نمائندگي ونڻائي ڏني. هڪ پيري قائم علي شاهه جي پريس ڪانفرنس گور ڪرڻ ويس تہ مونکي ڏسي اٿي بيهي رهيو تہ هڻڻو انقلابي ماڻهو اسان جي اڳڻ تي آيو آهي، وڏي ڀالهہ آهي، پر جڏهن اسان جي پراڻي ساٿي غلام قادر عرف منصور ميراڻي ٻڌايس تہ هيءُ ملڻ نہ آيو آهي، هاڻ صحافي آهي، توهان جي پريس ڪانفرنس ڪور ڪرڻ آيو آهي. تڏهن قائم علي شاهہ چيو:"يارا توهان جهڙن ماڻهن کي سياست نہ ڇڏڻ گهرجي، پلا اچو اسان جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو". قائم علي شاهہ ڪيترائي ڀيرا فوجي ڪورٽ ۾ مس بينظير ڀٽو جي آمد جي موقعي تي اچڻ جي ڪوشش ڪئي پر نہ اچي سگهيو هو.

پوءِ زندگيءَ جي شروعات ڏاڍي ڏکي ٿي، پائرن سهارو ڏيڻ کان مڪمل طور تي جواب ڏئي ڇڏيو ڪراچي ۾ صحافت جي پيشي ۾ لنگهڻ کاٽيندو ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي کي مُنهن ڏيندو حلال پاڪستان جي نوڪري ڇڏي وڪالت شروع ڪيم. هڪ پيري ابو سائين ڪراچي ملڻ آيو. مون کي چيائين: "ايجا تائين ايئن ٿو لڳي جڙ مان ۽ تنهنجي ماءُ توسان جيل تي ملڻ ڀيا اچون، هاڻ اسان کان هي ڏگهو سفر نٿو پهچي ۽ هاڻ تون وڪالت ٿو ڪرين، سکر ۽ خيرپور ۾ ٻہ عدالتون آهن، اُتي هلي وڪالت ڪر. تنهنجو وڏو ڀاءُ لياقت علي اُتي سينيئر وڪيل آهي ۽ خيرپور ۾ اُن جي گهر پويان، تنهنجو گهر ٻہ ٽهيل آهي، اُتي هلي ويهہ". اُهو انتهائي ڏکيو فيصلو هو. پوءِ تہ منهنجي وڪالت جي شروعات هئي ۽ مان زندگي جو ڏگهو عرصو ڪراچي ۾ گذاريو هو. دوستن جو وڏو حلقو ٻہ ڪراچي ۾ ئي هيو. وڪالت ۾ گهٽو ڪري ڪيس يار دوست ۽ جاڻ سڃاڻ وارا موڪلينڊا آهن. سکر ۽ خيرپور منهنجي لاءِ بلڪل اوپرا هئا پر ابي سائين جي ڀالهہ ٻہ غلط نہ هئي، هن کي مان تمام گهٽيون تڪليفون ڏئي چڪو هئس، هاڻ هن ۾ ايتريون مسافريون ڪرڻ جي قوت نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ هُو 90 سالن جو ٿي چڪو هو. مان بابا سائين جي حڪم تي ڪراچي ڇڏي خيرپور هلي ويس. ايترو پئسو ٻہ نہ هو جو ڪراچي جي اسڪول

گلستان شاهه عبداللطيف ۾ پڙهندڙ منهنجن ٻارن نور علي، شهريار ۽ عروسه جي بقايا اسڪول فيس ڏئي سرٽيفڪيٽ ڪيرائي سگهان ها! واپس ڳوٺ اچي ٻنهي وڻن پائرن کي مدد لاءِ چيم. جنهن تي وڏي پاءُ چيو: "مان ته بيروزگار آهيان، مان وٽ ڪجهه به ناهي" ۽ ٻئي وڪيل پاءُ ته ڏاڍو ۽ ڏکوئيندڙ جواب ڏنو ته: "پئسا نه هيئي، پوءِ هيڏي آئين چو...!؟". ڇهن مهينن تائين منهنجا ٻار گهر وينا رهيا. رهندو هنن کان نوڪرن وارو ڪم ورتو ويو. مينهن جو گاهه ڪٽائڻ ۽ سودو گهرائڻ، هنن کي ٿي وي ڏسڻ لاءِ به ويهڻ نه ڏنو وبندو هو ۽ ايئن آخر ڪار هُو چور ۽ لوفر سڏجڻ لڳا. اهڙو لقاءُ ڏسي منهنجي گهرواريءَ مون کي چيو: "هتي رهڻ کان بهتر آهي ته مان پنهنجي مائٽن ۾ وڃي رهان، جڏهن توهان وٽ ڪجهه ٿئي ته مان موٽي ايندس". ان دوران چار اپريل تي منهنجي گهرواريءَ کي چوٽين ٻار جا سُور شروع ٿي ويا. وڪيل پاءُ کان اوڌارا پنج هزار گهريم. ته ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڏئي گهرواري جو ويم ڪرايان. جنهن تي هن چيو ته: "مون وٽ روپيو ئي ناهي". جنهن کان پوءِ پائٽي پروين فاطمه پنهنجي ساهڙين کان اوڌارا پئسا ونيِ. منهنجي گهرواريءَ جو ويم ڪرايو ۽ قرت العين جنت هن دنيا ۾ منهنجي لاءِ پاڻ کڻي آئي ۽ ايئن قسمت بدلجڻ شروع ٿي وئي. ايئن ڏسندي ئي ڏسندي ڏڙا ڏڙ ڪيس اچڻ لڳا. ٻئي ڏينهن تي وڪيل پاءُ ڳڙهي خدا بخش مان شهيد ذوالفقار پُٽي جي ورسيءَ مان موٽيو ۽ ٻڌايائين ته سندس پاسي واري ڪيسي مان بشني چاليهه هزار روپيا ڪڍي ويو. جنهن کان پوءِ لڏو ڪٽي مان سکر هليو ويس ۽ اُتي انڊس پبلڪ اسڪول ۾ پارٽن کي داخل ڪرايم. بعد ۾ پبلڪ اسڪول ۽ سٽي اُسڪول ۾ سندن داخلا ٿي. جنهن کان پوءِ جرڳن خلاف عدالت کان فيصلو ورتو ۽ منهنجي قسمت ۾ ڦير و اچي ويو. تڏهن زندگي مان تڪليفون ختم ٿيون.

مون صحافت دوران جيل جي ڊائري لکڻ شروع ڪئي، به ٽي سؤ صفحا لکيا هوندا ته هڪ حسن مجتبيٰ نالي چور صحافي آيو مون کي چيائين ته هن کي مان اُهي صفحا ڏيان ته هوانهن مان ايم آر ڊي تحريڪ تي لکڻ ۾ مدد ونندو ۽ فوٽو ڪاپي ڪري موٽائي ڏيندو. هُو مون کان جيل جا به فوٽا کڻي ويو ۽

اڄ تائين موتائي نہ ڏنائين ۽ اُهو منهنجو جيل ڊائريءَ جو ڪارائتو حصو ڇپجڻ کان رهجي ويو. ٻيو وري جيل مان ساڻين ذريعي موڪليل ڊائريون ۽ منهنجي پاڻ لياقت علي ۽ ڪامريڊ غلام حسين تائين نہ پهچي سگهيون. ان ڪري ڊائري ۾ اهڙا ڪافي جهول موجود آهن، جيڪي ٻوءِ ۾ ياد جي بنياد تي مان ڪافي حد تائين تسلسل برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مان ڊائري مڪمل ڪري پنهنجي پراڻي يار ممتاز بخاري کي چيو تہ هُو منهنجي جيل جي ڊائري ڇاپيندو؟ هن ۽ انڪار ڪيو. مون ۽ سوچيو ٺيڪ ٿيو جو هن انڪار ڪيو. نہ تہ هن منهنجي يورپ جي سفر واري ڪتاب کي بنا تصويرن جي ٻسو ڪري نصابي ڪتابن جيان ڇاپي بي رونق بڻائي ڇڏيو.

ٻوءِ مان پنهنجي پراڻي يار سنڌيڪا واري نور احمد ميمڻ سان رابطو ڪيو. جيڪو سدائين چوندو رهندو هو تہ: "يار جيل جي ڊائري مڪمل ڪري ڏي تہ مان ٿو ڇاپيان". ان دوران پراڻي ساڻي محمد خان سولنگي چيو: "يار هُو روشني وارو پنهنجو يار علي نواز گهانگهرو تنهنجي جيل جي ڊائري ٿو گهري". مون چيو: "يار مان اُها سنڌيڪا جي حوالي ڪري چڪو آهيان. هن اڳ ۽ منهنجو ايران ۽ هندستان جو سفرنامو ڇاپيو آهي ۽ هن سان منهنجو ڪافي عرصي کان واعدو ٿيل آهي".

اِهو مرحلو مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ٻيو مرحلو پيش لفظ لکڻ جو آيو. تہ ڪير لکي!؟ هڪڙي پيري سهيل سانگي آيو. مون هن سان احوال ڪيو. ڇيائين مونکي ڏي. مان ٿو لکي ونان. مون هن کي هڪ دستو فوٽو ڪاپي ڪرائي ڏنو. هر مهيني فون ڪريان. چوي: "ها لکان پيو". نيٺ ڇهن مُهينن تائين ڏڻا ڏيڻ کانپوءِ جواب ڏنائين تہ: "مون کان اهو دستو ئي وڃائجي ويو آهي". مون کيس چيو: "تو ۽ ٽي پيرا اسلم خواجي جي لاءِ چيو هو تہ هُو منهنجي جيل جي ڊائري گهري ٿو. تہ هو ايم آر ڊي تي لکڻ ٿو چاهي". مون چيو: "ايم آر ڊي تي وڃي لکن. منهنجي ڊائري هنن کي ڇو ٽي ڪپي...!؟ مواد منهنجو. ڪتاب هُو پنهنجي نالي تي ڇپرائين...!!" سو مون سهيل کي چيو: "ڊائري وڃائجي وئي تہ ڪا ڳالهہ ناهي. پر اسلم خواجي کي ڏنئي ۽ پوءِ

ظاهر ٿي، تہ اِهو سنو نہ ٿيندو، پاڻ هڪبئي جو مُنهن ڏسڻ کان بہ ويندا سون".
سو ان کان مايوس ٿي مان يوسف لغاري کي چيو، چو جو هُو اسان جي ڪيس
۾ لڳاتار وڪيل رهيو هو، هن کي گهٽين ڳالهين جي خبر هئي، هُو بہ گذريل
ٻن مهينن کان چوندو رهيو: "ها، مان لکي رهيو آهيان، ان ۾ تو منهنجي
خلاف لکيو آهي، اُهو ڪٽي ڇڏ. منهنجي نياڻي سنڌو (هاڻ ڊاڪٽر سنڌو)
محترمہ بينظير سان ڪورٽ ۾ ملاقات ۽ ڪچهري ڪئي هئي، اُها نہ لکي
اڻئي". پوءِ مان هن يار کان بہ مايوس ٿي، ٻئي هڪڙي پراڻي ساڻي تاج بلوچ
کي فون ڪئي: "يار تون بہ اسان جي لڏي جو ماٺهو رهيو آهين، تون منهنجي
جيل جي ڊائريءَ تي پيش لفظ لکي ڏي". هن بہ حامي پري: "موڪل، مان منٽ
۾ ٿو لکي وٺان". مان شبير شر کي نہ سڃاڻان، تہ ٻيو ڪير سڃاڻي....!؟" ان
بہ ٻہ مهينا وڃائي ڇڏيا، نيٺ آخري پيرو چيومانس: "ڪتاب آخري مرحلن
۾ آهي، پبلشر تنهنجي پيش لفظ جي ڪري روڪيو ويٺو آهي"، چيائين:
"هينئر تہ منهنجو پٽ، نُنهن ۽ پوٽا بوسٽن کان آيا آهن، سو واندو نہ آهيان،
عيد کانپوءِ واندو ٿيندس". نيٺ مون نور احمد کي چيو: "ادا، ڪجهہ مان ٿو
لکان، ڪجهہ توهان لکو، بس رسم پوري ڪري ڪتاب کي ڇاپيو".

شبير شر

سچ وڏو ڏوهاري آهي...

29 جولاءِ 1980ع

لڳ ڀڳ ڏيڍ وڳي جو وقت هو ٻُک ۾ ڏاڍي لڳي هئي ۽ گهر جِي ٽِينَ واري ڇت هجڻ ڪري شديد گرمي ۽ گُهٽ هئڻ سبب ساهه ٻوساٽجي رهيو هو. ويتر گهر جي پرسان وهندڙ گندِي نالي ءَ مان اُٽندڙ ڏُونڌَ جهڙي ڏپ جي ڪري، خالي پيٽ مان آندا اُٻڙڪا ڏئي باهر ٽي آيا _ گهر آهي يا برندڙ ڪُورو! بدن ساڻو ٽي ويو هو ۽ ڪرسيءَ تي ويٺي جڙ آخري پساهه ڪٽي رهيو هئس، ڪَچي ڪانسواءِ باقي سمورا ڪپڙا لاهي پري اڇلائي چڏيا هئم. گهر ۾ لکيل ۽ اڻ لکيل ڪاغذن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. ڪائڻ لاءِ به ستن ڏينهن جي پاروٽي مانيءَ جو ڀُڳو تہ چا، سڙيل بصر به نه هو. جو پيٽ ۾ وجهي ان جو دوزخ پرجي ها. صبح جو پاڪستان ڪوارٽرن وٽان فٽ پاٽ واري دڪان تان رُپئي جون پُوريون ۽ چولا ڪائي، نيرن ڪري ڪم ڪرڻ لڳو هئس. مٽان اڇي ٽاڪ منجهند ٽي هئي، نہ ڪو ساٿي وريو هو نہ ڪو ماني ڀڳو ملڻ جو آسرو ئي هو. ڪيسي ۾ رڳو ساڌا ٽي رُپيا بچيا هئا، جن مان تہ دال ماني ۽ نٽي ونڊي سگهيس. ٻيو تہ رمضان جو مهينو ۽ ضياءُالحق جي اسلامائيزيشن جو زور هجڻ سبب هوٽلون ۽ بيڪريون پڻ بند پيل هيون _ مارشل لا وارن هوٽلن وارن کي ڦٽڪا هٽي هيسائي چڏيو آهي. پاڻي پيتم تہ اهو به آندن کي چيريندو ويو. مٽان نذير عباسيءَ جو حڪم هو تہ سمورو چپائيءَ جو ڪم اڄ ئي مڪمل ڪري ختم ڪرٽو آهي: سياڻي جهڙوڪر قيامت اچي ويندي ۽ ڪم رهجي ويندو. دروازو ڪڙڪيو تہ دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. خيالن مٽان خيال اڇڻ لڳا. ساٿي هوندو يا وردين وارا هوندا...!! ٽُڏا هٽندا ڪنيون هليا ويندا، وارٽن کي اطلاع ڏيڻ وارو به ڪو ڏسي نہ سگهندو. بستري جي

چادر ويڑهي وڃي دروازو کولي ڏنم. ڪمال وارثي عرف "ڪُدو" ڏند ڪڍيو بيٺو هو. نذير عباسي هُن جي معصوم شڪل ۾ سادي طبيعت کي ڏسي، واهه جو نالو رکيو هو "ڪُدو". هُو هئو به واقعي ڪُدو. پٽيان جاسوس هجن يا دوست، پتو نه پوندس. جهنگلي جانور جيان جنهن پاسي مُنهن ڪندو هلندو رهندو. اهڙي ته ڪاوڙ آئي، سوچيم، به ٽي ٽونشا وهائي ڪيانس. هن سان ڪجهه به ڳالهائڻ ڪانسواءِ واپس اچي پنهنجي ڪم کي لڳي ويس، هُو به پٽيان لڳو آيو. اندر اچي پڇيائين: "ڪجهه کاڌو پيتو اٿئي يا نه؟" مان ڪيس کي به جواب ڏيڻ ڪانسواءِ سنڌي ٽائيپ رائيٽر جي ڪِيبورڊ تي هٿ رکي مضمون لکڻ لڳس. وري هُن ڳالهايو: "ساڻي مون توهان کان ڪجهه پڇيو؟" مون ڪيس کاوڙ وچان چيو: "ڏوڙ...! ساڻي هي صبح کان مان بُک ٽو مران، ۽ تون هٿين خالي پهتو آهين. ماڻهوءَ جو پٽ ئي نه آهين!" پاڻ تي کاوڙ اچڻ لڳي. ڪيڏي سڄي نوڪري ڇڏي بيروزگار ٿيو آهيان. هنن جا وظيفي وارا 200 رُپيا، انهن مان چا ٿيندو؟ ايجان هُن کي ويٺي 5 منٽ به نه گذريا ته وري دروازو کُڙڪيو. مون ڪمال کي چيو: "اُٺ دروازي تي ڏس ڪير آهي؟" هُو سدائين جيان سُستيءَ ۾ ويٺو رهيو. هڪ منٽ به نه لڳو ته 10 کان 15 ماڻهو جيڪي ساڻن ڪيڙن ۾ هئا ـ اندر هليا آيا. هنن کي ڏسندي ئي منهنجو ذهن تيزيءَ سان سوچڻ لڳو. هي ڪير آهن؟ ۽ بنا اجازت جي اندر هليا آيا آهن! اسان ته ڪڏهن پاڙي جي ڪنهن چوڪريءَ کي به غلط نظرن سان نه ڏٺو آهي، ته پوءِ هي ڪهڙو تماشو آهي...؟! منهنجون نظرون هنن مان ڪجهه ماڻهن جي هٿن تي پيون، جن ۾ پستول هئا ۽ هنن جون آڱريون پستولن جي ٽريگرن تي هُيون. ڪمال جي هنن طرف پُٺي هئي، هُو رڳو مونکي ڏسي رهيو هو ته هي ڇو حيران ۽ پريشان ٿيندو پيو وڃي. پوئتي ڏسڻ بدران ڪُرسيءَ تي ويٺي ئي مونڪڻ پڇڻ لڳو: "چا آهي؟ ايڏي حيرت سان چا پيو ڏسين؟" مون ايتري ۾ پاڻ سينالي ورتو ڇو ته هاڻ سُستي يا خوف جو تاثر ڏيڻ پنهنجي مستقبل لاءِ خطرناڪ هو. مون ڪمال کي چيو: "تها جس کا انتظار، وه شاهڪار آگيا" هنن جي اڳواڻي ڪندڙ بلين اڪين ۽ بندري قد واري همراهه، جيڪو ميجر يا ڪرنل ٿي لڳو ان هڪدم هڪل ڪري چيو: "هٽ مٽي

ڪريو. ڪوئي بہ پنهنجي جڳهہ تان نہ ڇُرڻ. هاڻ هي ڊرامو ختم ٿي ويو".
اتي مون بہ چيو تہ: "ڊرامي جي توکي ڪهڙي خبر تہ ڇا ٿيندو آهي. ڊرامن جو اداڪار مان آهيان. ڊرامو ختم نہ پر هاڻ شروع ٿيو آهي!" هن وري رڙ ڪئي: "کهڙے ہو جائو ، بہرے ہو کيا ، سنا نہيں!" مون کي ڏاڍي خار اچڻ لڳي. گهر بہ اسان جو ہي اتي بيهي داہا ٿو ڏئي. ڪيڏو نہ واحيات آهي. مون چيومانس: "آهستي ڳالهاءِ. هتي پنجابي فلمن جي شوٽنگ ڪو نہ آهي. اسان هلڻ لاءِ تيار آهيون". ان تي هو مونکي اکيون ڪاڍي ڏسڻ لڳو ہي چوڻ لڳو تہ: "توکي تہ اندازو ئي نہ آهي تہ توسان ڪهڙو حشر ٿيڻ وارو آهي". پستول ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو "ابھی تو یہ کھیل باقی ہے ، بچو اٹھ کھڑے ہو جائو" مان اڃي بيٺس تہ اوچتو هن کان رڙ نڪتي "ارے یہ تو ننگا ہے". مون چيو: "ننگا نہيں ہے ، یہ چڈھا جو ہے!" مان پٽ جي ڪِليءَ ہر ٽنگيل پينٽ شرٽ ڏانهن وڌيس تہ رڙ ڪيائين: "رک جائو ، ہلنا نہيں" مونکي حيرت ہ خوف بہ ٿيو تہ هي ڪرڻ چا ٿو چاهي. اتي ئي مارينڈو تہ نہ؟ ڪپڙن تائين بہ وڃڻ نٿو ڏئي. چوڻ لڳو: "اپنی جگہ سے ہلو مت ، ورنہ گولی ماروںگا". هن پاڻ سان گڏ آيلن مان هڪ ڇٽي کي اشارو ڪيو جيڪو منهنجا ڪپڙا ڪٽي. انهن جا ڪيسا جاچڻ لڳو جن مان رڳو سادا 3 رُپيا نڪتا. هن اهي رڙيون ڪندڙ پنهنجي آفيسر کي ڏنا ہ چيو: "هي نڪتا آهن". هُو پئسن کي ڏسي وائڙو ٿي ويو "بس یہ ---!". هن مونکي ڪپڙا ڏنا. جيڪي مون اتي ئي بيٺي ئي پائي ورتا.
ان دوران هو ڪمال وارثيءَ کي ٻانهن کان جهلي نِم جي وڻ طرف ڪمري کان ٻاهر وٺي ويو ہ هڪ ٻئي کي مون لاءِ اشارو ڪيائين. جيڪو مونکي ٻانهن کان جهلي ٻئي طرف وٺي ويو. ان وقت مان سوچڻ لڳس تہ هي سڀ ڪجهہ تہ ٽيٽو هو. سو ٿي ويو هاڻ گهبرائڻ ڇا جوا ساڻي جمال نقوي ضد چڏي ها تہ گهر چڏي ٻئي پاسي هليا وڃون ها ہ گرفتار نہ ٿي سگهون ها. هن گهر تي "مکان برائے فروخت" لکرائي. هنن کي حملو ڪرڻ جي شهہ ڏئي چڏي. هاڻ تہ زندگيءَ ہ موت مان ڪا هڪڙي شئي نصيب ٿيندي. مان انهن سوچن ہر ئي هئس تہ ايتري ہر بندري قد وارو آفيسر مون وٽ پهچي ويو ہ مونکي چيائين: "تنهنجو نالو شبير آهي نہ؟" چيم: "هائو" شايد هن کي

ڪمال وارثيءَ منهنجو نالو ٻڌايو مونکي ڊپ ٿيڻ لڳو ته ڪمال وارثي هن کي هن گهر ۾ ايندڙ ٻين ساڻين جا ٻه نالا نه ٻڌايا هجن. خوف ته مونکي ٻه ٽي رهيو هو. پر ڪمال مونکي وڌيڪ پريشان ٽي نظر آيو. بندري قد واري آفيسر کي رکي رکي جنوني دورا ٽي پيا، هڪ ته هُو اسان جي گرفتاري تي ايڏو خوش نظر آيو. جهڙوڪ هن جنرل اروڙا ۽ مانڪشا کان هٿيار ڦٽا ڪرائي کين گرفتار ڪري ورتو هجي. هُو اڳڻ تي ڦرندو ۽ زمين تي پير هٽندو پئي وتيو ته: "بتائو اور يہاں کون کون آتا ہے؟". اُتي مان سمجهي ويس ته ڪمال پنهنجي ۽ منهنجي نالي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٻڌايو آهي. مون هُن کي چيو ته: "هيءَ اسان جو گهر آهي، هتي تنهنجو ڪو به ڏاڍو هلي نه سگهندو جڏهن تنهنجي در تي پهچون، پوءِ جيڪا چيرڦاڙ ڪرڻ چاهين ڪري ڇڏجان. ۽ اهڙو بزدل ۽ ڏيجو نه سمجهه جو تنهنجي هر سوال جو جواب هتي ئي ڏيندا سون. تون پنهنجي ٽارچر سيل ۾ اسان کان ڪجهه ڳالهرايو. ته اها به تنهنجي سوچ ٿيندي" هن پنهنجي ماتحتن ڏانهن ڏسي چيو: "هي ته واقعي وڏا بهادر پيا لڳن، جو هتي ڪجهه به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهن. هنن سان ته اتي هلي ملاکڙو ڪبو" هو وري "سُرخ پرچم" ۽ "هلچل" جي اخبارن ۾ ڪجهه ڳولڻ هليو ويو. اندر ڪمري ۾ ٻيئي هڪ همراهه چيو: "برے کام کا برا نتيجا". اسان کي باهه ونڊي وئي. ڪمال چيو: "پاڻي هنن ڪاغذن ۾ ڪهڙو برو ڪم نظر آيو آهي. ڪجهه اسان کي به ته ڏيکاريو. هي ڪو شراب جو اڏويا هيرامنڊي ته نه آهي" اُن تي ٻلين اکين ۽ بندري قد واري چيو: "بکواس بند کرو ، ورنہ گولی ماردونگا" ائين چئي هُو ڪمال کي چماٽ هڻڻ لاءِ وڌيو. ته مون جوتي ۾ هٿ وجهي چيو: "توکي پادرن جو شوق آهي ته اهو ٻڌاءِ. اهو به پورو ڪري ٿا ڇڏيون" اُن تي هن جا ماٺهو زخمي سوئر جيان اسان تي وڌي آيا. جنهن تي اوچتو هن ئي چيو: "نه نه هتي ڪو به گوڙ گهمسان ٿيڻ نه گهرجي". هُو جتي پهتا ها اتي ئي بيهي رهيا. سيني کي چوڻ لڳو ته: "منهنجا اختيار ڪو به استعمال نه ڪري". مان لڳاتار ڪمال وارثيءَ جي چهري ڏانهن ڏسي رهيو هئس، ته هُو چا پيو سوچي؟ اڳتي چا ٿيندو؟ هُو مونکان سينيئر هو. هن جي چهري جي هر حرڪت اکين جي اشاري سان اُبهرائي ڪرڻ کان منع

پئي ڪئي. هُو ٿورو پريشان نظر پئي آيو. شايد منهنجي چهري تي ٻه پريشاني هجي جيڪا هن کي محسوس ٿيندي هجي. مان پنهنجي چهري کي ٽيڪ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس، ته ڪمال سمجهي ورتو ۽ ٿورو مُرڪي ڏنائين. ان تي ڪرنل پڇيو: "چو پيو ڪِلين؟"، پنهنجي عملي کي حڪم ڪيائين ته: "هنن کي هڪبئي ڏانهن ڏسڻ نہ ڏيو. هڪ کي ڪمري ۾ وڃي ويجو. هُو ڪمال کي ڪمري ۾ وڃي ويا. هُو سُرخ پرچم جا تختن تي پيل پراڻا بنڊل بستري جي چادرن ۾ وجهي رهيا هئا. هنن سرخ پرچم جا بنڊل ايڏي ته بيدردي سان هيٺ ٽپي اڇلايا، جو مونکي ڏاڍا خار ٿي لڳا. اسان بيوسي ۽ لاچاري وچان ڏند ئي ڪرٽي ٽپي سگهياسين. منهنجي پرسان بيٽل هڪ آفيسر چيو: "جام ساقي ته شاهي قلعي جو فاتح ٿو سڏرائي. ڏسون ته توهان ڪٽان جا فاتح ٿا بڻجو؟" هُو ائين چئي اسان کي ايندڙ اذيتناڪ وقت جو احساس ڏياري رهيو هو. ان تي مون چيو: "ڪهڙي نہ سڻي موقعي تي ياد ڏياريو اٿئي. دل خوش ڪري ڇڏيئي. اسان جي نظربئي موجب هر انقلابي حسن ناصر ۽ جام ساقي هوندو آهي". هن چيو: "پر توهان ته ٻار ٿا لڳو". مون چيو: "پوءِ اسان کي به آزمائي ڏسجو". بندري قد وارو آفيسر وري موٽي آيو ۽ چوٽ لڳو: "ڏسو ايڏاءَ رسڻ کانپوءِ سڀ ڪجهہ ٻڌايو. ان کان بهتر ائين ٿيندو ته پهريان ئي سڀ ڪجهہ ٻڌايو. ته هتي ڪير ڪير ايندڙ آهن ۽ اهي هن وقت ڪٽي هوندا" مون چيو: "اسان ٻن کانسواءِ هتي ٻيو ڪير به نہ ايندو هو". هُو وڪڙ لڳو: "هِنن کي ڪُٽي ڪنيون ٻيئي آهي. هلو ته اتي ٿا توهان جو هَڏُ ٽوڙيون". سمورو سامان ڪٽي. اسان کي هٽ هٽن ۾ وجهي. اهڙي انداز سان ٻاهر نڪتا جڙ دوست ويندا هجن ۽ گرفتاري جو ڪو واقعو ئي نہ ٿيو آهي! گرميءَ سبب ان وقت ٻاهر ڪير به نہ هو. ڪاش! ڪو اسان کي ڏسي وڃي ۽ ساٿين کي اطلاع ڪري ته اهي گرفتار ٿيڻ کان بچي وڃن. ايتري ۾ جڏهن مزدور اڳواڻ رمضان ميمڻ جي گهر وٽان گذرياسون ته هن جي گهرواري ۽ ماءُ اسان کي ڏٺو. اسان کي يقين ٿيو ته هاڻ باقي ساٿين کي اطلاع ٿي ويندو.

نارٽ ناظم آباد جي پيپلز ڪالوني مان اسان کي جيپ ۾ سوار

ڪري مقتل ڏانهن نيو پئي ويو جيپ ناظم آباد جي روڊن تان تيزي سان ڊوڙندي پئي وئي. اسان روڊن ۾ ماڻهن کي جهڙوڪ آخري پيرو ڏسندا ويجي رهيا هئاسون. سوچيندو پئي ويس ته خبر نه آهي وري ڪيهر آزاديءَ سان انهن روڊن تي گهمڻ ڦرڻ ۽ نصيب ٿيندو الائي نه! ماڻهو پنهنجي ڏُن ۾ مگن روڊن تي گهمندي ۽ پنهنجا ڪم ڪار ڪندي نظر اچي رهيا هئا. مان سوچڻ لڳس ته اهي ويچارا ماڻهو نٿا ڄاڻن، ته اسان کين ظلم ۽ ڏاڍ کان نجات ڏيارڻ وارا هيئن ڏينهن ڏني جو لانگ بوٽن هٿان اغوا ٿيو پيا ويجون. جڏهن انقلاب ايندو ۽ کين اها ڄاڻ پوندي ته اسان هنن لاءِ ڪيئن جدوجهد ڪئي ۽ ڪهڙي ڏکئي ماحول ۾ رهي مارشل لا خلاف جدوجهد ڪري کين نجات ڏياري. پوءِ هُو اسان تي فخر ڪندا. مان روڊ تي هلندڙ ماڻهن کي ان خيال سان بہ ڏسي رهيو هئس، ته منَ ڪنهن واقفڪار جي نظر پئجي ويجي، ته جيئن ساڻين کي خبر ملي ته اسان گرفتار ٿي چڪا آهيون. ڪمال وارثي ۽ مان هڪٻئي جي بلڪل ويجهو وينا هئاسون. مون صفا آهستي ڪمال وارثيءَ کي چيو ته: "دل نه لاهه. روئڻ ۽ مايوسيءَ جهڙو چهرو چو ڪيو ويٺو آهين!؟ تون ته مون کان تمام گهٽو سينيئر آهين. تون ايئن هِيٺو ٿيندين ته منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ ڳڻتي ختم ڪر ۽ پاڻ کي ايندڙ بري وقت لاءِ تيار ڪر. ٻيو تو وٽ اهڙي پرچي وغيره ته ناهي، جنهن تي ڪنهن ساڻيءَ جو نالو ۽ پتو لکيل هجي. آهي ته اها ڪنهن طرح وات ۾ وجهي چٻاڙي کائي ڇڏ، ايئن نه ٿئي جو هاڻ اهي همدرد بہ مارايون، جيڪي ماني کارائيندا هئا. هن چيو: "يار ڇڏيون ته جام هيون، جيڪي اتي گهر ۾ ئي ڦري ورتيون اٿن، حيدرآباد واري گهر جي ليز جا ڪاغذ هنن کي هٿ اچي ويا آهن، سياڻي ته هُوبئي (پروفيسر جمال نقوي ۽ نذير عباسي) بہ هن گهر ۾ اچڻا آهن.

مون سوچيو ته بس هاڻ ته ساڻين کي بہ هي گرفتار ڪري وٺي ايندا. مون چيو: "اڙي ڪُدو تو اهي کيسي ۾ ڇو رکيون هيون؟" اسان جي سامهون ويٺل سرڪاري پهريدار اسان ڏانهن نهاريو لڳو ۽ چيائين: "جيڪو ڪجهه بہ ڳالهائڻ چاهيو آزادي سان ڳالهائجو هاڻ ته توهان پاڻهين سيڪجهه ٻڌائيندا". ريگل چوڪ صدر ۾ سگنل بند هجڻ ڪري جيپ بيٺي، ته اتي بہ

مان ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي ڏسڻ لڳس. وري سوچڻ لڳس اهڙو کو دوست نظر ۾ آيو ته هُن کي سڏي يا ڳالهائي ۾ ته نه سگهندس. چو ته اهڙي صورت ۾ هُو مسڪين ۾ جهلجي ويندو. بس هن جي ڏسڻ سان اهو فائدو ٿيندو ته دوستن کي اطلاع ٿي ويندو. اتي مايوسي ٿي. کو ۾ نظر نه آيو ۽ سگنل پڻ کُلي ويو. جيپ ڏامر جي ڪاري روڊ تي ڊوڙيندي رهي. پاڻ تي خار اچڻ لڳا. خبر ۾ پئجي وئي هئي. هيءَ ڪتا ڪيڏ لڳا پيا آهن. پوءِ مونکي پڄي وڃڻ ڪپندو هو. پر نذير عباسيءَ ائين ڪرڻ نه ڏنو ۽ سختيءَ سان منع ڪيائين. ته پڄي وڃڻ پارٽيءَ سان غداري ٿيندي.

جيپ ايم پي اي هاسٽل اندر داخل ٿي وئي. جتي اڳ چونڊيل ميمبر رهندا هئا. اتي هاڻي وردیءَ وارا هلندي ڦرندي نظر اچي رهيا هئا. هن پارليامينٽ هائوس ۾ هاڻي فوجي ڪورٽون آهن. جيپ جي اڳئين سيٽ تي ويٺل آفيسر هيٺ لٿو ۽ آفيسن ڏانهن هليو ويو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هيءَ عمارت سنڊ اسيمبلي جي ميمبرن جي آرام لاءِ نهرائي هئي. جتان هاڻي روزاني جمهوريت لاءِ آواز بلند ڪندڙن کي سزائون ڏنيون ويندیون آهن. هُو جيڪو آفيسر اندر ويو هو اهو ٿوري دير بعد واپس آيو. ته ان سان گڏ وردين ۾ ٻه ٽي ميجر گڏ هئا. اسان جي ويجهو اچي اسان کي ايئن ڏسي رهيا هئا. جيئن ڪين جنرل اروڙا ۽ مانڪشا هنن کي هٽ اچي ويا هجون. هُو ڏاڍا خوش نظر اچي رهيا هئا ۽ پاڻ ۾ سُس پُس ڪري ايئن محسوس ڪرائڻ لڳا. ته اسان ۾ هنن کي وڏا خطرناڪ ماڻهو هٽ اچي ويا آهيون. هنن کي ان انداز ۾ ڏسي مونکي ۾ ڊپ ٿيڻ لڳو. دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. نڪ نا نا ... منهنجي دل جي ڊوڙ جو آواز منهنجي ڪنن کي صاف طور ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. پنهنجي دل تي ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ لڳي. اهڙي هڪدم بزدلي جو مظاهرو ڪرڻ جي ۾ ڪهڙي ضرورت آهي. منهنجي دل مونکي جواب ڏنو: "اهڙا خونخوار وردين وارا درندا اڳ ته مون ڪڏهن ۾ نه ڏٺا. اهو ۾ ايڏي ويجهڙائي کان. جو سنگين ۽ بندوق جا وڊ ۾ صاف نظر اچي رهيا آهن". زندگيءَ جي پهرين گرفتاري اها ۾ بگهڙن هٿان ٿي آهي. ڏسجي ته چا ٿو ٿئي! اسان جون نڙيون خشڪ ٿي ويون هيون. زبان ڪاني ٿي وئي هئي.

ڪمال وارثي هڪ فوجي آفيسر کي چيو: "يار پاڻي نہ پيارينديں؟" هن چيو: "رمضان ۾ هتي پاڻي نہ ملندو آهي". جڏهن اهو هليو ويو تہ پرسان بينل سپاهيءَ پڇيو: "پاڻي پيئندا؟" اسان چيو: "ها" هُو ويو ۽ جگ پري کڻي آيو. هُو چوڻ لڳو: "هتي روز قيدي ايندا آهن. انهن سان گهٽ روزو هجڻ وارا گڏ هوندا آهن. ٻيو تہ اهي سگريٽ بہ کلي عام پيئندا آهن" مون سوچيو تہ آفيسرن جي پيٽ ۾ هي سپاهي ڪيڏو نہ سٹو آهي. هي ايترو خطرناڪ نہ آهي. جيترا هن جا آفيسر خطرناڪ آهن. مان يڪساهيءَ ۾ پاڻيءَ جا بہ گلاس پي ويس. پوءِ ڪمال کان پڇيم تہ: "هاڻي هتي چا ٿيندو؟" ڪمال چيو تہ: "جيڪو ٿيندو. تنهنکي مُنهن ڏيندا سون _ قاڻي کان پوءِ ڦٽڪڻ ڪهڙو؟" هن چيو "ها. مهل آئي آهي تہ مُنهن ڏيڻو پوندو. گپ ۾ گهڙڻ بعد ڦهنگن کان ڊجڻ غلط آهي" اسان کي الڳ الڳ جيپ مان لاهي ايمر پي اي هاسٽل جي سامهون ڏکڻ پاسي وارن ڪمرن ۾ نيو ويو. وڃڻ وقت منهنجي دل جي ڌڙڪڻ جي رفتار اڳ کان بہ تيز ٿي وئي. بس هاڻ تہ مقتل گاهہ اچي وئي.

هنن اسان کي جدا جدا ڪمرن ۾ ونڊي وڃي هٽڪڙيون هڻي. درين سان ٻڌي ڇڏيو. مونکي هڪ پيرو هڪ ڊرامي ۾ هٽڪڙي لڳي هئي. جيڪا ڊرامي واري هٽڪڙيءَ کان گهٽو مختلف هئي. نڀام جو روزو کولڻ بعد هڪ سپاهي ماني آڻي ڏني. جيڪا ٻُک هجڻ جي باوجود نہ وٺي. نذير عباسي چوندو هو تہ: "تارچر سيل ۾ ماني گهٽ کائڻ گهرجي. گهٽو ڪري چوري ماني اڇلائي ڇڏجي. ان سان اهو ٿيندو تہ ٿوري اذيت ملڻ سان ماٺهو جلدي بيهوش ٿي وبندو ۽ ايئن ڪرڻ سان گهٽي مار نہ ملندي" پر مونکي تہ ماني وٺي ئي نہ پئي. اُن جو مطلب آهي تہ جلدي ڪمزور ٿيندس ۽ ٿوري مار ۾ بيهوش ٿي پوندس. هڪ نئون ڊرامو شروع ٿي ويو. پنجن جي ٽولين ۾ سول ڪپڑن وارا اچي دروازي تي بيهي. اسان کي ڏسي پاڻ ۾ سُس پس ڪري هليا پيا وڃن. هڪٻئي پٺيان هُو ايندا ۽ ويندا رهيا. جن جو تعداد سوين ٿي ويو. مونکي ڊپ ٿيڻ لڳو. ان جو مطلب آهي تہ اسان جيڪو سرخ پرچم ۽ هلچل چاپڻ وارو ڪم ڪري رهيا هئاسون. اهو ايڏو خطرناڪ هو. هُو اهڙي انداز ۾ اسان کي ڏسي هليا ٿي ويا. جيئن شڪاري ڪُتا پنهنجي شڪار کي ڏسندا آهن. اهو

ڊوڙ پورو ٿيو تہ سپاهي کٹ کٹي آيو. پوليس انسپيڪٽر اسلم نور جيڪو گرفتاريءَ وقت سادن ڪپڑن ۾ هو هاڻ هُو وردي پائي آيو هو ان اسان جون هٿڪڙيون کولي انهن کي کٹ جي بانهين ۾ بڌيءِ وري هٿ ۾ هٿي ڇڏي. هاڻي اهو ٿيو جو بيهڻ بدران سمهي ٿي سگهيس. مان هڪدم کٹي تي ليٽي پيس. مونکي زوردار پيشاب لڳو هو. پر هنن کي نہ پيو چوان. وري جڏهن انسپيڪٽر اسلم نور آيو تہ هن جي هٿ ۾ گولڊ ليف جو پاکيٽ هو. هُن مونکي پاکيٽ ڏيندي چيو تہ: "بس پنهنجو ڪم هيستائين هو هاڻي مان هلان ٿو". مون چيو: "دروازي تي تنهنجي پوليس ويٺي آهي. انهن کي چئو پيشاب تہ ڪرائن" هن چيو: "بلڪل. جنهن وقت بہ پيشاب ڪرڻو هجي. هنن کي ٻڌايو. هي توهان کي وٺي ويندا" هن هڪ اي ايس آءِ کي چيو: "اسکو پيشاب کرناہے". هُو آيو ۽ منهنجي هٿڪڙي کولي پرواري ڪمري ۾ وٺي ويو. اتي ڪمال ويٺو هو. هن مونکي ڏسي سنڊيءَ ۾ چيو: "چورا ڦاٽي تہ نہ ٽِي!؟" مون چيو: "تون پنهنجو حال ڏي؟". جنهن تي اڙدوءَ واري لهجي ۾ چوڻ لڳو: "بابا ڏايي ٽي ڦاٽي". مان واپس اچي کٹ تي سمهي رهيس ۽ سوچيندو ويس تہ اسان ايترا خطرناڪ آهيون؟ نہ اسان وٽان بندوق نڪتي ۽ نہ توپ. تہ پوءِ هي سپ ڇا آهي؟ هڪ سائيڪلو استائيل مشين رکڻ سان ايڏا خطرناڪ ٽي ويا آهيون. پاڻ تي بہ ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن ڏڇي ۾ ڇو ڦاٽس؟ سٺي نوڪري هئي. ٽي وي تي اداڪاري ڪندو هئس. ايڏي خوبصورت ۽ رومانٽڪ دنيا ڇڏي هنن ڪنگلن سان ڪٹي ڦاٽس ۽ سو بہ اهڙو. منهنجي هاڻ ئي اهڙي حالت ٽيڙ لڳي تہ پوءِ ڇا ٽيندو!؟ وري خيال آيم. پهرئين مرحلي ۾ ئي انقلابي جوش هوا ٽي ويو نہ ايئن نہ آهي. انقلابي هجڻ جي ناتي هاڻ اهو منهنجو فرض آهي تہ هر مشڪل جو مقابلو ڪريان. رات جو ڏهين وڳي منهنجي ڪمري جي سامهون وارو ڪمرو کوليو ويو ۽ اتي ٽيبل ۽ ڪرسيون رکيون ويون. پهريان ڪمال وارٽي کي سڏائي ڪمري جو دروازو بند ڪيو ويو. منهنجي دل جو ڌڙڪو وري تيز ٽي ويو. اها گهڙي هاڻ اچي وئي. مان آهستي آهستي ڳڻُ ڏئي ٻڌڻ لڳس تہ ڪمال کي ڏک تہ نٿا هٹن ۽ کهڙي مهل ڪمال اُپ ڏارينڊڙ رڙيون شروع ڪندو. ڪلاڪ کن گذريو ويو پر کابہ رڙ ٻڌڻ ۾ نہ آئي. مان سوچڻ لڳس. شايد هن

جو وات ٻڌي ڪيس چاڦن سان چهڪ ۾ چير ڏيندا هوندا. اندازن ڏيڍ ڪلاڪ بعد ڪمري جو دروازو ڪليو ۽ ڪمال وارثي ٻاهر نڪتو. هُو مون ڏانهن نهاريڻ ڪانسواءِ پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو. اندر جيڪو آفيسر ويٺو هو. اهو لڪيل ڪاغذ جو ستو سنواريڻ ۾ مون ڏانهن فاتحاڻي انداز ۾ ڏسڻ لڳو. هي اهو ئي آفيسر هو جنهن گرفتاري وقت گهر ۾ چيو هو ته: "ڏسنداسين ته جام ساقي جيئان توهان ڪهڙي قلعي جا فاتح ٿا ٻڌجو؟" هُو مون ڏانهن نهاريڻ وقت مُرڪڻ لڳو. جڏ ائين ڇئي رهيو هجي بنا نڪانڪي جي ايترا ڪاغذ ڪارا ڪيا اٿوَ جڏهن نڪانڪي ٿي. تڏهن ته پُوري پرنٽنگ پريس نڪرندي مان پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ لڳس ۽ ڪمال تي به ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن هڪ چمات لڳڻ کان سواءِ ايڏو ڏُکهو داستان لکرائي ڇڏيو. ڇا ڇا ٻڌايو هوندائين؟ اهڙا ويچار ڪندي، خبر نه آهي ته مونکي ڪهڙي مهل ننڊ اچي وئي. هڪ سپاهي جي آواز تي اک کلي. جنهن جي هٿ ۾ ماني هئي ۽ ڇئي رهيو هو: "کهانا کهائو". مون چيو: "هي ماني کائڻ جو وقت آهي؟". سپاهي چيو: "روزو نه رکندين؟" مون چيو: "نه روزو نه رکندس". هن چيو ته: "ماني اها ئي آهي. صبح جو ڪنهن کي به نه ملندي آهي" مجبورن ماني کائي ڇڏيم ۽ پوءِ سپاهيءَ کان سگريٽ گهريم. هن مارون جي پاڪيٽ مان هڪڙو سگريٽ ڪڍي ڏنو. مان سگريٽ جا ڪش هڻڻ وقت سوچڻ لڳس. خبر نه آهي ته موچڑن جي گهڑي ڪهڙي مهل ايندي؟ اهو وقت به اچي ته انتظار واري خوف مان ته جان ڇٽي. موچڑا هوندا ڪهڙي قسم جا ۽ اهي منهنجي جسم تي ڪهڙا اثر ڇڏيندا؟ مان سوچڻ لڳس. هُو پڇندا ته سرخ پرچم جو ايڊيٽر ڪير آهي؟ ته مان چوندس مان آهيان. ٻيو ڇا پڇندا. مان ته روپوش رهيو آهيان. نه سرخ پرچم ورهائيندو رهيو آهيان. نه ڪنهن پارٽيءَ لاءِ چندو ونڊندو هئس. منهنجو ڪم هو سرخ پرچم ڇاپڻ _ ان کان ته انڪار ڪبو ئي نا. پوءِ ڇا جي لاءِ ماريندا؟ اها سوچ ايندي ئي ڊپ لهي ويو. ماريندا ته ان ڪري هوندا جو ماڻهو جيڪو ڪجهه ڪري آيا هوندا. اهو قبول نه ڪندا هوندا. مان ته ان کي ڏوهه به نٿو سمجهان. نه ان کان انڪار آهي. اها سوچ ڪرڻ بعد وري ننڊ اچي وئي ۽ سمهي رهيس.

30 جولاءِ 1980

ڏينهن جو ايمر پي اي هاسٽل جي ڪمري ۾ ڳٽتيون ڪندي اذيتناڪ گهڙين جي انتظار ۾ گذري ويو هر هر نڙي سُڪي وڃڻ ڪري پاڻي پيئندو پئي رهيس. جيئن ته هٿ ۾ لڳل هٿڪڙي جي زنجير لوهي پلنگ سان ٻڌل هئي، ان ڪري پاڻيءَ لاءِ پوليس جي سپاهي کي منٿون ڪرٽيون ٿي پيون. هُو به چوندو رهيو ته: "ان کان ته سنو هُيئي روزو رکي ڇڏين ها، ته پاڻي جو آسرو به ختم ٿي وڃئي ها. پاڻي پي وري ٿو پيشاب ڪرائڻ لاءِ چوين، تو به بيزار ڪري ڇڏيو آهي، هجين ها ٽاٽي ۾ ته پادر هٽي سڏو ڪري ڇڏيون ها". دل ۾ سوچيم هن به منهنجي ڪيفيت کي سمجهي ورتو آهي، مون هن کي پڪائي ڪندي چيو ته: "يار اهڙي ڳالهه نه آهي، سگريٽ گهٽا پيئڻ ڪري خشڪي ٿي ٿئي". ان دوران پيشاب ڪرڻ لاءِ به ٻئي ڪمري ۾ وڃڻو ٿي پيو جنهن ڪمري ۾ مان قيد هُيس ان ۾ واش روم نه هو جنهن ڪمري ۾ ڪمال وارثي هو، واش روم به ان ئي ڪمري ۾ هو. مان هر پيري ان ٻهاني ڪمال کي به ڏسي ٿي آيس، هُڪٻئي کي ڏسڻ سان آٿت ۾ آسيس ٿي ملي. هڪ پيرو ويس ته هن جا ٻئي هٿ پٺي پويان هئا، مونکان چرڪ نڪري ويو. اڙيا هن کي ته هٿ پٺيان ڪرائي هٿڪڙيون هنيون اٿن. مون سان ڳالهائڻ چاهي پيو ته گڏ آيل پوليس جي سپيڪڙي انسپيڪٽر چيو: "ڳالهائڻ منع ٿيل آهي، پنهنجو ڪم لاهه ۾ هل واپس" واپس موٽڻ وقت به مون ڪمال ڏانهن سوالیا نظرن سان ڏٺو هُو به سمجهي ويو ۽ ٻئي هٿ اڳيان ڪري چيائين: "بس يار جيڪو ٽيٽو هو سو ٿي ويو". هاڻ هن جي هڪ هٿ ۾ هٿڪڙي ڏسي منهنجي اندر جي هورا ڪورا گهٽجي وئي. ڪمال طرفان ڏڳهو بيان ڏيڻ بابت سوچڻ لڳس. ته هن ايترو چا لکرايو آهي پوءِ...!؟

مان واپس ڪمري ۾ اچي ڪامريڊ جام ساقي جو فوجي عدالت ۾ ڏنل اهو بيان ياد ڪرڻ لڳس. جنهن ۾ هن پاڻ کي مليل سخت اذيتن جو ذڪر ڪيو هو سي ڪيڏيون نه خطرناڪ هيون. چا اهڙيون اذيتون مونکي مليون ته مان سهي سگهندس، اهو ياد ڪري مونکي ڏڪڻي وڻي ٿي وئي، وري پاڻ کي آٿت ٿي ڏٺم. انسان سهڻ تي اچي ته گهٽو ڪجهه سهي ٿو

سگھي ـ پاڙيئي لاءِ تہ ڪڪ بہ وئل بڌجي ويندو آهي. بهرحال، ڪجھ بہ هجي، موت بہ ڀيانڪ آهي، موت موت ٿيندو آ، اهو نہ پاويل ڪورچاگن بڌجڻ ڏيندو آهي نہ ٻيو ڪجھ. موت تہ هر ڪنهن کي هر صورت ۾ اچڻو آهي، مرڻ واري کي ان سان ڪهڙو واسطو تہ اهو عزت سان ٿيو يا ذلت سان، پر زنده بہ ماڻهو ڪيترو رهندو. پاڙيائپ واري زندگي مان بہ ڪهڙو فائدو اوجاڳا ڏيندا، لئين سان ڪُٽيندا، سگريٽ سان ڏنپ ڏيندا ۽ اذيتناڪ موت ماريندا. ڇا بہ ڪجي پر هي نہ مائٽ آهن نہ دوست، ايذاءُ تہ هر صورت ۾ ڏيندا. مونکي ياد آيو، جڏهن نذير عباسي ڪوئيٽا جي قلي ڪئمپ مان واپس موٽي آيو هو، تڏهن هُن ٻڌايو هو تہ: "شاڪر شاهہ هڪ چمات لڳڻ تي سپ ڪجھ ٻڌايو ۽ منهنجي سامهون بکڻ لڳو تہ، تون ئي تہ سرخ پرچم ڏيندو آهين، هتي ڊجين ٿو، انقلابي آهيو تہ قبول چو نہ ٿا ڪريو؟ تہ توهان ڪميونسٽ پارٽيءَ جا آهيو ۽ توهان ئي اسان کي سرخ پرچم ڏيندا هئا." نذير چيو تہ: "هُو مونسان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو ۽ ان وقت فوجي آفيسر بہ ٻينا هئا، مون هن کي اڙدو ۾ چيو تہ اردو ۾ بکواس ڪر، تہ هي بہ سمجهن تہ تون ڇا ٿو چوين؟ مون ڪڏهن توکي سرخ پرچم ڏنو هو؟ مان تہ مشعل ڏيندو هيس، ايس ايف تہ مشعل ڇاپيندي آهي". نذير چيو تہ: "هن خوف ۾ جيترو ڪجھ ڳالهايو ايتري وڌيڪ مار بہ کائيندو رهيو. ڇاڪاڻ تہ هو بهادر کي ايترو نہ ماريندا آهن، جيترو بزدل کي ـ چو تہ هنن کي خبر هوندي آهي تہ جيترو موچڑي سان بزدل بڌائيندو، ان جي مقابلي ۾ بهادر ماڻهو هڪ اکر بہ نہ ڳالهائيندو". نذير ٻڌايو تہ: "اتي مانڊل شر تي وڌو تشدد ڪيو ويو، پر هن رڳو ايترو چيو، هڪ پيرو مليل آهيون، وڌيڪ جي خبر ناهي تہ نذير ڇا ڪندو رهيو آهي".

مان سوچڻ لڳس، تہ ڪامريڊ جام ساقي کان پڇندا هئا، ڪٿي روپوش هئين؟ ڪنهن کان پارٽي لاءِ چندو ونڊندو هئين ۽ سوويت يونين مان ڪيترا پئسا ملندا اٿئي؟ هُو تہ لڳاتار 10 سال روپوش رهيو هو، مان تہ نہ روپوش رهيو هُئس ۽ نہ ڪنهن وٽ رهي ماني کاڌي هيم، پوءِ فوجي مونکي چو اذيتون ڏيندا؟ اهو ضرور پڇندا تہ سرخ پرچم ۽ هلچل ڇپجڻ کانپوءِ

ورهائڻ لاءِ ڪير ڪٽي ويندو هو ۽ اهو ڪم ڪهڙا ۽ ڪيترا ساڻي سرانجام ڏيندا هئا؟

مونکي وري ياد آيو تہ نذير عباسي چيو هو تہ: "گرفتار ٿيڻ کانپوءِ رڳو ٽن ڏينهن تائين مار پچائي وڃجو. ٽن ڏينهن اندر ٻاهريان ساڻي ٻہ چؤڪس ٽي ويندا آهن. ٻيو تہ مار موچڑا لڳڻ ۽ اوجاڳا ڪاٽڻ ڪري آهستي آهستي غنودگي اچڻ لڳندي آهي. ۽ جسم ساڻو ۽ سُن ٿيڻ شروع ڪندو آهي _ اهڙي صورت ۾ موچڑن جو اثر گهٽبو ويندو آهي" اتي مان سوچڻ لڳس ٺيڪ آهي. اڄ ٻيو ڏينهن آهي. ايان تہ اسان کي هٽ ٻہ نہ لاتو اٽن. ٻہ ٽي ڏينهن ڪيترا هوندا. ڪيڏيون اذيتون ملنديون. اهو سڀ سهڻ جي ڪوشش ڪجي. نذير اهو ٻہ ٻڌايو هو تہ: "هر انسان ۾ اذيت سهڻ جي هڪ حد ٿيندي آهي. جڏهن اذيت جسم جي سهپ واري قوت کان وڌي ويندي آهي. تہ پوءِ هو بيهوش ٿي ويندو آهي. پوءِ هُو بيهوش ٿيل کي ناهن ماريندا". مان سوچڻ لڳس. سهپ واري حد ٽپڻ سان ماڻهو مري ٻہ تہ سگهي ٿو. جڏهن ڪامريڊ جام ساقي 18 مهينن تائين وحشتناڪ اذيت سهي ٿو سگهي. تہ پوءِ مونکي تہ ٽن ڏينهن جي اذيت سهڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. اوچتو هڪ سادن ڪپڑن وارو ماڻهو اندر آيو ۽ هن دروازي تي ڪُرسيءَ تي ويٺل سنهڑي سب انسپيڪٽر کي حڪم ڏنو تہ: "هن جون هٿڪڑيون کول". ان وقت منهنجي سوچن جو سلسلو ٽٽي ويو. مون سوچيو هاڻ اها گهڑي اچي وئي. سب انسپيڪٽر هٿڪڑي کولي پري ٽي ٻيٺو. تہ سادن ڪپڑن وارا ٻہ جڻا ٻيا ٻہ اندر آيا. مون سب انسپيڪٽر کي چيو "مان ڇا ڪريان؟" هن چيو: "تنهنجي لاءِ هن هٿڪڑيءَ جو وقت پورو ٿيو هاڻ ٻي اچي وئي آهي. هنن سان ويندين" هنن ٽنهي مان هڪ پنهنجي ڪلهي تي رکيل ڪارو ڪپڑو لاهي منهنجي اکين تي ٻڌو. اکين تي پٽيون ٻڌجڻ وقت مونکي ڪامريڊ جام ساقي جو "اکين تي پٽيون ۽ ڪمرن کي تالا متان سڄ جو ڪرٽو اچي نظر" وارو تارچر سيل ۾ چيل شعر ياد اچي ويو ۽ منهنجو حوصلو وڌي ويو. اڄ مان ٻہ ٿوري عرصي ۾ان منزل تائين پهچي ويو آهيان. جتان ڪامريڊ جام ساقي جهڙا عظيم انسان گذري چڪا آهن ۽ اسان جي لاءِ گُس

ناهي وبا آهن. هاڻ اسان جو ڪم آهي ته ان گَس کي ويڪرو ڪندا وڃون. مونکي پنهنجي اهميت جو احساس ٿيڻ لڳو ته هيڏي طاقتور رياستي اداري وٽ مان بہ ڪا اهميت رکان ٿو جو هيتري فوج ۾ طاقت هوندي. هي اسان کان ڊڄن ٿا ۽ چورن ڄيان ونڊي ٿا وڃن. ته جيئن اسان اهي رستا نہ ڏسي سگهون. جيڪي هنن ملڪ جي چورن جا لڪيل مورچا ٺهيل آهن. مون کي هٿ کان وٺي هلڻ لڳا ته ڪنهن جو آواز آيو: "اهڙا ڪم نہ ڪيو ها ته اڄ ڏڄي ۾ نہ پئو ها"، مون چيو: "سوشلزم لاءِ جدوجهد ڪرڻ ڏوهہ آهي ته اهو ڏوهہ اسانڙ بار بار ڪندا رهنداسون. همٿ اٽئي ته جيڏانهن وٺيو ٿو هلين. اکين تان پٽيون لاهي وٺي هل. ڏوهہ ته توهان پيا ڪريو جو هيئن چورن جيان وٺيو پيا ويجون" سب انسپيڪٽر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: "هي چوڪرو وڏي همٿ وارو آهي" ٻيو آواز آيو: "چُپ". هُو ويندي مونکي ڏيڊ ڏيندو ويو.

شام جا شايد 5 ٽيا هوندا. مونکي جيپ ۾ ويهاريو ويو ۽ اها جيپ ٽوري دير تائين انتهائي مصروف ٽريفڪ واري روڊ تي هلي. هڪ هنڌ خاموشي واري جڳهہ تي بيهي رهي هئي. مونکي ٻانهن کان وٺي جيپ کان هيٺ لاٿو ويو ۽ هڪ همراهہ چيو ته: "هل"، مان سوچڻ لڳس. ڪيڏانهن وٺي پيا وڃن؟ اڳيان کوهہ آهي. الائي پڙڪندڙ باهہ جو کورو! هڪ هنڌ چيائون: "هڪ پير مٿي ڪري رک" مان پير کٽي رکيو ته ڊِڪيءَ تي وڃي بيٺو سمجهيم ته جڻ قاسي گهاٽ آهي. 3 چار دڪيون اورانگهڻ بعد سڌو فرش اچي ويو. مان سوچيندو ٿي ويس. اصل وقت اچي ويو آهي. هاڻ خبر پوندي منهنجي انقلابي ۽ بهادر جذبن جي. ٽورو هلڻ بعد چيو ويو: "ويهہ". سوچڻ لڳس. شايد بجلي جو ڪرنٽ ڏئي مارڻ واري ڪرسي تي پيا ويهارين. آهستي آهستي ويٺس. ته لوهي ڪٽ محسوس ٿي. سوچيم هي ڪاپي شئي آهي. مان انتظار ڪرڻ لڳس ته هاڻ چا ٿيندو. بجلي جا ڪرنٽ ڏئي مارينداِ يا قاسي ڏيندا؟ ڪافي دير ٿي وئي. پُڻيءَ پويان ٻانهن ۾ لڳل هٿڪڙي تڪليف ڏيڻ لڳي. خبر نہ آهي ته هنن جو ارادو چا آهي. نہ اکين تان پٽيون ٿا لاهين ۽ نہ ئي هٿڪڙيون ٿا کولين. پاڻي گهريم ته چيائون: "ترس روزو کلڻ ۾ ٽوري دير آهي". مون چيو: "مونکي روزو نہ آهي" هڪ آواز آيو.

"بکواس بند ڪري ويهه. شاديءَ ۾ نه آيو آهين جو نخرا ٿو ڪرين" مان خاموش ٿي ويس. ٿوري دير بعد وري آواز آيو: "وات کول" مان سوچڻ لڳس. هي وات ڇو پيا کولرائين. مون کي شڪ ٿيڻ لڳو ڪا گندي شئي وجهندا. مونکي ان وقت ايران جي انقلابڻ اشرف دهقاني جي پڙهيل آتم ڪهاڻي ياد اچي وئي. جنهن کي ساواڪ جا ايجنٽ عزت لٽڻ ۽ اذيت ڏيڻ بعد وات ۾ گونهه وجهندا هئا. شايد هي به مون سان اهڙو سلوڪ ڪرڻ ٿا گهرن. سوچيم وات نه کولينداس. آواز آيو "ڪيلو آهي". مون سوچيو هنن جا ارادا سٺا نٿا لڳن. مون چيو: "جيستائين اکين تان پٽيون نه کولينداِ تيستائين ڪجهه به نه ڪائينداس" هڪ همراهه چيو: "ته پوءِ زوري کارائينداسون" مون چيو: "پل زور به لائي ڏسو" ايتري ۾ آواز آيو "سالا ضد کرتا ہے". زوردار چمات وهائي ڪڍيائين ۽ ٻيو آواز آيو "هي بهادر ٿيڻ ٿو چاهي" هُن سيني ۾ بُوٽ واري لَٽ وهائي ڪڍي. مان هيٺ وڃي ڪريس. مون سوچيو ٺيڪ آهي جنهن گهڙي جو انتظار هو اها هاڻ اچي وئي آهي. هاڻ ڏسجي ته مان ڪيتري اذيت برداشت ڪري ٿو سگهان. هٿ ٻڌل هجڻ سبب، اُٺڻ جي ڪوشش ڪيم ته اٿي نه سگهيس. هڪ آواز آيو "روزو کولڻ جو وقت آهي. هينئر چڏيوس. نه ماريو". ٻيو آواز آيو "ڇا آهي؟ ڇو پيا ماريو؟" ٻئي چيو: "ڪيلو ٿا ڏيون نه پيو کائي"، "سالا ضد کرتا ہے" هن چيو: "مونکي ڏي. مان ٿو کارايانس". هن کين حڪم ڏنو: "هن کي اٿاري ويهاريو". هنن مونکي سهارو ڏئي اٿاري ويهاريو. تڏهن آواز آيو: "وات کول". مون چيو: "جيستائين اکين تان پٽيون نه کولينداِ وات به نه کولينداس" هن چيو: "توکي وات کولڻو پوندو"، مان سوچڻ لڳس. هي وات کولرائڻ تي الائي ڪيتري مار ڏينداِ وات کولڻ ۾ ڇا آهي؟ وري ڪامريڊ جام ساقي ياد آيو. جنهن چيو هو: "ماٺهو تارچر سيل ۾ جنهن ڳالهه تي اڙي ٻيهي. ته ٻيهي رهي. پوئتي هٽڻ سان هُو وڌيڪ ماريندا آهن" خبر نه آهي ته هي وات ۾ ڇا ٿا وجهڻ چاهين! مان چپ رهيس. آواز آيو: "هٽڪڙي کوليو" هنن هٽڪڙي کولي. هن چيو: "هي هٿ ۾ ونڊي ڏس ته ڪيلو آهي" مون چيو: "جيستائين اکين تان پٽي نه کولينداِ هٿ به نه وجهندس" وري چيائين: "سگريٽ ڏيانءِ". مون چيو ته: "جيستائين مان

ڏسندس نہ. تيستائين ڪجھ بہ نہ ونندس" پوءِ ھُو خاموش ٿي ويا ۽ زنجيرون ڪڙڪڻ لڳيون. مان زنجيرن جي آواز تي اندازو ڪرڻ لڳس. تہ ھي ھاڻ مونکي ٽنگڻ جون تياريون ڪري رھيا آھن. خيرا اھا گھڙي بہ ايندي ۽ گذري ويندي. ڪافي دير بعد اکين تان پٽي ھٽائي وئي. ٻن ٻنين تائين ڪجھ بہ نظر نہ پئي آيو آھستي آھستي روشني نظر اچڻ لڳي. مونکي ٻانھن کان وٺي سادن ڪپڙن وارن ٻن نوجوانن کڻ تي ويھاريو ۽ پوءِ پويان ھٿن ۾ لڳل ھٿڪڙيون کولي. ٻئي ھٿڪڙيون ھڪ ھٿ ۾ لڳائي ڇڏيائون. ۽ زنجير کي ڪلي وڪڙ ڏئي کڻ جي پائي ۾ اھڙي طرح وجھي ڇڏيائون. تہ جيئن اھا ھٿڪڙي ٻانھن مان نڪرڻ کان سواءِ کڻ جي پائي مان نہ نڪري سگھي. سامھون واري کڻ تي منھنجي عمر جو نوجوان ستو پيو ھو. قد ڏگھو ۽ رنگ جو پورو ھو. ھن کي بہ مون جيان ھٿ ۾ ھٿڪڙي لڳل ھئي ۽ اھا بہ کڻ جي پائي سان ٻڌل ھئي. مان ھن کان پڇڻ لڳس تہ: "تون ڪھڑي ڪيس ۾ آيو آھين؟" ھن مونکي جواب ڏيڻ بدران پنھنجي چپن تي ھڪ آڱر رکي خاموش رھڻ جو اشارو ڪيو. جنھن مان اھڙو تاثر مليو. تہ ھي پيانڪ جڳھ آھي ــ جتي ڪير بہ پنھنجي مرضيءَ سان ڳالھائي نٿو سگھي ۽ ڳالھائڻ وارو خوفناڪ صورتحال مان گذري سگھي ٿو. مان ھن جي ان رويي تي حيران ٿي. پوءِ سوچڻ لڳس تہ ھي سياسي قيدي نٿو ٿي سگھي. سياسي قيديءَ کي اھڙي قسم جي بزدلي جو مظاھرو ڪرڻ نہ گھرجي ۽ اھو ڪندو بہ نہ. مان ھن کي غور سان ڏسڻ لڳس. تہ ڇا ھن تي تشدد جا نشان آھن؟ ھُو ٽڪل ھجڻ بدران تازو توانو ٿي لڳو. ھي قيدي چھري مان بزدل بہ نٿو لڳي. ھُو ان وقت سگريٽ مٽان سگريٽ پي رھيو ھو. مان ان ڳالھہ جي پاڙ تائين پھچي ويس. تہ ھي آءِ ايس آءِ وارن جو ھٿ ناٽ آھي. ھن کي ان لاءِ سمھاريو ويو آھي تہ ھڪ تہ مونکي بزدل بڻائي ۽. ٻيو تہ مونکان اندروني راز حاصل ڪري وٺي. ڪافي دير تائين مان سامھون کڻ تي ھٿڪڙيون ھٽي سمھاريل قيديءَ جي باري ۾ سوچيندو رھيس. جنھن مونسان دوستي ڪرڻ بدران دشمن ھجڻ جو ثبوت ڏينديِ بزدليءَ جو مظاھرو ڪيو. مان سوچڻ لڳس. ھي ڪنھن بہ ڪيس ۾ گرفتار نہ آھي. ھن جي چھري يا جسم تي تشدد جا ڪي

بہ نشان نہ آھن: چھري مان ڏوھاري بہ نظر نٿو اچي. ھتي ڏوھارين کي چو آڻيندا؟ هي ٽارچر سيل رڳو سياسي قيدين لاءِ هوندا آھن.

سامھون دروازي تي سادن ڪپڑن ۾ هڪ بدشڪلو ماڻھو بيٺو ھو. مون ھن کي سڏي چيو: "يار سگريٽ ته پيار"، هُو تڪڙو تڪڙو مون وٽ آيو ۽ منھنجون پيڙي ڪُتي وارا ڏند ڪڍي گرڙ لڳو. سمجھڻ جي ڪوشش ڪيم ته هي چا ٿو پڙڪي!؟ خبر پئي ته هُو چئي رهيو هو ته هي مقتل گاھ آهي، هتي جيڪي ڪُسڻ ايندا آھن، اهي ڀَالھائيندا نہ آھن. هتي جيڪا شئي گھري وڃي، اُھا اشارن ۾ گھرو. مون چيو: "اهو ڪھڙو طريقو آهي جو ماڻھو زبان هوندي هٿن جا اشارا ڏئي ڀَالھائي"، هُن اُن جي جواب ۾ زوردار چمات وھائي ڪڍي "هي تنهنجي پيءُ جو گھر نہ آهي، هتي مات ڪري ويھ". پھريون پيرو ڇڪي تي چمات لڳڻ ڪري جسم ۾ دماغ ۾ بجليءَ وارا جھٽڪا لڳا. مون بہ اوتري ئي آواز ۾ رڙ ڪري هن کي گار ڏني ۽ ڪيس هٿڪڙي وارو هٿ هٽڻ تي ويس. ته اندرين ڪمري مان آواز ٻڌڻ ۾ آيو: "شبير نہ. موچڑن کي وقت کان پھريان دعوت نہ ڏي. صبر کان ڪم وٺ". هُو ان وقت دريءَ وٽ بيٺو ھو. چوڙ لڳو: "هينئر ڏاڍائي جو مظاهرو ڪندين هي ساڙي چڏيندئي"، هُو ڪمال وارتي جو آواز ٻڌي جھنگلي سوئر جيان هن ڏانھن بہ رومڙ ڪندو ويو ۽ هڪ چمات هن کي بہ هٽي آيو. مون چيو: "ٻڌلن کي چہ ائون ٿو هٽين. تون ڏاڍو خوش پيو ٿين ته بهادر آهين. تو جھڙو رياستي لُوسي ڪتو اسان جو حوصلو نٿو گھٽائي سگھي. وڏو ڪو واحيات ماڻھو آهين" ڪمال پنيان وري چيو: "ٻيلي ڏاهو ٿي. موچڑن کي وقت کان پھريان نہ سڏ". هُو منھنجو سينيئر هو ان ڪري خاموش ٿيڻو پيو. رياستي ننڍڙو ڪتو. مون وٽ سگريٽ ڏکائي ڪڍي آيو ته مون چيو: "پاڻ کي هيئان ڏئي چڏ" هُو چوڙ لڳو: "سگريٽ نٿو ونين. معنيٰ تون غيرتمند بہ آهين. اها ته چند ڏينهن ۾ نڪري ويندي" مون چيو: "چو جنرل اروڑا ۽ مانڪشا اچڻ وارو آهي چا؟" ان تي هُو وڌيڪ رڙيون ڪرڻ لڳو: "وڌيڪ هڪ لفظ بہ ڀَالھايو ائٿي. ته مان تنهنجي زبان ڪاڪڑي مان چڪي ٻاهر ڪڍندس" مون سوچيو. موچڑا پنهنجي مقرر وقت تي اچن. اها بہ بزدلي ۽ بيغرتي ٿيندي. اهي موچڑا وقت کان پھريان گھري ونون ته

بهتر آهي، گهٽ ۾ گهٽ موچڑن جو انتظار ۽ لڳاتار ٽيندڙ اڻ کٽ خوف ته ختم ٿي ويندو. مون به زوردار آواز ۾ چيس ته: "تو ۾ همٽ آهي پڙوا ته اڄ، مونکي هاڻ هٽ ته لڳائي ڏس. بهانا ٿو ڪرين. اڄ همٽ اٽئي ته اڳتي وڌي اڄ" منهنجي رڙين تي سادن ڪچڙن وارو آفيسر اندر آيو. پڇيائين: "ڇا مسئلو آهي" مون هن کي ٻڌايو ته: "مون هن کان سگريٽ گهريو. ته ان جي جواب ۾ مونکي ڏڪ هنيان اٽس ۽ منهنجي اندرين ساڻي کي به ماريو اٽس". ان آفيسر هن کي هدايت واري انداز ۾ چيو: "توکي ڪجهه نه ڪرڻو آهي. هي في الحال اسان جا مهمان آهن. اسان وٽ وقت تمام گهڻو آهي. تڪڙ جي ضرورت نه آهي ۽ نه اسان وٽان فرار ٿي سگهندا. ۽ نه ئي هنن کي ملڪ جي ڪا وڌي ۾ وڌي عدالت آزاد ڪرائي سگهندي". آفيسر پنهنجي ڪيسي مان 555 جو پاڪيٽ ڪڍيو ۽ ان مان سگريٽ ڪڍي مونکي ڏنائين. مون چيو: "مهرباني، جيستائين توهان وٽ رهندس، سگريٽ نه چڪيندس"، هن چيو: "شاباس ان غيرت جو مظاهرو ڪندين، ته اسان کي به اندازو ٿيندو ته توهان کي ڪهڙي ڍگري تائين وٺي وڃجي...!"

مان ماٺ ڪري پلنگ تي سمهي رهيس. ان چماٽ ڏهن کي جهنجهوڙي ڇڏيو هو. بيعزتي جو احساس وڏڙ سبب پاڙ تي خار اچڻ لڳا. سگريٽ ڪانسواءِ مري ڪونه ويجهو. دشمن کان سگريٽ پنڻ ڪٽان جي غيرت آهي...!! جڏهن هُو دشمن آهن ته هنن کان ڪجهه به نه گهُر. هنن کان سگريٽ گهُري پيئڻ ڪيڏو نه شرمناڪ عمل آهي ۽ جيستائين ٽارچر سيل ۾ هوندس، تيستائين سگريٽ نه چڪيندس. ٿوري دير بعد ساڃيو ڪُتي جهڙو ماڻهو ماني کڻي آيو. کٽ تي ماني رکي ڪجهه ڳالهائڻ کانسواءِ هليو ويو. مان ستو ئي رهيس. ٿوري دير بعد هڪ ٻيو همراهه آيو. هن چيو: "رزق کي پُڻي نه ڏبي آهي. بهتر آهي ته اٿي ماني کاءِ. سپاهي جي رينڪ وارن سان ڏڏو ڪندين ته توکي ان انداز ۾ جواب ڏينداَ". هُو هليو ويو ته پنيان ڪمال وارثيءَ چيو ته: "جوتا کائڻ لاءِ ايڏا گهڻو وقت پيو آهي. هينئر في الحال ماني کاءِ". مون سوچيو ته ڪمال وارثي صحيح ٿو چوي. هي مائٽ نه آهن جو منڻون ڪري ماني کارائيندا _ موچڑا هٽي شڪل ڏيرائي ڇڏيندا. موچڑا ته

ٻين مسئلن تي بہ ملٹا آهن. مان اُٿي ويهي ماني کائڻ لڳس. ماني کائي بس ڪيم تہ اُڃ محسوس ٿي. دروازي تي بيٺل شودر کان پاڻي گهريم. هُن ٻڌو اٹ ٻُڌو ڪري ڇڏيو. مان مٽ ڪري سمهي پيس. ان وقت رات جا 11 ٿيندا هوندا. اڃا ننڊ جي گهيرٹ ۾ هئس. تہ ٿي چار سادن ڪپڑن وارا همراهہ آيا ۽ چيائون: "اُٿي ويهہ. مان کٹ تي اٿي وينس. تہ هنن هٹڪڑي کولي ڇڏي ۽ اکين تي ڪپڑو ٻڌي ڇڏيائون. پُڇڻ جي ضرورت نہ هئي ۽ هنن سان اسان جا جيڪي لڳ لاڳاپا هئا. انهن بہ اهڑي اجازت نہ ڏني. هُو مونکي ٻانهن کان ونڊي ڪيڏانهن ونڊي وڃڻ لڳا. ٿوري دير هلائڻ کانپوءِ هو شايد ڪنهن ڪمري ۾ وڃي وڃا. جتي چيائون: "ويهي رهہ" مان ڪُرسيءَ تي هٹ وجهي ويهي رهيس. تہ هنن اکين تان پٽي لاهي ڇڏي.

ٿوري دير تائين اکين تي ڏنڊ رهڻ سبب ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. جڏهن روشني نظر اچڻ لڳي تہ ڪمري ۾ ڪوبہ ماڻهو نہ هو. هڪ ٽيبل پئي هئي ۽ سامهون رکيل ڪرسي خالي هئي. ٻئي پاسي تي پلنگ رکيل هو ۽ پلنگ پرسان رکيل ٽيبل تي هڪ ٽيپ رڪارڈ رکيل هو. مان جائزو وٺڻ لڳس. هيءُ تہ شاهاڻو بيڊ روم آهي. مون کي هِن ۾ رهائيندا؟ ٿي سگهي ٿو تہ سياسي قيدي اهڙن شاندار ڪمرن ۾ رهائيندا هجن. پر ڪامريڊ جام ساقي تہ پنهنجي مارشل لا ڪورٹ ۾ ڏنل بيان ۾ اهڑي ڪابہ ڳالهہ نہ چئي هئي. هن تہ لکيو هو تہ: "فرش تي سمهارينداهئا ۽ سجو ڏينهن ڪُٽيندا ستيندا رهندا هئا" طارق اشرف پنهنجي جيل جي ڊائري ۾ جيل جو اهڑو نمونو تہ هرگز نہ لکيو هو. پوءِ هي ڇا آهي؟ منهنجي سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو. جڏهن مونکي هتي رهائين ها. تہ ڪمرو بند ڪري وڃن ها ۽ ڪرسيءَ بدران پلنگ تي ويهارين ها. هُو تہ دروازو بہ ڪليل ڇڏي ويا آهن. مان سوچڻ لڳس تہ هنن جي ٻئي حڪم جو انتظار ڪريان يا ڪُرسيءَ تان اُٿي پلنگ تي سمهي رهان!؟ اها هنن سان بي تڪلفي ٿيندي. مونکي انتظار ڪرڻ گهرجي. لڳي ٿو تہ هتي بہ ڪو ڊرامو ٿيڻ وارو آهي. مان سوچي ئي رهيو هئس تہ هڪ ويڪري چهري ۽ ڪليل ٻُٹ وارو قدآور نوجوان آفيسر ڪمري ۾ داخل ٿيو. مون کي ڪيس سجاڻڻ ۾ دير نہ ٿي. چو تہ هُو بہ انهن مان هڪ هو

جيڪي گذريل ٽن مهينن کان اسان جو پيڇو ڪندا رهيا هئا ۽ گرفتاري ڪرڻ وارن ۾ به شامل هو. هت ملائي پڇيائين: "ڇا حال آهي؟" مون هن کي جواب نه ڏنو هُو ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ مان به ويهي رهيس. هن چيو: "پهريان توهان پنهنجي بايو ڊيٽا ٻڌايو. باقي حال احوال بعد ۾ ڪنداسون" هُو پڇندو ويو. نالو؟ پيءُ جو نالو؟ مون چيو: "توهان نالو معلوم هجڻ کانسواءِ گرفتار ڪيئن ڪيو؟" هن چيو: "پوءِ به توهان پنهنجو پورو نالو ٻڌايو"، پيءُ جو نالو زوار عبدالرزاق آهي. پوءِ هن چيو: "ماءُ جو نالو؟"، مون چيو: "اها ڪهڙي فضيلت آهي. ماءُ جو نالو چو ٿو پڇين؟" هن چيو: "توهان ڪامريڊ آهيو. توهان وٽ ته مرد ۽ عورت جو فرق نه هوندو آهي. جڏهن توهان ڪامريڊ مرد ۽ عورت جي برابريءَ واري نظام لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيو ته پوءِ جاگيردارن جيان عورت کي سماج جي مختلف جنس چو ٿا سمجهو؟. مون چيو ته: "مان انهن ڪامريڊن مان نه آهيان. جيڪي تارچر ڪئمپن ۾ پنهنجي مائرن ۽ پينرن جا نالا لکرائيندا هوندا ۽ اذيت پرست آفيسرن کي برابري جي نظام جي جدوجهد جو حصو سمجهندا هوندا. مان ماءُ جو نالو نه ٻڌائيندس"، هُو ڪافي دير تائين مونکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. پر مون ڪيس ٽپ جواب ڏئي ڇڏيو ته: "گهر جي ڪنهن به عورت جو نالو ته ڇا. ڪنهن دوست جي گهر جي عورتن جو نالو به نه ٻڌائيندس. ان معاملي ۾ توهان مونکي رجعت پسند سمجهڻ چاهيو ته سمجهي سگهو ٿا" پوءِ هن پائرن جا نالا پڇيا ۽ سوالن جو سلسلو هن سان ايئن ڳنڍيڻ لڳو: "هاڻ توهان پنهنجي سيني دوستن جا نالا ٻڌايو"، مون چيو: "مان سدائين اڪيلائي پسند رهيو آهيان. ڪو به دوست نه آهي"، هن چيو: "توکي دوستن جا نالا ٻڌائڻا پوندا" مون چيو: "ته پوءِ پڇندا رهو. متان معلوم ڪري به ونو منهنجا دوست هجن ها ته به نه ٻڌايان ها" ايتري ۾ چانهه اچي وئي. هن چيو: "چانهه پيئڻ کان پهريان توکي ڪنهن به هڪ دوست جو نالو ٻڌائڻو پوندو"، مان چيو ته: "چانهه پيئندو ئي ناهيان. توهان جي وڏي مهرباني" وري کيسي مان گولڊ ليف جو پاڪيٽ ڪڍي هن چيو: "سگريٽ ته ضرور چڪيندا...!"، چيم: "ها. چڪيندو هئس. پر هاڻ اهو به ڇڏي ڏنو اٿم"

پڇيائين: "چو؟ ان جو ڪو خاص سبب ته ضرور هوندو" مون چيو ته: "سبب آهي، ته مون وٽ پئسا نه آهن، ٻيو ته پراوا سگريٽ ڇڪڻ ۾ مزو نٿو اچي" هن چيو ته: "چگو نيڪ آهي، اهو ٻڌاءِ ته توهان کي پارٽيءَ ۾ ڪنهن آندو" مون چيو: "منهنجي وڏي پاءُ ڪامريڊ غلام حسين شر". هُن وري پڇيو ته: "ان پهريان توهان کي ڪنهن سان ملايو هو؟"، مون چيو ته: "ڪامريڊ جام ساقي سان ۽ ڪمال وارثيءَ سان" هن پڇيو ته: "ڪمال وارثي توکي ڪنهن سان ملايو هو؟"، مون چيو: "ڪنهن سان به نه". هن چيو: "پلا مُلان مشتاق کي سڃاڻين؟"، اِتي مونکي جهٽڪو آيو ته نذير عباسي به گرفتار ٿي چڪو آهي چا؟، وري ياد آيو ته نذير عباسي چيو هو ته: "ڪنهن به سوال تي جهٽڪو نه کائبو آهي، ڪو ساڻي سامهون به اچي، تڏهن به چهري جو تاثر ڏيڻ نه گهرجي، ته هُن سان جاڻ سڃاڻ ئي نه آهي، چهري تي معمولي تاثر ظاهر ٿيڻ سان پڇاڻي وارا سمجهي ويندا آهن" اسان نذير عباسي کي مشتاق جي نالي سان سڏيندا هئاسون، پر ان باوجود به مون چيو ته: "ڪنهن به مشتاق کي مان نٿو سڃاڻان"، پوءِ هن پڇيو: "نذير عباسي کي ته سڃاڻين؟" مان چيو: "ها"، پوءِ هن پڇيو: "آخري ملاقات ڪڏهن ٿي هئي"، مون چيو: "ٿي چار مهينا اڳ ٿي هئي، لسبيلا چوڪ وٽان هو گذري رهيو هو، ته اوچتو ملاقات ٿي هئي، اُن ڏينهن هوٽل تي اسان ماني به گڏجي کاڌي هئي". هُن پڇيو ته: "توهان جي پهرين ملاقات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي هئي؟" مون چيو: "هن سان پهرين ملاقات 1970 ۾ ٿي هئي، تڏهن مان ڪري ميرواهه اسڪول ۾ نائين ڪلاس جو شاگرد هئس، هُو اتي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو يونٽ ڪولڙ آيو هو، پوءِ هن سان لڳاتار ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيندیون رهيون، ان کان پوءِ مان هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج چڏڻ بعد شوبز ۾ هليو ويس، ته هُن سان ملاقاتون ۽ ڪچهريون گهٽجي ويون، هاڻ هُو ڪڏهن ڪڏهن اتفاقي طور رستن تي ملي ويندو آهي، ته ملاقات ٿيندي آهي".

مان ڪهاڻي گهڙي ويس، پوءِ هن ڏانهن ڏسڻ لڳس ته ان گهڙيل ڪهاڻيءَ تي هن کي ڪيتري قدر يقين آيو، هن وري سوال ڪيو ته: "نذير عباسيءَ سان توهان جي ملاقات ته هن پارٽي واري گهر ۾ نه ٿي آهي؟" مون

چيو تہ: "نہ هن سان اتي منهنجي ملاقات ڪڏهن بہ نہ ٿي آهي". هو وري ٿوري دير لاءِ سوچڻ لڳو. وري سوال ڪيائين تہ: "جنهن گهر مان توهان گرفتار ڪيا ويا آهيو اُتي ٻيا ڪير ايندا هئا؟" مون هن کي جواب ڏنو تہ: "ڪمال وارثي ۽ مونکان سواءِ اتي ٻيو ڪير بہ نہ ايندو هو". سوال: "توهان جو اُن گهر ۾ پهچڻ جو وقت ڪهڙو هوندو هو؟ ٻاهر ڪهڙي وقت نڪري ويندا هئا؟". مون چيو تہ: "12 وڳي گهر ۾ داخل ٿيندا هئاسون" مون اهو وقت ان ڪري ٻڌايو. چو تہ مونکي خبر هئي، تہ ڪامريڊ نذير عباسي ۽ ڪامريڊ جمال نقوي 30 جولاءِ تي صبح جو 9 وڳي گهر تي اچڻا هئا. اهو اندیشو هو تہ هُو بہ گرفتار ٿي ويا هوندا يا ٿي سگهي ٿو پوءِ وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هجن. جيستائين مونکي هنن جي گرفتار ٿيڻ يا بچي وڃڻ جي پڪ نہ ٿئي، تيستائين مون بہ پچاڻو ڪندڙ کي مُنجهائي رکڻ ٿي چاهيو. هُن شايد ان لاءِ ئي اچڻ وڃڻ جو وقت پڇيو. تہ جيئن هن کي اندازو ٿي سگهي، تہ هي سڀ هڪ ئي وقت تي ايندا هئا يا الڳ الڳ وقت مقرر هئا. جي هڪ ئي وقت مقرر ٿيل آهي، تہ پوءِ مون وارو ساٿس ڳالهايل ڪوڙ هُو پکڙي ونيو ها. هُن وري سوال پڇيو تہ: "تون ٿي وي ٿي ڊراما رڪارڊ ڪرائڻ ڪهڙي وقت ويندو هئين؟" مون هن کي ٻڌايو تہ: "شام جو 5 وڳي ڊراما رڪارڊ ڪرائڻ ويندو هئس". هن پڇيو تہ: "توهان کي ڊرامن ۾ ڪنهن پارٽي اڳواڻ جي سفارش تي ڪنيون ويو هو يا ...؟" مون چيو تہ: "مان پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان گهڻو اڳ 1976ع ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو". وري هن پڇيو تہ: "تون گليمر جو ماڻهو هنن بکين وٽ ڇو ڦاٿين؟" مون چيو تہ: "ان ڪري جو منهنجو وڏو ڀاءُ ڪامريڊ غلام حسين شر هنن سان گڏ هو ۽ مان پنهنجي ڀاءُ کان متاثر هئس. توهان جا وردين وارا ڀائر منهنجي ڀاءُ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ، سدائين اسان جي گهر تي چڙهائي ڪندا رهندا هئا. مان اڳ ۾ سياست ۽ ڪامريڈن کي سٺو نہ سمجهندو هئس، پر جڏهن خاڪي وردين وارن لڳاتار اسان جي گهر تي چڙهايون ڪيون، منهنجي والد ۽ منهنجي ڀاءُ نور علي کي گرفتار ڪري ٽاٽن ۾ بند رکيائون، هنن جو ڪميونسٽ پارٽي ۽ ان جي سياست سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو هو. هڪ

ڏينهن ميجر جنرل شاهجهان جي حڪم تي منهنجي والد ۽ پاڻ نور علي کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ٻئي نمبر پاڻ لياقت علي شر ۽ منهنجي خلاف گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا. جنهن اسان ٻنهي کي بہ نوڪريون چڏي روپوش ٿي وڃڻ تي مجبور ڪيو ويو. تہ پوءِ اسان اهو سوچڻ تي مجبور ٿي وياسون تہ اسان جي پاڻ جو ڪو بہ ڏوهہ نہ آهي، ڏوهہ مارشل لا وارن جو آهي ـ بي گناهہ کي بہ ڏوهاري بڻجڻ تي مجبور ڪن ٿا. اسان تہ ڏوهاري يا ڏاڙيل ڪونہ بڻياسون پر ڏميوار سياسي ڪارڪن بڻجي، سماج کي بدلائڻ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيا آهيون".

هن چيو تہ: "پروفيسر جمال نقوي کي سجاڻين؟" مون چيو: "نہ" اُن تي هن وري پڇيو: "پلا ماستر کي سجاڻين" (اسان پارٽي اندر پروفيسر جمال کي ماستر سڏيندا هئاسون) مون چيو تہ: "نہ، مان ڪنهن کي بہ نہ سجاڻان"، ليڪن ان ڳُجهي نالي بڏڻ تي مونکي ڳڻتي ٿي پئي، تہ پروفيسر گرفتار ٿيو آهي يا وري ڪمال وارٽي کين ڪجهہ ٻڌايو هوندو. هن چيو تہ: "پروفيسر توکي سجاڻي ٿو"، مون چيو: "ٿي سگهي ٿو تہ هو مونکي سجاڻيندو هجي، چو تہ منهنجو پاڻ غلام حسين شر تہ پارٽيءَ جو پراڻو ڪارڪن آهي". ان تي هن چيو: "تون هر مصيبت ۾ پنهنجي پاڻ کي چو ٿو قاسائين؟ اسان کي اڳ ۾ ئي هن تي گهٽيون باهيون آهن. توکي خبر تہ هوندي تہ هُو شاهہ فيصل ڪالوني ۾ ڊاڪٽر عبدالرحيم پيرزادي جي گهر مان سنگت سوڏو گرفتار ٿيو هو. پر ڊاڪٽر عبدالرحيم پيرزادي هن لاءِ ڊرامو رچايو هو ۽ هن کي پنهنجو مائٽ ثابت ڪيو هو ۽ ائين اسان کي بيوقوف بڻائي آزاد ٿي ويو هو." مون چيو تہ: "ان قصي جي مونکي خبر نہ آهي". هن وري سوال پڇيو تہ: "پلا انور پيرزادي کي تہ سجاڻين؟" مون چيو: "نہ"، "تاج بلوچ کي سجاڻين؟" مون چيو: "نہ". "بدر ابڙي کي سجاڻين؟" مون چيو "نہ". "امداد چانڊيو کي سجاڻين؟"، مون چيو: "ها". هن چيو تہ: "اهو بہ ڪميونسٽ پارٽي جي سينٽرل ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي". مون چيو تہ: "هُو ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر آهي الائي نہ؟ ان جي مونکي خبر نہ آهي، پر اسان سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ گڏجي ڪم ضرور ڪيو آهي. مان هن کي ان حوالي سان سجاڻان" ان تي هن چيو

تہ: "ڪمال وارثي بڌايو آهي تہ امداد چانڊيو ۽ بدر ابڙو بہ ان گهر ۾ اچي، توهان سان گڏ ڪم ڪندا هئا ۽ سُرخ پرچم لاءِ مضمون لکندا هئا". "پوءِ ڪمال کان پڇو هن کي خبر هوندي، مون هنن کي ڪڏهن بہ سُرخ پرچم لاءِ ڪم ڪندي يا گهر ۾ ايندي نہ ڏٺو آهي" مون جواب ڏنو. هن سوال پڇيو تہ: "سُرخ پرچم جي ورهائڻ وارو ڪم ڪير ڪندو هو؟". مون چيو: "ان جي مونکي خبر نہ آهي". سوال: "چو توکي خبر نہ آهي؟". "چو تہ منهنجو ڪم رڳو چپائي ڪرڻ جو هو مان چاپي هليو ويندو هئس، پنيان ڪير اچي ڪٽي ويندو هو، ان جي مونکي خبر نہ آهي". سوال: "توهان ڪڏهن پنهنجي ساٿين کان پڇيو ڪونہ، تہ سُرخ پرچم ڪير ٿو ورهائي؟" مون چيو تہ: "مونکي پڇڻ کان منع ٿيل هئي، مان رڳو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو هئس" سوال: "توکي ڪنهن منع ڪيو هو تہ سرخ پرچم جي ورهاست بابت ڪجهہ بہ نہ پڇندو ڪر؟" مون چيو تہ: "ڪامريڊ جام ساقي". سوال: "جام ساقي تہ ڪافي عرصي کان جيل ۾ آهي!" مون چيو تہ: "هُو جڏهن جيل کان ٻاهر هو، تڏهن هن مونکي اهي هدايتون ڏنيون هيون؟". سوال: "سُرخ پرچم جو ايڊيٽر ڪير آهي؟" مون چيو: "مان ايڊيٽر آهيان". "اڇا توهان ايڊيٽر آهيو!؟" مون چيو "ها، مان ئي سُرخ پرچم جو ايڊيٽر آهيان، چو ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟" هن سوال ڪيو: "توهان جي عمر گهٽي آهي؟" مون چيو: "22 سال". هن چيو تہ: "واهہ! ايڏي ننڍي عمر ۾ ايڏي خطرناڪ اخبار جو ايڊيٽر ٻڌجي وئين!؟" هُو ٿوري دير تائين پينسل ڏندن ۾ ڏئي مونکي گهورينڊو رهيو ڪجهہ دير تائين سوچڻ بعد هن وري سوال پڇيو: "توهان کي قومي سوال بابت ڄاڻ آهي؟" مان ان تي مُنجهي پيس، تہ قومي سوال ڇا هوندو آهي؟ مان سوچي ورتو تہ هن کي ضروري نہ آهي تہ هر ڳالهہ جو جواب ڏيان. مون چيو: "هتي مان امتحان ڏيڻ لاءِ نہ آيو آهيان". هن چيو: "تون هتي پنهنجي مرضي سان آيو نہ آهين، پر پنهنجي مرضيءَ خلاف آندو ويو آهين. اصل ۾ ڳالهہ اها آهي تہ اڄڪلهہ اخبارن ۾ قومي سوال بابت ڏاڍيون خبرون پيون ڇپجن، سنڌ جا سڀئي سياستدان ڏڙا ڏڙ بيان ڏئي رهيا آهن، تہ سنڌ ۾ قومي سوال شدت اختيار ڪري ويو آهي. مان جاڻڻ ٿو چاهيان تہ اهو آهي

چا؟ ڪيئن ٻيو شدت اختيار ڪري؟" مون چيو: "اهو به ڪوڙ اخبارن تي سينسر لڳل آهي. اهڙي ڪا به تڪراري خبر اسان کي ته ڪنهن به اخبار ۾ نظر نه آئي آهي. توهان اهو ٻڌايو ته اها ڪهڙي اخبار آهي، جنهن ۾ قومي سوال تي بحث ڇپي رهي آهي!؟" هُو چُپ ٿي وري سوچڻ لڳو مونکي به پاڻ ۾ ڪامريڊن تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. هنن مونکي قومي سوال جي باري ۾ ڇو ڪونہ ٻڌايو هو. هُن وري پڇيو ته: "توهان جي خيال ۾ قومي سوال جو حل ڇا ۾ آهي؟" مون چيو ته: "اُن جو حل سوشلزم ۾ آهي، باقي مختلف سياستدانن جا قومي سوال جي سلسلي ۾ مختلف رايا آهن". سوال: "توهان اهو ته ٻڌايو ته قومي سوال آهي ڪهڙي بلا؟" مان چپ ٿي ويس. هن چيو ته: "نڪو اڇي...!؟" مونکي ڦِڪائي به ٽيڙ لڳي" ڪيس چيم: "هڪ پوليس وارو سياسي ڪارڪن کي قومي سوال جي باري ۾ ٻڌائي، ته خبر پوي ته سرڪار وٽ قومي سوال بابت ڪهڙو مؤقف آهي" هُو ان تي چُپ ٿي ويو ۽ مونکي گُهوري ڏسڻ لڳو. وري سوال ڪيائين ته: "چگو پلا، اهو ٻڌاءِ ته هلچل جو ايڊيٽر ڪير آهي؟"، مون چيو: "هلچل جو ايڊيٽر به مان آهيان". هن ننڍولي واري انداز ۾ چيو: "واهه! ان جو ايڊيٽر به تون آهين؟" سوال: "ان تي لکيل آهي، قومي انقلابي جمهوري محاذ جي ترجمان، اهو قومي جمهوري انقلابي محاذ ڇا آهي؟"، ان جو سربراهه ڪير آهي؟" مون چيو ته: "محاذ آهي، ٻيو وري ڇا؟" هن چيو: "چگو پلا ٽورو مونکي قومي جمهوريت جي باري ۾ ٻڌاءِ؟" مان وري منجهي پيس. پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، ته مونکي اهو سيکجهه پڙهڻ ڪپندو هو. ڪامريڊن به ته رڳو مونکي سائيڪلو اسٽائل مشين جو آپريٽر بڻائي رکيو هو. هاڻ هتي پولَ پڌرا ٿي رهيا آهن. وري هن چيو ته: "توکي اهو به نٿو اچي، ته پوءِ ٻڌاءِ ته هلچل ۽ سُرخ پرچم جو ايڊيٽر توکي ڪهڙي بنياد تي بڻايو ويو؟". به ايڊائي ڪلاڪن تائين هُو اڪيلو سوال ڪندو رهيو ان ڪانپوءِ شايد ان وقت رات جا 12 ٽيا هوندا، جو به ٻيا آفيسر به هُن سان گڏ شامل ٿي ويا. هڪڙي سوال ٿي ڪيو ته هنن ٻنهي منهنجي چهري ۾ گُهوري ٿي ڏٺو شايد هنن چهري جي ريکائن مان اهو پڙهڻ ٿي چاهيو ته مان ساڻن ڪوڙ ڳالهائي رهيو هئس يا سچ! هُو زور پري رهيا هئا،

ته جڏهن سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو آهي. ته پوءِ ڪجهه لڪائڻ مان ڪوبه فائدو نه آهي. جيئن ته مان تنظيمي ڏانچي ۽ ان جي ڪم ڪار کان واقف نه هئس، تنهن ڪري منهنجي ذهن کي رکي رکي اهڙا جهٽڪا ٿي لڳا. ته ڪٿي واقعي اسان کان پوءِ سڀ ڪجهه ختم نه ٿي ويو هجي. پنيان اهڙا دوست هوندا به الائي نه، جيڪي هلچل ۽ سرخ پرچم جي چپائيءَ واري ڪم ۽ پارٽي جي تنظيمي سرگرمين کي جاري رکي سگهن. ان جي باوجود مون هنن کي اهو ئي ٿي چيو ته: "سڀ ڪجهه ختم نه ٿيو آهي. جيڪڏهن به چار ساٿي گرفتار ٿيا به آهيون، ته ان سان پارٽي جي تنظيمي ۽ چپائيءَ واري ڪم تي ڪو خاص اثر نه پوندو". ان تي هنن سوال پڇيو ته: "جيڪڏهن تنهنجي پارٽي ختم نه ٿي آهي، ته پوءِ ٻڌائي پنيان توهان جا ڪهڙا ساٿي آهن، جيڪي پروفيسر جمال نقوي ۽ نذير عباسي جي گرفتاري کانپوءِ به هنن ٻنهي جيتري ئي سرگرميءَ سان پارٽيءَ جي تنظيمي ۽ چپائيءَ واري ڪم کي جاري رکي سگهندا؟ ۽ اسان ته سمجهون ٿا ته پوئتي توهان جا اهڙا ساٿي آهن، جيڪي پارٽيءَ جي سموري ڪم کي جاري رکي سگهن". هنن جا سوال جاري هئا، تڏهن مون سوچيو ته جيڪڏهن مون کي باقي دوستن جي خبر هجي ها، پوءِ اهو پتو بعد ۾ پوي ها ته مان مار موچڑن تي کين ڪيترن ساٿين جا نالا ٻڌايان ها ۽ ڪيترن کي بچائي سگهان ها. هنن منهنجي اڻڄاڻائي مان فائدو ونڊ ٿي چاهيو يا اهو اندازو لڳائڻ ٿي چاهيو ته مان جيڪو ڪجهه بيان ڪريان پيو، اهو ڪيترو قدر درست ۽ غلط آهي؛ سا ڳالهه هنن کي پڻ سمجهه ۾ نه پئي آئي.

هنن جو زور ان ڳالهه تي هو ته انور پيرزادو، بدر ابڙو، تاج بلوچ، اسلم آزاد ۽ هدايت منگي به پارٽيءَ جا ميمبر آهن ۽ مستقل طور تي اهي سُرخ پرچم لاءِ مواد لکندا رهيا آهن. مونکي اهڙن ڪيترن ئي دوستن جي ڄاڻ نه هئي، جيڪي اسان کي سُرخ پرچم ۽ هلچل لاءِ مواد موڪلينداهئا ۽ مدد ڪندا هئا، پر مون کي انهن جا نالا معلوم ئي نه هئا.

هڪ آفيسر ويو ته وري ٻيو آيو هن پڇيو: "تنهنجي پيٽ جو نالو ڇا آهي"، مان چيو: "پيٽ جو نالو ڇو ٻڌايان؟"، هن چيو: "پادر نه ڪاءُ، اسان

جيڪو سوال ڪيون، توکي ان جو جواب ڏيڻو پوندو. تون هتي قيدي آهين ۽ اسان جي هٿ وس آهين". هن چيو: "هڪ عورت آئي آهي، جيڪا پنهنجو نالو زيتون بيبي ٻڌائي". مونکي هڪدم زوردار ڪرنٽ لڳو. سوچڻ لڳس ادي حميده گهانگهرو به گرفتار ٿي وئي...! خبر ناهي ته اڪيلي ٿي آهي يا زرقا به گڏ هوندس. مان پاڻ کي سنياليندي چيو: "اهڙي نالي سان منهنجي ڪا به ٻيڻ ناهي. منهنجي ٻيڻ شهزادي حسن بانو آهي، جيڪا ڏهن ٻارنهن سالن جي ٿيندي". هن چيو ته: "پوءِ هي ڪير آهي"، مان چيو: "خبر ناهي"، چيائين: "پاڪستان ڪوارٽر تي تنهنجو پڇڻ آئي آهي"، مان ساڳيو جواب ورجايو ته هن گارڊ کي سڏ ڪيو جيڪو ٻيڏَ سان اندر آيو. هُن جي اشاري تي هِن ڏهه ٻارنهن بيد منهنجي پٺيءَ تي زور سان وهائي ڪڍيا. ايذاءَ ته ڏاڍو آيو پر مان ائين خاموش ٿيو ٻينو رهيس، جڻ ڪجهه ٿيو ئي نه هجي.

هن مونکان وري پڇڻ شروع ڪيو: "سهيل سانگيءَ کي سڃاڻين ٿو". مان چيو ته: "نه بلڪل به نه. نالو ئي اڄ ٻڌو آهي". هن چيو: "هُو به پاڪستان ڪوارٽر تي آيو آهي، تنهنجي نالي چوي پيو ته توسان ملڻ آيو آهي. لڳي ٿو ته اهو سُرخ پرچم ورهائڻ جو ڪم ڪندو آهي". مون چيو: "مونکي خبر ناهي. هن کان پهريان مان هُن کي ڪڏهن به نه ڏٺو آهي ۽ نه ئي پاڪستان ڪوارٽر تي ئي ايندو هو". هن چيو: "اسان پنهنجي اکين سان بدر ابڙو کي پاڪستان ڪوارٽر ۾ ايندي ويندي ڏسندا رهيا آهيون، تون اهو به نٿو مڃين ته توتي اعتبار ڪيئن ڪريون!؟" هُن وري گارڊ کان بيد ونڻي به ٻي بيد پٺيءَ ۾ وهائي ڪڍيا ۽ چوڻ لڳو: "زيتون بيبي کي هتي تنهنجي سامهون آڻي اگهاڙو ٺا ڪريون. پوءِ تون مڃيندين". مان مُنهن جي پڪائي جاري رکندي چيو: "پلي ڪريوس". پوءِ هُو زخمي سوئر واريون چنگهاڙيون ڪندو ٻاهر نڪري ويو. پوين کي چوندو ويو ته: "هِن کي رات جو سمهڻ نه ڏجو".

هُو هليو ويو ته ٻئي سادن ڪپڙن وارا همراهه اندر آيا. هنن زنجير کي مٿي حُقَ مان ٽپائي، مونکي پٺي ۽ پير هٿڪڙي مان ٽپائي، مٿي لاڪ ڪري چڏيو. جنهنڪري مان رڳو پيرن جي پٻن تي بيهي سگهيس. پورا پير نه ڪُتا.

سڄي رات بيٺي پير گذري وئي. صبح جو روزي وقت کولي هيٺ ويهاريو ويو ۽ ماني رکي چيائون: "ماني کاءِ". مان چيو: "مونکي سمهڻ ڏيو. ماني نٽي وڻي". هنن چيو: "سمهڻ نہ ڏينداسون. ماني کاءِ" مان چيو: "ماني نٽي وڻي". ٿوري دير تائين هُو گاريون گند ڪندا رهيا. جڏهن مان ماني کائڻ کان بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو تہ هنن وري ساڳي پوزيشن ۾ مون کي هٿڪڙيون هڻي بيهاري ڇڏيو. صبح جو ڏهين وڳي مون کي ان صورت ۾ ننڍ اچي وئي. تہ هنن مُنهن تي ٽڏي پاڻيءَ جا جڳ پري هنيان. 12 هين وڳي ڌاري مون کي وري انٽرگيشن ڪمري ۾ ونيو ويا. جتي شاهي قلعي وارو ڊي ايس پي قاضي وينو هو. هُن مون کي ڏسي چيو: "هروپرو مار چو ٿو کائين؟ جيڪو پڇون ٿا ٻڌائيندو وڃ. اسان وٽ جن ڳالهين جا ثبوت آهن. اهي بہ نٿو ٻڌائين" مون چيو: "جيڪي ڳالهيون معلوم ئي ناهن. اهي مان ڪٿان ۽ ڪيئن ٻڌايان؟".

هن چيو: "ٺيڪ آهي. توکي اها تہ خبر آهي تہ ان گهر ۾ هڪ لوهہ جي پيٽي بہ هوندي هئي". مان چيو: "ها. هوندي هئي". هن چيو: "ان ۾ ڇا هوندو هو؟". مان چيو: "ان کي تالو لڳل هوندو هو. مان ڪڏهن کولي بہ نہ ڏٺي". هن چيو: "ان کي تالو ڪنهن هنيون هو؟" مان چيو تہ: "مون کي خبر ناهي". هن چيو: "اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. هڪ گهر. جنهن ۾ تون رهين ٿو اُتي جيڪي شيون پيل آهن. انهن ۾ ڇا آهي؟ توکي خبر ناهي! گهر ۾ توکان سواءِ ٻيا فرد اچن ٿا پر توکي خبر ناهي. هاڻ تہ تون پڪا پڪا پادر کائيندين". هن وري لاڙيا گهريا.

پوءِ وري مون ڏي رحم واري نظرن سان ڏسڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ: "مون کي توتي رحم ٿو اچي. پر الائي ڇو توکي پاڻ تي رحم نٿو اچي. ننڍي عمر اٽئي. اڃان تو ڪجهہ ڏٺو ئي ناهي". هُو عام طور استعمال ٿيندڙ نفسياتي ۽ ڊيجارڻ وارو هٿيار آزمائڻ لڳو مان خاموش ٿيو ڪيس ڏسندو رهيس.

هن ان پيٽيءَ کي کوليو جنهن مان جام ساقي جا پارٽي ۽ دوستن ڏانهن لکيل خط. امام علي نازش جا پارٽي اڳواڻن ڏانهن ماسڪو مان لکيل خط. جن مان هڪ خط ۾ هو تہ: "مان 100 ڊالر بہ موڪليان ٿو".

مان سوچڑ لڳس، هڪ ته گهر بلڪل ڪليل ۽ غير محفوظ هو اُتي هي خط ڇو رکيا ويا!؟ هي ته ڪافي ثبوت آهي. ته اسان ايجنٽ آهيون ۽ سوويت يونين (روس) لاءِ ڪم ڪندا آهيون. مونکي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هيءَ حرڪت ڪنهن ۽ ڇو ڪئي آهي!! انهن خطن کي هتي ڪنهن ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ سنيالي رکيو هو؟ پوءِ اُها مصيبت مون تان ان ڪري ٽري وئي جو شايد ڪمال يا پروفيسر انهيءَ حرڪت کي تسليم ڪيو هوندو. پر انهن خطن سهيل سانگيءَ کي ڦاسائي ڇڏيو هو. ڇو ته اُهي خط جيڪي جام ساقي پارٽي کي لکيا هئا، انهن ۾ لکيل هو ته: "منهنجو ماڻهو جيڪو سهيل سان ملڻ اچي ٿو ۽ وري ٻه خطن جا جواب سهيل کي پهچايا وڃن". ان سان سهيل جو پارٽيءَ سان تعلق ٻه ثابت ٿو ٿئي. معنيٰ سهيل ته ڦاسي ئي ڦاسي! جام جو سؤٽ آهي، ٿي سگهي ٿو ته ان کري بچي ٻه وڃي.

خير ان پيتيءَ تي ٻه گهٽو تشدد ٿيو. هنن آخر ۾ چيو: "خير جنهن ٻه اها ٿبوتن واري پيتي رکي آهي، اُهو اسان جو ئي ماڻهو ٿي سگهي ٿو".

هڪڙي ڏينهن اکين تي پٽيون ٻڌي جيپ يا ڪار ۾ ڪٽي هليا. ڪافي هل هلان ڪانپوءِ جيپ کي هڪ هنڌ روڪيو ويو ۽ ڪافي دير تائين ڪابه چرپر نه پئي ٿي. ٻاهران آواز آيا پئي. پر ٽريفڪ ۽ گاڏين جو ڪو ٻه آواز نه هو. مان ويٺامي ڪهاڻيون پڙهندو رهندو هئس. انهن ۾ انقلابين کي فائرنگ اسڪواڊ اڳيان بيهاري ماريو ويندو هو. مان سمجهيو اڄ هي اسان کي هتي سُنسان علاقي ۾ فائرنگ کري مارڻ لاءِ وٺي آيا آهن. ڪافي دير ڪانپوءِ آواز آيو: "اترو"، مان چيو: "ڪيسے اتروں"، "اکين تان پٽيون لاهيو يا هٿ ڏيو" هنن هٿ ڏئي لاٿو. ٿورو پنڌ هلائڻ بعد وري آواز آيو: "رک جائو"، مان بيهي رهيس. ٻيو آواز آيو: "نام ڪيا ہے"، هڪ ئي وقت مان نالو ٻڌايو ته ٻيو آواز آيو: "سهيل سانگي".

مان سوچيو ته غريب سهيل سانگيءَ کي جام وارن خطن ڦاسائي ڇڏيو آهي. اسان کي واپس جيپ ۾ ويهاريو ويو. هتي شايد رماند وٺڻ لاءِ آيا هئا. مان ٻه جيپ ۾ ويهڻ بعد ايائز جو هيءَ گيت جهونگاريو.

آ مرٽو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پر هيئنءَ نه مرنداسين ساڻي
ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين، ڪو دونهه ڏکائي ويندا سين

گاڏي واپسيءَ تي ساڳيو وقت ورتو مون کي خوشي ٿي رهي هئي، ته اسان اڃا تائين ثابت قدم رهيا آهيون.

مان بيمار ٿي پيس، ته ملٽري اسپتال نيو ويو اتي ڊاڪٽر اکين تان پٽيون کولرايون ۽ مونکان پڇيو: "ڪٿان جو آهين؟". مان چيو "خيرپور جو". هن چيو: "انڊيا ۾ به خيرپور آهي ڇا؟" مان چيو: "مان انڊيا جو نه، پر پاڪستان جو آهيان". ان تي هن مون سان گڏ آيل عملدار کي چند پٽي، "پاڪستانين سان به انڊين جاسوسن وارو ورتاءُ ٿا ڪريو. دماغ خراب ته ناهي". مون کان پڇيائين: "مارين ته نٿا". مان پُنيءَ تان قميص لاهي ڏيکاري، هن ڊريسر کي گهرائي چيو ته: "هن جي چگي طرح ڊيٽول سان پُني واش ڪري ملهم لڳائي. پوءِ هن کين چيو: "هن تي وڌيڪ تشدد ڪيوَ ته مري ويندو ڏڇي ۾ پوندو". اسپتال مان واپسيءَ تي مون کي ڪٽ بسترو به ڏنو ويو جيڪو پن ڏينهن بعد واپس ورتو ويو.

مون کي گذريل رات هڪ سپاهي آهستي ٻڌايو ته: "نذير عباسي به توهان سان گڏ گرفتار هو ڇا؟ بي بي سي ۾ خبر آئي آهي، ته ان کي ماري ڇڏيو اٿن". مان سمجهيو شايد هُن کي سندس آفيسرن پڙڪايو هوندو ته مونکي سُست ڪرڻ ۽ ڊيجارڻ لاءِ اهڙي ڪوڙي ڳالهه ڪري. مون هُن جي ڳالهه ڏانهن ڌيان نه ڏنو مون کي جتي رکيو ويو آهي. اتي ئي لڳي ٿو ريلوي اسٽيشن ويجهي آهي. جتي انجڻين جا سوسٽ ۽ سيٽين جا آواز هر وقت ٻڌڻ ۾ اچن ٿا ۽ مون کي جتي رکيو ويو آهي، اهو چون ٿا ته ڪوارٽر گهاٽ يا ڪوارٽر گارڊ آهي، جتي فوجي جوانن کي ڪنهن ڏوهه ڪرڻ سبب بند ڪيو ويندو آهي. سو هن جي سيخن واري دروازي ٻاهران هڪ ٽلهو ڪمبل لڳل آهي، ته جيئن منهنجو ڪمرو اونداهو رهي ۽ ٻاهرين اڇ وچ به ڏسي نه سگهان.

شايد شوال جي پهرين تاريخ آهي، اڄ سڄي ماني ڏني وئي آهي، صبح جو سيُون کارايون ويون، منجهند جو ٻکر جو قورمو ۽ نان کارايا ويا. فوجي جوان پنهنجي طرفان عيد مبارڪ به چوندا رهيا ۽ سگريٽن جو پاڪيٽ به ڏنائون. سپاهين ۽ هيٺين درجي جي آفيسرن ۾ انسانيت آهي، اهي ترس به کائيندا رهندا آهن ۽ پنهنجي آفيسرن کي گاريون ڏيندا رهندا

آهن. تہ هڪ پاڪستاني سياسي ڪارڪن کي پارٽ جو جاسوس قرار ڏئي بيجا تشدد ڪندا ٿا رهن. هڪ سپاهي ٽنڊي ميرالي‌ءَ جو به هو جنهن مون کي پين پنو آٽي ڏنو ۽ مان گهر اطلاع ڏنو ته: "گرفتار ڪيو ويو آهيان". اُهو هن پوسٽ ب ڪري چڏيو".

شايد سيپٽمبر جي 15 يا 16 تاريخ آهي. مان هنن جي مارڪٽ کان تنگ اچي بک هڙتال ڪئي آهي. مان اهو چئي ماني ونڻ کان انڪار ڪري چڏيو ته مان سول قيدي آهيان. فوجي نہ آهيان جو مون کي هي چانوٽي ۾ رکي تشدد ڪيو پيو وڃي. منهنجو ڪوئي ڏوهہ آهي، ته مون کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو يا جيل موڪليو. منهنجي بک هڙتال کي هفتو گذري وڃڻ بعد شاهي قلعي جي ڊي ايس پي قاضي چيو: "توهان کي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. توهان اتي اهو بيان ڏيندا، ته تون سُرخ پرچم چاپيندو ۽ ورهائيندو هُئين". مان چيو ته: "مان رڳو چاپيندو هئس. ڪڏهن به ورهايو ته ڪونہ هو". هن چيو: "ٺيڪ آهي. اهو چئجان ته پيا ساڻي ورهائيندا هئا". مان چيو: "مون ته ورهائيندي ڪنهن کي به نہ ڏنو هو". هن چيو ته: "پوءِ فرشتا ته ڪونہ ورهائيندا هئا". مون چيو: "خبر ناهي".

هن چيو: "ٺيڪ آهي. اهو ئي قبولدار ٿي ته تون چاپڙ جو ڪم ڪندو هئين. پوءِ عدالت توکي چڏي ڏئي يا جيل موڪلي". پوءِ هن چيو: "اڄ ماني ٻڌاءِ چا ڪائيندين، ته مان توکي ماني کارايان". مون سوچيو ته شايد هي واقعي آخر ۾ ماني ٿو کارائي. طارق روڊ تان گذرندي چرغہ پچندي ماٺهن کي ڪائيندي ڏسندو هئس. سو ياد آيو. مون به هن کي چيو: "چرغو کاراءِ" هن پڇا ڪيي ڪنهن اڙدلي کي ڏيندي چيو: "طارق روڊ هتان ڪيترو پري آهي؟" هن چيو: "ويجهو آهي". ڪلاڪ ڪن ۾ هُو چرغو ونڊي آيو. مان به ستن ڏينهن جي بک سبب پورو کائي ويس. کائي وري پاڻي گهريم. هن اڙدلين کي چيو: "پاڻي پياريو هُو ويا. سو هٿڪڙي ۽ پير ڪڙي ڪڍي آيا". مان پڇيو: "هيءَ چا پيا ڪريو؟" قاضي ته باهر هليو ويو هنن چيو: "توکي ٽڏو پاڻي ٿا پياريون". پنيءَ پويان هٿ ڪري هٿڪڙي هڻي، پيرن ۾ پير ڪڙيون هڻي زنجير پوئتي دروازي ۾ بڏي چڏيائون. پوءِ استول ڪڍي آيا. بن فوٽن جي

فاصلي تي منهنجي سامهون رکي ان مٿان استيل جو وڏو گلاس رکيو ويو. جنهن ۾ برف وارو پاڻي پيل هو. بخارات گلاس مان ڳڙڻ لڳا ۽ منهنجي اُڃ جي شدت وڌڻ لڳي. شاهي قلعي جو ڊي ايس پي قاضي به آيو. مون چيو: "تو هي فراڊ ڇو ڪيو آهي؟". هن چيو: "تون ڪهڙو اسان جو مائٽ آهين. جيڪو پڇون ٿا ٻڌائي ۽ پاڻي پيءُ" مان چيو: "مان پمفليٽ ڇاپيندو رهيس. اُهو مشينن سميت توهان کڻي آيا آهيو. باقي مون وٽ ڪهڙا راز آهن؟ ڪي جي بي ۽ را جو ايجنٽ ته ڪونہ آهيان. جو مان وٽ ايڏا راز هجن. توهان کي هيڏو ڊرامو رچائيندي شرم نٿو اچي" هُو اهو چوندي اٿي هليو ويو ته: "صبح تائين پاڻهي سيکجهہ ٻڌائيندين".

پاڻيءَ جا بخارات ڪِرندي ڏسي چرغو اُڃ جي شدت وڌائيندو پئي ويو. بک برداشت ڪري سگهجي ٿي. پر اُڃ برداشت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. رات جو هڪ وڳي ڪانپوءِ جسم مان رت سڙڻ جي بوءِ اچڻ لڳي. گڏن تي زور پوڻ لڳو. جڙ اهي به سُسندا ۽ سُڪندا پيا وڃن. اُڃ جي شدت سبب ننڊ جا جهوٽا به نہ پئي آيا. گلو خشڪ ٿيندو پئي ويو. زبان سُڪي ڪاني ٿي وئي. ڳهڻ لاءِ ٿُڪ به نہ پئي نهي. نيٺ رات جو چئين وڳي ڏيوتي بدلي، ته نائب صوبيدار ليئو پائي ڏٺو ته قيدي ڪيئن آهي! هن منهنجي حالت ڏسي پڇيو: "هي ڪهڙو جيل آهي؟" مان چيو: "يزيد جو جيل آهي. مان حُسيني لشڪر جو سپاهي آهيان. سو مونکي اُڃ ماريو پيو وڃي". هُو به ڪو حُسيني هو. دروازو کولي اندر آيو ۽ گلاس منهنجي چپن سان لڳائي چيائين: "آهستي آهستي ڏڪ ڏڪ ڪري پيءُ. ايئن ڪري هُن منهنجي اُڃ جي شدت ختم ڪري ڇڏي".

صبح جو ڪرنل امتياز بلو ۽ قاضي اندر آيا. ته مان ڪرسيءَ تي اگهور ننڊ ستل هئس. اهو ڏسي هُو رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ گلاس کي زمين تي اُڇلائيندي چوڻ لڳو ته: "هن کي ڪنهن پياريو پاڻي؟" نائب صوبيدار سليوٽ ڪري چيو: "مان پياريو. مان مسلمان آهيان. ڪنهن مسلمان جو پاڻي نٿو روڪي سگهان". ان تي ڪرنل چيس توکي ڪورٽ مارشل ڪنداسين. هن چيو: "اها توهان جي مرضي" ايئن هُو ٻاهر هليا ويا. پوءِ

سپاهين ٻڌايو ته نائب صوبيدار جي وردي لهرائي، هُن کي به ڪورٽ مارشل ڪيو ويو آهي.

نيٺ هفتي جي ويڑهاند ڪانپوءِ سيپٽمبر جي آخري هفتي ۾ مونکي اکين تي پٽيون ٻڌي ڪيڏانهن کڻي هليا. ڪافي دير تائين گاڏي روڊن تي دوڙندي رهي، نيٺ هڪ هنڌ هلي بيٺي. اُتي هنن مونکي جيپ تان لاٿو ۽ پٽيون به لاٿيون، مون ڏٺو ماڻهو ۽ وڪيل آس پاس گهمي رهيا هئا. مان سمجهي ويس ته مان ستي ڪورٽ ۾ آهيان ۽ هِنن بدران هٽڪڙي جي زنجير هڪ اي ايس آءِ جي هٿ ۾ هئي. مونکي اتي خوشي ٿي، ته هاڻ مان ظالمن جي هٿن مان نڪري آيو آهيان. پوءِ مونکي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ آندو ويو، جنهن جي دروازي تي پٽي لڳل هئي ۽ ان تي لکيل هو: "محمد امين جمالي". ان جي چيمبر ۾ وڃي ويا، ته هُو مون سان اڃي مليو ۽ پوليس وارن کي چيائين: "هِن جون هٽڪڙيون کوليو". هٽڪڙيون کولي هُو ٻيئا، ته هن کين چيو ته: "هلو ٻاهر، هاڻ هيءُ منهنجي ڪسٽڊي ۾ آهي". هُو ٻاهر ويا ته چيائين: "شبير صاحب! چانهه پيئندا". مان چيو: "ها"، هن گهنٽي وڄائي چانهه گهرائي. هن جو مون سان عزت وارو ورتاءُ ڪرڻ سمجهه ۾ نه آيو. پوءِ هن چيو: "يار توهان عظيم ماڻهو آهيو جو هنن ڪمينن سان مهاڏو اٽڪائي ٻيٺا آهيو. پر افسوس جو توهان جو هڪ ساٿي هنن شهيد ڪري ڇڏيو آهي". مون پڇيو: "ڪهڙو؟". هن ٽڏو شوڪارو ڀري چيو: "نذير عباسي، سڄي ملڪ ۾ هنگاما ٿيا آهن ۽ جلوس نڪتا آهن، تڏهن توهان کي ٻاهر آندو اٿن". پوءِ مون کي چيائين: "توهان کي اڄ جيل ٿا موڪليون". مان چيو: "مان بيان ڪهڙو ڏيان". هن چيو: "ڏوهه قبولرائڻ لاءِ، هتي آندو اٿن، جيڪو توهان نه ڪيو آهي، هتي اخلاقي ڏوهارين کان ڏوهه قبول ڪرايو ويندو آهي. بس توهان جيل هلو". هن گهنٽي وڄائي پنهنجي ريڊر کي چيو: "جيل رٽ ناهي کڻي اڄ" پوءِ هُن مونکي گولڊ ليف جو پاڪيٽ به ڏئي ڇڏيو.

مونکي ڪورٽ مان نڪرڻ وقت پوليس وين بدران آءِ ايس آءِ جي گاڏيءَ ۾ ويهڻ لاءِ چيو ويو ته مان گوڙ ڪيو. "مان جيل ڪسٽڊي ۾ آهيان، هنن سان نه ويهندس". مون گوڙ جو ڪيو ته ماڻهو گڏ ٿيڻ لڳا، تڏهن هُو

جيپ چالو ڪري هليا ويا. "مونکي واپس مئجسٽريٽ ڏانهن وٺي هلو. توهان وري فراڊ ڪري مونکي الائي ڪنهن جي حوالي ڪندا". هنن قسم کنيان ته هاڻ نه ڪنداسين. مئجسٽريٽ وٽ شڪايت ٿي ته اسان جون نوڪريون تيل ٿي ويندیون.

هو شاهراهه فيصل تي هلڻ لڳا. ته مونکي شڪ ٿيو ته هي وري مونکي آءِ ايس آءِ جي حوالي ڪندا. ته مان وري احتجاج ڪيو ته: "جيل ته هن روڊ سان ناهي". ان تي هنن چيو: "توهان کي لانڍي جيل ۾ رکڻ جو آرڊر ٿيو آهي. اوڏانهن وٺي ٿا هلون" لانڍي جيل شهر کان صفا ٻاهر سنسان هنڌ تي آهي. جتي چئني طرفين پري پري تائين انساني آبادي ناهي. رڳو جهنگلي ديوين جو جهنگ آهي. هُو مونکي لانڍي جيل جي گيٽ تي وٺي آيا. ته اتي آءِ ايس آءِ واري اُها ٽيم به پهچي وئي. جن مونکي ستي ڪورٽ ۾ پوليس جي حوالي ڪيو هو. پوليس جي اي ايس آءِ چيو: "تون خاموش رهه. هنن سان تکڙو نٿي. اسان رڳو توکي جيل وارن جي حوالي ڪريون. ته پوءِ توکي هي هتان نه ڪڍي سگهندا" اهو شام جو وقت هو سج لهي رهيو هو. جيل وارن جي حوالي ٿيڻ تي پوليس منهنجون هٿڪڙيون ڪڍيون ۽ هڪ حوالدار اندرين وڏي گيٽ جي دري کولي چيو: "وڃ". مان اندر داخل ٿيس ته رڳو ميدان هو پري پري تائين ٻرکون نهيل هيون. شام جو وقت هو. قيدي بند ٿي چڪا هئا. مون وري در کڙکايو. حوالدار چيو: "چا هي؟" مون چيو ته: "ڪاڏي وڃان. هتي ته ڪوبه ناهي!". مون اندر ڏٺو ته آءِ ايس آءِ وارا گيٽ جي اندر ٻيٺا. ڪنهن سول ڪپڙن ۾ واقعي جيل جي عملدار سان ڳالهائي رهيا هئا. پوءِ هڪ سپاهي اندر کان جيل واري پاسي آيو ۽ مون کي چيائين: "اڃ". مان هن جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳس. هن پڇيو: "چا ڪندو آهين؟". چيم: "شاگرد آهيان. فرسٽ ايئر ۾ پڙهندو آهيان". هن چيو: "ايڏا خطرناڪ ڪم ڪيئن ڪرڻ لڳو آهين؟". مان وائڙو ٿي ويس. هن کان پڇيم: "ڪهڙا خطرناڪ ڪم؟" هن چيو: "هي فوجي آيا هئا. اُهي چون پيا. ته تون خطرناڪ آهين ۽ جيل مان ڀڄي ويندين". مون چيو: "مان شاگرد آهيان. هڪ پمفليٽ ڇاپڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو اٿن. مان خطرناڪ

ڪيئن ٿيس!؟" ڪافي دير هلڻ کانپوءِ هُن مون کي هڪ بئرڪ ۾ انبن جي باغ وٽ، هڪ حوالدار ممتاز جي حوالي ڪيو ۽ هن کي ڪنڌ ۾ وڌي ويو. جيستائين هنن پاڻ ۾ ڳالهايو پئي، تہ هُو لڳاتار مون ڏانهن ڏسندا ٻہ رهيا. پوءِ مونکي چڏڻ وارو سپاهي هليو ويو ۽ حوالدار هڪ لوهي دروازو کولي مونکي چيو: "اندر وڃ". هن دروازو بند ڪندي وري مونکي چيو: "جيل مان ڀڄندين تہ نہ؟". مان چيو: "مان هتي ٽارچر سيل مان سڄجي ڪڍجي آيو آهيان، هتي تہ کليل هوا ۾ ساهہ کنيون اٿم. سياسي ڪارڪن آهيان، ڏاڙيل يا قاتل تہ نہ آهيان جو ڀڄندس". هن چيو: "الائي چون ٿا تہ تون هتان ڀڄي ويندين، مان هن کي حيرت سان ڏسندو رهيس". هن چيو: "گهٻراءِ نہ، تون اهڙو ماڻهو نٿو لڳين" مون چيو: "مان هيٺ پٺ تي سمهندس". هن چيو: "نہ، توکي ڪمبل ڏيون ٿا"

ايتري ۾ اتي هڪ خانگي ڪپڙن ۾ همراهہ هلي رهيو هو. هن پنهنجو نالو اقبال ٻڌايو. ٻيو هڪ ننڍڙو 12 يا 13 سالن جو ٻار ٻہ ٻينو هو جيڪو روئي رهيو هو: "ميں اپنی امی کے پاس جاؤنگا". حوالدار هن کي پيار سان چئي رهيو هو. هاڻ دير ٿي وئي آهي، سياڻي توکي تنهنجي امي وٽ پهچائينداسون. مون اقبال کان پڇيو: "هي ٻار ڇو آهي هتي؟ هن چيو: "هن کان غلطيءَ سان خون ٿي ويو آهي، هيءُ ٻارن جو جيل آهي. تو مون کي تہ الائي ڇو رکيو اٿن؟" هن چيو هُو پ پ جو ڪارڪن آهي. مون چيو: "مان نذير عباسيءَ سان گڏ گرفتار ٿيو آهيان". هن چيو: "او هو توهان ڪميونسٹ پارٽيءَ جا آهيو!". مون چيو: "ها" هن چيو تہ: "پوءِ هي جيل وارا تنهنجي لاءِ ڪيئن ٿا چون تہ تون ڀڄي ويندين". مون هن کي ٻڌايو تہ: "آءِ ايس آءِ وارا آيا هئا، هُنن اِهو ڪوڙ هٽي، هِنن کي ڊيڄاريو آهي، تہ جيئن مون تي جيل ۾ سختي ڪئي وڃي". ان تي هُن چيو تہ: "بس ٻہ ٽي ڏينهن کولي بند ڪندا، پوءِ توهان کلي ويندا". هن وٽ گهران ماني جو ٽفن آيو تہ ان مان قيدي ٻار کي ٻہ ماني ڏنائين ۽ مونکي ٻہ گهر جو نهيل قورمو ڏاڍو پلو لڳو. مون وري ان مان ڪجهہ بچائي رکيو تہ صبح جو کائيندس. ٿوري دير کان پوءِ الائي ڪٿان ٻليون اچي ويون، سڄي کاڌي جو خانو خراب ڪري

ويون. اقبال ديرِ تائين ٻاهر ٻيٺو مون سان ڪچهري ڪندو رهيو. هُن کي رعايت مليل هئي، خبر ناهي، پوءِ مونکي الائي ڇو ايندي ئي بند ڪيو ويو آهي. خير ٽارچر سيل کان ٽه مان هتي پاڻ کي گهٽو آزاد ۽ آرامده محسوس ڪيو آهي. تيز هوا لڳي رهي آهي، جيل جون لائيٽون ٻرن پيون، سامهون سڄو جيل نظر پيو اچي.

صبح جو سوير منهنجي پيروارن ٻن قيدين کي کوليو ويو. پر مون واري.کولي بند رهي، ٽه مان حوالدار ممتاز کان پڇيو: "مونکي ڇو نه ٿو کولين؟" ان تي هُن چيو: "توکي في الحال کولڻ کان منع ڪئي وئي آهي". مون چيو: "ڪنهن منع ڪئي آهي؟"، هن چيو ٽه: "صاحبن منع ڪئي آهي". ان تي اقبال آيو هن چيو ٽه: "ڇي سگهي ٿو ٽه مارشل لا وارن هنن کي کولڻ کان منع ڪئي هوندي، ڪجهه ڏينهن ۾ تون به اسان جيان ڪُلي ويندين"

ٿوري دير بعد هڪ نوجوان آيو هن پنهنجو نالو اسلم پرويز بلوچ ٻڌايو ۽ چيو ٽه: "هو جيجي زرينا بلوچ جو پٽ آهي ۽ عوامي تحريڪ ۾ هجڻ ڪري کيس سال سزا لڳي آهي"، هُو منهنجي لاءِ صابڻ به کڻي آيو. هن چيو ٽه: "هُو بي ڪلاس ۾ آهي"، هُن سان گڏ جيئي سنڌ جو نيڪ محمد جکراڻي به آيو هو منهنجي لاءِ ٽوال کڻي آيو. هُن چيو ٽه: "هُو لِکي چوري مون سان ملڻ آيو آهي، ڇو ٽه منهنجي ملاقات تي جيل وارن پابندي لڳائي ڇڏي آهي. هو به ٻه ٽي منٽ مونسان ڪچهري ڪري هليو ويو. مونکي هتي قيد هوندي به فرحت پئي محسوس ٿئي، ٽه سامهون انبن جو باغ آهي ۽ اتان ٺڏي هوا گذري مون تائين ٽي پهتي، ۽ ڪليل ماحول مون لاءِ ٽارچر سيل جي اونداهي ڪوليءَ جي پيٽ ۾ خوشگوار تاثر ڇڏي رهيو آهي.

ٿوري دير بعد ننڍن ٻارن جي هڪ ٽولي اچي ٻيٺي، اُهي پري ٻيهي مونکان آڱرين جي اشارن سان پڇي رهيا هئا، ٽه مان ڪيترا خون ڪري آيو آهيان؟ پوءِ هُو آهستي آهستي ڊڄندي ڊڄندي ويجهو آيا ۽ مونکي چيائون: "تون ڊانڊرس قيدي آهين چا؟" مونکي اهو سمجهه ۾ نه پئي آيو. ان تي اقبال چيو: "هتي ڊئنجرس کي ڊانڊرس چوندا آهن ۽ هنن سان گهٽو نه ڳالهاءِ. هي سڄي جيل ۾ اهڙي واويلا ڪندا، جو جيل انتظاميا به توکي ڊانڊرس قيدي

سمجهي سڊائين بند وارڊ ۾ رکندي". مان هنن سان مختصر ڳالهايو ته وري پوءِ ٻارن جي ٻي ٽولي آئي. اُهي به ساڳيا سوال ڪرڻ لڳا. مون هنن کي چيو: "مان سياسي قيدي آهيان. ڪنهن جو به قتل نه ڪيو اٿم" پر هنن جيل جي بئرڪن ۾ ويڄي ۽ جيل عملدارن کي وڌائي چڑهائي رپورٽون ڏنيون ته: "اِهو قيدي واقعي ڊانڊرس آهي، ۽ جيل ٽوڙي ڀڄي ويندو". اهو ئي ٽيو جنهن جو خوف اقبال ڏياريو هو. ٻئي ڏينهن جيلر قاسم علي خواجه آيو ۽ منهنجي کوليءَ ۾ اچي بات روم ۾ ويڄي، بات روم جي دري جاچڻ لڳو. مون هن کي چيو ته: "مونکي کوليو مان سياسي قيدي آهيان"، هن ڪو به جواب نه ڏنو ۽ هُو هليو ويو. هن جي ويڃ بعد حوالدار ممتاز آيو هُن کولي چيو: "اچ"، هن مونکي وٺي وڃي هڪ سنسان بئرڪ ۾ بند ڪيو. جيڪا واڇ ٽاور جي هيٺان هئي. اُتي مان اڪيلو ئي هئس. سڃي بئرڪ خالي ڏسي خوف ٽيڻ لڳو. مٿي ٽاور تي ويٺل سپاهي کان پڇيم: "تون جاڳندو آهين يا سمهي پوندو آهين؟". هن چيو: "مان سڃي رات جاڳندو آهيان". مون چيو: "هٿي کا ڏانئڻ وغيره ته نه هوندي آهي؟". هن چيو: "ڏانئڻ نه پر سرڪتا گهمندا آهن". مان چيو: "اُهي ڇا آهن؟" هن چيو: "مذاق ٿو ڪريان، اهڙو ڪجهه به ناهي". مونکي 3 مهينا اُتي اڪيلي ۾ رکيو ويو. پوءِ هڪ ڏينهن باٿ روم جي دريءَ تي چڑهي پويان واري بئرڪ جو جائزو ورتم، ته ڪمال وارٿي نظر آيو. مون هن کي رڙ ڪري چيو: "ڪدو تون اِتي ڇا ٿو ڪرين". هن چيو: "ڏسين نٿو ... مرايان ٿو ٻينو". پوءِ اسان دريءَ کان روز ڪچهري ڪرڻ لڳاسين، جيڪا ڳالهه جيل وارن کي پسند نه آئي. هُو مونکي اُتان ڪڍي بي ڪلاس وارڊ ۾ وٺي هليا، هڪ قطار ۾ وِيهَ ڪوليون هيون. ٻاهران وڏو ڪوٺ ڏنل آهي ۽ هڪ ننڍڙو پارڪ، جنهن ۾ هڪ بيد مشڪ جو ووڻ ۽ هڪ انب جو وڻ ٿوري ڇڄ. مونکي هڪ نمبر کوليءَ ۾ رکيو ويو جنهن ۾ واش بيسن لڳل آهي. حوالدار ٻڌايو ته: "هتي اڳوڻي هوم سيڪريٽري محمد خان جوٽيجي کي رکيو ويو هو ان ڪري هن ڪمري ۾ واش بيسن به لڳل آهي ۽ ڪمرو به صاف ستڙو آهي"

جڏهن حوالدار مون کي واڙي هليو ويو ته مان راڳ ڳائڻ شروع

ڪيو سوچيان پيو هيڏي وڏي وارد ۾ اڪيلو رات ڪيئن گذاريندس؟ چو ته اڪيلائي ۾ مونکي سدائين ڊپ ٿيندو آهي. ايتري ۾ محسوس ڪيم ته مونکي ڪوئي سڏي پيو. مان ڳائڻ بند ڪري ڳنائڻ لڳس. وري آواز آيو: "ڪهڙو آهين؟". مون چيو: "مان شبير شر آهيان". هن چيو: "پروفيسر جو آواز ڪونہ پيو اچي". مون چيو: "اهو به هتي هو ڇا؟" مان وري پروفيسر جمال نقويءَ کي "ماستر ماستر" چئي سڏ ڪرڻ شروع ڪيا. ته هن جو ڪو به جواب نہ آيو. مان هُن کان پڇيو: "تون ڪير آهين؟". جواب آيو: "سهيل سانگي" مان چيو: "واهہ يارا هاڻ ته مزو اچي ويندو. مان گذريل ٻہ ٽن مهينن کان سُنسان ڪولين ۾ اڪيلو رهيو آهيان". مون چيو: "يار هاڻ ته جيل ڪٽڻ سؤلو ٿي پيو". پوءِ هن کان پڇيم: "تون ڪيئن قابو ٿيو آهين". هن چيو: "ڪمال وارثي حيدرآباد آيو هو. سو اُهو مونکي پاڪستان ڪوارٽر جي ايڊريس ڏئي ويو هو. مان به هئس بيروزگار. سوچيو هيم ته اتي اچي ڪنهن اخبار ۾ نوڪري ڳوليندس. سو رهڻ لاءِ آيو هيس". مون ڪيس ڪِلي چيو: "هاڻ ته بندوبست اڳوپو ٿي ويو". چيائين: "ڇڏ. يار هاڻ ته لوهہ ٿي ويس. منهنجا ٻچا ننڍا آهن. ڪمائڻ وارو مان ئي اڪيلو آهيان _ منهنجا ته ٻچا ئي رلي وبندا" مان چيو: "خير آ. ٻاهر ڪوڙ سارا سنگتي ساٿي آهن. جيڪي ٻارن لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري ونندا". هن چيو: "شبير! يار اهو ڏاڍو ڏکيو آهي. ٻيا ڪنهن جي به ڪونهن ڪندا". مان چيو: "تڏهن به گهٻراءِ نہ. ڪجهہ نہ ڪجهہ ته ضرور ٿيندو". مون پڇيومانس: "پلا پوءِ هتي تارچر دوارن منهنجو نالو ڇو ڪنيون هيئي؟". هن چيو: "يار اصل ۾ ان مهل حميده گهانگهرو به ڪوارٽر ۾ داخل ٿي. هُن کان پڇيائون ته ڪنهن سان ملڻ آئي آهين؟" هُن تنهنجو نالو ڪنيو. مون به سمجهيو ته تون سدائين غير سياسي رهيو آهين. تنهن ڪري تنهنجو نالو ڪٽڻ ۾ ئي بچاءُ ٿي سگهي ٿو. پر اها خبر ته نہ هئي تنهنجا پير به ساڳيا هئا. جڏهن اُتي تو بنهہ انڪار ڪري چڏيو ته مونکي به بيان مٽائڻو پيو هو. بهرحال تجربو ٿيو". مون پڇيومانس: "وڙهيا ته نہ". سهيل چيو: "نہ پر اوجاڳا ڏاڍا ڏنائون. دهمان ڪندا رهيا. مون ٻڌايو مان ته منهنجو ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ڪو به تعل ناهي. بس اِهو ڏوهہ

سو آهي تہ جام ساقيءَ جو سؤٽ آهيان. اها مجبوري آهي. اِهو رشتو تہ ختم نٿو ڪري سگهجي". بهرحال ڪچهري ۾ شام ٿي وئي. شام جو پاڇولڙو ڏسي. سهيل آلاپ ڪئي.

"جانيئڙا تولئہ لولو پکوڙي. ايئن چئي چپ ٿي ويو"

مان ٿوري دير تائين ڪيس سڏيندو رهيس. سهيل کي جواب نہ ڏنو. ٿوري دير بعد آواز آيو. "ها شبير سڏ ڪيئي چا؟". "ها". مون چيو: "الائي چو چُپ ٿي وئين". "هاڻ ماني پتي جو وقت ٿيو آ. اِجهو پتو آڻيندا. سو اندر واش روم ۾ هٿ ڏوئڻ هليو ويس". مون چيو: "چلو خير آ". ايتري ۾ پتو اچي ويو. وٽي ۾ رڳو پاٽي ۾ مرچ تري رهيا هئا. مون پتو آڻيندڙ ٻار کي چيو: "اڄ ڊيزل آهي چا؟" هتي جيل ۾ گوشت کي ڊيزل سڏيندا آهن. گوشت جو ذرو بہ نہ هوندو آهي. هڪ اڏ هڏيءَ کي اوپاري. مرچ وجهي. قيدين کي کارائيندا آهن. چون ٿا تہ قيدين جي نالي ايندڙ گوشت جيل جي آفيسرن جي گهرن ۾ پچندو آهي. ان ڪري هتي جي قيدي ٻارن. هِن ٻوڙ جو نالو "ڊيزل" رکيو آهي. سو جڏهن بہ هُو پتو آڻيندا آهن تہ پُڇڻ تي چوندا آهن: "صاحب! اڄ ڊيزل پکو آهي".

ڊيزل ٻوڙ ۾ گوشت تہ ناهي هوندو پر ان ۾ مکيون جام هونديون آهن. گوشت جي ڪمي پوري ٿيو ٿي وڃي. مانيون بہ مکين سان پرانا ٽيل آهن. هڪ هڪ مانيءَ سان ويهہ پنجويهہ مکيون نڪرن ٿيون. پهريان تہ اُلٽي ايندي هئي. سهيل سانگي چوي ٿو: "ادا پوليس واري تلاشي نہ ونو جيڪي پٽاريون نظر اچن. ڪيندا اڇلائيندا وڃون. نہ اچن تہ ماني کائي پاٽي پي سمهي پئو. هاڻ هي پنهنجو مقدر آهن ۽ بروچ چواٽي ـ تور ۾ اِچن ٿيون. سي پل ڏيڏر هجن يا مکيون. پاڻ کي کائيون آهن". سهيل سانگي ٿو چوي تہ: "ادا ڪامريڊ! توهان جو هڪڙو ارادو تہ گوريلا جنگ بہ آهي. گوريلا جنگ ۾ ويٽنامي انقلابي نانگ بلائون. ڪتا ۽ ڳوهہ هر شئي کائيندا آهن. پر توهان هڪ ننڍڙي مک نٿا کائي سگهو تہ ڏوڙ گوريلا جنگ وڙهندا". مان چپ ٿي ويس. هن ٽريءَ کي چا چئجي. هي تہ ڏڪار ۾ سپ ڪجهہ کائي ويندا هوندا. خير اسان کي بہ هاڻ ٽريو ٽيٽو پوندو.

مونکي آهستي آهستي دليل ڏئي سهيل سانگي مکين واري ماني ۾ ٻوڙ کائڻ تي ٻ هيرائي ڇڏيو. هتي اسان لاءِ زندگي عذاب جهڙي بڻائي وئي آهي. هڪ ٽ ڏهه باءِ ٻارنهن فوٽ کوليءَ ۾ چوويهه ئي ڪلاڪ قيد ڪري رکيو ويو آهي. ٻيو ٽ چوويهه ڪلاڪن ۾ اڌ ڪلاڪ لاءِ ٻ نڪو کوليو وڃي. سپرنٽينڈنٽ جيل منڊڙي قاسم علي خواجا کي آءِ ايس آءِ وارن الائي ڪهڙي پٽي پڙهائي آهي. جو هو اسان کي ملڪ جو انتهائي خطرناڪ (ڊانڊرس يعني Dangrous) قيدي قرار ڏيو ويٺو آهي. ٻيو وري هن وٽ هڪ ئي جيلر آهي. نالي سڪندر بکراٽي. جيڪو انتهائي اذيت پرست. عوام دشمن ۽ گندي ذهنيت جو ماڻهو آهي. هُو اج اسان جي وارڊ ۾ آيو ٽ مون ڏانهن ايئن ٻيٺو گهوري. جڙ مون هن جا وڏا ماريا هجن. مون هن کي چيو: "هي اسان کي ڪهڙي ڏوهه ۾ توهان چوويهه ئي ڪلاڪ کولي بند رکيو آهي؟ ڪو قانون ٻ آهي يا توهان کي رڳو لاقانونيت تي عمل ڪرائڻو آهي". منهنجي ڳالهه ٻڌي اڳ ٻڌي ڪري هُو نڪتو هليو ويو. هن جي پويان حوالدار مون ڏانهن ڏسندو ۽ مُرڪندو ويو. سهيل چيو: "چا چيائين؟" مان چيو: "ڪجهه ٻ نه". سهيل چيو: "چٽن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيو آهي!"

نيٺ قدرت جو قانون ٻ آهي. ظلم جي انتها ٿيندي آهي. ٽ اتي ظلم جو انت اچڻ ٻ شروع ٿيندو آهي. اسان جي ملاقات ٻ بند آهي. پنج ڇهه مهينا ٿي ويا آهن. اسان جي پوين کي ٻ خبر ناهي ٽ اسان دنيا جي ڪهڙي ڪنڊ ۾ پيا آهيون. هتي ٻارن جي جيل ۾ رکڻ جو مارشل لا وارن ۽ آءِ ايس آءِ جو مقصد ٻ اهو ئي آهي. ٽ هتان کان اسان ڪنهن سان ٻ رابطو ڪري نه سگهنداسون. ڇو ٽ ٻارن کي ڪجهه لکي ڏيندا سون اُهي جيل اختيارين کي ڏئي ڇڏيندا.

مان پنهنجي ان کوليءَ ۾ ويٺو آهيان. جنهن جي باٿ روم ۾ واش بيسن لڳل آهي. چون ٿا ٽ هن کوليءَ ۾ سنڌ جي ٻٽو واري دؤر جي انتهائي طاقتور هوم سيڪريٽري محمد خان جوٽيجي ۽ مخدوم خليق الزمان کي رکيو ويو هو. ان ڪري هي باٿ روم ٿورو گهريلو انداز ۾ نهيل آهي. مان ان باٿ روم ۾ ويس. ٽ پويان جيل جي آخري ديوار آهي. جتان پويان کان

ڪجھ عجيب غريب قسم جا آواز اچي رهيا هئا، تہ مان واش بيسن تي چڙهي پوئتي ديوار جو جائزو ونڻ لڳس. مون ڏٺو تہ هڪ پناڻ چوڪرو ديوار تي چڙهيو وينو هو. هن کي هيٺ بيٺل ٽن چوڪرن قطار ٺاهي مٿي چاڙهيو هو. هن وٽ پٽڪو هو. اهو هن بجلي جي تار واري ديوار ۾ لڳل ڪلي ۾ ٻڌو ۽ تہ اهو ڪٽي پيو ۽ هيٺ بيٺلن تائين نہ پئي پهتو. پناڻ ويچار ۾ بيٺا هئا، تہ مان هيٺ بيٺل هڪ پناڻ چوڪري کي چيو: "توکي بہ پٽڪو ٻڌل آهي نہ، اهو مٿي هن کي اُڇلائي، تہ هُو ان کي ڳنڍي" پوءِ ايئن ٿيو هُن پنهنجو پٽڪو مٿي اڇليو ۽ ديوار تي ويٺل پناڻ چوڪري ان کي جهپي، اڳ ۾ ڪليءَ سان ٻڌل پٽڪي سان جوڙي هيٺ اڇلايو. ان تي بہ چوڪرا مٿي چڙهي ويا ۽ ديوار تان پرئين پاسي ٽپو ڏئي ويا. آخري ٽئين چوڪري ان پٽڪي ۾ هٿ وجهي پٽ ٽپي ويو. پويان ٽي چوڪرا ٻيا آيا، هنن چيو: "هي رسو پرتي چو ڪٽي ويا". مون هنن کي چيو: "هاڻ توهان نٽا وڃي سگهو هي جو هو چپلون ڇڏي ويا آهن، اهي ڪٽو ۽ گم ڪيو توهان بہ پڇو ورنہ مارجي ويندا".

مان واپس موٽي سهيل کي محتاط ٽي چيو: "اڄ هتي ڪجھ ٽيو آهي، سپاٽي ضرور هتي بهتري ايندي". سهيل چيو: "ڪهڙي؟". مون چيو: "بس ڇڏ ان ڳالهہ کي، سپاٽي ضرور هتي بهتري ايندي".

شام جو جڏهن ٽوٽل ڳٽپ ڪري قيدي بند ڪيا ويندا آهن، تڏهن ٽي قيدي ڪٽي پيا، اڪيلو جيلر سڪندر بکراٽي پريشان ٽي ويو. سپرنٽينڈنٽ جيل قاسم علي خواجہ معذور ماڻهو هڪ ڇنگهہ ڳچ پر وڏو ظالم ماڻهو آهي جو بي سبب اسان کي لڳاتار پنج ڇهہ مهينا کولين ۾ بند رکيو وينو آهي. جيلر سڪندر بکراٽي تہ وڏو ڪمينو آهي، جو هن اسان جي عرض تي بہ ڪو ڌيان نہ ڏنو. هيءُ پيارو پاڪستان آهي، نيٽ، اها بہ منهنجي دعا آهي، تہ ڪڏهن ضياءَ جي ظلم جو ڏائقو چکيندو.

سائين قيدي ڇڇي ويا، اسان جي الله سائين ڪٽي ٻڌي، جيلر سسپينڈ ٽي ويو. سڪندر بکراٽي جي جڳهہ تي هڪ سنو جيلر سيد قمر شاهہ اچي ويو شڪل جو بہ سهڻو تہ سلوڪ جو بہ بهترين آهي.

اسان جي هن جيل ۾ فقيرن واري حالت ٽي وئي آهي، جيڪو قيدي

ٻار ايندو آهي، هُن کان پڇندا آهيون: "تو وٽ سگريٽ آهي؟" جنهن تي اُهو ٻار چوندو آهي: "نہ سائين مون وٽ نہ ناهي، پر مان وڏن کان پڇي اچان". مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو هتي رڳو ٻار قيدي هجڻ گهرجن، پر وڏا بہ قيدي آهن چا...!؟ مان هڪ نمبر کوليءَ ۾ هُئس، سهيل سانگي 10 نمبر کوليءَ ۾ هو. مان سهيل کي رڙ ڪري چيو: "هن ٻار کان مان سگريٽ گهريو جنهن تي هن چيو مون وٽ سگريٽ ناهي، ڇئي ويو آهي، تہ وڏن کان پڇي اچان، باقي هي پاڻ نہ سگريٽ پيئندو آهي ۽ نہ ئي هن ٻارن جي جيل ۾ سگريٽ جي اجازت آهي. هن جا وڏا بہ هتي بند آهن چا؟" سهيل چيو تہ: "هتي 18 سالن تائين جي عمر جا قيدي آهن، سو انهن جا هي پورشن ورهايل آهن. ٽي سگهي ٽو تہ 16 کان وٺي 17 ۽ 18 سالن جا قيدي هجن، متان انهن وٽ سگريٽ هجن، چو تہ مونکي ڪڏهن ڪڏهن ڏهہ نمبر سگريٽ آڻي ڏيندا آهن."

اهو چوڪرو سڄو ڏينهن نہ آيو. شايد ان ڪري تہ جيڪي قيدي ٻار ڏينهن ۾ هڪ پيرو صفائي ڪرڻ ايندا آهن ۽ صفائي ڪري واپس وڃڻ کانپوءِ، واپس موٽي نہ ايندا آهن، چو تہ هنن کي ٻيهر اسان وٽ اچڻ جي اجازت ئي نہ آهي. هيءُ چوڪرو جڏهن ٻئي ڏينهن تي آيو تہ هن وٽ ڏهہ نمبر جا ڏهہ سگريٽ ۽ هڪ باڪس بہ هو. هن چيو: "صاحب هي وڏن جي بئرڪ مان اڏارا وٺي آيو آهيان"، مون پڇيس: "اڏارا ڪيئن...! تون هنن کي واپس ڪيئن ڪندين؟". هن چيو: "صاحب جڏهن توهان جي ملاقات ايندي، پوءِ توهان کي سگريٽ ملندا، تہ مان اتان واپس ڪندس".

مون ننڍڙي قيديءَ کي چيو: "ادا مون کي خبر ناهي، تہ منهنجي ملاقات ڪڏهن ٿيندي؟ ايجان تائين تہ اسان جي پوين کي خبر ئي ناهي، تہ اسان ڪٿي آهيون!"، هن چيو: "صاحب ڪا ڳالهہ ناهي، مان هن وڏي قيديءَ کي هڪ چمي ڏئي چڏيندس، تہ سگريٽ جا پئسا لهي ويندا". مان حيران ٿي قيدي ٻار کان پڇيو: "اهو وري چو؟" هن معصوميت وچان چيو: "سائين هتي ايئن ئي ٿيندو آهي، اسان جي ملاقات ڪڏهن دير سان ايندي آهي، تہ اسان وڏن قيدين کي چمي ڏيڻي بصر ۽ پٽاڻا ونندا آهيون". مان چيو: "اِها تہ خراب ڳالهہ آهي". اتي ٻار قيدي معصوميت وچان چيو: "سائين هتي ايئن ئي ٿيندو

آهي. اسان ننڍن ٻارن سان بابا (جيل جي سپاهين ۽ حوالدارن کي ٻار بابا قيدي چوندا آهن) تہ هُو ڪم بہ ڪندا آهن. پوءِ جيڪي ٻار هنن کي اُهو ڪم ڪرڻ ڏيندا آهن. تہ انهن سان سختي بہ نہ ٿيندي آهي ۽ هنن کي آرام ڪرايو ويندو آهي _ انهن کان ڪو بہ ڪم نہ ورتو ويندو آهي". اها ڳالهہ ٻڌي منهنجا تہ ڪن ئي ٻوڙا ٿي ويا. مون هن کي چيو: "جيل پوليس وارا ٻارن سان دوسرو ڪم بہ ڪن ٿا". هن ٻار معصوميت وچان چيو: "سائين ها...! اهو ڪم بہ اسان سان روز ٿيندو ٿو رهي. بس! اسان غريب ٻار آهيون. اسان جي هتي تہ ڪو دانهن ڪُوڪ ٻڌڻ وارو بہ ناهي. بس...! اسان سختيون برداشت نہ ڪري سگهندا آهيون. خاص طور اڇي چمڙي وارا ٻار تہ وڌي ويل ۾ آهن."

مان سهيل کي آواز ڏئي چيو: "ٻڌئي سهيل هتي ٻارن سان زنا بہ ڪئي ٿي وڃي"، سهيل چيو: "ادا هيءُ پيارو پاڪستان آهي. هيءُ جيل ٻارن جي اصلاح گهر طور ناهيو ويو آهي. نہ هتي اسڪول آهي. نہ پڑهائڻ وارو ماستر _ هتي ٻارن کي رکِوالهو ئي هنر سيکاريو ٿو وڃي". مان دنگ رهجي ويُس. سهيل چيو: "جيڪي سگريٽ مليا ٿي. انهن جا ٽوٽا بچائي رک. وري ٻارن کي چونداسين. تہ سگريٽ جي اندر جيڪا چانديءَ جهڙي ڪلي هوندي آهي. اُها ڪٽي اڇن. پوءِ ڪَليءَ کي پاڻيءَ ۾ پُسائي بہ ٿي منٽ رکڻ کانپوءِ سُڪي ويندي. تہ ڪَليءَ تي چڑهيل ڪاغذ آرام سان لهي ويندو. پوءِ سگريٽن جي ٽوٽن مان تماڪ ڪڍي. اُن ڪَليءَ ۾ ويڑهي. هڪ سئو سگار نما سگريٽ نهي ويندو _ پوءِ اُهو ويهي چڪ. تہ ڏهن سگريٽن وارو مزو ايندو".

مونکي ان ئي ٻار سگريٽ جون بہ اڇيون ڪليون آڻي ڏنيون ۽ هُو هليو ويو. مان سهيل سانگيءَ جي ڏسيل فلاسافيءَ مطابق ڪَلي کولي ان ۾ بچيل ڏهہ نمبر جي سگريٽن جو تماڪ ڪڍي وجهي رهيو هُئس. تہ هڪ سهڻي صورت وارو همراهہ اڇن ڪپڑن ۾ اچي. منهنجي کوليءَ اڳيان بيهي رهيو. مان سگار ناهڻ ۾ مصروف هئس. پهريان تہ مون هن ڏي ڏيان ئي نہ ڏنو. هُو ڪافي دير تائين بيٺو ۽ مون کي سگار ناهيندو ڏسندو رهيو. هُو چپ ڪري بيٺو رهيو. نيٺ مون محسوس ڪيو تہ ڪو وراندي ۾ آهي! تڏهن مون سگار تان ڏيان هٽائي متي ڏنو. تہ هڪ همراهہ اڇن ڪپڑن ۾ بيٺو هو. هُن

پٹيان حوالدار ابراهيم ۽ هڪ بہ سپاهي بينا ها. مون جو هن ڏانهن ڏٺو تہ هُو مُرڪي رهيو هو. مون کان پڇيائين: "چا پيا ڪريو؟". مون چيو: "ضياءُ الحق جي زال سان فلاٽو ڪم ڪري رهيو آهيان". ان تي هُو کلي پيو ۽ حوالدار کي چيائين: "روزانو هن کي سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ باڪس ڏيو". مان نقلي سگار چڏي اُٺي بيٺس. سوچيم. هي تہ ڪو نئون ۽ چگو آفيسر ٿو لڳي. مون چيو: "مهرباني...!! پر توهان ڪير آهيو؟". هن هٿ اڳتي وڌائي چيو: "مان هن جيل جو نئون جيلر آهيان. منهنجو نالو قمر شاهہ آهي". مون چيو: "اسان کي گذريل ڇهن مهينن کان بند رکيو ويو آهي. کولين بہ نٿا". مان هن کي پنهنجي ئي شرٽ لاهي ڏيکاري. تہ هيءُ ڏسو منهنجي جسم تي ڪيترين جوئان آهن...! منهنجو سڄو جسم جوئن سان ڪارو ٿيل هو. جوئان ڪِولين جيان منهنجي جسم تي گهمي رهيون هيون. ڇو جو اسان کي جيڪي ڪمبل ڏنا ويا هئا. اُهي عام قيدين جا استعمال ٿيل هئا. انهن ۾ جوئان هيون. اسان اُس ۾ بہ نہ نڪرندا هئاسين. سو اُهي جوئان شرن جي ريڙن جيان منهنجي جسم تي گهمي رهيون هيون. مون چيو: "اسان جي ملاقات بہ بند آهي. نہ اسان وٽ صابڻ آهي. نہ ٽوال نہ ٻيا ڪپڑا. مان هن پينٽ ۽ شرٽ ۾ گرفتار ٿيو هئس. اِهي مونکي اڄ ڏينهن تائين پاتل آهن" جيلر قمر شاهہ حوالدار ابراهيم کي حڪم ڪيو: "هنن کي ٽوال ۽ صابڻ بہ ڏيو ۽ ڪپڑا بہ ڏيو". پوءِ مونکي چيائين: "مائٽن کي خط لکو. توهان جي ملاقات بہ ٿيندي". مون چيو: "اسان وٽ نہ قلم آهي نہ ڪاغذ...! خط ڪٿان لکون؟". هُن وري حوالدار کي چيو: "هنن کي قلم ۽ ڪاغذ ڏيو". پوءِ هُو وڃڻ لڳو تہ مون چيو: "او فرشتا آفيسر! مهرباني ڪري اتان نہ موٽو. ٿورو اڳتي وڃون. منهنجو پيو ساٿي بہ قيد آهي. هن سان بہ ملو". هن چيو: "فڪر نہ ڪر. مان هن سان بہ ملان ٿو".

پوءِ هُو سهيل سانگيءَ ڏانهن وڌي ويو ۽ سهيل سانگي کان بہ حال احوال وٺي واپس هليو ويو. اڌ ڪلاڪ جي اندر اسان کي ٽوال ۽ قيدي ڪپڑا مليا. مان پهريون پيرو سيارو هوندي. شاور هينان وهنجي سڀ جوئان بہ ڪڍيون. ۽ صابڻ سان وهنجي. ڪاڌي واري ٽوال سان جسم اُگهي ڏاڍو تازو

توانو ٿي ويس. ڪاڏي وارا ڪپڙا پاتم تہ شلوار گوڏي تي بيٺي ۽ قميص ڏُن تي! بهرحال، پنجن مهينن ڪانپوءِ وهنجڻ ۽ نوان ڪپڙا پائڻ سان سُکون محسوس ٿيو.

مان سهيل سانگيءَ کان رڙ ڪري پڇيو (چو تہ نارمل آواز هن تائين پهچي نہ پئي سگهيو): "ڏي خبر سهيل!" هن چيو: "مونکي تہ ڪپڙا پورا آيا آهن، تون خبر ڏي؟" مون چيو: "شلوار گوڏي تي آهي ۽ قميص دن تي". سهيل ٿهڪ ڏنو ۽ چيائين: "پٽ قد جي ڪري پوڳ، پر يار هيءُ آفيسر ڪو فرشتو آيو آهي." مان چيو: "ها يار! اِهو تہ آهي، پر هاڻ ڏسون ڪولي سج ڏيڪاري ٿو يا نہ!"

ٻئي ڏينهن تي صبح جو جيلر سيد قمر شاهہ آيو هن چيو تہ: "آءِ ايس آءِ وارن چيو آهي تہ توهان کي سختيءَ ۾ رکجي. مان سپرنٽينڈنٽ قاسم علي خواجا سان وڃي جهيڙي هن کان اِها اجازت ورتي آهي، تہ روزانو توهان کي ٻہ ڪلاڪ ڪولي مان ٻاهر ڪڍي، بي ڪلاس وارڊ ۾ گهمڻ ڏنو وڃي. سو هاڻي ٻئي ڇٽا آرام سان گهمون. مان ڪوشش ڪندس تہ توهان پورو ڏينهن وارڊ ۾ آزاد گهمون". پهريان مون کي کوليو ويو. مان کلندي ئي سهيل سانگيءَ جي کوليءَ وٽ ويس ۽ اسان سيخن مان ٻاڪر پائي ملياسين. مان پهريون پيرو سهيل سانگيءَ کي ڏنو ۽ چيم: "يار تون هتي تہ پلو ماڻهو ٿو لڳين، پر جڏهن تون سنڌ نيوز ۾ هوندو هئين، ۽ اسان پريس رليز ڏيڻ ايندا هئاسون، تہ تون سَئين مُنهن ڳالهائيندو ٻہ نہ هئين". سهيل چيو: "يار اخبار جي زندگي ڏاڍي ڪٺن ۽ واحيات ٿيندي آهي، خبرون ڪمپوز ڪرڻ ۽ اخبار مڪمل ڪري ڇاپڻ جو فڪر هوندو آهي، باقي مان اهڙو ڪو ويل ماڻهو نہ آهيان. هاڻ جڏهن نڪرنداسين تہ توکي اها شڪايت نہ ملندي". پوءِ سهيل چيو: "ٻاهر وڃ اُس ۾ جوئان مار". مان چيو: "جوئن کان وڌيڪ اِهو آهي تہ اسان هڪٻئي سان ڪچهري ڪريون". سهيل چيو: "ٻاهر وڃ، سامهون اُس ۾ بيهي مون سان ڳالهائي. اُس جو مزو وٺ تہ مان توکان پڇان، تہ اُس ۽ سج ڪيئن آهن!؟" واقعي اسان کي هڪ تہ آءِ ايس آءِ جي تارچر سيل ۾ آياسون، تہ اُتي ٻہ بند رکي سج جي روشنيءَ کان

محروم رکيو ويو. مان جڏهن ٻاهر نڪتس، تہ مون کان اهو وسري ويو، تہ سج جي روشني سهيل سانگيءَ جي کوليءَ سامهون ڏسٽي آهي. مان سج کي حيرت مان ايئن ڏسندو رهيس، جيئن نئون ڄمندڙ ٻار هر شئي کي حيرت سان ڏسندو آهي، تہ هي سڀ ڪجهہ ڇا آهي ۽ ڇا سج بہ ٿيندو آهي!؟ مان سج ڏانهن ڏسي قمر شهباز جو هيءُ گيت چيو جيڪو هن چنڊ لاءِ چيو هوندو پر ڪيترن مهينن کان اسان کي کولين ۾ بند رکيو ويو آهي، اڳيان وراندو هجڻ ڪري سج نظر ئي نہ ٿو اچي، ان ڪري مان قمبر شهباز جي شاعريءَ کي پنهنجي سج جي عشق ۾ ڪجهہ هيئن جهونگاربندو رهان ٿو.

"سج رهين ٿو دور، تون ڏيدين جا درد نہ ڄاڻين!"

جيڪو اصل ۾ ڪجهہ هيئن آهي.

چنڊ رهين ٿو دور

چنڊ رهين ٿو دور، تون ڏرتيءَ جا درد نہ ڄاڻين!

هِت هر آشا باندي آهي، بيوس ۽ مجبور،

چنڊ رهين ٿو دور.

هر مکڑي جڻ گهائل گهائل، هر گل ۾ ناسور،

چنڊ رهين ٿو دور.

صدين کان ڪو ساهُ سڪايل، چاهت ۾ آ چور،

چنڊ رهين ٿو دور.

ساعت ساعت سوري پائئي، منهنجو من منصور،

چنڊ رهين ٿو دور.

هاءِ! نہ ماڻيئہ چنڊ اياڳا، ڪنهن جو پيار و پُور،

چنڊ رهين ٿو دور.

چنڊ رهين ٿو دور، تون ڏرتيءَ جا درد نہ ڄاڻين!

سهيل سانگيءَ چيو: "اِهو تہ هُن چنڊ لاءِ چيو آهي"، مان چيو: "اسان کان پري تہ سج رهيو آهي نہ سهڻا". هن چيو: "ها يار سج ٿو چوين".

منهنجا بہ ڪلاڪ اک ٻوٽ ۾ گذري ويا، پوءِ مون کي بند ڪيو ويو

۽ سهيل کي ٻاهر ڪڍيو ويو. سهيل ٻه لڳاتار سج کي ڏسندو رهيو. مون چيو: "چا ٿيو سهيل! ڪيئن آهي سج؟ سهيل چيو: "سج اسان کي نٿو سڃاڻي. هُو پُڇي ٿو. ڪٽي جي مخلوق آهيو؟. مونکي ايئن گهوري چو ٿا ڏسو؟ نظر هٽي گرهڻ ڏيندؤ چا....!!! سهيل چيو: "هي بادل اڳي مونکي ڏاڍا وٽندا ها. پر اڄ مونکي هنن تي چڙ ٿي اچي. اسان ڇهن مهينن کانپوءِ ٻاهر آيا آهيون. ٽه هي سج ڏسڻ نٿا ڏين. جڏهن ٽه مان ٽريو آهيان ۽ مان سدائين هنن بادلن سان پيار ڪندو رهيو آهيان. پر اڄ هي بادل مون کي بنهه نٿا وڻن. هتي ڪوئي هجي جو هنن کي هٽائي. هي اسان جي ۽ سج جي وچ ۾ اڄ نه اچن. ٽه ڪيڏو سٺو ماحول ٺهي پوي".

سهيل ٻاهر ميدان تي نڪري لڳاتار سج کي ڏسندو رهيو ۽ ڏگها ڏگها ساهه کڻندو رهيو. مون پڇيس ٽه: "ڪيئن آزاد فضا ۽ سج جي روشني ۾ آهي نه مزو!" چيائين: "يار ڪيتري عرصي بعد ٻاهر آيو آهيان. ڪيڏو نه آزاد فضا ۾ مزو آهي". هن پوءِ بي ڪلاس جي ميدان تي ڊوڙڻ شروع ڪيو. مون چيو: "اهو چا ٿو ڪرين"، چيائين: "عضوا آڪڙجي ويا آهن ۽ رت جمي ويو آهي. انهن کي گرمائي حرڪت ۾ پيو آڻيان". "مار...!! آهين نه ٽريو فائدي واري شئي جي صلاح ٻه نه ڪيئي. اها ڳالهه مونکي ٻڌائين ها. ٽه تنهنجو خرچ ٿئي ها چا! هونئن ماڻهو ٺيڪ چوندا آهن. ٽريو ڪنهن کي پنهنجو بخار ٻه نه ڏيندو آهي". هُو مونکي نظرانداز ڪري ڊوڙندو رهيو. جڏهن ٽڪجي پيو ٽه منهنجي سامهون وارين ڏاڪڻين تي ويهي رهيو ۽ مون ڏانهن ڏسندو رهيو. جڏهن ساهه واپس آيس ٽه مونکي چيائين: "ها هاڻي ٻڪ چا ٿو چوين؟" مون چيو ٽه: "اتر جو ڊڳو ٽر جو ماڻهو". هن چيو: "اِها ڳالهه ٻه درست آهي. ٽر جا ماڻهو ماڻهو ٿيندا آهن. اتر وارا ماڻهو ڊڳي جي برابر ٿيندا آهن" سهيل چيو: "اِهو ڪم سٺو ٿيو جو جاهل جيلر مان جان چٽي پئي".

قمر شاهه جي اچڻ سبب اسان کي گهروارن کي خط لکڻ جي سهوليت ٻه ملي وئي آهي. ۽ هن چيو آهي ٽه دوست نه پر ماءُ پيءُ ۽ پائر اچن ٽه ملاقات ڪرائينداسين. مانيءَ ۾ ٻه فرق اچي ويو آهي. اسان جي ماني هاڻ

عام لنگر کان هٹي ڪري ٿوري بهتر ڪري ٿا موڪلين. جهڙو هيءُ جيلر شڪل جو سهڻو آهي، تهڙو اندر جو به ايماندار ۽ انسان دوست، آهستہ ڳالهائڻ وارو، هر وقت مرڪندو رهندو آهي. مونکي اڄ سهيل چيو: "ڪجهہ پاڻ ايڊونچر ٻہ ڪريون، ڪيڏي مهل ڪولين جي ڇت تي چڙهي ٻاهر جو نظارو ڪريون". مان هن جي چوڻ تي ڇت تي چڙهي ويس، تہ جيل جو سائرن وڄي ويو ۽ ايمرجنسي واري صورتحال لاڳو ٿي وئي.

هڪدم جيلر قمر شاهہ سميت ڏوڙندو آيو مونکي چيائين: "هڪدم لهہ هيٺ، مان لهي آيس". مان کي چيائين: "يار چريو ٿيو آهين ڇا!؟ هي ڪولين جي ڇت تي چڙهڻ جيل جي قانون جي پيڇڙي وارو عمل ٿيندو آهي، هونئن ئي ايس پي جيل قاسم علي خواجا کي توهان تي شڪ آهي تہ توهان فرار ٿي ويندا". مان چيو: " Sorry مونکي خبر نہ هئي، مان تہ ايئن جيل ۽ ٻاهر جي دنيا جو نظارو ڪرڻ پئي چاهيو". چيائين: "هاڻ تو مسئلو ڪري ڇڏيو مان تہ پروفيسر جمال ۽ ڪمال وارثيءَ کي ٻہ توهان سان گڏ رکڻ پئي چاهيو ۽ کولي بند وارو سلسلو ئي ختم پئي ڪيو پر يار تو هي حرڪت ڪري منهنجو سڄو عمل خراب ڪري ڇڏيو". پوءِ هُو مونکي بند ڪري هليو ويو ۽ پوءِ مونکي سڄو هفتو نہ کوليو ويو. مان سهيل کي سڏي چيو: "Give face" هُن سان کلي ٻہ نہ پيو ڳالهايان تہ ڪوئي ٻيٽو نہ هجي، سهيل کي ٻہ جواب نہ ڏنو ۽ چپ رهيو. هفتو بند رهياسون ۽ نيٺ هڪ ڏينهن رماند لاءِ ملٽري ڪورٽ وٽي وڃڻ لاءِ پوليس وين ۾ هٿن ۾ الڳ الڳ ڇٽي کي هٿڪڙيون هڻي ويهاريو ويو. وين هلي تہ پروفيسر مونکي چيو: "تو هي کهڙو چوتياپو ڪيو جو مس کليا هڪاسون ۽ تون ڇت تي چڙهڻ جي حرڪت ڪئي". مون چيو: "تنهنجا شاگرد آهيون، تو جيڪو چوتياپو ڪيو جنهن سبب نذير شهيد ٿي ويو، اسان جيل ۾ قيد تنهائي پيا پوگهيون، هي تو واري چوتياپي جيترو تہ ناهي"، ان تي پروفيسر لڄي ٿي پيو ۽ ڳالهہ جو موضوع مٽائي ڇڏيائين. اسان کي پوليس وين جي ڊرائيور قائدآباد ۾ پوليس وين روڪي چيو: "چانهہ پيئندا؟" اسان چيو: "اسان وٽ پئسا ناهن". هن چيو: "پئسن جي پرواهہ نہ ڪريو، مان توهان جي باري ۾ اخبارن ۾ پڙهيو

آهي. توهان انقلابي آهيو ۽ مان انقلابي پسند ڪندو آهيان" ان تي سهيل چيو: "ادا نيڪي بابت پڇبو ناهي. ڪري ڇڏبي آهي". ڪافي عرصي بعد ڪنڊ واري چانهه پيئڻ جو موقعو مليو. ڊرائيور ڊبل ڪپ گهرائي پياريا. ان تي پروفيسر چيو: "پوليس وارا تہ ڪامريڊ يا ڪامريڈن جا حامي نٿا ٿي سگهن. ڪٽي آءِ ايس آءِ وارن هن کي زهر ڏئي تہ نہ موڪليو آهي". ان تي سهيل چيو تہ: "پوءِ پروفيسر ڪلمو بہ پڙهي ڇڏ ۽ هيٺ سگريٽ جو خالي پاڪيٽ پيو هو. اُهو ڪٽي ڏنائينس تہ هن تي وصيعت بہ لکي باهر اڇلائي ڇڏ. ڪوئي نہ ڪوئي تہ ضرور ڪٽي پڙهندو".

پوءِ اتان کان پوليس اسان کي فريئر هال تي ڪٽي آئي. جتي جيل رمانڊ ورتو ويو. اسان کي هڪ ميجر اڳيان پيش ڪيو ويو هُن جي اڳيان خالي ڪرسيون پيون هيون اسان انهن تي ويهي رهياسين. ان تي ميجر باهه ٿي ويو ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو: "کھڑے ہو جائو". ان تي پروفيسر هن کي انگريزيءَ ۾ چيو: "اسان خون جا ڏوهاري نہ آهيون. مان پروفيسر آهيان" سهيل لاءِ چيائين: "هي صحافي آهي". مون ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو: "هيءُ شاگرد آهي". ڪمال وارثيءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو: "هي مزدور اڳواڻ آهي". پروفيسر جمال نقوي انگريزيءَ جو پروفيسر آهي سو هن جي انگريزي ٻڌي هيڪر تہ ميجر صفا نري ويو. پوليس وارا اسان کي ٻانهن کان ڇڪي اڌارڻ لڳا تہ ان تي ميجر چيو: "چھوڑو چھوڑو". پوءِ پروفيسر ميجر کي چيو: "اسان صرف مارشل لا هن نظام جي مخالفت ڪئي آهي. اسان سان خون جي قيدين کان بہ بدترين سلوڪ ڪيو پيو وڃي". ان تي ميجر هڪدم ڪاغذ تي جلديءَ ۾ صحيح ڪري اسان کي پيش ڪندڙ سب انسپيڪٽر حوالي ڪري پاڻ اٿيو هليو ويو. پوليس وارا اسان کي باهر ونڊي آيا. صوبيدار بار بار چئي: "بابا هي تہ ڏاڍا خطرناڪ ماڻهو آهن ڪرسين تي ويهي رهيا اُها انگريزي ڳالهائي اٿن جو ميجر بہ پڇي جان ڇڏائي آهي". ڊرائيور مڇ تي هٿ هڻي چيو: "سر! مان توهان کي چيو نہ هو تہ هي انقلابي آهن. انقلابي ڪاش مان بہ اندر هلي ڏسان ها تہ هنن انقلابين ميجر کي ڪيئن بوسٽ چاڙهيو". ان تي سب انسپيڪٹر چيو: "اڙي ڇڏ يار رڳو ميجر کي نہ. مان ڪي

بہ پوسٹ چڑھي ويو. جڏھن هي ڪرسين تي ويهي رهيا" مان چيو: "باپ ڙے اب تو نوکری گئی ، لیکن بھائی انھوں نے تو پانسا ہی پلٹ دیا". پوءِ هن چيو: "اڄ دل ٽي چوي تہ هنن جوانن کي ڪنهن هوٽل تي هلي ماني کارايان". آس پاس آءِ ايس آءِ وارا بہ ٻيٺا ها سو هنن صوبيدار کي پري وٺي وڃي ڊاهو چاڙهيو واپس جو آيو تہ صفا چُپ. چوڻ لڳو: "چلو جی چلو". اسان وري وڻ هيٺان ويٺل ٻن قيدين کان پڇيو تہ: "ڪهڙي ڪيس ۾ آهيو؟" هنن مان هڪ ڪراڙي پنجابي ۾ چيو: "پتر نون قتل کيتا اے". اسان چيس: "باھہ لڳا پٽ جو قاتل آهين". ان تي پوليس وارو جيڪو هنن سان گڏ هو ان چيو: "نہ جي نہ. هي پيءُ پٽ آهن وڏي پٽ کي آکھہ سوڏو ڪهي ڇڏيائين. هي ڇورو ان مقتول جو نڱو ياءُ آهي. هن غريب هتي اچي پنهنجي زال ٻارن کي رهايو محنت مزدوري ڪري گهر ناهيو. ٻار سڻن اسڪولن ۾ داخل ڪيا. اُهي هن ڪميني ياءُ کان برداشت نہ ٿيا. هن ڪراڙي پرمتڙيئي پوڙهي کي ورغلايو تہ هُو غيرت کان پاسيرو ٿي وهو آهي. زال ۽ ڏيئر ٿو هلائي. بس پوءِ هن وٽ مهمان ٿي رهيا. هنن کي نشو ڏئي سڄي آکھہ کي ڪهي ڇڏيو. اڄ هنن کي فوجي ڪورٽ موت جي سزا ڏني آهي"

مونکي پنجابي فلمون ڏسي پنجابي سڀي ايندي آ. مُون چيس: "او بيغرتا ، تو خدا بن گياسی ،تينوں ای اجازت کس نے دتی ، کہ خدا دے فيصلے تو کر" هن پٽ کي چمات هڻي چيو: "ای بيغرت ، اس نے ای ظلم کرايا" بہ ٽي ٻيون بہ چماٽون هڻي ڪڍيائينس.

اسان کي تہ وين ۾ ويهاري لالڙي جيل طرف روانو ڪيو ويو. پر اِهو دردناڪ واقعو ٻڌي اسان سڀ سناٽي ۾ رهياسون. اسان کان پنهنجو درد سور. قيد تنهائي ۽ ملاقاتن بند هجڻ جا عذاب ٿي وسري ويا. بس اسان اِهو سوچي حيران هئاسون تہ پيءُ پنهنجي اولاد جو قاتل ڪيئن ٿو ٿي سگهي! اُهو بہ مسلمان!! ؟؟

اسان شهيد نذير عباسي جي وچوڙي جو بہ درد وساري هڪ نئين درد ۾ ٻڏي ويا هئاسون تہ اسان کي ڪٽي ويندڙ وين هڪ جهٽڪي سان بيهي رهي. اسان ڏٺوسون تہ اُهائي قائدآباد هئي ۽ ڊرائيور لهي آيو ۽ اسان کي چيائين: "چا

کائيندؤ ٻڌايو؟" اسان چيو: "اسان کي جهڙي صبح چانهه پياري هيئي، اُها ئي پيار". صوبيدار هيٺ نه لٿو چو ته پوبان آءِ ايس آءِ وارن جي گاڏي ڪيڙ لڳل آهي پر ڊرائيور پرواهه نه ڪئي. هن اسان کي وري سڻي چانهه پياري. اسان چانهه پي روانا ٿياسين ۽ به وڳي جيل تي پهتاسون ته ايس پي جيل قاسم علي خواجا جيلر قمر شاهه سميت ماڻهن مڙئي ملي ويا. پروفيسر خواجا کي چيو: "خون جا قيدي به جيل ۾ آزاد گهمن ٿا اسان کهڙو مادر .... ضياءُ الحق جو خون ڪيو آهي جو اسان کي چوويهه ئي ڪلاڪ کولي ۾ بند رکيو ٿو وڃي". خڙاجا چيو: "پروفيسر صاحب سنڌ جو هوم سيڪريٽري توهان جو شاگرد رهيو آهي. هُو منهنجي نوڪري پيو وڃائي. مهرباني ڪري هن سان منهنجي فون تي ڳالهايو. منهنجي نوڪري بچايو. مان اڄ ڪان توهان سيني کي بي ڪلاس وارڊ ۾ گڏي ٿو رکان. جنهن ۾ سهيل سانگي ۽ شبير شر قيد آهن". پروفيسر هن کي ڪاوڙ مان چيو: "مان تيستائين تو جهڙي اذيت پرست ۽ ظالم پوليس آفيسر جي سفارش نه ڪندس، جيستائين مان کي تون پنهنجي ساٿين سان گڏ عام قيدين جيان نه رکندين". ان تي هُن مون ڏي آڏر ڪٽي چيو: "مان کولڻ لاءِ تيار آهيان پر هن کي ڪير ڪنٽرول ڪندو، جيڪو ڪڏهن بيرڪن مٿان چڙهي ٿو وڃي ته ڪڏهن قيدين کي فرار ڪرائڻ ۾ مدد ٿو ڪري". پروفيسر ان تي هن کي چيو: "هي پاڻ قيدي آهي جيڪڏهن هن ۾ ايڏي طاقت آهي جو هي بيا قيدي فرار ٿو ڪرائي ته پاڻ چو نه ٿو فرار ٿئي!. مونکي حيرت آهي ته تو جهڙي بيوقوف ماڻهوءَ کي ايس پي جيل ڪري ڪنهن رکيو آهي!؟". ان تي هن قمر شاهه جيلر کي چيو: "شاهه صاحب! هنن کي بي ڪلاس وارڊ ۾ رکو ۽ باهريون دروازو بند رکو ته هي عام قيدين سان نه ملن، باقي سڄو ڏينهن پنهنجي وارڊ ۾ ڪليل رهن".

پروفيسر ۽ ڪمال وارثيءَ کي به سهيل ۽ مون سان وٺي اچي بي ڪلاس وارڊ ۾ رکيائون. اسان جي جهڙو ڪر عيد ٿي وئي. ڪچهرين ۾ لڳي وياسون. ڪچي پڪي دال ۽ مڪين جي پراٺن واربون مانيون آيون. ڪائيندا رهياسون ۽ ڪچهريون به ڪندا رهياسون. پر پروفيسر جمال نقوي جي ماءُ مري جو گرفتاري جي سببن تي ڳالهائي.

اڄ عيد آهي ۽ باهران ڪنهن سخيءَ اسان قيدين لاءِ ڪڪڙ جو قورمو ۽ نانَ موڪليا آهن. وڏي عرصي کانپوءِ ڪڪڙ جو قورمو ۽ نان ڏسي، دل ٿي چوي ته کائون نہ بس ڏسندا ئي رهون. پوءِ نيٺ کائڻو پيو ۽ ڏاڍي مزي سان قورمو کاڏوسون. ۽ ڏاڍي سڻي ننڊ ۾ ڪئي سون. شام ٿي ته اسان کي الڳ الڳ کولين ۾ بند ڪيو ويو ۽ هوڏانهن ظالم سهيل سانگيءَ جو آلاپ اُپريو.... جانيئڙا تولئه لولو پکوڙي. مان رڙ ڪري چيو: "اڙي ظالم وري ڇا ٿيوا" سهيل چپ ٿي ويو ٿري هونئن ۾ ڳائڻ وڄائڻ ۽ آواز جا ڏاڍا سريلا ٿيندا آهن ۽ هنن جي آواز ۾ ڏاڍو درد هوندو آهي. پوءِ ٿوري دير بعد وري مان سهيل کي آواز ڏنو. "سهيل ٿورو ڳائي ته" سهيل چيو: "شبير شر تون ٻار آهين توکي نہ زال آهي نہ ٻار، مان پوئتي چار ٻار ڇڏي آيو آهيان. ادا منهنجي لاءِ وڏا مسئلا آهن اسان ٿرين وٽ نہ زمين نہ ٻي ڪا اُپت، مان پريشان آهيان ته منهنجي ٻارن جو ڇا ٿيندو"

مان چيو: "سهيل گهٻرائي نہ. پويان پنهنجا ڪامريڊ آهن اُهي تنهنجي ٻارن کي ضرور سنياليندا. بي فڪر ٿي" ان تي سهيل چيو: "شبير تون ايجان ٻار آهين. توکي خبر ئي نہ آهي. هي ڪامريڊ منهنجي ٻارن لاءِ ڪجهه ٻہ نہ ڪندا. هنن کي مان سڃاڻان"

26_01_1981

صبح جو وقت آهي شايد 8 ٿيا هوندا. ٿوري دير پهريان مقدم ڳڙ جي چانهه ۽ ڪانجهي (اڌ مانيءَ کي هتي جيل جي ٻوليءَ ۾ ڪانجهي ٿا چون) ڏئي ويو. مقدم آيو هن چيو: "اڄ توهان جي ڪورٽ آهي. ان لاءِ گهرايو اٿن". اسان گيٽ ڏانهن روانو ٿي وياسين. اڄ پوليس جو رويو اڳي کان بهتر نظر آيو. هونئن اسان کي ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڙيون هٺندا هئا. اڄ ٻن جي جوڙيءَ کي هڪ ئي هٿڪڙي هنئين وئي. مونکي سهيل سان ۽ پروفيسر ڪمال کي هڪ هٿڪڙي هنئين وئي.

منهنجي پتلون پاڇي وڃان ڦاٽل هوندي هئي. ان کي ٻہ نئين جيلر قمر شاهه جي مدد سان جيل جي درزي خاني ۾ سبرائي ورتو هو. اُها ٻہ هاڻ فضيلت ۾ اڇي وئي آهي پر ڪنگو نہ هجڻ ڪري وار پوتن جهڙا ٿي ويا

آهن. اسان کي گيٽ تي ئي ڪلارڪ ٻڌايو تہ اسان جو ڪيس سينٽرل جيل ڪراچي ۾ هلندو اسان کي خوشي ٿي تہ اُتي قيد ساڻين جام ساقي، بدر ابڙي ۽ امر لعل سان ملنداسين.

مُني ڪلاڪ ۾ اسان سينٽرل جيل ڪراچي پهچي ويا سون، جتي اسان کي گيٽ جي اندر وٽي ويا ۽ جيل سپرنٽينڈنٽ جي آفيس ۾ ويهاريو ويو اُتي ڪامريڈ جام بدر ابڙو ۽ امر لعل پهريان کان ئي ويٺا هئا. اسان کي هڪٻئي سان ملڻ ڪانپوءِ، چيو ويو تہ ٽرائل روم ۾ هلي ويهو. اسان کي حيرت ٿي تہ جام ساقي 1978ع ۾ گرفتار ٿيو هو ان کي هن ڪيس ۾ ڪيئن شامل ڪيو ويو آهي!؟ اسان ڪورٽ روم وڃي ويٺاسون. اتي حال احوال ڏناسون ۽ اهو بہ ٻڌايوسون، تہ لانڊي جيل ۾ اسان کي ڪهڙي حالت ۾ رکيو ويو لڳاتار کولي بند ۽ قيد ۾ رکيو ويو. هاڻ گڏ آهيون. اسان بہ روم ۾ ويٺاسون تہ پ پ سان تعلق رکندڙ سياسي قيدي، جن ۾ سميع منير ۽ بس ڪيس جا قيدي، جن ۾ مسرور حسن، رفيق ميمڻ، احسان شير پائو ۽ ٻيا شامل آهن. هتي جا سياسي قيدي مزن ۾ آهن. جيڪي هتي آرام سان گهمي رهيا آهن. عذاب رڳو اسان لاءِ ٺاهيو ويو آهي. اتي چانهہ بسڪوٽ بہ اچي ويا. ٻارنهن وڳي تائين ڪچهري ڪندا رهياسين، پوءِ اسان کي چيو ويو تہ جيل کان ٻاهر ڪورٽ تيار ڪئي وئي آهي، اسان کي اتي پيش ڪيو ويو. ڪورٽ جي جج پنهنجو نالو ميجر سهيل ٻڌايو ۽ چيو تہ هو هتي شاهدن جا بيان رکارڊ ڪندو. اسان چيو: "اسان جو هڪ ساڻي نذير عباسي غائب آهي، ان جي باري ۾ ٻڌايو وڃي، تہ اهو ڪٿي آهي. ۽ اسان کي پنهنجي مائٽن سان ملاقات ڪرائي وڃي، تہ جيئن اسان وڪيل ڪري سگهون _ اسان کي مائٽن کي خط لکڻ ۽ ملاقات جي اجازت ڏني وڃي".

ميجر سهيل اسان جا مطالبا ٻڌا اڻ ٻڌا ڪندي پٽيوالي کي چيو: "شاهد کي سڏيو". اسان اتي بيهي هنگامون ڪيو تہ پهريان اسان کي مائٽن سان ملاقات ڪرايو. اسان وڪيل ڪريون. خون جي قيدين کي بہ پنهنجي مائٽن سان ملڻ ۽ وڪيل ڪرڻ جي اجازت آهي. اسان کي خون جي قيدين کان بہ بدترين صورت ۾ رکيو ويو آهي. هنگامو ٿي ويو تہ ميجر جيل

سپرنٽينڊنٽ کي گهرايو ۽ چيو: "هنن کي چُپ ڪرائي" ان تي جيل سپرنٽينڊنٽ ممتاز قاضي هن کي چيو: "اهو اسان جو ڪم ناهي. ان لاءِ ڪورٽ پنهنجو طريقو اختيار ڪري". ان تي ميجر سهيل چيو: "ٺيڪ آهي مان جيل وارن کي چوان ٿو ته هُو توهان کي خط لکڻ ڏين ۽ مائٽن سان ملاقات ڪرائي ويندي".

جام ساقي ميجر کي چيو ته: "هيءَ ڳالهه ٻڌو ۽ نوٽ ڪيو ته اسان جي ساٿين جمال نقوي، ڪمال وارثي، سهيل سانگي ۽ شبير شر کي لانڊي جيل ۾ جيل وارن اِهو چئي گذريل 9 مهينن کان الڳ الڳ کولين ۾ بند ڪري رکيو آهي، ته جيل جو سپرنٽينڊنٽ چوي ٿو ته هن کي مارشل لا اختيارين اهڙو حڪم ڏنو آهي". جام چيو ته: "اُهي ڪهڙا Bastered مارشل لا وارا آهن، جيڪي پردي پٺيان ٻيهي، اهو سيڪجهه ڪري رهيا آهن". ان تي ميجر چيو: "توهان حدون پيا اورانگهيو اِهو نه وساريو ته هيءَ مارشل لا ڪورٽ آهي". ان تي اسان چيو ته: "اسان هن کي ڪورٽ ئي نٿا ڄاڻون". هن چيو: "خاموش ٿي ويهو ۽ مونکي ڪيس هلائڻ ڏيو مان توهان جا اِهي مسئلا مارشل لا جي انهن اختيارين کي پهچائيندس". پوءِ هن پوليس جي سب انسپيڪٽر اسلم نور جو بيان رڪارڊ ڪرڻ شروع ڪيو سب انسپيڪٽر بيان ۾ چيو ته: "هن ڪمال وارثيءَ ۽ شبير شر کي نارٿ ناظم آباد جي ايل بلاڪ ۾ واقعي هڪ گهر مان گرفتار ڪيو هو جتي هُو حڪومت مخالف مواد ڇاپيندا هئا". ميجر ان بيان کي ٽوڙي مروڙي لکرائڻ لڳو ته: "هنن وٽان تخريبي مواد مليو". ان تي سهيل سانگي رڙ ڪئي: "يار ڪچهري نه ڪيو هُو ٻڌو ڇا ٿو لکرائي". ان تي اسان چيو: "جيڪو شاهد بيان ڏئي ٿو ايئن لکرائي، ان کي غلط طريقي سان لکائڻ جو توکي نه اختيار آهي، نه ئي حق". هن چيو هن جو مطلب اِهو ئي آهي. اسان ان تي وري نه رڳو احتجاج ڪيو پر اُتي بيهي شور هنگامو ڪرڻ شروع ڪيوسين، ان تي ميجر به سمجهي ويو ته هن وقت تائين هن جن ماڻهن تي ڪيس هلايا آهن، هي قيدي انهن کان بنهه مختلف آهن. پوءِ هن اهو ئي لکرايو ته: "ڪمال وارثي ۽ شبير شر وٽان حڪومت مخالف مواد هٿ آيو".

جڏهن شاهد انسپيڪٽر اسلم نور جو بيان مڪمل ٿيو ته ميجر مونڪي چيو ته: "شبير شر هن شاهد کان سوال ڪندو". مون چيو ته: "مونڪي پهريان پنهنجي مائٽن سان ملاقات ڪرائي وڃي، ته جيئن مان وڪيل ڪري سگهان. هي ڪهڙي عدالت ناهي آهي توهان، جنهن ۾ وڪيل ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ ڪيس هلايو پيو وڃي". ان کانپوءِ هن ڪمال وارثيءَ کي چيو ته هو سوال ڪندو. هن به چيو: "جيڪو جواب منهنجي ساڻي ڏنو آهي، منهنجو به ساڳيو ئي جواب آهي". هن پروفيسر جمال نقويءَ کي چيو ته: "تون سوال ڪر". هن چيو ته: "مونڪي پهريان آرمي ايڪٽ جو سيڪشن 7 پڙهائي، ته پوءِ سوال ڪندس". چو ته هُو ڪيس جي شروعات ڪرڻ کان هلندڙ ڪيس تائين، چئي رهيو هو ته هُو آرمي ايڪٽ جي سيڪشن 7 مطابق ڪيس هلائي رهيو آهي. شايد اهو سيڪشن هن پاڻ به نه پڙهيو هوندو، هن کي شايد آرمي جي ايڊووڪيٽ جج رڳو سيڪشن ئي ٻڌايو هوندو. ان تي ميجر سهيل وڏي آواز ۾ چيو: "مسٽر نقوي سوال پڇندو يا نه؟" پروفيسر به ان ئي لهجي ۾ آواز ۾ جواب ڏنو ته هو سندس سوال جو جواب ڏئي چڪو آهي. ميجر کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، ته هي جوابدار آهن ۽ هُو مارشل لا ڪورٽ جو جج آهي. سو هن به زور سان چيو: "فول، (بيوقوف)". اسان به سڀني زور سان جواب ۾ چيو: "ڊيم فول، (تون انتهائي درجي جو احمق آهين)". ميجر ان تي پوليس وارن کي رڙيون ڪري چوڻ لڳو: "هنن کي چپ ڪرايو". پوليس وارا چُپ ڪيو ويٺا رهيا. جڏهن ميجر ڏٺو ته قيدي بلڪل مختلف آهن، سو هن هڪدم چيو: "I am sorry"، پروفيسر صاحب! توهان جي رويي مونکي آپي مان ڪڍي ڇڏيو". ان تي امر لعل چيو:"

Don't be sorry but improve yourself

هن کي ويتر باهه وٽي وئي، ته هي واٽيون ٽي ڪري ايئن چئي رهيو آهي. ان تي وري هن کان نڪري ويو: "Shut up"، اسان سڀني جواب ڏنو: "you shot up". اسان چيو: "بائيڪاٽ آهي، اسان هن ڪورٽ ۾ ڪيس نه هلائينداسين". اسان باهر نڪري بيهي رهياسون. ان تي هن وري جيل سپريٽينڊنٽ کي گهرايو. اُهو اندر ويو ۽ ٿوري دير بعد باهر آيو. هن اسان کي

چيو: "منهنجي آفيس اچو هُو ڪو پروفيسر جمال جو شاگرد رهيو آهي. اسان ايس پي جيل جي آفيس ۾ وڃي ويناسين. اتي هن چانهه گهرائي ورتي. اسان چانهه پيتي سين. پوءِ هُن چيو ته: "هي مارشل لا ڪورٽ آهي. توهان بائيڪاٽ ڪندا. ته هُو توهان جي پرپٽ ڪيس هلائي توهان کي سزا ڏئي ڇڏيندا". ان تي سهيل سانگيءَ چيو: "پل هلائين. روبرو يا پرپٽ. هنن سزا جو فيصلو ته اسان کي گرفتار ڪرڻ واري ڏينهن کان ڪري ڇڏيو هوندو. هونئن به هن ڪورٽ کي رڳو سمري آف ايويڈنس هلائي. ڪيس مٿي ڪورٽ مارشل کي موڪلڻو آهي. اسان هڪ جاهل ميجر جي اڳيان چپ سبي ته نه ويهنداسون". جام ساقي چيو ته: "اسان کي وڪيل ڪرڻ جو موقعو ئي نه ڏنو وڃي. اسان جو ساٿي شهيد ڪيو ويو آهي. ان جو ڪيس داخل ڪرڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي _ ملزم اڃي منصف ٿي ويٺل آهن". ان تي اسان چانهه پي باهر نڪتاسين. ته ميجر اسان کي ڪورٽ ۾ اچڻ لاءِ چيو جنهن تي اسان ڪيس چيو: "اسان تيستائين تنهنجي ڪورٽ ۾ نه ايناسين. جيستائين اسان کي پنهنجي وارٽن کي خط لکڻ ۽ ملاقات جي اجازت نه ڏني ويندي. ۽ وڪيل نه ڪرڻ نه ڏنو ويندو ۽ تون ميجر. جيستائين پروفيسر جمال سان ڪيل بدتميزي جي معافي نه ونندين". اسان واپس ڪورٽ ۾ وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته نيو ٽائون جي ڊي ايس پي ممتاز برني کي گهرايو ويو هُن ايندي ئي اسان کي تڙيون ڏيڻ شروع ڪيون. ان تي جام ساقي چيس: "تون هڪڙو نندڙو پوليس آفيسر آهين. اسان تنهنجي پيءُ ضياءُ الحق کان ئي نٿا ڊجون". ان تي هو اندر ڪورٽ ۾ هليو ويو ڪافي دير بعد واپس آيو ۽ پوليس وارن کي چيائين: "هنن کي جيل تي وٺي وڃون". پوليس جام ساقي. بدر ابڙي ۽ امر لعل کي سينٽرل جيل ڪراچي وٺي وئي. ۽ اسان ڇٽن ڇٽن سهيل سانگي. ڪمال وارثي. پروفيسر ۽ مونکي لانڊي جيل تي آڻي ڇڏيائون.

اسان جيڪو ڪالهه پنهنجو ڪيس وڙهيو. ان جي نندڙي ڪاميابي تي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پنهنجي ڪميونسٽ هجڻ تي فخر محسوس ٿيو.

شام جو جيلر قمر شاهه ملڻ آيو هن بڌايو ته هنن وٽ ڊي ايم ايل اي (ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر) جو حڪمنامو آيو آهي ته اڳتي جڏهن به ڪنهن سولين قيدين کي فوجي ڪورٽ مارشل اڳيان پيش ڪيو وڃي ته ان کي ٻنهي هٿ ۾ هٿڪڙيون هڻي، پوءِ پيش ڪيو وڃي. اسان کي ڏاڍي حيرت ٿي، ان تي جام ساقيءَ چيو ته: "هونئن به عام قيدين کي سيشنس ڪورٽن کان ويندي، هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ هٿڪڙيون لاهي پوءِ پيش ڪيو ويندو آهي. مسئلو رڳو ان جو ناهي ته هي فوجي ڪنهن ٻئي ملڪ مان آيل آهن. اصل ۾ هي هڪ ته پنهنجي احساس برتري ۽ ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهن ۽ هي اذيت پرستانه طريقن ۾ روزانو ڪو نه ڪو واڌارو ڪندا ٿا رهن". سهيل چيو: "اهو اڄ واري جهيڙي جو جواب آهي. خير پاڻ جهيڙي ۾ ته اڳي ئي آهيون، اسان لاءِ ڪو فرق نٿو پوي".

02_02_1981

جيل جو حوالدار صبح جو ستين وڳي ئي اچي ويو هڪ ته ڏاڍو سيءُ هو، سو وهنجڻ لاءِ نه ٽوال نه صابڻ، سو هٿ مُنهن ڏوئي، جڏهن جيل جي گيٽ تي پهتاسون، ته هڪ صوبيدار پنج اٺ پوليس وارن سان گڏ بيٺو اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. هن پوليس وارن کي اشارو ڪيو، ته اُهي هڪ هڪ جڻي ڪٻي ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڙيون هڻڻ لڳا. اسان پڇيو: "هي ڇو پيا هڻو؟" صوبيدار چيو: "مارشل لا وارن جو حڪم آهي ته توهان کي هنن سامهون ٻئي هٿڪڙيون هڻي پيش ڪيون". سهيل سانگيءَ چيو: "هٿڪڙيون لڳرايو هلون، باقي ملاکڙو اُتي هلي ٿا ڪريون. هنن ويچارن جي هٿ وس ڪجهه به ناهي، هي حڪم جا غلام آهن".

اسان لانڊي جيل کان پوليس وين ذريعي ڪراچي جيل پهتاسين، جتي جيل جي گيٽ سامهون مارشل لا ڪورٽ ناهي وئي آهي. اُتي جڏهن اسان وين مان لٿاسون، ته ڪافي ماڻهو جن ۾ مرد ۽ عورتون هيون، اسان ڏي وڌڻ لڳا ته پوليس هنن کي روڪي ورتو. انهن ۾ هڪ ڳاڙهي وارن واري ڀيڙي عورت به هئي، جنهن جي هڪ هٿ ۾ چانهه جو ٿرماس ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽِفن هو. هن پري کان اسان کي سلام ڪيو ۽ پوءِ هڪدم ويجهي هلي آئي، چوڻ

لڳي: "شڪر آهي توهان زندهه آهيو". اسان چيو: "شهيد ته صرف هڪ ساڻي نذير کي کيو اٿن". هن چيو: "نه اسان کي ٻڌايو ويو هو ته توهان چارئي به شهيد ٿي ويا، چو ته ان رات جو جناح اسپتال ۾ نذير کان علاوه چار لاش پيا به هئا، جيڪي پروفيسر جمال، سهيل سانگي، ڪمال وارثي ۽ شبير شر جا ٻڌايا ويا هئا". اسان ڏٺو ته سڀني ساٿين جي چهرن تي خوف سان گڏ هڪ عجيب رونق به هئي، پوليس هن ٻيڙي عورت کي به پري ڏکي ڇڏيو هن اسان لاءِ ناشتو آندو هو، اُهو به نه ڏيڻ ڇڏيائون.

ايتري ۾ جام ساقي، بدر ابڙو ۽ امر لعل وارن کي به جيل مان پوليس ٻاهر وٺي آئي، پوءِ 9 وڳي اسان کي ڪورٽ ۾ سڏيو ويو. اسان اندر ويندي ئي هنگامو کيو. جام ساقي ميجر کي چيو ته: "تون اهو ٻڌائي، ته تون ڪهڙي ملڪ جي فوج جو ميجر آهين؟"، هن چيو: "پاڪستان جو"، پوءِ جام چيو: "اسان ڪٿي جا آهيون؟"، هن چيو ته: "توهان به پاڪستاني آهيو"، جام چيو: "پوءِ تو هي پوليس کي حڪم چو ڏنو آهي، ته اسان کي ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڑيون هڻي تو وٽ پيش کيو وڃي؟". هن چيو: "مان نه چيو آهي". ان کانپوءِ ميجر ان صوبيدار کي گهرايو جيڪو اسان کي ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڑيون هڻي وٺي آيو هو. ميجر هن کي رڙ ڪري چيو: "گڏهه جا پٺا مان توکي چيو آهي ته هنن کي ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڑيون هڻ...!؟". هن چيو: "سائين جيلر اسان کي چيو ته هنن کي مارشل لا اختيارين کان حڪم مليو آهي، ته سولين قيدين کي هنن اڳيان ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڑيون هڻي پوءِ پيش کيو وڃي. ميجر هن کي چيو: "کول، ۽ هڪ هڪ هٿ ۾ هڻ". پوءِ هن چيو: "صاحب ڪُنجي جيُل تي ڇڏي آيا آهيون". اسان چيو: "ٻاهر اسان جي ملاقات آئي آهي ۽ هي ملڻ نٿا ڏين، پهريان اسان جي ملاقات ڪرايو". ميجر هن کي چيو: "هنن کي وٺي وڃ ۽ ملاقات ڪرائي"، پوءِ هُو اسان کي ٻاهر وٺي آيو. ٻيڙي به ٻوڙندي آئي. جنهن لاءِ سهيل سانگي ٻڌايو ته آپا ممتاز نوراني آهي، پارٽي جي پراڻي ساٿياڻي آهي. هُن پاڻ سان گڏ چانهه پاپا انڊا سلائس آندا هئا، اُهي اسان کي ڏنائين. گرم چانهه ۽ آنن سان پهريون پيرو ماني ملي، ڏاڍو مزو آيو. ٻيا ساٿي به ملڻ، انهن ۾ شاهينه ۽ هڪ ٻيون عورت

ساٿياڻيون هيون، جن کي مان نہ سڃاڻان، سڀ اسان کي زنده ڏسي خوش ۽ هڪا ٿہ حيران ۽...

وري واپس ميجر سڏرايو ۽ هن شاهدن کي سڏايو. اسان چيو: "جيستائين اسان جي پنهنجي مائٽن سان ملاقات نہ ٿيندي ۽ وڪيل نہ ڪرڻ ڏنا ويندا، تيستائين اسان جو بائيڪاٽ جاري رهندو". هونئن ۽ ڪالهہ واري بائيڪاٽ جي ۽ خبر، چون ٿا ٹہ بي بي سي تان ۽ هلي هئي ۽ اڄ سينسر هوندي ۽ سيني سنڊي اردو اخبارن ۾ ۽ ڪٿي سٽي ڇاپي اٿن. ان جو ۽ ميجر تي اثر هو _ سو هُو اڄ، ڪالهہ جُي پيٽ ۾ وڌيڪ نرم نظر آيو. هن چيو ٹہ: "ان وچ ۾ جيل وارن کي ۽ چئي ٿا ڇڏيون جي وڪيل ملڻ اچن، ٹہ انهن سان ۽ توهان کي ملڻ ڏنو وڃي". 16 مارچ جي تاريخ ڏني وئي، اسان سوچيو هي ٹہ روز ڪيس هلائيندو پر اڄ ايڏي ڏکهي تاريخ ڏئي ڇڏيائين.

اسان جيل جي دروازي تي پهتاسون، ٹہ اتي جيل جو سپريٽينڊنٽ قاسم علي خواجا ۽ جيلر قمر شاهہ بينا ها. اسان حيران ٿياسون، هي ٹہ هتي ايندا ئي ناهن...! قاسم علي خواجا چيو: "پي آءِ اي جو جهاز اغوا ٿي ويو آهي، اغوا ڪندڙن سياسي قيدي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي، انهن ۾ توهان جا نالا ۽ ڏنا اٿن، توهان تيار ٿيو جو پوليس جون گاڏيون اچڻ واريون آهن" اسان چيو ٹہ: "اسان کان اِهو سوال لکت ۾ پڇو". تيستائين اسان پنهنجي وارڊ ۾ هليا وياسون. مون ۽ ڪمال چيو: "هلڻ گهرجي، هتي قيد ڪٽي ڇا ڪنداسون". ان تي سهيل چيو: "بيوقوف، خبر ناهي ٹہ جهاز اغوا ٿيو ۽ آهي يا نہ؟ جي ٿيو ۽ آهي ٹہ اغوا ڪرڻ وارا ڪير آهن؟ اسان جو ها ڪريون، ۽ سياڻي وري اسان تي جهاز اغوا ڪرائڻ جو ڪيس لڳي وڃي، پوءِ ٹہ موت جي سزا کان ۽ بچي نہ سگهنداسين". مان چيو: "يار سهيل! تون ٹہ وڏو فتنو آهين، هروپرو الائي ڪٿان ٿو اهو واٽڪو دماغ آڻين". پروفيسر ۽ چيو: "اِها ڳالهہ ٹہ ٹيڪ آهي"، ايتري ۾ جيلر ليٹر ڪڍي آيو. جنهن ۾ لکيل هو:

Are you willing to go Afghanistan if you released

اسان اهو ليٹر وٺي پڇيوسون ٹہ: "اغواڪار ڪير آهن؟" هن چيو: "ريڊيو تي خبرون ٿيون هلن، ٹہ مرتضيٰ ۽ٹو الذوالفقار ناهي، ان ذريعي

مسافر بردار جهاز اغوا ڪرائي افغانستان ڪٽي ويا آهن، جتي هڪ ميجر کي جهاز مان لاهي گولي هڻي ماري ڇڏيو اٿن. باقي مسافرن لاءِ چيو اٿن ته سياسي قيدين کي نه ڇڏيو ويو. ته هنن کي به هڪ هڪ ڪري مارينداويندا". ان تي اسان چيو ته: "الذوالفقار سان اسان جو ڪو تعلق ناهي، اسان جو انڪار آهي، اسان نه وينداسين" جيل وارن سان ڳالهيون ڪندي رات ٿي وئي، منهنجو زور اِهو ئي هجي، جهاز اغوا ڪنهن به ڪيو آهي، اسان کي آزاد ٿيڻ گهرجي! ان تي پروفيسر چيو: "بيوقوف، پوءِ واپس ڪڏهن به اچڻ نه ڏنو ويندو، جي آياسون ته گولي هڻي ماري ڇڏيندا يا پڪڑي ڦاسي ڏئي ڇڏيندا" ان تي مون چيو ته: "مان ته هرگز موٽي نه اِيندس ۽ مان ته وڃان ٿو توهان کي ڦاسيءَ تي چڑهڻو آهي ته چڑهو، منهنجو توهان سان ڪو تعلق ناهي". ان تي پروفيسر، سهيل سانگيءَ کي چيو: "يار هن چريئي بلوچ کي سمجهائي". ان تي سهيل چيو: "ڳالهه ته شبير غلط ڪونه ٿو چوي، مان به ان ئي راءِ جو آهيان ته هليا هلون، هاڻ ته ڪو ڊرامو ناهي". ان تي ڪمال به چيو: "اسان کي موقعو مليو آهي ته هليا ٿا هلون، مان سويڊن هليو ويندس جو منهنجا پائر اتي ٿا رهن". اسان پاڻ ۾ ته اختلاف ڪيوسون پر جيل وارن کي چيوسون، ته اسان جلاوطن نه ٿيندا سين ۽ هاءِ جيڪرن جي مطالبي تي باهر نه ويندا سين.

05_03_1981

پوءِ اسان کي رات جو بند ڪيو ويو. سهيل سانگيءَ کولي نمبر 1 ۾، پروفيسر 2 ۾، مان 7 نمبر ۽ ڪمال 10 نمبر ۾ هو. رات جو ڪڙاڪ ڪڙاڪ سان دروازا کلڻ جو آواز آيو. سهيل چيو: "مون کي وٺيو ٿا وڃن". ان تي پروفيسر وٺي زور سان رڙيون ڪيون: "واپس ڪريو نه ته اسان پنهنجا متا ڦاڙي ڇڏينداسون" مان ۽ ڪمال خاموش ٿي بيٺا ٻڌندا رهياسون. ڪمال چيو: "پروفيسر کي الائي ڇو ڪُٽي ڪنيون بيٺي آهي"، نيٺ هنن پروفيسر جو به دروازو کوليو ۽ ڪافي دير بعد منهنجو دروازو کولياٿون، ته مان قمر شاهه کي چيو: "چا پيا ڪريو؟". هن چيو: "في الحال توهان جا فوٽا ٿا ڪڍون، جو پاسپورٽ ٺهندا". مون چيو: "سهيل کي ڪيڏانهن ڪيوَ؟"، هِن چيو: "سهيل

بہ باھر بيٺو آھي". جنھن تي قمر شاھ وراڻيو: "ھن پاڳل پروفيسر ھروپرو کٽي پنگڙو وڌو آھي". مان چيومانس: "منھنجو فوٽو ڪڍ". جنھن تي ڪولي ڪولي منھنجو فوٽو ڪڍيائون. ڪمال چيو: "مان ڪڍرايان"، مون چيو: "ڪڍرائي. ھن پروفيسر اسان جو اڳ" بہ ذري گھٽ سِر وڃايو آھي. وري ھي موقعو بہ ٽو وڃائي" ھُو فوٽو ڪڍي ھليا ويا ۽ سھيل کي واپس ڪوليءَ ۾ بند ڪري ويا. پروفيسر پُڇيو: "ڪير ڪير آھي؟". مان ۽ ڪمال وارٽي ڪافي دير تائين چپ رھياسين. پروفيسر سھيل کان پڇا ڪئي تہ: "ھنن ڇورن کي کٽي ويا ڇا؟". سھيل چيو: "مونکي تہ ويندي نظر نہ آيا". ٽيڪ ڪافي دير بعد پروفيسر ڪمال کي زور زور سان سڏڻ لڳو. تہ ڪمال جواب ڏنو. ھن کان پڇيائين: "ڪٽي آھين؟" ھن چيو: "ڪابل ۾". ان تي پروفيسر چيو: "شبير کٽي آھي؟". ان تي ڪمال جواب ڏنس تہ: "ھُو بہ مون سان گڏ آھي". پوءِ ھُو چپ ڪري ويٺو.

13_03_1981

اسان کي سڄو ھفتو وري کولي بند ڪيو ويو. جيلر قمر شاھ ايندو رھيو ۽ ٻڌائيندو رھيو تہ حڪومت لڳاتار بي بي سي تان خبرون نشر ڪرايون آھن. تہ 7 ڪميونسٽن جھاز جي ھائيجيڪرن جي مطالبي تي آزاد ٽيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آھي. پوءِ باقي قيدي آزاد ٽي ھليا ويا آھن _ شايد ڏينھن ۾ جھاز ۽ مسافرن کي بہ ڇڏيو وڃي. اسان پڇيو: "جام ساقي. امر لعل ۽ بدر ابڙي جو ڇا ٿيو؟". ھن چيو: "شايد اُھي بہ نہ ويا آھن". ھن چيو: "مارشل لا اختيارين وارا اسان تي ڏمريل آھن. تہ اسان توھان جو پاڻ ۾ رابطو ڪرايو ان ڪري توھان سيئي ھڪ ئي ڳالھ تي ٻيٺا رھيا آھيو".

20_03_1981

ھائيجيڪ ٿيل جھاز بوئنگ پي ڪي 720 جو قصو پورو ٿيو. اڄ اخبارون مليون آھن. انھن لکيو آھي. تہ 55 ڪن سياسي قيدين کي 142 مسافرن جي آزاديءَ بدلي. شام جي شھر دمشق جلاوطن ڪيو ويو آھي. انھن ۾ جيئي سنڌ جا شاھ محمد شاھ. قادر بخش جتوئي ۽ حيدر شاھ بہ شامل آھن. اھا بہ خبر آھي تہ جام ساقي کي ھائيجيڪرن جي مطالبي تي نہ وڃڻ

ڪري ڏنڀا ٻيڙيون هٽي سينٽرل جيل سکر موڪليو ويو آهي ۽ اتي شايد ڪيس بند وارڊ ۾ رکيو ويو آهي. هائيجيڪنگ سبب اسان جي ڪيس جي ڪارروائي بہ رڪيل آهي.

21_03_1981

ٻار قيدي ۽ جيل جا ملازم پريشان آهن. تہ هي (يعني اسان) ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيون يا تہ خبرون اِهي هيون. تہ هنن کي فوجي ڪورٽ موت جي سزا ڏيندي. اهڙي صورت ۾ وري هنن کي آزاد ڪرڻ جو بہ چيو ويو ــ هنن اُهو موقعو بہ وڃائي ڇڏيو. هُو اسان کان وري وري ساڳيا سوال ٿا ڪن. نيٺ جيلر قمر شاهہ پروفيسر کي چيو: "توهان رکاوٽ بڻيل رهيو نہ تہ شبير شر ۽ ڪمال وارثي سؤ سيڪڙو راضي هئا". پروفيسر اسان ڏي ڏسندي چيو: "ها". اسان چيو: "بلڪل. تو اسان جو موقعو وڃايو آهي. توکي فوجي ڪورٽ ڪجهہ نہ ڪندي. سزا بہ اسان ٻنهي کي لڳندي". هن چيو: "اِهو وري ڪيئن...!؟". مون چيو: "صاف ظاهر آهي. هن وقت تائين جيڪي بيان هليا آهن. اُهي اسان ٻنهي جي ئي خلاف آهن. توهان کي ڇا ٿيندو!؟ ڪيس تہ اسان جي خلاف تيار ڪيو ويو آهي". ان تي پروفيسر سهيل ڏانهن ڏٺو تہ: "سهيل بہ چيو: "صحي ٿا چون. هن وقت تائين ڪيس جي شاهدن جا بيان هنن ٻنهي جي خلاف آهن".

ان تي پروفيسر چُپ ٿي آسمان ۾ ترندڙ ڪارن بادلن کي ڏسڻ لڳو جيڪي هلڪي هلڪي بوند وسائيندا. اتر طرف هلندا ٿي ويا.

22_03_1981

اڄ اسان کي لانڊي جيل کان سينٽرل جيل ڪراچي بدلي ڪري بند وارڊ ۾ آندو ويو آهي. جتي پ پ ۽ ايم آر ڊي سان تعلق رکندڙ بہ ايڊائي سؤ ڪارڪن بند آهن. جن ۾ پ پ جو محمد عمر. ولي محمد لاسي. خدا بخش لاسي. اقبال. رضا عباس ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا صفت رند ۽ نواز بٽ بہ شامل آهن. هتي اسان کي کولين ۾ رکيو ويو آهي. لانڊي جيل جي بُوسٹ ختم ڪري ڇڏي آهي. هتي جهڙوڪر ميلي وارو ماحول لڳو پيو آهي. گڏيل ميس آهي. صبح جو بہ پاڻ ناشتو پچائيندا آهيون. جو هتي ڪميون ناهي

وئي آهي. ڪميون جو چيئرمين محمد عمر آهي، جيڪو ڏاڍو چالاڪ ۽ هر فن مولا ماڻهو آهي، رڌ پچاءَ جو به ماهر آهي. هتي ڪميون ٽانون ڏوئڻ جو به وارو رکي چڏيو آهي. صبح جو نيرن ۾ پرانا، شاهي ٽڪڙا، اندا هاف فراءِ، فل فراءِ ۽ آميلٽ ناهي کائيندا آهيون. جيل جو تصور به ختم ٿي ويو آهي، تاش کيڏندا آهيون ۽ واڪ پڻ ڪندا آهيون.

23_03_1981

اڄ اسان جا ڪراچي جيل ۾ قيد ساٿي بدر ابڙو ۽ امر لعل ملڻ آيا، امر لعل جنهن کي شهيد نذير "چوڙو" سڏيندو هو سو هن جي اُها عادت اڄ به ختم نه ٿي آهي. اڄ به ايندي ايڏا هوائي ڪارتوس چڏيائين ته: "ضياءَ وڃي پيو. جهاز جي اغوا بعد آمريڪي سرڪار ضياءَ تي ڪاوڙجي پئي آهي. سو هاڻ چون ٿا ته متان جنرل رحيم Take over ڪري وڃي" بدر جي طبيعت اهڙي آهي جو هُو سدائين ڳالهائيندو گهٽ ۽ ٻڌندو گهٽو آهي، ۽ جيڪا ڳالهه ٻڌندو آهي، ته پنهنجي ڪنن ۽ دماغ کي وٺ تارازي ٻڌائي پيو تورينندو آهي. مجبور ڪرڻ تي به رڳو ايترو چوندو: "ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي، ڪجهه ترسو ته ڏسون، ڪا ڳالهه چٽي ٿئي ٿي يا نه".

24_03_1981

هِن بند وارڊ ۾ روز نيون خبرون اڏامنديون ٿيون اچن. اڏامنديون جو مطلب آهي ته ملاقات ڪنهن جي به ناهي. اخبارون اڳ ۾ ئي سينسر ٿي، پوءِ ڇپجن ٿيون. باقي رهيل خبرن کي به جيل وارا ڏينچي هٽي اخبار مان خبريت ئي ختم ڪري ٿا چڏين. هڪ خبر اها آهي، ته مس بينظير ڀٽو ۽ بيگم ڀٽو کي گرفتار ڪري ڪوٽ لکپت جيل ۾ رکيو ويو آهي. بي خبر اِها پئي هلي ته هائيجڪنگ ڪيس ۾ لاڙڪاڻي مان سيف الله خالد، ڪراچي مان ناصر بلوچ ۽ ملڪ ايوب کي گرفتار ڪرڻ بعد مقابلو ڏيکاري ماري چڏيو اٿن. هتي هائيجيڪنگ جي بهاني روزانو سوين پ پ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻائي، نازڪ زخمي حالت ۾ هتي جيل ۾ اڇلائي ٿا وڃن. اُهي زخمي هتي پهچڻ بعد ايترو ته سخت ڊنل آهن جو پاڻ کي پ پ ورڪر ته چا، سياسي قيدي سڏائڻ لاءِ به تيار ناهن. گهٽا ته

اسان ڪميونسٽن کان ڇرڪن ٿا. ته اسان سيني کان وڌيڪ خطرناڪ آهيون. جو اسان هائيجيڪرن جي مطالبي کي رد ڪندي ٻاهر وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

اڄ شام ڇڪر پئي لڳاياسين. ته هڪ قيدي کولي ۾ اڪيلو بند بيٺو روئي رهيو آهي. ڇيائين پئي ته: "مون کي اڪيلو بند ڪيو اٺن. هتي رات جو سرڪتا (سر ويل ڏڙ) نڪرندا آهن ۽ اڪيلي ماڻهوءَ کي کائي ڇڏيندا آهن. مونکي ڪڍرايو". اسان چيس: "جنهن کي سِرُ نه هوندو اُهو کائيندو ڪيئن؟". نيٺ اسان بند وارڊ جي انچارج حوالدار کي منٿ ميڙ ڪري ڪيس هڪ ٻي کوليءَ ۾ موڪلرايو. جتي ٽن قيدين کي گڏي بند ڪيو ويندو آهي. جڏهن پروفيسر کي اِها سِر ڪٿي جي ڪهاڻي ٻڌائي وئي. ته هن کي سمجهه ۾ ئي نه پئي اچي! سو سهيل جسم جي هيٺين حصي ڏي اشارو ڪري چيس ته: "سِر ڪٿو ته مون وٽ به آهي. تو وٽ به آهي". پوءِ وڃي پروفيسر جمال کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي.

24_03_1981

اڄ نواز بٽ کي آزاد ڪيو ويو ان کان پهريان پروفيسر جمال هن کي ڏاڍيون منٿون ڪيون. ته پارٽي جي سموري قيادت گرفتار ٿي وئي آهي يا جلاوطن آهي. ٻاهر قيادت جو بحران ٿي ويو آهي. سو واپس اچي ۽ متحرڪ ٿئي. ان تي نواز بٽ ڏاڍي مهذباڻي انداز ۾ چيس ته: "ماسٽر صاحب! (پروفيسر کي اڪثر دوست ماسٽر سڏيندا آهن) تو مونکي معمولي ڳالهه تان پارٽيءَ مان ڪڍيو چو هو؟ توهان پارٽي مان ڪڍو پنهنجي مرضيءَ تي ٿا ۽ واپس به پنهنجي مرضيءَ تي ٿا آڻيون. سو مونکي سوچڻ ڏيو ۽ زال سان به مشورو ڪري ونان". ايئن چئي هُو موڪلائي هليو ويو ته پروفيسر ڪافي دير تائين گم سُم رهيو.

26_03_1981

اڄ جيل سپرنٽينڈنٽ ممتاز قاضي اسان جي بند وارڊ ۾ آيو ان کان پهريان ڏاڍيون سيٽيون وڄيون. جڙ ڪوئي بادشاهه پيو اچي. عام قيدي ڪنڊ هيٺ ڪري ويهي رهيا. اسان به قطار ناهي بيناسون. تڏهن هن جي

نظر پروفيسر تي پئي تہ ڏوڙندو آيو "اري اري سر کي ڪنهن بيهاريو آهي، مان تہ اردو ڪاليج ۾ هن وٽ پڙهيو آهيان". وڃڻ مهل پروفيسر کان پڇيائين تہ: "ڪا تڪليف تہ ناهي؟" پروفيسر چيو: "تڪليف ئي تڪليف آهي، لانڊي جيل ۾ بہ لڳاتار بند وارڊ، هتي بہ بند وارڊ ۾ رکيو ويو آهي". ان تي هن حڪم ڪيو تہ: "پروفيسر کي 22 نمبر بئرڪ ۾ وٺي وڃون". پروفيسر چيو: "مان اڪيلو نہ ويندس، منهنجا چار ساٿي آهن، ٻيو هي بہ سڀ جا سڀ سياسي قيدي آهن" ان تي هن چيو: "توهان پنهنجي ساٿين سان گڏ شفٽ ٽيو ۾ هنن ٻين تي فوجي سرڪار ڪاوڙيل آهي، هنن کي في الحال هتي ئي رهڻ ڏيو". پروفيسر چيو تہ: "پوءِ اسان بہ هتي ئي ٺيڪ آهيون"، ان بعد هُو هليو ويو. هتي موجود پ پ سان تعلق رکندڙ سياسي قيدين، جڏهن پروفيسر جو اِهو موقف ٻڌو آهي، تہ هنن جي نظر ۾ اسان جي نہ رڳو عزت وڌي وئي آهي، پر اهڙن قيدين جي اڪثريت، جن مارشل لا وارن جي مار موچڑي جي ڏوَ سبب پاڻ کي سياسي قيدي ئي نٿي سڏرايو اُهي بہ بيخوف ٿي پيا ۽ پاڻ کي سياسي قيدي سڏائڻ لڳا آهن.

27_03_1981

هتي پ پ ۽ ايم آر ڊي جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي آمد جو سلسلو جاري آهي، اڄ خبر پئي تہ ايم آر ڊي جي ڪنوينر ۽ مسلم ليگ (خواجا خيرالدين گروپ) جي سربراهہ خواجا خيرالدين، مزدور ڪسان پارٽي جي سربراهہ فتحياب علي خان، پ پ جي پيار علي الانا، سيد امداد شاهہ، عبدالله بلوچ، محمد حسن ڏنجي، حاجي عثمان ميمڻ جن کي، وري جيل جي ٻين واردن ۾ رکيو اٿن. اسان کان پ پ جا ورڪر بار بار اِهو پڇي رهيا آهن تہ: "الذوالفقار جيڪو جهاز اغوا ڪرايو اهو درست هو يا غلط؟" اسان جو مؤقف آهي تہ: "غلط هو هڪ تہ اغوا جي عيوض سياسي ڪارڪنن کي مسافرن جي عيوض آزاد ڪري سڏائين لاءِ جلاوطن ڪيو ويو آهي، ۽ سڄي ملڪ مان ان کان هزارين پ پ ۽ ايم آر ڊي ۾ شامل پارٽين جا ڪارڪن گرفتار ڪري، ايم آر ڊي کي بي ساهو بڻايو پيو وڃي. جيڪا تحريڪ هلائڻ لاءِ ناهي وئي هئي، ان کي بي تحرڪ بڻايو پيو وڃي.

سو جهاز اغوا ڪرڻ واري عمل سان مارشل لا سرڪار کي سگهارو ڪيو ويو آهي. ۽ ايم آر ڊي کي ڪمزور ڪري ان جي تحريڪ هلائڻ واري سموري سگهه ختم ڪئي وئي آهي. اصل ۾ اهو منصوبو به مارشل لا وارن جوئي آهي، باقي مير مرتضيٰ، شاهنواز پٽو ۽ هن جا ساٿي استعمال ٿيا آهن".

28_03_1981

اڄ وري اطلاع آهن ته مس بينظير پٽو ۽ بيگم نصرت پٽو کي به ڪوٽ لکپت جيل کان منتقل ڪري هن جيل جي اسپيشل وارڊ ۾ رکيو ويو آهي. چون ٿا ته شايد بنهي تي تشدد ڪيو ويو آهي جو بار بار ليڈي ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽر شريف کي اوڏانهن ايندي ويندي ڏٺو ويو آهي. هي ٻئي ماڻ ڏيڻ ڪنهن ارڏي ڪهاڻيءَ جو ڪردار ٿيون لڳن. ذوالفقار علي پٽو کي قاسي اچڻ کانپوءِ، هي لڳاتا جدوجهد ۾ آهن. هنن جا مرد غلطين متان غلطيون ڪري، هنن کي وڌيڪ مشڪل ۾ مبتلا ڪري رهيا آهن.

29_03_1981

اڄ اسان سيني سياسي قيدين کي بئرڪ نمبر 22_23 ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. هي ته جيل لڳي ئي نٽو سياسي قيدين کي برداشتي يعني نوڪر مليل آهن، هر ڪو پنهنجو رڌ پچاءُ پنهنجي مرضيءَ سان ڪري سگهي ٿو. هتي پ پ ۽ ايم آر ڊي سان تعلق رکندڙ قيدي خوف ۾ ورتل آهن. چو ته روزانو رات جو ڪنهن نه ڪنهن کي مارشل لا ڪيڊي وڃي تشدد ڪندا آهن. گهٽا ته موٽندا ئي نه آهن. چون ٿا اُتان معافي لکي آزادي وٺي هليا ٿا وڃن، جيڪي نٽا لکي ڏين، انهن کي رتوڇاڻ ڪري واپس جيل تي آندو ٿو وڃي _ اُهي ڪافي ڏينهن تائين جيل جي اسپتال ۾ ٻيا ملهم پٽيون ڪرائيندا ٿا رهن.

هتي ايڏي وڏي دهشت پکڙيل آهي، حيرت آهي ته پ پ جيڪا ملڪ جي وڏي پارٽي هجڻ جي به دعويٰ ڪري رهي آهي، پر ان جا اڳواڻ جن ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي، غلام مصطفيٰ کر، ممتاز پٽو طالب المولي، سردار نور محمد خان لنڊ، سردار سلطان احمد خان چانڊيو، پير آف راڻيپور، حفيظ پيرزادو ۽ ٻيا وڏا وڏا جاگيردار هن جا اڳواڻ آهن، پر اُهي ڏنا لڪيا ويٺا آهن.

اُهي هنن غريب ڪارڪنن جي پر گهور لهڻ لاءِ تيار ناهن. هنن کان تہ اسان جا ساٿي بهتر آهن. جيڪي ديوارن تي چاڪنگ ڪري شهيد نذير عباسي جي قاتلن جي گرفتاري ۾ اسان جي آزادي جا مطالبا ڪندا ٿا رهن.

پ پ ۾ بہ وڏو گند پريل آهي. بي ترتيب ۽ بي اصول پارٽي آهي. سپ هڪبئي تي مارشل لا جو ايجنٽ هئڻ جو شڪ ڪري رهيا آهن. عمر صاحب جو چوڻ آهي تہ: "هتي اهڙا بہ ماڻهو گرفتار ٿي اسان جي بئرڪ ۾ آيا آهن. جيڪي چون ٿا تہ اُهي ڪورنگيءَ جا آهن. ڪورنگي تمام ننڍڙو علائقو آهي. اتي هڪ تہ مهاجر. بيو سنڌي. ٽيون بلوچ ٿا رهن. هنن کي تہ مان سچاڻان بہ نٿو".

30_03_1981

اڄ مان بئرڪ نمبر 22_23 ۾ واقع. بير جي چانو ۾ وينو ڊائري لکي رهيو هيس. تہ ساٿي ڪمال وارثي چيو تہ: "پروفيسر توکي سڏي ٿو". مان اُتي ويس تہ پروفيسر بئرڪ جي وراندي جي فرش تي وينو پائيپ پي رهيو هو. مون کي چيائين: "ويهہ". مان بہ ويهي رهيس. چيائين: "هن بُڪ ۾ چا ٿو لکين؟". مون چيو: "جيل ۾ جيڪو وهي واپري ٿو اُهو". هن چيو: "ٻيو ڪجهہ تہ نٿو لکين؟". مون چيو: "ٻيو چا؟" چيائين: "خبر ناهي. شروع ۾ مليا هئاسين تہ تو منهنجي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين تي ڳالهايو هو". مون چيو: "لکيو تہ ناهي. باقي زباني تہ اڄ بہ چوان ٿيو. توهان غلط هينڊلنگ ڪئي". پروفيسر جي عادت آهي. تہ هُو تڪراري مسئلي تي الجهڻ بدران چُپ ٿي ويندو آهي. ۽ ڪافي دير تائين وينو سوچيندو آهي. مان بہ وينو رهيس ۽ پروفيسر چپ رهيو. ايتري ۾ سهيل سانگي بہ اچي ويو ۽ هن پڇيو: "چا پيا ڪريو؟". پروفيسر سهيل کان ٽوڙو ڇڏو رهندو آهي. هن کي شڪ آهي تہ شايد سهيل مونکي پڙڪائي ٿو ۽ هن جي چوڻ تي ڊائري لکي رهيو آهيان. مان سهيل کي چيو: "پروفيسر چوي ٿو تہ اسان هتي جيل ۾ آهيون ۽ مارشل لا وارن جي رحم ڪرم تي آهيون. اسان جيڪو ڪجهہ لکنداسون. تہ ٿي سگهي ٿو اهو هنن جي هٿ وس اچي وڃي. ۽ اسان جي خلاف ڪورٽ Proceeding ۾ شامل ڪيو وڃي". سهيل چيو: "ٻوءِ. تون ڪجهہ اهڙو لکين

ٿو چا؟". مون چيو: "نہ توهان پل پڙهي ڏسو يا پيا (ڪمال وارثي ڪي اسان پيا چوندا آهيون) ڏسي، پيا ڪي بہ سنڌي سمجهہ ۾ ايندي آهي يا امر لعل ۽ بدر ڏسن". ان تي پروفيسر چيو: "نہ مان شڪ نٿو ڪريان پر تو پاڻ ئي اها ڳالهہ ڪئي، جنهن جو مون ڪي اُلڪو آهي، جي تون صرف هتي جي روزمره جا واقعا لکين ٿو تہ، پوءِ نيڪ آهي؛ اسان کي چيڪ ڪرڻ جي ضرورت ناهي".

جيتوڻيڪ پروفيسر جمال نقوي مون تي اهڙي پابندي نہ لڳائي، تہ مان جيڪو بہ لکان تہ اهو باقي ساڻين کان چيڪ ڪرايان، پر ان هوندي بہ مان ضروري سمجهيو تہ هاڻ مان جيڪو ڪجهہ بہ لکندو رهندس، اُهو ساڻين کان چيڪ ڪرائيندو رهان؛ چو تہ اسان واقعي هتي مارشل لا وارن جي هٽ وس آهيون، اُهي ڪيڏي مهل بہ چاپو هڻي، اسان کان سپ ڪجهہ کسي سگهن ٿا. سياڻي ايئن نہ ٿئي جو واقعي هُو اچن ۽ منهنجون ڊائريون کڻي وڃن، پل انهن ۾ ڪجهہ بہ اهڙو مواد نہ هجي ۽ سياڻي کا بہ اهڙي چارج (الزام) لڳي وڃي يا ڪو نئون ساڻي گرفتار ٿي اچي، ۽ ان جو الزام مون تي لڳي وڃي. اهو مون بهتر سمجهيو ۽ سهيل سانگي، بدر ابڙي، امر لعل ۽ ڪمال وارثي ڪي ويهاري چيم تہ: "يار لکڻ منهنجي عادت آهي، لکڻ کان مان مڙندس ڪونہ، پر توهان کي اهو اختيار آهي تہ منهنجو لکيو روز چيڪ ڪريو، پوءِ روز تاريخ تي هلون تہ ان کي ڪڍي ڇڏيون. مان هتي اهڙو ڪجهہ بہ نہ لکندس، نہ ئي مونکي پارٽي جي ڳجهين سرگرمين جي باري ۾ ڪا جاڻ ئي آهي ۽ نہ ئي لکندس". ان تي سهيل سانگي چيو: "شبير زبردست ڳالهہ ڪئي آهي، باقي ببو ڪو پروفيسر کي ڏاهو ڪيو! جيڪو نہ هن کي شبير ڏئي ٿو سگهي، نہ توهان ۽ مان! اُهو ڪم مارشل لا وارن جو آهي، اهي پاڻهي ڏيندس" سهيل جو سدائين ائين چرچي ۽ مزاق وارو انداز هوندو آهي. ڪمال وارثيءَ چيو: "پوءِ طئہ ڪيو تہ شبير جون ڊائريون ڪير پڙهي؟" بدر چيو: "امر لعل پڙهي". مون چيو: "نہ ڪو بہ هڪڙو نہ، توهان سيئي پڙهو ان سان منهنجي اصلاح بہ ٿيندي ۽ لکڻ بہ سکندس. جيڪڏهن بدر پڙهي تہ سپ کان بهتر، چو تہ هي شاعر آهي ۽ هن جي ٻولي زبردست آهي. امر لعل بي ادب ماڻهو آهي، ڪمال وارثي ڪي هونئن بہ گلابي سنڌي ايندي آهي".

پوءِ سهيل چيو تہ: "اهو ڪم بدر کي ٿا ڏيون". ان تي بدر چيو: "شبير جي آڇ سٺي آهي، اسان سڀ پڙهون، پڙهي هن کي راءِ ٻہ ڏيون". ان تي امر چيو: "ءِ بدر تون ٻہ تہ لکندو ٿو رهين، تون تہ وري هڪ ٻي طبيعت جو ماڻهو آهين، اسان کي تہ ڏيکارين نٿو...!"، بدر جي مُرڪ جو هڪ ڏاڍو جو دلفريب انداز آهي، مُرڪي چيائين: "ادا مان ٻہ شبير شر وانگر توهان جي پارٽي جو ميمبر ناهيان، مان کي ٻہ پارٽي جي باري ۾ ايتري ئي ڄاڻ آهي جيتري شبير شر کي، پر پنهنجون لکڻيون ٻہ مان توهان جي اڳيان رکڻ لاءِ تيار آهيان، پڙهو مان ءِ شبير شر لکون ئي ان لاءِ ٿا، تہ ماڻهو پڙهندا _ پنهنجي ساڻين کان چو لکائيندا سين". پوءِ مان روز جيڪو لکندو آهيان، اُهو سڀني ساڻين اڳيان رکندو آهيان، بدر ٻہ ائين ڪري ٿو پوءِ سڀ ساڻي ان تي ٽيڪا ٽپڻيون ڪن ٿا. سهيل ٿو چوي: "شبير شر صورتخطي ۾ ڏاڍيون غلطيون ٿو ڪري، هن پرائمري ۾ شايد پٽي لکي ئي ناهي". مون مڃيو: "ها سهيل! مان غريب جو ٻار آهيان، مينهون ٻہ چاريندو هئس، پڃندي ڀُڳندي پٽي ٻہ لکندو هئس، منهنجا اکر سڌري نہ سگهيا". سهيل چيو: "مان ڪهڙو امير جو ٻار آهيان، مان ٻہ تو وانگر ڪڙميءَ جو ٻار آهيان". مون چيو: "سهيل! پر منهنجو ڪو چاچو، چاچي سچل وانگر استاد نہ هو منهنجو بابو اڪيلو هو. مون سان پنهنجي گهر ۾ ٻہ انصاف نہ ٿيو مان سڀني کان ننڍو هجڻ سبب هر ڪم ڪندو هئس". ان تي بدر چيو: "ماحول انتهائي جذباتي ٿي ويو آهي، اچو تہ مان توهان کي چانهہ ناهي ٿو پياريان"

ان وقت ڪراچيءَ جا ڪارا بادل هلڪي بوندا باندي ڪري رهيا هئا، مون چيو: "ڪاش بدر چانهہ بدران ڪو وسڪيءَ جو پيگ پيارين ها". بدر مُرڪي چيو: "ادا جيل ۾ آهيون، بابي جي اوطاق هجي ها، تہ اِها خدمت ٻہ ڪريون ها، في الحال چانهہ جو ڪپ حاضر آهي".

31_03_1981

هيءَ ٻئرڪ نمبر 22_23 ۾ اچڻ کانپوءِ جيل ۾ هجڻ جو احساس ئي ختم ٿي ويو آهي، حالانڪ روز هتي نوان نوان افواهہ ٻہ ايندا رهن ٿا، تہ اڄ هائيجڪنگ جي ڪيس ۾ ملوث سياسي قيدين کي ڪٽي ويندا. اسان لاءِ تہ

کو بہ افواھ کونھي. سڀ چون ٿا: "توھان ايترو تہ ڪُنجي سَنجي آيا آھيو جو ھاڻ ڪُنڊ وارا بہ توھان کان ڪنبن ٿا". ملاقات تہ ھونئن بہ ناھي. بس! پروفيسر جمال ۽ ڪمال وارثيءَ جا گھروارا، جيل جي دروازي تي سيڏو سامان ڏئي وڃن ٿا. ھونئن ٻين قيدين جي ملاقات جاري آھي. پوءِ اھي پنھنجي سيڏي سامان مان وڌ ڪرائيندا ٿا رھن.

01_04_1981

اڄ رڳو افواھن جو ڏينھن رھيو بس! فوج اندر پئي اچي. سيني سياسي قيدين کي جرمن جيان پيڇي ماريو ويندو. ڪوبہ نہ بچندو. اسان لاءِ چيو ويو تہ: "پھريان ھنن کي تري تيل ڪيو ويندو!". پروفيسر جمال اچي پريشان ٿيو. جڏھن بدر شام جو آيو تہ پوفيسر جھڙوڪر روئي دانھن ڏنس: "يار ھي چا ٿا چون...!؟". بدر بہ سنجيدو ٿي چيو: "توھان کي ان باري ۾ ڪابہ خبر ناھي!؟"، پروفيسر وڌيڪ پريشان ٿي چيو: "نہ يار، بڌاءِ تہ صحي! اھا خبر درست آھي چا؟" ان تي بدر چيو: "واقعي توھان کي خبر ناھي!؟" ان تي پروفيسر چيو: "چاجي؟"، بدر چيو: "اڄ فرسٽ اپريل آھي"، پروفيسر تہ ٿيو ئي پروفيسر، چوڻ لڳو: "تہ پوءِ چا ٿي پيو". بدر چيو: "ٿيو تہ ڪجھ بہ نہ، پر توھان ٿي چڪا". ان تي پروفيسر وري پڇيو: "چا...!؟" بدر چيو: "فول...!!!". پروفيسر چيو: "باپ رے ہمارے ساتھ بھی اتنا مذاق ، جس کو مذاق تک سمجھ میں نہیں آئی"، بدر دوستن کي سڏ ڪندي چيو: "پروفيسر سان اڄ کان پوءِ ڪوبہ چرچو يا مذاق نہ ڪندو جي ڪندو تہ اُھو پھريان پروفيسر کي ٻڌائيندو. تہ ھيءُ مذاق آھي".

2_4_1981

اڄ "بس ڪيس" جي شاھد علي رانا پاڻ کي پت سان ٽڪر ھڻي رتورت ڪري چڏيو. چوڻ ٿا تہ بس ڪيس جي ٻئي قيدي رفيق ميمڻ ھن کي گھٽ وڌ ڳالھايو. ان تي ھو آپي مان نڪوي ويو آھي. پ پ ليارياءَ جي اڳواڻ ولي محمد لاسيءَ چيو تہ: "اسان ۾ توھان جيان پ پ جي ڪارڪنن جي تربيت ٿيل ناھي. ان ڪري نہ ھنن کي ھڪيئي جي احساسن ۽ جذبن جو ڪو لحاظ آھي. ۽ نہ ئي برداشت جو مادو آھي. ھتي ڪوئي ھنن جي اڳواڻي

ڪرڻ وارو بہ ناهي" ان تي هن اسان کي چيو تہ: "توهان هنن جي تربيت ڪريو". پروفيسر پ پ ورڪرن جي تربيت جو ڪم ڪمال وارثي ۽ امر لعل جي حوالي ڪيو. هنن ڇيو تہ: "في الحال اسان کي ويٹنامي ڪهاڻين جيولس فيوچڪ جو "ڦاسي جي چانون ۾" يا روسي ناول ماءُ، "داروس کي آزمائش" جهڙا ڪتاب گهرائجن. پوليس واري جي ذريعي مٿين ڪتابن جي لسٹ باهر موڪلي وئي. ان تي صرف هڪ ڪتاب "چي گويرا جي ڊائري" اچي ويو. في الحال ان تي استڊي سرڪل شروع ڪيو ويو. پهريان تہ اسان سيئي ساڻي وراندي ۾ ويهي استڊي ڪرڻ ويٹاسون. تہ پ پ جو ولي محمد لاسي ۽ خدا بخش لاسي بہ اچي ويهي رهيا. پوءِ هنن کي ڏسندي شاهد علي رانا، الياس شيرپائو، لطيف مغل، رشيد ميمڻ، فيض بلوچ ۽ ٻيا شامل ٿيا. ايئن اسان جي استڊي سرڪل جي شروعات سٹي ٿي وئي.

3_4_1981

اڄ بہ نيرن ڪري اسان استڊي سرڪل شروع ڪيو. تہ پ پ جا 20 کن ٻيا بہ سياسي قيدي شامل ٿي ويا ۽ پڙهڻ ڪانپوءِ بحث جي بہ شروعات ڪئي سين. هر ڪنهن پنهنجي سمجهہ آهر ڳالهايو. پر ماحول بٹجندو پيو وڃي.

4_4_1981

اڄ استڊي سرڪل ڪانپوءِ اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٹو جي ٻي ورسي ملهائڻ جو پروگرام رٿيو. ٻنهي ٻئرڪن جا ورڪر هڪ ٻئرڪ ۾ گڏي ٿي ويا، ۽ اُتي زوردار تقريرون ٿيون. پوءِ شام تائين افواهہ بہ شروع ٿي ويا. صوبيدار شاهہ جي بہ آيو. هن اچي چيو: "جن تقريرون ڪيون آهن، جيلر صاحب انهن جا نالا ٿو گهري". ان تي اسان سيني ساڻين پنهنجا نالا ڏئي ڇڏيا. تہ اسان تقريرون ڪيون آهن. جيل وارن کي بہ پنهنجي جاسوس ذريعي خبر پئي هئي. تہ تقريرون ڪرڻ وارن ۾ عمر خدا بخش لاسي، ولي محمد لاسي، شاهد علي رانا، رباني سميت پ پ جا بس ڪيس ۽ هائيجيڪنگ ڪيس وارا بہ شامل آهن. ان ڪري شاهد جي باري ۾ صوبيدار بار بار پڇندو رهيو: "ٻئي ڪنهن تقريرون ڪيون آهن". هُو جڏهن هليو ويو تہ پ پ جا ورڪر اسان جو شڪريو ادا ڪرڻ لڳا. گهٹن ڇيو تہ:

"ورسي اسان جي اڳواڻ جي ملهائي وئي آهي، ۽ اسان مان ڪو به پنهنجو نالو لکائڻ لاءِ تيار ناهي، حيرت آهي".

5_4_1981

صبح جو جيئن ٽوٽل ڪليو ته جيل جو صوبيدار شاهه جي ۽ حوالدار ممتاز وارڊ ۾ داخل ٿيا. اسان سيني ساڻين، پروفيسر ڪمال وارثي، سهيل سانگي ۽ مونکي چيائون: "پنهنجا بوريا بستر کڻو". اسان چيو: "اسان وٽ ڪي به بوريا بستر ناهن، هلو ته هلون". ان تي پ پ جي ورڪرن ۾ وڏو خوف چائنجي ويو. اسان کي رڳو اکين ۾ الوداع ڪيائون، ڪجهه زبان سان ڪچيا به نه...!! اسان ايئن ٿاتا ڪندا نڪتاسون، جڙ آزاد ٿيڻ پيا ويون ـ هُو سوچيندا هوندا ته اسان کي مقتل طرف وٺي پيا ويون.

گيٽ تي آياسون ته پوليس پارٽي بيٺي هئي، اسان کي جوڙي جوڙي ڪري هٽڪڙيون هنيون ويون. ايتري ۾ جيل سپرنٽينڈنٽ ممتاز به پنهنجي آفيس مان نڪري آيو ۽ پروفيسر کي چيائين: "مونکي افسوس آهي جو توهان کي واپس لانڊي جيل موڪليو پيو وڃي، پر توهان به هتي جيل ۾ بغاوت پکيڙڻ واريون سرگرميون شروع ڪري ڏنيون. هتي توهان جي صفن ۾ پ پ ورڪرن ۾ مارشل لا وارن جا جاسوس به ڇڏيا ويا آهن، جيڪي ڏري ڏري جي رپورٽ ڪندا ٿا رهن، توهان به آرام سان رهو ها ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها! خير، اُتي به توهان کي تڪليف نه ٿيندي". اسان کي پوليس ننڍڙي وين ۾ ويهاري لانڊي جيل طرف رواني ٿي. اسان کي پُوسٽ محسوس ٿي، هتي ايترا سارا قيدي هئا، هاڻ وري قيد تنهائي پوگهٽي پوندي. مان ڊائريءَ جا لکيل پنا بدر جي حوالي ڪيا، چيم: "يار امڙ (بدر جي امڙ) توسان ملڻ ايندي آهي، ان سان ٻاهر ڪڍي ڇڏجان".

اسان لانڊي جيل پهتاسون ته سيني کي ساڳي بي ڪلاس وارڊ ۾ موڪليو ويو. اُتي جو وياسون، ته جام سائي پهريان ئي موجود هو. جيڪو وارڊ جي ڏاڪڻين تي ويٺو چانهه پي رهيو هو. هن جو اسان کي ڏسو ته ڏاڍو خوش ٿيو. اسان اندر وياسون ته برداشتيءَ کي چيائين: "چانهه ٺاهه". اسان اهو ڏسي حيران ٿي وياسون ته جام وٽ نوڪر به موجود..! بورچي خاني ۾

سيڊو سامان، ڪانيون، اتي جو ٽين، ديگڙيون، پليٽون هر شئي موجود هجي، فتافت چانهه اچي وئي. پوءِ اسان چيو: "هي هنن اسان کي پاڻ ۾ گڏيو ڪيئن آهي ته پوءِ هو اسان جا به ساٿي بدر ابڙوءِ امر لعل اتي ڇو رهجي ويا آهن؟". ان تي مختلف رايا آيا. جام جو چوڻ آهي ته: "هائيجيڪنگ ڪانپوءِ فوجي سرڪار ڪجهه ڪمزور ٿي آهي. ٻيو ته هنن کي اها ڳالهه به محسوس ٿي آهي ته اسان غدار نه آهيون". سهيل چيو: "سڀ صحي آهي، پر اصل ۾ هنن هڪ ڪم ضرور ڪيو آهي. ته اسان بين پارٽين جي قيدين کي انقلابي ٿا ناهيون. حوصلو ٿا وڌايون. سو فوجي سرڪار اسان کي هڪ ڪنڌ ۾ ويهاري ڇڏيو آهي. ته جيئن اِهي پل وينا هڪٻئي جو منهن خراب ڪن".

6_4_1981

جام وٽ پڙهڻ لاءِ جام مواد آهي: 'سب رنگ ڊائجسٽ' جو هر مهيني جو پرچو اٿس. باقي هن وٽ ڪو به نظرياتي ڪتاب يا انقلابي ڪهاڻين جو ڪتاب ناهي. هن وٽ به ٽي ٽين وارا ڊبا آهن. جن کي ڪنڌ ۾ تالا لڳل آهن. صبح جو جيئن دروازو کلي ٿو تيئن وارڊ جي ميدان تي چؤباز ڊوڙڻ شروع ٿو ڪري. اڄ به ڪلاڪ تائين ڊوڙندو رهيو. تيستائين برداشتي چانهه. پراٺا. انڊا آملیٹ تيار ڪري ورتا. پوءِ وراندي ۾ ڪمبل وڇائي ساڄين ستين وڳي سيني گڏجي نيرن ڪئي.

مان هڪ سب رنگ ڊائجسٽ وٺي پڙهڻ شروع ڪيو. ته ٿوري دير ۾ جام آيو. هن چيو: "توهان جي گرفتاريءَ ۾ پروفيسر کان ٿوري بي احتياطي ٿي وئي آهي. سو ان کي توهان درگذر ڪيو. اِها ڳالهه باهر وئي ته پارٽيءَ لاءِ حالتون ڏاڍو خراب ٿيندیون". مون چيو: "هڪ ساٿي جي جان هلي وئي. توهان ان کي رڳو بي احتياطي ٿا سڏيو". ان تي جام چيو: "بس ڪري به ڇا ٿو سگهجي. هاڻ اسان جي جنگ اڳتي وڌي رهي آهي. بي ڳالهه ته سهيل منهنجو سؤٽ آهي ۽ هُو اڳ پارٽي سان هو. هاڻ ناهي. هن جو خيال رک". مان چيو: "خيال رکان! ڇا مطلب. هو فوجين جو ماڻهو آهي؟". ان تي جام چيو: "نه .. نه. ٿورو سازشي ذهن رکندڙ آهي. هتي اسان کي هڪٻئي سان ويڑهائڻ جي ڪوشش ڪندو". جام ايئن چئي پنهنجي ڪوليءَ ۾ هليو ويو.

مونکي جام جي ان راءِ تي بيحد افسوس ٿيو. ته پروفيسر پنهنجي ڪوتاهين کي سهيل جي ڪاتي ۾ پيو وجهي. ته هُو مونکي پڙڪائي ٿو ۽ هن جو ڪوبہ ڏوهہ ناهي.

7_4_1981

ڪامريڊ جام وٺ تاش بہ آهي. مونکي تاش اچي ڪونہ. جو ڪڏهن بہ منهنجي ابي عبدالرزاق ۽ پاءُ ڪامريڊ غلام حسين شر کيڏڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو. گهر کان اسڪول ۽ اسڪول کان موٽي مينهون چارٽ. کيڏڻ واري زندگي ئي ڪونہ ڇڏي. سو لڳي ٿو تہ رهيل شيون هتي سکندس.

15_4_1981

ڪيس بہ ڪونہ ٿو هلي. رڳو واندا وينا آهيون. هڪ تہ شوڪت ٿانويءَ جا ناول ٿا پڙهون. پيو سب رنگ ڊائجسٽ ۽ تاش. ان کانسواءِ نہ ملاقات آهي نہ چا؟ جام جي ملاقات کليل آهي. پر هن جا مائٽ ڪراڙا آهن ۽ اُهي تہ ٽر ۾ ٿا رهن. سو اُهي بہ نٿا اچن.

20 اپريل 1981

هتي سب رنگ ڊائجسٽ پڙهڻ تاش کيڏڻ ۽ جام ساقيءَ جا بي تڪا لطيفا ٻڌڻ کانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪم ناهي. جام ساقي کي بہ ٽي سال جيل ۾ گذريا آهن سو سيڪس تي لطيفا گهڙڻ ۾ ڏاڍي مهارت حاصل ڪري ورتي اٿائين. اسان کي هن جي لطيفن تي کلڻ تہ چا روئڻ بہ نٿو اچي. جنهن تي هو ڪاوڙجي بہ ٿو تہ اسان بدنيتي جي بنيادن تي هن جي ٻي ڊنگن لطيفن تي نٿا کلون. اسان جي بدنيتي چا جي ڪري آهي؟ اهو سوال ڪنداسون. تہ وري نئين مصيبت کڙي ٿي ويندي _ سو مٺي بہ ماٺ تہ مٺي بہ ماٺ.

1_5_1981

اڄ مزدورن جو عالمي ڏاڙو آهي. هن ڏاڙي تي شڪاگو جي مزدورن فتح ماٺي هئي. جو ڦاسيون کائڻ ۽ هر طرح جي رياستي ۽ سرمائيداري تشدد سهڻ کانپوءِ. انهن کان 18 ڪلاڪن تائين ورتي ويندڙ محنت مزدوري کي گهٽائي 12 ڪلاڪ ڪيو ويو هو. اسان اڄ پاڻ ۾ ويهي شڪاگو جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪيوسين ۽ اهڙو عزم بہ

ورجايوسون. تہ هن ملڪ جي هارين ۽ مزدورن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري رهندي. پوءِ تاش جو دور شروع ٿيو. سهيل سانگي جي طبيعت ٺيڪ ناهي. سو اسان جي ڪامريڊن کي چوٽون راندیگر گهربل هو. مونکي تاش راند نہ ايندي بہ حڪم ٿيو تہ هنن جو چوٽون ڪلاڙي بٽجان. سو بٽجي ويئس. جام ساقي سيڪاري گهٽ ٿو پر درڪا ڏاڍا ٿو ڏئي. هن همراهہ جي اصليت هتي جيل ۾ ظاهر ٿي وئي آهي. باهر هن جو چهرو رويو صفا ٻيو هو. هتي جيلر ۽ هن ۾ ڪو فرق نہ رهيو آهي.

15_5_1981

اڄ سهيل سان سندس زال ۽ ٻار ملڻ آيا. ڪيلا. انب. فروٽ ڪٽي آيا آهن. سهيل موٽيو تہ ڪلندو آيو ۽ خوش نظر آيو. مونکي روز چوندو هو: "يار منهنجي زال اڪيلي آهي ۽ ٻار ننڍا آهن. هو ملاقات تي شايد ئي اچي سگهي. توهان منهنجو خيال رکجو". مان چوندو رهيس: "حڪم ڪيو يار! ڪا ڳالهہ ئي ناهي". اڄ مان چيومانس: "يار هاڻ منهنجي ملاقات تہ ناهي آئي. پر هاڻ تون خيال رکندين الائي نہ". هن چيو: "نہ نہ. سڄو سامان تنهنجو آهي. اها ڪا ڳالهہ ئي ناهي". هن بہ پاڪيٽ ۽ بہ ماچيس مونکي ڪٽي ڏنا ۽ چيائين: "باقي هي فروٽ سامهون پيو اٿئي. جيترو وڻئي سو کاءُ".

20_5_1981

اڄ ڪمال وارثي ۽ پروفيسر جمال جي ملاقات آئي ۽ جام کائڻ پيئڻ جو سامان آندائون. پروفيسر سان هن جي گهرواري ۽ ڪمال وارثيءَ سان هن جي پيٽ ملڻ آئي. منهنجا پيءُ ماءُ ڪُراڙا آهن. پائرن مان وڏو ياءُ ڪامريڊ غلام حسين شر روپوش آهي. باقي بيروزگار آهن.

30_5_1981

اڄ جهڙالي موسم آهي ۽ هلڪي هلڪي بوند وسي رهي آهي. ڳوٺ ۾ خبر ناهي ڪهڙي موسم هوندي. منهنجي ابي امڙ جو ڇا حال هوندو؟ رڳو روئندا هوندا. بس...!! نہ هنن کي هتي ڪو وٺي اچڻ وارو. نہ کين ڪو حال ٻڌائڻ وارو. مان خط لکي ڪمال وارثيءَ کي ڏنو هو تہ اهو پوسٽ ڪن. تہ ملاقات ٿئي ٿي. پر هوم سيڪريٽريءَ کان اجازت ونڻي ٿي پوي.

1_6_1981

اڄ هاءِ لائيٽ سگريٽ جو ڪارٽن مليو ان کي کولي سگريٽ ڪڍياسون، پر ڪا پرچي ڪونہ ملي. جڏهن هڪڙو پاڪيٽ کوليو تہ ان ۾ پرچي هئي، لکيل هو: "اسان جو پيارو پاءُ نور علي هن دنيا ۾ ناهي رهيو. باقي ابو امڙ ٺيڪ آهن". نالو لکيل ڪونہ هو. مان اڪر سڃاتا آهن. جيڪي وڏي پاءُ ڪامريڊ غلام حسين شر جا آهن. مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو. پاءُ نور علي ملڻ ڪانسواءِ هليو ويو. هن کي ڇا ٿيو؟ مون کان وڏو هو ۽ جوان هو. بيمار بہ نہ هو تہ پوءِ ڇا ٿيو؟. هيءَ خبر ڏاڍي تڪليف واري آهي. سڀني دوستن تعزيت تہ ڪئي پر ماحول سوڳوار رهيو. منهنجي لاءِ تہ اها خبر ڪنوڙ ٿي ڪڙڪي ۽ سپ ڪجهہ ساڙي هلي وئي. خبر ناهي ابي امڙ جي ڪهڙي حالت هوندي. هڪ پٽ دنيا ڇڏي ويو. ٻئي جو اتو پتو ناهي. تہ هُوڪتي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهي...! خير، وقت آيو آهي، گذري ويندو.

15_9_1981

لڳاتار لانڊي جيل ۾ رهي. يارن جا ڪِنا لطيفا ٻڌي ڪَن پچي ٻيا آهن. سب رنگ ڊائجسٽ ڪانسواءِ ڪو ڪتاب ناهي. اخبار بہ ڪتجي سنجي پوءِ ٽي ملي، اُهي بہ سينسر ٿيل خبرون. سرعام ماٺهن کي ڦٽڪا هڻڻ وارا فوٽا. ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. اڄ ڪورٽ لاءِ رواڻ ٿياسون. ڪنهن کي بہ خبر ناهي، تہ اڄ اسان کي اسپيشل ملٽري ڪورٽ نمبر 5 ۾ ڪشمير ڪامپليڪس ڪراچيءَ ۾ آندو ويو آهي. يارهين وڳي ڪورٽ ۾ پيش ٿياسون. ڪورٽ جي سربراهہ پنهنجو ۽ پنهنجي ٻن ميمبرن جو تعرف ڪرايو. تہ پاڻ ڪرنل عتيق ڪياني آهي، ڪئپٽن افتخار جليس، جنهن کي اسان سڃاڻون ٿا. شهيد صحافت ۽ مساوات اخبار جي ايڊيٽر ابراهيم جيلس جو پٽ، ۽ ٽيون آهي سول مئجسٽريٽ يا استنٽ ڪمشنر حبيب الله پٽو. اُن تي جام ساقي چيو تہ: "ڪرنل صاحب جي توهان سپريم ڪورٽ جي اڳوٽي جسٽس رستم ڪياني جي خاندان مان آهيو تہ پوءِ توهان کي اهڙي ڪورٽ ۾ نہ ويهڻ کپي. باقي افتخار جيلس تہ ابراهيم جيلس جو فرزند آهي جيڪو هن ئي مارشل لا جون اذيتون سهي گذاري ويو". ان بعد

ڪرنل ڪمون ۽ الحمد پڙهي ڪارواٽي شروع ڪئي ۽ اسان تي پهريون پيرُو فرد جرم لاڳو ڪيو ويو. اها مارشل لا ريگوليشن 4,3,1,18,36 مارشل لا ريگوليشن ۽ 124 _149 _ A پاڪستان پينل ڪوڊ تحت آهي. جنهن مطابق اسان تي الزام آهي تہ: اسان حڪومت خلاف اعتراض جوڳو مواد ڇاپيندا ۽ ورهائيندا هئاسين؛ گهٽ آمدني وارن ماڻهن کي مٿين طبقن خلاف پڙڪائڻ؛ فوج خلاف نفرت پکيڙڻ؛ اسلام خلاف پروپئگينڈا ڪرڻ؛ صوبن وچ ۾ نفرتون پکيڙڻ؛ مارشل لا جي قانوني حڪومت خلاف نفرتون ۽ بغاوت پکيڙڻ؛ ۽ ملڪ سان غداري ڪرڻ جا الزام شامل آهن.

سرڪاري وڪيل تقرير ڪندي چيو تہ: "هي هتي روسي ۽ افغاني خيالن جي پرچار ڪندا آهن. سمورن الزامن جي ڪل سزا بيهي ٿي پنجاهہ سال، ۽ ٽيهہ ٽيهہ ٽڪا ۽ ڏنڊ پڻ". خير ڪيس هلي تہ پيو ورنہ بي دريافتا پيا هئاسون. هنن ايم ايل آر 15 کي هٿائي چڏيو آهي. جنهن جي سزا موت آهي؛ ۽ اُها هٿياربند بغاوت جي ڪري ڏني آهي. پورو ڏيڍ سال اسان جي گهرن مان هٿيار ڳولينداً رهيا. پر اُهي هنن کي ڪٿان بہ ملي نہ سگهيا؛ ان ڪري ايم ايل آر 15 هنن کي اسان خلاف تيار ڪيل چارج شيٽ مان هٽائڻو پيو آهي.

پنجاهہ سال تمام گهڻا آهن. هن فوجي جنتا جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن. اهو دنيا جو دستور آهي. تہ هڪڙي ملڪ جي فوج ٻئي ملڪ جي فوج کان کتيندي بہ آهي. تہ هارائيندي بہ آهي؛ پر دنيا ۾ اهڙو مثال کڙي بہ نہ هوندو تہ ڪنهن ملڪ جي فوج پنهنجي ملڪ جي عوام کان جنگ کڙي هجي. هن ملڪ جي فوج بہ مشرقي (هاڻوڪو بنگلاديش) پاڪستان جي عوام سان جنگ ڪئي هئي، ۽ نہ رڳو هارايو هو. پر 90 هزار فوج پنهنجي جنرل نيازي سميت ٻُڪين بنگالين اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا هئا.

ان بعد ڪورٽ ڪيس هلائڻ شروع ڪيو تہ اسان اعتراض ڪيوسين: "هڪ تہ اسان جي هن وقت تائين ملاقات بند آهي. پهريان تہ پنهنجي مائٽن ۽ وڪيلن سان ملاقات جي اجازت ڏني وڃي. تہ جيئن اسان وڪيل ڪري سگهون؛ ٻيو تہ اسان توهان کي قانوني عدالت نٿا ڄاڻون. هيءَ عدالت مارشل لا زون سي جي ايڈمنسٽريٽر جنرل عباسي جي حڪم سان

ناهي وئي آهي. جيڪو پاڻ اسان جي ساٿي نذير عباسيءَ کي قتل ڪرڻ واري سنگين ڏوهه ۾ ملوث آهي، ۽ هن تي ايف آءِ آر داخل ٿيل آهي". ڪرنل اسان جي اعتراض کي رد ڪندي قسم کنيون ته: "مان خدا کي حاضر ناظر سمجهي اقرار ٿو ڪريان، ته پنهنجا فرض نپائيندس". ان تي ڄام چيو ته: "ڪرنل صاحب قسم ته نه کڻون. اسان کي قسمن تي اڄ ڏينهن تائين وڏا دوکا ڏنا ويا آهن". ان تي ڪرنل چيو: "مان صرف پنهنجي قسم جو ذميوار آهيان". بهرحال، گوڙ گهمسان ڪري اسان هڪ به شاهد جو بيان رڪارڊ ڪرڻ نه ڏنوسين، ۽ شنوائي 29 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي وئي.

30_9_1981

اڄ منهنجي امڙ ۽ ابو ملڻ آيا. ڏاڏو رنا، امڙ پاڪر پائي نور علي جو پرسو ورتو. ٻڌايائون ته: "بجلي نيڪ ڪندي هن کي ڪرنٽ لڳو هن جي وفات بعد سندس گهرواريءَ کي پٽ به ڄائو آهي، جنهن جو نالو سلامت علي رکيو اٿائون. ڏاڏو سهڻو ٻار آهي". امڙ ٻڌايو ته: "نور علي جي وفات بعد تنهنجي گمشدگيءَ اسان کي وڏي ڏک ۽ اذيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. خبر ئي نه پئي پوي، ته تون ڪيڏانهن وئين!؟ نذير جي شهادت کانپوءِ اسان کي اهو ئي ٻڌايو پئي ويو ته توهان کي به شهيد ڪري غائب ڪيو ويو آهي." امڙ چيو: "تنهنجو ته ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ڪو واسطو نه هو. پوءِ تو هي ڇا ڪيو". ٻئي پوڙها ڏاڏو روئندا رهيا. چيائون: "اسان کيترائي ڀيرا هن جيل تي آياسين. ملاقات نه ڪرايائون. سامان ورتو هئائون"، مان چيو: "مونکي ته سامان نه مليو". ان تي جيلر قمر شاهه کي چيم. هن چيو: "خبر ونون ٿا. ڪنهن ورتو؟". پوءِ خبر پئي ته هڪ ابڙو سپاهي ۽ ٻيو شر. انهن ورتو هو جن کي جيلر سسپينڊ ڪيو آهي.

29_12_1981

. اڄ اسان کي فوجي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو ۽ اسان کي چارج شيٽ جي ڪاپي ڏني وئي آهي. جنهن ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي سيڪريٽري امام علي نازش، جبار خٽڪ ۽ نرنجن ڪمار کي روپوش قرار ڏنو ويو آهي. باقي ٻين جا نالا هن طرح لکيا ويا آهن:

- احمد ڪمال وارثي، گرفتاري 29 جولاءِ 1980
- غلام شبير شر، گرفتاري 29 جولاءِ 1980
- پروفيسر جمال نقوي، گرفتاري 30 جولاءِ 1980
- سهيل سانگي، گرفتاري 30 جولاءِ 1980
- امر لعل، گرفتاري 20 سيپٽمبر 1980
- بدر جمال ابڙو، گرفتاري 4 سيپٽمبر 1980
- نازش امروهوي، روپوش
- ڊاڪٽر جبار خٽڪ، روپوش
- نرنجن ڪمار، روپوش
- نذير عباسي گرفتاري 30 جولاءِ 1980، شهادت 9 آگسٽ 1980

اسان جي ڪيس ۾ جن وڪيلن وڪالت ناما داخل ڪيا آهن، انهن جا نالا آهن:

• يوسف لغاري،	سهيل سانگي
• شفيع محمدي،	بدر ابڙو
• بئريسٽر ودود،	جام ساقي
• اختر حسين،	امر لعل
• امجد علي،	پروفيسر جمال نقوي
• رشيد رضوي،	ڪمال وارثي
• ڪوبہ نہ،	شبير شر

يوسف لغاري ۽ شفيع محمدي توڙ تائين ڪيس وڙهيا، جڏهن ته باقي وڪيل آهستي آهستي غائب ٿيندا ويا، جو وڪيلن جي تنظيمن فوجي ڪورٽن ۾ پيش نہ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ وڪيل شفيع محمدي ۽ يوسف لغاري کي دوستن مجرايو، تہ اهي اسان جي ڪيس ۾ معاونت جاري رکن، ڇو تہ بغير وڪيل جي ڪيسن کي ٻيگهہ ڏيڻ ناممڪن هو.

18 جنوري 1982

اڄ شنوائي آهي، ڪارروائي دوران مونکي خبر ناهي ڇا ٿيو، بيهوش ٿي ويس، ڊاڪٽر گهرائي دوا ڏني وئي ۽ پوءِ بہ ڪارروائي جاري رکي

وئي. ڪارروائي دوران اسان کي تخريبڪاري ۽ ملڪ دشمن سڏيو ويو ۽ چيو. لفظ ڪميونسٽ يا ڪميونسٽ پارٽي چوڻ کان سرڪاري ڌر لنوائي رهي آهي يا ڏجي رهي آهي. ڪيس جي شنوائي 23 جنوري 1982 تائين ملتوي ڪئي وئي آهي.

23_1_1982

اڄ جي ڪارروائي ڏاڍي مزيدار ٿي. سرڪاري شاهد انسپيڪٽر اسلم نور (اسان کي گرفتار آءِ ايس آءِ جي ڪرنل امتياز بلي ڪيو ۽ شاهديون پوليس کان ڏياريون پيون وڃن) پنهنجو بيان ڏيندي چيو ته: "هي سمورا جوابدار پاڪستان ٽوڙ واري ڏينهن کان ان خلاف سازشون ڪندا رهيا آهن". سهيل سانگيءَ جي وڪيل يوسف لغاري آڏي پڇا ڪندي هن کان سوال ڪيو ته: "تنهنجو مطلب آهي ته جمڙ کان ٻه گهڻو اڳ هي جوابدار پاڪستان سان دشمني ڪندا رهيا آهن؟" (پاڪستان ٽوڙ مهل هي ته ڄاوا ٻه نه هئا. انسپيڪٽر وراڻيو ته: "منهنجو مطلب آهي. ڄائي جم کان". ان تي يوسف لغاري سوال پڇيس ته: "تنهنجو چوڻ آهي ته جڏهن هي نندڙا ٻار هئا تڏهن کان وني؟" ان تي اسلم نور چيو: "نه نه. منهنجو مطلب آهي جڏهن کان جڏهن کان" ٻه ڀيرا ايئن چئي منجهي ڀيو ڇو ته عدالت ۾ ٽهڪ پئجي ويا ۽ هُو گهٻرائجي ويو. اسلم نور تخريبڪاري واري لٽريچر جي باري ۾ يوسف لغاريءَ جي سوال جي جواب ۾ چيو ته: "ٻه ڪتاب قابل اعتراض آهن. جيڪي اُهي روس ۾ ڇپيا آهن ۽ ٻئي ڪتاب پڙهڻ سان اهو تاثر ايري ٿو ته سوويت يونين ۾ مسلمانن جي حالت ۽ انهن کي مليل آزادي پاڪستان ۾ رهندڙ مسلمانن کان بهتر آهي". ان تي يوسف لغاري هن کي چيو ته: "توکي اهو اعتراض آهي. ته هي ڪيس پاڪستان جي فوجي عدالت بدران سوويت يونين سرڪار وٽ هلڻ گهرجي". ان تي ٻه هن چيو: "بلڪل بلڪل. ائين ئي آهي".

26 جنوري 1982

گذريل حاضريءَ تي يوسف لغاري سرڪاري شاهد اسلم نور کان ڏاڍا ڪي ڏکيا سوال ڪيا. جو اڄ ڏينهن جو 12 وڳي تائين نه آيو. پوءِ خبر

پئي ته هن درخواست موڪلي آهي ته هو بيمار آهي. تنهن ڪري ڪيس جي شنوائي وري سياڻي رکي وئي آهي.

27 جنوري 1982

اڄڪلهه فوجي سرڪار کي اسان جو ڪيس هلائڻ جي ڏاڍي جلدي لڳي پئي آهي. سو روز ڪيس جي ڪارروائي هلائي ٿي ويچي. اڄ به شاهد بيماريءَ جو بهانو ڪري نه آيو. شايد هُو يوسف لغاريءَ جي سوالن جا جواب ڳولي رهيو آهي. تنهن ڪري هاڻ ڪيس جي شنوائي 30 جنوري تي رکي وئي آهي.

30 جنوري 1982

اڄ به ڪورٽ ۾ ساڳي طرح جي ڪارروائي ۾ شاهدن جو نه اڇڻ ٻڌايو ويو. شاهدن جي عجيب و غريب بيانن جا ڪجهه ٽڪرا چپجڻ ڪري اسان جو ڪيس هاڻ خلقت ۾ گونجڻ لڳو آهي. سو اڄ ڪي ايم سي ڪامپليڪس جي سيني دروازن تي فوجي جوان بيهاري صحافين جي آمد تي مڪمل پابندي لڳائي وئي آهي. آپا ممتا نوراني به ٻڌايو ته هن کي به اڇڻ نه پئي ڏنو ويو. سو هُوءَ امر لعل جي امڙ سڏائي هلي آئي آهي. بدر ابڙي جي امڙ به چيو ته هن جي ڊرائيور کي باهر روڪيو ويو آهي ۽ هُوءَ باهرئين گيٽ کان پنڌ آئي آهي. پوءِ اڪيلو بي بي سي جو رپورٽر اقبال جعفري اندر اچي ويو ۽ هن به چيو: "صحافين ۽ پريس فوٽوگرافرن کي اندر اڇڻ نه پيو ڏنو ويچي. جنهن ڪري امن اخبار جي رپورٽر مهناز رحمان ۽ فوٽوگرافر زاهد کي به اڇڻ نه ڏنو ويو". ڪيس جي شنوائي پهرين فيبروري تائين ملتوي ٿي وئي. مون هڪ ساٿي کي چيو: "يار پهرين تاريخ اچين ته وسڪيءَ جي بوتل ونئي اچجان. هُو ڀڄي ويو چئي: "يارا هتي ڏاڍي سختي آهي. ڏاڍو مشڪل آهي.

1 فيبروري 1982

اڄ به صحافين ۽ عام ملڻ وارن دوستن کي روڪيو ويو. پوليس جا وڏا اٽالا هيٺ مٿي ۽ ڏاڪڻين تي مقرر ڪيا ويا آهن. جام ساقي جي زور سان ڳالهائڻ تي ڪورٽ جو سربراهه ڪرنل عتيق باهر نڪري آيو ۽ زوردار آواز ۾ چوڻ لڳو: "هي گوڙ ڇا جو آهي؟ اسان جي عدالت ڊسٽرب ٿي ٿئي".

ان تي جام چيس: "اسان جي گوڙ تہ ڪٽي هڪڙي ننڍڙي جاءِ ڪي ڊسٽرب ڪيو آهي، پنهنجن کي تہ سمجهايو جن سڄي ملڪ کي ڊسٽرب ڪري ڇڏيو آهي". ڪرنل چيو: "جام ڪان ڪير ڪٽندو پر مهرباني ڪري آهستي ڳالهايو". ڪيس جي شنوائي وري 18 فيبروري 1982 تائين ملتوي ڪئي وئي آهي".

18_2_1982

اڄ آپا ممتاز نوراني اسان لاءِ زبردست نيرن ڪٽي آئي، جنهن ۾ پرانا، انڊا آملیٹ، هاف فراءِ ۾ شاهي ٽڪڑا وغيره، چانهه ۽ زبردست آندائين، مان تہ ۽ پرانا کائي ويس. اڄ ۽ ڪيس نہ هلي سگهيو، جو شاهد اسان خلاف نظريئي پاڪستان جي مخالفت بابت مواد ڳولي رهيو آهي، ۾ يوسف لغاري جڏهن هن کان پڇيو تہ: "پاڪستان جو نظريو ڪهڙو آهي؟". ان تي هن چيو تہ: "هن کي وقت ڏنو وڃي، تہ هو اهڙو ڪو ڪتاب هٿ ڪري، جنهن ۾ نظريئي پاڪستان جي باري ۾ ڪجهه لکيل هجي". يوسف لغاري ڪرنل کي چيو: "هن کي وقت ملڻ کپي، تہ پاڪستان جو نظريو ڳولي اچي". هن ڪرنل کي چيو: "مهرباني ڪري انهن کي گهرايو جن هنن کي گرفتار ڪري ڪيس ناهيو آهي، هنن غريب پوليس وارن کي هڻڻ ڪيسن جو اٿو پٽو ئي ناهي". ان تي ڪرنل ڪيس جي شنوائي 10 مارچ تائين ملتوي ڪئي. تيستائين جام ساقيءَ جي گهڙيل لطيفن، تاش ۽ شوڪت ٽانويءَ جي ناولن تي گذارو ڪرٽو پوندو. "مرغ مسلم، کهانہ جن لیا گیا" 10 مارچ تائين رڳو بڪ وڏائڻ ۽ وات ۾ پاڻي آڻڻ واريون ڪهاڻيون پڙهڻيون پونديون.

مان واپسيءَ تي سهيل کي ٻڌايو تہ: "انسپيڪٽر اسلم نور هڪ اي ايس آءِ کي توڙي اشارا ڪري ڏيکاري رهيو هو، شايد ايندڙ شنوائي تي تنهنجي خلاف شاهدي اچي. ان تي جام چيو: "سهيل، پوءِ تون ايندڙ شنوائي تي ڪلين شيو ٿي هلجان".

10_3_1982

اڄ سهيل سانگي کي امڪاني طور تي اسان ڪلين شيو ڪري وٺي وياسون. جڏهن ڪورٽ پهتاسون تہ پايي (سهيل جي گهرواري) سهيل

کي ڏاڍي عجيب و غريب ۽ حيرت وارين نظرن سان ڏسڻ لڳي. ۽ پنهنجي ڏيءَ زيبل کي چوڻ لڳي: "ڏس مائي پٽهين کي. وڏو ڏيشني بڻجي ويو آهي. هن کي ته جيل لڳي ويو آهي....!!"

اڄ به اُهو ئي ٿيو جنهن جي اسان تياري ڪري آيا آهيون. اسلم نور ايجا تائين نظريئي پاڪستان کي ڳولي رهيو آهي. سو اڄ هڪ اي ايس آءِ غلام محمد کي ونڊي آيا. ته هوا۾ شاهدي ڏئي ته هن سهيل کي ان گهر مان گرفتار ڪيو هو جتان شبير شر. ڪمال وارثي. پروفيسر جمال ۽ شهيد نذير عباسيءَ کي گرفتار ڪيو ويو هو ۽ تخريبي مواد هٿ آيو هو. شاهدي ڏيڻ بعد هن کان سرڪاري وڪيل پڇيو ته: "هتي ڏس عدالت ۾ اهو جوابدار آهي. جنهن کي تو گرفتار ڪيو هو؟". هن اسان ڏانهن غور سان ڏنو ۽ ويجهو اچي هڪ هڪ کي گهوري ڏسڻ لڳو هن پهريان بدر ابڙي تي هٿ رکيائين ته هي آهي. اسان ٿورو کلياسين ته ٻوري هن امر لعل تي هٿ رکيو. يوسف لغاري اشارن ۾ اسان کي گهٽو ئي روڪيو ته نه کلو. نيٺ اسان بيوقوفي جو مظاهرو ڪندي زور زور سان کلڻ لڳاسين. ته اي ايس آءِ بدحواس ٿي اٿي بيهي رهيو ۽ زور سان رڙ ڪري چيائين: "ملزم ڪٿي آهي؟" ان تي ڪرنل دڙڪو ڏنس ته: "تميز سان ڳالهاءِ. ڏس جوابدار عدالت ۾ موجود آهي يا نه! ورنه جيل ويندين". ان تي شاهد ايجا به وڌيڪ بدحواس ٿي ويو ۽ ڪمال وارثي تي هٿ رکيائين. ته وري ڪمال زور زور سان ڏند ڪرٽي رهيو هو. پوءِ يوسف لغاري چيو: "ڪا مار پويوَ ڪامريڈو کلو نه". پوءِ هن جي نظر سهيل تي پئجي وئي. "ہيں جی اے وی ، اے دس مجھواں کیوں منڈوایاں نی". باقائدي هي شاهد ته شڪل ۾ به محمد مشڪرو لڳي رهيو هو. ان تي ڪرنل هن تي ڏند ڪرٽيا ته هُو وڌيڪ هيسجي ويو. ان بعد آڏي پڇا جو سلسلو شروع ٿيو ته سهيل سانگي جي وڪيل يوسف لغاري هن کان سوال ڪيو ته: "اهو بڏاءِ. ته اهو توکي ڪنهن بڏايو هو ته هي سهيل سانگي آهي؟" اِهو پڇڻ تي هُو چوڻ لڳو: "سچ سچ بڏايان...!؟". ڪرنل چيس: "ها ها بڏائي". هُن کان سخت سيءَ ۾ به پگهر نڪرڻ لڳو. يوسف لغاري اجان به وڌيڪ همت ڏياريس ته: "ڪاڪا گهبرائي نه. هيءَ عدالت تنهنجي نوڪري ختم ٿيڻ نه ڏيندي". ان تي هن

وري ڪرنل ڏانهن ڏنو ته ڪرنل به ڦاسي ويو. ڪليل عدالت ۾ پوليس جي ڪوڙين شاهدين واري ڊرامي بازي جا پول پڌرا ٿي ويا. هن به چيس: "ها سچ سچ ٻڌائي، توکي ڪجهه نه ٿيندو". ان تي هن معصوماڻي انداز ۾ چيو ته: "مونکي انسپيڪٽر اسلم نور چيو هو ته اهو ملزم آهي، جنهن کي مون گرفتار ڪيو هو". ان تي يوسف لغاري ٻيو سوال ڪيو ته: "اسلم نور توکي ملزم ڪڏهن ڏيکاريو هو؟". هن چيو: "گذريل شنوائي تي". ڪرنل ڦڪائيءَ مان سچ ڳالهائڻ تي ويڙهجي اجازت ڏنس".

08_04_1982

پروفيسر جمال نقوي بيماريءَ جو بهانو ڪري لانڊي جيل مان سينٽرل جيل ڪراچي بدلي ڪرائي ويو. هاڻ هتي ڄام ساقي، ڪمال وارثي، سهيل سانگي ۽ مان بچيا آهيون، ۽ روز ڄام جي تاش لاءِ وقت ڏيڻو ٿو پوي. ڪيس جي ڪارروائي هلي رهي آهي، انسپيڪٽر اسلم نور کي اڃا تائين نظريئي پاڪستان تي ڪتاب نه ملي سگهيو آهي، ڪرنل به چيو: "هن ڪيس کي ناهڻ وارن کي به خبر ناهي، سو ڪيس ناهي ڦاسي ويا آهن". ڪرنل به سمجهڻ لڳو آهي ته هي ڪيس جڙتُوءِ ڪوڙ تي ٻڌل آهي، هن ڪافي پيرا اهڙو اظهار به ڪري ورتو آهي.

13_4_1982

اڄ اسان عدالت ۾ درخواست ڏني سون، ته اسان جي ساٿي شهيد نذير عباسيءَ جي قتل جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ ڪرائي وڃي، جن ساٿين جا وڪيل آهن، انهن درخواست ۾ لکيو آهي ته: "جيستائين اسان جي هن درخواست جو فيصلو نه ٿيندو، تيستائين هو وڪيلن کي ڪا به هدايت نه ڏيندا ۽ بائيڪاٽ ڪندا". مون غريب کي ته شروع کان ئي وڪيل نه ڏنو ويو هڪ پاڻ وڪيل آهي، ان به هتي اچي ڪڏهن منهنجو وڪيل ٿيڻ جي تڪليف نه ڪئي آهي. اسان چيو ته: "شهيد نذير عباسيءَ جي گهرواري پاڃائي حميدا گهانگهرو ايف آءِ آر به داخل ڪرائي آهي، گهٽ ۾ گهٽ ان ايف آءِ آر تي يونائيٽيڊ نيشن جي آفيسرن کان جاچ ڪرائي وڃي" ٻيواهو به لکيو آهي ته: "عدالت کي ڪليل قرار ڏئي اخبار وارن

کي کارروائي رپورٽ ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي". اسان وڌيڪ لکيو آهي ته: "اسان جي انهن سيني مسئلن جي حل تائين هن ملتري ڪورٽ جي کارروائي ملتوي ڪئي وڃي". جنهن کان سهيل سانگي ۽ بدر ابڙو پاڻ کي الڳ ٿلڳ رکيو ويٺا آهن _ اُهي هڪ همراهه جيان 50 ڏنڊا ۽ کائي رهيا آهن ته 50 بصر ۽.

اسان جي درخواست فوجي ڪورٽ تڏي تي ئي رد ڪري ڇڏي ۽ چيو ته: "پنهنجا وڪيل گهرايو نه ته توهان کي سرڪاري وڪيل ڏئي کارروائي هلائي ويندي". اسان جا ساٿي پنهنجي فيصلي تي اٽل آهن. عدالت سوچڻ لاءِ شنوائي 28 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

28_4_1982

اڄ ۽ اسان کي فوجي ڪورٽ وٽي آيا ۽ اسان کي عدالت چيو ته: "پنهنجي وڪيلن کي سڏايو. اڄ اسان ڪيس هلائينداسون". اسان چيو: "پل هلايو اسان جا لکت ۾ ڪيل مطالبا جيستائين مڃيا نه ويندا، اسان جا وڪيل پيش نه ٿيندا". سهيل سانگيءَ جو وڪيل يوسف لغاري ۽ بدر ابڙي جو وڪيل شفيع محمدي پيش ٿيا. اِها ۽ ڪامريڊن جي ئي حڪمت عملي آهي ته ڪجهه وڪيل هجن، ايئن نه ٿئي جو ٻنا وڪيلن جي هڪ هفتي ۾ ڪيس هلائي ٽنگي ڇڏين. جڏهن ته بدر ابڙي ۽ سهيل سانگيءَ کي غير پارٽي ۽ غير سياسي تصور ڪرايو پيو وڃي، جڏهن ته ٻنهي جا وڪيل ڪم سياسي ۽ پارٽيءَ جو ئي ڪري رهيا آهن.

پهرين مئي 1982

اڄ مزدورن جو عالمي ڏهاڙو هجڻ ڪري موڪل آهي. اڇوڪي ڏينهن تي سامراجي ملڪ يونائيٽڊ اسٽيٽس آف آمريڪا ۾ 1886ع ۾ مطالبن جي مڃتا ڪندڙ ۽ن مزدور اڳواڻن اگست اسپائيز ۽ البرٽ پارسن کي موت جي سزا ٻڌائي وئي. جج هن کي موت جي سزا ڏيندي لکيو هو ته: "جيتوڻيڪ هُو ڏوهاري ثابت نه ٿيا آهن، پر هو ڏوهه ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تنهن ڪري هنن کي موت جي سخا ڏني وڃي ٿي". پورهيتن کي 6 مئي 1886ع تي مطالبن جي مڃتا جي ڏوهه ۾، شڪاگو جي جيل ۾ موت جي سزا ڏني وئي.

10 مئي 1982

اڄ اسان کي عارضي فتح ملي آهي. ڪافي ڏينهن جي ڇڪتاڻ ڪانپوءِ اسپيشل ملٽري ڪورٽ کي ڪليل عدالت قرار ڏنو ويو آهي. سو به هڪ بن ويجهن عزيزن کي عدالت ۾ ويهي ڪارروائي ڏسڻي پوندي. اسان وٽ ويهارڻ لاءِ في الحال ٻيو ته ڪو ماڻهو ناهي. اسان وٽ مستقل طور تي ايندڙ ساڻي شبير بيدار پٽو آهي. اڄ ته ان کي ويهاريوسون. هُو اسان جي ڪارروائي ۽ روزانو نوٽ ڪري سڀني اخبارن کي پهچائيندو آهي. اڳي ته اسان هن کي ٻڌائيندا هئاسون. هاڻ هن کي پاڻ ويهي ڪارروائي لکڻ جو موقعو ملي ويو آهي. آهي به بهادر ماڻهو ڏاڍي بلڪل به نه ٽٻ به ٽي ٻيرا ڪرنل چيس ته: "چا ٿو لکين؟" هن چيو: "ڪجهه به نه. مان شاعري لکندو آهيان".

14 مئي 1982

اسان جي ڪيس ۾ سرڪار طرفان پيروي ڪندڙ سرڪاري وڪيل انور شير دل جو دورو پوڻ سبب گذاري ويو. هاڻ جيستائين ڪو ٻيو وڪيل اچي. ڪارروائي ملتوي رهندي. بدر ابڙي ۽ امر لعل ٻڌايو ته: "ڊاڪٽر جبار خٽڪ به گرفتار ٿي سينٽرل جيل ڪراچي تي پهتو آهي. هن تي ڏاڍو تشدد ٿيل آهي. هٿ پير سڄيل اٿس ۽ پُنيءَ جي کل لٽل اٿس. سڏو ٿي سمهي به نٿو سگهي". ڊاڪٽر جبار خٽڪ کي اسان جي ڪيس ۾ ئي روپوش قرار ڏنو ويو آهي. پر حيرت آهي ته هن کي هتي پيش ڇو نٿو ڪيو وڃي.

22 مئي 1982

اڄ مون کي منهنجي اکين ۾ شديد تڪليف سبب سول اسپتال موڪليو ويو. جتي ڊاڪٽر رباني ايمرجنسي بنيادن تي ساڃي اک جو آپريشن ڪيو. ان بعد ڊاڪٽر غلام رباني مونکي پوليس جوالي ڪري چڏيو. مون چيو: "توهان منهنجو آپريشن ڪيو آهي. مهرباني ڪري داخل ڪيو. مونکي شديد تڪليف جي صورت ۾ واپس ڪيئن ٿا موڪليو!؟" هن چيو: "ادا مجبوري آهي. مارشل لا وارن جو اهو ئي حڪم آهي". مون چيو: "ته پوءِ آپريشن نه ڪريو ها". هن چيو ته: "آپريشن به ضروري هو نه ڪريان ها ته توهان کي سخت نقصان ٿئي ها".

پوليس مونکي فوجي ڪورٽ وٽي آئي. شديد تڪليف باوجود اڪ تي پٽي ٻڌل هوندي به فوجي ڪورٽ ۾ ويهاري. ڪيس جي ڪارروائي هلائي وئي. اڄ رڳو ايترو ڪيو ويو. ته مونکي لانڊي جيل کان سينٽرل جيل ڪراچيءَ جي اسپتال وارڊ ۾ رکيو ويو.

ڪراچي سينٽرل جيل ۾ اچڻ سان فائدو اهو ٿيو ته هتي منهنجي نرسنگ به سٺي ٿي. ۽ پين ڪلر ٽڪيون به مليون ۽ سٺي ننڊ آئي. ڇو ته مونکي هتي سمهڻ لاءِ پلنگ مليو آهي. بدر ابڙو. صفت رند ۽ امر لعل به ملڻ آيا ۽ ڪافي دير تائين ڪچهري ڪندا رهيا. ڊاڪٽر جبار خٽڪ سان به ملاقات ٿي. ويچاري کي ڏاڍو ماريو اٿن. مان سمجهان ٿو ته جبار مان اسان جون به رهيل ڪسرون ڪڍڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي اٿن. هن کي ته صفا نپوڙي ڇڏيو اٿن. هُو واقعي بهادر خٽڪ آهي. پرپور مار پچائڻ کانپوءِ اڪيلو ئي جيل آيو آهي. ٻيو ڪو ساٿي قاسائي نه آندائين. مون چيس: "ڊاڪٽر توکي گهٽو ڳالهائڻ جي بيماري آهي. تو هنن کي نظرياتي بٽائڻ لاءِ مارڪسي فلسفو پڙهائڻ جي ڪوشش ۾ مار کاڌي هوندي". چيائين: "نه يارا مونکي ٻيا چون افراسياب خٽڪ تنهنجو ويجهو مائٽ آهي. ۽ تون افغانستان مان افراسياب خٽڪ ذريعي پارٽي کي فنڊ آڻي ڏيندو هوندين. بيوقوف جا پٽ ها. هڪ حڪومت کي ٻئي هنڊ ٻئسا موڪلڻ جو ذريعو به اهو ماڻهو ٻڌندو. جيڪو پارٽيءَ جو سرگرم رڪن هجي. هنن لاءِ ٻيا ذريعا ئي نه هوندا". مون چيو: "مان به اِها ئي ڳالهه ته چوان ٿو ڊاڪٽر تنهنجا هٿ سروٽي جهڙا ائين ته نه ٿيا آهن. پٽيءَ تان کل هروپرو ته لٽل ناهي نه! تون ڳالهائڻ کان نه مڙيو هوندين". مونکي چيائين: "وڏو ڪمينو آهين. مان هيڏيون اذيتون سهي موٽيو آهيان". مون چيو: "ان لاءِ اسان وٽ توکي سرخ سلام ڪرڻ کانسواءِ ٻيو آهي ئي ڇا!!؟"

25 مئي 1982

مونکي اڄ به اکين واري اسپتال نيو ويو. جتي ڊاڪٽر غلام رباني ٻي اک جو آپريشن ڪيو ۽ پوءِ واپس سينٽرل جيل ڪراچي آندو ويو. اڄ اهو ٿيو جو آپريشن کانپوءِ جيل تي آندو ويو. اُن ڏينهن ته آپريشن ڪري

فوجي ڪورٽ ۾ ويهاري پروسيڊنگس هلايون ويون، جنهن ڪري ڪمال وارثي ۽ گڏن ۾ شديد تڪليف سبب هن جيل جي اسپتال ۾ آندو ويو آهي.
اڄ ۽ امر لال، بدر ابڙو، صفت رند ۽ ڊاڪٽر جبار خٽڪ سميت ٻيا پ پ جا ناصر بلوچ، سيف الله خالد، ملڪ ايوب ۽ ٻيا دوست ملڻ آيا. هتي جيل گهٽ گهرجو ماحول وڌيڪ ٿو لڳي.

لانڊي جيل تہ اسان جي لاءِ ڪارو پاڻي ثابت ٿيو آهي، جتي ٻارن جو جيل هجڻ سبب اسان کي هڪ محدود ايراضي ۾ رکيو ٿو وڃي، ٻئي قيدي کي اچڻ جي اجازت ناهي ۽ اسان کي ٻئي هنڌ وڃڻ جي.

16_6_1982

اڄڪلهه فلسطين ۾ فلسطينين جو يهودي وڏي پئماني تي قتل عام ڪري رهيا آهن. فلسطينين جي بن ڪئمپن شطيلا ۽ صابره ۾ فلسطينين جو قتل عام ڪيو ويو آهي. ننڍا معصوم ٻار، ٻڍا، جوان مرد ۽ عورتون ڪُٽا ويا آهن. باقاعدي بي ڪربلا ٿهي وئي آهي.

مون کي اڄ ڪافي عرصي بعد فوجي ڪورٽ آندو ويو آهي. تہ مان امر لعل ۽ ڪمال وارثي فوجي ڪورٽ کي درخواست ڏني آهي تہ: "اسان کي لبنان موڪليو وڃي، تہ جيئن اسان فلسطيني عوام سان گڏجي هلندڙ خوفناڪ جنگ ۾ شريڪ ٿي سگهون. اسرائيل ۽ آمريڪي جارحيت جو مقابلو ڪري، يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيون". اسان وڌيڪ لکيو آهي تہ: "جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ، جيڪڏهن اسان زندهه بچي وياسون، تہ واپس اچي ڪيس وڙهنداسون". ان تي ڪرنل ۽ ڪورٽ جا ميمبر ڪلڻ لڳا. چيائون: "شبير شر تازو اکيون ٽهرائي آيو آهي ۽ ڪمال وارثي جا گڏڙا ڪم ڪونہ پيا ڪن، هي ڪهڙي جنگ وڙهندا". پوءِ ۽ ڪرنل چيو تہ: "اسان هي درخواست چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کي موڪليون ٿا".

17 جون 1982

اڄ اسان کي ٻڌايو ويو تہ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر اسان جي فلسطين ۾ وڃي، جهاد ڪرڻ واري درخواست رد ڪئي آهي، جنهن تي اسان اڄ ٻي درخواست ڏني، تہ اسان کان فلسطينين لاءِ رت جو عطيو ونڊي اُهو

موڪليو ويڃي. اُها درخواست تہ اسان جي تسليم ڪئي وئي، پر رت وٺڻ جو بندوبست نہ ڪيو ويو. ان تي جام ساقي عدالت کي چيو تہ: "توهان اسان جي ساڻين کي فلسطينين جي حق ۾ جهاد جي اجازت ڪيئن ڏيندا...!؟ 1970 ۾ توهان جي چيف مارشل لا ايڈمنسٽريٽر جنرل ضياءَ ۽ ايئر مارشل انور شميم، اردن جي ڪئمپن ۾ رهندڙ فلسطينين جو قتل عام ڪيو هو. ان وقت جي اسرائيلي صدر چيو هو تہ اسان 70 سالن ۾ ايترا فلسطيني نہ ماري سگهيا آهيون، جيترا جنرل ضياءُ الحق اڻ ڏينهن ۾ ماريا آهن".

20 جون 1982

اڄ ڪورٽ کان واپس ويندي، مونکي لانڊي جيل واري وين ۾ ويهاريو ويو. پروفيسر جمال، بدر، امر لال ۽ ڪمال وارثي سينٽرل جيل ڪراچي ويا. هاڻ مان ۽ سهيل جام ساقي جي لطيفن ۽ تاش جي رحم ڪرم تي رهنداسون. رستي ۾ سهيل شرارتي اکين سان چوندو هليو "هل پٽ هاڻ هلي تاش کيڏ ۽ جام جا دڙڪا کاءُ".

25 جون 1982

اڄڪلهه موسم ڏاڍي جهڙالي آهي. ڪراچي ڪارن بادلن سان ڍڪيل آهي. بادل هلڪي هلڪي بوند برسائيندا رهن ٿا. ڳوٺ ۾ ٻہ سانوٽيءَ جي مند هوندي. مالوند پٽن تي مال چارينداهوندا. "ديس ونو دلدار، ملڪ مارن جو آ گهٽيون گهيرا" جا سُرَ آلاپيندا هوندا. خبر ناهي اسان جا ڪلف ڪڙا ڪڏهن ٽٽندا ۽ اسان ٻہ ميگهه ملهار ۾ وڃي مزا ماڻينداسين.

14_7_1982

ڪالهه ڪورٽ وڃڻا هئاسون، پر مولیٰ علي عليہ السلام جي شهادت جو ڏينهن هجڻ ڪري پوليس جي ماتمي جلوسن ۾ مصروف هجڻ سبب اسان کي ڪورٽ نہ وٺي ويا. سو هاڻ تاريخ جي خبر ناهي، تہ ڪڏهن رکي وئي آهي. اخبارن ۾ خبرون آهن تہ ماتمي جلوس ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل جا جهنڊا ساڙيا ويا. فوجين ۽ ماڻهن ۾ سڃو ڏينهن ڇڪريون رهيون. مان ڪوليءَ ۾ وينو هلال پاڪستان اخبار ۾ عورتن جو صفحو پڙهي رهيو هيس، خاص مواد نہ هجڻ ڪري پور ٿي باهر نڪتس ۽ وارڊ جي بند دروازي وٽ

بيهي، سامهون واري ميدان ۾ برج کي ڏسندو رهيس. ايتري ۾ ڳاڙهي ٽوپيءَ وارو قيدي جنهن کي هتي مقدم ٿا چون، اسان جي وارڊ ڏانهن ڊوڙندو نظر آيو. مان سمجهي ويس ته اهو ڪورٽ جو ئي سڌ آهي. هن اچي چيو: "پوليس اچي وئي آهي هلو". اسان چيو: "ايئن ڪيئن هلون؟ تيار ٿيون". تڏ تڪڙ ۾ شيو ڪري ڪپڑا پائي، تڏ تڪڙ ۾ ناشتو ڪري، وڃي گيٽ تي پهتاسون. ٻاهر نڪرڻ سان نوان سنوان ٿيندا آهيون. سنگت سات ملڻ ايندي آهي. کي ايم سي کامپليڪس واري ڪورٽ ۾ اسان جا سينٽرل جيل وارا ساٿي اڳ ۾ ئي ويٺا ها. بدر ابڙو ٿورو مايوس نظر آيو. پڇڻ تي هن ٻڌايو: "يار بابا ۽ امان آمريڪا هليا ويا آهن، جو بابا کي دل جو آپريشن ڪرائڻو آهي. امان ملڻ ايندي هئي، اها به نه ايندي". مون چيو: "خير گهبرايو نه، اچي ويندا". هن چيو: "گهبرايان ته نڏو بس ايئن ٿوري مونجهه ته ٿئي ٿي".

بدر ابڙو جي سَسُ ۽ مڱيندي ملڻ آيا آهن، خبر ناهي ڇا تي تڪرار آهي. بدر سخت پريشان لڳي رهيو آهي. مان دروازي تي ويس ته ايترو ٻڌڻ ۾ آيو ته: "توکي هڪڙو فيصلو ڪرڻو پوندو. اسان يا تنهنجو انقلاب". بدر رڳو ايترو چيو: "مونکي توهان جو ڪو به شرط قبول ناهي". بدر جي طبيعت آهي ته هُو گهٽ، مختصر ۽ جامع ڳالهائيندو آهي. بدر تمام حساس ماڻهو آهي. منهنجي خيال ۾ هن جي مڱ هن جي پسند به آهي، پر اڄ هو وڏا ۽ سخت لفظ چئي ويو آهي. انقلاب لاءِ ماڻهوءَ کي ڇا ڇا قربان ڪرڻو ٿو پوي. آزادين سان گڏ پيار به...! شايد! اها آخري ملاقات هئي. هُو هليا ويا. هنن جي وڃڻ بعد بدر سگريٽ مٿان سگريٽ پيئندو رهيو. مون ۾ همت نه ٿي، ته هن کان حال وٺي سگهان.

15_7_1982

اڄ به ڪورٽ ۾ آيا آهيون. مان ۽ بدر ساڳي ڪمري ۾ ويٺا آهيون. مون بدر کي چيو: "ڪالهه جيڪو ڪجهه ٿيو ٺيڪ ته نه ٿيو". بدر چيو: "ٺيڪ ٿيو اِهو به هڪڙي ڏينهن ڪاٽڻو هو. سڀ ٿيو پنهنجي وقت تي ڪاٽي پيو نه ته بعد ۾ ڏاڍي تڪليف ڏئي ها". مون چيو ته: "ظفرالله پوشني جي پنڊي سازش ڪيس واري ڊائري پڙهي اٿئي؟". بدر چيو: "ها". مون چيو:

"توهان جو فيصلو هن کان متانهون نظر آيو". بدر چيو: "اهو ائين ئي ٿيڻو هو هاڻ ڪير اسان جو ويهي انتظار ڪندو؟ اسان کي پنهنجي منزل جو پتو آهي. اڄ ڪٽڪ ۾ اٽڪ جدوجهد آهي، جنهن تي هي پيار ته قربان ڪرڻا پوندا ئي" مون ۾ هن کان وڌيڪ سوال ڪرڻ جي همٿ نه رهي.

ٿوري دير ۾ منهنجا عزيز رسول بخش شر، عبد علي شر جيڪو هتي پوليس ۾ سپاهي ۽ رضا محمد ملڻ آيا. عبد علي سامان جون ٿيلهيون رکيون، مون پڇيس: "هي ڇا!؟" هن چيو: "عيد جو سامان آندو آهي تولاءِ، مان به اج ڳوٺ ٿو وڃان، سو عيد اُتي ڪندس، هي تون جيل ۾ عيد ڪجان. اسان مان ڪو عيد ڏينهن اچي ڪونه سگهندو، سو ڳوٺ وڃي ڪراڻن کي دلداري ڏيندس. هتي هجان ها ته عيد ڏينهن سَيُون ۽ ٻوڙ پچائي کڻي اچان ها". عبد علي ۽ مان گڏ پڙهيا آهيون، جهيڙا به ڪندا هئاسون، ته دوستي به هلندي رهندي هئي. شابس اٿس جو ايترو خيال ته ڪيائين. هونئن به سدائين ايندو آهي ته ميوا جام آڻيندو آهي، دلبر ماڻهو آهي. رضا محمد شر کي مان محسوس ڪيو ته هن کي اسان سان نظرياتي قربت ٿي وئي آهي ۽ باهر جون ڳالهيون بهتر انداز ۾ رکڻ لڳو آهي.

23_8_1982

يڪو عيد جون موڪلون رهيون ۽ ڪورٽ به هڪ نه ٻئي مسئلي سبب لڳاتار ملتوي ٿيندي رهي آهي. اج به ڪيس جي ڪارروائي ان ڪري نٿي هلي سگهي، جو انسپيڪٽر اسلم نور کي نظريئي پاڪستان جي باري ۾ ڪا به لکيت ۾ سند نٿي ملي ۽ هو ڏاڍو پريشان آهي. اج به هن ڪرنل کي چيو: "جناب مونکي وقت ڏيو ته نظريئي پاڪستان کي پيش ڪريان". ان تي ڪرنل هن کي چيو: "توهان پوليس وارا آهيو ئي نااهل! توهان کان نظريئي پاڪستان نٿو ليي". ان تي اسان کان ٿهڪ نڪري ويا. ڪرنل وري به هن کي سنجيده ٿي چيو: "جي تون نظريئي پاڪستان کي ايندڙ شنوائي تائين هٿ ڪري نه آئين، ته بوري بستر کنيون اچجان، تون جيل ويندين". هن زوردار سليوٽ ڪري چيو: "يس سر". هُو باهر ويو ته ڪرنل، ڪئپٽن مئجسٽريٽ سميت زور زور سان ٿهڪ ڏيڻ لڳاسون. ڪرنل کل روڪيندي

چيو: "حد آهي، هيڏا سارا پڙهيل لکيل ماڻهو انهن خلاف هي جاهل پوليس وارا شاهد ڪيا ويا آهن". هاڻ ڪرنل ۽ ڪورٽ جا ٻيا ميمبر ۽ سمجهڻ لڳا آهن، ته ڪيس ڪوڙو آهي، باقي رهي مارشل لا، ان جي ته هي جوابدار ڪلم ڪلا مخالفت ڪري رهيا آهن. ان جي سزا سال کان مٿي ناهي، ڪرنل چيو: "خبر ناهي اسان جي مٿين کي ڪير ٿو ههڙيون غلط پٽيون پڙهائي".

25_8_1982

اڄ ۽ نظريئي پاڪستان ٻجي ٻگولا جاري رهي ۽ ڪيس نه هلي سگهيو. بدر ابڙي پنهنجو هڪ تازو لکيل نظم ڏيکاريو. ڏاڍو وڻيو. مونکي بدر سان ڏاڍي ريس ٽيندي آهي، ته نه بدر جهڙو مونکي لکڻ ٿو اچيم، نه شاعري! هن وٽ ڪا قدرتي ذات آهي، جيڪا مٽس نازل ٽيندي رهي ٿي، پاڻ ته اُهي ئي ڪورا ڇڏ، ٻگالهه سمجهه کان چڙهيل آهي.

1_9_1982

اڄ عدالت ۾ اسان جو سينيئر ساٿي تيار ڪيل ڊرامي ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. هاڻ خبر ناهي ته اُهو ڪيستائين ٿو هلي. ڪجهه ڏينهن اڳ جام ساقي ۽ پروفيسر جمال نقوي چيو ته: "اسان مان ڪنهن کي بيمار ٽيڻ گهرجي. ايم آر ڊي 14 آگسٽ 1983ع تي جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي. سو 14 آگسٽ تائين پهچڻ لاءِ اهو ڪم ضروري آهي. نه ته هي ڪيس هن سال ئي مڪمل ڪري ڏاسي ڏئي ڇڏيندا". پروفيسر جمال ڏاسيءَ کان ڏاڍو ٿو ڊڄي. اڄ جڏهن ويٽنگ روم ۾ وينا هئاسون ته پروفيسر ڏڪڻ شروع ڪيو ۽ چيائين: "مونکي ڪجهه ٿئي پيو. مونکي منهنجو مُنهن ٽيڏو ٽيندو محسوس ٿو ٿئي". ان تي جام چيس: "ياڃائيءَ کان پڇنداسين ته اُها چوندي. تنهنجو مُنهن سڌو ڪڏهن هيو ئي نه. شروع کان ئي ٽيڏو هو". بهرحال، جام هُل هنگامون ڪيو. ڪرنل ايمبولينس گهرائي. اسپتال ۾ به پروفيسر جا مٽ مائٽ پهتا. جيڪي وڏي پهچ وارا آهن. چون ٿا ته پروفيسر کي جناح اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي، سو في الحال ته منصوبو ڪامياب آهي. شام جو اسان کي لانڊي جيل ۽ بدر وارن کي سينٽرل جيل روانو ڪيو ويو. تاريخ وغيره نه ڏني وئي.

مان رستي ۾ جام کي چيو: "پروفيسر جمال نقوي ته اناالله وانا عليہ راجعون ٿي ويو". جام ڪاوڙ مان ڏسندي چيو: "ڇا مطلب!؟". مون چيو: "مطلب صاف يا فوت ٿي ويندو يا بيماري ختم نہ ٿيندي. اسان جو ڪيس هلندو هلندو ختم ٿي ويندو. اسان سزائون وٺي ويندا سون". ان تي جام آپي مان نڪري ويو: "اسان کي حيرت آهي ته وهان جهڙن ساڻين تي، جو ساڻين جي باري ۾ اهڙي گندي ۽ واحيات سوچ ٿا رکو". پوءِ ته همراهہ لانڊي جيل تائين بس نہ ڪئي. ان تي سهيل چيس: "شبير غلط ٻگالهہ ڪهڙي ڪئي آهي جامَ..!؟ جو ائين کٽي ڪپڑا لاٿا اٿئي". پوءِ ته مونکي ڇڏي سهيل ڏي ڦريو تون هونئن بہ پارٽي دشمن سوچ رکندڙ آهين. تون ئي ته هن کي پڙڪائيندو رهين ٿو. مون چيو: "واهہ جيل بہ ڪٽيون پيا، پارٽي دشمن بہ آهيون. جيڪي پاڻ بچائي ساڻي مارائي آيا، اُهي توهان جي لاءِ اڄ بہ معتبر آهن". ايتري ۾ جيل اچي ويو ۽ جارحاڻي بحث مان اسان جي جان ڇُٽي.

4_9_1982

پروفيسر جمال جي بيمار ٿيڻ بعد هاڻ ڪورٽ جي ڪارروائي في الحال ته بند ٿي وئي آهي. مان ۽ سهيل سانگي ڪورٽ کي درخواست ڏني هئي، ته اسان کي چڪاس لاءِ اسپتال نيو وڃي. سو اڄ اسان ٻنهي کي پوليس گارڊ سول اسپتال ڪراچي وٺي وبا. جتي مونکي اکين واري وارڊ ۾ نيو ويو ۽ اتي ڊاڪٽر غلام رباني منهنجي اکين جي چڪاس ڪئي ۽ چيائين: "هاڻ توهان ٺيڪ آهيو". مان اتان کان ٻاهر نڪتس ته اسان سان گڏ آيل ڪرمنل قيدي مقصود روڻهارکو مُنهن ڪيو ٻينو هو. هن جون اکيون ڏاڍيون خراب ٿي چڪيون آهن. هن چيو ته: "ڊاڪٽر ناهي ۽ چون ٿا ته هو 9 سيپٽمبر تائين موڪل تي آهي" مان هن کي ٻانهن کان پکڑي ڊاڪٽر غلام رباني ڏانهن وٺي آيس ۽ چيومانس: "سائين هي الله سائينءَ جو ماڻهو آهي، هن جي بہ چڪاس ڪيو". ڊاڪٽر چڪاس ڪري هن کي دوائون بہ سرڪاري اسٽور مان گهرائي ڏنيون. ڊاڪٽر رباني سنڌي نوجوان ڊاڪٽر آهيم نوابشاهہ سان تعلق اٿس. سنڌي ڊاڪٽر يا پوليس آفيسر، اسان سياسي قيدين جو خيال بہ رکن ٿا، ته عزت بہ ڏين ٿا. واپس گاڏي ۾ آياسون ته مونکي

ته ڊاڪٽر ڪونہ مليو. هُن پوليس وارن کي چيو ته پروفيسر ڏانهن وڃي هلن ُهو به هن ئي اسپتال ۾ داخل آهي. اسان پوليس وارن کي ٿوري گھٽي منٽ ڪئي ته هليا. اتي وياسون ته پروفيسر جمال اسان ڏسي پريشان ٿي ويو. هُو ڏاڍو نيڪ ناڪ ٿيو ويٺو هو. بيمار ته بلڪل ڪونہ پئي لڳي. سهيل چيس پروفيسر: "بچيو ته آهين!؟". چيائين: "ها يارا بس ترت نہ پهچان ها ته واڇ گودو ۽ اک ٽپال هجي ها". ان تي سهيل چيس: "تون بيمار چگو آهين. الله ڪري اٺندي ئي نہ". ان تي پروفيسر چيو: "يار پٽيو چو ٿا؟". سهيل چيو: "پٽيون نٿا. جيستائين تون بيمار هوندين. تيستائين ڪيس نہ هلندو. پل حالتون بہ ڪجھ بهتر ٿين. تيستائين تون هتي آرام ڪر". پروفيسر چيو: "مان سمجهان ٿو ته مان بيمار آهيان" سهيل چيو: "ساڻي اسان توسان سؤ سيڪڙو اتفاق ٿا ڪريون". هن اسان کي ٽرماس مان چانھ ڪڍي پياري ۽ پوءِ اسان لانڊي جيل لاءِ روانا ٿي وياسون.

15_9_1982

جڏهن کان پروفيسر جمال بيمار ٿي سول اسپتال داخل ٿيو آهي. تڏهن کان ڪورٽ بہ بند آهي. سهيل جي طبيعت بہ گھٽي خراب ٿي رهي. جنهن ڪري هُو ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهي. جيل وارن تي گھٽا ئي پيرا زور پريو آهي. ته سهيل کي سينٽرل جيل ڪراچي موڪليو. پر هُو چون ٿا ته جيستائين فوجي ڪورٽ آرڊر نہ ڪندي. تيستائين هُو نٿا موڪلي سگھن. نيٺ سهيل جي گھرواري همٽ ڪئي ۽ فوجي ڪورٽ ۾ درخواست ڏئي سهيل جي لانڊي جيل کان سينٽرل جيل ڪراچي لاءِ منتقلي جو حڪم وڃي آئي. ۽ سهيل اڄ سينٽرل جيل ڪراچي منتقل ٿي ويو. هاڻ هتي آهي جام ساقي ۽ مان. خدا ڪري منهنجو هيءُ همراهہ مونکي بہ نہ چريو ڪري ڇڏي. رڳو تاش. اجايا لطيفا ۽ پاڻ پڏائڻ واريون ڳالهيون. جيل کي پوڳيان يا جام کي.....!!

18_9_1982

ڪافي عرصي بعد اڄ ڪورٽ جو سڏ ٿيو آهي. ماستر (پروفيسر جمال جو خفيہ نالو) جي طبيعت اڃا سوڏو خراب آهي. سو ان ڪري

ڪورٽ نہ هلي. ڪورٽ پريشان آهي تہ ڪيس کي ڪافي عرصو ٿي ويو آهي. چاڪاڻ تہ هي واحد ڪيس آهي، جيڪو فوجي ڪورٽ مارشل ۾ ايڏو وڏو وقت ونيو آهي. نہ تہ بن ٽن مهينن کان وڌيڪ ڪوبہ ڪيس نہ هلندو آهي. هي ڪُورٽون رڳو سزائون ڏيڻ لاءِ آهن. هتي اڄ چاچا شاهہ محمد دراني جو فرزند بقا محمد دراني بہ آيو مون هن کي تڙ تڪڙ ۾ خط لکي ڏنو تہ اُهو ابو امڙ تائين پهچائين. مونکان پڇيائين: "لياقت ملڻ ايندو آهي؟"، مون چيو: "ها هڪ ٻہ ڀيرو آيو آهي". چيائين: "غلام حسين شر (منهنجو وڏو ڀاءُ) پاڻ روپوش آهي، پر لياقت کي تہ اچڻ کپي". مون چيو: "ها اچڻ تہ کپي، پر هن جي مرضي آهي، مان چا ٿو ڪري سگهان".

19_9_1982

اڄ خبر آئي آهي تہ آئرلينڊ جي ڏهن آزادي پسند قيدين گذريل 70 ڏينهن کان مرڻ گهري تائين بک هڙتال ڪري رکي آهي ۽ برطانوي سرڪار هنن جا مطالبا نہ پئي مڃي. هڪ سرواڻ قيدي بوبي سينڈس بابت لکيو ويو آهي، تہ هن جي حالت تمام خراب آهي ۽ هنن ڪجهہ بہ کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ايئن ڏکڻ آفريڪا جو نيلسن منڊيلا گذريل 20 سالن کان لڳاتار قيد آهي. سڄي دنيا ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ملڪ ۾ آزادي ۽ انقلاب لاءِ جدوجهد هلي رهي آهي. سوويت يونين (روس) سميت دنيا جا سوشلسٹ ملڪ انهن آزادي پسند انقلابين جي مدد ڪري رهيا آهن. وچ اوپر ۾ فلسطيني پنهنجي آزاديءَ جي ويڑهہ وڙهي رهيا آهن. جڏهن تہ سعودي عرب سميت سمورا عرب حڪمران هنن جي ڪا بہ مدد نہ پيا ڪن. صرف ايران ۽ شام فلسطينين جي مدد ڪري رهيا آهن.

25_9_1982

مون کي هتي لانڊي جيل جي لائبريري ۾ شوڪت ٿانوي جي ڪتابن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪتاب نٿو ملي. هي چون ٿا تہ ماٺهو جيلن تي ڪتاب عطيئي طور نٿا موڪلين. جيل وارا ڪتابن جي بجيٽ بہ پاڻ کائي ٿا وڃن.

30_9_1982

انقلاب جي ڊرامي جا ايڪٽ ٽيندا آهن: هڪڙو پراڻي حڪمراني کي تباهه ڪرڻ ۽ ٻيو نئين انقلابي حڪومت قائم ڪرڻ. هتي انقلابي حڪومت تڏهن قائم ڪري سگهندي جڏهن عوام جي ذهني ارتقا ان جي اجازت ڏيندي. عوام جي شرڪت کانسواءِ هتي انقلاب جو اچڻ ناممڪن آهي. هتي ويٽنام ۽ ڪمبوڊيا جيان نه گهاٽا ٻيلا آهن ۽ نه پهاڙ. هتي عوام جو جهنگل پاڻ سان ملائڻو پوندو. جيڪو ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. جو ته اسان جا اڻڄاڻ انقلابي ڪامريڊ ماڻهن جي اڳواڻي ڪرڻ بدران مذهبن جي مخالفت ڪري رهيا آهن _ جيڪا ڳالهه عام ماڻهوءَ کي پسند ناهي. هن قسم جي جدوجهد انقلابي ڏارا کي سخت چيهو رسائي رهي آهي. پر ڪامريڊ اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ تيار ئي ناهن. جيڪڏهن اها صورتحال رهي، ته هتي انقلاب اچڻ وارو عمل ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي.

1_10_1982

پروفيسر جمال نقوي جي بيمار ٿي اسپتال پيڙو ٽيڻ بعد، اسان جو ڪورٽ وڃڻ بند ٿي ويو آهي. اسان هڪ پيرو ٻيهر باهرين دنيا کان بلڪل ڪٽجي ويا آهيون. هتي نه ملاقات ڪرڻ وارو ڪوئي اچي ٿو نه باهر جو ڪو حال احوال ئي ملي ٿو. سينسر ڪيل اخبارون ملن ٽيون، انهن ۾ چپيل شادين جا اشتهار به پڙهي ٿا چڏيون، پر وقت پوءِ به بچي ٿو پوي.

2_10_1982

خبر پئي آهي ته به سپاف جا چوڪرا لاڙڪاڻي مارشل لا ڪورٽ مان سزا ونڊي آيا آهن، انهن کي عام قيدين ۾ يا پوئين انبن وارين ڪولين ۾ رکيو اٿن. ننڍڙا بار قيدي اسان کي ڊانڊرس (Dangrious) چوندا آهن، انهن ئي ٻڌايو ته ٻيا ڊانڊرس قيدي به آيا آهن. پتو ڪرايوسون، تڏهن خبر پئي ته انهن مان هڪ جو نالو ذوالفقار قادري ۽ ٻئي جو توصيف ملڪ آهي. جام ساقي جيلر قمر شاهه کي نياپو موڪلي گهرايو ۽ چيو ته: "هڪ ته اسان کي هتي ٻارن جي جيل ۾ قيد رکڻ واري حڪومت جي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي! ٻيو توهان به وسان نٿا گهٽايو. گهٽ ۾ گهٽ هتي سياسي قيدي اچن ٿا. اُهي

ته اسان سان گڏ رکو". قمر شاهه چيو: "مان سپرنٽينڊنٽ قاسم علي خواجا تائين توهان جي ڀالهه پهچايان ٿو".

3_10_1982

جيلر قمر شاهه اڄ سپاف جي سياسي قيدين کي اسان جي وارڊ ۾ وٺي آيو ۽ چيائين: "ڏينهن جو ڪچهري ڪيو. رات جو هي وري واپس پنهنجي ڪولين ۾ ويندا". جام ساقي ديرئي نه ڪئي، ورانڊي ۾ ڪمبل وڇائي تاش کٽي آيو. ذوالفقار قادري ۽ توصيف ملڪ چيو: "اسان کي تاش نه ايندي آهي. اسان کي مارڪسي فلسفو پڙهايو". مون چيو "اُهو وري اسان کي نه ايندو آهي". ان تي هو حيران ٿيا: "اهو وري ڪيئن!؟" جام چيو: "اُهو به پڙهنداسون. پر تاش ضروري آهي. تاش کانسواءِ وقت نه گذرندو". ذوالفقار قادري ننڍي عمر جو هوندي به تيز ٿو لڳي. هُن چيو: "معنيٰ اسان کي انقلابي نه بڻائيندا...!! تاش کيڏائي ڪري موڪليندا". منجهند جو پتو (جيل جي ماني) به گڏجي کاڌوسين ۽ شام تائين ڪافي حال احوال اورياسون. هنن کي فوجي ڪورٽ پٽين تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قاتلن تي لعنتون لکڻ تي سال سال سزا ڏني آهي. اڇوڪو ڏينهن ڏاڍو سٺو گذريو. نيٺ، شام جو هنن کي اسان کان الڳ ڪيو ويو.

4_10_1982

هتي هن جيل ۾ اسان جي زندگي انتهائي محدود ڪئي وئي آهي. نه لکڻ پڙهڻ جو موقعو يا سهوليت ۽ نه ميل ملاقات جي اجازت. صبح کان جيلر ڏانهن نياپا پيا موڪليون. ته سپاف جي سياسي قيدين ذوالفقار قادري ۽ توصيف ملڪ کي اسان جي وارڊ ۾ موڪليو. ته جيلر کا شنوائي نٿو ڪري هڪ بهترين جيلر قمر شاهه جي جاءِ تي هڪ پاڳل جيلر شڪارپوري پٺاڻ آغا نورالله کي موڪليو ويو آهي، جنهن کي پاڻ کي هر طرح جون عادتون آهن، چون ٿا ته هار قيدين سان بچڙايون به ڪندو رهي ٿو. اسان جيلر ڏانهن وارڊ حوالدار کي آخري نياپو ڪيوسون. جي ڏهن منٽن اندر سياسي قيدي چوڪرا اسان جي وارڊ ۾ نه آيا ته وارڊ جي پٽ ٽپي، سڄي جيل جي قيدين کي گڏ ڪري توهان خلاف احتجاج ڪنداسون. ان ڌمڪي بعد ذوالفقار

قادري ۽ توصيف ملڪ کي اسان جي وارڊ ۾ موڪليو ويو. اڄ توصيف ملڪ بہ ڳالهايو. هي ٻئي نوجوان قمبر جا آهن. توصيف پ پ جي جيالي سليم ملڪ جو ننڍو پاءُ آهي. سليم ملڪ مارشل لا واري ڏينهن کان ڦٽڪا کائيندو جيل پوڳيندو ٿو رهي. پر هن ڪڏهن بہ مارشل لا اختيارين سان نہ سودي بازي ڪئي آهي. نہ ئي جهڪيو آهي. باقي ذوالفقار قادري تہ ڦٽاڪو آهي ڦٽاڪو ايتري عمر نہ اٽس. جهڙيون تجرباتي ڳالهيون ٿوڪري.

5_10_1982

مان جام ساقي کي چيو تہ: "سپرنٽينڈنٽ قاسم علي خواجا تي زور پريو تہ سپاف جي سياسي قيدين کي اسان سان رکيو وڃي. ايئن اسان جي تنهائي بوريت بہ گهٽبي". هي جيلر آغا نورالله تہ انتهائي ڪمينو ۽ اذيت پرست آهي. هي ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ اسان سان ڪو ٻيو قيدي گڏ رهي. جام ساقي منهنجي مطالبي تي ايس پي جيل قاسم علي خواجہ کي نياپو موڪليو تہ: "اسان سان ملاقات ڪريو. هتي اچو يا اسان کي گهرايو". هن جي آفيس جيل کان ٻاهر آهي. سو اسان کي اتي ڪڏهن بہ نہ گهيرائيندو آهي. منڊو هجڻ سبب آهستي آهستي پنڌ ڪري اسان جي وارڊ تي پاڻ هليو ايندو آهي. هُو آيو تہ اسان هن کي چيو: "هنن بن سياسي قيدين کي اسان جي وارڊ ۾ رکو". جيلر نور الله گڏ هئس. سو چوڻ لڳو: "سائين مارشل لا وارا هرگز اجازت نہ ڏيندا". ان تي مون چيو: "آغا صاحب! توهان جو تہ اسان بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. تون تہ تمام جلد اسان جهڙو ٽيڻ وارو آهين. هڪدم تارا هيڏا ٿي ويس. "ڇا مطلب!؟" مون چيو تہ: "مون دوستن کي خط لکيو آهي. تہ آغا نور الله اسان سان ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿي ويو آهي. جيڪو بہ سامان هوندو. ان ذريعي موڪلينداسون ۽ سُرخ پرچم جي چپائي جاري رکو". چيائين: "پوءِ مان ڪو ڪٽي ويندس. مون کي اِهو خط ڇا ڪندو؟". مون چيو: "اهو خط سي آءِ ڊي وارا کوليندا ۽ تنهنجو ڪم پورو ٿي ويندو". ان تي هُو همراهہ وڌلڻ لڳو: "خواجا صاحب! هي تہ زيادتي آهي. مان توهان کي جهلينڈو هئس. هي ماڻهو انتهائي خطرناڪ آهن. هنن کي قلم ڪاغذ نہ ڏيندا ڪريو". جام چيو: "ابول...! شبيرَ اهو تہ تو قهر ڪري ڇڏيو.

غريب جا ٻچا ننڍا، هنن جي نہ رڳو نوڪري تيل ٿيندي، جيل ۾ ويندو".
جيلر صاحب جا فيوز اڏامي ويا ۽ پنگ جا نشا لهي ويس، هن کي سمجهه ۾ نہ
پيو اچي تہ چا ڪري سو قاسم علي خواجا کي چوڻ لڳو: "سائين ٻئي
چوڪرا هونئن ۾ شيطان آهن، سڄو جيل پيليندا تا وتن، هتي وارڊ ۾ بند ٿي
ويندا". ان تي قاسم علي خواجہ ٿورو مُرڪيو ۽ چيائينس: "مان تہ توکي
پهرئين ڏينهن کان اِها ڳالهہ ڪندو هئس، پر توکي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي
هئي". ايس پي جيل کي ۾ موقعو ملي ويو ۽ جيلر کي چيائين: "هنن ٻنهي
چوڪرن کي وٺي اچ". جيلر جي پتلون ڍري ٿي وئي، سو ڊوڙندو ويو. هن جي
ويڑ بعد قاسم علي خواجہ مونکي چيو: "ها شبير ائين ڪيو اٿئي چا؟!".
مون چيو: "سائين ڪيو ناهي، پر جيڏو توهان ۽ توهان جي جيلر اسان کي
تنگ ڪيو آهي، دل چوندي آهي ايئن ڪري ڇڏيان". هن ٻانهون ٻڌي چيو:
"يرَا! مارشل لا اڳيان اسان جي حيثيت چا آهي؟ هن جي چوڻ ۽ حڪم تي
اسان توهان کي الڳ رکيو آهي".

6_10_1982

ڪالهہ شام اسان جا ۾ ساٿي ذوالفقار قادري ۽ توصيف ملڪ ۾
اسان جي وارڊ ۾ اچي ويا آهن. سڄي رات پنهنجي پنهنجي ڪولين ۾ قيد
هوندي ڪچهري ڪندا رهياسون. گُهٽ ۽ بُوسٽ واري ماحول ۾ ڪافي حد
تائين گهٽتائي ٿي آهي. اڄ جام ساقي جي مطالبي تي تاش ۾ شروع ڪئي
سين. جام کي چيوسين: "مارڪسي فلسفو تہ نہ سيکارجان". جام چيو: "جوئا
۾ ڇگو هنر آهي، گهٽ ۾ گهٽ ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ بيروزگار تہ نہ رهندؤ". تاش
دوران بحث ۾ هلندو رهيو. جاگيرداري سياست بورجوا طبقاتي بحث جو
موضوع رهيا. جام ساقي چيو تہ: "بورجوا سياستدان سدائين ماڻهن کي خالي
پلاءُ کارائيندو آهي، ڪوڪلي نعريبازي، سستي مشهوري حاصل ڪرڻ جي
ڪوشش ڪندو آهي، پاڻ کي مشهور ڪرائڻ لاءِ صحافي خريد ڪندو يا
انهن سان دوستي رکندو ۽ هُو گهٽو ڪري نمائندگي ۾ بورجوا طبقي جي ٿي
ڪندو آهي. اُن تي ذوالفقار قادري چيو: "توهان درست تا چئو ڪامريڊ. اسان
جي پ پ جي وڏيرڪي قيادت ۾ ايئن ئي ڪندي رهي ٿي. جڏهن شهيد پٽو

کي ڦاسي گھاٽ طرف نيو پئي ويو تہ پ پ قيادت جا غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز پٹو، مخدوم طالب المولي، عبدالحفيظ پيرزادو، غلام مصطفيٰ کر سميت سمورا اڳواڻ لکي ويا. هاڻ هُو سپاف جي صدر غازي صلاح الدين ۽ سيڪريٽري اياز سومرو کي استعمال ڪري رهيا آهن. انهن سپاف ۾ چوڻ شروع ڪيو آهي تہ غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ ممتاز پٹو جيڪي اڳي هئا، هاڻ اُهو نہ رهيا آهن. هاڻ پٹو کي شهيد ڪرائڻ کانپوءِ پ پ جي سچي ۽ غمخوار قيادت بڻجي ويا آهن. غازي صلاح الدين، غلام مصطفيٰ جتوئي جو چاڙتو بنجي ويو آهي ۽ ايازسومرو، ممتاز پٹو جو. بنهي ايڏي تہ آزاد خيال پڙوت ڪئي آهي، جو سپاف جا تختا ڪيڙي چڏيا اٿن. لفظ "آزاد خيال" پڙوت تي اسان کي ڏاڍي کل اچي وئي. قادري کان پڇوسين، "اها چا آهي؟". چيائين: "سائين شاعري ۾ قسمن جي ٿيندي آهي، هڪ پابند نظم، تہ ٻيو آزاد نظم. سو اسان جي پ پ ۽ سپاف جي قيادت ۾ آزاد خيال پڙوت جو رجحان وڌي رهيو آهي". جيتوڻيڪ قادري 17_16 سالن جو ٻار آهي، پر هن جي ذهني نشونما تمام اڳيري نظر ٿي اچي.

قادري چيو تہ: "سائين جڏهن بہ ڪا ميٽنگ ٿي ٿئي، تہ صدر غازي صلاح الدين، غلام مصطفيٰ جتوئي جا قصيدا ڳائڻ ٿو لڳي ۽ سيڪريٽري ايازسومرو، ممتاز پٹو جا، ڪارڪنن جي عام راءِ کي رد ڪري پنهنجي آقائن جا حڪم مجرائڻ شروع ٿا ڪن ۽ اخبارن جا ميراثي بہ هنن کي صفحن جي مشهوري ڏيو چڏين. اسين چاهيون ٿا تہ پيپلز استوڊنٽس فيڊريشن جا سمورا يونٽ هڪ پليٽ فارم تي گڏجي جدوجهد ڪن، پر هي جاگيردارن جا دلال اسان کي ان عمل طرف وڌڻ کان روڪيو بيٺا آهن". مان ذوالفقار قادري کي چيو تہ: "پائو توهان جون سوچون تہ اسان سان گھٽو ٿيون ملن، پوءِ ايڏانهن غلط راهہ تي چو بيٺا آهيو". ان تي هن شاطر چوڪري چيو: "سائين هاڻ گڏيا آهيون، توهان کي بہ تڪي توري ڏسنداسون، وزن جي خبر پئي، تہ ڪو فيصلو ضرور ڪنداسون".

7_10_1982

اڄ ڪافي عرصي بعد فوجي ڪورٽ ويٺي ويا، مهيني سوا بعد پاڻ ۾

قيدي مليا آهيون. بدر الائي ڪيئن نياپو ڪرائي ورتو هوندو. سو ان جو ابو جمال ابڑو ۽ امڙ به آيا. هن کي ولايت وڃي دل جي آپريشن ڪرائي اچڻ کانپوءِ ڪافي عرصي بعد ڏٺو آهي. هُو اڄ به سيشن جج آهي پر بدر کان به تمام گهڻو بهادر ۽ انقلابي آهي. هن شخص کي شروع ڏينهن کان وٺي اڄ تائين ڪڏهن به مايوس ۽ دلگير ٿيندي نه ڏٺو آهي. سدائين مُرڪندو رهندو آهي. هن جو چهرو انتهائي دلڪش ۽ معتبر آهي. گاڏيءَ مان لهندي اسان کي ڏسندي يا ته مُڪو ٺاهي مٿي هوا ۾ لوڏيندو آهي يا وري آڱرين سان وي "Victory" جو نشان ٺاهيندو آهي. اسان سيني سان اهڙو ئي پاڪر پائي ملي ٿو. جهڙو بدر سان. بدر جي امڙ به اهڙي طرح ڪمال جي لاجواب قسم جي دلير عورت آهي. هن کي به ڪڏهن مون مايوس يا دلگير ٿيندي نه ڏٺو آهي. اُها به اسان سيني کي بدر ئي سمجهندي آهي ۽ اسان سڀ پڻ هن کي امڙ ئي چوندا آهيون. اڄ مون پنهنجي ڊائري سائين جمال ابڑو جي اڳيان پيش ڪندي چيو: "سائين هن تي ڪجهه لکو". هن ڪجهه دير تائين سوچيو ۽ پوءِ قلم وٺي ٻنهي هٿن سان وڏي ڪوشش ڪري رڳو دستخط ڪري سگهيو. مون چيو: "بس...! ٻيو به ته ڪجهه لکو". چيائين: "پٽ خبر ناهي. هنن هٿن کان الائي ڪهڙا فيصلا ورتا ويا آهن. هنن هاڻي لکڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي". مون پوءِ به ضد ڪيو ڪجهه ته لکو هن پوءِ لطيف سرڪار جو شعر لکيو:

"ماندي ٿي نه مارئي، الهه ٻي آهي
سؤ سالن جا ڏکڙا، لحظي ۾ لاهي

جمال ابڑو

مان دنگ رهجي ويس. هڪ جج جا اِهي لفظ ٻڌي، ته ٿي سگهي ٿو ته هنن هٿن کان ڪي غلط ۽ بي انصاف وارا فيصلا لکرايا ويا هوندا.

8_10_1982

ڪافي عرصي بعد جام ساقي جي ملاقات آئي. سندس بابو محمد سچل، امڙ مينهن ٻائي ۽ سندس ٻارڙا سجاد ۽ بختاور جيل جي گيٽ تي ملڻ آيا. جام جيلر کي منٽ ميڙ ڪري ٻارن سجاد ۽ بختاور کي مون ڏي وارڊ ۾ موڪلي ڏنو. جيل وارن ٻارن کي اندر ته نه ڇڏيو پر گيٽ تي هنن سان ڪافي

دير تائين ڪچهري ٿيندي رهي. ننڍڙي بختاور اڌ سنڌي ۾ اڌ ڀاڪيءَ ۾ عجيب سوال ڪندي رهي ته: "توهان هتي ڇو آهيو؟". مان هن کي ڪافي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، پر هن جو ٻاراڻو ذهن منهنجي ڪا به ڳالهه سمجهڻ لاءِ تيار نه هو. نيٺ، آخر ۾ بختاور چيو: "توهان هن باندیخاني مان ڪڍهن نڪرندا؟". ان تي سجاد چيو: "ڪڍهن به نه، هي هتان ڪڍهن به نه نڪرندا". ايئن چوندا گيٽ طرف هليا ويا. پوءِ ڪامريڊ جام آيو هن چيو: "يار شبير جي ملاقات ۾ ته خارڪون، ڇهارا، گيهه، مڪڙ ماکيون ايندا آهن، هاڻ منهنجا مائٽ ٽريا مسڪين هي ڪٽي آيا آهن". هن هڪ ڳنڍ کولي ته هنداڻي جو بج جيڪو شايد طئي تي پُڳل هو. مون چيو: "سهيل هجي ها ته ڪائي ها، منهنجي ته سمجهه ڪان ٻاهر آهي". توصيف ۽ قادري به هڪ اڌ داڻو کاڌو، پر پوءِ اهي به هٽ ڪيڊي ويا.

9_10_1982

هتي لانڊي جيل ۾ محدود زندگي آهي، جتي ساڻي جام ساقيءَ جا ڏاڍا الڳ آهن، ته جيل جي ڊائريءَ ۾ صرف هن جي تعريف ئي لکندو رهان، هتي هُو جيڪي به حماقتون ڪري ٿو، انهن کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيان. جيئن ذوالفقار قادري ۽ توصيف ملڪ روز منٽون ٿا ڪن، ته اسان کي مارڪسي فلسفو ۽ سوشلسٽ نظريو پڙهايو، پر جام وٽ سواءِ سب رنگ ڊائجسٽ جي ٻيو ڪو به ڪتاب ناهي، ته اهڙي صورت ۾ جام جي جبل جيڏي شخصيت مان هي ماڻهو سخت مايوسيءَ جو شڪار پيا ٿين.

اڄ ڪورٽ وڃڻ ٿيو. اتي به هڪ عجيب مسئلو سامهون اچي ويو. يوسف لغاري فوجي ڪورٽ ۾ درخواست ڏني، ته هن وقت تائين جيڪي به شاهدن جا بيان آيا آهن، انهن موجب ڏوهه شبير شر ۽ ڪمال وارثيءَ جي خلاف ثابت ٿيو آهي. جڏهن ته سهيل سانگي، بدر ابڙو، جام ساقي، جمال نقوي ۽ امر لال خلاف ڪا به شاهدي نه آئي آهي، تنهن ڪري انهن کي آزاد ڪيو وڃي. ان تي سهيل آهستي چيو: "هي پنهنجي ساٿين کي ڳڇيءَ ۾ ڦاهو پاڻ پيا ڏيارين". ڪرنل اُها درخواست رد ڪري ڇڏي، ته اڄا ڪيس هلي پيو. اڄا شاهديون رهيل آهن. جڏهن فوجي ڪورٽ کان ٻاهر آياسون، ته مون جام کي

چيو: "هي چا پيا ڪريو؟ اڳ ۾ به يوسف لغاري شاهدن کان اهڙي ئي آڏي پڇا ڪندو رهيو آهي. ته پمفليٽ ۾ مشينون شبير شر ۾ ڪمال وارثي وٽان نڪتيون آهن. هينئن ته ڪيس نه هلندا آهن!". ان تي جام چيو: "هينئر اسان کي آزاد ٿي باهر ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي". مان چيو: "اسان جي ناهي"، ان تي هُو دوڏا ڪيي چوڻ لڳو: "گهٽا سوال نه ڪر"، جنهن تي مونکي به باهه وئي وئي. مون چيو: "توهان مونکي پنهنجو خريد ڪيل غلام سمجهيو آهي يا نوڪر..!؟ پارٽي تنهنجي، سڃا ڪم تنهنجا ۾ پروفيسر جا، پروفيسر هتي نذير کي مارائي پاڻ بچائي آيو_ مان هلو ته ڪورٽ ۾ هلي بيان ٿو ڏيان ته توهان چا تماشو لاتو آهي". ان تي جام کي ڪجهه جهٽڪو آيو ۽ ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو: "جيل تي هلي ڳالهايون ٿا"، مونکي حيرت ٿي ته هي ڪهڙا انقلابي اڳواڻ آهن. اسان تي ڪيس ٿهي ئي ڪونه ٿو هي لکت ۾ درخواستون ڏئي مارائين ٻيا. مان يوسف لغاريءَ کي چيو: "ايڏو وڏو وڪيل آهين، ڪيس ساڻي جوابدارن تي اچلبا آهن...!؟"، ان تي هن چيو: "ادا مان پنهنجو ڪهڙو ڪارو مُنهن ڪريان! توهان جا اڳواڻ اها لائين وٺيو ٻيٺا آهن". مون کيس چيو: "ته پوءِ مون تي پرائو وزن اچلڻ جو توکي ڪو به حق ناهي. توهان وري اهڙو سوال ۽ مون تي وزن اچلايو. ته پوءِ سمجهين ٿو_ مان هلندي ڪورٽ ۾ ڪجهه به ڪري سگهان ٿو".

واپس جيل تي آياسون. ته جام منهنجي ڪوليءَ ۾ اچي انتهائي مڪاريءَ ۽ منافقيءَ وارا دليل ڏيڻ لڳو ته: "اصل ۾ پارٽي چاهي ٿي،.ته سينيئر ساڻي باهر نڪرن". مون چيو: "ان جو ٺيڪو مون ڪنيو آهي. حيدرآباد ۾ پارٽي هيڊ ڪوارٽر ۾ به تون مونکي وٽي آئين. مان سرڪاري نوڪري ڪندو هئس. تو ڏٺا ڏنا ته انقلابي آهيون. انقلاب آڻيندا سون. هي انقلاب آهي...! گڏ ٻيهو. چئه ته اهي گهر. مشينون تنهنجون هيون يا مونکي منهنجي ابي وٽي ڏنيون هيون". مون کيس چتاءِ ڏنو ته اڳتي ڪيس کي ايئن Twist ڪيو ته مان توکي ۽ پروفيسر کي نه چڏيندس، ٻئي دوکيباز آهيو. ٻئي پارٽي ۽ عوام دشمنيءَ واري ڪم سان لڳل آهيو_ توهان ڪنهن به قيمت تي انقلابي نٿا ٿي سگهو.

10_10_1982

جام ساقي جيلر قمر شاهه کان ٽيپ رڪارڊر ونڻي آيو آهي. سو رات کان وارڊ جو ماحول ئي مٽجي ويو آهي. اڄ مقبول پنهور به آيو هُن به چيو: "يار ڪيتري عرصي بعد لتا کي ٻڌي رهيا آهيون". شام ٽي ته مقبول کي سپاهي ونڻ آيو ان تي مقبول چيو: "مان به ته سياسي قيدي آهيان. هتي چو نه ٽا رکرايو". ان دوران جيلر قمر شاهه به اچي ويو جيڪو مقبول جو مطالبو ٻڌندو آيو ته چيائين: "پٽ تون ايا ڪچڑو سياسي قيدي آهين. هي ڪڑ پيل آهن. تون اها دب ئي نه ڪٽي سگهندين. جيڪي پهاڑ هي ڪلهن تي ڪٽي ٻينا آهن".

رات جو مون شاعري لکڻ جي ڪوشش ڪئي. نه لکي سگهيس. بدر ابڑو الائجي ڪيئن ٿو شاعري ڪري؟ جيل ڪٽڻ سؤلو ڪم آهي. شاعري ڏکي آهي. ٺيڪ آ. سينٽرل جيل شفٽ ٽيس ته بدر کان سکي ونندس. في الحال شاعريءَ جو شوق ملتوي.

11_10_1982

اڄ 11 وڳي فوجي ڪورٽ ڪي ايم سي ڪامپليڪس ۾ پهتاسون. جتي ابو زوار عبدالرزاق. امڙ ملوڪ خاتون ۽ ڪامريڊ غلام حسين جو ٻيو نمبر پٽ سجاد ظهير انتظار ۾ ويٺا هئا. سجاد ظهير کي مان پتڪڑو ڇڏي آيو هيس. هاڻ ڪافي وڏو ٿي ويو آهي. مونکي هٿڪڑين ۾ ڏسي ڏاڍو پريشان ٿئي پيو. بار بار پيو پڇي: "بابا هي ڇا هِنِ"؟ مان چيو: "زينورا" ان کي ڀالهه سمجهه نه ۾ آئي ته پڇڻ ڇڏي ڏنائين. پوءِ لڳاتار هٿڪڑين کي ڏسندو رهيو. امڙ چيو ته: "نور علي جي وفات کانپوءِ گهر جي حالت خراب آهي. غلام حسين لڳاتار روپوش. ٻيو پاڻين لياقت علي بيروزگار آهي. ٻارن جي تعليم تباهه ٿي وئي. ٻيٽين حسن بانو ۽ پائٽين اميد خاتون ۽ فاطمه پروين جي پڑهائي به ڏانوان ڏول ٿي وئي آهي" امڙ جڏهن اهڑيون ڀالهيون ڪرڻ لڳي. ته بابا سائينءَ منهنجي چهري منجهان منهنجا تاثر پڑهي ورتا. جنهن تي امڙ کي چيائين: "هن جو تنهنجي اهل عيال سان ڪهڑو واسطو جن جا آهن انهن کي پرواهه ئي ناهي. اسان جي به هڪ نياڻي آهي. اُها پڑهائي

وٺنداسون". ايتري ۾ ڪرنل اسان جي ملاقات واري ڪمري ۾ اچي ويو. ابي کي چيائين: "اس کو سمجھائو". بابا منهنجي هٿڪڙين کي چُمي ڏئي چيو: "کيا سمجھائوں ، اگر اس نے کوئی قتل کیا ہے یا ڈاکا مارا ہے توسمجھائوں". ان تي ڪرنل سمجھي ويو ته هيءَ بي مخلوق آهي ۽ پوئين پير هليو ويو ڪامريڊ جام ٻين دوستن کي چيو: "ٻڌو بابا ڪيئن ڪرنل کي لاجواب ڪري ڇڏيو".

15_10_1982

اخبارن ۾ آيو آهي، ته ايمنسٽي انٽرنيشنل اسان کي ضمير جو قيدي قرار ڏنو آهي. هنن سنڌ ۽ پاڪستان جي اختيارين کي به خط لکيا آهن. ته ڪميونسٽ قيدين کي ڏوهاري قيدين جي صف ۾ شامل نه ڪيو وڃي. پر انهن کي سياسي قيدين واري زمري ۾ رکي انهن سان سياسي قيدين وارو سلوڪ ڪيو وڃي. اسان کي ته ايجا تائين سمجھ ۾ نه ٿو اچي، ته سياسي قيدين سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو هوندو؟ ڇو ته اسان سان ته هن وقت تائين جانورن وارو ورتاءُ ٿيندو رهيو آهي.

20_10_1982

جام ساقي سميت سمورن ساٿي قيدين اڄ فوجي ڪورٽ کي درخواست ڏني آهي. ته پ پ جي چيئرپرسن بيگم نصرت پٽو سخت بيمار آهي. هن کي اهڙي حالت ۾ به جيل ۾ رکيو ويو آهي. جيڪڏهن هن کي علاج لاءِ ملڪ کان ٻاهر نه موڪليو ويو ته اسان مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪنداسون.

20_10_1982

اڄ عدالت فيصلو ڪري ڇڏيو پروفيسر جمال نقوي کي بيمار هجڻ سبب هن ڪيس کان الڳ ڪيو ويو آهي. هاڻ هن جو ڪيس جبار خٽڪ سان گڏ هلايو ويندو. اسان کي چيو ويو آهي ته شاهدن جون شاهديون مڪمل ٿي چڪيون آهن. اسان جيڪڏهن چاهيون ته بچاءُ جي شاهدن جا نالا ڏيون. سهيل سانگي راءِ ڏني ته: "اسان سوچي فهرست ناهيون. جيڪا قانوني ضرورت بدران سياسي طرح فائديمند ثابت ٿئي". سهيل چيو:

"بينظير پٽو بزنجو معراج محمد خان، معراج خالد سميت سڀني سياستدانن، صحافين، وڪيلن، شاگردن ۽ مزدور اڳواڻن جا نالا ڏجن. ته جيئن هن ڪيس کي سياسي فائدي لاءِ استعمال ڪري سگهجي". سهيل جي راءِ ۾ وزن لڳو ۽ سڀني دوستن ڪورٽ کي چيو ته: "اسان کي وقت ڏيو ته سوچي شاهدن جي فهرست ڏيون _ ڪورٽ هفتي جو وقت ڏنو آهي".

پنهنجي پنهنجي جيلن تي وڃڻ کان پهريان سڀني ساڻين صلاح ڪئي، ته هر ڪو الڳ الڳ بچاءَ جي شاهدن جي فهرست تيار ڪري. پر اُهي سڀ جا سڀ سياستدان، شاگرد اڳواڻ، صحافي، وڪيل ۽ مزدور اڳواڻ هجن.
25_10_1982

پنهنجي مائٽ عبد علي شر جي ذريعي ڪامريڊ غلام حسين شر ڏانهن نياپو موڪليم ته: "هتي بچاءَ جا شاهد گهريا اٿن، توهان جو نالو ڏيان؟". هن جو جواب به اهڙو ئي مليو جنهن جي مونکي اُميد هئي. هن چيو آهي ته: "پارٽي اجازت ڏئي ٿي ته مان ايندس". عبد علي چيو ته چيومانس: "ٻڌجي ويندين". ڀيائين: "منهنجو ننڍڙو پاءُ منهنجي ڪري جيل ڪاٽي رهيو آهي، هن کي هينئر منهنجي ضرورت پوي ٿي ته مان نه ويجان!". عبد علي چيو ته مون کيس چيو: "جذباتي نه ٿي، ٻيا نالا ڏي". هن چيو آهي: "ته پوءِ آل مقبول رضوي، علي مظاهر جعفري ۽ چاچا شاهه محمد دراني"، مان ڪامريڊن کي نالا ڏنا ته هنن سمورا نالا ڪٽي صرف آل مقبول رضوي جو نالو شاهدن جي فهرست ۾ شامل ڪيو. مون چيو: "توهان پنهنجي شاهدن جي ڏڳهي فهرست ڏني آهي، منهنجا چار نالا به ڪٽي ڇڏيو". سهيل چيو: "تون ان سان هڪڙو ٿي وي جي پروڊيوسر جو ۽ مهتاب چنا جو به نالو ڏي". مان چيو: "فائدو؟" هن چيو: "تون ٿي وي فنڪار آهين، مهتاب به ٿي وي جا شو ڪندي آهي، ان ۾ هڪڙي نواڻ اچي ويندي". مان ٿي وي جي پروگرام مئنيجر عابد علي ۽ مهتاب چنا جا نالا به شامل ڪيا. ڪرنل ۽ ڪئپٽن مهتاب چنا جو نالو ڏسي خوش ٿيا ۽ چيائون: "اهو نيڪ آهي، ڪجهه هن ڪيس ۾ سياست سان گڏ رومانس به هجي".

30 آڪٽوبر 1982

جام ساقي اڄ فوجي عدالت کي بچاءُ جي شاهدن جي فهرست ڏني. جن ۾ مس بينظير پٽو بيگم نصرت پٽو ولي خان، غوث بخش بزنجو مولانا محمد شاهه امروٽي، طاهرا مظهر علي خان، شيخ رفيع، مسلم شميم، فتحياب علي خان، معراج محمد خان، باقي هن سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجو حفيظ قريشي، عبدالواحد آريسر، عبدالخالق جوٽيجو سيد غلام شاهه، مولانا عزيز الله بوهيو قاسم پٽر، ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ سميت ڪنهن به قوم پرست اڳواڻ جو نالو نه ڏنو آهي. جڏهن مان جام کان چيو ته: "سائين جي ايم سيد ۽ رسول بخش پليجو آريسر ۽ ڊاڪٽر کهاوڙ مان ڪنهن ته هڪ قومپرست اڳواڻ جو نالو ڏين ها؟". ان تي جام وراڻيو: "اهي اڄ ۾ ئي ضياءَ ٽولي جا ماڻهو آهن، اُهي ڇا هنن خلاف ڳالهائيندا". مان معمولي ماڻهو ٿي ڪري چپ ٿي ويس، پر هن جي سوچ تي ڏاڍو افسوس ٿيو. اسان تي نظريئي پاڪستان جي مخالفت ڪرڻ جو الزام آهي، ان تي سائين جي ايم سيد ۽ رسول بخش پليجو يا آريسر کان وڌيڪ ڪير به نٿو ڳالهائي سگهي. سائين جي ايم سيد ته نظريئي پاڪستان جون ڇيون اڏائي ها ۽ حڪومت به هُن جي اجازت نه ڏئي ها، غفار خان جي اجازت ڏني آهي، هاڻ ڏسجي ته اُهو اچي ٿو يا نه!

1_11_1982

هاڻ پروفيسر جمال نقوي اسان جي ڪيس مان پنهنجي جان ڇڏائي ويو، اسپتال ۾ ويهي رهيو آهي. جام ساقي سياستدانن جي ڏڳهي فهرست ناهي، فوجي ڪورٽ کي ڏني آهي، ته اُهي هن جي بچاءَ جا شاهد آهن. مونکي ۽ ڪمال کي پنهنجي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي، هن ڪيس جو نالو به جام ساقي ڪيس ڏئي ڇڏيو آهي. ڏسجي ته هاڻ جام ساقي ڪيس ۾ ڪنهن ڪنهن کي ٿي ڦاسي لڳي ۽ ڪير ٿو آزاد ٿئي!؟ هونئن به هنن ڪامريڊن جا سپ ٽپڙ وائکا ٿي ويا آهن.

2_11_1982

اڄ صبح ساڻ مون اُٿي ڊوڙڻ شروع ڪيو ته جام ساقي وري

منهنجي مخالف رخ کان ڊوڙڻ شروع ڪيو جڏهن وارڊ جي دروازي آڏو اسان هڪٻئي جي آمهون سامهون ٽياسون. تہ جام ساقي کي شرارت سُجهي يا پير سلپ ٿي ويس _ ايئن مون طرف اوچتو رخ ڪيائين. هُن شايد ڪلهو ٽڪرائڻ پئي چاهيو ان بدران ڪامريڊ جو ڏَري هنداڻي کان بہ وڏو مٿو منهنجي گدري جهڙي مٿي سان ٽڪرائجي ويو. پوءِ تہ مون کي آسمان گهمندي ءِ ڏينهن جا تارا ٽمڪندي نظر آيا. ذوالفقار قادري بہ ويجهو هو هُن مونکي سنيالي ورتو ءِ جام وڃي ڏاڪڻين وٽ ويهي رهيو. ڪافي دير تائين مونکي تہ ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. نيٺ، ڪافي دير بعد هوش آيم تہ مان ذوالفقار قادري جي ستڻ تي پيو هئس، ءِ جام ساقي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي مونکي هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مان جڏهن مڪمل طور تي حواسن ۾ آيس، تہ جام چيو: "يار معاف ڪجان، مون بس ايئن توکي مشڪري ۾ ڪلهو هڻڻ پئي چاهيو. پر لڳي مٿو ويو". مون چيو: "ڪامريڊ خير آهي، جيئن توهان چوندا آهيو تہ وڏن وڏن شهرن ۾ اهڙا چوٽيا پا ٽيندا رهندا آهن، سو هاڻ تہ مان پنهنجو رستو بدلائيندس، ٽريلر ءِ ٽرڪ جي ٽريڪ تي اصل نہ ايندس".

10_11_1982

اخبار جڏهن بہ ايندي آهي تہ اُها پهريان ذوالفقار قادري جي هٿن ۾ هلي ويندي آهي، هُو اخبار کي پڙهندو گهٽ، پر رڳو چٽيندو آهي. شادين جا اشتهار، گم ٽيل جو پتو گهرجي، ٽن ڪپڙن ۾ پيگي آهي، سيپ پڙهندو آهي پر هڪڙي عادت اٽس، تہ اهي سيپ خبرون ٻڌائيندو ويندو آهي. اڄ بہ هڪ ڪا اهم خبر پڙهيائين. پنهنجي ڪوليءَ ۾ ويو ءِ اتان پنهنجو هڪ ڪمبل کڻي آيو. وراندي ۾ وڇائي چيائين: "ڪامريڊ اچو توهان سان تعزيت ڪرڻي آهي". الائي ڪهڙو ڪامريڊ گذاري ويو. اسان جا تي ڪامريڊ پروفيسر جمال، سهيل سانگي ءِ ڪمال وارثي مستقتل طور تي بيمار ٿا رهن، شايد هنن مان ڪو گذاري ويو. جيستاسئين اچي تعزيت واري ڪمبل تي ويناسين، تہ توصيف ملڪ هڪڙي موٽي گار ڏئي چيس: "پيٽ جا... پهريان ٻڌائي تہ مُئو ڪير آهي؟". پوءِ چيائين: "سوويت يونين جو صدر ڪامريڊ

برزنيف گذاري ويو". ايتري ۾ توصيف لتر ۾ هٿ وڌو ته ڪامريڊ جام ساقي ۽ مون کان رڙ نڪري وئي. "او هو...! برزنيف گذاري ويو..!!". تڏهن وڃي توصيف لتر مان هٿ ڪڍيو. نه ته قادري جا جهڙا افعال آهن، لترن سان ڏُون ڪُٽي چڏيس ها. پوءِ ان تي ڪافي دير تائين تبصرا ڪندا رهياسين، ته هاڻ سوويت يونين جو صدر ڪير ٿيندو ۽ سوويت يونين جون پاليسيون ڪيئن هلنديون؟

15_11_1982

پ پ جي وڏيرڪي قيادت ضياءَ جي مڪاني ادارن وارين چوندن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جڏهن ته تحريڪ استقلال سميت ايم آر ڊي ۾ شامل پارٽين مڪمل بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو آهي. ٻئي طرف ايم آر ڊي 14 آگسٽ 1983 جي جمهوريت جي بحالي لاءِ تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ۽ اعلان ڪري چڪيو آهي. هوڏانهن مارشل لا اختيارين پڻ نوان ڪيڏ ڪيڏڻ شروع ڪيا آهن. لاهور ۾ پ پ اڳواڻ جي گهر مان به روسي ميزائل هٿ ڪيا ويا آهن. ٽنڊو جام ۾ سوزوڪيءَ تي ڇاپو هڻي 6 پ پ ورڪرن وٽان دستي بم هٿ ڪيا ويا آهن. ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کي ناڪام بڻائڻ لاءِ، لڳاتار سياسي ڪارڪنن کي حراسان ڪيو پيو وڃي. 1981 ۾ ايم آر ڊي نهي، ته ضياءَ شاهي جهاز هائيجيڪنگ جو ڊرامو رچائي هزارين سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري، ٽارچر سيلن ۾ اذيتون ڏئي ماري، ڦاهين ۽ ٽنڪن جون سزائون ڏنيون ويون. ٻئي طرف مڪاني چوندن جو بائيڪاٽ نه ڪرڻ سبب ايم آر ڊي جي پارٽين پ پ کي ايم آر ڊي اتحاد مان فارغ ڪرڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني آهي. جيڪڏهن پ پ کي ايم آر ڊي کان الڳ ڪيو ويو ته ان سان تحريڪ کي وڏو نقصان ٿيندو. چو ته شهيد پٽو جي نعري تحت لکين ماڻهو پ پ سان لاڳاپيل آهن.

20_11_1982

اخبارن ۾ اهي به شو شا چڏيا ويا آهن، ته آمريڪي سامراجي سرڪار ايم آر ڊي قيادت کي آچ ڪئي آهي، ته اُهي جنرل ضياءَ کي هٽائڻ لاءِ تيار آهن. ۽ فوجي حڪومت کي به سول حڪومت جو رنگ ڏنو ويندو.

جيڪڏهن ايم آر ڊي 14 آگسٽ واري تحريڪ نه هلائڻ جو واعدو ڪري ڪامريڊ جام ساقي جو چوڻ آهي تہ: "آمريڪي سامراج ايران ۾ شاهہ خلاف هلايل تحريڪ کان ڏنل آهي، ان ڪري جوان تحريڪ جي نتيجي ۾ آمريڪا دشمن حڪومت اچي وئي آهي، جنهن سبب ڏکڻ ايشيا ۾ آمريڪي مفادن کي پنجو اچي ويندو. آمريڪا، جنرل ضياءَ اکيلي کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ايم آر ڊي ۾ شامل سيني پارٽين ان شرط کي رد ڪندي مارشل لا سرڪار کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جڏهن تہ صرف تحريڪ استقلال آمريڪي فيصلي يا ان جي راءِ سان اتفاق ڪندي رهي آهي، پر هاڻ جڏهن کان ايم آر ڊي ۾ شامل سيني پارٽين بشمول خواجا خيرالدين جي مسلم ليگ پڻ آمريڪي شرط کي رد ڪيو آهي؛ تہ تحريڪ استقلال ڪلابازي کائي ايم آر ڊي جي راءِ کي اوليت ڏيڻ شروع ڪيو آهي. ۽ ايم آر ڊي جي مڪاني چونڊن جي بائيڪاٽ جي بہ حمايت ڪئي آهي.

25_11_1982

اسان جو ڪيس تيزيءَ سان پڄاڻيءَ طرف اچي ويو آهي. اسان خلاف 25 شاهدن کي پيش ڪيو ويو آهي، جن مان اڪثريت مون ۽ ڪمال خلاف شاهديون ڏنيون آهن. ڪيس کي جام ساقي جو نالو ڏيندڙ نام نهاد مک جوابدار جام ساقي خلاف ڪا بہ شاهدي نہ آئي آهي. سزا لاءِ مونکي ۽ ڪمال وارثيءَ کي قرباني جو ٻکرو ناهيو ويو آهي.

1 ڊسمبر 1982

ڪولين جو مُنهن ڏکڻ هجڻ ڪري گهٽ ۾ گهٽ اتر جي سخت سرد هوا کان بچيل آهيون. اڄ تہ اتر جي ٺڏي هوا ڪڙڪي پئي آهي. جيل جا ڪمبل سيءَ جي ڊپ ئي نڪا ڪڍي سگهن. جيل وارن کان چار ڪمبل ورتا آهن. انهن کي بہ گڏي پاڻ کي نک جيان ويڙهي سمهندو آهيان. تڏهن سيءَ جو ٻچاءُ ٿيندو آهي.

7 ڊسمبر 1982

اڄ فوجي ڪورٽ ۾ آخري شاهد ڊي ايس پي ممتاز برني کي پيش ڪيو ويو جنهن چيو ته هن بدر ابڙو کي ڪميونسٽ پارٽي جي مدد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو آهي. هن جي آفيس مان به ڪو مواد هٿ نه آيو پر گهر مان چار ڪارڊ مليا آهن، جيڪي اعتراض جوڳا آهن. هڪ ته انهن جو رنگ ڳاڙهو آهي، ٻيو ته انهن تي ڦٽڪا ڪائيندڙن جا فوٽو آهن، جنهن جو مطلب مارشل لا کي بدنام ڪرڻ آهي.

8 ڊسمبر 1982

اڄ جام ساقي فوجي ڪورٽ ۾ بچاءَ جي شاهدن جي لسٽ پيش ڪئي آهي، جيڪا 120 ڇڻن تي مشتمل آهي. جن ۾ مس بينظير ڀٽو ولي خان، غوث بخش خان بزنجو، خان غفار خان، محمد شاهه امروٽي (جي يو آءِ)، فتح ياب علي خان، (مزدور ڪسان پارٽي)، معراج محمد خان، ناهيد افضال وڪيل (تحريڪ استقلال) ۽ ٻيا شامل آهن. جام ساقي ڪرنل کي چيو ته: "توهان وٽ وقت هجي ته اسان سڄو ملڪ شاهديءَ طور پيش ڪري سگهون ٿا". ڪرنل چيو: "بہت بڑے لسٹ ہے ، ہم اس میں بھی کاٹ شاٹ کرینگے".

1_1_1983

اسان جو ڪيس ته مڪمل ٿي ويو آهي، هاڻ هائيجيڪنگ جو ڪيس هلي رهيو آهي، جيڪو 1981 ۾ پي آءِ اي جو جهاز اغوا ٿيڻ جي باري ۾ آهي، جنهن ۾ ناصر بلوچ، ايوب ملڪ، عيسيٰ بلوچ، خالد سيف الله ۽ رسول بخش لاهوتي شامل آهن. هن ڪيس جون سزائون به سخت اچٽيون آهن، جن مان ناصر بلوچ، ايوب ملڪ ۽ عيسيٰ بلوچ تي سخت الزام آهن. ان ڪيس ۾ به شفيع محمدي وڪيل آهي، جنهن جو چوڻ آهي ته ڪورٽ هن کي جيل ۾ قيدين سان ملڻ جي اجازت به نٿي ڏئي ۽ ڪيس جيل اندر هلي رهيو آهي. هن ڪيس ۾ سڄي ملڪ ۽ خاص طور سنڌ ۾ وڏي پئماني تي وٽ پڪڙ ٿي آهي. ان ڪري وڪيل ۽ پ پ جي قيادت سخت خوفزده آهي، ڪو به هن ڪيس جي پيروي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. بيگم نصرت ڀٽو ۽ مس بينظير ڀٽو پ پ سان تعلق رکندڙ وڪيلن جي ٽيم به مقرر ڪئي، پر

انهن مان کنهن هڪ به وڪالت نامو داخل نہ ڪيو. سواءِ شفيع محمديءَ جي _ حالانڪ شفيع محمديءَ جو پيپلز پارٽيءَ سان تعلق به ناهي.

مون پهرين جنوري 1983ع ۾ فوجي عدالت ۾ پنهنجو پڌان لکيت ۾ پيش ڪيو جيڪو مان هتي پيش ڪري رهيو آهيان.

اُهو 29 جولاءِ 1980ع جو ڏينهن هو جڏهن مون پاڻ کي پهريون ڀيرو ايتري اهميت وارو سمجهيو هو ايترو اهم جو پاڻ دنگ رهجي ويو هئس. ايڏو شاندار استقبال ڪنهن عام ماڻهوءَ جو ته ٿي نٿي سگهيو. جام ساقي سچ ٿو چوي ته: "اسان ايترا ئي اهم آهيون. جيترو اسان کي حڪومت سمجهي ٿي".

مونکي اهو ته پتو ناهي. ته گرفتارين ۾ آزادين جو پاڻ ۾ ڪيترو گهرو رشتو آهي پر 26 جولاءِ سوشلسٽ ڪيوبا جي آزاديءَ جو ڏينهن آهي ۽ مونکي 29 جولاءِ تي گرفتار ڪيو ويو. هتي ڪيوبا جو عوام ايجان آزاديءَ جي جشن جي ٽڪاوٽ ئي نہ لاٿي هوندي. ته هُتي مون کي گرفتار ڪيو ويو. هو واقعي خوشقسمت آهن پر مان سوچيندو رهيس ته بن ملڪن وچ ۾ ڪيڏو وڏو فرق آهي. هڪ هنڌ سُرخ پرچم بلند ۽ آزاد فضا ۾ جهومي رهيو هو ته، ٻئي طرف سُرخ پرچم کي گرفتار ڪيو ويو ۽ مونکي، ان کي هوا ۾ جهولائڻ جي ڏوهه ۾ فرد جرم لاڳو ڪري گرفتار ڪيو ويو آهي. بس، جناب! مان ڏاڍو اهم قيدي آهيان. ان لاءِ نہ ته منهنجو نالو چا آهي ۽ نہ ان ڪري. ته مان ملڪ جي ڪهڙي حصي ۾ ڄائس، نپنس، پر ان ڪري. ته بين القوامي سوچ جو اهڃاڻ سُرخ پرچم منهنجي سيڃاڻپ جو معيار مقرر ٿيو آهي ۽ شايد ان لاءِ به. ته ڪٽي منهنجي آزادي ملڪ کي نہ آزاد ڪرائي وڃهي. مان توهان کي هڪ راز جي ڳالهه ٻڌائڻ ٿو چاهيان. ته مونکي ڪائي اهڙي خوشفهمي به نہ هئي. ته مان اِهو سڀ ڪجهه اڪيلي سر ڪري ويندس. پر جيڪڏهن اِهو سرڪار سمجهي ٿي ته ٺيڪ ئي سمجهندي هوندي.

شايد مان ملڪ جو اهم ترين ماڻهو آهيان يا ڪنهن اهم ترين ڪاروان سان گڏ سفر ڪري رهيو آهيان. يا مون تي ڪائي اهم سوچ پنهنجو رنگ چڙي وئي هوندي. يا وري رنگن جو بادشاهه سرخ رنگ

پنهنجهو عڪس ڇڏي ويو هوندو. بهرحال، منهنجي اهميت جو ڪو ٿ سبب ضرور هوندو، پلا ايڏا وڏا سرڪاري دماغ يڪليا ٿ نه هوندا.

جڏهن منهنجي مٽان گوريلا ڪارروائي ڪئي وئي، تڏهن مارشل لا سرڪار ڏنو ٿ مونکي ڦاٽل ڪپڙا پاتل هئا، پگهر ۾ ٻڏل هئس، تلاشي دوران منهنجي ڪيسي مان صرف ساڍا ٽي رپيا نڪتا هئا، ان باوجود ٻ هُو مونکان ڊنل هئا. بهرحال، اِها ٻ هڪ سٺي علامت آهي، ٿ حڪومت مفلس ماڻهن کان ڊڄڻ لڳي آهي. اها شايد هن حقيقت کان واقف ناهي، ٿ مان هڪ دولتمند يا شايد ملڪ جي ڪجهه امير ترين ماڻهن مان هڪ آهيان. مان ڪنهن غير ملڪي امداد جي ڳالهه نه پيو ڪريان، مان ان دولت جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، جيڪا مون وٽ منهنجي دل جي صورت ۾ موجود آهي _ منهنجي دل جيڪا سڄي دنيا جي غريبن لاءِ ڌڙڪندي رهندي آهي. منهنجي دل دنيا جي هڪ اهڙي ٽجوڙي آهي، جيڪا دنيا جي سمورن حساس جذبن کي پنهنجي اندر سمائي سگهي ٿي. توهان کي شايد معلوم نه هجي ٿ جڏهن ٻ ڪنهن جي دل دنيا جي مڙني محنت ڪشن سان گڏجي هڪ ئي سر ۾ تال ۾ ڌڙڪڻ لڳندي آهي، ٿ ان وقت خوف مري ويندو آهي ۽ وڏيون وڏيون عوام دشمن توپون ائين ڏڪڻ لڳنديون آهن، جيئن اڄوڪي حڪومت، مونکان ۽ منهنجي ساٿين کان ڏڪي رهي آهي _ ٿ جناب مان اڄ جو اهم ترين ماڻهو آهيان.

مونکي ياد آهي ٿ هڪ فوجي آفيسر مونکي منهنجي ٻانهن پڪڙيندي چيو هو: "ڏاڍو سٺو"، اهڙو ئي جملو اسان ڪرڪيٽ جي ميدان ۾ چڪو لڳڻ وقت ٻڌندا آهيون، ائين پئي لڳو جڻ ٿ ڪو هن ڪشمير جو مورچو کٽي ورتو هجي. جيستائين منهنجو خيال آهي ٿ ان موقعي تي هن کي شرمسار ٽيڙ ڪيندو هو، پلا هن جنرل اروڙا يا جنرل مانڪشا (هندستاني جنرل جن اڳيان مشرقي پاڪستان (بنگلاديش) ۾ 1971ع ۾ جنرل نيازي سميت 90 هزار پاڪستاني فوجين هٿيار ڦٽا ڪيا ها) کي نه گرفتار ڪيو هو. مونکي گرفتار ڪرڻ ڪهڙي فخر ۽ بهادريءَ جي ڳالهه هئي؟ هڪ ٿ مان عام شهرين جيان پرامن ۽ هٿين خالي هئس، ٻيو ٿ مان سماج جو ڪو ناسور

نہ آهيان. پر هڪ سماج سڌارڪ آهيان. منهنجي خيال ۾ ته سماج سڌارڪن کي اهڙي طرح ٻڌڻ ۽ انهن کي جانورن جيان گرم لوهي سيخن سان ڏنب ڏيڻ. سماج جي ناسورن جو ئي ڪم ٿي سگهي ٿو. پر ان سڄي چڪر ۾ هنن جو ڏوهہ ناهي. هُو پنهنجي پراڻي ڪاوڙ عوام مان ڪڍڻ ٿا چاهين ۽ پنهنجي جنگي قيدي ٻڌجڻ واري باهہ متائڻ لاءِ. پاڪستان جي عوام کي پڪڑي. انهن کي جنگي قيدي سمجهي پنهنجي دل خوش ڪري رهيا آهن.

پر جناب! هڪ لک فوجي جديد هٿيارن سان هٿياربند هوندي. هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏين. ان ۾ ويچاري شبير شر ۽ ان جي ساٿين جو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟

جناب! پوءِ هن پنهنجي ماتحت جي پُڻي ٻُڌي ۽ چيو: "تون ڏاڍو ذهين آهين! منهنجي خيال ۾ ته هُو اَڻ درجا بہ پاس نہ هوندو. جيڪڏهن هوندو بہ. ته جناب! ذهين ماڻهوءَ جون اکيون ته سدائين علم جي روشنيءَ ۾ اڳتي جون واٽون ڳولينديون آهن ۽ اڳتي وڌڻ وارن کي ايا بہ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏينديون آهن. هُو ته روڪڻ وارن مان هو. اهڙي ماڻهوءَ کي دل پڑهيل لکيل جاهل بہ چوڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي. پوءِ بہ مان هنن جو ٿورائتو آهيان. چو ته هنن مونکي ٻڌايو هو ته مان ڏاڍو اهم ماڻهو آهيان.

پوءِ هن مونکي چيو هو: "ڊرامو ختم ٿي ويو". هن جو اشارو شايد عوام جي تحريڪ طرف هو. پر جناب ڊرامن ۾ مان هنن کان وڌيڪ معلومات رکان ٿو. ان لاءِ ته اهو فنڪارن ۽ اداڪارن جو ڪمَ آهي. هن جو پنهنجو ڪردار ختم ٿي ويو هوندو_ پر مان هن کي شيڪسپيئر جي بيعزتيءَ جو حق نٿي ڏئي سگهيس. جنهن چيو هو ته: "سڄي دنيا استيج آهي. جتي هر هڪ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري هليو ٿو وڃي".

جناب! مان هن کي ٻڌايو هو ته: "ڊرامو ختم نہ ٿيو آهي". پر هن ذهين ماڻهو يقين ئي نہ ڪيو. پوءِ مونکي هن هڪ عجيب خبر ٻڌائي. هن چيو ته: "مان ڪافي ڏينهن کان روپوش هئس" هن جي اِها ڳالهہ مونکي بنهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. مان ڪافي ديرتائين سوچيندو رهيس. ته جيڪڏهن

مونکي روپوش ٿيڻو هجي ها، ته منهنجي ديس جو ڪو به گهر مونکي موت جي فرشتي کان به بچائي پئي سگهيو. آخر مان ايترو بيڪار ماڻهو ته نه هئس، مان ملڪ تي اوچتو قبضو ڪندڙ مارشل لا وارن جو ڪوئي گينگ ليڊر هئس، جو ماڻهن کان لڪندو وتان ها. مان ان آفيسر کي ٻڌايو هو ته تون ڏاڍي دير سان پهتو آهين، هتي طبقاتي شعور پکڙجي چڪو آهي ۽ ان جو هڪ ننڍڙو مثال مان پاڻ آهيان؛ پوءِ به هُو ضد ڪندو رهيو ته ملڪ جو اعليٰ ترين مثال مان ئي آهيان. بهرحال، خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هن کي طبقاتي شعور جي اهميت جي باري ۾ ٿورڙي ڄاڻ هئي، پوءِ ٿورڙي ئي صحي. شايد اِهو ئي سبب آهي، ته هن مونکي ٻڌايو ته مان ئي ملڪ جو اهم ترين ماڻهو آهيان.

مون هن کي اِهو به ٻڌايو هو ته مونکي اِها خبر هئي ته توهان ايندا. مون چيو هو: "تها جس کا انتظار وه شاہکار آگيا". هن حيران ٿيندي پڇيو هو ته "ڪيئن؟" شايد هن سمجهيو هو مونکي سرڪاري رازن جي خبر پئجي وئي هئي. هن حيران ٿي پڇيو هو ته: "ان جي باوجود به اسان هن جو انتظار ڇو پئي ڪيو". سچ پچو ته ان وقت ڏاڍي مشڪل سان مان پنهنجي ڪل روڪي سگهيو هئس، مان پنهنجي ڪِلَ روڪي هن کي ٻڌايو ته: "محترم "هر ڪهاڻيءَ پويان جادوگر ڏاڙهٖ ۽ ڪاٽو ديو ته هوندو ئي آهي". ان تي هن چيو هو ته هو منهنجو دماغ درست ڪري ڇڏيندو. مون وراڻيو هو ته: "مان۾ رڳو سرخ سوچ جو پرچارڪ آهيان پر جيڪڏهن موقعو مليو ته اڳتي به ٻڌيو رهندس"، پر هو ڪاوڙجي پيو هو ڪاوڙ ۾ هن جي وات مان جهڳ وهڻ لڳي هئي، اکرن هن جو ساڻ ڇڏي ڏنو هو. پوءِ به هن چيو هو: "تون انتهائي خطرناڪ ماڻهو آهين"، مان رڳو هن کي ايترو چئي سگهيو هئس ته: "شايد تنهنجي نظر ۾ هر شريف ماڻهو خطرناڪ هوندو آهي". پوءِ منهنجي اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ويون ۽ مان شڪر ڪيو ته هاڻ ان شيطان جي شڪل ڏسي نه سگهندس. لانڊي جيل ۾ قيدي ٻار خطرناڪ قيديءَ لاءِ "ڊانڊرس" قيديءَ جو لفظ استعمال ڪندا آهن، هنن جي معصوم ذهنن ۾ اُهي ماڻهو ڊانڊرس هوندا آهن، جن جا وڏا قد، پهلوانن جهڙا بت، وڻيل شهپر

۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه پندرهن ماڻهو ماري چڪو هجي. جڏهن هُو پنهنجون زندگيون خطري ۾ وجهي، ڏڃندا ڏڃندا مونکي ڏسڻ آيا تہ ڏاڍو مايوس ٿيا ۽ حيران ٻہ. چو تہ نہ مون قتل ڪيا هئا ۽ نہ ئي پولو پهلوان جيڏو منهنجو وزن هو ۽ نہ ئي منهنجا شهپر وٽيل هئا، نہ ئي منهنجي آواز ۾ شيرن واري گجگوڙ هئي. نہ مون هنن کان چرس گهريو نہ چري. پر پوءِ ٻہ اُهي يقين ڪرڻ تي مجبور هئا تہ مان ئي ڏاندرس قيدي آهيان. جيل انتظاميا هنن کي اهو چئي ڏيڃاري مونکان پري رکي رهي آهي. حڪومت سدائين حقيقتن کي عوام کان لڪائي، ڪوڙ ڀالهائي مٿن پنهنجي ئي راءِ مڙهيندي رهندي آهي. ٻار تہ معصوم آهن پر هن ملڪ جي عوام کي ٻہ اِهو ئي ٻڌايو ويندو آهي، تہ سياسي ماڻهو ملڪ دشمن ۽ انتهائي درجي جا ڏاندرس ٿيندا آهن. تہ جناب! مان آهيان ڏاندرس قيدي. قانون موجب، خون جي ملزم جي ٻہ هن سالن ۾ ضمانت ٿي ويندي آهي، پر سياسي قيدين لاءِ اها سهوليت بلڪل ئي ناهي. تہ جناب هڪ طرف سياسي قيدين کي سپ ڏاندرس سمجهن ٿا، ۽ ٻئي طرف سرڪار حڪمناما جاري ٿي ڪري تہ انهن تي سختي ڪئي وڃي. ان سختيءَ جو مطلب اِهو نڪتو جو جيل وارن ستن مهينن تائين اسان کي ڪال ڪوٺڙين ۾ بند ڪري قيد تنهائي ۾ رکيو ۽ ملاقات ٻہ بند رکي؛ ان کي چوندا آهن ــ ٻيٽا باپ سے بھی زور. سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي: "ڏاڇي هٽي ڏهه، توڙو هٽي تيرنهن". ڪامورا شاهي جا 35 سال "بهترين ڪارڪردگي جو بهترين مثال"، اسان جي ملڪ ۾ ٻيون ٻہ عجيب ڀالهيون ٿيندڙيون رهنديون آهن. (هونئن ٻہ هتي هر ڀالهه عجيب ئي هوندي آهي). مثال طور: جڏهن آمريڪا سان اسان جي حڪومت جي ياري ڪڙهائيءَ ۾ جليبي جيان پچندي آهي، تہ اسان جي جنرلن لاءِ آمريڪا مان هٿيار ايندا آهن، ۽ پوءِ شير شاهه جا شڪرا مسڪين ماڻهن لاءِ ڏرتي ٽامي جهڙي ڪري ڇڏيندا آهن. مان هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ جڏهن ٻہ آمريڪي ٻيڙو ڪراچيءَ جي سمنڊ ۾ پهچندو آهي، تہ عوام جي اهم اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويندو آهي ۽ انهن کي اذيتون ڏنيون ويندیون آهن. 1952ع ۾ ٻہ ايئن ئي ٿيو هو جيئن آمريڪي ٻيڙو پهتو هو تہ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي،

ڪامريڊ سويو گيانچنداڻي، امام علي نازش، فيض احمد فيض ۽ بين اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو هو ۽ جڏهن جولاءِ 1980 ۾ ستون آمريڪي ٻيڙو ڪراچيءَ جي سمنڊ ۾ پهتو هو تہ مونکي ڏاڍي ڳڻتي وني وئي هئي. تہ ڏسون هاڻ ڪهڙا مجاهد ٿا پڪڙجن؟ چا ٿو ڏسان، مان پاڻ پڪڙيو پيو هئس! اهو جولاءِ جو مهينو اها ئي سرخ پرچم خلاف وڻ وڻان _ واقعي مان ڏاڍو ڊانڊرس ماڻهو آهيان.

جناب! شبير نالي جا ڪيترائي نوجوان ملڪ ۾ هوندا، ريڊيو ۽ ٽي وي فنڪارن جي ملڪ ۾ ڪوٽ ناهي، پر پوءِ بہ مڪني هاڻي، گرفتاريءَ جي گلن جو هار منهنجي ئي ڪنڌ ۾ وڌو آهي. مان جو هن وقت تائين واڙو هئس، مان سمجهان ٿو تہ ايڏي وڏي اهميت جو سبب اِهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ مان بہ ان قافلي جو مسافر آهيان، جنهن ۾ سڄي دنيا جا مظلوم ماڻهو شامل ٿي رهيا آهن. ڪامريڊ فيدل ڪاسترو بہ انهن اڳواڻن مان هڪ آهي، اسان جي ٻهراڙين ۾ ڪجهہ ڪراڙا هن کي ڪامريڊ بلوچ ڪري سڏيندا آهن. اسان جي فوجي جرنيلن جي آقا آمريڪي سرڪار بہ ڪامريڊ "بلوچ" کان ڊڄي ڪري، هن کي دنيا جو ڊانڊرس ترين ماڻهو سڏي رهي آهي. هنن خطرناڪ حالتن ۾ هن حڪومت کي مون جهڙا ماڻهو تہ انتهائي ڊانڊرس لڳن ٿا. مونکي گرفتار ڪرڻ وقت ايڏا تہ هٿياربند سپاهي ۽ فوجي ڪمانڊوز هئا، جو اِها جڙ تمام وڏي فوجي ڪارروائي ٿي لڳي. هونئن بہ اسان جي فوج کي گهرن تي حملن ڪرڻ جي خاص سکيا مليل آهي. تڏهن تہ اُهي سدائين آپريشن فيئر پلي ڪندا رهندا آهن، پوءِ وري هڪٻئي کي شاباشون ڏئي مٿايون ورهائيندا آهن. مون کي وڏي دير ڪانپوءِ هن فوجي ڪورٽ ۾ پتو پيو تہ مون تي فوج خلاف نفرت پکيڙڻ جو الزام آهي.

جناب! منهنجي گرفتاريءَ سان فوجين خلاف محبت جي گلن بدران نفرت جون چٽگون پڙڪي ٽيون پون، تہ ان ۾ پلا منهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟ منهنجي خيال ۾ تہ هيءُ ڪيس انهن تي هلڻ گهرجي، جن مونکي شهرين جي مرضيءَ خلاف گرفتار ڪري، فوجي سپاهين خلاف نفرت پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، آخر شهرين جي بہ ڪا راءِ ٽيندي آهي _ حڪومت

کي عوام جي راءِ جو احترام ڪرڻ گهرجي.

جناب! پوءِ فوجي چانوڻيون هيون، اونداهيءَ رات جيان بند ڪوليون ۽ منهنجي جان، منهنجو جسم، هٿن پيرن تائين زنجيرن ۾ جڪڙيل، ڪڏهن اونڌو لڙڪائيندا هئا ته ڪڏهن سڌو. ڪڏهن لٽين سان ڪٽيندا هئا، ته ڪڏهن نِچڪڻ سان ماس پٽيندا ۽ جسم تي سگريٽن جا ڏنپ ڏيندا هئا، ايستائين جو نه وقت تي ماني ڏيندا هئا، نه سگريٽ پاڻي؛ پل پوءِ ڏينهن جي جاءِ تي رات چو نه اچي وڃي. هنن ڏاڍو سنو استقبال ڪيو مان هنن جا احسان ڪڏهن به وساري نه سگهندس. انهن پنهنجي اسلام پسنديءَ جو اظهار مون تي بي انتها تشدد ڪري ڪيو. سپاهين کي رڳو مارڪٽ ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي، ڀالهائڻ جي نه؛ ان جي ڪري ته ڪٽي هُو منهنجا اتحادي نه ٿي وڃن. ڀالهِ اِتي ختم نه ٿي هئي. مونکي حيرت ان وقت ٿي، جڏهن مون ڏٺو ته هر ٻن ڪلاڪن بعد هنن جي ڊيوٽي ختم ۽ شروع پئي ٿي وڃي. جناب! حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي صرف ٿي ڏينهن صليب تي لڙڪايو ويو هو پر مونکي ۽ منهنجي ساٿين کي پورن اٺن مهينن تائين بي انتهاتشدد ۽ اذيتن جي صليب تي ٽنگيو رکيو ويو. ٿي سگهي ٿو ته ان جو ٻن مان ڪو هڪ سبب هجي، ايئن به ٿي سگهي ٿو يا ته اسان حضرت عيسيٰ کان به وڌيڪ اهم ماڻهو آهيون. ان کان به وڌيڪ متي ڄاڻايل حساب مطابق اسي پيرا زياده ڊانڊرس آهيون؟ يا وري اسان جا دشمن اسي پيرا ڪمينا آهن.

مان پاڻ تي منهنجي ساٿين تي ٿيل وحشتناڪ تشدد کي ورجائي، توهان جي دل ڪچي ڪرڻ نٿو چاهيان. مونکي خوف هو ته ڪٽي ان وحشتناڪ تشدد ۽ اذيتن جو ٻڌي _ توهان کي الٽيون نه اچي وڃن. مان توهان جي سامهون رڳو هڪڙي ڀالهِ ورجائڻ چاهيان ٿو ته اهو 08 آگسٽ 1980 جو صبح هو جڏهن ڪامريڊ نذير عباسي شهيد کي بگهڙن جي گهيري ۾ کوليءَ مان ٻاهر ڪڍيو ويو هو هن کي زنجيرن ۾ ويڙهي؛ خبر ناهي ته ڪيڏانهن ڪٽي ويا هئا.

جناب پوءِ مونکي ٻڌايو ويو ته هن کي پورهيتن جي لاءِ زندهہ رهڻ

جو بدلو ورتو ويو هو. پوءِ خبر پئي تہ جڏهن هن جي بيجان جسم کي دفنايو ويو تہ هن جي جسم تي ڇڪ جا نشان هئا ۽ سيني ۾ دل نہ هئي. انهن بگهڙن کامريڊ شهيد جي دل کڄي ورتي هئي ۽ پنهنجي وحشي ڏندن سان کيس چڇري چڏيو هو. توهان کي خبر نہ آهي، تہ هن جي گلاب جي ٻنن جهڙي نرم ۽ نازڪ دل کي لوهي چنبن ۽ ڏندن سان چٻاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري چڏيو هو. جنهن ۾ محبت جو سج ٻرندو هو_ همٽ ۽ حوصلي جا پهاڙ هوندا هئا، جوش جا طوفان اٿندا هئا. هن جي دل کروڙين محنت ڪش ۽ پورهيتن لاءِ ڏڙڪندي هئي، ۽ اڻ ڳڻيون دليون، هن جي دل جي سُر تال سان گڏ ڏڙڪنديون هيون. ايڏو پيارو انسان ۽ ان تي الزام مڙهيو ويو. تہ هو خطرناڪ ترين ماڻهو هو_ شرم شرم.

جناب! موت کان وڌي وري وري موت ۽ تڙپائي تڙپائي مارڻ جون ڏمڪيون يا انهن کان بچڻ لاءِ، پنهنجي ساڻين سان غداري، منهنجي لاءِ اهي ٻہ رستا چڏيا ويا، پر مان آپگهات ڪرڻ بدران شهادت جو سوچيو. شايد اهڙي ئي وقت لاءِ شاعرن جي سرتاج شاهہ لطيف چيو آهي تہ:

"بندي ٻيا قرار، اسين لوچون لوهہ ۾
مٹان تن تار، سدا سانپيئڙن جي."

مونکي زندهہ موت جي دعوت ڏيڻ لاءِ اسلام آباد، لاهور، کان ويندي سڄي ملڪ جا شيطاني دماغ مون وٽ ترسيل هئا، هنن جو خيال هو تہ مون وٽ کي وڏا راز لکيل آهن. جڏهن تہ مون وٽ ڪجهہ ٻہ نہ هيو پر سوچڻ جي ڳالهہ آهي، تہ جيڪڏهن مون وٽ ڪجهہ هجي ٻہ ها، تڏهن ٻہ مان هنن کي ڪيئن ڏيان ها...!!؟ منهنجي خيال ۾ هڪ تہ هُو پاڪستان ۾ آمريڪا جا جاسوس هئا، ۽ ٻيو تہ جناب! مان وڏو ڊانڊرس ماڻهو آهيان، ڪو ليمون تہ نہ آهيان، جنهن جو رس نيپوڙيو ويجي ها.

جناب! اخبارن ۾ جڏهن ٻہ ڪا خبر چپجندي آهي، ان کي ان جي اهميت مطابق جاءِ ملندي آهي، پر اسان جي ملڪ تي آمريڪي ڊالر گوشت تي پلجندڙ بگهڙن جو راج آهي. هنن شهرين کي بي انتها مسئلن جي جار ۾

قاسائي رکيو آهي، ۽ انهن کي پجرن ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هر پيري هنن جي شهہ رڳ کي وڍي ۽ ٻيهر خون پيئڻ لاءِ تاڪا لڳائي ٿا ڇڏين. منهنجو اشارو ملڪ ۾ وري وري مارشل لائون لڳائڻ طرف آهي. خبر ناهي ته اڄ مونکي سائنس فڪشن تي نهيل فلم پولڙن جو پلانيٽ ياد اچي رهي آهي، جنهن ۾ انسان کي "حيوان" سمجهيو وڃي ٿو ۽ پولڙي کي اشرف المخلوقات. پر اسان جو ته سڄو ئي ملڪ جهڙوڪ پولڙن جو پلانيٽ بڻجي ويو آهي. پر ان کان به وڌيڪ حيرت جي ڳالهہ اها آهي، ته انهن بگهڙن جو خيال آهي، ته مان هنن کان به وڌيڪ ڏانڊرس جانور آهيان. مونکي سمري آف ايويڈنس لاءِ، اٽن مهينن تائين چوويهن ڪلاڪن لاءِ ڪولين ۾ بند رکڻ کانپوءِ، هڪ فوجي آفيسر جي سامهون آندو ويو. ان دوران وڪيل ته پري جي ڳالهہ آهي، مونکي پنهنجي گهر ياتين پيءُ ۽ ماءُ سان به ملڻ نہ ڏنو ويو هو. منهنجو خيال هو ته مونکي انهن حق تلفين خلاف سول ڪورٽ ۾ دعويٰ داخل ڪرڻ جو موقعو ملندو. پر جي اُهو موقعو به نہ مليو ته پنهنجو بچاءُ ڪرڻ جو موقعو ته ضرور ملندو. پر جناب! هتي به فوجي ڪارروائي ٿي وئي، اُها به جيل جي چؤديواري جي بند ڪمري ۾ _ بنا وڪيل جي ۽ بنا ڪارروائي نوٽ ڪرڻ جي اجازت جي. حيرت اِها جو پڪڑڻ وارا به فوجي ته فريادي به فوجي، پڇاڳاڇا ۽ مارڪٽ ڪرڻ وارا به فوجي ۽ ڪيس هلائڻ وارا به اُهي ساڳيا ٽوپلا. اُهي رڳو هڪڙي غلطي ڪري ويا، جو جوابدارن جي سلسلي ۾ هنن سان ناانصافي ڪئي وئي. جوابدار به فوجين کي هجڻ ڪپندو هو. ان کي چئبو آهي _ "ڪرے کوئی ، بھرے کوئی". اهڙو شاندار انصاف شايد ئي دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ملندو. ويچاري هاءِ ڪورٽ اکيون ڦاڙي ڏسندي ئي رهجي وئي، ۽ ويچارا جسٽس هڪ رنگروٽ ميجر جي سامهون بلڪل بيوس ۽ لاچار بڻجي ويا. خوف سبب اهي ڪجهہ پچي به نہ سگهيا.

ليڪن جناب! ايف 16 ۽ ايٽمي هٿيارن سان هٿياربند هي فوجي حڪومت، جيڪڏهن ڊڄي ٿي ته اُهو به مون جهڙي بيروزگار ۽ بي اختيار ماڻهوءَ کان...!! آخر چو نہ ڊڄي. آخر مان به ته ڏانڊرس ماڻهو آهيان. پهريان ته مونکي يقين ئي نہ پئي آيو. ته مان ڪيترو ڏانڊرس آهيان. پوءِ مان

ڊانڊرس جام ساقيءَ کي ڪيس ۾ داخل ٿيندي ڏٺو اُهو به تشدد برداشت ڪري ڊانڊرس ٽي ويو آهي، ۽ پوءِ ٻين ساٿين کي ڏٺو. ان ئي رستي تان هلي ايندڙ ۽ ڊانڊرس بڻجندڙ ماڻهن کي _ مونکي ته هي ڪيس ڊانڊرس قيدين جو تاريخي ڪيس لڳي رهيو آهي.

هڪ ڊانڊرس ماڻهوءَ کي جيل ۾ رکڻ ڪانپوءِ، سرڪاري سطح تي جيڪا بي وڻڌي سازش ڪئي وئي، اُها هئي، اسان کي جلاوطن ڪرڻ. مارچ 1981 ۾ هڪ منصوبو ٺاهيو ويو. ته ڪنهن طرح مونکي ۽ منهنجي ساٿين کي زبردستي هٿ پير ٻڌي، هائيجڪرن جي مطالبي جي بهاني ملڪ مان ٻاهر ڪڍيو وڃي. منهنجي ۽ منهنجي ساٿين جي صاف انڪار تي حڪومتي ڪارندن زبردستي اسان جا هٿ پير ٻڌي ۽ اسان کي زمين تي سمهاري فوٽو ڪڍيا ويا. اسان ان جي پرپور مزاحمت ڪئي ۽ هنن جا ڪئميرا پيچي ڇڏيا، ظاهر آهي ته باندیخاني ۾ اسان ان کان وڌيڪ ڪري ب ڇا پئي سگهياسين. هونئن به اسان ڏهني جنگ وڙهڻ جا حامي آهيون، پر جيڪڏهن ٻيو ڪوئي جهيڙو ڪرڻ چاهيندو ته ٻه هٿ ته سيني وٽ آهن. جنهن کانپوءِ پوءِ مونکي خبر پئي، ته بي بي سي تان به گهٽو ڪجهه نشر ٿيندو رهيو ته ڪميونسٽن جيل ۾ ڦڏو وڏو آهي، پوءِ اسان جي ڊڄڻي فوجي جنتا اسان کان لکيت ۾ پڇيو هو ته ڇا اسان ڪابل يا دمشق وڃڻ لاءِ تيار آهيون؟. تڏهن جناب! اسان هنن کي جواب ڏنو هو ته پهريان اسان کي جيل مان ڪڍو، پوءِ ڳالهايو. ٻين محب وطن پاڪستانين کي جلاوطن ڪرڻ بدران ڪجهه جنرلن کي ٻڌي هائيجيڪرن جي مطالبي تي موڪلي ڏيو ته جيئن سيني جي جند ڇٽي وڃي. ليڪن حڪومت اسان جا ٻئي مطالبا نه مڃيا، خاص ڪري ٻيو. جناب! هُو ڪجهه جنرلن جي مفاد ۾ سڄي قوم کي جلاوطن ڪري ٿا سگهن، پر ڪجهه گندين مڇين (جنرلن) کي قوم ۽ ملڪ جي بقا لاءِ قربان نٿا ڪري سگهن. جناب! اِها به پاڪستاني اغوا ٿيل شهرين جي خوشنصيبي هئي، جو جهاز ۾ ڪجهه آمريڪي سمگلر به موجود هئا. اگر اهي نه هجن ها ته پاڪستاني فوجي جنتا جهاز جي سيني مسافرن کي به مارائڻ لاءِ تيار هئي. اها رڳو اعلان ڪري ها ته ملڪ ۽ قوم

جي وقار لاءِ 150 مسافر تہ ڇا ملک جا اٹ ڪروڙ عوام بہ هڪ ڏماڪي سان اڏائي سگهجن ٿا. پر حڪومت جي اِها بدقسمتي هئي، جو هن جي آقائن جا ٽي ڇٽا بہ ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پيا هئا. هڪ طرف اُهي هائيجيڪرن جي مطالبي تي اسان کي جلاوطن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا، ۽ ٻئي طرف جڏهن مون پنهنجي ساڻين سميت لبنان ۾ فلسطيني پائرن جي عملي جدوجهد ۾ شرڪت لاءِ بيروت موڪلڻ جو مطالبو ڪيو هو تہ حڪومت اهو چئي اسان جو مطالبو رد ڪيو هو تہ ايئن ڪرڻ ممڪن ئي ناهي.

جناب! اسان زندهہ واپس موٽي اچڻ جي صورت ۾ ڪيس وڙهڻ جو واعدو ڪيو هو ان کان وڌيڪ بهتر ضمانت ڪا ٻي ڇا ٿي سگهي، ليڪن حڪومت جو اُهو ئي انڪار قائم رهيو. حڪومت پنهنجون ذميواريون پوريون نٿي ڪري سگهي، تہ اها ٻين تي يقين ڪيئن ڪندي! مونکي يقين آهي تہ جيڪڏهن مان اسرائيل طرفان وڙهڻ جي آڇ ڪريان ها، تہ حڪومت نہ رڳو مونکي اوڏانهن موڪلي ها پر ڪيس بہ ختم ڪري چڏي ها. فلسطينين سان تہ جنرل ضياءَ کي پراڻا خار آهن. فلسطيني سر زمين تي ضياءَ جي هلايل گولين جا نشان فلسطينين جي جسمن تي اڄ بہ موجود آهن، جيڪي ڊسمبر 1970ع واري ان آپريشن فيئر مان زندهہ بچيا هئا. مان ڄاڻان ٿو تہ ضياءُ الحق ۽ ان جا ساٿي جنرل ڪنهن بہ صورت ۾ فلسطينين جي فتح نٿا چاهين. شايد ان لاءِ اهي پاڪستان مان فوج ۽ رضاڪار موڪلڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ وري اهو بہ مون جهڙو ماڻهو...! هرگز هرگز، نہ، نہ.

جناب! مان وڏو ڊانڊرس ماڻهو آهيان. اسرائيلين لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي پوان ها تہ پوءِ...!؟ مان حڪومت جو ٿورائتو بہ آهيان، تہ ان مونکي مختلف حالتن ۽ تجربن مان ننڍي عمر ۾ ئي گذاريو ۽ پنهنجو پاڻ کي پرکڻ جو موقعو ڏنو. جڏهن اسان کي پهريون پيرو لانڊي جيل کان سينٽرل جيل ڪراچي منتقل ڪيو ويو تڏهن مونکي حيرت انگيز ۽ خوشگوار احساس ٿيو هو. مان ڏٺو تہ ٻيا سياسي ڪارڪن اسان کي پاڻ کان بهتر سياسي ڪارڪن سمجهي رهيا هئا. هنن اسان تي ٿيل حڪومتي تشدد کي برداشت ڪرڻ واري امتحان کي فخر وارين نظرن سان ڏٺو آهي. حڪومت

مونکي ئي آرسي ناهي ٻين سياسي ڪارڪنن کي پنهنجو عڪس ڏيڪاريو آهي. مونکي يقين آهي ته اُهي منهنجو عڪس ڏسي پاڻ کي ضرور بهتر سياسي ڪارڪن بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا. مونکي ايئن لڳو هو ته اسان هڪ اهڙي پهاڙ جي چوٽي پار ڪري آيا آهيون، جيڪا اسان کان پهريان ڪير به ڪري نه سگهيو هو. هڪ اهڙي شخص جيان جيڪا پهاڙ جي ڏاڙن ۽ سوراخن ۾ ڪِليون ٺوڪيندو، چمڊ وجهي پير جمائڻ جي جڳهه ناهيندو آهي، ۽ پويان ايندڙن لاءِ گس ناهيندو ويندو آهي. اسان هڪ خطرناڪ چوٽي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، چو ته آدمخورن کي ختم ڪرڻ جو اِهو ئي رستو آهي.

پوءِ حڪومت ڏٺو ته سينٽرل جيل ڪراچي جا ٻيا قيدي ان ڏکئي پهاڙ جي چوٽي پار ڪرڻ لاءِ، اسان واري راهه اختيار ڪرڻ لاءِ بيچين ٿيندي نظر آيا. تڏهن اسان کي سينٽرل جيل ڪراچي بدر ڪري واپس لانڊي جيل موڪليو ويو. چو؟ آخر جيل ۾ ٻيا به نالياورا سياستدان موجود هئا. شايد رڳو ان لاءِ ته ٻيا سياسي ڪارڪن پاڻ کي بهتر بڻائڻ لڳا هئا. حڪومت هنن جي سوچن کي پرکي ورتو هوندو ته هاڻ حڪومت جو وجود خطري ۾ پيو وڃي.

جناب! مان ڊانڊرس پهاڙ جي چوٽي پار ڪندڙ قافلي جو ڊانڊرس مسافر آهيان. پوءِ ڪيس شروع ٿيو ته سرڪار مونکي پنهنجي مرضيءَ وارو بچاءُ جو وڪيل نه ڏنو. ان باوجود به ته ان قانون جي ماهر جو تعلق به فوج سان هو. فوجي وڪيل تي مون اعتبار ڪيو پر سرڪار نه، نه رڳو وڪيل تي پر مونکي سيني سپاهين تي اعتماد آهي، چو ته اُهي مون جيان ملڪ جي هارين ۽ مزدورن جا لاڏلا آهن.

پر جناب! جنرلن کي ته آمريڪي هٿيار ناهڻ وارن ڪارخانن تيار ڪيو آهي. مان انهن تي هرگز يقين نٿو ڪري سگهان. توهان پاڻ ئي ڏسو! اسان جي ڪيس جي هڪ نوجوان ڪامريڊ نذير عباسي شهيد جي بن قاتل جنرلن مان هڪ قاتل جنرل ضياءَ، ته اسان جي ڪيس جي جاچ مڪمل ٿيڻ کان پهريان هدايتون ڏنيون هيون، ته اسان کي سخت سزائون ڏنيون وڃن.

مطلب تہ ڪورٽ ٺهڙ ڪان پهريان سزا جو فيصلو ٿي چڪو هو ۽ ٻئي قاتل جنرل ايس ايم عباسيءَ انسان جي خلاف هي فوجي ڪورٽ قائم ڪئي آهي. ٻئي طرف ان جي ٿي حڪومت تحت پريس تي پابندي لڳائي وئي آهي. هڪ اڏ پيرو جڏهن اخبارن ۾ انسان جي ڪيس جون خبرون ڇپيون، تہ اخباري دفترن ۾ فونن جون گهنٽيون وڄڻ لڳيون هيون، واويلا شروع ٿي وئي ـ جهڙوڪر ڳجها سرڪاري راز ڪلي پيا هئا. هڪ پيري هتي ٿي عدالت باهران فوٽوگرافر آيو هو تہ هن ڪان بہ سخت پڇاڳاڇا ڪئي وئي هئي ۽ پوءِ ڏڪهي عرصي تائين اخبارن تي انسان جي ڪيس جي باري ۾ خبرون ڇاپڻ تي پابندي لڳائي وئي. آخر سرڪار پنهنجي ئي هٿيار ڪان پاڻ ڇو ٿي ڏڃي؟ شايد ان لاءِ تہ ان ڪان پهريان جيڪي بہ هٿيار هنن عوام خلاف ڪنيا، انهن ئي هنن جون پاڙون پٽيون. مثال طور: ملڪ جي مڪاني ادارن جون چونڊون؛ ۽ انهن ۾ عوام دوست اميدوارن جو ڪٽڻ؛ ۽ اڻ چونڊيل مجلس شورا ۾ چونڊن جا مطالبا؛ اعليٰ عدالتن مان ججن جون استعيفائون؛ ۽ اخبارن ۾ حڪومت تي تنقيد. اهي سڀ ڪي اتفاقي حادثا تہ ناهن نہ. جناب! اِهو سڀ ڪجهہ عوام جي نفرت، جوش ۽ شڪست نہ ڪائڻ واري ردعمل جو اظهار آهي. اِهو تہ اوس ٽيٽو آهي تہ اُهي پنهنجي خلاف سڏي ٽيندڙ هر هٿيار ڪي پورا پورا ڪري ڇڏين. شايد اِهو ئي سبب آهي تہ حڪومت رستن تي گولين وارا هٿيار هلائڻ ڪان گهبرائي ٿي. تہ شايد ..... خير مونکي اِهو بہ يقين آهي تہ سرڪار هڪ ڏينهن اِها غلطي بہ ڪندي پوءِ پل چو نہ پنهنجا ئي تختا نڪري وڃنس. اِها هنن جي مجبوري آهي ۽ تاريخ جو مقرر ڪيل هڪ قدم پڻ آهي.

جناب! اِهو سيڪجهہ مان انڪري نٿو ٻڌايان، تہ مان ڪيترو ڄاندرس ماڻهو آهيان، پر ان ڪري بہ جو حالتون ڏاڍيون ڄاندرس ٿي ويون آهن. مون ٻڌو آهي تہ ماڻهو انسان جي باري ۾ خبرون جاڻڻ لاءِ بيچين آهن، اُهي چون ٿا تہ حڪمران نہ صرف انسان ماڻهن جي قوت ڪان پر اُهي انسان جي خيالن ڪان بہ ڊڄن ٿا. اُهي انسان ڏانهن سُرخ سلام ان لاءِ موڪلينداآهن، جو انسان سڄي دنيا جي محنت ڪشن جيان، هنن جا بہ ترجمان

آهيون: پوءِ مان ڊانڊرس آهيان الائي نہ، پر پاڻ عوام وڏو ڊانڊرس آهي. پر جيڪڏهن مان واقعي ڊانڊرس آهيان، تہ مونکي آخري فيصلي لاءِ عوام جي عدالت ۾ ڇو نٿو موڪليو وڃي؟ ۽ شايد ان لاءِ تہ هن ملڪ جو ڊانڊرس عوام مون تي پنهنجو پورپور اعتماد ڏيکاري چڪو آهي.

ڪورٽ جا صدر ۽ ميمبر صاحبو!

هنن مونکي اعتماد جو قرب ڏئي وڏو مان مرتبو ڏنو آهي، مان تہ هڪ معمولي انسان آهيان. گهٽو ڪو وڌيڪ جاڻان بہ نٿو نہ مون ۾ ايتريون ڪي صلاحيتون آهن، پر جن ساٿين سان گڏ آهيان، اُهي ئي عظيم آهن: انهن ۽ عوام جي بي انتها خلوص ۽ سچائيءَ واري مالها جو هڪ مٽيو ضرور آهيان ــ اها ئي شئي اسان جي اتحاد سميت ڊانڊرس ٿي سڏائي. شايد توهان کي اها جستجو هجي، تہ مان هنن ٻنڌر وارين راهن تي ڇو هلڻ لڳو آهيان!؟

تہ جناب! ڳالهہ ڪجهہ هينئن آهي، تہ سکر جي هڪ فوجي آفيسر بابا سائين زوار عبدالرزاق ۽ ڪٽنب جي سينئي پاتين کي گهرائي ڊيڄاريو هو ۽ ڌمڪيون ڏنيون هيون، ۽ منهنجي گهر جي عورتن جي توهين ۽ تذليل ڪئي هئي: جنهن ڪري منهنجي اندر ۾ بدلو وٺڻ جي باهہ پڙڪي اُٿي هئي. ان دوران منهنجي ملاقات هڪ انقلابي اڳواڻ ڪامريڊ جام ساقي سان ٿي هئي. مون هن کي بدلو وٺڻ واري خواهش ۽ ان فوجي آفيسر جو نالو ٻڌايو هو ۽ مان اِهو بدلو وٺڻ لاءِ بيچين هئس. پر ڪامريڊ جام ساقي مونکي سمجهايو هو تہ ان جهڙا هن سماج ۾ خبر ناهي تہ ڪيترا آهن: تون ڪنهن ڪنهن کان بدلو وٺندين!؟ هن نذير عباسي جي شادي ٿيڻ کان هڪدم پوءِ سندس گرفتاريءَ جو بہ ذڪر ڪيو هو. جنهن جي نتيجي ۾ دل جو دوَرو پوڻ سبب هن جو والد گذاري ويو هو. ان وقت تائين مونکي اهو اندازو نہ هو تہ ڪامريڊ جام ساقي ماڻهن ۾ بدلي وٺڻ بدران سماج کي بدلائڻ جي جدوجهد ڪري رهيو آهي. ۽ ان جو منهنجي ذهن تي ايڏو اثر پيو جو اڄ مان قاتل رهزن بدران هڪ ڏميوار قسم جو سياسي ڪارڪن آهيان: پر ان کي چا چئجي جو حڪومت مونکي انهن ئي سببن جي ڪري ڊانڊرس سمجهي رهي آهي.

مان جڏهن پنهنجو بيان پڙهيو تہ فوجي ڪورٽ جي صدر ڪرنل عتيق ڪياني چيو تہ: "هي بيان سيني بيانن کان بلڪل الڳ ٿلڳ آهي ۽ واقعي لڳي ٿو تہ شبير شر هڪ اداڪار آهي، ۽ هن جي بيان اسان کي بور نہ ڪيو ۽ين سيني جا بيان خشڪ رهيا آهن، جيتوڻيڪ هن بہ فوج سان گهٽ نہ ڪئي آهي، پر هن جي بيان جو انداز اسان کي وڻيو.

11 جنوري 1983

جام ساقي فوجي ڪورٽ ۾ 120 بچاءَ جي شاهدن جي لسٽ ڏني هئي، ان مان سڀ کٽي ستي رهگو 15 شاهد پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. جن ۾ پ پ جي شريڪ چيئرپرسن بيگم نصرت ڀٽو ڪراچي بار جو صدر عبدالحفيظ لاکو معراج محمد خان قومي محاذ آزادي جو فتحياب علي خان مزدور ڪسان پارٽي، مولانا محمد شاهہ امروٽي، طاهره مظهر علي خان، پ پ پنجاب جو صدر شيخ رفيع، ولي خان، غوث بخش بزنجو ۽ بيا شامل آهن. جڏهن تہ مس بينظير ڀٽو جو بہ نالو کٽيو ويو آهي، جام ساقي ان تي ڪورٽ وٽ سخت احتجاج نوٽ ڪرايو آهي، تہ جيڪڏهن مس بينظير ڀٽو سميت سندس ٻين اهم شاهدن کي عدالت ۾ بچاءَ جو بيان ڏيڻ جي اجازت نہ ڏني وئي، تہ هُو عدالتي ڪارروائي جو مڪمل بائيڪاٽ ڪندو ۽ڪو بہ شاهد پيش نہ ڪندو.

10 جنوري 1983

اڄ فوجي عدالت پهتاسون، تہ ڪورٽ جي سربراهہ ڪرنل عتيق، جام ساقيءَ کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. ٿوري دير بعد جام ساقي واپس آيو پر ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو هو. ايندي ئي مبارڪ ڏنائين تہ: "ساٿيو! فوجي عدالت جي وڏن مس بينظير کي فوجي ڪورٽ ۾ اچي بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ هاڻ 14 جنوريءَ کان شاهدن جا بيان شروع ٿيندا. پهريان منهنجا شاهد هلندا، پوءِ ٻين ساٿين جا". اڄ بي بي سي جو رپورٽر اقبال جعفري بہ موجود هو جنهن چيو: "اب بنے گی بات ، اب مزا آئیگا ، جنگ کرنے اوردیکھنے میں". پوءِ شبير بيدار ڀٽو کي اِها ذميواري ڏني وئي، تہ هُو پريس رليز ناهي، سيني اخبارن ۾ ورهائي اچي.

14 جنوري 1983ع

اڄ ڪورٽ پهتاسون. تہ هڪ گنجو همراه سياري ۾ پنهنجي ٽڪٽ تان پگهر اگهندو آيو ۽ پڇيائين: "فوجي ڪورٽ هيءَ آهي؟". اسان چيو "ها". هن پڇيو: "توهان ۾ جام ساقي ڪهڙو آهي؟" جام ساقي چيو: "جی بنده حاضر ہے". هن هٿ ٻڌي چيس: "میرے باپ ، آپ کی میرے ساتھ کیا دشمنی ہے ، میں ڈاکٹر شمیم اختر ، کراچی یونیورسٹی کا پروفیسر ہوں ، میں نہ آپ جانتا ہوں ، نہ شناسائی ہے". هن جي پريشاني کي ڏسي، اسان سيئي هن سان انتهائي ادب ۽ احترام سان ملياسون. جنهن کانپوءِ وڃي هن کي اطمينان ٿيو ۽ چوڻ لڳو: "مون سمجهيو هو توهان ڪيڏا خونخوار ۽ خطرناڪ هوندا. پر توهان تہ ڏاڍا سٺا ماڻهو ٿا لڳو". جام کلي چيس: "سائين دراصل دنيا جو هر شريف ماڻهو ڪميونسٽ هوندو آهي. اها بي ڳالهہ آهي. تہ هر ماڻهو ان حقيقت کان واقف نہ هوندو آهي."

هڪدم هن جي نظر پوليس وارن ڏانهن ڪڇي وئي. تہ وري ڏڇي ويو. "هي هتي ڇو بيٺا آهن؟" جام چيو: "اسان جي حفاظت ۾ ڇو تہ ملڪ تي ڏاڙيلن قبضو ڪري ورتو آهي". هن وري چرڪ پري چيو: "اهو وري ڪڏهن ٿيو؟" جام چيو: "5 جولاءِ 1977ع تي!" وري هن کلي چيو: "ڏاڍا شرير ٿا لڳو". پوءِ جام هن کي سُرخ پرچم جا ڪجهہ پرچا ڏيندي چيو تہ: "جناب هي مصالحو ڏسو. تہ پوءِ اسان توهان کي ٻڌايون. تہ توهان کان ڪهڙا سوال پڇيا ويندا." هن سُرخ پرچم جا پنا اٽلائي پٽلائي ڏسڻ کانپوءِ چيو: "ڪمال آهي. توهان هن کي خالي مصالحو ٿا چئو هي تہ صفا گرم مصالحو آهي". جنهن کانپوءِ جام هن کي چيو تہ: "اسان تي الزام آهي. تہ هن ۾ ڇپيل مواد اسلام ۽ ملڪ جي خلاف آهي". جنهن تي هن چيو تہ: "هن ۾ تہ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي". جام چيو: "تہ بس! توهان عدالت ۾ جيڪو هن ۾ لکيل مواد پڙهيو آهي. ان مطابق ٻڌايو تہ هي تخريبي. اسلام ۽ ملڪ دشمن آهي يا نہ؟"

پوءِ جڏهن هُو عدالت ۾ هليو تڏهن هن عدالت کي ٻڌايو تہ: "هن رسالي ۾ جيڪو مواد ڇپيل آهي. ان ۾ اسلام ۽ ملڪ جي خلاف ڪا بہ ڳالهہ ناهي. باقي سياسي ڳالهيون آهن. جن جو ملڪ دشمني سان ڪوبہ تعلق

ناهي". سرڪاري وڪيل قاضي امداد هن کان سوال ڪيو تہ: "هن ۾ ڪميونزم جي ڳالھ ٽيل آهي". ان تي پروفيسر چيو تہ: "ها ٽيل آهي، وڪيل صاحب! توکي خبر آهي تہ ڪميونزم جو مطلب ڇا آهي؟ توکي بلڪل خبر نہ هوندي، مان ٿو ٻڌايان تہ ان جو مطلب اشتراڪيت آهي، برابري، هڪجھڙائي، تہ ان ۾ خراب ڳالھ ڪھڙي ٿي؟" ڪرنل سرڪاري وڪيل کي چيو "ڇڏينس، توکي سوال ڪرڻ نٿا اچن، هي ڪيس انتهائي ذڪيو آهي، ناهڻ وارن کي بہ خبر ناهي، جو توکي سمجھائي نٿا موڪلين تہ سوال ڪھڑا پڇو". "جائين پروفيسر صاحب" پوءِ اهو فوجي ڪورٽ ۾ ئي اسان سان سيني سان هٿ ملائي هليو ويو."

جڏهن اسان فوجي ڪورٽ مان ٻاهر آياسون، تہ اسان جي ساٿين جو هجوم اسان جي ملڻ ۽ اسان کي ڏسڻ لاءِ آتو نظر آيو. اسان سان هو ايئن تہ حسرت سان ڀاڪر پائي ملن ٿا، جڻ اسان هنن لاءِ ديو مالائي ڪھاڻيءَ جا ڪردار هجون ۽ آهيون بہ. اسان جنهن طاقتور فوجي حڪمران سان مهاڏو اٽڪائي بيٺا آهيون، ان اڳيان ملڪ جي وڏي پارٽي (پ پ پ) هجڻ جي دعويدار پارٽي جي قيادت کدڙي ٿي وئي آهي. غلام مصطفيٰ جتوئي، معراج خالد، مصطفيٰ کر، ممتاز ڀٽو، طالب المولا جھڙا چپ سبرائي لکي ويهي رهيا آهن. ها، بس رڳو پُٽو جي شريڪ حيات بيگم نصرت ڀٽو ۽ سندس نياڻي مس بينظير ڀٽو جيڪي پاڻ بہ جيل ۾ بند آهن، اُهي ڇنگ جوٽيو بينيون آهن. واقعي اسان جا مخالف ۽ اسان جا ساٿي نيڪ ئي سمجھن ٿا، تہ اسان اوترائي اهم آهيون، جو تہ نہ اسان هارايون ٿا، نہ ٽڪجون ٿا ۽ نہ ئي خوف ۾ مرون ٿا _ بس! وڌهندا ئي رهون ٿا.

اسان کي واپس جيل وڃڻ وقت سيني ساٿين ۽ ساٿياڻين، وڏي اُتساهہ ۽ احترام سان الوداع ڪيو. اسان کي هاڻي 6 فيبروري 1983ع جي تاريخ ملي آهي، ڏسون تہ ان تي وري ڪھڙو بچاءُ جو شاهد ٿو اچي.

06_02_1983

اڄ ڪرنل ٻڌايو تہ هن کي سرخ پوش تحريڪ جي اڳواڻ، جيڪو هن وقت 100 سالن کان بہ مٿي عمر جو آهي، خان عبدالغفار خان لکيو آهي،

تہ هن جي طبيعت ڏاڍي خراب آهي، جيئن هو نيڪ ٿيو تہ جام ساقي ڪيس ۾ ضرور پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائڻ ايندو پر جي نہ اچي سگهيو تہ هُو پنهنجو بيان لکي موڪلينڈو.

هاڻي شنوائي 14 فيبروري تي رکي وئي آهي، ڏسون تہ ڪير ٿو اچي. اڄ بہ اسان جي ساڻين جو وڏو تعداد آيو آهي، سهيل جي گهر واري بارن سوڏي آئي آهي، ويچاري کي شابس آهي، بار بہ سنياليِ ۽ پالي ٿي، ۽ هر حاضريءَ تي سهيل سان حيدرآباد مان ملڻ ايندي آهي.

14_02_1983

اڄ عدالت ۾ خبر پئي آهي، تہ وڏي تعداد ۾ صحافي بہ آيا آهن، جن ۾ بي بي سي سنڌ جو اقبال جعفريِ ۽ بي بي سي جو رپورٽر آئن هور، امن جي مهناز رحمان، هلال پاڪستان جو نصير اعجاز شامل آهن. هنن ٻڌايو تہ عوامي نيشنل پارٽي جي سربراهہ خان ولي خان کي اسان جي ڪيس ۾ پيش ٿيڻ جا سمن مليا آهن، هُو ريل يا روڊ رستي ڪراچي اچڻ جو پروگرام ناهي رهيو آهي، تہ جيئن مارشل لا جي پابندين کي ٽوڙيندو هر هنڌ ميڙاڪا ڪندو اچي، پر پنجاب حڪومت (وزيراعليٰ نواز شريف) هن جي پنجاب ۾ داخلا تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي. هاڻ هن وٽ ڪراچي پهچڻ لاءِ هوائي جهاز ڪانسواءِ بي کا بہ واٽ ڪونهي بچي. هُن اعلان ڪيو آهي تہ هُن کي سنڌ وڃڻ لاءِ صرف چئن ڏينهن جي ويزا ملي آهي، ان ۾ بہ پنجاب ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ اها ڳالهہ سڄي ملڪ جي سياسي ماحول ۾ شدت سان محسوس ڪئي پئي وڃي، تہ جيڪڏهن پيپلز پارٽي پُٽي جو ڪيس هنن ڪميونسٽن وانگر وڙهي ها، تہ ضياءُالحق لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ۽ مشڪل عمل ٿي وڃي ها. ڪميونسٽن سڄي ملڪ جي مارشل لا مخالف سياسي اڳواڻن کي پنهنجي ڪيس ۾ بچاءُ جو شاهد بڻائي، فوجي عدالت ذريعي ئي حڪومت کي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، تہ انهن بچاءُ جي سيني شاهدن کي اجازت ڏني وڃي. ان صورتحال کانپوءِ مارشل لا جي حامي پارٽي جماعت اسلامي واويلا ڪرڻ شروع ڪئي آهي، تہ ڪميونسٽن کي هيڏيون سهوليتون ڇو ڏنيون ويون آهن؟ هنن کي هڪدم ڦاسيون ڏنيون وڃن.

ان تي سڄي ملڪ جي اخبارن تي سينسر لڳل هجڻ باوجود وڏو بحث چڙي پيو آهي. هاڻ هر اخبار جو موضوع اسان جو ڪيس بڻيل آهي. ته هي ڪميونسٽ جنرل ضياءَ جهڙي خطرناڪ آمر کي نڙيءَ ۾ ڪنڌائين هڏي جيان اٽڪي پيا آهن. اسان ڪميونسٽن جي حمايت ۽ مخالفت ۾ هڪ وڏو بحث چڙي پيو آهي. هڪ لڳاتار جمود ۽ مايوسيءَ واري سياسي ماحول ۾ وڏي سرگرمي شروع ٿي وئي آهي. اڄ پ پ جي مير هزار خان بجاراڻي ۽ ممتاز پٺو ۽ نيايو موڪليو آهي. ته هنن کي ۽ هن ڪميونسٽن جي ڪيس ۾ بچاءُ جي شاهدن طور گهرايون. هنن کڻڻ ۾ ۽ مردانگي اچي وئي آهي. هاڻ ڪيس جي شنوائي 16 فيبروري تائين تائين ملتوي ٿي وئي. يعني ٽن ڏينهن بعد وري اسان هتي جنگ جي ميدان تي هونداسين.

16_02_1983

جيئن ته اسان جي بچاءُ جي شاهدن جي لسٽ هن فوجي عدالت کي ڏئي ڇڏي آهي. اها پنهنجي ۽ شاهدن جي سهوليت سان اسان جي بچاءُ جي شاهدن کي گهرائيندي ٿي رهي. اسان جي ستن قيدي ساٿين مان 6 هي ڪيس هلائي رهيا آهيون. جڏهن ته ستين ساٿي پروفيسر جمال نقوي کي بيمار هجڻ ڪري اسان جي ڪيس کان الڳ ڪيو ويو آهي. پر ان باوجود ۽ هن جو اسان سان لڳاتار رابطو آهي. هن جون نيابيون افشان گيتي ۽ پاڃائي اسان وٽ لڳاتار ايندڙيون ٿيون رهن. اهي اسان لاءِ اسان جي فرمائش موجب مائي ۽ بوڙ ۽ پڃائي کڻي ايندڙيون آهن. ۽ پروفيسر طرفان موڪليل سوال ۽ اسان کي ڏيندڙيو آهن. جيڪي اسان پنهنجي بچاءُ جي شاهدن کان پڇندا آهيون. سوالن پڇڻ جو ڪم جام جي حوالي آهي ۽ جام تمام بهترين انداز ۾ وڪيلن وانگر شاهدن کان بهتر انداز ۾ سوال پڇندو رهي ٿو. شايد وڪيل ۽ اهڙا سوال نه پڇي سگهن ها. جيڪي جام ساقي پڇي ٿو. جو ته وڪيلن کي اسان جي ڪميونسٽ نظريئي جي ايتري ڄاڻ نه هجي ها. جيتري اسان کي آهي. پر پوءِ ۽ سينٽرل جيل جي ساٿين بدر ابڙي. سهيل سانگي ۽ امر لعل جي ۽ ذميواري آهي. ته اهي ۽ سوال ناهي ايندا آهن. لانڊي جيل ۾ اسان يعني جام ساقي. ڪمال وارثي ۽ منهنجي ذميواري آهي. ته اسان ۽ سوال ناهي اچون. سو اسان.

جيڪو شنوائي وچ ۾ وقفو هوندو آهي. ان دوران سوالن جي تياري ۾ لڳا پيا هوندا آهيون. ڪورٽ ۾ اچڻ بعد سڀن شاگردن جيان ڪيل هوم ورڪ هڪٻئي کي ڏيکارينداآهيون. ۽ پوءِ هڪ ٻئي پرچي تي سوال ٺاهي، جام ساقي جي حوالي ڪري ڇڏينداآهيون. اهو ئي شاهدن کان اسان سيني جي وڪيل طور سوال ڪندو آهي، باقي جيڪي رهجي ويندا آهن، تہ انهن جو پورائو وڪيل يوسف لغاري ڪندو آهي.

سو اڄ مزدور ڪسان پارٽي سنڌ جو صدر فتحياب علي خان وڪيل آيو آهي ۽ هن پنهنجو بيان اسان جي سوالن جو مشاهدو ڪرڻ بعد اسان جي مرضيءَ وارو ئي ڏنو. جنهن ۾ اسان جا سوال آهن، تہ ڇا مارشل لا قانوني آهي؟ ڇا ڪنهن جرنيل کي ملڪ جي چونڊيل حڪومت ختم ڪري، اقتدار تي قبضو ڪري ملڪ تي حڪمراني ڪرڻ جو حق حاصل آهي؟ يا هُو چونڊيل وزيراعظم کي ڦاسي ڏئي سگهي ٿو؟ ڇا ڪميونزم ۽ سوشلزم اسلام جي خلاف آهن؟ سوشلزم ۽ ڪميونزم جا فلسفا غير ضروري ۽ غير قانوني آهن؟

سو هن مهل تائين پاڪستان جو گُهٽ ۽ بُوسٽ وارو ماحول ٺٽي رهيو آهي، ۽ ملڪي سياسي وايو منڊل ۾ وڏو مانڊاڻ مچي پيو آهي. هي ڪيس ملڪ جي سياستدانن لاءِ، جڙ هڪ جلسي جو اسٽيج بڻجي ويو آهي، جتي سڀ گڏيل ڪيترن سالن جي چپ ۽ خاموشي ٽوڙي، پنهنجي خيالن جو پرپور طرح سان اظهار ڪرڻ لڳا آهن.

اڄ بہ بي بي سي جي نمائندن آئن هور ۽ اي ايف پي جي نمائندي مارڪٽيلي کي عدالت مان ٻاهر ڪڍيو ويو. پر شابس آهي شبير بيدار پٽو کي، جيڪو اسان جو ساٿي آهي. سڄي ڪيس جي ڪارروائي لکي لاچار ۽ بيوس بڻايل اخباري رپورٽن تائين پهچائي ٿو ۽ اهي پنهنجي ادارن ۾ خبر ڏئي سرخرو ٿين ٿا، پر سخت سينسر باوجود بہ رپورٽر ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڇاپيندا رهن ٿا.

اڄ فتحياب علي خان تہ ڪمال ڪري ڇڏيو هن ڪورٽ کي لکيت ۾ هڪ درخواست ڏئي سوال پڇيو آهي تہ: "ڇا هي عدالت بند

ڪمري واري آهي؟ هن کي ڪليل عدالت ڇو نٿو بڻايو وڃي؟. جي هنن تي الزام لڳائيندڙ سچا آهن، تہ هن عدالت کي ڪليل عدالت بڻائي، هنن ڪميونسٽن کي وائکو ڪيو وڃي، تہ هي اسلام ۽ ملڪ جا دشمن آهن".

اخبارن ۾ هن ڪميونسٽن جي ڪيس جي حوالي سان نظريئي پاڪستان کان انڪار ڪرڻ واري مسئلي تي ڏاڍي واويلا ڪئي آهي، خاص طور تي جنگ، جسارت ۽ نوائي وقت. تہ ڪميونسٽ ڪلم ڪلا فوجي عدالت ۾ نظريئي پاڪستان جي مخالفت ڪري رهيا آهن. اسان تي نظريئي پاڪستان خلاف ڪم ڪرڻ جو الزام ۾ آهي، پر بدقسمتيءَ سان پاڪستان پينل ڪوڊ يا آئين جي ڪنهن شق ۾، نہ تہ نظريئي پاڪستان جي وضاحت ٿيل آهي، ۽ نہ ئي انهن جي مخالفت جي صورت ۾ ڪا سزا ئي مقرر ٿيل آهي. هيءَ فوجي سرڪار ۾ قومي نظريئي کي پاڪستان جو نظريو سڏي رهي آهي، جڏهن تہ جماعت اسلامي جيڪا هن فوجي حڪومت جي بي ٽيم بڻيل آهي، ان جو چوڻ آهي، تہ پاڪستان ڪا مطلب ڪيا؟ "لا الله الاالله". جڏهن تہ پاڪستان جي باري ۾ مسلم ليگ جي ليڪل اليڪشن مينيفسٽو ۾ ڪٿي ۾ اهو ڪونهي ڄاڻايل. جماعت اسلامي اها پارٽي آهي، جنهن پاڪستان ٺهڻ واري تحريڪ جي نہ رڳو مخالفت ڪئي هئي، پر قائد اعظم کي ڪافرِ اعظم پڻ سڏيو هو. اڄ اُها پارٽي پاڪستان جي نظريئي جي حقدار ۽ خالق بڻجي وئي آهي. جماعت اسلامي جو امير ميان طفيل، جيڪو چون ٿا تہ ڊڪٽيٽر ضياءُالحق جو مامو آهي، مارشل لا جي ڀرپور مدد ڪري رهيو آهي. جماعت اسلامي اها پارٽي آهي، جنهن اوپر پاڪستان ۾ شيخ مجيب الرحمان جي پارٽي عوامي ليگ جي ڪارڪنن جو فوج سان گڏجي قتل عام ڪرڻ لاءِ الشمس ۽ البدر جهڙيون فاشسٽ تنظيمون ناهيون، ۽ اتي وڏي تعداد ۾ ڪنوارين مسلمان چوڪرين سان زنا پڻ ڪئي، ۽ ان جي سخت رد عمل طور پاڪستان ٽٽو ۽ بنگلاديش وجود ۾ آيو. هاڻ هتي ۾ ساڳي صورتحال پئدا ڪرڻ لاءِ، سڄي ملڪ ۾ جماعت اسلامي ۽ جمعيت طلباءَ جا ڪارڪن جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪ ۾ حصو ونڊڻ مٽان سرڪاري سرپرستي ۾ حملا ڪري رهيا آهن.

اسان جي ڪيس ۾ جماعت اسلامي واري نظريئي کي نظريئي پاڪستان بڻائي پيش ڪيو ويو ته اسان ڪميونسٽن ان جون ڏڇيون اڏائي چڏيون آهن، جنهن تي رجعت پسند اخبارون جنگ، جسارت ۽ نوائي وقت وارا سخت مڇرجي پيا آهن. ۽ روز ايڊيٽوريل لکي ضياءَ کان پڇي رهيا آهن، ته هنن ڪميونسٽن کي فوجي عدالت ايڏي چڙواڳي چو ڏني آهي؟ جو هُو ۽ انهن جا شاهد نظريئي پاڪستان کي چئلينج ڪري رهيا آهن!
20_03_1983

اڄ بلوچ ترقي پسند اڳواڻ ۽ پي اين پي جو صدر مير غوث بخش بزنجو فوجي عدالت ۾ اسان جي بچاءَ جي شاهد طور پيش ٿيو. هن عدالت کي ٻڌايو ته هُو 1939ع کان سياست ۾ آهي ۽ هن وقت سندس عمر 65 سال آهي. هُو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دؤر ۾ نعپ طرفان بلوچستان جو گورنر ٻه ٽيو هو ۽ بعد ۾ حيات محمد شير پائو پ پ اڳواڻ سرحد جي بم ڌماڪي ۾ مارجڻ بعد ڀٽو نعپ (نيشنل عوامي پارٽي) تي پابندي لڳرائي. ولي خان، غوث بخش بزنجو ۽ بلوچستان جي وڏي وزير عطاءُ الله مينگل، خير بخش مري کي گرفتار ڪري حيدرآباد جيل ۾ مٿن بغاوت جو ڪيس هلايو. ڀٽو جي حڪومت جو ضياءَ طرفان تختو اونڌو ڪرڻ بعد ڪين ضياءَ آزاد ڪيو هو. هُن کان جڏهن جام ساقي سوال ڪيو ته: "مون تي بغاوت جو الزام آهي"، ان تي هُن ڪلي چيو: "هي غريب جام ساقي، بغاوت جي سرحدن کان تمام گهٽو پري ٻيٺو آهي، بغاوت ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهه ٻه نه آهي. هاڻي حڪومت جي مرضي آهي جنهن تي جيڪو الزام هڻي". ان تي جام ساقي ڏاڍو ڏکو ٿيڻ لڳو. هن چيو ته: "اها هنن حڪمرانن جي پراڻي عادت آهي ته پاڻ بغاوت ڪري، جمهوري حڪومتن جا تختا اونڌا ڪري الٽو الزام عوام ۽ ان جي نمائندن تي لڳائي. پنهنجو شرم پرچائيندا آهن. پاڻ ئي بغاوتون ڪري ملڪ ٽوڙيندا آهن. مجيب الرحمان (بنگلاديش جو باني) بغاوت ڪئي هئي، هن ته جمهوري حق گهريا هئا. هڪ فوجي جرنيل يحييٰ خان ملڪ تي قبضو ڪري چونڊن کي نه مڃيو ۽ اقتدار پارليامينٽ جي حوالي نه ڪيو ۽ مشرقي پاڪستان (هاڻوڪو بنگلاديش) تي فوج ڪشي

ڪري لکين بيگناهہ بنگالين جو قتل عام ڪيو. ڪورٽ جو سربراهہ ڪرنل عتيق بيان لکڻ بند ڪري ويهي چٽ ڪي گهورڻ لڳو اُن تي اسان احتجاج ڪيو تہ شاهد جو بيان رڪارڊ ڇو نٿو ڪيو ويجي؟ ان تي غوث بخش بزنجو چيو: "ڇڏيو هن جي نوڪري ويڃائيندؤ ڇا؟ هي منهنجو بيان نٿو لکي سگهي". ان تي ڪرنل ڪي مُرڪ مُرڪڻ لڳو. مير غوث بخش بزنجو اڄ فوجي ڪورٽ جا بکيا ادبڙيندي چيو: "جام ساقي ۽ ان جي ساٿين بہ. نہ بغاوت ڪئي آهي. نہ اهڙو ڪو هنن جو ارادو بہ آهي، پر توهان فوجي چاهيو ٿا تہ عوام بغاوت تي مجبور ٿئي، سو هيءَ عدالت نہ آهي، نہ ئي هن کي سولين تي ڪيس هلائڻ جو اختيار آهي _ توهان جو هر عمل غلط ۽ مذمت جوڳو آهي". ايئن چئي هو شاندار انداز ۾ ڪورٽ مان اٿي هليو ويو. دل چيو هن ماٺهوءَ جا هٿ چمجن.

اسان عدالت کان ٻاهر آياسون، تہ مير غوث بخش چيو: "توهان جي مهرباني جو دل جي باهہ ڪيڻ جو هڪڙو نادر موقعو ڏِنوَ ڪڏهن بہ هڪڙو موقعو ملندو ئي نہ هئو پاٺهي رڪارڊ ڪندا هوندا ۽ ضياءُ الحق کي ٻڌائيندا. منهنجو هيءُ موچڙو ضرور مارشل لا جي سربراهہ تائين پهچندو. پوءِ هُو ڪير جهڙن اڇن وارن وارو سرخ رنگ جو بلوچ اڳواڻ شاندار انداز ۾ فوجي ڪورٽ مان دڙها هٽندي هليو ويو. هن تي سنڌ آمد تي پابندي لڳل آهي. صرف اڇوڪي ڏينهن لاءِ پابندي هٽائي وئي هئي. ٻاهر نڪتو تہ هن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ شايد ڪيس ايئرپورٽ کٽي ويا _ واپس ڪوئيٽا روانو ڪرڻ لاءِ.

24_03_1983

اسان جي هڪ ٻئي اهم شاهد خان ولي خان کي بہ فوجي ڪورٽ جو نوٽيس ملي ويو آهي، جنهن سبب ملڪ ۾ سياسي هلچل تيز ٿي وئي آهي. هن بہ بيان ڏنو آهي تہ هو فوجي ڪورٽ ضرور ويندو ۽ پنهنجي ساٿين جي حق ۾ بيان ڏيندو. اخباري ربورٽن موجب ولي خان چيو آهي تہ: "هن کي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چئن ڏينهن جي ويزا ملي آهي. هو ريل يا روڊ رستي سنڌ جي گاديءَ واري شهر اچڻ ٿو چاهي، تہ جيئن ميڙا مچائيندو اچي. ملڪ ۾

هُلُ مَتل آهي تہ: "هي ڪميونسٽ چا پيا ڪن...!!؟ فوجي ڪورٽ کي سياسي ميدان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو اٿن".

سو اخبارن ۾ اسان جي حق ۾ ۽ خلاف بحث ڇڙي پيو آهي. جيتوڻيڪ اخبارن تي پابندي آهي، پر ان جي باوجود به اخبارون ڪجهہ نہ ڪجهہ ڇاپڻ تي مجبور آهن. سنڌ اچڻ لاءِ ڪيس پنجاب مان گذرڻو پوندو. سو پنجاب جي وڏي وزير نواز شريف، ولي خان جي پنجاب داخلا تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي. هاڻ هن وٽ هوائي جهاز ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو نہ بچيو آهي. اخبارن ۾ اهي خبرون هلي پيون آهن، جنهن سبب ڪميونسٽن جي هن بغاوت ڪيس ملڪ ۾ نئين هلچل پئدا ڪري ڇڏي آهي. ائين ٿو لڳي جڻ سياسي مانار واري تلاءَ ۾ ڪميونسٽن پٽر اُڇلي هلچل پئدا ڪري ڇڏي آهي.

25_03_1983

اڄ مزدور ڪسان پارٽي سنڌ جي سربراهہ ايڊووڪيٽ فتحياب علي خان فوجي ڪورٽ ۾ بيان رڪارڊ ڪرائيندي چيو تہ: "هي سڀ سياسي ڪارڪن آهن. هنن ۾ ڪو به باغي يا تخريب ڪار ناهي". اسان جي ساٿين جو هڪ گروپ لانڍي جيل ۾ آهي، جتي ڄام ساقي، ڪمال وارثي، جمال نقوي، سهيل سانگي ۽ مان آهيان. ٻيو گروپ سينٽرل جيل ڪراچي ۾ آهي، جنهن ۾ بدر ابڙو ۽ امر لال شامل آهن. اسان جيل مان ئي سوالناما تيار ڪري ايندا آهيون ۽ پوءِ شاهدن کان سوال ڪندا آهيون. تہ مارشل لا جي قانوني ۽ آئيني حيثيت چا آهي ۽ ان جو ڪهڙو جواز آهي؟. آئين جي آرٽيڪل 6 مطابق سڀ کان وڏو غدار ڪنهن کي چئي سگهجي ٿو؟. غاصب ڪير آهي؟ پاڪستان جو نظريو چا آهي؟ ڪميونزم سوشلزم جا فلسفا ۽ انهن جون پارٽيون چو اهم، ضروري ۽ قانوني آهن؟ هن هلچل سياسي فضا ۾ لڳاتار هلندڙ مارشل لا سبب جيڪا گُهٽ ۽ پُوسٽ پئدا ڪئي هئي، اها گهٽجڻ لڳي آهي. فوجي ڪورٽ باهران هر پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ مارشل لا مخالف سياسي ڪارڪنن جا انبوهہ نظر اچڻ لڳا آهن. اهي رڳو هڪ جهلڪ اسان کي ڏسڻ ٿا اچن. هُو اسان کي جڻ تہ پنهنجو هيرو سمجهڻ لڳا آهن. جڏهن اسان جي پوليس جي بند

گاڏي ۾ واپسي ٿيندي آهي. ته هُو پنهنجي آڱرين سان وي (V) جو نشان ناهي پنهنجي همدرديءَ جو اظهار ڪندا آهن. پوءِ اسان نعرا لڳائيندا آهيون. "انقلاب زنده باد، مارشل لا مرده باد، فوجی جنتا ہائی ہائی، نہیں چلیگی، نہیں چلیگی، لاٹھی گولی کی سرکار". هُو به اسان کي زوردار آوازن ۾ جواب ڏيندا آهن.

اخبارن ۾ ڪميونسٽن مٿان هلندڙ هن ڪيس جي حوالي سان روز خبرون چپچڙ لڳيون آهن. خاص طور ڪورٽ ۾ پاڪستان جي نظريئي بابت رڪارڊ ٿيندڙ بيان وڏو موضوع بڻيل آهي. مارشل لا حڪومت پنهنجي شروعات ئي به قومي نظريئي کان ڪئي آهي. اسان تي به ان ئي به قومي نظريئي جي مخالفت ڪرڻ جو الزام آهي. اصل ۾ پاڪستان جي نه آئين ۾ ۽ نه وري قانون ۾ ڪٿي به هن نام نهاد به قومي نظريئي جي ڪائي وصف ئي ڏنل آهي. سو هر شاهد جو بيان به ان به قومي نظريئي جي خلاف اچي رهيو آهي. ان ڪري جماعت اسلامي ۽ ان نام نهاد به قومي نظريئي جي حامي اخبارن کي سخت تڪليف ٿي رهي آهي. اهي ٻئي ڪاوڙجي پيا آهن ۽ فوجي ڪورٽ کان زوردار مطالبو ڪري رهيا آهن. ته اسان کان بچاءَ جا شاهد پيش ڪرڻ وارو حق ختم ڪيو وڃي.

اسان چئون ٿا ته نظريو ڪنهن دماغ رکندڙ ۽ سوچيندڙ زندگيءَ جو ٿيندو آهي. پاڪستان هڪ زمين جو ٽڪرو آهي. ان وٽ نه دماغ آهي نه سوچ. پوءِ ان جو نظريو ڪيئن ٿيندو؟ مارڪسي نظريو آهي. لينني نظريو آهي. باقي پاڪستان جو نظريو ڪنهن ڏنو؟. ڪنهن سوچيو؟ اها ڳالهه فوجي جنتا کي سمجهه ۾ ئي نٿي اچي.

26_03_1983

اڄ ولي خان آيو اسان کي اهو ڏسي حيرت ٿي. ته هو اسان لاءِ پشاور جو ڳڙ ڪٽي آيو آهي. هن چيو: "مان توهان لاءِ هي سُوکڙي ڪٽي آيو آهيان. سرد موسم ۾ اسان غريب پٺاڻ هن سان ماني کائيندا آهيون ۽ دوستن کي به تحفي ۾ ڏيندا آهيون". هن ڳوٺاري کولي اسان کي ڳڙ جو هڪ هڪ ٽڪرو ڏيندي چيو: "ٽيسٽ ته ڪيو ڪامريڈ". اسان کائي ڏٺو ته ان ۾

خشڪ ميوو لؤنگ ٿوتا پيل، جهڙو حلوو هجي. "واهه"، اسان چيو: "خان صاحب مزو اچي ويو".

ولي خان، جڏهن فوجي ڪورٽ ۾ هليو تہ ڪورٽ جو سربراهه جيڪو پاڻ بہ پٺاڻ آهي، ڪرنل عتيق ڪياني، اهو بہ اڳي ٻيهي رهيو ۽ ولي خان سان هٿ بہ ملائيندي "پخير راغلي" (پلي ڪري آيا) چيائين. ان تي ولي خان چيو: "اوهو، پختون آهي!". پوءِ ولي خان چيو تہ: "جام ساقي ۽ ان جا ساٿي منهنجا بہ ساٿي آهن، هنن تي بغاوت جو الزام آهي، جيڪو مون تي تہ سڀائين لڳندو رهيو آهي. جيڪڏهن هنن تي الزام آهي بغاوت جو تہ مان بہ باغي آهيان. گرفتار ڪيو مونکي بہ. بہ قومي نظريو جماعت اسلامي جو گهڙيل آهي. جيڪا پاڪستان نهٽ جي مخالف هئي، اها قائداعظم کي ڪافرِ اعظم سڏيندي هئي. سو هن ملڪ جو ڪو بہ نظريو ڪونهي، ملڪن جا آئين ٺيندا آهن _ نظريا انسانن ۽ سوچڙ وارين قوتن جا هوندا آهن. پاڪستان هڪ ملڪ آهي، ان وٽ 1973ع جو آئين آهي، جنهن جي توهان خلاف ورزي ڪري ملڪ تي مارشل مڙهي چڏي آهي".

ولي خان بہ ڏماڪيدار بيان ڏئي هليو ويو. ٻاهر نڪرندي ئي ڪيس گرفتار ڪري ايئرپورٽ پهچائي، جهاز ۾ ويهاري پشاور موڪليو ويو.

هي ڪيس هڪ وڏي راءِ عامہ تيار ڪري رهيو آهي، ملڪ ۾ جيڪا سياسي ماڻار ۽ پُٽي جي ڦاسيءَ ڪانپوءِ، جيڪا خوف ۽ وحشت واري فضا هئي، اها اسان ڪميونسٽن ختم ڪري چڏي آهي _ ايئن موتمار خاموشي ڪانپوءِ هيءَ موت جي وادي جڙ جاڳي پئي آهي.

جام ساقي، بينظير پٽو کي شاهد طور گهرائڻ لاءِ اڄ فوجي ڪورٽ ۾ درخواست جمع ڪرائي آهي. هوءَ اسان جي اهم شاهد آهي. هن کي هتي ضرور پيش ڪيو وڃي. ان کي پيش ڪرڻ ڪانسواءِ هن ڪيس جو فيصلو ڏيڻ انتهائي ناانصافي ٿيندي. اسان ان درخواست جي ڪاپي بي بي سي جي رپورٽر آئن هور کي موڪلي ڏني. رات جو خبرون ٻڌيون سين، تہ بي بي سي جي خير دين (سهربين) جو موضوع اسان جو ڪيس ۽ بينظير کي پيش ڪرڻ واري درخواست هئي. ان تي دنيا جي قانوني ماهرن جا راءِ بہ هئا، جن

چيو تہ: "ڪميونسٽن جو مطالبو جائز ۽ قانوني گهرجن مطابق آهي. تہ جيستائين توهان جوابدار کي پنهنجي بچاءَ جو مڪمل موقعو نٿا ڏيو تہ اهڙو فيصلو غير انساني ۽ غير قانوني ٿي ٿو وڃي". جنهن تي اسان نعرو هنيون. "انقلاب زندهہ باد". هاڻ فوجي سرڪار اسان جي درخواست ڪيئن رد ڪندي..!!؟

27_03_1983

فوجي ڪورٽ بينظير پٽو کي اسان جي بچاءَ جي شاهد طور گهرائڻ واري درخواست منظور ڪئي آهي. اڄ فوجي ڪورٽ جي سربراهہ چيو تہ: "مس بينظير پٽو بيان جي تياريءَ لاءِ هڪ هفتي جي مهلت گهري آهي. ۽ اها بہ گهر ڪئي آهي. تہ هن جي وڪيلن کي ساڻن ملڻ جي اجازت ڏني وڃي. تہ جيئن هُوءَ ساڻن فوجي عدالت ۾ بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي سلسلي ۾ صلاح مشورو ڪري سگهي.

28_03_1983

اخبارن ۾ خبرون آيون آهن. تہ پ پ چيئرپرسن بينظير پٽو پنهنجي وڪيلن شفيع محمدي ۽ مجيب پيرزادو سان ملاقات لاءِ سرڪار کان اجازت گهري آهي. تہ جيئن ساڻن ڪميونسٽن جي بغاوت ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ جي باري ۾ صلاح مشورو ڪري سگهي. سياڻي وڪيل ساڻس 70 ڪلفٽن تي ملڻ ويندا. جتي هُوءَ گذريل ڪيترن سالن کان نظربند آهي.

29_03_1983

اخبارن لکيو آهي. تہ مس بينظير پٽو پنهنجي وڪيلن شفيع محمدي ۽ مجيب پيرزادو سان 70 ڪلفٽن ڪراچي ۾ 5 ڪلاڪ ملاقات ڪئي. ۽ لڳي ٿو تہ هوءَ ڪميونسٽن جي ڪيس ۾ جيڪو اسپيشل ملٽري ڪورٽ نمبر 5 ڪي ايم سي ڪامپليڪس ۾ هلي رهيو آهي: ان لاءِ بيان جي تياري ڪري رهي آهي.

اڄ اسان کي ڪورٽ جي پرزائيڊنگ آفيسر ڪرنل عتيق ڪياني ٻڌايو تہ: "6_5 اپريل تي مس بينظير پٽو فوجي ڪورٽ ۾ پيش ٿيندي".

30_03_1983

اڄ تاريخ هوندي بہ اسان کي ڪورٽ نہ ونبي ويا. ڇڪر ڇا آهي!؟ جام ساقي چيو تہ: "لڳي ٿو سرڪار جي رڌڻي ۾ رولو ٿي پيو آهي. ڪي جنرل چوندا هوندا تہ پل بينظير سُرخن جي ڪيس ۾ شاهدي ڏئي. تہ جيئن آمريڪي سرڪار جو مٿن چوندون ڪرائڻ وارو بار هلڪو ٿئي. ڪجھ ان جي مخالفت ۾ هوندا. سو لڳي ٿو اهو ئي ڏڏو هلندو هوندو.

31_03_1983

اڄ تہ اسان کي ڪورٽ نہ ڪڍيو ويو اخبارون لکن ٿيون. تہ ڪميونسٽن کي فوجي ڪورٽ ايڏي چوٽ چو ڏني آهي. جو سپ مارشل لا مخالف سياستدان اچن ٿا ۽ حڪومت تي سخت تنقيد ڪري ٿا وڃن. اِهو سوال. هڪ تہ جماعت اسلامي سميت ڪٽر رجعت پسند پارٽيون پڇي رهيون آهن. ٻيو گهٽي تڪليف رجعتي اخبارن جنگ ۽ جسارت کي آهي. اردوءَ جي رڳو امن اخبار اسان جي حق ۾ لکي رهي آهي. باقي سنڌي اخبارون عبرت ۽ هلال پاڪستان بہ ڪجھ نہ ڪجھ اسان جي حق ۾ لکي ٿيون وٽن. انهن تي مارو تمام گهٽو آهي. جو سنڌ هينئر مارشل لا خلاف جدوجهد ۾ سڄي ملڪ جي اڳواڻي ڪري رهي آهي. ان ڪري سنڌي ميڊيا تي وڌيڪ دباءُ آهي.

اسان جي ڪيس ۾ وڏا وڏا ليڊر پنهنجا بيان رڪارڊ ڪرائڻ اچي رهيا آهن. جيڪي رهجي ويا آهن. اُهي بہ نياپا ڪري رهيا آهن. تہ ڪين بہ گهرايو ويجي. جي. ايم سيد کي جاڻي واڻي نہ پيو گهرايو ويجي. چو تہ اُهو شروع ڏينهن کان ضياءُ الحق ۽ ان جي مارشل لا جي حمايت ڪري رهيو آهي. اِها راءِ جمال نقوي ۽ جام ساقي جي آهي. منهنجو چوڻ آهي تہ سائين جي ايم سيد کي گهرايو ويجي. هُو پاڪستان جي باني اڳواڻن مان هڪ آهي ۽ اسان تي پاڪستان جي بہ قومي نظريئي جي مخالفت ڪرڻ جو الزام آهي. گهٽ ۾ گهٽ سائين جي ايم سيد بہ قومي نظريئي جي هرگز حمايت نہ ڪندو. هاڻ اسان جي ڪيس ۾ اڳواڻن کي آڻي بيان رڪارڊ ڪرائڻ واري مرحلي تي بہ رايا هلي رهيا آهن هڪڙا چون ٿا تہ اندروني طور ڪميونسٹن

جو حڪومت سان ناهه ٿي ويو آهي. تنهن ڪري انهن کي اها رعايت ڏني وئي آهي: ٻين غير جانبدارن جي راءِ آهي، ته جنرل آمريڪي سرڪار کيٰ ڏيڪارڻ ٿا چاهين، ته هي سڀ جا سڀ سياستدان ڪميونسٽ ملڪ روس نواز ٿي ويا آهن. هاڻ هُو مٿن چوندڙون ڪرائي حڪومت سياستدانن حوالي ڪرڻ لاءِ زور نه پريندو. هڪ ٽين راءِ ٻه ٻڌڻ ۾ اچي پئي، ته جنرلن جا ٻه هڪٻئي سان اختلاف آهن: سو اُهي ٻه پنهنجو وارو اڇڻ جي چڪر ۾ آهن. ۽ هڪٻئي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪميونسٽن کي فوجي ڪورٽ جو ملبل پليٽ فارم مهيا ڪندا هوندا.

01_04_1983

اڄ پ پ جي چيئرپرسن مس بينظير پٽو فوجي عدالت ۾ اسان جي بچاءُ جي شاهد طور آئي. هُو هڪ وڏي پوليس ۽ فوج جي پهري ۾ آئي. هوءَ جنهن ڪار ۾ سوار هئي اُها هڪ فوجي ميجر هلائي رهيو هو جڏهن ڪار ڪورٽ جي احاطي ۾ پهتي ۽ ميجر ڪار روڪي لهي ٻيئو ۽ مس بينظير صاحب کي ڏسڻ لڳو. هوءَ جڏهن ڪار مان نه لٿي، ته هُو سمجهي ويو وزيراعظم جي ڏيءَ آهي. هي شايد دروازو پاڻ نه کوليندي. ميجر ڪار جو دروازو کوليو. ته هوءَ پوءِ هيٺ لٿي ۽ ڪورٽ ڏانهن تيز تيز قدم کڻندي هلڻ لڳي. ميجر ٻه هن جي پويان هلڻ لڳو. جڏهن ميجر پوئتي ڦري ڏٺو ته بيهي رهيو. مس صاحبہ ڪار جو دروازو بند ڪرڻ کانسواءِ ڪليل ڇڏي هلي پئي هئي. هن واپس وڃي دروازو بند ڪيو ۽ پوءِ اچرج ۽ حيرت مان مس بينظير کي ڏسندو رهيو. شايد سوچيندو هوندو: "ڇا ته هن 28 سالن جي ڇوڪري جو حوصلو آهي. قيدياڻي هوندي ٻه وزيراعظم وارو پروٽوڪول ٿي رکي. ڇوڪري ٿي ڪري هن کي ڏرو ٻه ڊپ ناهي..!!" هُوءَ تمتراڪ سان ڏاڪڻيون چڙهندي هتي آئي. ته اسان ٻه هن جو پُرجوش استقبال ڪيو ۽ پوءِ انتظار واري ڪمري ۾ آياسون. جتي پهريان اسان هڪٻئي سان تعزيت ڪئي ۽ سين ۽ هُن اسان سان شهيد نذير عباسيءَ جي تعزيت ڪئي، ۽ چيو: "اسان سنڌي ڏاڍا حساس ۽ جذباتي آهيون. پر ان سان گڏ بهادر پڻ. اسان حوصلي ۽ همت سان جبر ۽ ڏاڍ جو مقابلو ڪندا آهيون. جيئن هاڻي ڪريون پيا".

هن چيو تہ: "توهان سياستدانن کي فوجي ڪورٽ ۾ گهرائي فوجي ڪورٽ کي پنهنجي سياسي پليٽ فارم ۾ بدلائي وڏي ڪمال جو ڪم ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ تہ سڀ سياسي پارٽيون ايئن ڪن، تہ مارشل لا وارا پڇ پائي پڇي ويندا. ان تي جام ساقيءَ چيو: "ها، پر انهن سياسي ماڻهن جي تربيت بہ اسان ڪميونسٽن جهڙي هوندي، تڏهن ڪندا، هي مس صاحب انقلابي تعليم ۽ تربيت جو نتيجو آهي". بينظير چيو: "ها، اِها بہ ڳالهہ آهي".

پوءِ هن چيو: "سوالنامو ناهيو اٿوَ تہ ڏيکاريو". جام ساقي هن کي سوالنامو ڏنو هوءَ پڙهندي وئي. جتي آمريڪي سامراج جي مدد سان هلندڙ مارشل لا جو ذڪر آيو تہ بينظير پٽو چيو: "اهي ڪيئي چڏيو مان هتي هن پليٽ فارم تان آمريڪا خلاف ڪجهہ بہ نہ ڳالهائيندس". جام چيو: "ٺيڪ آهي، جيئن توهان جي مرضي. پر هتي جيڪو ڪجهہ بہ ٿيندو رهيو آهي ۽ توهان جي والد جي ڦاسي، اهي سڀ عمل آمريڪي سامراج جي مرضيءَ سان ئي ٿيندا رهيا آهن". هن چيو: "اهو سڀ درست آهي، پر مونکي پارٽي طرفان منع ٿيل آهي. باقي مان نظريئي پاڪستان، ضياءَ ۽ ان جي مارشل لا جي باري ۾ ڪلي ڳالهائيندس".

جڏهن ڪورٽ ۾ سڏ ٿيو ۽ اندر ويا سون، تہ ڪورٽ جا جج ڀهڪن پيا، تہ هُو بہ اڄ تاريخي شخصيتن سان تاريخي ڪيس هلائي رهيا آهن. اڄ ڪورٽ فوٽوگرافرن کي بہ اندر اچي فوٽو ڪيڻ جي اجازت ڏني. ان ڪانپوءِ ڪورٽ فوٽوگرافرن کي ڪيئي چڏيو. پر بي بي سي جو نمائندو آئن هور، اقبال جعفري جي پويان بيهي رهيو. هن بغل ۾ پيل ٽيلهي اندر جڏهن ٽيپ جو بٽڻ آن ڪيو تہ تڙڪو ٿيو. جج چيو: "اِهو تڙڪو ڇا جو ٿيو؟". آئن هور چيو: "مون ٽيپ کوليو آهي". ان تي هن کي باهر ڪيئي چڏيائون. پر هُو ٽيپ رڪارڊر باهر رکي وري موٽي آيو ۽ پين سان مس صاحب جو بيان لکڻ لڳو. هُو وقفي تائين ويٽو لکندو رهيو. پوءِ ڪورٽ کي جڏهن ايجنسين انٽرول ڪانپوءِ ٻڌايو. تہ بي بي سي جو نمائندو اندر ويٽو آهي. تہ وقفي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هن کي ڊوڙائي ڪشمير ڪامپليڪس کان ئي باهر ڪيئي چڏيائون.

مس بينظير پٽو ڪورٽ ۾ ويهندي ئي چيو: "هي ست جوابدار نہ پر

عوام جي عدالت جي فل بينچ جا ست جج آهن. جيڪي توهان ٽنهي تي ڪيس هلائي رهيا آهن". پوءِ هن اسان کي لڳل هٿڪڙين تي احتجاج ڪندي چيو: "هِي چور ڏاڙيل ۽ قاتل ته ناهن. هنن کي توهان هٿڪڙيون چو هنيون آهن؟. اهي لاهيو". ڪورٽ آرڊر ڏنو ته پوليس وٽ هٿڪڙين جون ڪنجيون ناهن. جيل وارا پاڻ وٽ رکندا آهن. شام جو پنجين وڳي تائين مس بينظير پٽو جو بيان هلندو رهيو. وقفي دوران هن پنهنجي سيڪريٽري اشرف ميمڻ کان ماني گهرائي ورتي. جيڪا گڏجي کاڌيسين. هن يوسف لغاري وڪيل کي چيو ته: "ڏاڍو بهادر ماڻهو آهين. جو لڳاتار هي ڪيس هلائي رهيو آهين. اسان جي ڪارڪنن جي به توکي پارٽ هجي. انهن جا ڪيس به توهان هلايو". جام ساقي ٻڌايس ته: "گذريل 11 مهينن کان يوسف لغاري پنهنجي گاڏي پنهنجي پاڙي تي ڪرائي ميرپورخاص مان اڃ وڃ ڪندو آهي" ان تي مس صاحبہ يوسف کي چيو: "لڳي ٿو تون سياسي ماڻهو آهين. تڏهن ته ايڏي وڏي قرباني ڏئي رهيو آهين".

اڄ ڏڙا ڏڙ فوٽو گرافري هلي. بدر ابڙي جو والد جمال ابڙو جيڪو سيشن جج آهي ۽ بدر جي والده ۽ پينر به آيون. ۽ مس بينظير پٽو سان ملاقات ڪيائون. هن کان اڳ ۾ اسان جا دوست فوٽو ڪيڙ ايندا هئا. ته ڪئميرائون ڇڙائي ويندا ها. پر اڄ ائين نه ٿيو. هاڻي وري مس بينظير پٽو 29 اپريل 1983ع تي پنهنجو رهبل بيان رڪارڊ ڪرائيندي مائي ڏاڍو تي ڳالهائي. پيءُ شهيد ٽيڻ ڪانپوءِ مٽس ذرو به خوف ناهي. هن ٻڌايو ته: "ڪيس 70 ڪلفٽن ۾ سندس والد جي گهر ۾ قيد ڪيو ويو آهي. اُهو به هڪ ڪمري ۾. ٻين ڪمرن کي تالا هڻي بند ڪيو ويو آهي ـ هن کي گهر جي اڳڻ ۽ پارڪ تي به گهمڻ جي اجازت ناهي".

04_04_1983

دوستن ٻڌايو ته گارجين اخبار (لنڊن) ۾ آئن هور اسان جو ڪيس رپورٽ ڪيو آهي. جنهن ۾ اخبار لکيو آهي ته:

"Pakistan Communits turne Militry court into a political platforms"

هتي جا صحافي ان طرح سان نہ سمجهي سگهيا آهن ۽ نہ ئي لکي سگهيا. هُو انگريز دماغ آهي. جنهن هڪدم شهہ رڳ تي وڃي هٿ رکيو آهي.
06_04_1983

اڄ جام ساقي عدالت ۾ هڪ نئين درخواست جمع ڪرائي. جنهن ۾ هن گهر ڪئي آهي. ته چيف مارشل لا ايڈمنسٽريٽر صدر ضياءُ الحق کي شريف الدين پيرزادو ۽ اي ڪي بروهيءَ کي هن عدالت ۾ اسان جي بچاءُ جي شاهدن طور گهرايو وڃي. چو ته 27 مارچ تي ضياءُالحق چيو آهي ته: "پاڪستان صرف اسلام جي نالي تي قائم ڪيو ويو آهي. ان وقت کان به معاشي نظريو سامهون نہ هو. هن خطي جي مسلمانن فقط اسلام ئي گهريو". عدالت هن درخواست تي 1983_04_09 تائين بدڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

اڄ مس بينظير ڀٽو پنهنجي بيان جو آخري حصو رکارڊ ڪرايو. هن اسان جي مقصد جي ڪا به ڳالهہ نہ ڪئي. صرف پنهنجي پاڙ سان هلندڙ حڪومتي روين تي گهٽو ڳالهايو. ڪميونسٽ محب وطن آهن يا نہ؟ وارو سوال به گول ڪري وئي.

نظريئي پاڪستان تي به هن جو ڪو خاص مؤقف نہ رهيو. بيان تمام گهٽو ڏگهو آهي. جيڪو مان هتي نٿو لکي سگهان.

بچاءَ جي شاهدن جي لست:

- اقبال جعفري. صحافي. بي بي سي ڪراچي جو رپورٽر
- ڊاڪٽر شميم اختر. پروفيسر آءِ آر ڪراچي يونيورسٽي
- حاصل بزنجو. صدر يونيائيٽيڊ اسٽوڊنٽس موومينٽ ۽ چيئرمين بي ايس او
- ناهيد افضال. اين ايس ايف ڪراچيءَ جو اڳوڻو صدر
- غازي صلاح الدين. سپاف جو صدر
- محمد خان مينگل. بي ايس او جو اڳوڻو صدر
- محمود شام. صحافي
- افضل صديقي. امن اخبار جو ايڊيٽر
- محمد حسن شيخ. چيئرمين پوليٽيڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي
- مجيب پيرزادو. وڪيل ۽ اڳوڻو پ جو ايم پي اي

- مسز شميم اشرف ملڪ، (پنجاب) صدر انجمن جمهوريت پسند خواتين
- بيگم طاهره مظهر علي خان، جنرل سيڪريٽري انجمن جمهوريت پسند خواتين
- ميرغوث بخش بزنجو، صدر پي اين پي
- سيد محمد شاهه امروٽي، قائم مقام جنرل سيڪريٽري، جي يو آءِ
- آل مقبول رضوي، وڪيل
- يوسف ٽالپر، اڳوڻو ايم پي اي، اڳوڻو صدر سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين
- فتحياب علي خان، صدر مزدور ڪسان پارٽي
- شيخ عزيز، صحافي
- غني درس، صحافي
- منهاج برنا، صحافي ۽ ايپنڪ جو صدر
- معراج محمد خان، صدر قومي محاذ آزادي
- شيخ رفيق احمد، صدر پ پ پنجاب
- شيخ علي محمد، ايڊيٽر روزاني آفتاب، حيدرآباد
- خان عبدالولي خان، اڳوڻو نعب جو صدر، هاڻي اين ڊي پي
- مس بينظير ڀٽو، قائم مقام چيئرپرسن پ پ پ
- عبدالله جي ميمڻ، ڪمشنر حيدرآباد

24_04_1983

اڄ بدر ابڙو ۽ سهيل سانگي جي وڪيلن يوسف لغاري ۽ شفيع محمدي جي ضمانت جون درخواستون پيش ڪيون ۽ اُهي فوجي عدالت اِهو چئي رد ڪري ڇڏيون، ته اهي وقت کان پهريان آهن. ان تي وڪيلن نوان گرائونڊ ونڊي تقرير ڪرڻ شروع ڪئي، ته ڪورٽ جي نئين ميمبر ۽ سول مئجسٽريٽ حبيب الله ڀٽو چيو: " Singing birds are kept in cages not owls". ان تي هميشه جيان جام ساقي موقعو وڃڻ نه ڏنو هُو اڳي ٻيٽو ۽ چيائين: "سائين اِها ڳالهه ڏاڍي عجيب ٿي لڳي، ته خود ڪورٽ کي به اهڙو احساس ٿي رهيو آهي، پر ڪاش عدالت اِهو به چئي ڏي، ته ڇهرا نه رڳو آزاد آهن پر ڪرسين تي به اُهي ئي ويٺل آهن".

07_05_1983

اڄ ڪيس جي پڄاڻي (Closing) ٿي. عدالت چيو: "اڄان توهان مان ڪنهن کي ب ڪجهه چوڻو هجي ته ٻڌايو". ان تي جام ساقي اٿي بيٺو. هو ب سوچڻ لڳو ته ڇا چوي. ڪا ب رهيل ڳالهه هن کي ياد نه ٿئي اچي ۽ واسڪوٽيءَ جي کيسي ۾ هٿ وجهي، جڙ ڪجهه ڳولينڈو هجي. ان تي ڪورٽ جي پرزائيڊنگ آفيسر ڪرنل عتيق چيس: "جام صاحب ڪا ب ڳالهه نه ٻچي آهي. بس ويهي رهو. ضروري ناهي ته ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڳالهائجي". ان تي جام ساقي چيو: "هڪ چوٽي آهي. ته ويڙهه ڪانپوءِ کو ٿونشو ياد اچي. ته هينئن هٽان ها. تہ اُهو رهجي ويل ٿونشو پوءِ پنهنجي نڪ تي وهائي ڪيڄي _ ان کان پڇڙ لاءِ ٿونشو ڳوليان پيو". ان تي ڪرنل چيو: "بس ڪيو. اڄ اسان ڳالهائيندا سون" هن چيو ته: "اسان کي اڳتي هڻڻا قيدي نہ ملندا ۽ شايد نه ئي هن قسم جو تاريخي ڪيس هلائڻ جو موقعو". ان تي اسان سيني تاڙيون وڄايون. هُو ب اٿي بيٺا ۽ اسان کي سليوٽ ڪري روانو ٿيا. انتهائي جذباتي ماحول ٿي ويو. آخر فوجي عدالت جي ججن اِها ڳالهه تسليم ڪئي. ته اسان حق تي آهيون ۽ اسان خلاف لڳايل چارج شيٽ جُڙتو ۽ ڪُوڙي آهي.

08_05_1983

اسان پنهنجي ڪيس ذريعي فوجي ڪورٽ کي سياسي پليٽ فارم ٻڌائي. پرپور جدوجهد ڪئي آهي. اسان پنهنجو وارو وڄايو. هاڻ ڏسون ته 14 آگسٽ 1983ع کان بورجوا ۽ وڏيرڪيون پارٽيون ڇا ٿيون ڪن؟ ڪيئن ٿيون مارشل لا وارن سان مهاڏو اٽڪائين!؟ اسان ملڪ جي سياسي پارٽين ۽ عوام کي ٽيمپو ناهي ڏنو آهي. ماٺهن مان فوجي عدالتن جي ڏهڪاءُ کي اسان ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون. مان سمجهان ٿو ته ماٺهو وڏيرڪي قيادت جي هٽن مان نڪري گهٽو اڳتي وڌي وڃي وڙهندا. پوءِ وڏيرڪي ليڈرشپ اُها دب کڻي سگهي يا نه.

هاڻ عوام ۽ عوام دشمن قوتن جي وچ ۾ گهمسان جي جنگ ٽيڙ واري آهي. شهادتون ب ٽيندیون. جيل ب پربا. وڏيرڪي قيادت ۾ ڪيترو دم

آهي. اِهو به هن تحريڪ ۾ ثابت ٿيندو. پٽو جي شهادت جي باري ۾ وڏيرا ۽ چوڌري چوندا رهيا آهن. ته ڪين خبر نه پئي. ضياءَ ڪيس اوچتو رات جي اونداهيءَ ۾ ڦاسي ڏئي ڇڏي. هاڻ خبر پوندي ته وڏيرڪي قيادت پُٽو ۽ عوام سان ڪيتري سچي آهي. مارشل لا وارا به ڪات ڪهاڙا تڪا ڪري رهيا هوندا. پر هاڻ اميد ته فتح ملڪ جي پورهيت عوام جي ٿيندي. جيلن ۾ به هاڻي ڪان ئي سياسي قيدين تي تشدد شروع ڪيو ويو آهي. ته جيئن ٻاهر ماڻهن ۾ خوف پئدا ٿئي. حريپور هزاره ۾ قيد پ پ جي ڪارڪنن رزاق جهرنا ۽ ادريس طوطي سميت ٻين سياسي قيدين تي انتها جو تشدد ڪيو ويو آهي ۽ سندن حالت خراب ٻڌائي پئي وڃي.

مهراڻ يونيورسٽي جي بي هٿيار شاگردن مٿان انڌا ڏنڈ فائرنگ ڪري 9 بي گناهه سنڌي شاگرد شهيد ڪيا ويا آهن. ٻئي طرف جماعت اسلامي جهڙي فاشسٽ پارٽي ايم آر ڊي جي تحريڪ کي چيپاٽڻ لاءِ بنگلاديش جيان تنظيمون ناهي. جمهوري جدوجهد شروع ڪندڙ سياسي ڪارڪنن مٿان حملا ڪرڻ جي ريهرسل ۾ رڌل آهي.

ايم آر ڊي ۾ شامل اڪثريتي پارٽين جو تعلق به ساڃي ڌر سان آهي. جن ۾ تحريڪ استقلال جي يو آءِ (ايف). مسلم ليگ (خيرالدين گروپ). اين ڊي پي. باقي ننڍيون ننڍيون ڪابي ڌر سان تعلق رکندڙ پارٽيون. پي اين پي. عوامي تحريڪ ۽ وطن دوست انقلابي پارٽي شامل آهن. پ پ جي قيادت جو تعلق. ساڃي ڌر سان ۽ جيالي ڪيڈر جي سوچ ترقي پسند آهي.

لانڊي جيل ۾ جام ساقي ۽ مان آهيون. وطن دوست جو خليل ڪنهباٽي ۽ جيئي سنڌ جو حيدر بخش رستماٽي. خليل ڪنهباٽي 16_17 سالن جو بار آهي. حيدر بخش 18_19 سالن جو ٿيندو. پر بحث جو ڏاڍو شوق اٿس. ڪامريڊ جام ساقي کي ٽڪائي ٿو ڇڏي. روزانو ايم آر ڊي جي تحريڪ تي بحث ٿيندو ٿو رهي. ڇو ته مارشل لا وارن هاڻي ڪان ئي گرفتارين جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي.

05_06_1983

اسان هتي لانڊي جيل جي هڪ وارڊ ۾ بند آهيون. اسان جو گذارو

تاش کيڏڻ. اخبارون. ڪتاب پڙهڻ ۽ بحث ڪرڻ تي آهي. اڄ اسان جي بحث جو موضوع رهيو 5 جولاءِ. جڏهن 1977ع ۾ جنرل ضياءُ الحق رات جي اونداهيءَ ۾ ان وقت جي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي گهر تي فوج موڪلي. ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم کي گرفتار ڪيو هو. ۽ ملڪ ۾ جمهوري عمل جو مڪمل طور تي خاتمو آڻي. ملڪ ۾ ڦٽڪن ۽ ڦاهين ذريعي وحشت جو راج قائم ڪيو ۽ عوام ۾ خوف جي فضا قائم ڪئي هئي.

هن آرام سان ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏئي. ڇڏي. پ پ جي سموري قيادت کي جڙ ناڪ سِنگهي ويو هو. ڪنهن به ان قتل جي مذمت نه ڪئي. سڀني کي شايد پنهنجو خوف وڻي ويو هو. غلام مصطفيٰ جتوئي. غلام مصطفيٰ کر. ممتاز ڀٽو عبدالحفيظ پيرزادو ۽ بي سموري ملڪ ۾ موجود پ پ قيادت خاموش ٿي وئي. ۽ هن هڪ ڪِن جهڙي ضياءُ الحق هيڏي وڏي اڳواڻ کي ڦاسي ڏئي ڇڏي. جنهن ملڪ تڏ ڪانپوءِ ملڪ کي ناهيو_ پارت ۾ قيد 90 هزار جنگي قيدي فوجي آزاد ڪرايا.

هاڻي اِها ئي ساڳي قيادت آهي. جيڪا 14 آگسٽ تي جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ جي اڳواڻي ڪندي لڳي ته مشڪل ٿو وڌيرڪي قيادت عوام جي ڪري تحريڪ هلائڻ تي مجبور ته ٿي آهي. پر ان کي اڳتي وڻي هلڻ جي صلاحيت نٿي رکي.

10_07_1983

اڄ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جو بيان ڇپيو آهي. هن چيو آهي ته هُو 14 آگسٽ تي سياسي ڏانچي جو اعلان ڪرڻ ٻيو وڃي. جنهن مان ضياءُ الحق جي ناسمجهي ۽ وائڙائپ صاف نظر اچي رهي آهي. ته 14 آگسٽ جي جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ شروع ٿيڻ وارو عمل. جيئن جيئن ويجهو ٿي رهيو آهي. تيئن تيئن جنرل صاحب جي وائڙائپ ۾ به اضافو ٿي رهيو آهي. سياسي پروگرام بدران هو ڏانچو ڏئي رهيو آهي. اهو ڏانچو مارشل لا جي جنازي جو هوندو يا سندس انت جوا ڪا خبر ناهي. پر سياسي فضا ۾ به تيزي اچي وئي آهي. ۽ سياسي گڏجاڻيون. ۽ وڌيرڪي قيادت جا بيان تيز ٿي ويا آهن. جماعت اسلامي ۽ جيئي سنڌ ڪانسواءِ. باقي سڀني

ڏرين ايم آر ڊي تحريڪ جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي. ضياءالحق جي هڪ وزير ظفرالحق جو بيان ٻ ساڳي اخبار ۾ ضياءَ جي بيان ويجهو ڇپيل آهي ته: "اسان سياسي ڏانچي جو اعلان 14 آگسٽ کان پهريان ڪنداسين". اِها آهي فوجي جنتا جي وائڙائپ. پاڻ ۾ ئي هنن جو اتفاق ناهي. ته سندن جو ڏانچو ناهڻ وارو ڏينهن ڪهڙو آهي..!!

ٻئي طرف پ پ قيادت ٻ ورهايل نظر اچي ٿي. پنجاب ۾ ٽيل پ پ جي گڏجاڻي ۾ قيادت ورهائجي وئي آهي. پنجاب پ پ واري بلدياتي چونڊن ۾ حصي وٺڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. جڏهن ته پ پ سنڌ جي قيادت مخدوم خليق الزمان ۽ مولانا احترام الحق ٿانوي چيو آهي ته: "مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ سان ايم آر ڊي جي تحريڪ کي ڪاپاري ڏڪ لڳندو". اسان جي خيال ۾ ته پ پ سنڌ قيادت جو فيصلو درست آهي. پ پ پنجاب جي صدر فاروق لغاري چيو آهي ته: "مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ سان ايم آر ڊي تحريڪ مضبوط ٿيندي. پر هن ان جي وضاحت نه ڪئي آهي".

20_07_1983

اڄ پ پ جي ڪيترن ئي ڪارڪنن جا بيان آيا آهن. جن فاروق لغاري جي مڪاني ادارن وارين چونڊن ۾ حصو وٺڻ واري فيصلي جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته: "فاروق لغاري فوج جو ماڻهو آهي. هُو تحريڪ کي هاجو رسائڻ ٿو چاهي". بي خبر آهي ته جيئن جيئن ايم آر ڊي تحريڪ هلڻ وارا ڏينهن ويجها اچي رهيا آهن. ته پ پ قائم مقام چيئرپرسن مس بينظير پٽو جا ٽيليفون ڪٽيا ويا آهن. هن جي ويجهن هڪڙن سان هلندڙ ملاقات بند ڪئي وئي آهي: هُوءَ هاڻي مڪمل طور تي قيد تنهائي ۾ آهي. سلام آهي. ان نوجوان سنڌي نياڻيءَ کي. جيڪا اڪيلي هٿ ۾ جاڙڪن سان مهاڏو اٽڪائي بيٺي آهي. شهيد پٽو پنهنجي سياسي واٽ سمنظير کي ڏئي درست فيصلو ڪيو هو. هُوءَ پٽن کان وڌيڪ بهادر ۽ سياسي سوچ رکندڙ ثابت ٿي آهي. سچي ملڪ جو عوام به ان نياڻيءَ جي قيادت قبول ڪيو بيٺو آهي. اُهي نه جتوئي کي ٽا سجاڻن. نه مخدومن. نڪي کرل ۽

ٻين کي. جڏهن هُوءَ اسان جي ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ آئي، تڏهن مس صاحبہ ٻڌايو تہ: "غلام مصطفيٰ جتوئي، فاروق لغاري ۽ نصيرالله بابر هن تي زور پريو هو تہ ڪيمونسٽن جي ڪيس ۾ نہ اچي، ان سان آمريڪا بادشاهہ ناراض ٿي ويندو ۽ اسان کي ڪڏهن بہ حڪومت نہ ملندي. پر هُوءَ هنن جي ان مشوري کي ٺڏو هٽي، فوجي ڪورٽ ۾ اسان جي بچاءُ جي شاهد ٿي آئي".

مس بينظير پٽو تي پابنديون لڳرائي قيد تنهائي ۾ موڪلرائڻ وارا فوجي تہ آهن، پر غلام مصطفيٰ جتوئي، فاروق لغاري، نصيرالله بابر بہ برابر جا شريڪ آهن. اِها آهي پ پ جيْ قيادت، تہ ايم آر ڊي تحريڪ ڪيترو هلندي؟ ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.

پ پ جي بورجوا قيادت ترقي پسند سوچ رکندڙ ۽ جيل ڪاٽيندڙ ورڪر مان بيزار آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو هنن کي هاٽي ڪوڙن ڪرمنل ڪيسن ۾ ڦاسائي وڏيون سزائون ڏنيون پيون وڃن. ان سان پ پ جي اصلي جيالي ورڪر ۾ هڪ تہ پ پ جي وڏيرکي قيادت خلاف سخت نفرت اپرندي پيو تہ هُو مايوسي طرف ويندا. بيگم نصرت پٽو ملڪ کان ٻاهر آهي، مس بينظير قيد تنهائي ۾ آهي، قيادت چوڌرين ۽ وڏيرن جي هٿن ۾ اچي وئي آهي. اُهي هن قربانيون ڏيندڙ ڪارڪن لڏي کي سخت مايوس ڪري رهيا آهن. هنن اندروني پ پ ۾ سازشن جا جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ تي ڪهڙا اثر پوندا، اسان بہ ان وقت جو انتظار ڪريون، پر اميد اها آهي، تہ هيءَ تحريڪ ڪامياب ٿئي ۽ جمهوريت بحال ٿئي. ضياءُالحق جي ظالم مارشل لا جو انت اچي _ ضياءُ کي اسان ڦاسي چڙهندي ڏسون.

22_07_1983

ڪيس مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ اسان جهڙوڪر وري قيد تنهائي ۾ اچي ويا آهيون. پروفيسر جمال نقوي، سهيل سانگي ۽ ڪمال وارثي کي بيمار هجڻ ڪري سينٽرل جيل ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي. هاٽي هتي مان، جام ساقي، حيدر بخش رستماڻي ۽ خليل ڪنهباڻي آهيون. اسان جو گهٽو وقت تاش کيڏندي ۽ جام جا گهڙيل لطيفا ٻڌندي گذري ٿو. ملاقات بہ نٿي اچي. اسان جا غريب مارو ايڏو پنڌ پري جا پن پري نٿا سگهن. ڪتاب بہ

ناهن. جام وٽ سب رنگ ڊائجسٽ جام آهن پر انهن سان وقت ئي گذاري سگهجي ٿو. پر حاصل ڪجهه به نٿو ڪري سگهجي. ڪورٽ هلندي هئي، ته پڙهڻ لاءِ سڀا ڪتاب به ملندا ها، پر هاڻ ته اهو رستو به ڪتجي ويو آهي. وڌ ۾ وڌ به گهروارن سان خطن جي ذريعي رابطو ڪري ٿو سگهجي. اُهي گهٽو ڪري سي آءِ ڊي وارا پاڻ وٽ رکي ڇڏيندا آهن. جڏهن مرضي پوندي اٿن ته ٽن چئن مهينن کانپوءِ موڪلي ڏيندا آهن. پر بابا جا اکر ڏسي اڏ سڪ لهي ويندي آهي. ڪجهه نه ڪجهه گهر جا حوال ملي ويندا آهن.

30_07_1983

ضياءَ شاهي (اخبارن جي خبرن موجب) 14 آگسٽ تي شروع ٿيندڙ جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ کان گهٽو گهبرايل آهي. ان ڪري ضياءَ ڪافي وائڙائپ ورا بيان ڏئي رهيو آهي، ته هُو ان تحريڪ کي فولادي هٿن سان چيپاٽي ڇڏيندو _ هُو سخت مايوسيءَ جو شڪار آهي. سنڌ جي عوام ۾ ضياءَ خلاف سخت ڪاوڙ ۽ نفرت پڙڪي رهي آهي، سو هتي لڳي ٿو ته عوامي تحريڪ وڌيرڪي قيادت جي هٿن مان نڪري ويندي. اسان جا ساٿي به عوام جي ان تحريڪ کي صحي رخ تي ونڻ هلڻ لاءِ پرپور تيارين ۾ آهن. اُهي پي اين پي جي قيادت پارٽيءَ اندر موجود ڪميونسٽ لڏي تي سخت ڪاوڙيل آهي. غوث بخش بزنجو جو چوڻ آهي ته ڪميونسٽ سندس جلسن ۾ 'تنهنجو ساٿي منهنجو ساٿي، جام ساقي جام ساقي' جا نعرا ٽا هٽن. جڏهن ته جام ساقي جو سڏي طرح پي اين پي سان ڪو به واسطو ناهي. اسان جا ساٿي ان جو جواب گهمائي ڦيرائي ٽا ڏين، ته بزنجو کي جام ساقي کان سخت نفرت آهي. تنهن ڪري کيس اهو نعرو پسند ناهي.

05_08_1983

اڄ صبح سان ملاقات جو سڏ ٿيو. مون سوچيو ابي امڙ کانسواءِ، ٻيو ڪير ايندو. ويس ته واقعي ملاقات واري ڪمري ۾ ابو امڙ وينا هئا. هُو مونکي ڏسي لڳاتار روئڻ لڳا. مان ابي کي چيو: "توهان ته بهادر آهيو اڳي ته ڪڏهن ائين نه رنا آهيو هاڻ اهڙو ڇا ٿيو آهي؟". ابي ڳوڙها اگهندي چيو: "بس ابا توهان کي جڏهن پنهنجو اولاد ٿيندو ته ان سوال جو جواب به توهان

کي ملي ويندو". امڙ چيو: "جهاز وارن مطالبو ڪيو پوءِ به نه ويئو. توهان کي جيلن ۾ ڪهڙو مزو اچي ويو آهي؟". مون کيس وراڻيو: "امڙ مان ته نڪري وڃان ها، تنهنجي باقي سڄي آڪهه ابي ۽ پائرن سميت جيل ۾ هجي ها، ته اسان اغوا ڪارن جا ساڻي آهيون. ان پرائي ڏڇي کي مان پنهنجي سڄي ڪڙم جي ڇڇيءَ ۾ ڪيئن وجهان ها". ابي چيو: "ها، اها ڳالهه درست آهي، هيءَ ته ماءُ آهي، هر صورت ۾ توکي آزاد ڏسڻ ٿي چاهي". ابو امڙ گيهه مکڻ ماکي جام ڪٽي آيا آهن، صبح جو زبردست نيرن ڪنداسون.

10_08_1983

اڄ خليل کهنباڻي جي ملاقات آئي آهي، صفا ٻار آهي، واپسيءَ تي روئندو آيو. هن جو سامان بعد ۾ قيدي کٽي آيا. خليل کان پڇيوسون: "چو ٿو روئين؟" چيائين: "امي دڙڪا ڏنا آهن، ته تون پڙهائي خراب ڪري سياست ٿو ڪرين، اهڙا لتر هٽندي سنئين، جو دون سڄائي ڇڏيندي سنئين، پوءِ آءُ ملاقات ڇڏي ڇجي هليو آيو آهيان". حيدر رستماڻي چيو: "هي وري ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ جا ڪم ڏسو ٻارن کان ٿو انقلابي جدوجهد ڪرائي، جيڪي ماءُ جي دڙڪن جي ڊپ نٿا کٽي سگهن، اُهي رياستي ادارن جي ڊپ کٽندا". جام ساقي چيو: "ادا اسان جڏهن ننڍا وڏا اُٽي وڙهنداسون، انقلاب به تڏهن ايندا. خليل روئندو به اچي انقلابي قافلي سان مليو آهي، ڇجي ته نه ويو. امڙ جي چوڙ يا زور ڀرڻ تي معافي ته نه لکيائين". جام ساقي اُٽي ٻيهي خليل کي سلام ڪيو: "واهه خليل واهه! تون واقعي بهادر آهين" روئندڙ ۽ ڏکندڙ خليل کهنباڻي جي چهري تي تڏهن وڇي مُرڪ موڻي.

11_08_1983

اڄ ڪامريڊ جام ساقي جي ملاقات آئي، چاچا سچل امڙ ۽ ٻار سجاد ظهير ۽ بختاور ملڻ آيس، سو هن ابي امڙ سان ملاقات دوران ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ راجا کي چيو ته: "ٻارن کي چڏيو ته وڇي شبير شر سان ملاقات ڪن" سو سپاهي انهن کي مون وٽ وٺي آيو. سجاد 12 سالن جو آهي، بختاور 8 يا 9 سالن جي، بختاور مونکان پڇيو: "چاچا توهان آزاد ڪڏهن ٿيندا؟" منهنجي جواب کان پهريان سجاد ظهير چيو: "هي ڪڏهن به آزاد ڪونه

ٽيندا. اِتي هنن سان پيا ملنداسون". مون چيو: "سجاد! اِهو وري چو؟" چيائين: "چاچا توهان ۽ بابا وڏا جهگڙالو آهيو. توهان ڪڏهن به حڪومت سان نه ٺهندا ۽ حڪومت توهان کي تيستائين جيلن ۾ رکندي. جيستائين حڪومت سان توهان دوستي نه ڪندا". هن ٻار زبردست ڳالهه ڪئي. خليل ۽ حيدر به گڏ ٻيٺا هئا. هنن به چيو: "اِها ڳالهه هنن جي بلڪل درست آهي". پوءِ هُو موڪلائي هليا ويا. ته ڪامريڊ جام آيو. ٿر جا ميوا، سڪل ميهڙا ۽ متيرا کڻي آيو. مون چيو: "زبردست، پر هي ٻوڙ پچائيندو ڪير؟" جام چيو: "مان ٿو پچايان". شام جو جام سڪل ميهڙن جو ٻوڙ پچايو. ايڏي زبردست ٽيست جو هڪ هڪ چٽو تي تي مانيون کائي ويو.

14_08_1983

اڄ تاريخي جدوجهد شروع ٿيڻ جو ڏينهن آهي. اسان وٽ هڪڙو ننڍڙو ريڊيو آهي. جنهن تان به رات جو بي بي سي جي خبرن مان خبر پوندي. ته تحريڪ جي شروعات ڪيئن ٿي آهي. باقي سڄو ڏينهن تصور ۾ اسان به جلسن جلوسن ۾ شامل رهنداسون ۽ انقلاب زنده باد جا نعرا هڻنداسون. سڄو ڏينهن رڳو تجزيو ڪندا رهياسون. جام ساقي جو خيال آهي ته پ پ جي وڏيرڪي قيادت هن تحريڪ کي ٿوري عرصي تائين هلائي روڪي چڏيندي. هنن جو ڪم انقلاب يا تبديلي تائين تحريڪ کي وٺي وڃڻ ناهي. پر گذريل ڇهن سالن دوران پٽو جي شهادت کان ويندي هن وقت تائين. مارشل لا جون جيڪي قهري ڪارروايون رهيون آهن. ان جي اوبر ڪيڊي ۽ پوءِ ڏڏو ڪرڻ آهي. نه ته غلام مصطفيٰ جتوئي (پ پ سنڌ جو صدر) چو انقلاب آڻيندو...!؟ جنهن پُٽو جي شهادت تي هڪڙو پيرو به احتجاج نه ڪيو. هُو پاڻ به فوج جو ماڻهو آهي. پُٽو جي بدقسمتي اِها هئي ته هن چوپروسو هنن جاگيردارن تي هو معراج محمد خان جهڙن مڊل ڪلاسي انقلابي ماڻهن کي ته چڏيو. سو غلام مصطفيٰ جتوئي. مير هزار خان بجاراڻي يا قائم علي شاهه تحريڪ نه هلائي سگهندا. اسان جي اتحادين غوث بخش بزنجو ۽ ولي خان وٽ پ پ جيان سڄي ملڪ ۾ ورڪر ناهي. جو اُهي تحريڪ کي جاري رکي سگهن. جام چيو ته: "اسان جو نيٽ ورڪ به ايترو

مضبوط ناهي، جو اسان هن تحريڪ کي جاري رکي سگهون، باقي پ پ جي وڏيرڪي قيادت هن تحريڪ کي ٽن مهينن کان وڌيڪ نه هلائي سگهندي. هُو ٽي مهينا جيل ۾ نه رهي سگهندا، جيل ۾ هنن جو شراب شباب بند ٿيا تہ هُو معافي لکي ڏيڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا".

رات جو 8:15 تي بي بي سي ٻڌايو تہ پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ شروع ٿي وئي، پ پ سنڌ جي صدر غلام مصطفيٰ جتوئي جلوس جي اڳواڻي ڪندي ڪراچي ۾ گرفتاري ڏني. سڄي سنڌ ۾ تحريڪ جي شروعات زوردار انداز ۾ ٿي آهي، هزارين ماڻهن جلوس ڪڍي هار پائي مارشل لا مرده باد جا نعرا هڻي گرفتاريون ڏنيون آهن. سڪرنڊ ۾ پنهل چانڊيو (پ پ) جي اڳواڻي ۾ جلوس نڪتو جنهن تي فوج فائرنگ ڪئي، جتي ڪافي ماڻهو شهيد ۽ زخمي ٿيا آهن. پنجاب ۾ بہ زوردار شروعات ٿي آهي، جتي پ پ اڳواڻن شيخ رفيع، جهانگير بدر ۽ ٻين گرفتاريون پيش ڪيون آهن. سرحد مان غلام محمد بلور سميت عوامي نيشنل پارٽي جي اڳواڻن گرفتاريون ڏنيون آهن. جڏهن تہ اي اين پي جي سربراهہ ولي خان کي اڄ ۾ ئي گرفتار ڪري، ڪيس واقعي چارسده واري گهر ۾ قيد ڪيو ويو آهي ۽ هن جي گهر کي سب جيل قرار ڏنو ويو آهي.

غوث بخش بزنجو ايجا روپوش آهي، هُو ڪهڙي شهر مان جلوس جي قيادت ڪندو ان ٻالهہ کي ايجا تائين راز ۾ رکيو ويو آهي. بهرحال، دل خوش ٿي وئي، سنڌ جي عوام انقلابي هجڻ ثابت ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي عوام تحريڪ جي شروعات ڪٽان کان ڪئي آهي، ٽاٽن ۽ ڪورٽن کي باهيون ڏئي ساڙڻ کان، اِهي بہ ادارا آهن جيڪي صدين کان هن مسڪين ماڻهن سان ناانصافيون ڪندا آيا آهن. هاڻ انهن بنهي ظلم جي ادارن کي سڌرڻ گهرجي، جيڪي وڏيرن جا غلام بڻيل آهن. قانون صرف بي پهچ غريب، بکين ۽ بدحال ماڻهن کي سزائون ڏيڻ تائين محدود آهي. اسان جنهن جدوجهد جي شروعات ڪئي، اج ان جي انتها تي پهچڻ جا ڏينهن اچي ويا. هاڻي وري صبح جي اخبارن جو انتظار ڪريون ٿا، جن ۾ رڳو سينسر ٿيل خبرون هونديون آهن. ڀان تي ٽورو هٽ هلڪو رکيو اٿن، چو تہ ڀان پڙهڻ

وارا تحريڪون ڪونہ هلائيندا آهن. باقي ديسي زبانن وارين اخبارن تي سينسر جي قينچي هلندي رهي ٿي.

15_08_1983

جنگ ۾ جسارت ۾ صدر ضياءَ جي 14 آگسٽ جي حوالي سان تقرير ليڊ ٿيل آهي، پر مجبور ٿي ڪري ايم آر ڊي تحريڪ جا فوٽا ۾ خبرون بہ هلايون اٿن. ڄاڻ لکيو آهي، تہ تحريڪ جي شروعات زوردار ٿي آهي، تحريڪ جو زور سنڌ ۾ نظر آيو. ٻئي نمبر تي سرحد ۾ ٽئين تي پنجاب، ۾ بلوچستان چوٿين نمبر تي آهي، چو تہ هن وقت بلوچ سردار مارشل لا اختيارين جا ساٿاري ٻٽيل آهن _ اڪيلو غوث بخش بزنجو سردار نہ پر عوامي ماڻهو آهي، جيڪو مارشل لا خلاف جدوجهد جو سرگرم اڳواڻ ٻٽيل آهي. هلال پاڪستان ۾ عبرت بہ فوٽو ۾ خبرون ڏنيون آهن، تہ دادو، مورو، نوشهروفيروز، خيرپور، سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، ڪنڊ ڪوٽ، ڪشمور، سانگهڙ، نواب شاهہ، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، مٺي، بدين ۾ ڪٿي ۾ زوردار جلوس نڪتا، ۾ هزارين ماڻهن گرفتاريون ڏنيون آهن. جيڪڏهن روزانو هزارين ماڻهو گرفتاريون ڏيندا، تہ حڪمرانن وٽ ايترا جيل ئي ناهن. هر سينٽرل جيل ۾ هزار، پندرهن سؤ کان مٿي قيدي رکڻ جي گنجائش ئي ناهي؛ هي جيل تہ هفتي اندر پرجي ويندا _ پوءِ ماڻهو ڪيڏانهن ڪندا...!؟ جام ساقي ڏاڍو لاجواب جواب ڏنو: "ادا اڳي بہ جڏهن سورهيہ بادشاهہ انگريزن سان جنگ جوٽي هئي، تہ ڪئمپ قائم ڪري لوڙها ڏئي، حرن کي قيد رکيو ويو هو پر هن دور جا ماڻهو لوڙهن ڇا ڪوٽن ۾ بہ بند رهڻ پسند نہ ڪندا، هي ڪوٽ بہ ڪيرائيندا. پر جي پ پ جا پوتار، عوام ۾ حڪومت جي دٻ جهلي سگهيا، تہ حڪمرانن کي ڇٽي پائي ڀڄڻو پوندو.

20_08_1983

مارشل لا اختيارين جي حڪم تحت اسان جون اخبارون بند ڪيون ويون آهن. جيلر قمر شاهہ ٻڌايو تہ: "ايم ايل اي کان اِهي بہ حڪم آيل آهن، تہ اسان وٽ ريڊيو جهڙي شئي بہ نہ هجي ۾ هاڻ توهان جي ملاقات، ۾ خط لکڻ واري سهوليت بہ ختم ڪئي وئي آهي". ان تي جام ساقيءَ ڪلي

چيس: "اسان تہ هتي لاچار وينا آهيون. تحريڪ تہ عوام پاڻ ٿو هلائي. پل وڌيرا قيادت نہ ڪن. هاڻ هي عوام ايترو تہ باشعور ٿي چڪو آهي، جو پنهنجي قيادت پاڻ ڪندو_ ضياءَ ٽولي کي هن ملڪ مان پڇٽو پوندو". قمر شاهہ چيو: "توهان جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو مٿو خراب ٿيڻ لڳو آهي. دل ڪندي آهي، تہ هڪڙي کوليءَ ۾ مان بہ ٽپڙ ڪٽي اچي ويهي رهان".

25_08_1983

اسان وٽ هڪڙو ريڊيو هو جنهن تان خبرون ٻڌندا هئاسون ۽ ايم آر ڊي تحريڪ جون تازيون خبرون بي بي سي تان معلوم ٿيندڙيون هيون. اڄ هڪڙو ميجر آيو منهنجون ڊائريون ۽ ريڊيو ڪٽي هليو ويو. هاڻ قمر شاهہ مهرباني ڪري بال پين ڏني آهي. سو سگريٽ جي ڪلين تي ڊائري لکي رهيو آهيان.

نہ ريڊيو نہ اخبار. هاڻي اسان ايمان جي زور تي ايم آر ڊي جي تحريڪ جي باري ۾ تجزيا ڪري رهيا آهيون. حيدر رستماڻي چيو: "هيءَ تحريڪ هر طرح سان شروع ٿي آهي. پوتارن جون شلوارون هاڻ ڏوهي 100 روپين ۾ بہ ڏوئڻ لاءِ تيار نہ هوندا".

رات جو سپاهي غلام رسول آيو سو 'حيدر علي حيدر' جا نعرا هٽندو آيو. هن جام ساقي کي اچي چيو: "بابا سائين. ضياڻو ويو. هاڻ لينڊو ئي نہ مرد مٿير جو اٽيا آهن. تہ سنڌ جا رود رت سان ڳاڙها ڪري ڇڏيا اٽن. هتِ_ بابل ڳالهہ نہ پچ...!!" پينٽ جي کيسي ۾ امن اخبار لکائي کٽي آيو آهي، جنهن ۾ ننڍڙي خبر آهي تہ ميهڙ. دادو. خيرپور ناٽن شاهہ. لاکاڻ ۾ فوج گولين هلائي رود تي قرآن پڙهندڙ سوين ماڻهو شهيد ڪري ڇڏيا. ۽ ماڻهن پوءِ بہ رود خالي نہ ڪيو ۽ رود تي ڊڙڻو هٽي وينا رهيا. ڪن تہ فوجن کي گلول ڇٽيا ۽ نرڙ جو نشانو ورتائون. جنهن سبب فوجين کي پوئتي پڇڻو پيو. تہ هي ڪهڙيون بي آواز گوليون پيون هلن!! گلول هلائي ماڻهن فوج کي پڃائي ڇڏيو. جام ساقي چيو: "جڏهن عوام حڪمرانن کان نفرت ڪندو آهي، تہ بي هٿيار هوندي سروٽو ۽ پٽر بہ هن جو هٿيار بڻجي گولين جو مقابلو ڪندا آهن. هاڻ ڳالهہ اها آهي تہ اڳواڻي ڪندڙ پاڙيا نہ ٽين ۽ عوام سان غداري نہ ڪن".

30_08_1983

جيئن ٻاهر تحريڪ زور ٿي وئي، تيئن ضياءَ شاهي اسان تي سختي وڌائيندي ٿي وڃي. هاڻي ته جيل جي ماڙي (گيٽ) تي به فوجي اچي ويا آهن. جيڪي اسان جي وارڊ تي ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ ايندڙ سپاهين جي سخت ترين تلاشي وٺي رهيا آهن. سپاهي غلام رسول چيو: "سائين تلاشي ته ناهي، پر رڳو گڏيون ٿا هڻن". ان تي حيدر رستماڻي وٺي وڏا ٿهڪ ڏنا. هي سپاهي ينگ پيتل هوندو آهي، سو هن پاڻ ۾ ڪلڻ شروع ڪيو ته بس ئي نه ڪري. اسان ۾ هن سان گڏ ڪلڻ لڳاسون. ايتري ۾ سيٽي وڳي، جنهن جو جيل ۾ مطلب هوندو آهي، ڪو آفيسر رائونڊ تي نڪتو آهي. هتي غلام رسول جي ڪل بند نه ٿئي! سو جام چيس: "فوجي پيا اچن، ڪلڻ بند ڪر". چئي: "سائين! پليز اچن، مان به هتي توهان سان ڪولين ۾ سنو لڳندس، هاڻ ته منهنجي زال به چوڻ لڳي آهي، ته توکان بهتر ته جام ساقي وارا آهن، جيڪي سنڌ جي غريبن جي حقن لاءِ ته وڙهن پيا".

06_09_1983

چون ٿا اڄ موڪل آهي، اچوڪي ڏينهن تي الائي ڇا ٿيو هو. جام ساقي چيو: "1965ع ۾ اچوڪي ڏينهن تي خدائي فوجدار ملڪ جو وڏو حصو وڃائي چڪا هئا. ڏري گهٽ لاهور ۾ هنن جي هٿن مان پئي وئي. پوءِ ايوب خان آمريڪا کي بائيبل ميڙ ڪيو ته جان ڇڏايو. جنهن تي تاشقند وارو ناهه ٿيو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو کي موضوع ملي ويو جنهن پنهنجي والد شاهنواز ڀٽو واري پ پ کي پ پ پ ڪري ناهيو ۽ آخر تائين نه ڀڏايو ته تاشقند ۾ ڇا ٿيو هو؟ مداري جيان آخر تائين ڏيکي وڃائيندو ويو".

حيدر بخش رستماڻي چيو: "لڳي ٿو ته مان به توهان جون ڳالهيون ٻڌي، ڪميونسٽ ٿيندو پيو وڃان. سو هاڻ اسان کي مارڪسي فلسفو پڙهايو". مون چيو: "اهو وري ڇا آهي، اهو ته اسان پاڻ به ناهي پڙهيو". ان تي حيدر ۽ خليل ڪِلَ ۾ ٻڌي ويا. ڪامريڊ جام به هنن سان گڏ ڪلڻ لڳو. جام چيو: "شبير صحي ٿو چوي. بهرحال، جيترو دوستن کان ٻڌو آهي، اوترو ضرور هتي پڙهون ٿا. ڪتاب ته آهي ڪونه. هڪڙو ئي نظريو آهي جدلياتي

مادیت جو فلسفو جنهن جو مطلب آهي دنيا مادو (Matter) آهي. هيءَ مخلوق ارتقائي عمل جي پيداوار آهي. انسان سمنڊ مان پاڻي جي کيڑي جي شڪل کان سفر ڪرڻ شروع ڪيو. ڦڦڙن ۽ ڪلين واري مڇيءَ مان بدلبو باهر خشڪي تي آيو_ ڏهه عرب سال هن کي لڳا انسان بڻجڻ ۾. تمام سؤلو فلسفو آهي. اسان جي جدوجهد سائنسي عمل ۽ فڪر تي آهي. هوائي ناهي. هاڻ سائنس ثابت ڪيو آهي ته انسان تخليق ناهي پر ارتقائي عمل مان گذرندڙ جاندار آهي".

اسان وارڊ جي گرائونڊ تي شام جي وقت چهل قدمي ڪري رهيا هئاسون. ته اسان جي وارڊ جو واردن آيو جيڪو ڏاڙهي رکي پاڻ کي مولوي سڏائيندو آهي. هن جام کي چيو: "جامِ صاحب! ڪڏهن نماز به پڙهندا ڪريو". ان تي جام ساقي چيس: "مولوي صاحب! جيڪو ڪم پئراسٽامول جي هڪ ٽڪي ٿي ڪري. اتي تنهنجون به سؤ دعائون به ڪم نه ٿيون ڪن. ٻيو ته مدرسن مان لونڊي بازي ته ختم ڪراءِ" اُن تي هو ٽورو مُرڪيو. پوءِ ڏنڊي بغل ۾ وجهي چوندو ويو: "هي ته مونکي به ڪافر ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. ڀالهيون ته واقعي نيڪ ٿو ڪري".

07_09_1983

مان اڇڪلهه لانڊي جيل ۾ ڪيس ختم ٿي وڃڻ ڪري رڳو اخبارون پڙهي وقت پيو گذاريان. جام ساقي وٽان اٽلي جي ڪامريڊ انتينون گرامچي جو ڪتاب مليو. اهو پڙهڻ شروع ڪيو اٿم. جنهن کي اٽلي جي حڪمران مسوليني ڏهه سال جيل ۾ قيد رکيو ۽ لکيو ته: "هن دماغ کي ڏهن سالن تائين قابو ڪري رکيو وڃي". انتونيو گرامچي. فاشزم جي ڪال ڪوٺڙين جي اونداهين ۾ نه رڳو پاڻ کي زندهه رکيو. پر اونداهين طاقتن جي بي انتها ڏهني ۽ جسماني اذيتن کي به برداشت ڪيو. هن پنهنجي ڏهن کي هڪ مشعل جيان ٻاري رکيو. هن جو هي ڪتاب پڙهي سچ پچ ته مونکي جڙ نئين جيائپي جو اتساهه ملي ويو آهي. هي دنيا جي محنت ڪش طبقي جو هڏ ڏوکي انسان هو. جنهن ڏهه سال جيل ڪاٽيو پر مسوليني جهڙي ظالم اڳيان جهڪيو نه.

اڄ جي سيني اخبارن ۾ خبر آهي، ته ايم آر ڊي جي اڳوڻ غلام مصطفيٰ جتوئي، معراج محمد خان، خواجا خيرالدين، ممتاز ۽ پٽو پيار علي الانا ۽ فتحياب علي خان سميت ڪيترن ئي اڳواڻن کي سينٽرل جيل ڪراچي جي ريسٽ هائوس کان گهارو جي ايريگيشن واري ريسٽ هائوس ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. ٻي اخبار ۾ اها به خبر آهي ته مخدوم خليق الزمان کي به گهارو ريسٽ هائوس منتقل ڪيو ويو آهي. پ پ جي وڏيرڪي قيادت جيئن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان غداري ڪري هن کي ڦاسي چاڙهايو، ساڳيو دوکو هن جي اولاد يعني مس بينظير ڀٽو کي به ڏنو پيو وڃي. هُو 70 ڪلفٽن ۾ پنهنجي والد جي گهر ۾ قيد تنهائيءَ ۾ آهي، جنهن سان ڪنهن کي به ملڻ نٿو ڏنو وڃي. اسان جي ذهنن ۾ اهي شڪ اُپري رهيا آهن، ته ڪٽي پ پ جا وڏيرا مسلم ليگي قيادت سان ملي ڪري هن سڄي تحريڪ کي ضياءَ ٽولي وٽ ڪٽي وڪڻي نه ڇڏين. هونئن به تحريڪ هاڻي دم توڙڻ لڳي آهي، ڪالهه کان فوجي هيليڪاپٽر لانڍي جيل تان گذرڻ لڳا آهن، جو ته گهارو هتان کان ويهه ڪلوميٽر تي واقعي آهي.

08_09_1983

اڄ جي اخبارن ۾ خبر آهي، ته ايم آر ڊي جي قيادت پ پ کو چيئرپرسن مس بينظير ڀٽو غلام مصطفيٰ جتوئي، مخدوم خليق الزمان، ممتاز ڀٽو معراج محمد خان، خواجا خير الدين، نسيم ولي خان ۽ شير باز مزاري جن کي سيالا (راولپنڊي پنجاب) جي ريسٽ هائوس ۾ پهچايو ويو آهي. جتي ساڻن جنرل ضياءُ الحق پنهنجي عيوضين ذريعي هنن سان ڪنهن ناهه جو رستو ڳولڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهي. هن خبر ۾ ڪو به وزن نٿو لڳي، صرف ايم آر ڊي جي تحريڪ کي بريڪ هڻڻ ۽ عوام جي جوش کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ، هي من گهڙت ۽ ڪوڙيون خبرون پگهاردار صحافين حسين حقاني ۽ ٻين ذريعي هلايون پيون وڃن. ته جيئن عوام ۾ غير يقيني واري صورتحال پئدا ٿئي، ۽ قيادت تان اعتماد ختم ٿئي. مون ڪامريڊ جام ساقي کان سوال پڇيو ته: "ساڳي ڳالهين جي آڇ پاڻ کي ٿئي ته پنهنجو جواب ڇا هوندو؟" جام ساقي چيو: "ڪامريڊ پنهنجو پهريون شرط هوندو ته اسان کي جيل مان آزاد

ڪيو وڃي. جيستائين اسان قيدي آهيون، ڪنهن بہ قسم جون ڳالهيون نہ ڪنداسون، نہ قبول آهن. پهريون شرط پورو ٿيڻ تائين هرگز نہ ڳالهائينداسين". مون چيو: "ٺيڪ، ڪامريڊ اسان جو اِهو شرط بہ مڃيو ٿو وڃي" پوءِ ان تي ڪامريڊ چيو: "اسان جو ٻيو شرط اِهو هوندو تہ جنرل ضياءَ استعيفيٰ ڏئي ۽ حڪومت چيف جسٽس پاڪستان جي حوالي ڪري، جيڪو عام چونڊن جو شيڊول جاري ڪري، فوج سرحدن جي حفاظت ڪرڻ وڃي. هي ملڪ جا مالڪ ناهن، چوڪيدار آهن، چوڪيدار سان گهر جا مالڪ سوديبازي ڪندا آهن ڇا؟ جيڪو گهر تي قابض هجي ۽ ڳالهيون ڪري". مون جام کي ڪِلي چيو: "اِهو ئي سبب آهي جو هُو اسان سان جهاز جي اغوا واري معاملي تي اسان کي آزاد ڪرڻ جا شرط بہ ٻڌي چڪا آهن". مون چيو: "هي سياستدان ڇا ڳالهائيندا؟". جام چيو: "اِها ڪوڙي خبر آهي، بينظير پٽو ڪنهن بہ صورت ۾ ضياءُ الحق ٽولي سان نہ ڳالهائيندي، نہ سمجهوتو ڪندي، باقي غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز پٽو خواجا خيرالدين، نسيم ولي خان ۽ شير باز مزاري سڀ شرط مڃي ايندا".

مون جام ساقي کان پڇيو تہ: "شرط ڪهڙا هوندا؟" هن چيو تہ: "پهريان تہ آمريڪي سامراجي مفادن جي مڪمل طور تي چوڪيداري ميرائي ويندي، جنهن ۾ افغانستان جي نجيب الله جي سوشلسٽ حڪومت ۽ سوويت يونين سان جنگ جاري رهندي، افغان پِگوڙن ۽ نام نهاد مجاهدن کي ملڪ ۾ مستقل طور تي رکڻ، ۽ هنن جي هٿياربند مدد جاري رکڻ، هتان جي ڪميونسٽن کي حسب دستور جيل ۾ بند رکڻ" مون چيو: "ڪامريڊ ايمر آر ڊي جا اڳواڻ سڀ شرط مڃي سگهن ٿا، اُهي بورجوا اڳواڻ آهن، انقلابي يا ڪميونسٽ ناهن. هُو نہ جيل جي دٻ کٽي ٿا سگهن ۽ نہ ئي ضياءُ شاهي ٽولي سان اک ۾ اک ملائي انڪار ڪري سگهن ٿا، نيٺ، آخر چا ٿيندو؟ هيترن شهيدن جون زندگيون اجايون ويون!! هي بورجوا سياستدان سمجهوتو ڪري تحريڪ جو ٽيمپو ٽوڙي ويهندا، پوءِ تہ ضياءُالحق، شاهہ ايران ۽ سعودي شاهن جيان سدائين لاءِ شهنشاهہ ٿي ويهي رهندو". جام ساقي چيو تہ: "ائين ٿيو پوءِ تہ سدائين اندر، شايد جنازا نڪرن يا پاڙيا ٿي

پئون. پر هاڻي ائين نہ ٿيندو. آمريڪا ۾ ضياءَ شاهي عوام جو غيض و غضب ڏسي چڪا آهن. توڙي جو ايم آر ڊي قيادت انتهائي حدن تائين بزدلي جو مظاهرو ڪندي تحريڪ کي ڏڌو ڪرڻ لاءِ ڳالهين جا دروازا کليل ٿي رکي، هي هاڻي تحريڪ کي گهٽو اڳتي نہ وڃي هلي سگهندا. هاڻي پهريان ايم آر ڊي قيادت معافي ناما لکي جيلن مان نڪرندي، پوءِ غريب ڪارڪن بيحس قيادت جو اهڙو حال ڏسي، اُهي بہ معافيون لکڻ شروع ڪندا. لڳي ٿو تہ هيءَ تحريڪ بہ آمريڪي حڪمت عملي جي نتيجي ۾ هلائي وئي، تہ جيئن عوام جو غم غصو نڪري ۽ شاهہ ايران وارو حشر نہ ٿئي، جو ماڻهو خوني انقلاب آڻڻ تي مجبور ٿين. هاڻي هيو مرحلو ايندو ممتاز پٽو غلام مصطفيٰ جتوئي، مخدوم خليق الزمان، غلام مصطفيٰ کر سميت سمورا اڳواڻ پ پ ڇڏي ويندا ۽ پنهنجون پنهنجون پارٽيون ٺاهيندا. اهي بيگم نصرت پٽو پنهنجو نياڻي بينظير سميت هن قافلي کي ڪاهيندڙ رهندڙن ۽ جهيڙو جاري رکندڙن، ۽ عوام پگوڙن وڏيرن جي ڪيڏ نہ، ۽ هن ماءُ ۽ ڏيءَ جي پٺيان هوندو. وڏيرا اڪيلا ٿي تنهائي جو شڪار ٿي ويندا".

09_09_1983

ايم آر ڊي جي تحريڪ کي ٽيون هفتو ٿي چڪو آهي، سامراجي پٺو حڪمران طبقو بي هٿيار عوام جي پرامن انقلابي جدوجهد کي پرتشدد بڻائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهي، تہ جيئن ان کي جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ مان ڦيرائي دهشتگرد ڪارروائين ۾ تبديل ڪري. هتي بہ انڊونيشيا جهڙي ۽ مصر واري صورتحال پئدا ڪئي وڃي. هن وقت تائين هن جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ ۾ استاد، مزدور، هاري، شاگرد، دانشور، اديب ۽ شاعر سڀ شامل ٿي چڪا آهن. سنڌ جي نامياري شاعر انور پيرزادي سکر ۾ گرفتاري پيش ڪئي آهي ۽ هن کي سکر جيل ۾ رکيو ويو آهي. انور پيرزادو سکر ۾ ڏان اخبار جي رپورٽر طور پنهنجي ڀڻن جي روزي ڪري رهيو هو. هن جا سڀ ٻار مئٽرڪ ۽ انٽر ۾ آهن، ۽ ننڍا تہ ڪي جي ۽ پرائمري ۾ آهن. هو گهر جو اڪيلو ڪمائڻ وارو هوندي بہ عوامي جدوجهد کان پاڻ کي الڳ نہ رکي سگهيو ـ سرخ سلام آهي انور پيرزادا توهان جي

جرئت ۽ همت کي. هاڻ تہ مذهبي پارٽيون، جهڙوڪ: جمعيت علماءِ اسلام ۽ جمعيت علماءِ پاڪستان بہ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويون آهن. جمعيت علماءِ اسلام جو قاري شير افضل خان پنهنجي سوين ڪارڪنن سان گڏ گرفتاري ڏئي سينٽرل جيل ڪراچي پهچي ويو آهي. باقي جماعت اسلامي انتهائي بيشرمي ۽ بي حيائي جو مظاهرو ڪندي پوليس ۽ فوج سان گڏجي گرفتاريون ڏيندڙ ايم آر ڊي جي ڪارڪنن مٿان بي انتها تشدد ڪرڻ ۾ شامل آهي. ائين جيئن مشرقي پاڪستان (بنگلاديش) ۾ جماعت اسلامي پنهنجي تنظيمن البدر ۽ الشمس ذريعي بنگالي عوام جو قتل عام ڪرايو هو. هاڻي بہ هيءَ مودودیءَ جي پارٽي جماعت اسلامي سڄي ملڪ ۾ ڏندا ۽ بندوقون کڻي، پرامن ڪارڪنن تي پوليس ۽ فوج سان گڏجي حملو ٿا ڪن ۽ انهن کي رتورت ڪري چڏين ٿا. هيءَ هٽلر جي نظريئي تي عمل ڪندڙ فاشسٽ ۽ دهشتگرد پارٽي پنهنجي ذيلي تنظيم جمعيت طلباءِ جي ذريعي ڪالیجن ۽ يونيورسٽين ۾ بہ دهشت پکيڙي رهي آهي. آمريڪي ڊالر گوشت تي پلجندڙ هي نالي جا جماعتي هر هنڌ بي هٿيار عوام تي هٿياربند ٿي حملا ڪري رهيا آهن. جماعت اسلامي جي امير ميان طفيل محمد جيڪو شيدين جو عاشق آهي، ضياءُ الحق کي پنهنجو پاٽيجو سڏي رهيو آهي. پ پ کي اها خبر نہ پئي تہ هي شيدين جو عاشق آهي، نہ تہ هن کي ماتلي جا شيدي موڪلي پٽو جو حامي بڻائي چڏين ها. جماعت اسلامي مارشل لا لڳڻ واري ڏينهن کان مارشل لا جي حامي پارٽي آهي. ذوالفقار علي پٽو جيڪو هن ملڪ جو چونڊيل وزيراعظم هو ان جي خلاف ناهيل جڙتو ۽ ڪوڙي ڪيس جي ڪارروائي دوران جماعت اسلامي مطالبا ڪندي رهي، تہ پٽو کي ڦاسي ڏيو. هاءِ ڪورٽ جو جج جنهن شهيد پٽو کي ڦاسي جو حڪم ڏنو مولوي مشتاق بہ ماتلي جيٰ شيدين جو مريد آهي. هاڻي وري مسلم ليگ مولانا درخواستي گروپ بہ جماعت اسلامي سان شامل ٿي ويو آهي، ۽ هي بہ نہ رڳو مارشل لا جي حمايت ڪري رهيا آهن، پر پنهنجا دستا موڪلي ايم آر ڊي جي گرفتاريون ڏيندڙ ڪارڪنن تي حملا ڪري رهيا آهن.

هن وقت پاڪستان ۾ هي نعرا لڳي رهيا آهن: "جهينو جهينو پاڪستان، جيسے جهينا افغانستان" جتي هن وقت ڪامريڊ نجيب الله جي سوشلسٽ حڪومت آهي. آمريڪي سامراج ۽ ان جي ايجنٽن تي لعنت، هي هاڻي سامراجيت مخالف نعرا زور وٺي رهيا آهن.

جڏهن پنج جولاءِ ملهائڻ جو معاملو آيو هو تڏهن به مارشل لا اختيارين سياستدانن جي پڪڙ ڌڪڙ شروع ڪري ڏني هئي. جنهن جي نتيجي ۾ قومي محاذ آزادي جي سربراهه معراج محمد خان، مسلم ليگ خيرالدين گروپ جي سربراهه خواجا خيرالدين ۽ جميعت علماءِ اسلام جي صوبائي سربراهه قاري شير افضل کي گرفتار ڪيو ويو هو. پوءِ اهي به خبرون آيون هيون، ته هنن کي گهاري ۾ سرڪاري ريسٽ هائوس ۾ رکيو ويو آهي. اڄ جڏهن هڪ فوجي هيليڪاپٽر لانڊي جيل مٿان گذريو ۽ اتر طرف وڃي رهيو هو، ته پ پ جا ڪارڪن دوست ذوالفقار قادري ۽ توصيف ملڪ مٿي ڏسڻ لڳا، مون چيو: "ڇا آهي؟ هيليڪاپٽر ڪڏهن نه ڏٺو اٿو ڇا..!!؟" توصيف ملڪ چيو: "ساڻي اها ڳالهه ناهي، مان اِهو ڏسڻ پئي چاهيو ته هيليڪاپٽر سول آهي يا فوجي!؟ سو هاڻي لڳي ٿو ته هي وڃن پيا گهاري طرف، اُتي قيد سياسي اڳواڻن سان ملاقات ڪرڻ". هتي اسان واندا جو وينا آهيون سو هر ڳالهه کي سياست سان جوڙي بحث ڪندا آهيون. پوءِ ڇام ساڻي به ٻاهر نڪري آيو ۽ هن به نرڙ تي هٿ رکي مٿي ڏٺو ۽ توصيف جي تائيد ڪندي چيو: "هائو بروبر، لڳي ائين ئي ٿو". اڌ ڪلاڪ ۾ ئي وري هيليڪاپٽر موٽيو ته اسان توصيف کي چيو: "تو وٽ وائرليس ته ناهي"، ان تي ذوالفقار قادري چيو: "سائين توهان ڪامريڊن سان گڏ رهي اسان جا دماغ به ريڊار تي ويا آهن".

10_09_1983

اڄ جي اخبارن ۾ خبر آهي، ته ملڪ جي مڙني مخالف سياستدانن کي سيالا ريسٽ هائوس منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جن ۾ مس بينظير ڀٽو (پ پ شريڪ چيئرپرسن)، غلام مصطفيٰ جتوئي (پ پ سنڌ جو صدر)، قومي محاذ آزادي جو سربراهه معراج محمد خان، مسلم ليگ

خيرالدين گروپ جو سربراهه خواجا خيرالدين، اين ڊي پي جا سربراهه نسيم ولي خان ۽ شير باز خان مزاري شامل آهن. سو اسان جڏهن بحث شروع ڪيو تہ جام ساقي چيو تہ: "منهنجي سمجهه مطابق هو سيالا پهچي چڪا آهن ۽ هي اخبارن کي ديرسان خبر ڏني وئي آهي". مون چيو: "ڪامريڊ اِهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ اِها خبر ملڪ ۾ هلندڙ تحريڪ کي مانو ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ اڳواڻن خلاف بي اعتمادي پيدا ڪرڻ لاءِ بہ هلائي وئي هجي، جيئن ماڻهو سمجهن تہ اهي بي سبب مار پيا کائن ۽ اڳواڻ فوجين سان وينا ڪڇهريون ڪري رهيا آهن". ان تي ذوالفقار قادري ۽ توصيف منهنجي تائيد ڪندي چيو تہ: "ها ڪامريڊ هن جي ڳالهه ۾ وزن لڳي ٿو". جام ساقي چيو تہ: "ها هي گوئبل (هٽلر جو اطلاعات ڪاتي جو وزير هو جنهن جو مشهور حوالو آهي تہ هُن ايترو ڪوڙ ڳالهايو هئو جو ماڻهو ان کي سچ سمجهڻ تي مجبور ٿي وڃن) جا پوئلڳ آهن. ائين بہ ڪري سگهن ٿا". مون جام ساقي کان پڇيو: "جي پاڻ کي مارشل لا وارا اهڙي آڇ ڪن، تہ پنهنجو ڪهڙو مؤقف هوندو؟". ان تي جام ساقي چيو تہ: "پهريون تہ اسان کي آزاد ڪيو وڃي، ۽ رها ٿيڻ کانپوءِ، هفتو ڪن سوچڻ جو موقعو ڏنو وڃي. پوءِ ساڻين سان صلاح مشورو ڪبو. جي انهن اجازت ڏني تہ ڳالهيون ڪنداسون ۽ جي منع ڪيائون تہ جيل جي دروازي تي هليا ايندا سون. تہ اسان کي ڳالهيون قبول ناهن ــ اسان کي واڙيو". مون چيو: "جي ساڻين اجات ڏني تہ ان صورت ۾ چا ڪنداسون؟" ان تي جام ساقي چيو تہ: "جنرلن کي چونداسون، حڪومت چيف جسٽس پاڪستان جي حوالي ڪيو. توهان واپس بئرڪس ۾ وڃون ۽ چوندون عدالت پاڻ ڪرائيندي". قادري چيو: "اهي بہ آزاد ٿيڻ جهڙا افعال نظر ڪونہ ٿا اچن، پلا هي سياستدان چا جواب ڏيندا؟". حيدر بخش رستماڻي چيو: "اهي ساڳي پگهار تي ڪم ڪرڻ پسند ڪندا. ميان! توهان وينا ٿا هروپرو متو هٽو هي سياستدان اقتدار جا بکيا آهن. هُو ماڻهن جو مفاد گهٽ، پنهنجي مفاد کي وڌيڪ اوليت ڏيندا".

حيدر رستماڻيءَ چيو: "ڪامريڊ توهان کي هڪڙو پيرو جيل مان نڪرڻ جو موقعو مليو هو (هوائي جهاز جي اغوا جي بدلي ۾ توهان کي آزاد

ٽيڻ جو) اهو توهان وڃائي چڏيو. هاڻ توهان کي هُو ڪڏهن بہ ڪا آڇ نہ ڏيندا". ان تي جام ساقي چيو: "هاڻ اُهو دؤر نہ رهيو آهي. عوام روڊن تي اچي ويو آهي. اسان کي هاڻ جيل ۾ نہ رکي سگهندا. هنن کي هڪڙو ٻيرو اسان کي آزاد ڪرڻو پوندو. پوءِ پل ٿوري عرصي لاءِ ئي ڪن". ان تي حيدر رستماڻيءَ چيو: "توهان هاڻي باهر نڪري ڪندؤ ڇا؟ هَرُ توکان نہ هلندو. رڍون شرَ کان نہ چرنديون _ باهر نڪري بک مرندؤ ڇا؟" ان تي جام ساقي ناراض ٿي پنهنجي کولي ۾ هليو ويو. چئي: "تون سدائين محمد مشڪرو ٿيو وينو آهين. سنجيده بحث کي بہ مُنهي ٿو چڏين".

11_09_1983

سوويت يونين کي افغانستان ۾ شڪست ڏيڻ لاءِ. ملڪ ۾ لک افغاني دهشتگردن کي پناهہ ڏني وئي آهي. جماعت اسلامي کي چوٽ ڏني وئي آهي. تہ اها انهن ۾ پنهنجي تنظيم ڪاري ڪري مجاهد تيار ڪري هنن ۾ هٿيار بہ ورهايا ويا آهن. جيڪو عمل سنڌ لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي. چو تہ سنڌ جا ماڻهو سيڪيولر سوچ وارا آهن. ٻيو تہ سنڌ ۾ هندن جو وڏو تعداد رهي ٿو. هي مذهبي انتهاپسندن کان لياقت علي خان جي دؤر کان بہ وڌيڪ خطرناڪ حد تائين وڃي. هنن جو قتل عام ڪرائيندا. جنهن سان هنن ۾ لڏپلاڻ شروع ٿيندي ۽ افغان پناهگير سنڌ ۾ آباد ڪري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪري چڏيندا. صورتحال انتهائي ڳنڀيرتا اختيار ڪندي پئي وڃي. سنڌ سان وڏا ويل ٿيندا.

ان کان علاوه فوجي حڪومت تحريڪ جو رخ موڙڻ ۽ ان کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ. اخبارن ذريعي اهي شوشا بہ چڏي رهي آهي. تہ صوبن کي ٽوڙي هر ڊويزن سطح کي صوبي جو درجو ڏنو ويندو. اهڙي صورت ۾ جتي ڪٿي بحث چڙي پيو آهي. هتي بہ حيدر بخش رستماڻي چيو: "ڪميونسٽ پارٽي ان مسئلي تي ڪهڙو مؤقف اختيار ڪندي؟" مون چيو: "ڪميونسٽ پارٽي سخت مزاحمت ڪندي". هن چيو: "قومي سوال تي ئي ڪميونسٽ پارٽي ڪليئر ناهي". مون چيو: "ڪهڙو قومي سوال؟ قومي سوال ۾ ڪهڙا سوال آهن؟ ٿوري وضاحت ڪيو تہ ڳالهايون". ڪلي چيائين: "ايتري بہ خبر ناهي.

پر اسان جا پارٽيءَ وارا اِها ڳالھ ڪندا آھن". مون چيو: "ڪنھن کي بہ ڪابہ خبر ناھي. جيڪڏھن قومي سوال جي مراد سنڌي قوم آھي. تہ اسان سنڌي قوم کي قوم تسليم ٿا ڪريون. باقي اسان سنڌو ديش جھڙن کوکلن نعرن جا مخالف ضرور آھيون. سيني صوبن جي قومي حقن لاءِ وڙھنداسون. پاڪستان جي اندر رھي ڪري. پر الڳ ٽيٽ واري فلسفي جي خلاف آھيون. ھونئن بہ قوم پرست آمريت جو حصو بڻيل آھن. ھاڻ بہ ايم آر ڊي تحريڪ جي سائين جي ايم سيد کلم کلا مخالفت ڪندي چيو آھي تہ 'اِھا چورن جي تحريڪ آھي'. جيستائين قوم پرست عوامي جدوجھد سان نہ ڳنڍيبا. تيستائين اُھي اقتداري قوتن جو حصو ئي سمجھيا ويندا". ان تي حيدر رستماڻي چيو: "باقي مان ۽ علي حسن چانڊيو (جيئي سنڌ ميرپورخاص) ھتي توھان جي طوھر ۾ شامل ٽيٽ آيا آھيون"، آھي مون کان گھڻو ننڍو پر ڳالھائڻ جو تيز ترار آھي.

12_09_1983

ھاڻي ضياءَ شاھي مفاد پرست. ضمير فروش ۽ بيغيرت فردن تي ٻڌل ضياءَ حمايت تحريڪ ٺھرائي آھي. جنھن ۾ اڪثريت رٽائرڈ ۽ حاضر سروس فوجين جي آھي. جيڪي جماعت اسلامي جي الشمس ۽ البدر جھڙين خوني تنظيمن (الشمس ۽ البدر ذريعي 1971ع ۾ اوپر پاڪستان ھاڻوڪو بنگلاديش ۾ جمھوريت جي بحالي جي تحريڪ ھلائيندڙ بنگالين جو قتل عام ڪيو ھو) سان گڏجي. ايم آر ڊي جي بي ھٿيار ڪارڪنن تي حملو ڪري. انھن کي رتوچاڙ ڪري رھيا آھن. ھاڻ عوام بہ گھٽ نٽو ڪري. سنڌين تہ ٽيٽڪ ۾ بلور وجھي جو نشانو وٺڻ شروع ڪيو آھي. تہ ڪو بہ بدمعاش بلور جي ڏڪ مان چڙھي نٽو سگھي. فوجي جوان تہ ٽيٽڪ کي ڏسندي ئي ماڻھن کي ٻانھون ٿا ٻڌن تہ: "اسان توھان سان وڙھڻ نہ آيا آھيون. اسان تي اِھو فائر نہ ڪجو". فوجي حڪمرانن. جڏھن پرامن جدوجھد ڪندڙن تي ضياءَ حمايت تحريڪ جماعت اسلامي جي الشمس ۽ البدر جي غنڊن ذريعي حملا ڪرايا. تڏھن سنڌي بہ تحريڪ کي پرتشدد ٻڌائڻ جي ردعمل طور سروتا. ٽيٽڪ ۽ ڪاٺ جا تير ڪمان کڻي نڪتا

آهن. هنن تشدد جو پرپور جواب ڏنو آهي. لاکات ۾ روڊ تي قرآن پڙهندڙ ايمر آر ڊي جي پرامن ڪارڪنن تي فوج فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 20 کان مٿي نوجوان شهيد ٿيا آهن. اِهي خبرون ۽ سينسر مان گذرڻ کان پوءِ اخبارن ۾ ڇپجن پيون. شهيدن جو انگ ان کان ۽ وڌي سگهي ٿو.

سرڪاري ريڊيو ۽ ٽي وي تان خبرون هلايون پيون وڃن ته سنڌ ۾ عليحدگيءَ جي تحريڪ شروع ٿي وئي آهي. ان جون وڊيو ۽ هلايون پيون وڃن. ڇو ته سائين جي ايم جي ڪارڪنن ايمر آر ڊي جلوس ۾ گهڙي سنڌو ديش جا نعرا هڻڻ شروع ڪيا آهن. جنهن سبب پنجاب ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ٽڏي ٽيڻ شروع ٿي وئي آهي. سامراجي حڪمت عملي تحت سنڌ جا قومپرست مارشل لا مشينري جو حصو بڻجي تحريڪ کي ڪاپاري ڏڪ هڻي رهيا آهن. پ پ اڪثريت واري ۽ سکي پارٽي هوندي تحريڪ کي پرپور طرح سان هلائي سگهي پئي. پر غلام مصطفيٰ جتوئي، طالب المولىٰ ۽ ممتاز ڀٽو جهڙا سامراجي، اتحادي تحريڪ کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ هر طريقو استعمال ڪري رهيا آهن.

سڪرنڊ ۾ پنهل چانڊيو جي اڳواڻي ۾ جلوس نڪتو جنهن تي ۽ فوج سڌي فائرنگ ڪري ڏني. پ پ ڪارڪنن ۽ گلولن سان جوابي فائرنگ ڪري فوجين کي پڇ پائي پڇڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. پنهل چانڊيو کي پٽن غلام عباس ۽ غلام قادر سميت گرفتار ڪيو ويو آهي. اخبارن شهيدن جو صحيح تعداد ناهي ٻڌايو پر لڳي ٿو ته اتي ۽ ويهن ٽيهن کان مٿي پ پ ڪارڪن شهيد ٿيا هوندا. ايم آر ڊي جو ته نالو آهي، شهيدن ۽ گرفتار ٿيلن جو تعلق رڳو پ پ سان ئي آهي. باقي ته ٽانگا پارٽيون آهن. جڏهن ته ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي ماتحت تنظيمن، سنڌ هاري ڪميٽي، مزدور فيڊريشن، ڊي ايس ايف کي ايم آر ڊي ۾ شامل ڪري گرفتاريون ڏياري رهي آهي. پر اهي ۽ اتي ۾ لوڻ برابر آهن. جيڪڏهن مس بينظير پٽو آزاد هجي ها. ته اها تحريڪ کي ايڏا ۽ وڏيڪ انقلابي رخ تائين موڙي وڃي ها. غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ طالب المولىٰ جهڙا سامراجي پُرزا قيادت ڪرڻ جي قابل ئي ناهن.

رات جو دير سان بي بي سي ريڊيو تان خبر نشر ٿي ته ڪراچيءَ ۾ جماعت اسلامي، جمعيت طلباءِ ۽ ضياءَ حمايت تحريڪ جا غنڊا، تحريڪ جو جائزو وٺڻ لاءِ آيل پرڏيهي صحافين تي، اُن وقت ٿيندي پيا؛ جڏهن اُهي چوڪ تي ايم آر ڊي ڪارڪنن جي گرفتارين جي رپورٽنگ ڪري رهيا هئا. جماعتي غنڊن هنن جون ڪئميرائون ڦري روڊ تي اڇلائي پيڇي ڇڏيون، هنن جا وار پٽيا، ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيائون، جن ۾ عورت صحافڻ به شامل هيون. پوءِ پوليس پرڏيهي صحافين کي تحفظ ڏيڻ جي بهاني کين آرٽلري ميدان ٽاڪي تي وٺي وئي، جتي ساڳين ئي غنڊن ذريعي ٽاڪي اندر بم جو ڌماڪو ڪرايو ويو ۽ اتي ظاهر اِهو ڪيو ويو ته ايم آر ڊي وارن پنهنجي گرفتار ڪارڪنن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ، ٽاڪي تي حملو ڪيو آهي. ڌماڪي سبب ڏهه پندرنهن ماڻهو زخمي به ٿيا. اها سازش هر باشعور ماڻهو پلي پٽ سمجهي ٿو ته ضياءَ شاهي ٽولي، هٿ وٺي پنهنجي پالتو غنڊن ذريعي صحافين جي بيعزتي ڪرائي ۽ پوءِ پلاننگ تحت هنن کي ٽاڪي تي آڻي ڌماڪو ڪرائي، متن اِهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ته اِهو ڌماڪو ايم آر ڊي طرفان ڪرايو ويو آهي. اتي صحافين کي پلاننگ سان آندو ويو ته جيئن ڌماڪي جي خبر فوري طور تي سڄي دنيا ۾ پکڙجي وڃي، ۽ دنيا اڳيان ايم آر ڊي جي پرامن تحريڪ کي پرتشدد ۽ تخريبڪار تحريڪ طور مشهور ڪيو وڃي. حڪمران ٽولي جي اِها شروع ڏينهن کان ڪوشش رهي آهي، ته ايم آر ڊي جي پرامن تحريڪ کي هر صورت ۾ پرتشدد ٻڌايو وڃي، ۽ پوءِ هن ملڪ جي بي هٿيار عوام جي بي انتها تشدد، گولين ۽ بمن ذريعي زبان بند ڪئي وڃي. اهڙي طرح سان دنيا ۾ هلندڙ مارشل لا حڪومت تي تنقيد به بند ٿي ويندي ۽ هنن کي ملڪ جا ماڻهو مارڻ جو لائسنس ملي ويندو. نه ته آمريڪي سينيٽ ۾ به آمريڪي حڪومت تي سخت ڪڙي تنقيد ٿي رهي آهي، ته اُها پاڪستان ۾ فوجي حڪمرانن جي حمايت ڪري آمريڪا کي دنيا ۾ بدنام ڪري رهي آهي. سينيٽ ميمبرن ايم آر ڊي جي پرامن تحريڪ تي فوجي جنتا جي بيشرماڻي تشدد تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

هن وقت اخبارن تي سخت سينسر لڳل آهي. سنڌي اخبارون هلال پاڪستان ۽ عبرت رڳو "گم ٿيل جو پتو گهرجي" ۽ "آئون ٽن ڪپڙن ۾ نڪتي آهيان" کان وڌيڪ ڪا به خبر ڇاپي نٿيون سگهن. باقي جنگ، نوائي وقت، جسارت سميت عوام دشمن اخبارون ايم آر ڊي تحريڪ کي ڪميونسٽن جي تحريڪ لکي رهيون آهن. رهي عوام دوست اردو اخبار امن، ان تي سينسر ايڏو ته سخت ڪيو ويو آهي، جو اها سڄا سڄا پيج امن جو بوتو لڳائي خالي ڇڏجي عوام تائين پهچي رهي آهي. جنگ، نوائي وقت ۽ جسارت هڪ نامعلوم قسم جي قيادت پئدا ڪري رهي آهي، جنهن ۾ نواز شريف، گوهر ايوب، شيخ رشيد، چوڌري شجاعت ۽ کوڙ سارا ٻيا، جيڪي ميونسپل ڪائونسلر ٽائيپ ماڻهو آهن، انهن کي مس بينظير ڀٽو ۽ بيگم نصرت ڀٽو جي مقابلي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. هي اخبارون ڪابي ڌر جا بيان ۽ خبرون ته بلڪل نٿيون ڇاپين. مس بينظير ڀٽو ۽ بيگم نصرت ڀٽو لڳاتار نظربند آهن، هنن جو عوام سان رابطو ڪٽيل آهي. ڇٽن سالن کان پوءِ مس بينظير ڀٽو جو عوام سان رابطو تڏهن ٿيو جڏهن اسان هن کي پنهنجي ڇاءُ جو شاهد ڪري فوجي ڪورٽ ۾ آندوسون. هن جو رابطو سندس سيڪريٽري اشرف ميمڻ ذريعي هو ان کي به ايجنسين هٿرادو ايڪسيڊنٽ ۾ ماري ڇڏيو. هاڻ هن وٽ کو به اعتماد جهڙو ماڻهو نه رهيو آهي، جنهن ذريعي هوءَ ايم آر ڊي قيادت ۽ پنهنجي پارٽي اڳواڻن سان رابطو رکي سگهي.

ايم آر ڊي جي موجوده قيادت، عوامي تحريڪ سميت اُها تحريڪ جي صحي رهنمائي ڪرڻ بدران عوام ۾ مونجهارا پئدا ڪري رهي آهي.

13_09_1983

14 آگسٽ کان اڄ تائين 100 کان مٿي ايم آر ڊي جا ڪارڪن شهيد ٿي چڪا آهن، پر حڪمران 40 شهادتون ڄڻي رهيا آهن، ته جيئن بين القوامي لعنتاڻي کان بچي سگهن. حڪمران ٽولو خوف سبب پنهنجي پرائيويٽ غنڊن کي پوليس جون وردين پارائي ايم آر ڊي ڪارڪنن جو قتل عام ڪرائي رهيا آهن، جو ته هڪ ته ڪافي شهرن ۾ پوليس عوام تي

گوليون هلائڻ کان نہ رڳو انڪار ڪيو آهي، پر ڪافي هنڌن تي پوليس جون وردیون پهريل اهلڪار گرفتاريون ۽ پيش ڪري رهيا آهن. اڄ بي بي سي ٻڌايو ته دادو ٽاڪي تي باوردي پوليس اهلڪار گرفتاري پيش ڪندي چيو ته "هو عوام تي نہ ته گوليون هلائي سگهن ٿا ۽ نہ ئي عوام کان هن ڏکئي مرحلي تي الڳ رهي سگهن ٿا". جڏهن پوليس هنن کي گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته هُو سڌو دادو پريس ڪلب پهتا، جتي هنن صحافين سان شڪايت ڪئي، ته پوليس ڪين جمهوريت جي بحالي جي ڪارڪن طور گرفتار نٿي ڪري. پوءِ اهي اتي بک هڙتال تي ويهي رهيا آهن، ته جيستائين ڪين گرفتار نہ ڪيو ويندو هُو بک هڙتال جاري رکندا.

بي بي سي هاڻ سامراجي اتحادي طور ثابت ٿيڻ شروع ڪيو آهي، تحريڪ جي قيادت ۾ ڪوڙا اختلاف هجڻ ۽ تحريڪ جي ٽڏي ٿيڻ جون خبرون هلائي، عوام ۾ قيادت ۽ تحريڪ جي باري ۾ بدغمانيون پئدا ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪري رهي آهي. رات ته حد ڪري ڇڏي، ايستائين ڪوڙ ڳالهائيو ويو ته ايم آر ڊي جي تحريڪ هاڻي دم ٽوڙي رهي آهي ۽ آخري پساهہ پئي ڪڍي. سنڌ ۾ جيڪي پُرتشدد ڪارروايون شروع ٿيون هيون، اُهي هاڻي ٽڏيون ٿي ويون آهن، تحريڪ چند ڪارڪنن جي گرفتارين تائين محدود ٿي وئي آهي. جڏهن ته حڪمرانن وٽ جيلن ۾ جڳهہ ناهي بچي، سياسي قيدين کي ڪرمنل قيدين سان گڏ رکيو پيو وڃي. جيلن جي انتظاميا سخت پريشان آهي، ته ڪهڙي به وقت ڪرمنل قيدي سياسي قيدين کي مڇرائي جيل ٽوڙي سگهن ٿا، قيدين کي ٻئرڪن ۽ ڪولين ۾ بند رکڻ وارو رواج به ختم ٿي ويو آهي. جيل ائين ٿو لڳي جڻ ته ڪو شهر هجي، سڄي رات سمورا قيدي سڄي جيل ۾ گهمندا ۽ نعرا هڻندا ٿا رهن. ڪاش اسان به سينٽرل جيل ڪراچي ۾ هجون ها، هتي ته ايجا تائين اسان جي قيد تنهائي ختم نہ ٿي آهي. حيدر بخش رستماڻي، ذوالفقار قادري ۽ توصيف ڪانسواءِ ٻيو ڪو ماڻهو نظر ئي نٿو اچي.

ٻئي طرف ضياءُ چيو آهي ته ايم آر ڊي جي تحريڪ ڪيتري به ڏڳي چو نہ ٿي وڃي، اُها هن کي سندس مڪروهہ ارادن کان پوئتي هٽائي

نڪي سگهي. وائيس آف آمريڪا ريڊيو ٻڌايو تہ: "حُر تحريڪ دوران ٻہ فوج سان ايڏي ڇتي ويڙهہ نہ ٿي هئي. جيڪا هن وقت سنڌ جو عوام فوج سان ڪري رهيو آهي. ماڻهو گلول (ٽيٽڪ) سان وڙهي رهيا آهن ۽ اُهي منيءَ جا گلول ٻہ جِي ٽِري وارن کي ڇڄڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن. سنڌ جي عوام پنهنجي تحريڪ ڪورٽن ۽ ٽاٽن کي باهہ ڏيڻ کان شروع ڪئي آهي. ڇو تہ اِهي ٻئي ادارا صدين کان پوتارن جا پرجهلا ۽ عوام دشمن ثابت ٿيا آهن. ۽ سدائين اتان عوام کي ناانصافين ذريعي چيپاٽيو ويو آهي. مرد، عورتون، پوڙها ۽ ٻار سڀ روڊن تي نڪري آيا آهن. گذريل 7 سالن جي فوجي جنتا جي ڏٺڪن ڏاهين ۽ جيلن عوام کي مڃرائي ڇڏيو آهي. پير مير وڏيرا ٻہ عوام جي جوش ۽ جذبي اڳيان مجبور ٿي، اُهي ٻہ ٻاهر نڪري آيا آهن. ڇڻ تہ اڄ جي دؤر ۾ مياڻي واري جنگ ۽ حر تحريڪ جيان گهرن ۾ ويهندڙن کي زالون ئي ويهڻ نٿيون ڏين. ۽ گهرن ۾ ويٺلن کي بزدل ۽ مُجُو ڪونٽيو پيو وڃي. ان ڪري هر گهر جا ٻہ ٽي، ٻہ ٽي ياتي جيلن ۾ پهچي چڪا آهن ۽ هڪ هڪ شهادت ماڻي چڪو آهي.

14_09_1983

بي بي سي خبر ڏني آهي، تہ آمريڪي سامراج پنهنجي پاڪستان ۾ رکيل سفير جي نوڪري ختم ڪري ڪيس واپس واشنگٽن رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو آهي. بي بي سي موجب سفير موصوف ايم آر ڊي تحريڪ هلڻ کان اڳ رپورٽ موڪلي هئي، تہ پاڪستان ۾ ضياءَ جي مارشل لا مضبوط آهي ۽ هن خلاف اعلانيل تحريڪ ڪجهہ ٻہ نہ ڪري سگهندي. هيرالڊ ۾ اهڙي رپورٽ پڻ ڇپيل آهي، پر ايم آر ڊي جي تحريڪ کي ڏسي وائيٽ هائوس ڏڪي ويو آهي ۽ سفير کان وضاحت گهرڻ بدران هن جي نوڪري ختم ڪئي وئي آهي. بي بي سي اِها خبر ڏئي، تحريڪ جي ناڪام ٿيڻ وارين پنهنجين ئي خبرن جي نفي ڪري ڇڏي آهي. لنڊن ٽائمس تہ اِهو ٻہ لکي چڪي آهي تہ: "ضياءَ کي ڪو ٻہ لهر لوڏو ناهي. ڏکڻ ايشيا ۾ مغربي مفادن کي جيڪڏهن ڪا قوت تحفظ ڏئي سگهي ٿي. تہ اهو جنرل ضياءُالحق ۽ سندس ٽولو آهي. ان ڪري مغربي قوتن ضياءَ جي ڀرپور حمايت ۽ مدد

ڪرڻ جو پڙ اعلان ڪري ڇڏيو آهي".

ٻئي طرف ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران قتل ٿيل اهلڪارن جي وارثن کي ڏيڍ لک رپيا في اهلڪار معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.
15_09_1983

ڪافي ڏينهن کان اسان جو برداشتي (ماني پچائڻ وارو) پريشان آهي. هُن مونکي دانهن ڏني ته، هونئن ته: "جام ساقي ماني پچائڻ لاءِ ٻہ بصر آنو ۽ آئل ڏيندو هو هاڻ هو پنج پنج بصر ۽ اڌ پاءُ آئل ٿو ڏئي، ڳالهہ ڇا آهي؟. مون چيس: "سندس والد صاحب کي نوڪري ۾ ترقي ملي وئي آهي، ان ڪري هاڻ هن وٽ پئسا جام ايندا. اصل ۾ ايم آر ڊي جي سڏ تي 1983_09_13 کان پوري ملڪ ۾ بک هڙتال ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ۽ اسان ٻہ ان ۾ شامل ٿيڻا هئاسون. ان ڪري سامان کپايوسون پئي، ته جيئن بصر پٽاٽا خراب نہ ٿين، خبر ناهي بک هڙتال ڪڏهن ختم ٿئي، برداشتي کي ٻہ نہ پئي ٻڌايوسون، ته اهو جيل وارن جو جاسوس هوندو آهي، جيل انتظاميا کي ٻڌائيندو ته اسان کي الڳ الڳ بند ڪري ڇڏيندا، سو روزانو اسان کي کائڻ پچائڻ لاءِ ڪجو سامان ملندو آهي، جنهن ۾ اٽو آئل، کنڊ ۽ آنا شامل آهن، جيڪي وري اسان کي برداشتي (بورچي) پچائي ڏيندو آهي. اسان اُهو سامان واردِ انچارج کي ڏياري موڪليو ته نٿو ڪپي، ان جو مطلب جيل وارا ٻہ سمجهي ويندا آهن، سو واردِ حوالدار وڃي مٿي اطلاع ڏنو ته اڌ ڪلاڪ اندر جيل سپرنٽينڈنٽ قاسم علي خواجا، ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ راجا جاويد ۽ جيلر قمر شاهہ پهچي ويا. قاسم علي خواجا، جام ساقيءَ کي چيو: "تون منهنجو ڳوٺائي آهين، مون کي مارائڻ وارا فيصلا چو ٿو ڪرين؟" ان تي جام ساقي چيو: "اڙي سائين! توهان کي ڪير ماريندو! اسان بک مئاسون ته توهان کي مارشل لا وارا ترقيون ڏيندا ۽ تمغا هٽندا، ته توهان ڪميونسٽن کي آرام سان مرڻ ڏنو جيڪو ڪم هُو نہ ڪري سگهيا، اُهو اسان پاڻ ڪري ڇڏيو". ڊپٽي راجا جاويد چيو: "پر توهان جو مسئلو ڇا آهي، بک هڙتال ڇو ٿا ڪريو؟". جام ساقي چيو: "ايم آر ڊي قيادت اڄ کان سڄي ملڪ ۾ بک هڙتال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي." ان تي راجا جاويد چيو: "پر سائين اِها

خبر تہ اخبارن ۾ بہ ناهي ڇپي!" جام ساقي ڇيو تہ "29 آگسٽ جي سپني اخبارن ۾ ڇپي هئي، سو هاڻ حڪومت بہ ڇپجڻ نہ ڏيندي، سخت سينسر لڳل آهي." اسان هن کي هلال پاڪستان ۽ ڊان جي ڪٽنگ بہ ڏيکاري، ان تي قاسم علي خواجا چيو: "پر پهريان توهان هتان تہ شروع نہ ڪيو، پهريان ڪنهن ٻئي جيل تان تہ شروع ٿيڻ ڏيو. پوءِ پل توهان بہ ڪجو." ان دوران ٻيو جيلر آغا نورالله بہ اچي پهتو جيڪو چوڻ لڳو: "اسان جي عزت جو سوال آهي، مهرباني ڪري توهان پوءِ ڪجو." ان تي قمر شاهہ ٻانهن کان وٺي پري ڪري ويس. "چريا اسان جا بہ وڏا آفيسر ڳالهائن ٻيا، تون وري ڪيئن ٿو ٽپي پوين". قاسم علي خواجا چيو: "مان توهان وٽ هلي آيو آهيان، منهنجي اچي ڏاڙهي جو خيال ڪيو". ان تي جام ساقي چيو: "سائين هاڻي جيڪڏهن سؤ ڪن ٻيا ڪراڙا اچن ۽ چون معافي لکو اسان توهان وٽ هلي آيا آهيون، پوءِ اسان انهن جو بہ چوڻ ونون، معافي وٺي هلي پئون. هيترو جيل اجايو ڪٽيوسون _ ائين نہ ٿيندو. اسان جنهن مقصد لاءِ هتي آهيون، اُها آهي جدوجهد. اسان هن کي هرگز نہ ڇڏيندا سون. ورنہ اسان جو ايترا سال جيل ۾ رهڻ جو مقصد ئي ختم ٿي ويندو". جام چيو: "سنڌ جو عوام اڄ سراپا احتجاج بڻيل آهي، توهان بہ هن سنڌ ۽ هن ملڪ جا ڇاوا آهيو، وردين لاهي ڦٽي ڪريو ۽ هن عوامي تاريخي انقلابي جدوجهد جو حصو بڻجي ويجون، ورنہ ياد رکجو تاريخ توهان کي هرگز معاف نہ ڪندي؟"

جام ساقي جي اِها تقرير ٻڌڻ کانپوءِ آغا نورالله چيو: "ڏيو منهن سائين! ڪامريڈ صاحب اسان کي بہ خالي کولين ۾ جاءِ پيو ڏئي". هُو اسان جي مزاج کان واقف هئا، سو ماڻ ڪري هليا ويا. هاڻ اسان سوچيو تہ هيءَ خبر اخبارن تائين ڪيئن پهچي، تہ اسان بہ بک هڙتال تي آهيون، چو تہ جيل وارا هاڻي اسان جي ملاقات بہ بند ڪري ڇڏيندا.

رات جو يگانو سپاهي غلام رسول آيو. هن کي چيوسون تہ هلال پاڪستان هليو وڃي. اُتي هدايت منگي ۽ اسلم آزاد هوندا، هنن کي رڳو اهو ٻڌائي اڃ، تہ اسان بک هڙتال شروع ڪئي آهي؛ ۽ پوءِ ٽئين ڏينهن تي اُها نندڙي خبر سپني اخبارن ۾ ڇپجي وئي.

16_09_1983

اڄ صبح جو جيل جا ٽيئي آفيسر اسان وٽ آيا ۽ چيائون: "ڪٽي ب ايم آر ڊي جي بک هڙتال ڪرڻ واري اعلان تي عمل نه ٿيو آهي". ڊپٽي راجا جاويد چيو: "مون رات ب بي بي سي ٻڌي آهي. بک هڙتال جو اهڙو ڪو ب اعلان ناهي". ان تي مون چيو: "راجا صاحب بي بي سي سامراجي نشرياتي ادارو آهي. 1977ع ۾ ملڪ جي رڳو ٽن شهرن ۾ پي اين اي وگوڙ ڪرايا ها. ته بي بي سي جون خبرون هوندیون هيون. ته سڄي ملڪ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت لاشن متان لاش ڪيرائي رهي آهي. هاڻ سوين ايم آر ڊي جا ڪارڪن شهيد ٿي چڪا آهن. ته بي بي سي 40 جي انگ کان مٿي نٿي چڙهي _ عورتن جا جلوس نڪتا آهن. مٿن گوليون هلايون ويون آهن". ايتري ۾ حيدر بخش رستماڻي اچي مونکي ڳڻ ۾ چيو: "ٻاهر اڄ ۽ منهنجي ڳالهه ٻڌ". مان پرپرو ويس ته هن چيو: "اسان ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. جو جيل ب ڪٽيون. ته بک هڙتال ڪري بک ب مرون. سو ب خبر نه چار ايم آر ڊي جي اڳواڻن جي پيءُ جا نوڪر ته نه آهيون." هاڻي آفيسر منٽ پيا ڪن ته منٽ ميجون. نه ته ٻيلي مون کان بک برداشت نٿي ٿئي". مون ڄام کي سڏ ڪري چيو: "رستماڻي وڃي پيو. آفيسرن جو چوڻ مڃ ۽ بک هڙتال ختم ڪر. تون ب مٿن پيشابن جو مريض آهين ته ڪِري نه پوين." ڄام کان ڪِل نڪري وئي. موٽي وڃي قاسم علي خواجا کي چيائين: "اسان صلاح ڪري ٻڌايون ٿا. هُو هليا ويا ته رسماڻي چيو: "ڪامريڊ جلدي فيصلو ڪر. مونکي اندو پرائو پچرائي ڏي. نه ته مان فوجين کان ب معافي وٺي وڃانءِ ٿو. هي ته توهان ڪميونسٽ ليڊر قهر ٿا ڪريو جيل ب ڪٽيون. وري بک هڙتالون ب ڪريون _ ائين ته توهان بي ڪفنا ٿي مري ويندؤ". ڄام چيو: " ڇا ڪريُون؟"، مون چيو: "هتي اسان اڳ ۾ ئي سهيل ۽ مون 22 ڏينهن بک هڙتال ڪئي هئي. ته ڪير پُڇڻ ئي نه ايندو هو. سو جان ڇڏاءِ _ نه ته هي چورو واقعي ٽپڙ ڪٽي عام قيدين جي بئرڪ ۾ هليو ويندئي يا معافي لکي ڇڏيندئي". جيلر نور الله وارڊ جي ٻاهران ئي ٻيڻو رهيو هن کي سڏي چيوسون ته: "في الحال بک هڙتال ختم ٿا ڪريون. پڪ ٿي ته پوءِ

ڪنداسون". برداشتي راشن وٺي آيو هو اهو به وارڊ جي ٻاهران ٻينو هو. سو به اچي آنن ڪانئين سميت اچي پهتو. اسان چيس: "وارو ڪري به ٽي اڙاڻا ڳ به ٽي آمليٽ ٺاهي وٺ". پوءِ ته ٽي ٽي اڙاڻا چٽ ڪري وياسون. ڏاڏي ننڊ آئي. وڃي سمهي رهياسون.

ننڊ مان اٿياسون ته ڄام ساقي، حيدر رستماڻيءَ کي چيو: "صفا ڪوپاڙيو بروچ آهين...!"، رستماڻيءَ چيو: "ڪامريڊ توهان آهيو چريا، جيل به ڪٽيو پيا ڳ ٻاهريان ڏڃا به پنهنجي ڳڇيءَ ۾ پيا وجهو. شبير کان پڇو هن ڳ سهيل 1981ع ۾ 22 ڏينهن بک هڙتال ڪئي هئي. ته اِهو ئي منڊو خواجا قاسم علي سپرنٽينڈنٽ هو. انهن 22 ڏينهن ۾ پڇيو به نه. ته بچيا يا مري ويا! هنن وٽ سپاهي به لڙي نه آيو. پوءِ هنن حج واري عيد جو بهانو ڪري بک هڙتال ختم ڪئي هئي. ڪامريڊ اسان کي چو ٿا مارايو اسان کي هي هروپرو جا ايڊونچر نه ڪرايو. اسان جيل ڪٽيون ٿا، هن دؤر ۾ اها به گهٽ قرباني‌ءَ وارو عمل ته ڪونهي، جيلن ۾ جوانيون ٿا ڳاريون وينا."

17_09_1983

چوندا آهن ته گدڙ کي ڪُتي ڪٽندي آهي، ته شهر جو رخ ڪندو آهي، سو ضياءُ الحق کي به ڪالهه ڪٽيءَ ڪنيون جو سنڌ ۾ باهه ٻري وئي آهي، ڳ هُو ههڙي موقعي تي سنڌ جو دؤرو ڪرڻ نڪتو آهي. رات بي بي سي ٻڌايو ته هن کي به ڪُتيءَ ڪنيون جو هُو سنڌ جي ويٺنام بڻيل دادو ضلعي ۾ هليو ويو جتي پوليس هن جي پهچڻ کان پهريان سؤ گڏهه ڳ به سؤ ڪتا ماريا. جو ماڻهن ڪتن ڳ گڏهن تي ضياءُالحق جا نالا لکي، هنن کي عين ان وقت شهر ۾ چڏي ڏنو. جڏهن ضياءُالحق پهچڻ وارو هو. سو هر گهٽي مان عورتون توا تيل کڻي نڪتيون _ ته ضياءُ الحق جو منهن ڪارو ڪندیون سين. فوج ڳ پوليس اچي آزار ۾ ڦاٽي، ته هيڏي خلق مان ڪيترا ماڻهو مارين. جڏهن دادو سرڪٽ هائوس جو هر طرف کان ماڻهن گهيرو ڪري ورتو. ته پوءِ هيليڪاپٽر گهرائي ضياءُ صاحب کي حيدرآباد روانو ڪيو ويو. تڏهن وڃي انتظاميا سک جو ساهه کنيون. اِهو منظر ڏسي ڊي ايس پي ستي کي دل جو دؤرو پئجي ويو ڳ ويچارو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. حيدرآباد ۾ وڃي

چيف مارشل لا ايڈمنسٽريٽر جنرل صاحب بيان ڏنو تہ سنڌي بنيادي طور تي دهشتگرد قوم آهي ۽ مان هن قوم کي ڏسي رهندس. اڄ تہ دادو عرف ويٺنامي ماڻهن دل خوش ڪري ڇڏي آهي. ضياءَ کي ب خبر پئي تہ هُن جو ڪهڙي قوم سان مهاڏو اٽڪيو آهي.

18_09_1983

پ پ جي وڏيرڪي قيادت هاڻي وائکي ٽيڙ لڳي آهي. مرڪزي اڳواڻ رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي حوالي سان ڏان اخبار ۾ خبر آهي. تہ هن موصوف راءِ ڏني آهي تہ 1973ع واري آئين کي ختم ڪري نئون آئين جوڙيو وڃي. ڇو تہ اهو آئين ضياءُ جي ڪيل پيڇڪاڻين سبب بي اثر ٿي چڪو آهي. ٻيو تہ صوبن کي جيتري خوداختياري ملڻ گهربي هئي. اُها ب هن آئين ۾ مليل ناهي. هُن اِها ب راءِ ڏني آهي. تہ نئين آئين ۾ آرٽيڪل 6 کي ب ختم ڪيو وڃي. اهو ڇا لاءِ...!؟ هڪ تہ ان ۾ آئين ۽ آئيني حڪومت سان غداري ڪندڙ کي موت سزا ڏيڻ جو حڪم آهي. سو ان تي ڪا ب سول حڪومت عمل نہ ڪرائي سگهندي. ڇو تہ هن ڪيس ۾ جنرلن کان ويندي. مجلس شورا جا ميمبر ۽ سول فوجي نوڪر شاهي ب شامل آهي.

هاڻي هن بيان مان لڳي ائين ٿو تہ پ پ قيادت ايم آر ڊي جي تحريڪ کي قربان ڪرڻ ۽ شهيدن جي خون تي سوديبازي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. مس بينظير ڀٽو ۽ بيگم نصرت ڀٽو ٻئي جيل ۾ آهن. هنن سان ڪارڪن لڏي جو ڪو ب رابطو ناهي. هاڻي موقع پرست قيادت جي هٿ ۾ سڀ ڪجهہ اچي ويو آهي. پر نيٺ تہ مس بينظير ڀٽو ۽ بيگم ڀٽو آزاد ٿيندیون. اُهي غلام مصطفيٰ جتوئي جو هي عوام دشمن فيصلو هرگز قبول نہ ڪنديون.

هن تحريڪ جي نتيجي ۾ لڳي ٿو تہ جنرل ب پاڙيا ٿيا آهن ۽ اُهي رڳو آئين جي آرٽيڪل 6 کان ڊنل آهن. تہ کين اقتدار ڇڏڻ کانپوءِ موت جي سزا نہ ڏني وڃي. اُهي پ پ قيادت کان ضمانت ونڊ ٿا چاهين. پر ضمانت ڏيڻ واري قيادت تہ جيل جي قيد تنهائي ۾ بند آهي. اُها جڏهن ب آزاد ٿي. تہ رئيس جا فيصلا لئہ متي ڪري ڇڏيندیون. سو جيستائين جنرلن کي

آرٽيڪل 6 مان نجات ملڻ جي ضمانت نہ ملندي _ تيستائين اُهي مُئي مارائي حڪومت سول قيادت جي حوالي نہ ڪندا.

پهرين ڳالهه تہ آئين ۾ ترميم لاءِ اسيمبلي جي ضرورت پوندي. اسيمبلي لاءِ اليڪشن جي ضرورت پوندي. اليڪشن ۾ ڪهڙي پارٽي اڪثريت سان ٽي اچي، ۽ آئين پاس ڪرڻ لاءِ بہ اڪثريت جي راءِ ڪي ٿي اوليت هوندي. آئين ۾ ترميم تہ ٿي سگهي ٿي، پر ڪا بہ اسيمبلي ان کي مڪمل طور تي ختم نٿي ڪري سگهي. پنجاب ان ڳالهه تي هرگز تيار نہ ٿيندو تہ صوبن کي مڪمل طور تي حق خود اختياري ڏني وڃي. بهرحال! جنرل راهه هموار ڪري رهيا آهن.

مارشل لا ختم ٿيڻ ۽ سول حڪومت ٺهڻ بعد سول حڪومت لاءِ هڪ وڏو مسئلو پئدا ٿي سگهي ٿو اُهو اِهو تہ عوام مطالبو ڪندو تہ ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي جن ججن ضياءُالحق جي چوڻ تي ڪوڙو ڪيس هلائي قاسي جي سزا ڏني، انهن کي ضياءُ الحق ۽ انهن ساٿي جنرلن تي ڪيس هلائي، کين موت جي سزا ڏيڻ جو مطالبو هوندو.

عوام ڀٽو جي قاسي کي اڄ بہ غير قانوني سزا ۽ عدالتي قتل سمجهي ٿو هن وقت تائين 121 سنڌ جا نوجوان ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران شهيد ٿي چڪا آهن.

پر پ پ جي وڏيرڪي مفادپرست ۽ موقعي پرست قيادت ڪهڙو بہ ناهه ڪرڻ لاءِ تيار آهي. بس! هنن کي رڳو حڪومت ڏني وڃي، تہ جيئن ايس ايڇ او تي نئين سر داٻو ڪري سگهن. اها هاڻ جيلن مان نڪري وڃي رئيس هائوسن ۾ آرام ۽ عياشي ڪرڻ ۾ لڳي وئي آهي. هاڻ تہ ان ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ کي اڳتي وڌي هلڻ جو دم بہ ناهي.

اسيمبلي چونڊجڻ کان پهريان آئين ۾ ترميم ڪرڻ جا مطالبا ڪڍڻي مان ٻار پئدا ٿيڻ جي ناڪام اميد رکڻ وارو عمل آهي. پهريان اسيمبلي تہ بحال ڪيو يا نئين آڻيو.

هلال پاڪستان ۾ اڄ سنڌي ادبي سنگت جو بيان ڇپيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪابي ڏر سان تعلق رکندڙ جهوني سياستدان رشيد ڀٽي کي

آزاد ڪرڻ جو مطالبو آهي. رشيد پٽي جو نالو اسان ون يونٽ دور کان ٻڌندا ٽا اچون. هو ون يونٽ خلاف هلايل تحريڪ جي نتيجي ۾ گهٽو عرصو جيل پوڳي چڪو آهي. اسان هن کي ڊگري ڪاليج سکر ۾ اسلاميا ڪاليج سکر ۾ شاهه لطيف جي ڏينهن ملهائڻ جي سلسلي ۾ مهمان خاص ڪري ويهارياسون. جلسو ڪرڻ لاءِ چندو به ڏيندو هو. تڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت هئي. سو تقرير ڀٽو جي خلاف ئي ڪندو هو ۽ پوءِ گرفتار ٿي ويندو هو. خير شاباس آهي. سنڌي ادبي سنگت جي اشرافيه کي جنهن گهٽ ۾ گهٽ رشيد ڀٽي جهڙي جهوني ڪامريڊ جي آزاديءَ جو مطالبو ڪرڻ جي ته همت ڪئي آهي. ورنه اسان جا اديب خوف سبب سوين ماڻهن جي قتل عام تي به خاموش آهن. مجال آهي. جو مطالبو ڪري وڃن. مجرم لغاري ۽ بدر ابڙو جهڙا اديب به جيلن ۾ آهن. ڪٽي انهن جي آزادي جو مطالبو به ڪندا ته ادبي سنگت کي ڪجهه نه ٿيندو.

19_09_1983

ٻڌڻ ۾ پيو اچي ته سنڌ جي پ پ جي وڏيرڪي قيادت پاڙي ٽيڙ لڳي آهي. پهريان ته هنن ڏُکي اچي گرفتاريون ڏئي. اِهو سمجهيو هو ته به ٽن مهينن ۾ حڪومت ٺهي پوندي ۽ هو به ايم پي اي چونڊجي وزير ٿيندا. تحريڪ ڏگهي ٽيڙ جو هنن کي اندازو ئي نه هو. سو اخبارون لکن پيون. ته سنڌ جي مختلف جيلن ۾ قيد پ پ جي وڏيرن معافي نامو لکي آزاد ٽيڙ شروع ڪيو آهي. اِهو عمل تحريڪ جو ڪنڌ پڇندو. جڏهن قيادت پاڙي ٽيندي ته ورکر لڏو پاڙي ٽيڙ ۾ دير ئي نه ڪندو.

ويچارن وڏيرن کي ته اِهو پتو ئي نه هو ته سج تي سواري ڪرڻ لاءِ ڪوري جي ڪل پائڻي پوندي آهي. سو هاڻ کين خبر پئي آهي. ته ڪهڙي بلا ڪاڏو هو جو هيڏانهن جو منهن ڪيو اٽائون. بس توبهه آهي. وڏيرن جون ستڻون ڏوپي پنجاهه رُپين ۾ به ڏوئڻ لاءِ تيار ناهن. بهرحال. ڪاپي ڏر وارا به جيلن ۾ آهن. اهي پ پ جي ورکر لڏي کي جيلن ۾ استڊي سرڪل شروع ڪري کين معافيون لکڻ کان روڪي رهيا آهن. انهن ۾ ڊي ايس ايف. عوامي تحريڪ. سنڌ وطن دوست پارٽي. سنڌ هاري ڪميٽي ۽ ٻين پارٽين جا

ورکر شامل آهن.

جيڪو وڏيرو چوندو هو: "ابا غريبن جو کهڙو ڪر سياست سان. وجو وجي پيٽ گذر جي ڪيو"، هاڻ اُهو وڏيرو اڄ سياست کان توبهه تائب ڪري پڄي رهيو آهي ۽ غريب عوام طاقتور فوجي جنتا سان مهاڏو اٽڪائي بيٺو آهي، ۽ چوي پيو: "

آڏو ٽڪر تر متان، روهه رتيون ٽٽين".

هاڻ دؤر آهي، جنگين ۽ بهادرن جو. اُها بهادري وڏيرڪي پاڙيئي ڪلاس ۾ نه ڪڏهن هئي ۽ نه ايندي. هتي جيل ۾ دال کائڻي ٿي پوي ۽ پٽ تي جُوئن وارو ڪمبل وجهي سمهڻو پوي ٿو. وڏيرن ته سدائين مسلم ليگ واري سياست ڪئي هئي، هنن کي اِهو پتو ٿورئي هيو ته سياست ههڙي واحيات به ٽيندي هوندي. سو هاڻ هنن پڄڻ شروع ڪيو آهي. ايجا به مهينا به پورا نه ٽيا آهن، جيل ۾ وڏيرا پاڙيا اڳ ۾ ٽيڻ شروع ٿي ويا آهن.

اخبارن موجب خيرپور ناٿن شاهه ۾ 50 ايم آر ڊي جا ڪارڪن شهيد ٿي چڪا آهن.

20_09_1983

هتي سياسي قيدي نه هجڻ ۽ الڳ ٽلڳ وارڊ ۾ هجڻ ڪري وقت ڏاڍو ڏکيو ٿو گذري. ڪامريڊ جام ساقي، مان ۽ حيدر بخش رستماڻي ويهي تاش کيڏندا آهيون. ڪلاڪ کن لاءِ جيل پوليس جو حوالدر آفيسر به اچي تاش کيڏندو آهي، هُو يڪي وغيره کي سينيئر پتا سڏيندو آهي، هُو سپاهي ماڻهو آهي، سو سينيئر جونيئر جا ڏهمان ڏڪا کائي اچي هيڊ ڪانسٽيبل ٿيو آهي ـ پتن تي به نالا پنهنجي آفيسرن جهڙا رکي چڏيا اٿس. بهرحال! ڏاڍي بور زندگي پئي گذري. هتي ٻارن جو جيل هجڻ ڪري لائبريري به ناهي، ڪيس هلندو هو ته پڙهڻ لاءِ چڱا خاصا ڪتاب به ملندا رهندا هئا ـ هاڻ ته بس رڳو تاش ۽ لطيفن تي گذارو آهي. مان شاعري ڪرڻ جي به ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي، پر ناڪام ٿي رهيو آهيان. جام ساقي چوي ٿو ته: "شاعر ٽيڻ لاءِ عشق جي چوٽ کائڻ ضروري آهي"، مون به عشق ڪيو ته آهي، هاڻ خبر ناهي ته اُهو ڪڏهن ڪامياب ۽ ناڪامياب

ٿيندو جو مان چوت کائي شاعر ٿيندس. هاڻ مون سڃو ڏيان لکڻ پڙهڻ طرف ڏيڻ شروع ڪيو آهي، پاڻ نہ عاشق ئي ثابت ٿيندا سون، نہ ئي شاعر ٿي سگهنداسون. بدر کان پڇندو هئس تہ: "هُو شاعر ڪيئن ٿيو؟" تہ هُو مُرڪي چوندو آهي: "مان شاعر آهيان ۽ الائي نہ؟ ايجا تہ مان ۽ ڪوشش پيو ڪريان. شيخ ايار تہ ڪونہ ٿي سگهيو آهيان، سو شاعري ڏکي آهي، اسان جي وس کان چڙهيل آهي".

24_09_1983

ڪافي ڏينهن کان پوءِ وري اڄ ڊائري لکڻ جو خيال ٿيو. هتي محدود دنيا آهي، نہ ٻاهرين دنيا سان رابطو آهي، نہ ئي ڪو اهڙو ٻيو ذريعو آهي، جنهن سان اسان تازيون خبرون معلوم ڪري سگهون. روزانو شام جو رات واري ماني کائي، حيدر بخش رستماڻي ۽ مان وارڊ جي ديوار تي چڙهي ويهندا آهيون، پوءِ ٻار قيدين کان سندن ملاقاتن ۽ ڪيسن جي باري ۾ حال احوال ونڊندا آهيون. گهڻائي ڪورٽن ۾ ٿيندڙن ناانصافين جا روئڻ روئندا آهن، ڪي وري جيل انتظاميا جي ظلم، زيادتين ۽ تشدد جي باري ۾ ٻڌائيندا آهن. ڪو قيدي ٻار الله سائين ڏانهن درخواست لکي ڏيڻ جي معصومانہ ڳالهہ ڪندو آهي، تہ هن جا مائٽ غريب آهن، الله سائين ڪين وڪيل ڏياري، تہ جلدي ڪيس هلي ۽ سندن جند آزاد ٿئي. پوءِ هُو لفافو ۽ گهرندا آهن. حيرت آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن چيٽو (چرس) ۽ گهري ونڊندا آهن، جيتوڻيڪ هيءُ ٻارن جو جيل آهي هتي سگريٽ ۽ منع آهي، تہ پوءِ چيٽو هتي ڪيئن ٿو اچي...!؟. هن جيل کي تہ اصلاح گهر هجڻ کپندو هو. جيلر قمر شاهہ ٻڌايو تہ: "پاڪستان جي ماڊل ڊڪٽيٽر ايوب خان هي جيل فقيرن لاءِ ٺهرايو هو تہ انهن کي هتي جي فيڪٽرين ۾ هنر سيکاري ٻاهر ڪڍيو وڃي، تہ جيئن اهي بهتر زندگي گذاري سگهن. پر اُهو منصوبو ناڪام ويو تہ پوءِ هن کي ٻارن جي اصلاح وارو گهر ٺاهيو ويو. حڪومتن جي دلچسپي آهي ڪونہ، اڪثر پوليس وارا پيٽ بکايل غريب ماڻهن جا ٻار گرفتار ڪري هتي موڪلي ٿا ڇڏين، انهن سان جيل پوليس وارا جنسي ڏاڍايون ۽ ڪندا ٿا رهن، ڪير دانهن ڪوڪ ڪري ۽ ٿو تہ وڌ ۾ وڌ ان ملزم کي سسپينڈ

ڪيو ٿو وڃي. غريب بک ۽ بيروزگاري سبب چوري چڪاري ڪندا آهن، انهن جي هتي اصلاح بدران هنن کي وڌيڪ ڏوهاري بٹائڻ جي تربيت ڏني پئي وڃي.

هتي اڄ ديوار تي ويٺي هڪ نئين خبر پئي. تہ 25 کن هنگامي وارا قيدي آيا آهن. انهن کي جيل جي بئرڪ نمبر 8 ۾ بند ڪيو ويو آهي. هتي سياسي قيدين کي ٻار قيدي هنگامو ڪرڻ وارا قيدي سڏيندا آهن. اسان سمجهيو تہ ڪالهہ ڪشميري شاگردن جلوس ڪڍيو هو انهن کي ٻہ گرفتار ڪيو ويو آهي. سو اسان پڇا ڪئي تہ: "ڪشميري آهن؟". پر ٻار قيدي ڪجهہ ٻہ وڌيڪ اطلاع نہ ڏئي سگهيا.

اسان کافي ڏينهن کان واجهائي رهيا هئاسون. تہ ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران هزارين ماڻهو گرفتار ٿيا. پر اسان جي هن جيل تي هن وقت تائين هڪ ٻہ سياسي قيدي نہ آيو آهي. اسان اُهي ئي قيد تنهائي ۾. هتي ٻار قيدي هجڻ ڪري اسان کي هڪ وارڊ تائين محدود ڪري رکيو ويو آهي. وارڊ کان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏنو ويندو آهي. بهرحال، اسان ۾ تجسس وڌيو تہ هي نوان قيدي ڪير آهن؟ جيڪي ٻار ٻہ ناهن. انهن کي رکيو ٻہ بئرڪ ۾ بند حالت ۾ آهي.

26_09_1983

اڄ خليل کنهباڻي، حيدر رستماڻي سان ملاقات ڪرڻ آيو. چو تہ اسان جي ملاقات تي ايڏا تائين بندش آهي. حيدر چيو تہ: "خليل ٻڌائي پيو فوج انڈا ڏنڈ گوليون هلائي وڏي دهشت پکيڙي آهي. عوام بي هٿيار هوندي رڳو ٽينڪ سان ئي وڙهي سگهيو آهي. ماڻهن ۾ ڏاڍو جوش جذبو آهي، پر ايم آر ڊي جي قيادت انتهائي بزدليءَ جو مظاهرو ڪندي لڪي ويهي رهي آهي. هن پنهنجي نقطئہ نظر کان ٻڌايو (چو تہ هُو جيئي سنڌ سان تعلق ٿو رکي) تہ سائين جي ايم سيد فيصلو ڪري چڏيو آهي. تہ هُو تمام جلد سنڌو ديش جو اعلان ڪرڻ وارو آهي. ۽ سنڌ جي ماڻهن پنجاب جي عوام کي پيغام موڪليو آهي. تہ جيڪڏهن ايم آر ڊي تحريڪ جو ساڻ نہ ڏنو تہ اُهي جي ايم سيد جي شروع ٿيڻ واري سنڌو ديش-واري

تحريڪ ۾ شامل ٿي ويندا. مون چيو: "دودو ڏوڙ چنيسر چائي، پاڻ جي ايم سيد هن وقت تائين هن تحريڪ ۾ سنڌ جي ماڻهن جو ساٿ ناهي ڏنو ۽ ان کي چورن ۽ ڏاڙيلن جي تحريڪ سڏي رهيو آهي؛ هن ضياءُ الحق جو ئي ساٿ ڏنو آهي. واهه رستماڻي واهه! توهان جي جدوجهد کي به سلام آهي. توهان جو اڳواڻ ضياءُ الحق جو ساٿي بڻيو ويٺو آهي، توهان الائي ڪهڙي ڪاتي ۾ جيل ڪٽي رهيا آهيو. سائين جي ايم سيد جي جيئي سنڌ ۽ جماعت اسلامي، به ئي ته پارٽيون آهن، جيڪي آمر ضياءُ جي آمريت، ظلم ۽ بربريت جي حمايت ڪري رهيون آهن. جنهن ضياءُ الحق ڇهن هفتن اندر به سؤ سنڌي ماڻهو گوليون هڻي ماري زندگين کان محروم ڪري ڇڏيا، اُهو خطرناڪ ۽ ايشيا جو ماڊل ڊڪٽيٽر، جي ايم سيد لاءِ شريف النفس شخص بڻيل آهي. سيد جو خيال آهي ته جيترا سنڌ تي ظلم ٿيندا، اوترو سنڌي ماڻهو پاڪستان کان باغي ٿيندا. حيرت آهي، جيڪو سنڌ جو سياستدان ضياءَ جهڙي آمر جي حمايت ويٺو ڪري، اُهي ماڻهو وري هن سان محبت ڪرڻ شروع ڪندا.

05_10_1983

باهر سان رڳو اخبارن رستي رابطو آهي، باقي نه ملاقات آهي ۽ نه خط اچي ٿو. هونئن به جاسوس ڪاتي وارا (CID) اسان جي آيل خطن کي سينسر ڪرڻ جي بهاني مهينن جا مهينا رکي ڇڏيندا آهن. اخبارن تي به سينسر لڳل آهي، سو صحي خبرون گهٽ ٿيون چپجن. هن پارن جي جيل جو سپرنٽينڈنٽ قاسم علي خواجه انتهائي شريف ماڻهو هجڻ ڪري فوجي هن کي جيڪا اسان تي سختي ڪرڻ جي هدايت ڪندا آهن، اسان تي اُها سختي هُو وري چالبهوڻ وڌائي ڇڏيندو آهي. اسان جي ٽپال سي آءِ ڊي وارن کي چيڪ ڪرڻ لاءِ موڪلي ته ڏيندو آهي. پر ان خط جي واپسي پڇڻ جي همت ناهي ڪري سگهندو.

08_10_1983

اڄ رات بي بي سي ريڊيو تان ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ جام ساقيءَ جو بيان نشر ڪيو ويو جنهن ۾ هن چيو آهي ته: "ايم آر ڊي تحريڪ

خالص طور تي جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ آهي، اها علحيدگي جي تحريڪ هرگز ناهي. فوجي حڪمران ان کي غلط رنگ ڏئي رهيا آهن". مون جام کي چيو: "يار هاڻي تہ توهان مسڪين قاسم علي خواجہ (ايس پي جيل) لاءِ ويل ڪري ڇڏيو هُو صبح جو لٽ نڙڪائيندو پهچندو ۽ ڏوراپا ڏيندو. تہ توهان کي اهڙو بيان جاري ڪرڻ نہ ڪپندو هو مونکي مارائي وجهندؤ.

اِهو ئي ٿيو 11 وڳي ڏاري ايس پي جيل قاسم علي خواجہ جيڪو جنگهہ کان معذور آهي، لٽ نڙڪائيندو اچي پهتو. ڪاوڙ منجهان ڳالهائي ڪونہ پيو. وارڊ ۾ هيڏي،هوڏي گهمڻ لڳو. پوءِ ڊي ايس پي جيل راجا جاويد ڳالهايو. هو هڪڙ/ٻاتو آهي ۽ تيز ڳالهائيندو آهي، چوڻ لڳو: "ايڏا وڏا ٽي ويا آهيو. پوءِ بہ ٻارن واريون حرڪتون ڪرڻ کان مڙو نٿا". اسان چيو: "ويهو". جيلر آغا نورالله بہ بن وڌن آفيسرن وٽ پاڻ وڃائڻ لاءِ ڳالهائيندي چيو: "ابول! اڃا مارائي وڏو آڻو هوم سيڪريٽري، آءِ جي، آءِ ايس آءِ وارا فون تي سر ڪائي ويا هِن". اسان ڪٽون ۽ ڪُرسيون نہ هڻڻ ڪري سيئي وارڊ جي ڊاڪٽين تي ويهي رهياسون. جيلر قمر شاهہ سينٽرل جيل ڪراچي بدلي ٿي ويو آهي، ان جي جاءِ تي پير الطاف جان سرهندي آيو آهي. سو ٻئي جيلر شڪارپوري آهن. ايس پي صاحب تہ خاموش رهيو هي تہ پتائي ٻئي جيلر خاموش نہ ٻيا ٿين. آغا نور الله کان نڪري ويو تہ: "فوجي تہ چون ٿا هنن کي بند وارڊ ۾ رکو". ان تي جام ساقي اٿي ڪڙو ٿيو: "هلو بند وارڊ ڏيکاريو. ڏنڊا ٻيڙيون ڪٽي اچو". هڪ تہ توهان نو مهينا اسان جي ساڻين کي بند وارڊ رکيو". ان تي ايس پي قاسم علي خواجا دب پٽيس ۽ ٻاهر ڪيڏي ڇڏيائينس تہ: "توکي شرم نٿو اچي، جو منهنجي سامهون بڪواس ٻينو ڪرين".

پوءِ ماحول ڪجهہ ٺڏو ٿيو تہ چانهہ پيتي سين، ان تي خواجا قاسم علي چيو: "سائين! مهرباني ڪيو اڳتي کو بيان نہ ڏيندا ڪريو اسان سنڌي آفيسرن کي فوجي ڪجهہ سمجهن ئي نٿا" هُو موڪلائي هليا ويا.

شام جو خبر پئي، تہ اسان جي وارڊ تي رات جي ڊيوٽي ڪندڙ غلام رسول کي نہ رڳو هٽايو ويو پر هن کي معطل ڪري فوجين جي حوالي ڪري ڇڏيائون. نئين واردن ٻڌايو تہ هُو وارڊ کان ٻاهر موجود هوندو ڪم

هجي تہ سڌ ڪجو. باقي مان اندر نہ ٻيهندس، جو مون کي سختي سان منع ڪيو ويو آهي.

10_10_1983

هي انقلاب پيو اچي وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان، منهنجي امڙ جي اڳواڻيءَ ۾ اسان جي اباڻي شهر نڑي ميرواهہ ۾ عورتن جو هڪ وڏو جلوس نڪتو آهي. بي بي سي ٻڌايو تہ: "ڪميونسٽ اڳواڻ شبير شر جي والده جلوس جي اڳواڻي ڪري رهي هئي، عورتن جي هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا هئا، جن ۾ ڪاليج ۾ پڙهندڙ ڇوڪرين شبير شر جي ڀيڻ حسن بانو ڀائٽين اميد خاتون ۽ پروين فاطمہ ۽ ٻيون عورتون وڏي تعداد ۾ گڏ ٿيون، جنهن سبب نڑي چوڪ تي عورتن ۽ فوجين وچ ۾ ٽڪراءُ ٿيو جن سنڌ هاري ڪميٽي اڳواڻ ڪامريڊ غلام حسين شر کي گرفتار ڪري ورتو ۽ عورتن زبردست مزاحمت بعد کيس آزاد ڪرائي ورتو. بعد ۾ جڏهن جلوس واپس ڳوٺ مينگهو فقير شر وڃي رهيو هو تہ وري سنڌ هاري ڪميٽي جي نوجوان ڪارڪن ڪامريڊ محرم علي شر کي گرفتار ڪيو ويو. جنهن کي ٻہ عورتن جهنڊن جي لڪڻن سان اهلڪارن تي حملو ڪري آزاد ڪرائي ورتو. ان خبر کانپوءِ جام ساقي چيو تہ: "ڪامريڊ غلام حسين شر روپوش رهي ٻہ ڪم ڪري پيو. پر هن کي جلوس ۾ نہ وڃڻ ڪپندو هو. هُن کي تہ فوجي وڏي عرصي کان ڳوليندا ٿا وتن". مون چيو تہ: "توهان کي خبر آهي تہ منهنجو وڏو ڀاءُ ڪيڏو جذباتي آهي". جام چيو: "ها! نہ رڳو جذباتي پر انتهائي حد جو بهادر ٻہ. اهو ڪم جهڙي تهڙي جي وس جي ڳالهہ ناهي. جنهن جو هڪ ڀاءُ جيل ۾ پيو آهي، اُهو سجو خاندان وٺي محاذ تي نڪتو آهي، اهو ماڻهو نہ معمولي آهي ۽ نہ عام قسم جو". جام چيو: "اڄ تہ دل خوش ٿي وئي".

11_10_1983

اڄ جي اخبارن ۾ خبر آهي، تہ جمعيت علماءِ پاڪستان جي سربراهہ مولانا شاهہ احمد نوراني گذريل مهيني اعلان ڪيو هو تہ ضياءُ حڪومت ڳالهين ذريعي ايم آر ڊي اڳواڻن سان ويهي مسئلو حل ڪري، جيڪڏهن مسئلو حل نہ ٿيو تہ هُو ٻہ تحريڪ ۾ شامل ٿي ويندو. ڪجهہ

حڪومتي عيوضين مولانا نوراني ذريعي ايم آر ڊي قيادت سان ڳالهين جي آڇ ڪئي آهي. جيڪا هنن رد ڪري ڇڏي آهي. ته قيادت فوجي قيادت سان ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هاڻ جمعيت علماءِ پاڪستان ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي قيادت محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ته جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ کان الڳ رهي. هنن سياسي آپگهات ڪيو آهي. جو ته هاڻ سندن ڪارڪن به هنن جي قيادت مان بيزار ٿي. پنهنجي مرضيءَ سان تحريڪ ۾ شامل ٿي گرفتاريون ڏيڻ لڳا آهن. اهڙي صورتحال هنن ٻنهي مذهبي پارٽين لاءِ سياسي موت ثابت ٿي رهي آهي. اصل ۾ ملا ايم آر ڊي تحريڪ جي ڪري پنهنجي وڏي قيمت مقرر ڪري چڪا آهن. جيڪا هنن کي فوجي حڪومت نٿي ڏئي سگهي. ملا روز پنهنجو ملهه وڃائي رهيا آهن. ۽ مال ڪِنو ٿي وڃڻ سبب سندن قيمت ڏينهون ڏينهن ڪرڻ لڳي آهي _ ملا ٻنهي تارازين ۾ ڪِنا ٽيڻ لڳا آهن.

12_10_1983

6 وڳي دروازو کلندي ئي جام ساقي. حيدر بخش رستماڻي ۽ مان واردِ جي گرائونڈ تي ڊوڙڻ شروع ڪندا آهيون. اڄ جڏهن واندا ٽياسون ته نيرن کان پهرين مان شيو ڪري وهنجي تيار ٿيس. جو ته جيل جي ڊاڪٽر مونکي گڏن جي چيڪ اپ لاءِ سول اسپتال موڪلڻ لاءِ جيل وارن کي لکيو هو. جن کي اڄ پوليس گهرائي مونکي سول اسپتال موڪلڻو آهي. مان تيار ٿيو وينو هئس. ته ماڙي (جيل جي گيٽ کي هتي ماڙي ٿا چون) تان ماٺهو آيو ۽ چوڻ لڳو: "توهان تيار ٿيو. پوليس پارٽي اچڻ واري آهي". مون چيو: "مان تيار وينو آهيان". ٿوري دير ۾ ٻيو ماٺهو آيو. جنهن چيو ته: "توهان پنهنجو سامان به کڻي هلو مون چيو ڇو! ڇالاءِ؟" هن چيو ته: "صاحب اهو ٿا چون". مون چيو: "مان اسپتال لاءِ تيار ٿيو آهيان. جيل ڇڏڻ لاءِ نه. هي ٻئي ساڻي جام ساقي ۽ حيدر بخش به هلنداتہ مان جيل ڇڏيندس. ورنہ هرگز نہ". ان تي جام ساقيءَ چيو: "يار هاڻي لڳي پيو اسان کان هي واردِ خالي پيا ڪرائين. هتي ايم آر ڊي جي مڃ موڪليل قيادت کي رکيو ويندو. ته جيئن فوجي حڪومت آرام سان هنن سان ڳالهيون ڪري سگهي. هي جيل ٻاهر برپٽ

بيابان ۾ آهي، نه هتي صحافي، نه عوام ڪير ڏسندو ته هتي ڪير ٿو اچي وڃي. اڄ توڪي ٿا ڪين. سياڻي مونکي به ڪيڏي ڪنهن جيل موڪليندا، جتي سياسي قيدين جا انبوهه هوندا، ڏاڍيون ڪچهريون ڪنداسون، سمجهه ته گهٽ ۾ ٻوسٽ وارو دؤر ختم ٿيو" ڄام چيو: "ٽپڙ ڪڙ ۾ هل، هيءُ ڪو اسان جو گهر ناهي، جتي سدائين هونداسون". هُو اندران وڃي منهنجو خانگي ڪمبل ۾ سامان وارو ڏبو کڻي آيو مان موڪلائي روانو ٿيس، مون ڏٺو ته حيدر بخش رستماڻي مونکي مايوس نظر آيو مون کيس چيو: "گهبراءِ نه پيارا، پاڻ وري ڪٿي نه ڪٿي زندگي جي ڪنهن موڙ تي ضرور ملنداسون". ائين چئي مان نئين منزل طرف روانو ٿي ويس.

13_10_1983

مان لانڊي جيل کان جڏهن پوليس اسڪواڊ ۾ باهر نڪتس، ته مونکي ائين محسوس ٿيو جڙ مان آزاد ٿي ويو هجان. مونکي هاڻي سينٽرل جيل ڪراچي نيو ڀيو وڃي، جتي ٻڌڻ ۾ آيو آهي، ته هزارن جي تعداد ۾ سياسي قيدي آهن. جيڪي ايم آر ڊي تحريڪ دوران گرفتاريون ڏئي آيا آهن. جڏهن مان لانڊي جيل جي ماڙي طرف وڃي رهيو هئس، ته اسان جي وارڊ جو برداشتي هڪ رسالو ڪنيون پڇندو آيو مان ٻيهي رهيس. هن رسالو ڏيندي چيو: "ڄام ساقي چوي ٿو ته هن کي خبر پئي آهي ته ڪيس ساهيوال جيل نيو ويندو"، رسالو ته هُو رڳو ٻهاني طور کڻي آيو هو ته جيئن اِها خبر مونکي ٻڌائي، ۽ مان باهر ساٿين کي ٻڌايان. ڄام ساقي کي هونئن به سرڪار عام سياسي قيدين سان گڏي نه رکندي. پنجاب ۾ ايم آر ڊي ڪارڪنن جون گهٽ گرفتاريون ٿيون آهن، اُتي ڄام کي ان ڪري وڌي ٿا وڃن، جيئن ڪيس سياسي ۽ عام قيدين کان پري رکي سگهجي.

مان ماڙيءَ تي آيس، جتي هڪ اي ايس آءِ هڪ هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ٻن بندوق بردارن تي مشتمل پوليس گارڊ تيار بيٺو هو. مان باهر نڪتس ته اُها ئي پراڻي پوليس وين بيٺي هئي، جنهن جو ڊرائيور شبير ئي هو جيڪو ڪيس هلڻ دوران پورا ٽي سال اسان سان ڊيوٽي ۾ رهيو. جهڙوڪر گهر پاتي پڇجي ويو آهي. مون کي ڏسي پنهنجن جيان پاڪر پائي مليو. چيائين: "اڄ

لانڊي جيل جو ٻڌي مون ڏيوتي ورتي، ته جام صاحب يا توسان ملاقات ٿي ويندي". ڪافي عرصي بعد آزاد فضا ڏسڻ جو موقعو مليو آهي. سڀ ڪجھ ته ساڳيو آهي. ڪجھ بہ ته نہ بدليو آهي.

رستي ۾ مون ڊرائيور شبير کي چيو: "ڪنھن هوٽل تي روڪ ته چانھ پيئون". شبير اڳي نيو ٽائون ۾ وين روڪي. هوٽل ۾ ويناسون ته صوبيدار مونکي شايد ڪو وڏو پئسي وارو ماڻھو سمجھيو. بئري کان پڇيائين: "هتي ڪائڪ لاءِ ڇا آهي؟ ان تي شبير چيس: "صرف چانھ ٽا پيئون". پوءِ شايد هُو بہ سمجھي ويو. مون پاڻ لاءِ چانھ ۽ گارڊ لاءِ بوتلن ۽ پيٽيز جو آرڊر ڏنو. جڏهن 25 رپيا بل ڏئي هلڻ لڳاسون، ته صوبيدار مانڊٽيءَ واري کان پاڻ لاءِ گولڊ ليف سگريٽ ۽ سپاهين لاءِ مارون جو آرڊر ڏنو. ته مان هلي اڳي وين ۾ ويهي رهيس. پوءِ هُو بہ سگريٽ واپس ڏئي وين ۾ اڳي ويٺا.

مان ماڙيءَ ۾ داخل ٿيس، گيٽ ڪيپر ساڳيو ئي پراڻو آهي. هن مونکي سڃاڻيندي چيو: "اڳي وئين؟". مون چيو: "نہ. آندو ويو آهيان". هنن چيو: "هينئر هتي اڳي وارو ماحول نہ رهيو اٿئي. ڏاڍا ڪوچرا قسم جا قيدي اڳي ويا آهن. روز جھگڙا ٿيندا ٿا رهن. توهان جا ساٿي بلاڪ 20 جي ڪولين ۾ ٿا رهن. توهان بہ اوڏانهن وڃون ته بهتر آهي". مون چيو: "ٺيڪ آهي. مان سوچيان ٿو". هنن کي چيم: "منهنجو سامان ڪمال وارثيءَ جي سيل (ڪولي) تي پهچرايو". پوءِ مان ملاقات حال طرف وڌيس. جتي مان اهو ڏسي دنگ رهجي ويس. ته سڀ سياسي قيدي هال اندر ملاقات ڪري رهيا آهن. ۽ باهران ڄارين مان ڪو بہ ملاقاتي بينل نظر نہ آيو. پوءِ سامهون سهيل سانگي پنهنجي ٻارن فياض، ايازِ ۽ نياز، نياڻي زيبل عرف بيبي ۽ پاڻائي سان بينچ تي وينل نظر آيو ۽ هڪدم اڳتي اٿي آيو: "اڄ شبيرَ ڇا ٿيو؟ جيل ۾ڇي هتي پهتو آهين ڇا؟" مون کان ڪِل نڪري وئي. مون چيو: "ڪمينا، جيل ۾ڇي هيڏي ڇو اڇان ها...!!؟" سهيل پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو: "سڄي سنگت هتي آهي. هتي جيڪي مزا آهن، اُهي ٻاهر ڪٿي آهن. ان ڪري تون جيل ۾ڇي بہ پنهنجي ساٿين وٽ ايندين. ٻيو ڪيڏانهن ويندين!؟". مون چيو: "ها يار، پاڻ هيڏو پوڳيو آهي. هاڻي لڳي ٿو جڙ پاڻ هڪ ڦملي جا

ميمبر هجون". ايتري ۾ پاڃائي ب اٽي آئي، هن پهريون سوال اِهو ڪيو ت: "ادا ڄام ب آيو يا ان کي لانڍي جيل ۾ ڇڏي آئين؟". مون سوچيو هاڻ بهتر موقعو آهي، باهر اطلاع موڪلڻ جو. مون چيو: "پاڃائي هن کي شايد ساهيوال جيل ڪنيون پيا وڃن". سهيل مزاحيه ۽ طنزيه انداز ۾ چيو: "اڙي هل! حڪومت پنهنجو ٽِٽُ جهلي نٽي سگهي ۽ ڄام کي ساهيوال موڪليندا...! ڏسجان ڄام ب سکر يا حيدرآباد جيل پهچندو. هتي هاڻ حڪومت جا ڏاڍا نڪري ويا آهن".

مان 20 نمبر وارڊ ۾ آيس، جتي پروفيسر جمال نقوي ۽ ڪمال وارٽي منهنجو استقبال ڪيو هُو ب مونکي ڏسي خوش ٿيا. پروفيسر جمال نقويءَ پڇيو: "پائو (ڄام ساقي) ڪيڏانهن ويو؟" مون چيو: "ڀڏڻ ۾ آيو آهي، ت هن کي ساهيوال جيل پيا موڪلين". ان تي جمال نقوي جا تاثر ب ساڳيا سهيل سانگي وارا ئي ظاهر ٿيا. هڪدم پروفيسر پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو: "بڪواس هن کي هاڻ سنڌ کان باهر نٽا ڪيڊي سگهن". وري پڇيائين: "ڪٽي رهڻ پسند ڪندين؟". مون چيو: "23 يا 22 نمبر بئرڪن ۾". ان تي ڪمال وارٽيءَ چيو ت: "اتي هاڻ گند ٽي ويو آهي. پ پ ۽ ايم آر ڊي جي ڪارڪنن ۾ روزانو جهيڙا ٽيندا ٿا رهن. ڏاڍو ماحول خراب آهي". مون چيو ت: "ٽي سال مان قيد تنهائيءَ ۾ رهي بور ٽي آيو آهيان، مان هنگامن واري زندگي ۾ رهڻ ٿو چاهيان". پروفيسر چيو: "هاڻ 1981ع وارو ماحول ناهي، تڏهن فضيلت وارا ماڻهو گرفتار ٽي آيا هئا. هاڻ ت ڏوهاري قسم جا ماڻهو ب سياسي قيدين ۾ مڪس ٽي ويا آهن. بئرڪن جو ماحول ڏاڍو خراب آهي ۽ تون جذباتي نوجوان، توکي وري اتي اهڙي ماحول ۾ ڪنٽرول ڪير ڪندو...!". ايتري ۾ بدر ابڙو ۽ امر لال ب اچي ويا، هنن ب منهنجي بئرڪ ۾ رهڻ جي سخت مخالفت ڪئي. بدر چيو: "ڏاڍو گندو ماحول آهي، روز پاڻ ۾ وڙهندا ۽ مٽا ڦاڙيندا ٿا رهن، نہ پڙهيل لکيل آهن ۽ نہ سياسي".

اِهو بحث اڃان هلي رهيو هو ت ايتري ۾ پ پ جو مزدور اڳواڻ ولي محمد لاسي ب اچي ويو جيڪو 1981ع ۾ ب اسان سان گڏ هو تڏهن خدا بخش لاسي ب هن سان گڏ هو. هن ايندي ئي چيو: "شبير شر اسان کي ڏيو".

ان تي پروفيسر جمال چيو: "شبير ہار آهي ۽ انتهائي جذباتي ۽ آهي، هي بئرڪ جو ماحول برداشت نہ ڪري سگهندو ۽ وڏو ڪو ڏڇو ڪري وجهندو". بهرحال، ولي محمد لاسي ذميواري کنئين، تہ هُو ئي مونکي سنيالينڊو.

ان بعد ساڻين مونکي بئرڪ نمبر 23 ۾ ولي محمد لاسي سان گڏ رهڻ جي اجازت ڏني. هُو مزدور ماڻهو آهي، سو منهنجو سامان پاڻ کلهي تي کڻي، مونکي بئرڪ نمبر 23 ۾ وٺي هليو. اندر داخل ٿيندي ئي هن اعلان ڪيو: "جام ساقي ڪيس جو قيدي شبير شر اسان سان هن بئرڪ ۾ رهڻ پسند ڪيو آهي، سيني سياسي قيدين اڻي بيهي تاڙيون وڄائي منهنجو زبردست استقبال ڪيو."

سڀ ورڪر اسان جي ڏاڍي عزت ٿا ڪن، شايد ان ڪري تہ اسان سينو تاڻي مارشل لا ڪورٽ جو ٽن سالن تائين مقابلو ڪيو آهي، ۽ لڳاتار جنگ ڪندي اسان فوجي ڪورٽن کي ٽڪائي وڏو. هاڻ سڀ سياسي قيدي اسان کي پاڻ کان بهادر ۽ بهتر سياسي قيدي سمجهڻ لڳا آهن.

ولي محمد لاسي منهنجو بسترو پنهنجي بستري سان گڏ لڳايو. اوير پاسي طرف سنڌي عوامي تحريڪ جي ٻن ڪارڪنن علي محمد ۽ هڪ ٻئي ساڻي جو بسترو آهي. علي محمد پڙهيل لکيل ۽ عوامي تحريڪ جو تربيت يافتہ ڪارڪن ٿو لڳي. ڪاپي ڏر جي پارٽين جي اِها سڻي عادت آهي، تہ اُهي پنهنجي ڪارڪن جي تربيت ڪن ٿيون. پ پ تہ هاڻ نہ ڪاپي ڏر آهي نہ ساڃي، اِها تہ وري آهي ئي ٽين ڏر، سو ان ڏي ميار ئي ناهي. هي دوست سڌا ۽ تربيت يافتہ ٿا لڳن. وڌيڪ اڳتي ڏسون تہ ڇا ثابت ٿا ٿين. هتي پي اين پي جا ٻہ ڪارڪن شيخ حيدر رضوي ۽ شبيہ حيدر نقوي ٻہ آهن، هي ساڻي ٻہ اڄ ئي پهتا آهن، هي ڪوئي ڪميونسٹ پارٽيءَ جو پمفليٽ ورهائيدي گرفتار ٿيا آهن.

هتي سڃي رات ڪچهريون ٿيون هلن. ڪافي دوست ان جا عادي آهن، جيڪي زوردار ڪونگهرا هڻي رهيا آهن، پر مونکي ننڊ نڻي اچي، جو مان ٽي سال قيد تنهائي جي سانت ۾ رهيو آهيان. ساڻين صحي پئي چيو تہ

مان هن بئرڪ ۾ رهي نه سگهندس. خيرا ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي. وڏي ڪوشش ڪرڻ باوجود گوڙ گهمسان ۾ ڪونگهرن سبب مونکي سڄي رات ننڊ نه آئي. مان نيرن ڪرڻ لاءِ پروفيسر جمال ۽ ڪمال وارثيءَ طرف هليو ويس. هتي هنن کي بورچيخانو به مليل آهي. ڪمال وارثي ۽ پروفيسر پرانا ۽ آنڀا آمليٽ پچائي رهيا هئا. سو مان به پرانا، آمليٽ ۽ چانهه ونڊي. اچي پروفيسر جي ڪمري ۾ ڪائڻ ويٺس. پروفيسر جمال پنهنجي مخصوص انداز ۾ پڇيو: "رات ڪيئن رهي؟". مون چيو: "انتهائي خراب. سڄي رات سمهي نه سگهيو آهيان". پروفيسر ٿوري دير تائين مرڪندو رهيو ۽ پوءِ چيائين: "تون لڳاتار ٽي سال قيد تنهائي ۾ رهيو آهين. جتي سُئيءَ ڪِرڻ جو آواز به نه ٻڌندو هو. هتي وري گوڙ گهمسان ۾ وڃي ٻيٺو آهين. توکي ننڊ ڪيئن ايندي؟ ڪنهن سان جهيڙو ڪري وجهندين. هتي سامان واپس ڪٽي اڇ". ايتري ۾ ولي محمد لاسي به اچي ويو. جيڪو آهي ته پ پ ۾ پر هو ڪميونسٽن جو حصو ٻڌجي ويو آهي. پروفيسر هن کي چيو: "شبير کي رات ننڊ نه آئي آهي. هن کي واپس هتي موڪليو ته اسان سان رهي. هي گوڙ گهمسان جو عادي ناهي". ان تي ولي محمد لاسي ضد ڪيو ته: "هي ان بئرڪ ۾ رهندو ته استڊي سرڪل هلائينداسون". پروفيسر چيو: "شبير ان مزاج جو ناهي. جو ڪنهن کي پڙهائي سگهي. هي بار آهي. اسان پاڻ اڃا هن جي تربيت پيا ڪريون". ولي محمد لاسي چيو: "سائين توهان چڏيو هي ٻن ڏينهن ۾ پاڻهين عادي ٿي ويندو.

14_10_1983

مان ٽڪل ۽ رات جي اوجاڳي سبب پروفيسر جي ڪولي ۾ سمهي رهيس. ڏاڍي زبردست ننڊ اچي وئي. 11:30 وڳي ڪمال وارثي اٺاريو: "اٺ تنهنجي ملاقات آئي آهي". مون چيو: "ڪنهن کي خبر ئي ناهي ته ڪو مان هتي آيو آهيان". ڪمال چيو: "پل ائين هجي پر اسان جا ساٿي به فرشتن کان گهٽ ناهن. سڀ معلومات ونندا رهندا آهن. ته ڪهڙو ساٿي ڪيڏانهن ويو؟". مان وهنجي ڪپڙا متائي ماڙيءَ تي ويس ۽ قمر شاهه کان پڇيم: "منهنجي ملاقات تي ڪير آيو آهي؟". هي جيلر قمر شاهه اُهو آهي جنهن

اسان جي لانڊي جيل تي بہ مدد ڪئي هئي ۽ اسان جي قيد تنهائي ختم ڪرائي بند کوليءَ مان ڪيڙايو هو. قمر شاهہ چيو: "هي درخواست پئي آهي، ڏس ڪير آهي تہ گهرايانس". مان درخواست ڏني ۽ حيران ٿيس، منهنجي ماسات شاهنواز جو نالو لکيل. مون چيو: "اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ هي همراهہ عام قسم جو غير سياسي ماڻهو آهي". مون کي بحث ۾ وڌڻو ئي نہ هو. مون جيلر قمر شاهہ کي چيو: "سائين گهرايوس" هن سپاهيءَ کي پرچي ڏني. جڏهن همراهہ اندر آيو تہ مان دنگ رهجي ويس...!! منهنجو وڏو پاءُ ڪامريڊ غلام حسين شر بينو هو. جيلر جي سامهون چوڻ لڳو: "ماسات چا حال آهي؟ ٺيڪ آهين". مونکي ڏاڍو ڊپ ٿيڻ لڳو تہ هُن کي فوجي جاسوس شڪارين جيان ڳولينداتا وتن. هن ماڻهوءَ کي ڊپ ئي نٿو ٿئي. منهنجي چهري کي ڏسي پاڪر پائڻ وقت چيائين: "حوصلو قائم رک، مون کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو هاڻ عوام سمنڊ جيان اٿلي پيو آهي. تون پرواهہ نہ ڪر". مون چيو: "واقعي پاءُ تون اسان کان بہ تمام گهڻو اوچو ۽ اتانهون آهي، يعني اهڙين مشڪل حالتن ۾ منهنجي خبر گيري رکندو ٿو رهين، تہ مان ڪٿي آهيان". هن چيو: "لانڊي جيل ويس اتي خبر پئي توکي هتي وٺي آيا آهن، سو هتي هليو آيس. درخواست ان ڪري ڏنم جو خبر نہ هئي تہ هتي ملاقات ڪليل آهي. خير، هن ٻئنچ تي ويهي تڪڙا تڪڙا حوال ڏنا، تہ ايم آر ڊي جي تحريڪ جيتوڻيڪ وڏيرا هلائي رهيا آهن، پر عوام هنن جي ڪنٽرول مان نڪري چڪو آهي. هُن مونکي سامان ڏنو جنهن ۾ ڪپڑا، ديسي گيهہ ۽ سگريٽ هئا. مان سگريٽ ڏسي حيران ٿيس تہ هو پاڻ نہ پيئندو آهي. بس! مونکي پاءُ جي محبت ۾ ڏئي ويو آهي.

اڄ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. وڏي پاءُ کي ٽن سالن کانپوءِ ڏسي ڪري هُو ٿوري دير تائين ڪچهري ڪندو رهيو. پوءِ لفافو ڏيڻ وقت موڪلائيندي چيائين تہ: "باقي احوال هن ۾ لکيل آهي، مان هلان ٿو". مون بئرڪ ۾ اچي خط پڙهيو: "جنهن ۾ لکيل هو تہ: "8 آڪٽوبر تي نئري شهر ۾ تحريڪ بحالي جمهوريت جي سلسلي ۾ عورتن جو جلوس نڪتو جنهن جي اڳواڻي امڙ سائنڊ ۽ نياڻين حسن بانو، اميد خاتون ۽ پروين فاطمہ ڪئي.

جلوس ۾ شامل ڪل 70 ڪن عورتون هيون، جن جي هٿن ۾ ڳاڙهو جهنڊا هئا. اُهي شهر جي اوپارين پاسي نبن شاهه واري قبرستان کان شهر ۾ داخل ٿيون. ته بازار بند ٿي وئي. عام ماڻهو به جلوس ۾ شامل ٿي ويا. ڏسندي ئي ڏسندي جلوس ۾ هزارين مرد ۽ شهر جون عورتون به شامل ٿي ويون. چؤڪ تي جلسي واري صورتحال ٿي وئي، بينچ تي چڙهي ڦهريان مون (ڪامريڊ غلام حسين شر) تقرير ڪئي ۽ مون واضح ڪيو ته: "سنڌ ۾ ڪا به علحيدگي جي تحريڪ نه هلي رهي آهي، هيءَ تحريڪ جمهوريت جي بحالي لاءِ ئي آهي. هن کي ٻيو ڪو رنگ فوجي حڪمران ۽ انهن جا دلال ڏئي رهيا آهن". ان تي شريڪ ماڻهن زوردار تاڙيون وڄائي پنهنجي راءِ جو اظهار منهنجي تقرير جي حق ۾ ڪيو. ان کانپوءِ حسن بانو، اميد خاتون ۽ پروين فاطمه تمام زبردست اثرانداز ۾ تقريرون ڪيون. اتي عورتن جنرل ضياءُ جو پتلو ساڙي اڇتي اتر طرف ٽاٽي واري پاسي وڌڻ لڳيون. جلوس ۾ نعرا لڳي رهيا ها: "سندھی پنجابی بھائی بھائی، ضیا کی شامت آئی آئی"، "آمریکی سامراج مردہ باد، لاٹھی گولی کی سرکار مردہ باد". جلوس ڏري ٽاٽي وٽ پورو ٿيو. پوءِ جلوس ۾ شامل عورتون ۽ مرد واپس وڃڻ لڳا. ان دوران فوجي گاڏيون اچي ويون ۽ هر طرف کان جلوس جو گهيرو ڪري ورتائون. مشين گن کي روڊ تي فٽ ڪري سپاهين کي جلوس جو گهيرو ڪرڻ جو چيو ويو. جيڪي بندوقون سڌيون ڪري چئني طرفن کان ڏري آيا. مان اڇتي وڏي هنن جي آفيسر سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ته جلوس پُرامن آهي، هاڻي پرامن طور چڙوچڙ ٿي رهيو آهي، پر هنن مونکي گرفتار ڪري ورتو. اتي ئي پڪڙي رائيفلن جي ڪنداڪن سان ڏڪ هڻڻ شروع ڪيائون، جنهن ڪري مان بيهوش ٿي ڪِري پيس. امڙ جو اِهو ڏسو ته جهنڊي جي لٺ ڪڍي هنن تي حملو ڪيائين، ٻيون عورتون به هن جي ڪڍ هليون آيون. عورتن فوجين کي لٽيون هڻي مونکي ڇڏائي ورتو. پوءِ وري محرم علي شر کي اوچتو گاڏي ۾ وجهي کڻي ويا. ان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ عورتون روڊ تي ڏرٽو هڻي ويهي رهيون. هنن مطالبو ڪيو ته: "جيستائين گرفتار هاري ورکر کي آزاد نه ڪيو ويندو تيستائين اُهي روڊ تان نه اٿندیون". جنهن تي هنن مجبور ٿي محرم کي به

چڏي ڏنو جنهن کي بہ هنن تشدد ڪري رتورت ڪري چڏيو هو".

مان ساڻين کي خط پڙهايو جن چيو هي خبر ته بي بي سي تان بہ نشر ٿي هئي ۽ اسان جي امڙين وڏي همت ڪئي آهي. امداد چانڊيي چيو: "مطلب ته ڪامريڊ غلام حسين شر مڙي نڪو پئو ئي نڪو ٿئيس! هتي بہ هليو ٿو اچي". پروفيسر چيو: "پارٽي کي نياپو موڪليو هن کي سسپينڊ ڪرايو". سهيل سانگيءَ چيو: "غلام حسين شر کي توهان جي سسپينڊ ڪرڻ جي بہ پرواهہ ناهي. پوءِ ته ايجا وڏيڪ چڙواڳ ٿي مهم جوئي کي لڳي ويندو". منهنجي پاڻٽي گنهري جو بہ ساڳي نوعيت جو خط لکيل آهي.

16_10_1983

اڄ رات کان زڪام ٿيو آهي. سوچيم ته آنو بوائل ڪري کايان يا چانهہ پيئان. ايتري ۾ پروفيسر جمال نقوي ۽ ڪمال وارثي جو بورچي اچي ويو. هن چيو: "نيرن تيار آهي. پروفيسر سڏي پيو". مان اتي ويس ته ڊي ايس ايف جو چيئرمين امداد چانڊيو محمد خان سولنگي، شير محمد مگريو ۽ اقبال نظاماڻي وينا هئا. اتي نيرن بہ گڏجي ڪئي سون ۽ حال احوال ٻهڪياسون. هنن چيو ته: "نيون جيل جون بئرڪون سياسي قيدين سان پرجي وبون آهن. رات حيدرآباد جيل کان سياسي قيدي بدلي ڪري آندا اٿن. تن ته ڏاڍا چوکڙي لائي ڏني آهي. سڄي رات جيل کليل هو_ ائين پيو لڳي جڙ لطيف جو ميلو گهمڻ آيا آهيون.

پروفيسر چيو: "هتي ايجنسين بہ ضرور پنهنجا ماڻهو موڪليا هوندا. جيڪي هتي فتنا ۽ فساد ڪرائيندا". اسان کي چيائين ته: "توهان انتهائي حد تائين محتاط ٿي هلو". هن چيو: "ماڻهو اسان کان ڏاڍو متاثر آهن. انهن جيڪو اسان لاءِ پنهنجي ذهنن ۾ خاڪو ٺاهيو آهي. اُهو ٽٽڻ نہ ڏجو. زياده تر ضبط ۽ برداشت کان ڪم وٺو". مونکي چيائين: "تون ڏاڍو جذباتي نوجوان آهين. بهتر آهي ته بستر و ڪٽي اچي هتي اسان سان رهہ". مون چيو: "جيتوڻيڪ مونکي اتي گوڙ ۾ ننڊ نڪٽي اچي. پر ڏکهو عرصو قيد تنهائي ۽ لڳاتار کولي ۾ رهي مونکي هوسٽ محسوس ٿو ٿئي. مونکي بہ ٿي ڏينهن بئرڪ جهڙي کليل ماحول ۾ رهڻ ڏيو ۽ يقين ڪريو مان ڪنهن سان بہ نہ

الجهندس". بدر ابڑي چيو: "تون برابر نہ الجهندين پر هتي جي جيڪا پروفيسر ڳالهه ڪري ٿو تہ ايجنسين ماٺهو چڏي ڏنا آهن، جيڪي هر وقت فتنو پئدا ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن". ان تي امداد چيو: "چڏيوس، تہ ٻہ ٽي ڏينهن رهي ٻوسٽ لاهي، پوءِ نہ تہ اسان هن کي پاڻ سان رهائينداسين".

شام جو پ پ جو مرڪزي اڳواڻ مولانا احترام الحق ٿانوي ٻہ بسترو کڻي اچي بئرڪ 23 ۾ پهتو. هن ٻڌايو تہ: "15 ڏينهن فوجين جي تحويل ۾ هو جتي مٿس بي انتها ذهني تارچر ڪيو ويو آهي". شيعا پوليٽيڪل پارٽيءَ جي شاهد رضوي چيو تہ: "توهان عالمِ دين آهيو هنن کي ان جو ٻہ احترام نہ ٿيو". مولانا چيو: "پئي ڪهڙي ٿا ڳالهه ڪريو! هو دين اسلام کي صرف ۽ صرف سامراجي مفادن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن". اتي هڪ ميجر مونکي انتهائي بي حيائيءَ سان چيو: "مولانا توکي شرم نٿو اچي، جو ديندار ٿي ڪري هن شيطاني عمل ۾ شامل ٿي ويو آهين". مولانا چيو: "تون مونکي ان لاءِ چئي رهيو آهين، چو تہ مان انهن ويڪائو مولوين مان نہ آهيان، جيڪي چند سڪن خاطر توهان جي جهولين ۾ ويٺل آهن". مون سان ڏاڍو واحيات ۽ برو سلوڪ ڪيو اٿن. نماز لاءِ پاڻي گهرندو هيس تہ چوندا هئا: "چا ڪندين نماز پڙهي، جنهن شيطاني ڪم کي لڳو پيو آهين، اُهو جاري رک".

18_10_1983

هتي رات جو قيدي ستل هئا، تہ اڌ ڪچهرين ۾ رات جو پ پ جا ڪارڪن پاڻ ۾ وڙهي پيا. هڪٻئي کي ڏڪ هڻڻ لاءِ اٽيا پر چڏائي وڏوسون. هتي هڪ همراهه ناصر آهي، جيڪو سرڪاري ماٺهو ٿو لڳي. پ پ رفيع منير جي ٽانڊي ٽوپي ۾ لڳو پيو آهي، پر تمام گهٽيون سازشون ٿو ڪري. پ پ جي ڪارڪن کي نہ سياسي تربيت آهي ۽ نہ تنظيم سازي جي ڪائي ڊسيپلين، چڑواڳ دستو آهي، پنهنجي مرضي سان هلندو ٿو رهي، پنهنجي ليڊرن جو ٻہ پٽڪو لاهيندي دير نٿا ڪن.

هتي ڪميون نهيل آهي، مزدور اڳواڻ ولي محمد لاسي ان جو چيئرمين آهي، سو صبح جو ان گڏجاڻي گهرائي ڪين سمجهايو تہ: "هتي

اسان ۾ سرڪاري ايجنٽ به گهڙيل آهن، اُهي به توهان کي ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪندا. هي ڪميونسٽ ڏسو ڪيڏي عرصي کان جيل ۾ آهن، نه هنن ۾ ٽڪاوٽ آهي ۽ نه چڙچڙائپ، هڪجهڙي سان قرب ۽ محبت ۾ ٽا رهن _ توهان کي ته ايڏا مهينو به نه ٿيو آهي". بهرحال، مونکي نه لڳو ته ڪو هنن تي اثر ٿيندو. مون ولي محمد کي چيو: "مان هن ماحول ۾ نٿو رهي سگهان، مونکي چڏ ته وڃي پنهنجي ساٿين سان رهان". ان تي هن چيو: "اڙي يار! تون مونکي ته نه چڏي وڃ، هڪ ته امر لال کي به حيدرآباد ڪيڊي ويا آهن، اُهو هوندو هو ته اسٽڊي سرڪل هلائيندا هئاسون، هاڻ سياڻي کان شروع ٿا ڪريون".

ڪاڪو ولي محمد لاسي هنن چئن کي اسٽڊي سرڪل ۾ مارڪسي فلسفو پڙهائڻ ٿو چاهي. مون چيس: "ڪو به ناول ڪٽي پڙهون ٿا، فلسفو ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه ايندو. سپ پڃي ويندا، وري ڪو به اسٽڊي سرڪل ۾ نه ايندو".

20_10_1983

اڄ اسان جي بئرڪ ۾ ڏهه ڪن وڪيل به آيا آهن، انهن سڀي ڪورٽ کان پريس ڪلب تائين جلوس ڪڍيو ۽ گرفتار ڪيا ويا. انهن ۾ اختر حسين (پي اين پي) ۽ رشيد رضوي به آهن، جيڪي مارشل لا ڪورٽ ۾ اسان جا وڪيل هئا. بار جو صدر عبدالحفيظ لاکو، ناهيد افضال، ضياءُ اعوان، عاقل لوڌي ۽ ابرار حسن پڻ شامل آهن، هنن جا ڪپڑا به ڦاٽل آهن. اختر حسين ۽ رشيد رضوي چيو: "ڪو ڪپڑن جو وڳو ته ڏيو هيءَ حالت ڏسو ٿا...!". اسان هنن کي هڪدم پنهنجا ڪپڑا آڇي ڏنا. هنن ٻڌايو ته: "فوجين هنن کي روڊ تي گهلي گهلي ماريو آهي، هنن جون پُنيون لئين سان ڳاڙهيون ٽيل آهن".

اختر حسين پڇيو: "شبير! بئرڪ ۾ ماحول ڪيئن آهي؟". مون وراڻيو: "پ پ جا چڙواڳ غير تربيت يافته ورڪر آهن، جيڪي هر وقت وڙهندا رهندا آهن". پوءِ هن رشيد رضويءَ کي چيو ته: "شبير ٻڌائي ٿو ته بئرڪ ۾ هڪ ته بستري جي جاءِ ناهي، ٻيو ته هتي بدتميزي جو طوفان ٿو رهي، هلو ته جيل وارن کان کوليُون ونُون" پوءِ هُو اوڏانهن هليا ويا.

21_10_1983

مان حسب معمول صبح جو سوير اٿي واڪ ڪرڻ ويس. موٽ تي امداد چانڊيو جي 15 نمبر بئرڪ ڏانهن هليو ويس. نيرن وڃي انهن سان ڪيم. هنن سان وطن دوست جو فيض سوهو آهي. هُن کي اداڪار ٿيڻ جو شوق آهي. سو مونکان رڳو اداڪاري ۽ فن جي باري ۾ سوال ڪندو رهيو. مون کيس چيو: "يار. هاڻ تہ مونکا اها فنڪاري اداڪاري وسري وئي آهي. هاڻ مون هيءَ اداڪاري شروع ڪئي آهي".

محمد خان سولنگيءَ کان حال احوال ونڊي پڇيم: "ڏي خبر. پادر وغيره کاڏئي؟" چيائين: "پادر تہ ناهن کاڏا. پر گاريون جام کاڏم. پيٽ جا پٽ. گاريون اهڙيون ڏيندا ها. جو اندر ساڙي ڇڏيندا هئا". ان دوران اقبال نظاماڻي چرين جي واري مان سليم مغل نالي پ پ جي پاڳل ڪارڪن کي وٺي آيو. انتهائي خوبصورت جوان آهي. بس کي ساڙڻ واري ڪيس ۾ هن کي فوجين تارچر ڏئي چريو ڪري ڇڏيو. مٿس هاءِ ڊگري جو تارچر ڪيو هونڊائون _ تڏهن تہ چريو ٿي پيو آهي.

22_10_1983

اڄ نيو جيل ۾ قيد پي اين پي جي سياسي قيدين جام ساقي ڪيس ۽ ڊي ايس ايف پمفليٽ ڪيس وارن جي تعارفي گڏجاڻي ڪوٺائي. سو اتي وياسون. آدم چانڊيو پي اين پي بدين جو آهي. سو اتي محمد خان سولنگي. امداد چانڊيو شير محمد مگريو ۽ ڊي ايس ايف جو نوجوان علي حسن چانڊيو ۽ آيو ان سان پڻ ملاقات ٿي. جنهن کان پ پ بدين جي سنجر چانڊيي پڇيو تہ: "توهہ چانڊيو چا ٿيئي؟" علي حسن چيو: "چاچو". ان تي سنجر چيو: "هاڻهيو چور هوندو هو مون سان گڏ حيدرآباد جيل ۾ هوندو هو". مون پڇيس: "چاچا ۽ تون ڪهڙي ڪيس ۾ هئين؟". "مان بہ چور هوندو هيس هاڻي سياسي ڪارڪن ٿي ويو آهيان". امداد. شير ۽ محمد خان سولنگي انقلابي گيت ڳايو.

ايک ايک ڪرکے جاگ پڑے ہيں آٹھ کروڑ انسان يہاں

هنن جو آواز بہ سريلو آهي. سو چار پنج سؤ سياسي قيدي هنن جي آواز تي گڏ ٿي ويا.

مان واپس وڃڻ لڳس تہ علي حسن چانڊيي ۽ ستار راڄپر چيو: "نہ وڃ، اسان سان منجهند جي ماني کاءِ". مون سوچيو ڪهڙو مونکي هتي گاهہ پٽو ڪرڻو آهي، سو هنن جي بئرڪ ڏانهن وڃي ويناسون. علي حسن چيو تہ: "اڄ هتي نيو جيلّ ۾ جلسو ٻہ رکيو ويو آهي، هتي تقريرون ٻہ ٿيندیون". مون چيو: "ٺيڪ آهي، ٻڌي پوءِ ٿا وڃون".

3 وڳي هتي ايم آر ڊي وارن طرفان ڪونايل جلسي ۾ شرڪت لاءِ سياسي قيدي تہ پهريان ئي پهچي ويا. پر ليڊرن اچڻ ۾ ٿوري دير ڪئي. ان دوران امداد چانڊيي، محمد خان سولنگي ۽ شير محمد مگسي کي جلسي جي منتظمين فرمائش ڪئي، تہ اُهي انقلابي گيت ٻڌائين. سو هنن اسان جي جهوني انقلابي اڳواڻ منصور ميراڻي جو گيت،

"جنڊ جڙي مال چڙي، رات ڪٽي ٿي، سائين باک لٽي ٿي"

ٻڌايو گيت ٻہ خون گرمائيندڙ آهي ۽ اسان جي هنن ڇوڪرن جو آواز ٻہ زبردست آهي، سو سياسي قيدين ۾ نئون جوش ۽ ولولو پئدا ٿي ويو ـ سڀ اٿي نچڻ ۽ جهومڻ لڳا.

ساڍين ٽين وڳي بي ڪلاس وارڊ وارا ليڊر اچڻ شروع ٿي ويا. قاضي محمد بخش ڏامراهہ آيو جنهن جو نالو باباءِ جيل رکيو ويو آهي، مطلب جيل جو ابو يا بابو. ان دوران ڪجهہ ممتاز پٽو جي حامي ڪارڪنن نعرو هنيو: "سنڌ جو ڏهيسر، ممتاز علي پٽو". ان تي جيل جو بابو قاضي محمد بخش ڏامراهہ جڙي پيو ۽ اٿي بيهي تقرير شروع ڪيائين: "ڪنهن کي ٿا ڏهيسر چئو!؟ سندس پاءُ ذوالفقار علي پٽو کي 4 اپريل 1979ع تي ڦاسي ڏني وئي، ان وقت هي نام نهاد ڏهيسر شراب جي نشي ۾ ڌت، رنون ڪڇ ۾ سمهاري عيش عشرت ۾ مشغول هو. ان وقت کان ونې 14 آگسٽ 1983ع تائين جنرلن جي پاڇي ۾ لڪيو ويٺو رهيو. هاڻي اچي ظاهر ٿيو آهي. مون امداد کي چيو: "اڄ تہ گند ٿيندو". امداد چيو: "ٿيندو تہ ڪندا ٻہ پ پ وارا، مُنهن ٻہ اُهي ڏيندا ـ اسان کي ڇا آهي؟" احترام الحق ڏانوي، اين ڊي خان، پيار علي الانا، امداد شاهہ جيئن آيا ڀئي، ڏامراهہ جي تقرير ٻڌي واپس هليا ويا. ماحول ٿورو ٽينشن وارو ٿي ويو ممتاز پٽو جا حامي وڏ ڪائيندا ئي

رهجي ويا. ٿورا هجڻ سبب ڪجهه به نه ڪُڇيا. ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ امداد چانڊيي کي سڏايو ويو جنهن جذباتي ۽ پُراثر تقرير ڪندي چيو ته: "ڏامراهه صاحب! هي وقت ناهي، جو هتي قيادت هڪڙئي کي نشانو ٻاهي، ان سان ڪارڪن ورهائجي ويندا. ۽ ان وچوٽي کي وڏائڻ ۾ سرڪار کي موقعو ملندو. هن وقت اختلافن تي ڳالهائڻ جو نه پر وڏي دشمن کي ٽارگيٽ ٻاهي، جدوجهد کي تيز ڪرڻ جو آهي". ان تي زوردار تاڙيون وڄيون. ۽ ڏامراهه اڳي چيو: "ادا امداد چانڊيا، جيتوڻيڪ تون مون کان گهڻو ننڍو آهين، پر ڳالهه توسڙي ڪئي آهي، اڳتي ائين نه ٿيندو".

اڄ جيل جو سجو نظام درهم برهم ٿي ويو جتي 10 سياسي قيدي ڪنٽرول ڪرڻ جيل وارن لاءِ مسئلو هوندو آهي، اتي هزار کان مٿي سياسي قيدي اڇي ويا آهن، سو انهن کي ڪنٽرول ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. واردن ۽ صوبيدار شاهه سيٽيون وڄائي ٽڪجي پيا، پر سياسي قيدين هنن جي سيٽين کي کنگهيو ئي نه. هي جيل وارا عام حالتن ۾ ڇهين وڳي ڪانپوءِ ڪو به سياسي قيدي ٻاهر گهمندي نظر اچڻ تي ان کي ڏاندا ۽ آڙا ٻيڙيون هڻي بند وارڊ ۾ رکندا آهن. مان، امداد چانڊيو ۽ شير محمد مگسي، پروفيسر جمال نقوي سان ڪچهري ڪري رهيا هئاسون، ته صوبيدار شاهه جي واردن سان گڏ اچي چيائين: "توهان ته ائين نه ڪيو جو پلا ماڻهو آهيو هلو پنهنجي بئرڪن ڏانهن". اسان چيو: "شاهه جي، اسان به شام جي پهر جو مزو پيا وٺون، اسان ته اهو وقت به ڏٺو جڏهن اسان کي لڳاتار چوويهه ئي ڪلاڪ بند رکيو ويندو هو نه ڪاغذ، نه پين، نه ريڊيو، هاڻ ته هتي ريڊيو ڪئميرائون ۽ ڪتابن جا ٿها اچي ويا آهن. اسان لڳاتار ٽي سال گُهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ رهيا آهيون، سو هتي اچڻ کانپوءِ ائين ٿو لڳي، جڻ ته اسان آزاد ٿي ويا آهيون. جيلن جا پرم ختم ٿي ويا آهن، جيل پوليس جيڪا ڏاڍ ۽ ڏمر بٽيل هئي، سا ويچاري ٿي واڙڻ جيان ڏندن ۾ آڱريون وجهي، اسان کي گهوري رهي آهي. اهي پوليس عملدار خوف سبب نه ڪجي ٿا سگهن، نه پڇي ٿا سگهن.

هتي موجود پ پ قيادت بي ڪلاس وارڊ ونڊي پنهنجي ڪارڪنن

کان لکيو ويئي آهي. اسان هتي جي ڪميونسٽ دوستن اسٽڊي سرڪل شروع ڪيا آهن، جنهن ۾ ڪو انقلابي ناول کڻي گڏيل پڙهائي ڪئي وڃي ٿي. اسان جي ان عمل کي ڏسندي رسول بخش پليجي جي پارٽي سنڌ عوامي تحريڪ وارن به ڏار اسٽڊي سرڪل شروع ڪيو آهي. پ پ وارا اسان جي اسٽڊي سرڪل ۾ شامل ٿيا آهن. وطن دوست جي محمد خان احمداڻي به نيو جيل ۾ اسٽڊي سرڪل کوليو آهي. انهن هتي بحث چيڙي رکيو آهي، ته پاڪستان پئداوار جو طريقو زرعي آهي يا سرمائيداري؟ اسان واري سنگت هنن سان هروپرو الجهي پئي آهي، ته هتي پئداوار جو طريقو جاگيرداري آهي. هو چون ٿا ته جڏهن زراعت جي پئداوار مان ڏڳي گاڏي ۾ هَرَ ختم ٿي چڪا آهن، هاڻ زمين کيڙڻ ۾ فصل لڻڻ لاءِ ٽريڪٽر ٽريشر ۾ لڻڻ واري مشين اچي ويا آهن، اهڙي صورت ۾ پئداوار جو طريقو سرمائيداراڻو ٿيو. بحث سٺو آهي، ان کي هلڻ ڪپي. پروفيسر جمال نقوي به ان مسئلي تي مونجهاري جو شڪار ٿي ويو آهي.

پ پ وارن کي وري ڪجهه ڪميونسٽ ۾ ترقي پسند دشمن قيادت ۾ قوتن پڙڪائڻ شروع ڪيو آهي ته: "اهي ڪميونسٽ توهان کي ڪافر ڪندا، توهان ڦٽو ازم پڙهو". انهن ۾ حسين شاهه بخاري اڳيرو آهي، اسان چيس: "ڦٽو ازم جو ڪتاب ڏي ته اسان به پڙهو". ان تي وري منافقت واري اک هٽي چوي ٿو: "مڙئي شوشو چڏيو اٿم".

هتي تحريڪ استقلال وارا پ پ جي ڪارڪنن کان موچڙا ڪائيندي ڏري گهٽ بچي ويا آهن، جو اسان پ پ ڪارڪنن کي ٽاري ورتو آهي، چو ته اُهي هر وقت شهيد ڦٽو کي فاشسٽ ۾ ظالم سڏي رهيا آهن.

ايم آر ڊي جي تحريڪ تي بحث هلندو رهي ٿو عوامي تحريڪ وارا چون ٿا ته تحريڪ ڏڪي ٿي وئي آهي، پ پ قيادت پوئتي هٽي وئي آهي، سو هاڻ باهر گرفتارين واري عمل کي رڳو عوامي تحريڪ ئي جاري رکيو بيٺي آهي. اِها به حقيقت آهي ته هتي جيل ۾ پ پ کانپوءِ سياسي قيدين ۾ وڌو انگ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جو آهي، اسان جي سنگت ته صفا ٿوري آهي.

معراج محمد خان جي پارٽي قومي محاذ آزاديءَ وارا چون ٿا ته:

"هن ملڪ جو عوام ڏيڄجوءِ بزدل آهي". ايم آر ڊي تحريڪ کان هُو بہ مايوس نظر اچن ٿا ته پ پ جي وڏيرڪي قيادت جو ڪنٽرول ضياءُالحق وٽ آهي: ان ڪري اُهي هاٿي وڏيڪ تحريڪ کي هلڻ نہ ڏيندا. سنڌ هاري ڪميٽي جو ڏڙو جيڪو صوفي حضور بخش ءِ شير خان لنڊ جي قيادت ۾ هتي آهي، اُهي زياده تر جي ايم سيد جي لائين هلائي رهيا آهن. ته ايم آر ڊي چورن ءِ لوفرن جي جدوجهد آهي. اُها گهٽو عرصو نہ هلي سگهندي. جي يو آءِ وارا ضياءُ الحق کي قادياني سمجهي هن خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ شامل ٿيا آهن.

مان صبح جو بئرڪ ۾ نيرن ڪري رهيو هئس ته عوامي تحريڪ جو ايوب انڙ ءِ سجاڳ ٻار تحريڪ جو رسول بخش ٽالپور آيا. ءِ مون کي چيائون ته هُو پروفيسر جمال نقوي سان ملڻ چاهين ٿا. مون چيو: "ملوس، پروفيسر بہ توهان جيان عام قيدي آهي. ڪا منع ڪانهي. هن سان ملڻ تي".

هنن چيو: "توهان هلو. اسان جو تعرف بہ ڪرايو" مان نيرن مڪمل ڪري هنن سان پروفيسر جي ڪوليءَ تي ويس. جتي پروفيسر اڳ ۾ ڪجهہ سياسي قيدين سان ڪچهري ۾ مصروف هو. امداد چانڊيو شير محمد مگريو ءِ محمد خان سولنگي جن بہ اتي وينا هئا. ايوب انڙ تڪراري بحث کان شروعات ڪئي ته: "ايم آر ڊي جي تحريڪ صرف ءِ صرف سنڌي هلائي رهيا آهن. سو تمام جلد هيءَ تحريڪ آزاديءَ واري تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويندي". پروفيسر پڇيو: "اهو ڪيئن؟ ڇا سنڌ جي ماڻهن اهڙو مطالبو ڪيو آهي؟ سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪندڙ جي ايم سيد ته هن تحريڪ کان الڳ ٿيو ٻينو آهي..! ڇا عوامي تحريڪ هاڻ آزاديءَ جو نعرو هڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي". ان تي هُو وائڙا ٿي ويا. چئي: "نہ نہ عوامي تحريڪ جو اهڙو ڪو بہ ارادو ناهي. پر جڏهن ڪراچي ءِ پنجاب هن تحريڪ ۾ شامل نہ ٿيا آهن. ته سنڌي ماڻهوِ اهو سوچڻ شروع ڪيو آهي". پروفيسر سوال ڪيو ته: "ڇا سوچڻ شروع ڪيو آهي. تہ اِهو هنن جو حق آهي. جيئن چاهين اهڙو نعرو هڻي سگهن ٿا. توهان جي پارٽي فيصلو ڪيو آهي ته هڻو باقي اسان جو ايجا اهڙو ڪو بہ ارادو ناهي". ان تي هُو لاجواب ٿي هليا ويا.

ممتاز پٽو بہ هاڻ قومپرست ٽي آيو آهي، جنهن پنهنجي وڏ وزارت جي دؤر ۾ قومپرستن کي سالن تائين ڊي پي آر ۾ لوهہ ڪري رکيو هو.

اڄ ملاقات آئي، پاڻ ليافت علي آيو. پاڻ سان گڏ شير محمد شر وڪيل کي بہ وٺي آيو. اُتي شير محمد مگريو سان هن جو بحث چڙي پيو ۽ چوڻ لڳو تہ: "سنڌ هن وقت بنگلاديش بڻجڻ واري آهي". ان تي مون کيس چيو: "مائٽ جي اهڙي صورتحال هجي ها، تہ تون اسان سان گڏ هتي جيل ۾ هجين ها". ان تي ڪِلي چيائين: "ها يار، ڳالهہ سچ ٿو چوين، بس اسان بہ جيڪو اڄ هتي ٻڌو ۽ ڏٺو آهي، اها ئي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون". هن ٻڌايو تہ: "ٻانڊي لڳ سونهري ڳوٺ ۾ چار عورتون فصل مان گاهہ ڪري رهيون هيون، تہ اُتي فوجي ٽرڪ اچي بيٺي، جن مان فوجين لهي عورتن ۾ هٽ وڌا. انهن مان بہ عورتون پڄي نڪتيون ۽ ڳوٺ ۾ اطلاع ڪيائون. جنهن تي ڳوناڻا نڪتا ۽ چار فوجين کي ماري وڌائون. هاڻ اها صورتحال تہ بنگلاديش واري پئي ٿيندي وڃي". هُن اِهو بہ چيو تہ: "انهن فوجين جي قتل جو ڪيس پ پ جي صدر غلام مصطفيٰ جتوئي مٿان داخل ڪيو ويو آهي، چون ٿا تہ ان ڪيس ۾ ڪيس ڦاسي ڏني ويندي". مون چيو: "غلام مصطفيٰ جتوئي ۾ ايڏو دم هجي ها، تہ شهيد پٽو سان گڏ شهيد ٿي وڃي ها. هُو سنڌو ديش لاءِ تہ ڇا، ڪڏهن جمهوريت جي تحريڪ کي آخري مرحلي تائين هلائڻ لاءِ بہ جيل ۾ رهڻ لاءِ تيار نٿو هي". پوءِ هنن موڪلايو ۽ پاڻ ليافت عليءَ چيو: "يار معاف ڪجو، تنگي هجڻ ڪري تنهنجي لاءِ ڪجهہ وٺي نہ آيو آهيان". منهنجي پاڻ وٽ درجن ڪيلا وٺڻ جا پئسا بہ نہ هوندا...!

ماڙيءَ مان ٻاهر نڪري آيس، تہ پي ايس ايف جو اقبال هيسباڻي بيٺو هو. هن ميار ڏيندي چيو: "سائين ڳونائي آهيون. ڪڏهن اسان سان بہ ڪچهريءَ جو وقت ڪيو". هتي سياسي قيدي اسان جي تمام گهڻي عزت ڪن ٿا. شايد ان ڪري جو اسان ٽارچر سيل ۽ لڳاتار جيل کي برداشت ڪيو آهي ۽ وڏي بهادريءَ سان ڪيس وڙهيو آهي. هن کي مون چيو: "ادا اسان کي ڪچهريون ئي تہ ڪرڻيون آهن. هلو!" هُو اسپيشل وارڊ ۾ قيد آهي. مون کي اُتي وٺي آيو. وارڊ ۾ وياسون تہ: "قاضي محمد بخش ڏامراهہ،

ڪائي رهيا هئا. اسان کي به چيائون: "سنگت اچو ٽنگر ڪيو". مانيءَ جو ٽائيم آهي ۽ بک به لڳي آهي، سو اسان به ماني تي ويهي رهياسون. ماني ڪائڻ بعد هڪ ٻئي ڳونائي، جيڪو عوامي تحريڪ جي پليٽ فارم تان گرفتاري ڏئي آيو آهي، ٺري ميرواهه جو زين العابدين پيرزادو جنهن جو ٺري ۾ مٺائي جو ڪاروبار آهي، پنهنجي شهر جو ماڻهو جيل ۾ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. ٻيو تحريڪ استقلال جو سردار امتياز ڦلپوٽو به مليو جيڪو پٽ خيرپور جو آهي. سردار امتياز زور زور سان ڳالهائي ٿو ته: "ادا گهڙيل 36 سالن کان پاڪستان ۾ جمهوريت آئي ئي ناهي...!". مون چيو: "شهيد پٽو وارو دؤر جمهوريت ۾ نٿا ڳڻيو؟" هن چيو ته: "پٽو بدمعاشي ڪري ايندي ئي مارشل لا لڳائي". مون ڏٺو ته پ پ وارن اڪيون ڪرڙيون ڪيون. مون چيو: "سردار صاحب هينئر تڪراري بحث ڪرڻ جو وقت ناهي"، هو بس نه پيو ڪري ته ڏامراهه چيس: "تو واري اصغر خان سان جمهوريت ايندي، ان کي آڻ ته حڪومت ناهي".

مون چيو: "توهان ڏسو هن دٻدٻي واري مارشل لا حڪومت، جنهن شروعات ئي ڦاهين ۽ ڦٽڪن کان ڪئي، اُن حڪومت سان ايرا ماڻهو اُٿي ڪڙا ٿيا آهن. اِهو چا آهي؟ اِهو جذبو آهي ته پٽو شهيد دليريءَ وارو موت قبول ڪيو ۽ سنڌ جو هر ماڻهو هن جي خون جو بدلو ونڻ چاهي ٿو. بهرحال! هي ويچارو سرداري دماغ بدران دل ۽ ڪنن سان سوچي ٿو.

21_10_1983

هتي هر سياسي قيدي مير مرتضيٰ پٽو جي ان بيان تي فڪرمند آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي ته: "هاڻ الذوالفقار وارا ڏهن مهينن جي خاموشيءَ کانپوءِ پنهنجون ڪارروايون انهن پوليس ٽاڻن کان ڪندا، جيڪي ايم آر ڊي جي گرفتاري پيش ڪندڙ ڪارڪنن تي تشدد ڪرڻ ۾ ملوث هوندا".

بئرڪ ۾ وينل سياسي قيدين مون کان پڇيو ته: "توهان چا ٿا سمجهو ان سان تحريڪ کي فائدو ٿيندو يا نقصان؟" مون چيو: "پهريان ته

ان ڳالهه جي مون وٽ يا ڪنهن به جيل ۾ قيد سياسي قيدي وٽ پڪي جاڻ ناهي. ته اِهو بيان واقعي به مير مرتضيٰ پٽو طرفان جاري ڪيل آهي يا مارشل لا اختياريون هن تحريڪ کي پُرتشدد بڻائڻ ٿيون چاهين. ۽ اُهي اهڙيون هٿرادو ڪارروايون ڪري، سوين هزارين ڪارڪنن کي دهشتگردي الزامن تحت گرفتار ڪري، کين ڪاسين ۽ عمر قيد جون سزائون ڏيندیون _ مان سمجهان ٿو ته ان بيان سان تحريڪ کي سخت نقصان پهچندو". ان تي هن بئرڪ ۾ مشقوق رهندڙ ناصر چيو: "اسان جي الذوالفقار جو فيصلو درست آهي، ان سان تحريڪ کي فائدو ٿيندو". هڪ بئي قيدي اعجاز ڀالميا، جيڪو ظهور الحسن پوپالي کي قتل ڪرڻ جي الزام ۾ بند آهي. هن چيو: "واهه مير صاحب واهه...!! هاڻ مزو ايندو". پوءِ اعجاز ڀالميا ۽ ناصر بئي الذوالفقار جي حق ۾ نعرا هڻڻ لڳا. پيپلز ليبر بيورو جو صدر ولي محمد لاسي ڪافي سمجهدار ۽ سياسي سوچ رکندڙ آهي. هن چيو ته: "الذوالفقار جهاز اغوا ڪرايو. ان مان به فوجي سرڪار کي فائدو ٿيو. 1981ع ۾ نئين ايم آر ڊي نهي هئي. هزارين ورڪرن کي گرفتار ڪري سزائون ڏنيون ويون. جنهن سان به فوجي حڪومت کي فائدو ٿيو هو ۽ تحريڪ کي ڪاپاري ڏڪ لڳو هو ڪيترائي ڪارڪن لالا اسد شيخ جهڙا مارجي ويا. هن تحريڪ سان مارشل لا حڪومت ڪمزور ٿي وئي آهي، هاڻ ان کي الذوالفقار جي ڪارروائين جو بهانو ڪري، زوردار مار لڳائيندا ۽ تحريڪ ويهجي ويندي"

بئرڪ کان ٻاهر ويٺا ڪچهري ڪري رهيا هئاسون ته قاضي غني آيو. هن کان ولي محمد لاسي پُڇيو ته: "توهان چا ٿا چئو؟". ان تي هن چيو: "الذوالفقار جي ڪارروائين سان تحريڪ کي فائدو ٿيندو". ان دوران ممتاز پٽو اچي ويو. هن محتاط انداز ۾ چيو ته: "خبر نٿي پوي ته اهو بيان مير مرتضيٰ پُٽي جو آهي يا سرڪار پاڻ هلرايو آهي". مون کي لڳو ته ممتاز پٽو سينيئر سياستدان آهي، هُو ڳالهه کي سمجهي ٿو پر هتي اڪثريت پ پ جي بيوقوف ڪارڪنن جي آهي، ان ڪري هن اِن موضوع تي وڌيڪ ڳالهائڻ نه چاهيو. مان ان دوران ٻاهر هليو ويس. پوءِ موٽي آيس ته ولي محمد

لاسي چيو: "ممتاز سان همراهن ان تي واضح موقف اختيار ڪرڻ تي زور پريو. جنهن تي هن چيو ته مان جيل ۾ آهيان، نجومي ته نه آهيان جو مان تصديق ڪريان، ته اِهو بيان مير مرتضيٰ جو آهي يا نه....!؟" مون چيو: "اصولي طور تي ممتاز پٽو جو جواب درست آهي. هتي بيوقوفن جي اڪثريت آهي، ان ڪري اُهي مرتضيٰ پٽو جي حمايت ڪري رهيا آهن".
23_10_1983

مان اڄ صبح جو نيرن ڪرڻ لاءِ پروفيسر جمال نقوي جي ڪوليءَ ۾ اچي ويس. پروفيسر بورچيخاني ۾ بيٺو ڪجهه پچائي رهيو هو. مون کان پڇيائين: "ها ميان چا کائيندين!؟". مون چيو: "هاف فراءِ، آنو ۽ اڏاتو". چيائين: "مون وٽ ٽوش آهن. اڏاتو پاڻ پچاءِ". مونکي چانهه ۽ آنو ئي پچائڻ ايندو آهي. ايتري ۾ شير محمد مگريو ۽ محمد خان سولنگي به اچي ويا. مٺان وري پي ايس ايف جو فقير اقبال هيسباڻي به اچي ويو. هتي به ساڳيو ئي الذوالفقار جي ڪارروائين شروع ڪرڻ وارو بحث شروع ٿي ويو. فقير اقبال به ساڳي پ پ جي جذباتي ڪارڪنن واري ڳالهه ڪئي، ان تي پروفيسر چيو: "پهريان تصديق ڪندا ڪريو. تہ اِهو بيان واقعي به هن ڏنو آهي يا نه. فرض ڪيو ڏنو به آهي ته اسان ان کي درست نٿا سمجهون. ان سان تحريڪ کي نقصان ٿيندو". مون هلڪي ڦلڪي نيرن ڪري ورتي، ته فقير اقبال چيو: "تورو باهر هل". باهر آيس ته چيائين: "ممتاز صاحب! توسان ڪجهري ڪرڻ ٿو چاهي، سو به ٿي پيرا چيو اٿس. هل ته هلون". مون چيو: "نيڪ آهي، هلون ٿا، ملڻ ۾ ڪو حرج ناهي".

واردِ ۾ ويٺاسون ته ممتاز پٽو اڪيلي ويٺي انگريزيءَ جو ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو. هُو تمام سٺي نموني ملیو. پوءِ اقبال ساڳيا ئي الذوالفقار جي ڪارروائين شروع ڪرڻ وارا سوال ڪيا. ان تي ممتاز چيو: "بلڪل فائدو ٿيندو. تشدد جو جواب تشدد سان ملڻ کپي، ته رياستي ادارن کي خبر پوي". مون کي چيائين: "ڪامريڊ ڳالهيون انقلاب جون ٿا ڪريو ۽ وري انقلابي ڪارروائين کان ڊجو به ٿا". مون ڪلي چيو: "سائين ڪالهه ته توهان جو ٻيو مؤقف هو"، هن چيو: "اتي سپ جٽ هئا، ٻيو ته الائي ڪيترا

بئرڪن ۾ ايجنسين پنهنجا ايجنٽ موڪلي چڏيا آهن. پ پ آهي جڏن جي پارٽي. ان ۾ ڪو به عقل وارو ماڻهو ناهي". پوءِ اقبال کان پڇياٿين: "تو واري وارڊ ۾ ته پ پ جا سپ وڏا ليڊر وينا آهن، اُهي چا ٿا چون؟". اقبال ٻڌايو ته: "پيار علي الانا، عبدالله بلوچ، امداد شاهه ۽ پيا دهلجي ويا آهن، ته هاڻ اسان جو چا ٿيندو؟ ڪٿي ضياءالحق هتي ئي مٿن دهشتگردي جو ڪيس هلائڻ نه شروع ڪري...!". اقبال چيس: "توهان الذوالفقار جي باري ۾ چا ٿا چئو؟". هن چيو ته: "الذوالفقار پ پ جو حصو آهي ۽ مان ان جي ڪارروائين کي نيڪ ٿو سمجهان". مان سوچيو: "ايڏو دلير هجين ها ته شهيد پٽو سان گڏ ڦاسي گهاٽ تي پار ڪري چڪو هجين ها، هاڻ فرنٽ ناهي پ پ کان الڳ ٿي ويٺو ٽڪاءُ چڏين وڏيرا". اقبال هيسباڻي چيو: "مان پارٽي اڳواڻ جي واتان اهڙو مڙسيءَ وارو بيان ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس". ان تي مون چيو: "ممتاز صاحب ته سنڌ نيشنل فرنٽ ناهي چڪو آهي، ان جو هاڻ پ پ سان ڪهڙو تعلق آهي". ان تي ممتاز چيو: "ڪامريڊ فرنٽ به اِهائي انقلابي لائين ونندي". مون پڇيو: "ڪهڙي؟". ممتاز وراڻيو: "مير مرتضيٰ پٽو واري بي ڪهڙي". مون چيو: "مشڪل". ان تي ٿوري دير لاءِ اسان هڪٻئي کي اکين ئي اکين ۾ ڏٺو ۽ چپ ٿي وياسون. وڌيڪ بحث نه ڪيوسين ۽ موڪلائي باهر آياسون. تڏهن فقير اقبال چيو: "ڪامريڊ مجين نه مجين، ممتاز پٽو واقعي ڏهيسر آهي". مون چيو: "فقير ڏاڍو سادو آهين، ممتاز پٽو سياڻو ڪانءُ آهي. اِها ڳالهه ماڻهن جي سامهون چوي. ايڏو بهادر هجي ها ته شهيد پٽو سان گڏ ڦاسي گهاٽ ۾ هجي ها، جي شهيد پٽو جو ساٿ ڏئي ها ته عمر قيد جي سزا ته ضرور ملي ها. هي انتهائي درجي جو موقعي پرست ۽ بزدل ترين انسان آهي. اڄ هي سنڌ سنڌ پيو ڪري. سياڻي هي معمولي مفادن لاءِ سنڌ کي وڪڻڻ ۾ به دير نه ڪندو. هي اقتدار جو بکيو آهي، هن کي هر صورت ۾ ۽ ڪهڙي به قيمت تي اقتدار ملڻ کپي. هيءُ ان لاءِ سجي سنڌ سڄل، پٽائي ۽ سامي جي روضن تائين قربان ڪري سگهي ٿو.

24_10_1983

ميان روزانو صبح جو پهريان اخبارون پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو

آهيان، پر هتي بئرڪ ۾ هجڻ ڪري هر سياسي قيدي بنا روڪ ٽوڪ هليو ايندو آهي ۽ اخبار پڙهي نٽي سگهجي. رڳو اڏامندڙ خبرن تي گذارو ڪرڻو ٿو پوي. خير، ماٺهن مان بہ گهٽو ڪجهہ حاصل ٿئي پيو. مان پروفيسر جمال جي ڪولي۽ ۾ آيس. تہ پروفيسر چيو: "تو دير ڪئي، مان ناشتو ڪري ڇڏيو آهي، هاڻ تون جيڪو چوين مان تيار ڪري اچان"، مون چيو: "نيڪ آهي، مان اڄ چانهہ اڳاتو پاڻ ٿو تيار ڪريان". ان تي پروفيسر چيو: "اها تنهنجي مرضي، مون چانهہ تہ پچائي سگهان ٿو پر پراڻو مونکي نہ ايندو آهي". مون چيو: "نيڪ آهي سينيئر نوجوان، توهان ويهو تہ مان پچائي اچان". مان چانهہ پراڻي جو ناشتو ڪري ويٺو هئس. تہ ممتاز پُٽي جو برداشتي آيو چيائين تہ: "صاحب ناشتو رکيو ويٺو آهي ۽ توهان جو انتظار پيو ڪري". مون چيو: "تون پليو تہ ناهين! منهنجي لاءِ چيو اڻائين؟". هن چيو: "ها سائين. توهان لاءِ". مون کي شڪ ٿيو مون چيو: "منهنجو نالو چا آهي؟" هن چيو: "شبير شر". مون چيو: "پيو ڪير ويٺو آهي". هن چيو: "اقبال هيسباڻي"، پوءِ مان سمجهي ويس. "مون چيو نيڪ آهي، هل تہ اچان ٿو". پروفيسر مون ڏي معنيٰ خيز نظرن سان ڏسڻ لڳو تہ مون چيو: "ڪالهہ اقبال هيسباڻيءَ ذريعي پهرين ملاقات ٿي آهي، اڄ خبر ناهي ڇو سڏايو اٿس". ان تي پروفيسر چيو: "وچ ميان، سڀو ناشتو آيو هوندو، مون ڏانهن مُنهن ڪري ڪائجان". اسان جي ساٿين ۾راهما ڳالهہ آهي تہ اُهي پنهنجي ساٿين تي ڪڏهن بہ شڪ نہ ڪندا آهن.

مان ويس تہ نيرن ٽيبل تي لڳل هئي، مغز قيمون، جيرا پڳل، اڳاتا ۽ لسي پيل هئي. مون چيو: "مان تہ نيرن ڪري ويٺو آهيان، سوير ٻڌايو ها تہ مان هتي اچي ڪريان ها". ممتاز پُٽي چيو: "ادا هي گهران ايندو آهي، سواڄ ماڙي تي روڪي ڇڏيائون". مون چيو: "ٻوڙ ايڏا سڀا ۽ لذيذ ٽا لڳن، جو پوءِ بہ کائڻو پوندو". ماني کائڻ ويناسون، ممتاز پُٽي سوال ڪيو تہ: "ڪامريڊ جيل گزيٽ ۾ اڄ جون ڪهڙيون خبرون آهن". مون چيو تہ: "ڪالهہ شام کان خبر پئي هلي تہ مارشل لا وارن ايم آر ڊي تحريڪ دوران مارجندڙ فوجين جي قتل جا ڪيس غلام مصطفيٰ جتوئي تي داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي". ان تي ممتاز پُٽي وڏو ٽهڪ ڏنو. (هي بئي پ پ حڪومت جي دؤر ۾

بہ هڪڙي جا سخت مخالف رهيا آهن) هن چيو تہ: "اِهي افواهہ بہ غلام مصطفيٰ جتوئي طرفان پکيڙيا پيا وڃن. هتي هن جو سيڪريٽري الهہ بچايو لغاري افواهہ پکيڙي جتوئيءَ کي هيرو ناهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي". ممتاز چيو تہ: "جڏهن ضياءُالحق حيدرآباد آيو هو تڏهن هن پريس ڪانفرنس ۾ چيو هو تہ غلام مصطفيٰ جتوئي اعتدال پسند سياستدان آهي ۽ هو پ پ جي بين اڳواڻن جي پيٽ ۾ بهتر ماڻهو آهي". ممتاز پُٽي ماني مان هٿ ڪيو جذباتي ٿيندي چيو تہ: "هاڻ توهان سوچيو جيڪو شخص ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪندڙ قاتل، غلام مصطفيٰ جتوئي کي اعتدال پسند ۽ بهتر سياستدان ٿو قرار ڏئي. پوءِ وري جنرل اهڙي ماڻهوءَ کي فوجين جي قتل ڪيس ۾ ڦاسي ڏيندا..!! يار ڪامريڊ حيرت آهي". مون چيو: "سائين ايترو جذباتي چو ٿا ٿيو. توهان جيل گزيٽ جون خبرون پڙهيون، مون انهن ۾ شهہ سُرخيءَ واري خبر پڙهائي آهي". ان تي ممتاز پاڻ بہ کلي پيو. "معاف ڪجو مان واقعي ٿورو وڌيڪ جذباتي ٿي ويس". وري بہ ممتاز پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو: "ڪامريڊ شبير شر اسان جيل ۾ وينا آهيون، جتوئي ايڏا الزام هجڻ جي باوجود بہ ريسٽ هائوس ۾ نظر بند آهي ۽ جنرلن سان ملاقاتون بہ ڪري رهيو آهي، هيءُ يار عوام جو نہ پر جنرلن جو يار آهي. جڏهن جتوئي آمريڪا مان موٽيو هو تہ هن آمريڪين جي حق ۾ بيان ڏنا هئا. جڏهن تحريڪ شروع ٿي، تڏهن جتوئي پ پ جي سموري وڏيرڪي قيادت کي چيو هو تہ بس چند ڏينهن جي ڏونا ڪنداسون ۽ پاڻ کي اقتدار ملي ويندو، پر عوام تہ ٻريو ويٺو هو، سو ان تہ ٻيڙ ٻڙڪائي ڇڏيا. ان جو اندازو تہ پاڻ جتوئي کي بہ نہ هو. تحريڪ تہ جتوئي جي هٿن مان ئي نڪري وئي آهي. اُها هاڻ عوام جي هٿن ۾ آهي. جنهن سبب جتوئيءَ جون ننڍون ڏٽي ويون آهن".

هن چيو تہ: "جتوئي مارشل لا لڳڻ واري ڏينهن کان مارشل لا جو حامي هو، هن کي هڪ ڏينهن بہ جيل ۾ نہ رکيو ويو. مان پورا ٽي سال جيل ۾ هئس". ممتاز چيو تہ: "جتوئي ڪنهن بہ صورت ۾ عوام سان گڏ ناهي. هُو مارشل لا وارن سان گڏ آهي. اسان جي ڳوٺ تي مارشل لا وارن حملو ڪري

گهرن جا دروازا پيڇي درزن کن ماڻهو شهيد ڪري ڇڏيا آهن. گهرن جي تلاشي دوران ڪراڙا بار ۾ عورتون وڻن هيٺان ويٺيون رهيون. اهڙي صورت ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي افواهه پکيڙي پاڻ کي هيرو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. شر صاحب، هُو منافق ماڻهو آهي، هُن جي افواهن تي ڪن نه ڌيو".

ممتاز پٹو کان موڪلائي واپس 23 نمبر بئرڪ ۾ آيس. جتي خبر پئي ته پي اين پي جو سربراهه مير غوث بخش بزنجو نظر بندي ٽوڙي روپوش ٿي ويو آهي، ۽ هن اعلان ڪيو آهي ته هاڻ هُو پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحد تي گرفتاري پيش ڪندو. هن کان پهريان اين ڊي پي جي سربراهه خان عبدالولي خان به اهڙو اعلان ڪيو هو. پوءِ هن کي به ڪٹي ويجي، سندس گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو آهي. اين ڊي پي وارا هڪٻئي کي چئي رهيا آهن ته پي اين پي وارا اين ڊي پي وارن کان وڌيڪ ڊانڊرس نڪتا.

اڄ اسان جي بئرڪ مان امام بخش بلوچ ۽ شاهد رضوي کي مارشل لا اختيارين آزاد ڪري ڇڏيو. هنن جي وڃڻ بعد مختلف رايا ٿيندا رهيا ته هو معافي ونې ويا آهن يا سرڪار جي ڊري ٿي وئي آهي.

25_10_1983

هتي جيل ۾ ڪميون سسٽم ناهيو ويو آهي، جنهن جي ذريعي بئرڪ ۾ ڪم ڪار وغيره ڪڏيل طريقي سان ڪيو ويندو آهي. پ پ ليبر بيورو جي صدر ولي محمد لاسي کي ان جو چيئرمين ناهيو ويو آهي. اهو سسٽم اسان جي ساٿين جاويد شڪور ۽ ڊاڪٽر اعزاز نذير وارن جو شروع ڪيل آهي. ان کانپوءِ امر لال ان کي جاري رکيو آيو جنهن کي ايمر آر ڊي جا قيدي اڃڻ بعد حيدرآباد جيل بدلي ڪيو ويو آهي، پر ولي محمد لاسيءَ کي اسان جي ڪميونسٽ ساٿين جي جيل ۾ رهڻ ڪرڻ جو طريقو پسند آهي. سو هن به هتي اهو ئي طريقو اختيار ڪيو آهي. سيئي ملاقات تي آيل سامان چيئرمين وٽ جمع ڪرائيندا آهن ۽ پوءِ گڏجي ورهاست ۽ ضرورت آهر استعمال ڪندا آهن. هڪ اڌ وڏن ماڻهن کي ڇڏي ڪري، جن جي ماني گهران ايندي آهي، باقي سياسي قيدي گڏجي ماني کائيندا آهيون. ماني

پچائڻ لاءِ جيل وارن طرفان ٻہ قيدي برداشتي (بورچي) طور مليل آهن. جيڪي رڌ پچاءَ جو ڪم ڪندا آهن. باقي واري واري تي سياسي قيدي ان جي نگراني ڪندا آهيون.

26_10_1983

اڄ مونکي بخار ٿي پيو آهي. جنهن سبب مان نہ ملاقات تي وڃي سگهيس ۽ نہ ڪائي ڪچهري ڪري سگهيس. پروفيسر جمال جي ڪوليءَ تي وڃي نيرن ڪيم. پوءِ ڪمال وارثي جيل جي ڊاڪٽر وٽ وٺي هليو. اتان دوا وٺي اچي وري ٻہ ڪوليءَ ۾ سمهي رهيس. ٻئرڪ ۾ سڄي رات گوڙ گهمسان هلندو آهي. ان ڪري ٻہ ننڊ ئي نٿي اچي. ٻيو تہ پکا گهٽ هجڻ ڪري مچر ٻہ سمهڻ نٿا ڏين.

27_10_1983

بخار ايڏا ٻہ آهي. پي اين پي جي دوستن ٻڌايو تہ اڄ ٻہ وڳي ڪانپور هنن نيو جيل ۾ جلسو رکيو آهي. مون سوچيو تہ اِهو جلسو ڏسڻو آهي. ڏسون تہ ان ۾ ڪهڙيون تقريرون ٿيون ٿين. ڪمال وارثي چيو تہ: "102 ڊگري بخار آهي. ان ڪري مان کولي ۾ سمهي آرام ڪريان". مون چيو تہ: "ائين نہ ٿيندو. مان جلسو ضرور ڏسندس". جلسو شروع ٿيو تہ پي اين پي ۾ شامل شاهہ محمد شاهہ جي گروپ. جن ۾ قمر راڄپر. ڊاڪٽر ستار راڄپر ۽ آدم چانڊيو وارن اسٽيج تي ڪنٽرول ڪيو. قمر راڄپر تقرير ڪندي چيو تہ: "اسان هندستان ۾ هلندڙ سکن جي علحيدگيءَ واري تحريڪ جي حمايت ڪريون ٿا". ڪيڏانهن مُنهن مريم جو ڪيڏانهن رهيو الهيار. اتي پ پ وارن نعرا هڻڻ شروع ڪيا تہ: "پاڪستان جي غدارن تي لعنت". حسن علي لغاري تقرير ڪرڻ شروع ڪئي تہ پروگريسو جيئي سنڌ وارا "جيئي سنڌ" جا نعرا هڻندا جلسي مان واڪ آئوٽ ڪري ويا. انهن پنيان جيئي سنڌ محاذ وارا ٻہ هليا ويا. سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو صوفي حضور بخش ٻہ پنهنجي ماڻهن سميت اُٿي هليو ويو. هاڻ خبر پئي تہ صوفي حضور بخش ۽ قاسم پٽر جي هاري ڪميٽي ڪهڙن ارادن سان سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿي آهي ۽ سڄي مرڪزي قيادت تي قبضو ڪري ورتو آهي. غلام

رسول سهتي جا تڪڙا ۽ جذباتي فيصلا سڀائين پارٽيءَ کي ڳڇيءَ پوندا رهندا آهن. هي نعرا هٽي رهيا آهن ته پهريان سنڌ جو مسئلو حل ڪريو جمهوريت بعد جي ڳالهه آهي. اسٽيج سيڪريٽري حسن علي لغاري جلسي کي جاري رکيو سنڌو ديش جي حامين جي وڃڻ بعد جلسو نيڪ طرح سان هلي پڄاڻي تي پهتو. عوامي تحريڪ وارا انور سومرو، ايوب انڙ، عطا دل، اسماعيل اداسي ۽ احمد خان جمالي سميت آخر تائين وينا رهيا. امداد چانڊيي تمام زوردار تقرير ڪئي. هن قومپرستن جي سازش کي وائکو ڪيو ۽ موجوده سياسي صورتحال جو تجزيو بهترين انداز ۾ پيش ڪيو. جنهن سبب جيڪا ماحول ۾ بدمزگي پئدا ٿي هئي، اها نه رڳو ختم ٿي پر ان ماحول کي بهتر بڻائي ڇڏيو. هڪ ان ڊي پي جي ڪراڙي نعرا هٽايا. "تنهنجو ساٿي منهنجو ساٿي، جام ساقي". مولانا احترام الحق ٿانوي سنجيده تقرير ڪرڻ بدران شروع ۾ لطيفن کان ڪئي. ته ختم ۾ لطيفن تي ڪئي. ممتاز پٺي چيو ته: "هتي جا جنرل آمريڪا جا پگهاردار آهن، ان جي ئي حڪم تي ذوالفقار علي ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو. ۽ اڄ ۾ آمريڪي پاليسي تي عمل ڪندي جمهوريت جي بحاليءَ واري جدوجهد کي چيپاڻڻ لاءِ پرپور طاقت جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. هتي ٽيپ رڪارڊر ۽ ڪئميرائون نظر آيون، ائين لڳو جڻ آزاد فضا جو جلسو هجي.

28_10_1983

اڄ مان مڪمل طور تي نيڪ ٽيو آهيان ۽ بخار ڇڏيو آهي. سهيل سانگي چيو: "هل ته 15نمبر وارڊ هلون". اهو ٽورو پرپرو آهي ۽ ڪافي پنڌ ڪرڻو پوندو آهي، جتي امداد چانڊيو محمد خان سولنگي ۽ شير مگريو رهندا آهن. اُتي انجنيئر لال سان ڪچهري ڪري رهيا هئاسون، ته ڊسٽرڪٽ بار ڪراچيءَ جو صدر عبدالحفيظ لاکو ۽ جنرل سيڪريٽري اختر حسين ۾ اچي ويا. ڪافي دير تائين ايم آر ڊي جي تحريڪ جي تسلسل ۽ ٽڏي ٽيڻ بابت بحث هلندو رهيو. مجموعي طور تي اِها راءِ بيني ته هاڻ پل تحريڪ جو هيءُ مرحلو ٽڏو ٿي ۾ وڃي، هي قسط جي ڊپ، ضياءُ جي مارشل لا هرگز کٽي نه سگهندي.

31_10_1983

ڪجھ ڏينھن کان سرڪاري ايجنٽن جيل ۾ افواھ پکيڙي ڇڏيو آھي، تہ ڪجھ قيدين جي لسٽ تيار ڪئي وئي آھي، جن کي فوجي اذيتون ڏيڻ لاءِ ٽارچر ڪئمپ ڪٽي ويندا، جتي کين اذيتون ڏئي معافي نامہ لکرايا ويندا. ان کان اڳ بہ فقہ نفاذ جعفريہ جي ھڪ اڳواڻ کي ڪٽي ويا ھئا. اتي سياسي قيدي چڙي پيا آھن ۽ ھڪ ايڪشن ڪميٽي ٺاھي وئي آھي، جنھن جي ھنگامي گڏجاڻي بہ سڏائي وئي آھي. جنھن بعد سڀ سياسي قيدي جيل جي گيٽ سامھون گڏ ٿيندا، پوءِ تہ گيٽ سامھون سوين قيدي گڏ ٿي ويا. پ پ جي گروپن جا اڳواڻ بہ اچي احتجاجي ميڙاکي ۾ شامل ٿيا، پيار علي الانا، الھ بچايو لغاري، عبدالله بلوچ، سيد امداد شاھ بہ آيا، جن ممتاز پٺو جي سامھون گذرڻ باوجود ھن سان ھٿ نہ ملايو.

ان دوران ڪراچي بار جي صدر عبدالحفيظ لاکي کي چيو ويو تہ ھو قيدي عوام کي خطاب فرمائي. ھُن يار جو قد ساڌا چار فوٽ آھي پر آواز ڏھن فوٽن جيترو اٽس، سو ھن خطاب کان پھريان مارشل لا ۽ فوجي جنتا خلاف زوردار نعرا لڳرايا. ھتي جو قيدي عوام ايترو جذباتي ٿي ويو جو اھو مارشل لا وارن کي ڪچيون گاريون بہ ڏيڻ لڳو. وڪيل عبدالحفيظ لاکي زوردار تقرير ڪندي جيل وارن کي چتاءُ ڏيندي چيو تہ: "24 ڪلاڪن اندر جيل مان ڪنيي ڪنيل پ پ جي جھوني ڪارڪن عثمان ٻڌا کي واپس نہ آندو ويو تہ جيل جون پتيون پوري ڇڏيندا سون". ھن چيو: "ٻڌو پائرو! اڄ ھي 80 سالن جي ڪُراڙي پ پ ڪارڪن عثمان ٻڌي کي ڪٽي ويا آھن. جيڪو دل جو مريض آھي. سياڻي مونکي ڪٽي ويندا، پرينھن توھان مان ڪنھن ٻئي کي، پر اسان ھن راکاس جو پيٽ ڦاڙي ڇڏيندا سين، وڌيڪ ڪو بہ ساڻي ڇڙڪائڻ نہ ڏيندا سون". پوءِ تہ نعرا شروع ٿي ويا، "سرخ ٻني سرخ ٻني، ايشيا سرخ ٻني". مون ڏٺو تہ نعرا اسان جي ساڻين، صديق بلوچ، ناصر بلوچ ۽ محمود بلوچ شروع ڪيا تہ سڄو گرائونڈ "سرخ ھئي سرخ جي نعرن سان گونجڻ لڳو". عبدالحفيظ لاکي چيو: "ھا اسان ھنن جنرلن کي سرخ رنگ سان رڳي ڇڏيندا سون". انھن نعرن سان سڄو جيل گونجڻ لڳو چو تہ عام قيدي بہ پنھنجن ٻڙڪن مان ساڳيا ئي نعرا ھڻڻ لڳا.

01_11_1983

اڄ مان ڇهه ڏينهن ڪمال وارثيءَ جي ڪوليءَ ۾ رهڻ بعد واپس بئرڪ نمبر 23 ۾ آيو آهيان. ڪمال سان گڏ سنڌس هڪ عزيز حشمت وارثي به آهي. هنن بخار دوران منهنجي ڏاڍي خدمت ڪئي. گهر جهڙو ماحول مهيا ڪري ڏنائون. هُو ٻئي ڇٽا ڇهه ئي ڏينهن منهنجي چاڪريءَ ۾ لڳا رهيا. اڄ به هتي واپس اچڻ تي دل ئي نه ٻئي ڪري. بس ڪاڪو ولي محمد لاسي زوريءَ ونڊي آيو آهي. هن جو مزاج اسان سرخن وارو آهي. پنهنجي پارٽي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي گڏهه ٿو سڏي. چوي ٿو: "هنن ۾ ماڻهپو ئي ناهي. ماڻهوءَ جا ڦر ئي ناهن". مان چوندو آهيانس ته: "پوءِ ڪاڪا اڄ نه ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾. گڏهن جي پارٽيءَ ۾ ڇو وينو آهين...!!؟". چوندو آهي: "بس يار. رڳو شهيد ٿيڻ جو پلاند ٿي وڃي. تيستائين مان هن جي نياڻيءَ جو ساڻ ڏيڻ ٿو چاهيان".

بئرڪ ۾ چؤپول پيو هلي ته جيل وارن کي 24 ڪلاڪن جو جيڪو چتاءُ ڏنو ويو هو اُهو به گذري چڪو آهي پر عثمان ٻدو اڃا تائين واپس ناهي آيو. هاڻ هتي سياسي قيدي به ان مسئلي تي ورهائجندي نظر پيا اچن. عوامي تحريڪ وارا ٿا چون ته: "ماڻهو ته مارشل لا وارا پيا ڪنيپو وڃن. ان ۾ جيل وارن جو ڪهڙو ڏوهه!؟ جي اسان گهٽو گوڙ گهمسان ڪنداسون. ته اسان کي سکر ۽ خيرپور جي جيلن ڏانهن موڪليو ويندو. جتي هن وقت پارو (سخت سردي) پيو پوي. سو چپ ڪري ويهڻ بهتر آهي".

جڏهن ته اسان جي ساٿين جو چوڻ آهي ته: "احتجاج جاري رهڻ کپي. هاڻ مارشل لا وارا هتان ماڻهو ڪنيي دهشت پئدا ڪرڻ ٿا چاهين. هي اطلاع ٻاهر تائين به ويندو ۽ ماڻهن ۾ خوف پئدا ٿيندو اُهي گرفتاريون ڏيڻ بند ڪندا. رسول بخش پليجو جي پارٽي انقلابي پارٽي ناهي. ان جي ورڪرن جي سوچ سطحي قسم جي ۽ غير انقلابي آهي. اسان احتجاج واري عمل کي همٿايون. ته اُهو جاري رهي. حيرت آهي ته وطن دوست ۽ جيئي سنڌ وارا جيلڙ مان ڪنيي ڪنيل قيدين.واري احتجاج ۾ شامل ئي نٿا ٿين! هُو ڪميونسٽ دشمني ۾ اچي چون ٿا ته اصل ۾ ڪميونسٽ پارٽي وارن جي

اِها لائين آهي. ته جيل ۾ جهيڙو ڪرائجي. ته جيئن جيل ۾ گولي هلي ته هو هيرو بڻجن.

02_11_1983

هتي جيل ۾ وڏا وڏا ڏنگ به پنهنجي ٻئين جو پرم به بچائي نٿا سگهن. ڪجهه ڏينهن اڳي وڪيل اڳواڻ سياسي قيدين تجويز ڏني هئي. ته اڳواڻن کي تارچر سيلن ڏانهن کڻي وڃڻ واري عمل جي مزاحمت ڪرڻ گهرجي. ان سان پ پ اندر ئي ڏڦيڙ پئجي ويو آهي. ان مسئلي تي پ پ وارا ورهائجي ويا آهن. جهوني سياستدان ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ساٿي. پ پ جي باني ۽ سينيئر وڪيل قاضي محمد بخش ڏامراهه به وڪيلن جي ان راءِ سان سخت اختلاف ڪيو ته: "وڪيل ڪير ٿيندا آهن. جيڪي پنهنجا فيصلا اسان مڙهي رهيا آهن ۽ اسان جي راءِ ئي نٿا ونڻ! سو اسان کي هنن جو احتجاج ڪرڻ وارو فيصلو هرگز قبول ناهي". ان تي عبدالحفيظ لاکي ۽ اختر حسين چيو: "جيل جي سپرنٽينڈنٽ قاضي ممتاز صاحب کي گهرايو ته هي وڪيل سندس لاءِ مسئلا پيا پئدا ڪن. انهن کي روڪ". قاضي ڏامراهه پهريان ته ڪيس انڪار ڪيو ته: "تون هتان فوجين کي ماٺهو ڇو ٿو ڪٽي ڏين.!؟ اسان جو سامان ٿو اچي. تنهنجو اسٽاف موڪلي ٿو ڇڏي". ان تي هن ڊپٽي جميل کان پڇيو ته: "قاضي صاحب جي شڪايت آهي. اها اڳتي نه ٽيڻ ڪپي". ڊپٽي سپني جي سامهون چئي ڏنو ته: "ٻيو ته سامان ڪونه روڪيندا آهيون. قاضي صاحب جو شراب جو ڪريٽ آيو هو اُهو روڪيو هو". ان تي قاضي ممتاز چيو: "اڙي پئي ڏيندا ڪريو پيا ڪنيون ٿا وڃن. باقي قاضي صاحب جهڙي سينئر سياستدان جو شراب ٿا روڪيو" بس قاضي محمد بخش اتان موٽيو آهي ته اسان جي خلاف باهه ٻاري ڇڏي اٽائين. هاڻ عثمان ڀيدو مري يا بچي...! پ پ جي قيادت جو شراب جيل ۾ به جاري رهندو. ان بعد جيل سپرنٽينڈنٽ قاضي ممتاز ڪميٽي ميمبرن کي گهرائي جواب ڏئي ڇڏيو ته توهان کي جيڪو ڪرڻو آهي. سو وڃي ڪريو. باقي هُو عثمان ڀيدي کي واپس نڻو گهرائي سگهي. واپسيءَ تي ڪميٽيءَ وارن هنگامي اجلاس گهرايو. جنهن ۾ قاضي محمد بخش ڏامراهه شريڪ نه ٿيو.

نيو جيل مان پي اين پي سان تعلق رکندڙ ساٿي آيا، جن چيو تہ: "قاضي ڏامراھہ سيني کي منع ڪري ڇڏي آھي، تہ نہ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ شامل ٿينداسون ۽ نہ احتجاج ۾". نيو جيل طرفان ڪنھن بہ پ پ واري اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪئي، پي اين پي وارا شامل ٿيا.

ڪميٽيءَ پي اين پي اڳواڻ بي ايم ڪٽيءَ تي ذميواري رکي تہ ھو اسپيشل وارڊ ويجي پ پ قيادت، جن ۾ پيار علي الانا، عبدالله بلوچ ۽ امداد شاھہ شامل آھن، سان ڳالھائي، پر ھن کي سنتري اڳتي وڌڻ نہ ڏنو. ھي پھريون پيرو آھي جو سنتريِ اِھا ھمت ڪئي آھي، چو تہ جيل وارن کي بہ پڪ ٿي وئي آھي تہ سياسي قيدين ۾ اختلاف ٿي ويا آھن، ۽ ھاڻ اُھي چڑويڙ ٿي چڪا آھن. جيل جي سپرنٽينڈنٽ ممتاز قاضي ايڪشن ڪميٽي جي ميمبرن کي سڏائي چيو تہ ھو پ پ جي جھوني ڪارڪن عثمان ٻڊي کي آءِ ايس آءِ جي ٽارچر سيل مان واپس نٿو گھرائي سگھي. ان بعد واپس اچي ايڪشن ڪميٽيءَ وارن گڏجاڻي گھرائي، جنھن ۾ پ پ جو باني اڳواڻ قاضي محمد بخش ڏامراھہ شريڪ نہ ٿيو ۽ نيو جيل ۾ قيد پ پ جو ڪو بہ ڪارڪن ۽ اڳواڻ بہ نہ آيو. پر پي اين پي جي گروپ شرڪت ڪئي. ھنن چيو تہ: "نيو جيل ۾ قاضي محمد بخش ڏامراھہ اعلان ڪيو آھي تہ ايڪشن ڪميٽي ۾ ڪراچي بار ۽ ڪمنيونسٽن جي اڪثريت آھي، اُھي جيل ۾ فساد ڪرائڻ چاھين ٿا ۽ اھڙي صورت ۾ فوج جيل اندر داخل ٿيندي ۽ گولي ھلندي (واھہ ڙي واھہ، شراب تنھنجون ڪرامتون).

ڪوليءَ ۾ بند ٽيڻ ڪانپوءِ رات جو 7 وڳي ممتاز پٺو دروازي تي آيو جنھن ٻڌايو تہ: "ايم آر ڊي قيادت فيصلو ڪيو آھي، تہ پ پ جي جھوني ڪارڪن عثمان ٻڊي جي واپسيءَ تائين بک ھڙتال ڪئي ويندي سياڻي کان پٺو واپس ڪيو ويندو سواءِ چانھہ پاڻي ۽ سگريٽ جي بي ڪا بہ شئي واپرائي نہ ويندي". ھن جي وڃڻ بعد جمنگويون ٽيون تہ ليڊر کولين ۾ بند آھن، ھنن کي ڪير ڏسندو ويل اسان سان ٽيندو. بہ نوان قيدي بہ آيا آھن، پي اين پي جو حسيب الله بھاري ۽ پ پ جو رياض.

03_12_1983

جيل ۾ افواهه پکيڙيو ويو آهي، ته پ پ جي جهوني ڪارڪن عثمان ٻدي کي ملٽري وارن آزاد ڪري ڇڏيو آهي. پ پ قيادت ان ڳالهه تي يقين ڪري ڪميٽي ٽوڙي ڇڏي آهي. اسان جي سنگت ٻه چيو ته: "جڏهن مالڪ ئي مالڪي نٽا ڪن، ته پوءِ اسان کي ڪهڙو مٽي جو سُور آهي...!؟ اسان جيل وارن سان جهيڙو ڇا لاءِ ڪريون؟

15_11_1983

هتي مسئلو اِهو آهي ته جيل ۾ سياسي قيدي ڪيترا آهن؟ وري انهن ۾ سياسي تعليم ۽ سياسي ذهن رکندڙ ڪيترا هوندا؟ پ پ اُها پارٽي آهي، جنهن جي نه باقاعدي تنظيم ڪاري آهي ۽ نه ڊسيپلين. ايجنسين جا ماڻهو ٻه گهڙي اڇي ويهي ٽا رهن، جيڪي روزانو فتنو ۽ فساد پکيڙي پ پ جي ڪارڪنن کي پاڻ ۾ ويڙهائي رهيا آهن.

هتي موجود پ پ قيادت ٻه انهن جي سچاڻپ ڪرڻ کان قاصر آهي، ته ان قسم جا ماڻهو سندن پارٽيءَ جي ڪهڙي يونٽ، يوسي يا گروپ سان تعلق رکن ٿا. هتي پ پ جي ڪارڪن هجڻ جي دعويٰ ڪندڙ اڪثر ڪرمنل قيدي آهن، جيڪي سياسي قيدين وارا فائدا ونڊڻ لاءِ، جيل اندر ئي پ پ وارا هنن کي پارٽيءَ ۾ شامل ڪري جيل جو ماحول خراب ڪري رهيا آهن.

20_11_1983

جيل ۾ هاڻي جلسن ڪرڻ وارو رجحان وڌي رهيو آهي، روزاني ڪا نه ڪا پارٽي پنهنجو جسلو ڪندي رهي ٿي، پر عوامي تحريڪ وارا گهٽو ڪري انتشار پئدا ڪرڻ ۽ نفرتن واري سياست کي وڌيڪ پڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، جن ۾ ايوب انڙ گهٽو ئي اڳيرو نظر ٿو اچي. اسان جي دوستن جو خيال آهي ته اسان کي هنن جي فتني بازي کان پري رهڻ گهرجي، ورنه هو چاهين ئي اِهو ٿا ته فتنو پئدا ڪري پنهنجي ڪارڪن لڏي کي اسان کان پري رکن، جو هنن کي اسان وارو نظريو وڃڻندڙ بيماريءَ جيان لڳي ٿو.

مان ٻنهڑن جو ملاقات تي ويس تہ ماڑيءَ ۾ ناصر بلوچ مليو. هن چيو سندس مائٽ ۽ همنوا قيدي رسول بخش عرف لاهوتيءَ وٽان هيروئن نڪتي. هتي ان کي بند وارڊ ۾ رکيو ويو آهي. هن جي زال ۽ ٻار روئن ٿا. کيس بند وارڊ مان ڪڍي ملاقات ڪرائين". مون کيس چيو: "يار توهان پ پ وارا گهٽا آهيو. توهان ڳالهايو". هن وراڻيو: "توهان چئو پارٽيءَ وارا چوڻ نٿا مڃن". ناصر بلوچ جهاز اغوا واري کيس ۾ بند آهي ۽ لاهوتي تي به جهاز اغوا ڪندڙن جي مدد ڪرڻ جو الزام آهي. مون سپرنٽينڈنٽ اوکاش کي درخواست ڏني. تہ هن چيو: "هي سڌري ئي نڪو جيل ۾ هيروئن ۽ چرس کپائيندو ٿو رهي. في الحال هن کي رهڻ ڏيو".

25_11_1983

بدر ابڙي اسٽيج ڊرامو لکيو. جنهن ۾ مان اداکار ۽ هدايتڪار جو ڪردار نپايو. محمد خان سولنگي. امداد چانڊيي. قادر بخش جنگئي. فيض سوهو. علي حسن چانڊيي ۽ ٻين ان ۾ ڪردار ادا ڪيو. فقير اقبال هيسباڻي ڪرنل جو رول ادا ڪيو. فيض سوهو ميجر جو ۽ امداد چانڊيي. محمد خان سولنگي. شير محمد مگريي. ۽ علي حسن چانڊيي اڳواڻن جو ڪردار ادا ڪيو. ڊاڪٽر جبار خٽڪ ٻڌڪ گرائونڊ ۾ ٽيپ ذريعي سُوتي اثرات ڏئي فائرنگ جا آواز هلايا. جنهن سان گڏ پوليس لائي چارج ٻ ڪئي. جيڪي حقيقي سِين ٽي ويا آهن _ قيدين کي ڏاڍا پسند آيا. ان جو اثر اِهو ٿيو تہ جيڪي سياسي قيدي معافي ناما لکي رهيا هئا. اُهي بند ٽي ويا. ان تي جيل ۾ ٻ وڏي ڏڙڏوڙ آهي. جو مارشل لا اختيارين ان جو سخت نوٽيس ورتو آهي. هاڻ جيل ۾ اِهي خبرون هلڻ لڳيون آهن. تہ ڪميونسٽن کي ڪنهن ٻئي جيل موڪليو ويندو. اسان چيو: "ٺيڪ آهي. وري نئون جيل نوان سياسي قيدي ڏسنداسون".

30_11_1983

پارتي پنجاب ۾ سکن جي عليحدگيءَ جي تحريڪ زورن تي آهي. هندستان پاڪستان جي مارشل لا اختيارين تي الزام هٽي رهيو آهي. تہ اُهو عليحدگي پسند سِکن جي مدد ڪري رهيو آهي. پارتي سرڪار جو چوڻ

آهي ته: "عليحدگي پسند سِکن کي پاکستان هٿيار مهيا ڪري رهيو آهي". پاکستان سرڪار ان جي تردید ڪري رهي آهي ته: "اِهي رڳو الزام آهن. هُو پنهنجي گهر جو مسئلو پاڻ حل ڪن". بهرحال، سِکن جي اڳواڻ بندران والا پارتي سرڪار کي ڏاڍو سوڙهو ڪيو آهي ۽ گولڊن ٽيمپل ۾ مورچا ناهي، پارتي فوج سان جنگ جوتي بيٺو آهي.*

26_06_1984

لڳاتار ايم آر ڊي جي تحريڪ ٽڏي ٽيندي پئي وڃي ۽ پ پ سان تعلق رکندڙ وڏيرا، جن ۾ رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي جي حڪم جي بجا آوري ڪندي گرفتاريون پيش ڪيون هيون، سي رئيس جو نيابو ملڻ تي ڏڙا ڏڙ معافي ناما لکي جيلن مان آزاد ٿي رهيا آهن. سياسي قيدين جو تعداد صفا گهٽجي رهيو آهي. جنهن ڪري ايم آر ڊي جي سياسي ڪارڪنن جي بئرڪن ۾ اچي پناهه ونندڙ ڪرمنل قيدين تي جيل وارن زوردار تشدد شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن سان بند وارڊ ۾ري ڇڏيا آهن. جيل سپرنٽينڈنٽ اوڪاش شيخ جيڪو اصل شڪارپور جو آهي، اصل انتهائي حد تائين ڪريل ۽ انتهائي حد تائين ڪمينو ماڻهو آهي. غريب قيدين لاءِ شغال شاهه جي شڪري جيان رڙ ٻاري ڏنو اٽائين. هُو اسمگلرن ۽ سرندي ۽ وارن کان پئسا وٺي کين هر قسم جون سهوليتون ڏيو ويٺو آهي. اخبارن کي خبرون موڪليون ٿا، ته اُتي سخت سينسر لڳل هجڻ ڪري ڪا خبر ئي نڪي اچي. هڪ ٻه پيرو هلال پاڪستان جو رپورٽر نصير اعجاز ملڻ آيو آهي. هن کي ٻه جيل ۾ هلندڙ تشدد جي باري ۾ ٻڌايو آهي، پر هُو ٻه لڳي ٿو ته سينسر جي اڳيان لاچار آهي.

28_06_1984

پ پ هائيجيڪنگ ڪيس جو فيصلو آيو آهي، جنهن ۾ ناصر بلوچ، ملڪ ايوب ۽ سيف الله خالد کي موت جي سزا ڏني وئي آهي، ۽ عيسيٰ بلوچ کي عمر قيد، باقي رسول بخش لاهوتيءَ کي آزاد ڪيو ويو آهي.

---

* (نوٽ: هڪ جيل کان ٻين جيلن ڏانهن لڏپلاڻ ۽ جيل جون ڀائريون صحيح هٿن تائين نه پهچڻ سبب ڊسمبر 1983ع کان جون 1984ع تائين جون ڀائريون مون وٽ موجود نه هجڻ ڪري اِهو دؤر هن ڪتاب مان غائب رهندو)

29_06_1984

ڪنهن چيو: "صبح عيد آهي، عيد مبارڪ"، هنيلن ڏيڏين چيو: "جڏهن ڏيهه تان ڏڪاريا ويندا ۽ زندانن جون ديوارون ڍهي پٽ پونديون ۽ ملڪ تان راڪاس جو راڄ ختم ٿيندو ملڪ جو عوام آزاديءَ جو جشن ملهائيندو پنهنجون عيدون به تڏهن ٿيندون پيارا. هي ديوارون دهشت ۽ بربريت جا پرم وڃائي ويٺيون آهن، سو پنهنجون هن ماحول ۾ ڪهڙيون عيدون پيارا". عيدون باهر به ٿيندون هونديون، پر جيل جي عيد جو مزو ئي نرالو آهي.

30_06_1984

انسان جتي به رهندو، پل اُهو قيد خانو ئي هجي، اُتي انسانيت وارو ماحول بڻائي رکندو آهي. عيد جي موقعي تي هتي قيدي پنهنجي يارن دوستن سان عيد ملڻ سان گڏوگڏ هڪٻئي جون دعوتون به ڪندارهن ٿا، ته جيئن جيل ۾ گهٽ ۽ بُوسٽ وارو ماحول نه رهي، اهي پنهنجي ڪولين ۽ بئرڪن کي به هڙان وڙان ڏئي رنگ روغن پاڻ ئي ڪرائيندا آهن. اسان کي اڄ غير سياسي قيدين اچو چڪر ۾ عيد جي دعوت ڏئي گهرايو. جن ۾ علي خان ملوڪاڻي ۽ جاني شيخ شامل آهن. هنن جي ڪوليءَ کي نئون رنگ ڏسي مون پڇيو ته: "هي جيل وارن ڪرايو آهي؟" هنن چيو: "ڪرايو جيل وارن آهي، پر في قيدي 50 رُپيا وصول ڪيا ويا آهن، سو ان بهاني به جيل وارا قيدين مان لکين رُپيا ڪمائي ٿا وٺن". هنن اسان کي ڳوٺ کان آيل هٿ جون ٺهيل سيُون، اصلي گيهه ۾ تري کارايون، وڏي عرصي کانپوءِ هٿ واريون سَويون کائي امڙ جي هٿ جون ناهيل سيُون ياد اچي ويون. پوءِ هنن پنهنجي حال آهر جيل جا ڳائڻا گهرائي راڳ رنگ جي محفل جو به مزو ونرايو. هنن جي فرمائش تي امداد چانڊيو، محمد خان سولنگي ۽ شير مگريو انقلابي گيت ٻڌائي ماحول کي گرمائي ڇڏيو. سياسي قيدين جي رهڻ ڪري هنن عام قيدين ۾ به سياسي جاڳرتا اچي وئي آهي، اُهي به انقلابي جدوجهد سان جڙڻ لڳا آهن.

پوءِ آخر ۾ قيدي رمضان غلام حيدر گودڙيي فقير شر جو ڪلام "ريءَ سرمي تکبير وجهن ٿيون"، ڳايو. ڏاڍو سُريلو آواز آٿس. ان دوران هڪ چريو

قيدي بہ اچي ويهي رهيو جيڪو ڀائڙ ختم ٿيڻ بعد رمضان کي چوڻ لڳو: "تنهنجا ڏند ڏاڍا سڻا آهن". علي خان ملوڪاڻي چيس: "تون بہ ڀاءُ". ڪيس ورندي ڏيندي چيائين: "مان ڀائيندو نہ آهيان. پر مان شارٽ اسٽوري رائيٽر آهيان". اسان جا ڳن ڪڙا ٿي ويا. هي چوي چا پيو...! علي خان چيس: "هل شارٽ اسٽوري ٿي ٻڌاءِ". هن ٻڌائڻ شروع ڪئي: "مان جامشورو يونيورسٽيءَ ۾ هئس. اتي ايس اين ايس ايف جو چوڪرو هوندو هو گبول. جنهن منهنجي دوا ڪرائي هئي. پوءِ ان چوڪري کي فوج گرفتار ڪري وئي. پوءِ هن کي ڏاڍا ايذاءُ ڏئي ماري ماري ڇڏيائون". امداد چانديي چرڪ پريو ۽ پچيائينس تہ: "ڪير آهين...!؟ نالو چا اٿئي؟". هن ڇهندي ۽ ڇڪيندي لفظ اچاريا: "مشتاق ملاڻي". امداد کان بہ دانهن نڪري وئي. اڙي مشتاق آهين چا...!!؟ امداد چيس: "مون کي سڃاڻين ٿو". هن چيو: "ياد نٿو اچين".

چريئي کان وري امداد سوال ڪيو: "تنهنجي ميڊيڪل ۾ داخلا نٿي سگهي هئي نہ؟" هن چيو: "ها سائين! نٿي سگهي هئي". امداد چيو: "هي ٻٽو ڏکيل آهي. هڪ تہ پڙهڻ ۾ ڏاڍو محنتي هوندو هو ۽ محنت باوجود ميڊيڪل ۾ داخلا نٿي سگهيس. ٻيو تہ هن عشق بہ ڪيو ـ هن کي ان ٻٽي ڏک شايد زماني جون گهوماتيون ڏئي ڇڏيون آهن". امداد پچيس: "ڪهڙي ڪيس ۾ هتي آهين" چيائين: "رات جو آيس پئي. پوليس سڃاڻپ کارڊ پچيو. جيڪو مون وٽ نہ هو. پوءِ هنن جيل موڪلي ڇڏيو" جاني شيخ چيس: "چرس جو هُيئي؟" چيائين: "ها ٿوري ذري هئي. حرامي اُها بہ کسي ويا" پوءِ امداد کان پچيائين: "تو وٽ چرس آهي. اُٿي تہ چرس جو هڪڙو سگريٽ پيار". "امداد پچيس: " "چرس تي ڪنهن هيرايئي؟". هن چيو: "عنايت بلوچ. هُو ميڊيل ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ هاسٽل ۾ رهندو هو. هن مونکي چرس پياريو". امداد چيس: "تون اديب آهين. هتي توکي موقعو مليو آهي تہ چرس ڇڏي ڏي ۽ پاڻ کي سڌار. وري هتي ئي شارٽ اسٽوريون لکڻ شروع ڪر". هن امداد کي چيو: "چريا وارڊ مان تہ ڪيرايو. چريا رڙيون ٿا ڪن. سمهڻ ئي نٿا ڏين".

امداد چانديي چيس: "تون چرس ڇڏڻ جو واعدو ڪر. تہ توکي

چريا واردِ مان ڪيرايون ٿا. جي نيڪ ٽي هلندين تہ اسان توکي پاڻ سان گڏ بہ رهائينداسون". هن چيو: "واعدو آهي، مان هاڻ چرس نہ پيئندس، مونکي رڳو چريا واردِ مان ڪيرايو". هي آهن اسان جا اديب، جيڪي جيئري جاڳندي جناتي ڪهاڻين جا ڪردار بڻجي ٿا وڃن. امداد پُڇيس: "مانيٽي اوٽي کي سڃاڻين؟" هن چيو: "ها"، امداد چيس: "ڪٽي مليو آهينس؟"، چئي: "جامشورو ۾"، امداد چيس: "مانيٽي اوٽي ڪجهہ عرصو اڳ آپگهات ڪري ڇڏيو توکي خبر ئي نہ آهي...!؟". جنهن تي هُو ڪجهہ ششدر ٿيڻ پوءِ وري پڇياٿين: "نذير عباسي بڏو آهي تہ جيل ۾ آهي؟". اسان پڇيو تہ: "ڪهڙي جيل ۾ آهي؟"، چياٿين: "چون ٿا تہ لاهور واري جيل ۾ آهي" مشتاق کي اسان پنهنجي واردِ ۾ وٽي آياسون، اتي هن کي وهنجاري پنهنجا صاف ڪپڑا پهرايا سون، هن کي ماني کارائي سون، ايان مڪمل چريو نہ ٿيو آهي، هن کي بچائي سگهجي ٿو. پوءِ امداد هن کي پنهنجي واردِ ۾ ڇڏي موٽي آيو پر ڏاڍو بور نظر آيو.

01_07_1984

بي بي سي جي خبر آهي تہ هندستان جي قبضي واري ڪشمير ۾ فاروق عبدالله جي حڪومت ختم ڪري، اتي ان جي سؤٽ کي ڪشمير جو نئون وڏو وزير مقرر ڪيو ويو آهي. هندستان جڏهن بنگلاديش کي پاڪستان کان آزاد ڪرايو هو تڏهن پاڪستان جا ارادا ٻيا هئا تہ ان وقت جي ڪشميري اڳواڻ فاروق جي والد عبدالله کي اعتماد ۾ وٺي، ڪشمير تي حملو ڪجي. پارٽي سرڪار ان ارادي کي مٽي ۾ ملائڻ لاءِ، عبدالله کي راضي ڪري ڪيس ڪشمير جو وڏو وزير مقرر ڪري، ڪشمير جي حڪومت سندس حوالي ڪري ڇڏي هئي. ان وقت کان وٽي هن وقت تائين ڪشمير ۾ عبدالله کانپوءِ لڳاتار سندس فرزند فاروق عبدالله حڪومت ڪندو اچي، سو اڄ ان جي حڪومت کي ڌاهي وري بہ اقتدار عبدالله جي گهر ۾ ئي رکيو آهي.

اصل ۾ هتي هلندڙ ايم آر ڊي جي تحريڪ جنهن جو ساٿ پنجاب ان کري نہ ڏنو ڇو جو اُها فوجي حڪومت خلاف آهي، ۽ فوج جي جنرلن ۽ جوانن جي اڪثريت جو تعلق بہ پنجاب سان آهي، جي سنڌ جي فوج ۾

اڪثريت هجي ها، ته بنگلاديش نهڙ کانپوءِ ڪڏهن بہ سنڌ سان ڇيڙڇاڙ نہ ڪئي ها ۽ ڪشمير جيان هتي جي ئي حڪومت هجي ها. هتي سنڌين ۾ اهو احساس شدت اختيار ڪري ويو آهي، ته اصل ۾ سنڌ سميت مڙني ننڍين صوبن تي پنجاب جو غلبو آهي. اِهو ئي سبب آهي جو پنجاب سدائين فوجي حڪومتن جو ساٿ ڏيندو رهيو آهي. ممتاز دولتانہ چيو آهي ته: "ايم آر ڊي قيادت پنجاب ۾ ٻيڪ طرح سان تنظيم سازي نہ ڪئي، جنهن سبب تحريڪ ناڪام ٿي". جمعيت علماءِ پاڪستان جي سربراهہ مولانا شاهہ احمد نوراني ۽ چيو آهي ته: "ڪراچي ۽ حيدرآباد جو مهاجر پنجاب ڏانهن واجهائي رهيو هو جڏهن پنجاب خاموش رهيو ته مهاجر بہ ماٺ ڪري ويهي رهيا" اها آهي هتي جي سياستدانن جي سوچ.

02_07_1987

بي بي سي روز جيان اڄ بہ خبر هتان کان شروع ڪئي، ته سنڌ ۾ هن وقت 1971ع واريون حالتون آهن، جنهن سبب اوپر پاڪستان ٽٽي بنگلاديش بڻيو هو. يعني بي بي سي هن جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ کي سنڌ جي عليحدگي پسندن جي تحريڪ قرار ڏئي رهي آهي. جڏهن ته سائين جي ايم سيد هن تحريڪ کي چورن ۽ ڪفن لاهيندڙن جي تحريڪ جو نالو ڏئي چڪو آهي ۽ سنڌ جا قومپرست هن تحريڪ کان ڪوهين ڏور ٻيٺل آهن. شهيد پٽو خلاف آمريڪي ڊالرن تي پاڪستان جي ٽن شهرن ۾ پي اين اي تحريڪ هلائي هئي، ڪراچي، لاهور ۽ پنڊي، جنهن لاءِ بي بي سي جو رپورٽر مارڪ ٽيلي چوندو هو ته: "اهڙي تحريڪ پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن نہ هلي آهي".

03_07_1984

پنج ڏينهن لڳاتار عيد جون موڪلون هجڻ ڪري اسان دنيا جهان کان ڪٽيل هڪ ڪُنَ ۾ بند رهياسون. محمد خان سولنگي چواڻي ته: "جڏهن ملاقات واري ڪمري ۾ هوندا آهيون ته ائين محسوس ڪندا آهيون، جهڙو اسان باهرين دنيا سان جڙيل آهيون، پر جي ملاقات ناهي هوندي، ته ائين لڳندو آهي، جڙ اسان جاوا ئي اتي هئاسون، باهر سان اسان

جو تعلق هوندو ئي نہ آهي". عيد دوران بہ جيل اندر قيدين سان ڪچهري رهي. پر اصل دنيا کان ڪٽيل رهياسون. اسان سان مٽ مائٽ گهٽ ئي ملڻ ايندا آهن. گهٽو ڪري نظرياتي ۽ پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ دوست ئي ملڻ ايندا رهندا آهن. ڪافي عرصي بعد ٿوٽو چانگ جي قتل ۾ قيد ڪاٽي آزاد ٿيندڙ شاهپورچاڪر جو شفيع محمد شر ملڻ آيو هو هي همراهہ هئا تہ چار پنج پر انهن مان آزاد ٿيڻ کانپوءِ ٻيو ڪو بہ ملڻ نہ آيو. هيءُ غريب ڪڙمي ماڻهو لاڳيتو ملڻ ايندو ٿو رهي. ان دوران علي حسن چانڊيو ۽ نازو عرف نازنئين بہ گڏجي ملڻ آيا. حال احوال ڪي خاص ناهن. علي حسن چانڊيي ٻڌايو تہ: "ايم آر ڊي جي تحريڪ مڪمل طور دم ٽوڙي چڪي آهي. پ پ جي وڏيرڪي قيادت ضياءَ حڪومت سان ناهہ ڪري ورتو آهي. ۽ لڳي ٿو تہ تمام جلد غلام مصطفيٰ جتوئي بہ پ پ کان الڳ ٿي وڃي پنهنجي پارٽي ناهي". ان کانپوءِ ٻيا ساٿي حاجي خان سمون ۽ قادن بہ آيا.

05_07_1984

ڪالهہ شام جو هڪ ننڍڙي گڏجاڻيءَ ۾ صادق عمراڻيءَ ڇيو تہ: "سياڻي 5 جولاءِ آهي. ان مناسبت سان پروگرام ڪجي". سيني جي صلاح سان اڄ 3 وڳي 22 نمبر بئرڪ ۾ پروگرام رکيو ويو. جنهن جي صدارت ڪميونسٽ اڳواڻ پروفيسر جمال نقوي کان ڪرائي وئي. خاص مهمان صادق عمراڻي کي ڪيو ويو. ايم آر ڊي جي تحريڪ ختم ٿيڻ سبب سمورا سياسي قيدي بہ آزاد ٿي هليا ويا آهن. هاڻ هتي اسان. الذوالفقار ۽ هاءِ جيڪنگ ڪيس وارا بچيا آهيون. پروگرام ۾ ڪل 15 سياسي قيدي شامل ٿيا. پروفيسر جمال نقوي. صادق عمراڻي ۽ امداد چانڊيي جي تقريرن بعد پروگرام پڄاڻي تي پهتو.

06_07_1984

پارت مان اغوا ٿي آيل جهاز جي مسافرن کي اڄ آزاد ڪيو ويو آهي. اغوا ڪارن پاڻ کي پاڪستان سرڪار حوالي ڪري ڇڏيو آهي. مسافرن جا تاثرات ريڊيو تان نشر ڪيا ويا. هڪ سڪ چيو: "اسی مٹے پئے ساں، تے بھر رولا ہی گیا". اغوا ڪندڙ ۽ ٿيندڙ ٻئي ڏريون سِڪَ آهن.

مان ماڙيءَ تي ملاقات لاءِ ويس. اتي ظهورالحسن ٻوپالي قتل ڪيس ۾ گرفتار ايئر سمون اندران مارشل لا ڪورٽ مان ٻيڙيون ڪڍڪائيندو ٻاهر نڪتو مان ٻہ اڳتي وڌي وڃي مليومانس. مون پڇيس: "ڪيئن پيو ڪيس هلي؟"، هن چيو: "ڪيس ڪيئن ٻہ هلي. فوجي ڪورٽ آهي. مون کي هر صورت ۾ ڦاسي ايندي". هن اِهي لفظ عام رواجي انداز ۾ چيا. جڙ ڪنهن ٻئي جو قصو ٻڌائيندو هجي. هن چيو: "ٻُڌي کي ڦاسي ڏيڻ ۽ نذير عباسيءَ کي اڌيتون ڏئي شهيد ڪرڻ ڪانپوءِ هي شير ٿي ويا آهن". هن چيو تہ: "مونکي ڦاسي گهاٽ ۾ رکيو ويو آهي. دفاع ڪرڻ لاءِ وڪيل جي ٻہ سهوليت ناهي ۽ نہ ئي ڪنهن سان ملڻ ڏنو ٿو وڃي". پوءِ هن کي سنگهر کان گهليندا ڦاسي گهاٽ طرف ونڻي ويا.

23_07_1984

اڄ شريف گڏاٽي جا بليڪ وارنٽ اڇي ويا آهن. جنهن کي فوجي ڪورٽ سکر جيل ۾ موت جي سزا ڏني هئي. تنهن کي هتي ڪراچي جيل آندو ويو آهي. شايد رات جو ڪنهن ٻہ وقت هن کي ڦاسي چاڙهيو ويندو. صبح جو خبر پوندي تہ چا ٿيو.

24_07_1984

صبح جو سوير شريف گڏاٽيءَ کي ڦاسي چاڙهيو ويو ۽ بعد ۾ هن جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. اڄ صادق عمراٽي کي فوجي ڪورٽ هڪ سال قيد ۽ ڏهہ ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي. لالا اسد ڪيس جي ٻن جوابدارن کي آزاد ڪيو ويو ۽ بي گناهہ ولي محمد سهتي کي 25 سال ۽ 15 ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي وئي. اڄ فدا حسين ڏيرو ۽ شفيع محمد شر ملڻ آيا. اُهي منائي ۽ ميوا کڻي آيا. جيڪي صادق عمراٽي ۽ ولي محمد سهتي کي مليل سزا جي خوشيءَ ۾ آجياٽي ۽ سنگت کي کارائي ڇڏيم.

25_07_1984

اسان اڄ پنهنجي 15 ٻئرڪ کان بي ڪلاس طرف ٻئي ويا سون تہ حوالدار اچي ٻيٽو چئي: "هاڻ توهان 6 وڳي پنهنجي کوليءَ ۾ بند ٿي ويندا ڪريو. چو تہ هاڻ جيل فوج جي حوالي ڪيو ويو آهي. هُو ڏسو ٽاور ڏانهن

فوجي بينا آهن" ان دوران هڪ ميجر به اڇي گذريو هُن جيلر قمر شاهه کان پڇيو: "هي ڇو پيا گهمن؟" جيلر چيس: "شاگرد آهن". پوءِ وري اسان ڏانهن وڌي ۽ پڇڻ لڳو: "ڪهڙي ڏوهه ۾ قيد آهيو؟" اسان چيو: "مارشل لا جي مخالفت ڪرڻ جو ڏوهه آهي". "توهان کي سزا آهي؟" امداد چانڊيي، شير مگريي ۽ محمد خان سولنگي چيو ته هنن کي ست ست سال سزا آهي، جيڪا فوجي ڪورٽ ڏني آهي. مون لاءِ جيلر چيس هن جو فيصلو اڇڻ وارو آهي. پوءِ هو تڪڙو تڪڙو وکون کڻندو ۽ اِهو چوندو ويو. "یہ باغی ہیں ان کو اس طرح چھوٹ نہیں دی دینی چاہیئی"

سپاهي ٻڌايو ته: "شريف گڏاڻي جي پاءُ کي شريف گڏاڻي واري کولي ڦاسي گهات ۾ رکيو ويو آهي، ڇو ته هن پاڻ فرمائش ڪئي ته کيس پاءُ جي کوليءَ ۾ رکيو وڃي. هاڻ اُتي هو ائلا فئلا ڳالهائي رهيو آهي". هُن ٻڌايو ته: "شريف گڏاڻيءَ سان گڏ 3 ٻيا به ڦاسي چاڙهيا ويا، جن ۾ آزاد ملڪ، ڏٽي بخش ۽ امان الله شامل هئا".

27_07_1984

اڄ ڪافي عرصي کانپوءِ بي بي سي ملڪ ۾ سياسي سرگرمين جي خبر ڏني، جنهن ٻڌايو ته لاهور ۾ ايم آر ڊي قيادت جي اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي آهي، جنهن کي فوجي سرڪار ناڪام بڻائڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هلايا آهن. ايم آر ڊي اڳواڻن تي لاهور شهر ۾ داخلا تي پابندي لڳائي ڇڏي. بي بي سي اڻپوري خبر ڏني ته اِها خبر پئجي نه سگهي آهي، ته گڏجاڻي ٿي يا نٿي؟ شايد ايم آر ڊي قيادت 1985ع ۾ ٿيندڙ غير پارٽي عام چونڊن جي باري ۾ ڪو فيصلو ڪرڻ واري هئي يا ٻيهر تحريڪ هلائڻ جي.

29_07_1984

اڄ امداد چانڊيو ماڙيءَ تان امن اخبار کڻي آيو ۽ چوڻ لڳو: "شبير شر ۽ ڪمال وارثي منائي کارايو توهان کي ته فوجي ڪورٽ آزاد ڪري ڇڏيو آهي". عجيب خبر آهي، اسان جيل ۾ وينا آهيون ۽ اخبار اسان کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي...!

"جام ساقی کیس کا فیصلہ ، تمام ملزمان کو بری کردیا گیا- لیکن ملزمان

کو آزاد کرنے کے بجائے انہیں نظربند کردیا گیا ہے۔ جبکہ جام ساقی اور شبیر شر پہلے ہی ایک مقدمے میں سزا کاٹ رہے ہیں۔ یہ کیس ولی خان اور غوث بخش بزنجو کے حیدرآباد کے کیس کے بعد اس صدی کا دوسرا بڑا مقدمہ ہے۔"

اها خبر پڑهي اسان حيران آهيون. ته اسان کي فيصلي جي خبر ئي ناهي ۽ اخبار چاپي چڏي. اسان چيو ته: "اها خبر رڳو امن اخبار ۾ چو ڇپي آهي؟ پوءِ ته سيني اخبارن ۾ هڪ ئي ڏينهن ڇپجي ها! اهو ڪو ٽڪاءُ ٿو لڳي. وري شام جي انگريزي اخبار استار ۾ به ساڳي خبر ڇپيل آهي. ڪن پل ۾ سڄي جيل ۾ نعرا لڳي ويا آهن ۽ قيدي اسان کي مبارڪون ڏيڻ پيا اچن. ڪي دوست چرچا پيا ڪن ته: "شبير شر هاڻي ڊانڊرس ناهي رهيو جو مارشل لا ڪورٽ کيس آزاد ڪري چڏيو آهي".

مونکي ته اجا به يقين نٿو اچي. ته ڪو ائين فيصلو اچي سگهي ٿو. جيئن اخبارن ۾ ڏنو ويو آهي. مونکي ته هيءَ ڪائي چال ٿي نظر اچي. لڳي ٿو ڪٿي اسان کي وڏي سزا ڏني پئي وڃي. تڏهن اهڙو چؤپول ڪيو ويو آهي. اسان کي ته ڪميونسٽ ثابت ڪرڻ لاءِ مواد به آندو ويو.

31_07_1984

گذريل هفتي ڏيڍ کان فوجي جنتا ماٺهو مار مهم شروع ڪري ڏني آهي. جنهن تحت ڪرمنل ڏوهن ۾ ملوث قيدين کي ڏڙا ڏڙ ڦاسيون ڏنيون پيون وڃن. اهو ان ڪري نه ته ڪو هُو ڏيهه مان ڏوهن جو خاتمو آڻڻ ٿي چاهي. اصل ۾ اُهي ملڪ ۾ دهشت ۽ بربريت جو راج قائم ڪري پنهنجي مخالف قوتن کي دٻائي هيسائي کين چتاءُ ڏئي رهيا آهن. ته انهن جو حشر به اهڙو ئي ٿيندو. گذريل هفتي شريف گڏاٽي. آزاد ملڪ. ڏٽي بخش ۽ امان الله کي ڏاڙي ۽ ڦر جهڙن معمولي ڪيسن ۾ ڦاسي ڏني وئي. اُهي ڪيس 392/395 تحت 14 سالن کان مٿي جي سزا جا ناهن. اڃڪلهه روزانو هن قسم جون خبرون ملڪ جي اخبارن جون سُرخيون ٿيل هونديون آهن ته "ڄڃ جيل ۾ 8 ڄڻن کي ڦاهي چاڙهيو ويو"، "سنڌ ۾ ڏهن ڄڻن کي ڦاهي چاڙهيو ويو".

پنجاب ۾ پ پ جي ڪارڪنن رزاق جهرنا جي باري ۾ مسرور

حسن بڌايو تہ هُو ان وقت هريپور هزارا جيل ۾ هو جتي پ پ ڪارڪن عبدالرزاق جهرنا کي جڏهن ڦاهي جو ڦندو ڪنڌ ۾ وڌو ويو تہ جيل جي ايس پي چيس: "ڪلمون پڙهہ"، ان تي هُن چيو: "هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪلمون ٿي سگهي ٿو جو مان حق جو نعرو هڻندي ڦاسي چڙهيو پيو وڃان"، ۽ ادريس طوطي کي ڦاسي چاڙهيو ويو. هاڻ تہ ائين ٿو لڳي جڻ ملڪ جا ڦاسي گهاٽ ناهيا ئي پ پ وارن لاءِ ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ ملڪ جي ڪنهن نہ ڪنهن جيل ۾ هڪ يا ٻہ پ پ ڪارڪن ڦاسي ضرور چڙهندا آهن. پر افسوس تہ انهن جي قيادت ۾ دم ناهي. مِس بينظير ڀٽو ۽ بيگم نصرت ڀٽو جن لڳاتار جيلن ۾ هجڻ سبب عوام جي قيادت ڪرڻ کان محروم آهن. پ پ جي قيادت غلام مصطفيٰ ڇتوئي، ممتاز ڀٽو عبدالحفيظ پيرزادو، مخدوم رفيق الزمان، غلام مصطفيٰ کر جهڙي پاڙي ۽ موقع پرست قيادت جي هٿن ۾ هلي وئي آهي، ۽ پ پ جا ڪارڪن بي موت مارجي رهيا آهن.

اڄ هن جيل ۾ هڪ ايس ايس پي جي ٻن پٽن راجا جاويد ۽ ناصر خان عرف نوشہ، محمد يونس عرف محمديہ ۽ نواب شاهہ جي هڪ بليدي سميت پنجن جڻن کي الڳ سکر سينٽرل جيل ۽ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ ڦاسيون ڏئي، هنن جي زندگين جو انت آندو ويو آهي. جڏهن ٻن نوجوان پٽن جا لاش ايس ايس پي رئنڪ جي پوليس آفيسر ورتا هوندا، تڏهن هن ان وقت ضرور سوچيو هوندو تہ ڪاش! هو رشوت ۽ بي ايماني سان ڪمايل دولت تي عياشين ۾ غرق هجڻ بدران پنهنجي اولاد تي ڌيان ڏئي ها، هنن جي سٺي تعليم ۽ تربيت ڪري ها، تہ اڄ ڪيس ٻن جوان پٽن جا لاش ڦاسي گهاٽ تان ونڊڻا نہ پون ها. راجا جاويد چاپهين ڏاڙهي وارو ڏڪهو قدآور ۽ خوبصورت جوان هو پر افعال ڏاڍا ڪنا هئس. سينٽرل جيل ڪراچيءَ جا سمورا قاتل رهزن هن ۽ نوشي کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيندا هٿا. راجا جاويد جي والد جو اخبارن ۾ بيان ڇپيو آهي تہ جڏهن هو پنهنجي نوجوان پٽن سان آخري ملاقات ڪري جيل کان ٻاهر نڪتو تہ صحافين کانئس ڪجهہ سوال ڪيا، جن جي جواب ۾ هن چيو تہ: "منهنجي اولاد کي هن منزل تي پهچائڻ ۾ اخبارن جو وڏو ڪردار آهي، جن معمولي ڏوهن تي ٻہ منهنجي

پٽن جي حوصلا شڪني ڪرڻ بدران حوصلا افزائي ڪندي سڀائين هر ڏوهہ بعد هنن جي بهادري جا قصا بيان ڪيا، تہ ڪيئن اُهي پوليس اٽالن جو مقابلو ڪندي جرم ڪرڻ ڪانپوءِ فرار ٿيندا رهيا. لک لعنت مون تي بہ هجي جو مان اولاد ڏانهن گهٽي مصروفيت سبب ڏيان نہ ڏئي سگهيس، پر لک لعنت منهنجي انهن پوليس آفيسر دوستن تي، جن هنن جي معمولي ڏوهہ جي پرده پوشي ڪندي، نہ هنن کي گرفتار ڪيو ۽ نہ مونکي ٻڌايو. جنهن سبب منهنجي پوزيشن جو ناجائز فائدو ونندي اج هو قاسي چڙهي ويا".

هيءَ قاسين جي روايت تڏهن کان شروع ٿي، جڏهن هن ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي ضياءَ جي فاشسٽ حڪومت قاسي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو. ان قاسي کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ 150 عام قيدين جون معافيون رد ڪري، ملڪ جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر، فوجي ڪورٽن طرفان ڏنل قاسي جي اپيلن کي رد ڪري کين قاسي ڏيڻ جو حڪم ڏئي چڏيو هو ۽ اُهي سڀ جا سڀ قاسي چڙهي ويا ها _ ڏوهہ هيو يا نہ...!؟ بس! بادشاهہ جو حڪم هو. ان وقت هاءِ ڪورٽون ۽ سپريم ڪورٽ وائڙن وانگر ڏسنديون ئي رهجي ويون هيون.

02_08_1984

ڪافي ڏينهن کان سياسي سرگرميون بلڪل ئي مانڌار جو شڪار ٿي ويون آهن. پ پ جي وڏيرڪي قيادت ايم آر ڊي تحريڪ کي ائين ختم ڪري چڏيو آهي، جيئن مداري ڦوڪٻي مان هوا ڪڍي چڏيندو آهي. ضياءَ حڪومت جو سڄو زور افغان پناهگيرن ذريعي افغانستان جي سوشلسٽ حڪومت کي ناڪام بٽائڻ لاءِ آهي.

اج جي اخبارن ۾ مارشل لا حڪومت اِهو تاثر ڏيڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي، تہ 1985ع واريون غير پارٽي عام چونڊون هر صورت ۾ ٿيندیون ۽ ان لاءِ هيئين عدليا کان رٽرننگ آفيسرن جو ڪم ورتو ويندو. اهو ان ڪري چيو پيو وڃي، تہ جيئن عوام ۽ سياستدانن کي پڪ ٿئي تہ چونڊون يقيني طور تي ٿيڻ وڃن پيون؛ ۽ اُهي ايم آر ڊي تحريڪ جو ٻيو رائونڈ هلائڻ جي تياري نہ ڪن. ضياءالحق ڪعبة الله ۾ ڪيترائي ڀيرا

چونڊن جا واعدا ڪري ڦرندو گرندو رهيو آهي. ان ڪري هاڻ عوام هن جي اهڙن واعدن کي کنگهي ئي نٿو. هيءَ حڪومت هٽلر جي وزير گوئبلز جي پيروي ڪندي ٿي رهي. جنهن جو فلسفوهو ته: "ايترا پيرا ورجائي ورجائي ڪوڙ ڳالهايو وڃي. جيئن عوام ان کي سچ سمجهڻ تي مجبور ٿي وڃي". سنڌ ۾ ملڪ جا چوڌري، سردار، ميرِ، پير غير پارٽي اليڪشن ۾ به حصو وٺڻ جي تياري ڪري رهيا آهن.

جڏهن کان مس بينظير ٻئو آمريڪا جو دورو ڪيو آهي، تڏهن کان پ پ جي وڏيرڪي قيادت خوشفهميءَ جو شڪار ٿي وئي آهي، ته آمريڪا سان جوڙ توڙ ٿي وئي ۽ تمام جلد ڪين اقتدار ملڻ وارو آهي. جنهن ڪري هاڻ افغان مجاهدن ۽ افغانستان واري مسئلي تي به پ پ جي مؤقف ۾ وڏي تبديلي اچي وئي آهي.

05_08_1984

الذوالفقار جو اياز سمون لڳاتار ڦاسي گهاٽ ۾ بند آهي. هن تي ضياءُ جي حمايتي ظهورالحسن ڀوپالي کي قتل ڪرڻ جو الزام آهي. هتي هڪ همراهه نالي رفيق صفي منشي آهي. جيڪو ملڪ جو واحد قيدي آهي، جنهن کي آمريڪي جاسوس هجڻ جي الزام تحت سزا مليل آهي. هُو اندروني طور تي سخت ڪميونسٽ دشمن ۽ زهريلي قسم جو ماڻهو آهي. پ پ جي صادق عمراڻي ۽ هڪ ڪرنل ڏوهاري زاهد سعيد کي اسان جي ساٿين خلاف پڙڪائيندو ٿو رهي. پ پ جو زاهد حسين جيڪو ڊاڪٽر جبار خٽڪ سان سيل ۾ گڏ رهندو آهي، جو ٻئي هڪٻئي جا پاڙيسري ۽ پٽاڻ آهن. رفيق صفي صادق عمراڻيءَ کي پڙڪايو ته ڪميونسٽ هن کي پاڻ سان رهائين ٻيا. جيڪو اياز سمون تي واعدي معاف شاهد بڻجي رهيو آهي. مون سان صادق ان ڳالهه تي بحث ڪيو ته مون هن کي زاهد حسين جي روبرو ڪرايو. جنهن چيو: "مون تي فوجين زور پريو. مون هنن کي مڪمل جواب ڏئي ڇڏيو آهي". پر پوءِ به رفيق صفي ڳجهين سازشن کان نٿو مڙي ۽ هر وقت پ پ جي دماغ کان خالي الذوالفقار جي ڪارڪنن کي پڙڪائيندو ٿو رهي.

06_08_1984

ڪراچي هن موسم ۾ هونئن ٻه جهڙالي هوندي آهي پر اڄ گجگوڙ سان سانوڻ جو وڏو ڦڙو وسي پيو آهي. اسان مارو ماڻهو وسڪارو سدائين اسان جي ڪمزوري رهيو آهي. وسڪاري سان خيالن ۾ ڳوٺ جي پٽن تي لنگ ڪيي ڊوڙڻ شروع ٿي ويون. پر هي ڦهري ڪوٺ سڄي سانوڻ جي وسڪاري جو تصور ئي ختم ڪري ڇڏين ٿا.

08_08_1984

لڳاتار ٽن ڏينهن جي وسڪاري ڪراچي شهر ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي. 22 ماڻهو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ يا ڪچن گهرن جون ڀتيون ڪرڻ سبب فوت ٿي ويا آهن. ندين ۽ نالن الڳ تباهي ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو لڙهي ويا آهن.

09_08_1984

اڄوڪو ڏينهن اياڳو آهي. جو هن تي اسان جو ساٿي نذير عباسي 1980ع ۾ وڇڙي ويو هو. هن کي آءِ ايس آءِ جي ڪرنل امتياز بلو اذيتون ڏئي شهيد ڪري ڇڏيو. مان ان سوچن ۾ هيس ته شير مگريي چيو: "ملاقات جي پرچي آئي آهي، هل ته هلون". اسان ماڙيءَ تي ويا سون ته ساگر سميجو پنهنجي ونيءَ ڪشمير سان گڏ بيٺو هو. هنن تازو شادي ڪئي آهي ۽ شاديءَ کانپوءِ ٻئي ملڻ آيا آهن. ڪافي ڏينهن کان جيل فوج جي تحويل ۾ وڃڻ کانپوءِ سياسي قيدين جي اندرين ملاقات بند ڪئي وئي آهي، ۽ عام قيدين وارين جارين کان ملڻو پوي ٿو. سو ساگر سميجي ۽ ڪشمير سان ٻه جارين کان ملاقات ڪئي سون.

اسان اڄ شام شهيد نذير عباسيءَ جي ورسيءَ جي سلسلي ۾ اسپيشل وارڊ ۾ پروگرام ڪيو. ايم آر ڊي جا سياسي قيدي آزاد ٿي وڃڻ کري اسان عام قيدين کي ورسي جي پروگرام ۾ شامل ڪيوسون. ان لاءِ جيلر قمر شاهه کان اجازت ورتي سون. جنهن ۾ صادق عمراڻي (پ پ)، ڊي ايس ايف جي شير محمد مگريو، امداد چانڊيو، ڊاڪٽر جبار خٽڪ ڪجهه تفصيلي تقرير ڪئي. جنهن مان آمريڪي جاسوس رفيق صفي منشي کي

ڏاڍي تڪليف ٿي. پروفيسر جمال نقوي چيو تہ: "شهيد نذير عباسي مون سان گڏ گرفتار ٿيو هو. جڏهن مان گهر ۾ داخل ٿيو هئس تہ پوليس هن کي گرفتار ڪري چڪي هئي. پوءِ اسان جي اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي گاڏي ۾ ويهاري وٺي هليا هئا. ان دوران اسان کي ٿورو ڳالهائڻ جو موقعو ملي ويو هو. هن پڇيو هو تہ: "هاڻ چا ٿيندو؟" پروفيسر چيو تہ: "مون چيس ٿيڻ ائين گهرجي، جيئن هينئر هلون پيا ۽ واپس ٻہ ائين ئي اچڻ گهرجي (جهڪڻ بنا)، نہ تہ واپس اچڻ ڪهڙي ڪم جو" پوءِ مون هن کي مٿي تي چُمي ڏني هئي. اڌيت ڪئمپ ۾ اسان سان چا وهيو چا واپريو. اهو هڪ الڳ داستان آهي، پر نذير عباسي اتي بہ پروقار ۽ باوقار ٿي رهيو. اسان ساڳي لائين ۾ کولين ۾ بند هوندا هئاسون. اسان کي هڪبئي سان ڳالهائڻ نہ ڏنو ويندو هو. پر نذير ڳائڻ واري انداز ۾ حال احوال ڪري ويندو هو. مون هن جو آواز اڻين آگسٽ 1980ع ڪانپوءِ نہ ٻڌو. هُو اسان جو انتهائي بهادر ۽ پيارو ساٿي هو. هو اسان کان زندگي پر ڪڏهن بہ نہ وسرندو.

10_08_1984

اڄ جي اخبارن ۾ خبر ڇپي آهي تہ ڪراچي ۽ لاهور ۾ عورتن نئين حدود آرڊيننس خلاف احتجاج ڪيو آهي، پر ڪا بہ سياسي پارٽي ان احتجاج ۾ شامل نٿي آهي، ۽ نہ ئي ان خلاف ڪو بيان جاري ڪيو آهي.

16_08_1984

آهستي آهستي جيلن جو ڪنٽرول فوج حوالي ٿيندو پيو وڃي. اڳ جيلن جو صرف آءِ جي هوندو هو. هاڻ هڪ رٽائرڊ فوجي کي ڊي آءِ جي جيل مقرر ڪيو ويو آهي. جيڪو ڪالهہ جيل جو ڊؤرو ڪري ويو. امداد چانڊيي هن کي شڪايت ڪئي تہ: "اڳ اسان جي ملاقات جيل اندر ڪرائي ويندي هئي. هاڻ اُها بند ڪئي وئي آهي". هن اِن طرف ڌيان ئي نہ ڏنو ۽ هليو ويو. اڄ وري اسان جي واري کي باهران تالو هڻي، اسان جي باهر نڪرڻ تي بہ پابندي لڳائي وئي آهي.

اسان ان عمل خلاف ويچاريو تہ: "چا ڪجي....!؟"، فيصلو ٿيو "بک هڙتال ڪريون"، پر جيل وارا آيا ئي نہ. نيٺ شام جو صوبيدار آيو. هن

چيو: "توهان وڃي بي ڪلاس ۾ رهو هتي توهان گهمندا ڦرندا ٿا رهو ان سان جيل جو ماحول خراب ٿو ٿئي". اسان چيو: "اسان هن ئي وارڊ ۾ رهنداسون". نيٺ جيل وارن هار مڃي. اسان جو وارڊ کولي ڇڏيائون.

17_08_1984

اڄ ڪافي عرصي بعد ذوالفقار قادري ملڻ آيو. هي اسان سان لانڊي جيل تي گڏ هو. سپاف جي پليٽ فارم تان سزا ڪاڌي هئائين. هن بہ ٻاهر جون خبرون انتهائي مايوسيءَ واريون ٻڌايون تہ: "پ پ جي وڏيرڪي قيادت بيگم نصرت ڀٽو ۽ مس بينظير ڀٽو سان وري غداري ڪري الڳ پارٽي ناهڻ جون تياريون ڪري رهي آهي. جن جي قيادت غلام مصطفيٰ جتوئي ڪري رهيو آهي".

27_09_1984

اخبارن ۾ خبر آهي تہ جنرل ضياءَ جي حڪومت اسرائيل کي ملڪ تسليم ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچي رهي آهي. عام راءِ هموار ڪرڻ لاءِ پنهنجي پالتو صحافين حسين حقاني ۽ مجيب الرحمان شامي ذريعي ان قسم جا ڪالم لکرائي رهي آهي. اُن جي شروعات ملڪ جي يونيورسٽين ۽ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ رکيل فلسطيني شاگردن جي داخلائن واري ڪوٽا ۾ بہ ڪٽوتي ڪئي وئي آهي. ڪيترن ئي فلسطينين کي گرفتار ڪري ايم ايل آر تحت نظربند ڪيو ويو آهي.

جيل ۾ نظربند فلسطيني شاگرد هشام ٻڌايو تہ: "اسان کي بي سبب گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن اسان چئون ٿا تہ اسان کي ملڪ کان ٻاهر موڪليو جيئن اسان ڪٽي ٻئي هنڌ وڃي سياسي پناهہ وٺي تعليم جاري رکي سگهون. اهو مطالبو بہ نٿو مڃيو وڃي".

01_10_1984.

اسان جو جهونو ساٿي پروفيسر جمال نقوي ڪافي ڪمزور ٿي رهيو آهي. صحت بہ اڳي واري نہ رهي اٿس. اسان اڄ هن جي طبيعت پڇڻ وياسون تہ چيائين: "توهان کي خبر آهي"، اسان چيو: "چا جي؟"، هن چيو: "ڪالهہ واري استار اخبار ۾ خبر ڇپيل آهي تہ حيدرآباد جيل ۾ جام ساقي، گهنشام

پرڪاش ۽ شبير لاشاري گڏريل 15 ڏينهن کان بک هڙتال تي آهن". اسان پڇيو تہ: "پوءِ چا ٿيڻ گهرجي؟". هن ٽڪل اکين سان سوالیا انداز ۾ ڏسندي چيو: "اِهو تہ توهان کان پڇڻ ٿو چاهيان". مون چيو تہ: "پوءِ اسان کي بہ بک هڙتال ڪرڻ گهرجي". ان تي هن چيو تہ: "ڪيترن ڏينهن تائين؟". مون چيو: "جيستائين حيدرآباد جيل ۾ قيد ساٿين جا مطالبا نٿا مڃيا وڃن". ان تي پروفيسر جمال چيو: "پر اڪيلي سِر تہ نٿي ڪري سگهجي. ان ۾ جيل جي ٻين سياسي قيدين کي بہ جوڙي هلجي تہ ان جو اثر ٿيندو. ورنہ اسان جي بک هڙتال ناڪام ٿي ويندي". پوءِ مان، امداد چانڊيو ۽ شير محمد مگريو ٻين سياسي قيدين سان ملڻ وياسون. جن ۾ صادق عمراڻي، مسرور حسن ۽ ٻيا شامل آهن. هنن چيو: "ڳالهہ صحيح آهي، پر اسان کي وقت ڪپي. تہ جيئن پارٽيءَ جي ٻين ساٿين سان مشورو ڪري وٺون".

اسان شام جو پ پ جي آزاد ٿيندڙ قيدين ايوب سميجي ۽ يونس بلوچ کي گيٽ تي الوداع ڪري موٽي رهيا هئاسون. تہ پ پ جي سيف الله خالد ۽ مسرور سڏ ڪيو. پوءِ هُو اسان کي 18 نمبر واري ڏانهن وٺي ويا. اُتي مسرور حسن پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڏگهي تقرير ڪندي چيو: "اسان توهان واري ڳالهہ ساٿين وٽ رکي. اسان جي توهان کي خبر آهي تہ اسان کي اسان جي پنهنجي پارٽي بہ قبول نٿي ڪري. اُها اسان کي الذوالفقار جي ڪاتي ۾ اڇلايو وينو آهي. سو اسان جا ساٿي ڏجن ٿا تہ پوئواري نہ ٿيڻ ڪري ايياز سمون ڦاسي گهات ۾ پيو آهي. ان ڪري اسان توهان جي بک هڙتال جهڙي ڏکئي ۽ وڏي اهميت واري فيصلي ۾ ساڻ نٿا ڏئي سگهون. باقي اسان جون همدرديون اوهان سان شامل حال رهنديون". هنن چيو تہ: "اسان صرف هڪ ڏينهن جي علامتي بک هڙتال ۾ توهان جو ساڻ ڏئي ٿا سگهون". هنن چيو تہ: "ڏگهي بک هڙتال جي صورت ۾ جيل انتظاميا اسان کي منتشر ڪري مختلف جيلن ڏانهن موڪلي ڇڏيندي. ان صورت ۾ اسان ڪراچي وارن جا وارث رلي ويندا". اسان چيو: "روزاني ڪجهہ دوست اسان سان شامل ٿيندا رهن. باقي سڀ ساٿي گڏجي آخري ڏينهن تي بک هڙتال ۾ ويهن". هنن چيو: "ان باري ۾ بہ سنگت کان مشورو ڪنداسون".

واپس اچي پروفيسر جمال نقوي کي سڄي صورتحال ٻڌائي سون، ته سڀ سياسي قيدي بک هڙتال جي ردعمل ۾ ٻين جيلن ڏانهن ٽرانسفر ٿيڻ واري عمل کان ڊڄن ٿا. ان تي هُو به چپ ٿي ڪافي دير تائين سوچيندو رهيو. پوءِ چيائين: "جي اهو امڪان به ٿي سگهي ٿو تنهن ڪري في الحال ان مهم جوئي کي ڇڏيو. پتو لڳايو ته بک هڙتال ڇو ڪئي وئي آهي ۽ ايجا به جاري آهي يا ختم ڪئي وئي آهي".

02_10_1984

اڄ جي اخبارن ۾ ته ڪالمي خبر ڇپي آهي ته ايم آر ڊي اڳواڻن اصغر خان، آفتاب شير پائو ۽ نصير الله بابر کي آزاد ڪيو ويو آهي. مطلب ته ايم آر ڊي قيادت فوجي حڪمرانن سان ناهه ڪري چڪي آهي. بي بي سي اصغر خان جي رهائي تي تبصرو ڪندي چيو ته: "ضياءُ الحق هن کي ڊگهي عرصي لاءِ ان ڪري قيد ڪري رکيو ته هو مارشل لا لاءِ وڏو چئلينج بڻيل رهيو آهي. مس بينظير پٽو جي ملڪ مان ويڙ ڪانپوءِ اصغر خان ملڪ ۾ مارشل لا جي وڏي ۾ وڏي مخالف قوت بڻيل آهي. ٻيو ته ضياءُ الحق، اصغر خان جون همدرديون حاصل ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿيڻ بعد هن کي ڊگهي عرصي تائين نظربند ڪري ڇڏيو. اصغر خان کان بي بي سي جي رپورٽر مارڪ ٽيلي سوال ٻه ڪيا، جن جي جواب ۾ هن چيو ته هو ايم آر ڊي پاليسين جو مخالف آهي، جن تحت اُها ايندڙ سال ٽيندڙ غير جماعتي عام چونڊن جو بائيڪاٽ ڪري رهي آهي.

03_10_1984

اڄ جي اخبارن ۾ تحريڪ استقلال جي سربراهه رٽائرڊ ايئر مارشل اصغر خان جي آزاديءَ واري عمل جي وڏي تشهير ٿيل آهي. جنهن مان ظاهر ائين پيو ٿئي ته ساڃي ڏر جون قوتون اصغر خان کي مس بينظير پٽو جو متبادل (alternate) بڻائڻ چاهين ٿيون، جنهن جي جدوجهد سان 5 جولاءِ 1977 ۾ ضياءُ الحق ملڪ جي چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪري مارشل لا مڙهي هئي. ايم آر ڊي ۾ تحريڪ استقلال کي ايم آر ڊي تحريڪ کي بريڪ لڳائڻ لاءِ شامل رکيو ويو آهي، ورنه هي رٽائرڊ فوجيءَ جي پارٽي

ته ڪڏهن به حقيقي انقلابي يا جمهوري تبديليءَ جو ڪردار ادا نٿي ڪري سگهي. بهرحال ساڃي ڌر جون اخبارون ساڃي ڌر جي اڳواڻن خواجا خير الدين ۽ اصغر خان کي هيرو بڻائڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن. ترقي پسند ۽ کابي ڌر جي پارٽين جو هر اول دستي وارو ڪردار هجڻ باوجود ساڃي ڌر جون حامي اخبارون انهن جي سنگل ڪالم به خبر نٿيون ڇاپين.
04_10_1984

جيل ماڻهوءَ کي جامد ۽ ساڪن بڻائي ٿو ڇڏي. پر انقلابي ماڻهوءَ جي اِها ئي نشاني آهي. ته اُهو پنهنجي انقلابي ذهني اوسر سان ان جامد ۽ ساڪن ماحول کي حرڪت ۾ رکي ۽ پنهنجي ذهني نشونما لڳاتار مطالعي سان جاري رکي.

مان برصغير جي تاريخ پڙهي رهيو آهيان. جنهن ۾ لکيل آهي ته:
"1935ع ۾ بين القوامي سامراجي ادارن جي جينيوا ۾ ڪانفرنس ٿي هئي. جنهن ۾ آءِ ايم ايف. ورلڊ بئنڪ ۽ سي آءِ اي جي سربراهن شرڪت ڪئي هئي. ان ۾ فيصلو ڪيو ويو هو ته ايشيا ۾ سوشلزم جي وڌندڙ اثر کي روڪڻ لاءِ مسلمان مذهبي پارٽيون بهتر ڪردار ادا ڪري ٿيون سگهن. انهن پارٽين جوڙڻ ۽ انهن کي هلائڻ لاءِ آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ الڳ فنڊ پڻ قائم ڪيو هو. هندستان ۾ جماعت اسلامي ۽ جئ سنگهي جهڙيون ڪٽر رجعت پرست پارٽيون قائم ڪرايون ويون. جن ۾ مذهبي جنوني ماڻهن کي پرتي ڪيو ويو. جماعت اسلامي پاڪستان ٺهڻ بعد سوشلزم خلاف ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ترقي پسندن ۽ انهن جي سوشلسٽ نظريئي کي اسلامي اصولن خلاف قرار ڏنو ۽ سدائين عوام دشمن غير جمهوري مارشل لا ئي حڪومتن جو ساٿ ڏنو. ايم آر ڊي جي جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ دوران فوج ۽ پوليس سان گڏجي ايم آر ڊي جي گرفتارين ڏيندڙ ڪارڪنن مٿان پرتشدد حملا ڪيا.
19_10_1984

اڄ بي بي سي ۽ انڊيا ريڊيو تان خبر نشر ٿي آهي. ته سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد بس ۾ سوار ٿي ڪنهن پروگرام ۾ شامل ٿيڻ لاءِ موهن جو ڏڙو ويجي رهيا هئا. ته ٽوڙهي ڦاٽڪ سن روڊ تي فوج ڦاٽڪ کي بند ڪري

شاگردن کي تلاشي ڏيڻ لاءِ چيو. شاگردن تلاشي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تي فوج شاگردن جي بس تي فائرنگ ڪري ڏني. جنهن جي جواب ۾ شاگردن به فائرنگ ڪئي. نتيجي ۾ چار شاگرد جن جو تعلق جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن سان هو شهيد ٿي ويا ۽ 12 شديد زخمي ٿيا آهن. مارشل لا هجڻ سبب فوج کي اهو اختيار مليل آهي. ته اُها ڪٿي به پنهنجي شهنشاهيت کي چئلينج ٿيندي محسوس ڪري. اُن کي بغاوت سمجهي هڪدم چيپاٽي ڇڏي. مارشل لا جي دؤر ۾ هر ڪو سپاهي به پاڻ کي حڪمران سمجهي ٿو. اِهو سڀ ڪجهه گهٽو ڪري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٿيندو رهي ٿو پنجاب ۾ ته ڪنهن کي رهندو به ڏيڻ جي همت نٿا ڪن. هنن بيگناهه خونن جو ته داد نڪي فرياد. بنهه ابتڙ ٻين شاگردن کي فوجي ڪورٽن ۾ پيش ڪري سزائون ڏنيون ويندين.

ساڻين چيو: "هن تي احتجاج ٿيڻ گهرجي" اڳ جيان هن ڀيري به مون کي ذميواري ڏني وئي. ته پ پ اڳواڻن صادق عمراڻي ۽ مسرور حسن سان رابطو ڪري احتجاج جي سلسلي ۾ گڏيل حڪمت عملي ناهيون. صادق عمراڻي چيو: "ٿوري دير ۾ بڌايان ٿو". پوءِ هو پروفيسر جمال جي ڪوليءَ ۾ آيو ۽ چيائين: "اسان جي پارٽي وارن جيئي سنڌ جي مري ويل شاگردن جي حق ۾ ڪو به احتجاج ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي". هنن جو چوڻ آهي ته جي ايم سيد لڳاتار ضياءُ الحق ۽ ان جي مارشل لا جي حمايت ڪري رهيو آهي. هن ايم آر ڊي جي تحريڪ کي چورن جي تحريڪ چئي مخالفت ڪئي. سو جي ايم سيد ۽ ان جي پارٽيءَ جو لڳاتار ڪردار عوام دشمن رهيو آهي.

پ پ جي مخالفت باوجود ڪميونسٽن احتجاجي گڏجاڻي رکي. جنهن ۾ 45 سياسي قيدين مان 25 جڻن شرڪت ڪئي. جن ۾ برطانوي شهري ڊيوڊ. ايراني جبار طباطبائي ۽ فلسطيني هشام به شرڪت ڪئي. جڏهن ته صادق عمراڻي ذاتي حيثيت ۾ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ مارشل لا اختيارين طرفان جيئي سنڌ جي بيگناهه شاگردن کي شهيد ڪرڻ واري عمل جي شديد مذمت ڪئي وئي.

23_10_1983

17 آڪٽوبر جي ٽوڙهي ڦاٽڪ واري وحشي درندگيءَ واري واقعي خلاف سموري سنڌ سراپا احتجاج بڻجي اٿي آهي. ايم آر ڊي جي تحريڪ کانپوءِ وري سنڌ جا ماڻهو پنهنجي جُنگ جوانن جي ناحق خون خلاف مڃرجي اٿي پيا آهن. جنهن ڪري سنڌ جو مارشل لا ايڊمنسٽريٽر اهو بيان ڏيڻ تي مجبور ٿيو آهي. تہ: "اسان جاچ ڪرايون پيا. ان واقعي ۾ فوجي آفيسر ملوث نڪتا تہ انهن جو ڪورٽ مارشل ڪيو ويندو". اڄ شام جي بي بي سي ٻڌايو تہ: "سنڌ سڄي اُٿي ڪڙي ٿي آهي. وڏن شهرن کان ننڍن شهرن تائين وڏا احتجاجي جلوس نڪتا آهن. ۽ ڪلم ڪلا مارشل لا ۽ فوج خلاف نعرا هٽي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو آهي. فوجي حڪومت، اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽين سميت مڙني تعليمي ادارن کي اڃاتل مدي تائين بند ڪري ڇڏيو آهي. سياٽي لاءِ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن فوج جي ڪلي درندگي ۽ دهشتگردي خلاف احتجاجي جلوس ڪڍڻ جي اپيل ڪري ڇڏي آهي. سڄي ملڪ جي اخبارن خاص طور سنڌ جي اخبارن "هلال پاڪستان" ۽ "عبرت" سينسر هجڻ باوجود 17 آڪٽوبر جي وحشي واقعي تي ٽيندڙ احتجاجن جون شايع ڪيون آهن.

ماءُ ڏٺم اڄ مات مڙهين ۾- !

31_10_1984

اسان کي روزانو ستين وڳي کولين ۾ بند ڪيو ويندو آهي. اڄ واري جو حوالدار چاٻيون ڪڍڪائيندو پوٽين ڇهين وڳي اچي ٻيهي رهيو: "سائين اڄ مهرباني ڪيو وقت کان پهريان بند ٿيو". اسان چرڪ پريو: "ڇا ٿيو آهي! ڇو بند ٿيون؟ الذوالفقار جي قيدي ايياز سمون جو فيصلو اچي ويو ڇا؟" هن روٺڙهارڪي انداز ۾ چيو: "نه سائين! پر اڄ هڪ قيدياڻي ماءُ جي نياڻي وفات ڪري وئي آهي. ان کي دفنائڻ وڃڻو آهي. توهان بند ٿيندا ته اسان جلدي وبنداسون. نه ته هوءَ لاش رکيون ويني ڪيهان ڪندي" اسان چيو ٺيڪ آهي. اسان بئرڪ اندر هليا آياسون: "اڄ ادا بند ڪر". پوءِ هُو اسان کي بند ڪري سڄي بئرڪ کي اداس ڪري هليو ويو. ڇا يزيد جا سپاهي ايڏا ڪم ظرف ۽ ڪمينا هئا، جن پيغمبر اسلام جي فرزند امام حسين ع جي نياڻي بيبي سڪينہ کي قيد تنهائي ۾ واڙي هن جون ڪيهان ٻڌندا رهيا ۽ اُها اُتي وفات ڪري وئي.

31_10_1984

مان منجهند جي ماني کائي ستو پيو هيس، ته اسان جي ڪرنٽ افيئرس جي ساڻي محمد خان سولنگي اچي ڏونڊاڙي اڌاريو. هُو هر وقت ريڊيو تان خبرون پابندي سان ٻڌندو ۽ اسان کي هر نئين صورتحال کان آگاهہ ڪندو رهندو آهي. پوءِ ان واقعي جي مناسبت سان حڪمت عملي ۾ تيار ڪندو آهي، ته هاڻ اسان کي انقلابي قيدي هجڻ جي ناتي ڇا ڪرڻ گهرجي. هن چيو: "اڄ تاريخ جو هڪ وڏو واقعو ٿي ويو آهي"، مون چيو: "ڪو نئون پٽو شهيد ٿيو آهي ڇا؟" هن چيو: "ها اهڙي ئي نوعيت جو واقعو

ٿي ويو آهي. انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ننڍپڻ کان پنهنجي والد ۽ پارت جي انقلابين سان انگريز سامراج خلاف انقلابي جدوجهد ڪندڙ سيڪيولر ملڪ پارت جي وزيراعظم اندرا گانڌي کي پنهنجي ئي سک پهريدارن شهيد ڪري ڇڏيو آهي" مون کان ته ننڍ ڇڏائجي وئي.....!! هڪدم چرڪ پري اُٿيس. رڙ ڪري پڇيم: "پاڳل، چا ٿو چوين؟ اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي...!؟" هن چيو: "ها يار ظالم سڪن اِهو هن سڄي ننڍي ڪنڍ سان ظلم ڪري ڇڏيو آهي". مون چيو: "پوءِ ته هاڻ پارت مان چا، هن ننڍي ڪنڍ ۾ امن قائم ڪندڙ قوت جو ئي خاتمو اچي ويو. هاڻ پارت ۾ جيڪا به قيادت آهي، اُها انتهاپسنديءَ جو شڪار آهي. مطلب ته پارت مان دنيا ۾ پاڙيسرين سان مفاهمت ۽ رواداري رکندڙ قيادت جو ئي خاتمو ٿي ويو".

اها هڪ سامراجي سازش آهي. سامراجي قوتون وڏي عرصي کان محترمہ اندرا گانڌيءَ جي ڪيڏ لڳل هيون ۽ هاڻ هن جو انت آڻي هن ننڍي ڪنڍ کي سيڪيولر قيادت کان محروم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون آهن. هيءَ روايت به خطرناڪ شروع ڪئي وئي آهي. ته سازش اهڙي ڪجي. جو اهڙي قيادت کي سندس گارڊ کان شهيد ڪرائجي. ته جيئن ٻيا گارڊ اهڙي قاتل کي ڏڏي تي قتل ڪري ثبوت ئي مٽائي ڇڏين. قاتل کان اهڙو عظيم قتل ڪرڻ لاءِ ڪهڙين قوتن سازش سڏي. ثبوت ئي غائب! هاڻ اڳتي اِها روايت پئجي وئي. ته جنهن به اٽوٽندڙ شخصيت کي مارائڻو هجي. ان کي سندس گارڊن هٿان مارايو يا ويجهن عزيزن يعني پٽ، پاءُ، شاهہ فيصل جيان پائڻئي هٿان. جيئن ڪوشڪ ئي نہ ڪري.

01_11_1984

اخبارن جي خبر آهي ته محترمہ اندرا گانڌي کي قتل ڪندڙ ٻن قاتلن مان هڪ جو تعلق هندستان واري پنجاب سان آهي. جيڪو اخبارن مطابق ٻہ مهينا موڪل تي ويل هو ۽ واپسيءَ تي هن جي ڊيوٽي رات جو لڳائي وئي هئي. جنهن پيٽ ۾ سور جو بهانو ڪري رات جي موڪل وٺي پنهنجي ڊيوٽي ڏينهن جو لڳرائي. پارتي سيڪيورٽي ادارن جي لاپرواهيءَ تي حيرت ٿي ٿئي. جو وزيراعظم جو گارڊ ٻہ مهينا موڪل تي هليو ويو ۽

واپس بہ وزيراعظم هائوس تي مقرر ڪيو ويو..! ان جو پيڇو نہ ڪيو ويو. تہ هُو ان دوران ڪنهن سان مليو؟ ڪٿي ڪٿي ويو؟ مطلب تہ پارتي سيڪيورٽي ادارا پاڪستان کان بہ وڌيڪ ڪرپٽ آهن ۽ انهن کي آرام سان دشمن قوتون خريد ڪري ٿيون وڻن. دنيا جي هيڏي وڏي ملڪ جي سيڪيورٽي ادارن تي لک لعنت هجي. جيڪي پنهنجي ملڪ جي سربراهن جي حفاظت بہ نٿا ڪري سگهن يا سامراجي قوتون انهن کي آرام سان خريد ڪري ٿيون وڻن. اسان ڪميونسٽن ڪراچي جيل جي سپرنٽينڈنٽ معرفت وزيراعظم محترمہ اندرا گانڌيءَ جي شهادت تي سندس فرزند راجيو گانڌي سان تعزيتي پيغام ۾ ڏک جو اظهار ڪيو آهي.

پارت هاٿي ڪوڙن ڪائرن جي ور چڙهي ويو. هاڻ پارت اهڙو سيڪيولر ملڪ نہ رهندو ۽ نہ اقليتي قوتون ئي ائين محفوظ رهي سگهنديون. جيئن ننڍي ڪنڊ جي عظيم اڳواڻ محترمہ اندرا گانڌي جي دؤر ۾ هيون.

03_11_1984

اڄ پارت جي عظيم اڳواڻ محترمہ اندرا گانڌيءَ جو ڪروڙين آلين اکين سان اڳني سنسڪار ڪيو ويو. ان عظيم هستيءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ چيو هو تہ: "هن جي خون جو آخري ڦڙو بہ سندس وطن پارت ماتا تان قربان ٿيندو"، سا اڄ عظيم قرباني ڏئي هلي وئي. هن جي عظمت اِها هئي تہ آزادي جي تحريڪ جا پمفليٽ پنهنجي ٻالڪپڻي جي زندگيءَ ۾ اسڪولي ٽيلهي مان ڪتاب ڪڍي ان ۾ ڪٽي ويندي هئي. ۽ برطانوي پوليس ۽ فوج جي روڪڻ تي رڙيون ڪري چوندي هئي: "توهان تہ اسان هندستاني ٻارن کي آزاديءَ سان پڙهڻ لاءِ بہ وڃڻ نٿا ڏيو". ائين هنن اڳيان پمفليٽن جو پريل ٽيلهو اڇلائي چوندي هئي: "ڪٽو منهنجا ڪتاب وڃي ساڙيو مان هاڻ نہ پڙهنديس" ان.تي تلاشي وٺندڙ سرڪاري اهلڪار پريشان ٿي ويندا هئا ۽ چوندا هئا: "وڃ بابا وڃ. اسان بس ڪئي..!!" ائين هوءَ پنهنجي عظيم انقلابي بابي نهروءَ جي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ وارو ڪم پنهنجي اسڪولي ٽيلهي ۾ پمفليٽ وجهي ڪندي رهي.

ڏنڊا ٻيڙيون ڦاسي گهات، پوءِ بہ پنهنجا اُوچا ڳات

اڄ پ پ جي چئن ڇٽن ناصر بلوچ، سيف الله خالد، عيسيٰ بلوچ ۽ ايوب ملڪ کي ڪورٽ مارشل پي آءِ اي جو جهاز اغوا ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ واري ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي آهي. ۽ هڪ موالي آهي. جنهن کي رسول بخش لاهوتي جي نالي سان سڏيندا آهن، ان کي 14 سال قيد جي سزا ٻڌائي. ان کان پهريان سيف الله خالد لاشاري اسان وٽ آيو ۽ هٿ ٻڌي چيائين: "موڪلايون پيا. اسان جي ڪيس جو فيصلو پيو اچي. اڄ وارڊ بدلجي ويندو. هيڏانهن واپس نه ايندسون". ان ڀٽيان ناصر بلوچ، ايوب ملڪ ۽ عيسيٰ بلوچ به موڪلائڻ آيا. تہ: "اسان هاڻ شايد واپس موٽي نه اچون". مسرور حسن به آيو. هن کان پڇيوسون: "چا پيو ٿئي؟" مسرور حسن چيو: "يار، مان اڳ ۾ ئي ڪيس هلڻ دوران هنن يارن کي چيو هو تہ پنهنجي ڪيس کي ڪميونسٽ پارٽي جي قيدين جيان سياسي بڻايو پر هنن يارن منهنجي ڳالهه ئي نہ مڃي. ڪيس کي غير سياسي بڻائي ڇڏيائون. هنن جي مائٽن هنن کي سياست کان الڳ ڪري بچاءَ جا شاهد به بلڪل مختلف قسم جا آندا". سيف الله خالد لاءِ سندس والد محمد علي جوهر جماعت اسلاميءَ جي مولانا جان محمد عباسيءَ کي فوجي ڪورٽ ۾ بچاءَ جو شاهد ڪري پيش ڪيو ۽ پيو شاهد استيبلشمينٽ جي مستقل ملازم قاضي فضل الله کي پيش ڪيو. جن الائي چا بڪواز ڪئي ۽ سيف الله خالد جي والد بس يقين ڪري ورتو تہ هن جو پٽ بچي ويندو. ملڪ ايوب جي والد ملڪ غلام سرور اعوان (جنهن بعد ۾ پ پ آءِ ناهي. ايجنسين جي چوٽ تي ڪراچي شهر کي ڪُورو بڻائي ڇڏيو) پ پ ڇڏي مسلم ليگ قيوم جيڪو (Gay) مشهور هو جي پارٽي ۾ شامل ٿيو. هن وري بنگلاديش ۾ بنگالين جو قتل عام ڪندڙ پاڙي جنرل نيازي، جنهن 90 هزار پاڪستاني فوجن کي جنرل اروڙا ۽ مانڪشا اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرائي جنگي قيدي بڻايو هو ان کي پنهنجي پٽ ملڪ ايوب جي بچاءَ جو شاهد طور پيش ڪيو.

ان تي پروفيسر جمال نقوي، مسرور حسن کي چيو: "پائي، تنهنجي ڳالهه پنهنجي جڳهه تي صحيح، پر غلط هُو به ناهن. هنن جي اها ئي حڪمت

عملي هنن کي ڪم ايندي. هاڻ اپيل ويندي چيف مارشل لا ايڈمنسٽريٽر وٽ. اُهو جڏهن هي بچاءُ جي شاهدن جا بيان ڏسندو ته پوءِ هنن جون سزائون معاف ڪري ڇڏيندو" اُهو ئي ٽيون سيف الله خالد ۽ ملڪ ايوب جيڪي هائيجيڪنگ ڪيس جا مک جوابدار هئا. اُنهن جون سزائون ضياءُالحق موٽ جي سزائن منجهان عمر قيد ۾ تبديل ڪري ڇڏيون. هيروئني عيسيٰ بلوچ جي سزا بہ عمر قيد ۾ تبديل ڪئي. موت جي سزا صرف هڪ مزدور ناصر بلوچ جي برقرار رکي. جنهن ڏينهن هنن کي موت جي سزا ٻڌائي وئي. ان ڏينهن سيف الله خالد ۽ ايوب ملڪ کي ڦاسي گهاٽ ڏانهن وڃي وڃڻ وقت سندن ٻئي هٿ کليل هئا ۽ هنن انهيءَ هٿن سان وڪٽري يعني فتح جو نشان ڏيکاريو. ناصر بلوچ ۽ عيسيٰ بلوچ کي پنيءَ پويان هٿڪڙيون لڳل هيون. جيئن موت جي سزا واري قيديءَ کي ڦاسي گهاٽ طرف وڃي وڃڻ وقت لڳل هوندیون آهن.

اسان جي ساٿي امداد چانڊيو کي اڪين ۾ پاڻي هو هُو پروفيسر جمال نقوي جي اها ڳالهہ ٻڌي واڙڻو ٿي ويو: "ڪامريڊ ڇا پيو چوين...!؟" پروفيسر چيو: "جيڪو توهان ٻڌو. مان اُهو ئي پيو چوان. موت سزا ڇڻن کي آ. کليل هٿن سان پيا ڦاسي گهاٽ وڃن ۽ بن کي پنيءَ پويان هٿڪڙيون! اِهو ئي فيصلو آهي. ڪاڪا".

08_11_1984

اندرا گانڌيءَ جي شهادت ڪانپوءِ پاڪستاني جنرلن جا حوصلا وڌي ويا آهن. جو تہ اندرا گانڌي سدائين آمريڪا تي چٽي تنقيد ڪندي رهندي هئي تہ: "اُهي گهٽ ۾ گهٽ پاڪستاني عوام کي ايتري تہ جمهوريت ڏين. جيتري پاڻ وٽ اٿن يا ان جو چوٿون حصو ڏيارين. عوام تان پٿر جي زماني واريون سزائون تہ ختم ڪرائين. اڄ پاڪستاني عوام کي جديد صديءَ ۾ ٽِڪٽِين تي چاڙهي ڦٽڪا هنيان پيا وڃن".

واقعي هن ڏکڻ ايشيا کي اندرا گانڌي جهڙي عظيم هستي جي موت بعد ٽياس تي ٽنگيو ويو آهي.

09_11_1984

اندرا گانڌيءَ جي موت کانپوءِ خطي جي صورتحال ۾ ڪافي تبديلي پئدا ٿي وئي آهي. اندرا آمريڪي سرڪار طرفان پاڪستاني جنرلن کي ملندڙ هٿيارن جي امداد تي احتجاج ڪندي رهندي هئي، ته جنهن ملڪ کي تعليم ۽ صحت جي مد ۾ امداد جي ضرورت آهي، جو اتي جو عوام بنيادي تعليم ۽ صحت جي سهوليتن کان محروم آهي، اتي هٿيارن جا انبار رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ان جي عيوض پاڪستان جا هوائي اڈا آمريڪا جي حوالي ڪيا ويا آهن. جتان کان افغانستان جي عوام جو قتل عام ڪندا ٿا رهن ۽ افغان مجاهدن جي نالي ۾ دهشتگرد تيار ڪري افغانستان ۾ پارٽ موڪلي رهيا آهن.

12_11_1984

لانڊي جيل ۾ اخبارون شام جو ملنديون هيون. هتي سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾ صبح ساڻ ئي ملي وڃن ٿيون. سو اڄ نيرن ڪرڻ ڪانپوءِ محمد خان سولنگي اخبارن کي جاچڻ لڳو. ان دوران هڪدم دانهن ڪيائين ته: "اڙي سهيل سانگي آزاد ٿي وي..!". منهنجي هٿ ۾ 'هلال' اخبار هئي، مون چيو: "ڏُکو ٿو هڻين يا واقعي خبر آهي!؟". مٺان شير مگريو ٻيٽو هو ان چيو: "ان اخبار جي ڪُنڊَ تي به اٽئي. جيڪا هٿ ۾ جهليو ويٺو آهين". "ها خبر آهي"، لکيل آهي ته "سهيل سانگي ضمانت تي آزاد". مون چيو: "ملٽري ڪورٽ ته هنن جي ضمانت جون درخواستون رد ڪري ڇڏيون هيون. پوءِ هاڻ ضمانت ڪنهن منظور ڪئي!؟". وڌيڪ لکيل آهي ته: "جام ساقي ڪيس جو فيصلو ڪجهه مهينا اڳ ڏنو ويو هو جنهن کانپوءِ بدر ابڙو کي آزاد ڪيو ويو هو ۽ ڪالهه شام سهيل سانگي کي اسپتال مان آزاد ڪيو ويو آهي. باقي جام ساقي حيدرآباد جيل ۾ آهي. جڏهن ته پروفيسر جمال نقوي، شبير شر ۽ ڪمال وارثي سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾ آهن". منجهند جو ٻارنهن وڳي کانپوءِ گيٽ تي وياسون، ته صادق عمراڻي ٻڌايو ته: "سهيل سانگي ملاقات روم ۾ ٻيٺو آهي. اسان وڃي ڏٺوسون ته ڏاڍو ڏٻرو آهي، هُو گذريل ٽن مهينن کان اسپتال داخل هو".

اتي منير ميمڻ ۽ ڄارين ٻاهران ٻينو هو. اسان کيس ڊي ايس ايف ۾ شامل ٿيڻ جون مبارڪون ڏنيون ۽ پوءِ کيس اندر گهرايوسين.

بهرحال، پروفيسر جمال نقوي ۽ جام ساقي، سهيل سانگي ۽ بدر ابڙو جي وڪيلن يوسف لغاري ۽ شفيع محمدي جي ذريعي جيڪا منافقت واري راند کيڏيا، ان جو نتيجو اڄ ڇڪو آهي. هي سڀ آزاد ڪيا ويا آهن؛ سزا رڳو مونکي ۽ ڪمال وارثي کي ڏياري اٿن. مارشل لا اختياريون ۽ هنن کي راز ۾ رکي فيصلو قسطن ۾ ڏئي رهيون آهن. هي آهن ڪميونسٽ، جيڪي ڪارڪن لڏي کي دوکي سان ڦاسائي پاڻ نڪتا وڃن. مونکي پيڻ حسن بانو خط لکيو هو ته: "بدر ابڙو آزاد ٿي ويو آهي. جلد توهان ۽ آزاد ٿيندا"، پيڻ ته ٿي معصوم ٻار، هن کي ڪهڙي خبر ته سڀ دوکو ڪري مونکي ۽ ڪمال کي ڦاسائي پاڻ نڪتا پيا وڃن.

20_11_1984

اڄ پ پ جي مسرور حسن چيو ته: "پ پ جي ڪارڪنن ناصر بلوچ، سيف الله خالد، ايوب ملڪ ۽ عيسيٰ بلوچ کي 4 نومبر تي فوجي ڪورٽ طرفان مليل موت جي سزا خلاف بيان جاري ڪيو". اسان بيان تي صحيحون ڪيون، جڏهن ته پ پ جي اڪثريت نٽائي وئي. پر حيرت تڏهن ٿي، جڏهن اهو بيان بي بي سي تان نشر ٿيو ته اسان جا نالا ئي نه هئا. جڏهن مسرور حسن کان پڇيوسون ته: "اسان جا نالا توهان ڇو ڪٽيا؟" تڏهن هن قسم کڻي چيو ته: "توهان جا نالا اسان موڪليا ها، پر پوءِ ٻاهران ڪٽيا ويا هوندا". صادق عمراڻي ٻڌايو ته: "رفيق صفي منشي ۽ ظفر عارف جي هدايتن تي، هتان کان نالا ڪٽي ٻاهر بيان موڪليو جن چيو ته ڪميونسٽن کي پاڻ سان شامل نه ڪيو. رفيق سفي، جنهن جو نه پ پ سان تعلق، نه ان جو ڪارڪن آهي پر هن کي ته آمريڪي جاسوس طور سزا مليل آهي، پر هو اسان خلاف ايجنسين جي چوٽ تي ٻاهه ٻاريو ٿو وتي. هن کي سرڪاري ايجنسين آسرو ڏنو آهي ته پ پ قيدين کي ڪميونسٽن سان ويڙهائي، ته توکي آزاد ڪنداسون. هو هتي سياسي قيدين ۾ رڳو فتنو پکيڙي جهيڙو ڪرائڻ واري سازشن ۾ مصروف لڳو پيو آهي". مون امداد چانديي ۽

شير کي ٻڌايو تہ: "توهان رفيق صفي کي معتبر نہ سمجهو هُو رڳو فتنو پئدا ڪندو ٿو وتي ۽ اسان خلاف تہ هن کي خاص مشن مليل آهي. هن مون سان ڪيترائي ڀيرا اظهار ڪيو آهي تہ محب شاهہ حيدرآباد جيل ۾ سازشون ڪندو هو تہ ظاهر ٿي پونديون هئس. منهنجي هڪ بہ ظاهر نٿي سگهي".

رفيق صفي وري ٻيو فتنو پکيڙيو آهي. صادق عمراڻي. نجمي عالم ۽ شريف بروهي سميت الذوالفقار جي قيدين کي چيائين تہ لالا اسد شيخ جي ورسي ملهائيو ۽ ڪميونسٽن کان ان ۾ تقريرون ڪرايو. هن ائين ڪيو ۽ اسان کي دعوت ڏني تہ ورسيءَ ۾ تقرير ڪيو. امداد تقرير ڪئي ۽ چيو تہ: "لالا اسد شيخ جو قتل فوجي ڪارندن هٿان ٿيو. هن جو قتل شهيد پٽو ۽ شهيد نذير عباسي جي قتل جي ڪڑي آهي". رفيق صفي پاڻ پڄي ويو ۽ پروگرام ۾ ئي نہ آيو. مون امداد کي چيو: "پلا هاڻ سمجهئين تہ اهو فتنو ڪنهن پکيڙيو؟". پوءِ امداد چيو: "يار سندس نيت".

اڄ پروفيسر جمال نقوي ۽ مان پسار ڪري رهيا هئاسون. ان وقت افضل ۽ اسلم ٻڌايو تہ: "ايشيا جو انقلابي شاعر فيض احمد فيض وفات ڪري ويو آهي. هن کي پنڊي سازش ڪيس ۾ گرفتار ڪري ڪيترن ئي سالن تائين جيل ۾ رکيو ويو. چو تہ هن جو تعلق ڪميونسٽ پارٽيءَ سان رهيو هو". اڄ منجهند جي ملاقات ۾ ڊاڪٽر مظهر جوڻيجو ملڻ آيو. هن ڳوٺ جا حال احوال بہ ڏنا.

25_11_1984

اڄ منهنجو وڏو ڀاءُ ڪامريڊ غلام حسين شر ملڻ آيو. ڏاڍو پريشان هو. هڪ تہ لڳاتار روپوشي. ٻيو گهر جا مسئلا. زمينن کي آباد ڪرڻ وارو ڀاءُ نور علي گذاري ويو ۽ مان جيل ۾. هاڻ سجو لوڊ لياقت علي تي آهي. اهو بيروزگار هجڻ سبب پاڻ بہ پريشان آهي. مٿان وري هن جو وڏو پٽ بنا ٻڌائڻ جي الائي ڪيڏانهن هليو ويو آهي. ٻن ٽن مهينن کان غائب هجڻ ڪري ادا لاءِ وڏي پريشاني آهي.

01_12_1984

اڄ بي بي سي ريڊيو تان خبر نشر ٿي آهي. تہ جنرل ضياءُ الحق عام

چونڊن بدران 19 ڊسمبر تي ريفرنڊم ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان جو هن طريقو اهو اختيار ڪيو آهي تہ هڪ سوال نامو جاري ڪيو ويندو جنهن ۾ پڇيل هوندو تہ: "ڇا توهان کي اسلام قبول آهي؟". ايئن عوام طرفان 'ها' لکڻ جي صورت ۾ پنجن سالن لاءِ ملڪ جو صدر چونڊجي ويندو. هيءَ تہ بي حيائيءَ جي عظيم انتها کان بہ ڳالهہ ڇڙهي وئي. جيئن ترڪي ۾ جنرل ڪينان ڪيو آهي. هتي بہ اُهو ئي سامراجي بين الاقوامي طريقو استعمال ڪيو پيو وڃي.

02_12_1984

اڄ جيل ۾ ضياءَ جي ريفرنڊم ڪرائڻ واري اعلان تي بحث هلندو رهيو. ٻئي طرف ايم آر ڊي جي قيادت ريفرنڊم جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو آهي. جنهن تي هتي جي ڏاهي همراهہ چيو تہ: "ايم آر ڊي کي بائيڪاٽ نہ ڪرڻ گهرجي. عوام کان راءِ مخالفت ۾ ڏياري وڃي". ان تي اڪثر دوستن چيو تہ: "هن سوال اهڙو رکيو آهي. جو ڪو بہ ماڻهو اهو ڪونہ چوندو تہ اسلام قبول ناهي. ان کي ايم آر ڊي ڪيئن روڪيندي؟. نہ قانون جي ڳالهہ نہ آئين جي. آئين معطل آهي _ قانون ضياءَ جو پنهنجو آهي".

05_12_1984

اڄ وري ڪافي عرصي کانپوءِ سياسي قيدين جي آمد شروع ٿي وئي. چام ساقي ڪيس. ايياز سمون ڪيس ۽ هاءِ جيڪنگ ڪيس وڙهندڙ وڪيل شفيع محمدي کي جيل ۾ آڻي نظر بند ڪيو ويو آهي. پ پ جو محمد حسن ڏنجي. عثمان ٻدو. رفيع منير ۽ وڪيل عاقل لوڏي کي گرفتار ڪري نظربند ڪيو ويو آهي. چون ٿا تہ ضياءالحق پنهنجي ريفرنڊم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ پنهنجي عادي مخالفن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

شام جو وري پ پ ليارين جي اڳواڻ رحيم بلوچ کي بہ آندو ويو آهي. جيل ۾ رونق وڌڻ لڳي آهي. اسان اسپيشل وارڊ ۾ هنن يارن سان ملڻ وياسون تہ رحيم بلوچ وضو ڪري رهيو هو. مونکي ڏسي ڪلي چيائين: "تون ايڏا اتي آهين ڇا؟ توهان جي ڪيس جو فيصلو جو ٿي ويو ۽ ٻڌوسين تہ

توهان سيني کي آزاد ڪيو اٿن". مون چيو: "جام سائي کي ڇڏيو اٿن. باقي ڪيس جي سزا ٻڌائينداً". رحيم چيو ته: "مان ته روپوش هُئس. ڪيڙا ميرا ٿي ويا. متائڻ ويس ته پوليس ٻڌي ورتو".

12_12_1984

رات سائين انين وڳي بي بي سي ٻڌايو ته هڪ طرف ضياءالحق ريفرنڈم ڪرائي رهيو آهي. ٻئي طرف وري مخالفن جون ڏڙا ڏڙ گرفتاريون ۽ ڪرائي رهيو آهي. جنهن سبب ايم آر ڊي جي قيادت روپوش ٿي وئي آهي.

18_12_1984

ڀاءُ لياقت علي شر خط لکيو آهي ته گهريلو مالي حالتون ڏاڍيون خراب آهن. مون واري وڪالت ۽ خاص ڪوٺ ٿي هلي. مان ۽ ڊاڪٽرن جيان روز دعائون گهرندو آهيان ته ماڻهو جهيڙا ڪن. وڙهن. ڦرون ڪن. ته جيئن مونکي ڪيس ملن. امڙ سخت بيمار آهي. پئسو نه هجڻ سبب ان جو علاج ۽ نٽا ڪرائي سگهون. ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهن ٿا. پر انهن جي ڪپڙن ۽ ڪتابن جا پئسا ۽ ناهن. ٻيڙ حسن بانو ۽ پائٽين کي ڪاليج ۾ داخل ته ڪرايو آهي. پر انهن جي ۽ فيس ۽ ڪتابن جا پئسا نه هجڻ سبب اهي گهر ويٺيون آهن.

مان خط پڙهي مايوس ٿي ويس. امداد چانڊيو آيو پرسان پيل خط پڙهي. چيائين: "اسان سيني سان ساڳي صورتحال آهي. اسان جيل ۾ آهيون. ٻاهرين جي ڪا ۽ مدد نٽا ڪري سگهون. ان ڪري اُهي ڄاڻن انهن جا ڪم. پاڻ کي هتي پريشان ڪرڻ مان ڪو فائدو ناهي".

19_12_1984

اڄ اسان جي وارڊ ۾ هڪ قيدي ريفرنڈم جا ڪاغذ ڪٽي آيو ۽ ضد ڪرڻ لڳو ته هنن تي ڪجهه نه ڪجهه لکو. شير مگُريو ڪاغذ ڪسي ڦاڙي ڇڏيس. رات جو ماسکو ريڊيو ٻڌايو ته: "ضياءَ جو ريفرنڈم ناڪام ويو. 20 سيڪڙو ماڻهن ۽ ان ۾ حصو نه ورتو.

21_12_1984

رات بي بي سي خبر ٻڌائي. ته ايم آر ڊي قيادت لاهور کان ضياءَ کي

هتائڻ واري تحريڪ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اڄ اتي رڻيل چوڪ تي وڏو مظاهرو ٻڌيو جتي پوليس ۽ فوج ماڻهن تي لٺيون ۽ ڳوڙها آڏيندڙ گئس هلائي ٻڌ ماڻهو جڙوڇڙ ٿيڻ بدران انهن پٿرن ۽ سروٽن سان پوليس ۽ فوج جو مقابلو ڪيو جنهن سبب ٻنهي پاسن سوين ڇٽا زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن.

نئون سال مبارڪ

01_01_1985

صبح ساڻ تالا کليا ۽ روز جيان مان جاگرس پائي، جيل جي ديوار سان ڊوڙ شروع ڪيو. سامهون پ پ جو نوجوان ورڪر ممتاز لاشاري پئي آيو. جيڪو منهنجي استڊي سرڪل ۾ گذريل ڇهن مهينن کان صادق عمراڻي جي چوڻ تي شامل آهي، پر ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي. بس ڊڳي وانگر هر ۾ ڦيو هلي. مون هن کي ويجهو اچڻ تي چيو: "ساڻي نئون سال مبارڪ". هن چيو: "وعليڪم مبارڪ" وري شريف بروهي ڊوڙندي گذريو ۽ مون هن کي به نئون سال مبارڪ چيو هن رڳو هٿ جي اڇل ڏني ۽ ڦيو ڪو به ردعمل نہ ڏيکاريائين. ائين ئي خاموشيءَ سان ڏهن منٽن تائين جيل ڪوٺ سان ڊوڙندو رهيس. احسان شير پائو گذريو ۽ هن کي به مون نئون سال مبارڪ چيو هن به وراڻيو: "توهان کي به". هر ساڻي مٿئين دل سان نئون سال مبارڪ جو جواب ڏنو. گذريل ستن سالن کان ملڪ تي مارشل لا مڙهيل آهي، اسان جهڙن جوانن جي جوانيءَ واري جوبن کي جيل چٻاڙي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سڀ ساڻي ڪميونسٽ ۽ ناهن جو جيل سان به رومانس ڪن. سڀ ساڻي چون پيا، نئون سال اسان لاءِ ڇا ڪڍي آيو آهي؟ جو ان جي اچڻ تي خوشي ڪريون. ڪالهه 1984ع جي سج لهڻ وقت به جيل ۾ قيد ٽيهٽ جون سيٽيون ٻڌيون سين ۽ اڄ 1985ع جي شروعاتي ڏينهن تي به ساڳيون سيٽيون ئي ٻڌي رهيا آهيون. ۽ هلو بند ٽيو پر نئين سال تي اسان اِهو عزم ڪري ٿا سگهون. ۽ جيسين جيئرا آهيون، هن غير جمهوري آمريت واري عوام دشمن حڪومت جي مخالفت جاري رکنداسون. اسان پنهنجا حوصلا ۽ بلند رکون. ۽ جيئن وطن جا ويري پنهنجا حوصلا وڃائي ويهن. بس اهو ئي

نئين سال جي آمد تي اسان جو عزم ۽ قوم، وطن سان وچن آهي، ته آزادي حاصل ٿيڻ تائين اسان جا حوصلا بلند رهندا.

02_01_1985

اڄ منجهند کانپوءِ خبر پئي ته ڏهه ٻارنهن نوان سياسي قيدي آيا آهن. انهن سان ملياسون ته انهن ۾ تحريڪ استقلال جو همايون اختر، جيڪو ايم آر ڊي تحريڪ دوران ٻه جيل ۾ گهڻو تڻو اسان سان ئي گڏ هوندو هو، جو هو پروفيسر جمال نقوي جو اردو ڪاليج جو شاگرد رهيو آهي. ڪجهه جي يو آءِ جا ڪارڪن آهن، ته ڪجهه پ پ جا، جن کي 1984_12_25 تي گرفتار ڪري لاڪ اپ ۾ رکيو ويو هو. هنن ٻڌايو ته متن کي ڪيس ٻڌڻ پئي، پوليس وارا فوجين جي چوڻ تي اسان کي گرفتار ڪري ويندا. ان ڪري ٻه ٽي ڏينهن لاڪ اپ تي رکي ڇڏيائون، اتي وڙهيا وغيره ته نه، پر گندگي، بدبوءِ، مچر ڏاڍا هئا، جنهن ڪري حالت خراب ٿي وئي آهي. مون هنن کان پڇيو: "اسان ته پڙهيو پئي بنگالين ۽ بهارين ڏاڍا مظاهرا ڪيا آهن. اُهي لاڪ اپن ۾ نظر نه آيا، چو ته جڏهن کان هنگاما ٿيا آهن، هڪ به بنگالي ۽ بهاري جيل ۾ نه آيو آهي. فوجي حڪومت هيءَ کهڙي راند ۽ ڪنهن لاءِ کيڏي رهي آهي. انهن هنگامن ۾ ڪافي پوليس وارا به مارجي چڪا آهن. آخر چڪر ڇا آهي؟ اسان کي پمفليٽ جهڙي معمولي ڪيس ۾ 5 سالن کان قيد رکيو ويندا آهن ۽ هڪ ساٿي نذير عباسي کي اذيتون ڏئي شهيد ڪيو ويو. پوءِ هِنن برمين، بنگالين ۽ بهارين کي ايڏي چوٽ چو ڏني وئي آهي؟". خواجا همايون به ٻڌايو ته: "بهارين، برمين ۽ بنگالين کي اتي ڪي شاهينگ اچي ضامن پون پيا، ۽ انهن کي پوليس آزاد ڪري پئي چڏي، بهارين پوليس وارا ماريا، بنگالين ۽ برمين شهريت نه ملڻ تي ضياءَ جا پتلا ساڙيا، انهن کي ڪجهه نه ڪيو ويو، اسان ضياءَ ۽ ان جي مارشل لا خلاف ۽ شهيد پٽو جي زندگي بچائڻ لاءِ پمفليٽ ڇاپي ورهايا، اسان اڃا تائين جيل ۾ پيا آهيون. خون جا ڏوهاري به چون ٿا توهان جا ڪيس ڏاڍا خراب آهن، چو ته هنن کي به جيل ۾ به سال پورا ڪرڻ تي ضمانت ملي ٿي وڃي، اسان کي 5 سال قيد ڪٽڻ کانپوءِ به ضمانت ته ڇا ملاقات پڻ نٿي ملي".

03_01_1985

ملڪ جي سياسي صورتحال هڪ نئون رُخ اختيار ڪري رهي آهي. اُهوان ڪري ته ايم آر ڊي جي تحريڪ تڏي ضرور ٿي آهي. پر اڳواڻن طرفان ان کي ختم ڪرڻ جو اعلان به نه ڪيو ويو آهي. اهڙي صورتحال دوران بنگالي، بهاري ۽ برمي اٿي ڪڙا ٿين، اهو سمجهه ۾ نٿو اچي. ڪافي دوستن کان راءِ ورتي ته هي ماجرا ڇا آهي؟ انهن جي اِها راءِ آهي ته اصل ۾ فوج ۾ به ڏڙي بندي ٿي پئي آهي. انهن مان هڪ اهڙو ڏڙو آهي، جيڪو اهي وڳوڙ ڪرائي جنرل ضياءَ جو تختو اونڌو ڪرڻ چاهي ٿو. مون کي ان تي ڪِل اچي وئي. مون چيو: "اُهو ڏڙو ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران ننڊ ڀيو هو چا...!؟ اُهو چاهي ها ته جتي فوجي به مڱا آهن، ته عوام به وڳوڙن جو بهانو ڪري ضياءَ جو آرام سان تختو اونڌو ڪري پئي سگهيو هي چند برمين، بنگالين ۽ بهارين مان چا حاصل ٿيندو".

جڏهن ڪٽان به جواب نه مليو ته مان پروفيسر جمال نقوي جي ڪولي۽ ۾ هليو ويس. هُو ستو پيو هو. چو ته هن کي ٽيڙا اچڻ ڪري ٻيهر ۾ سَٽ اچي وئي آهي. مون سوال ورجايو ته: "هي بهارين جو مسئلو چا آهي؟". هن چيو: "ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران سنڌي مهاجر ڪافي حد تائين هڪٻئي جي ويجهو اچي رهيا هئا. اهڙي صورتحال کان فوجي جنتا ڊڄي وئي آهي. ته جڏهن به سنڌي مهاجر هڪ ٿيا. هُو حڪومت ڪري نه سگهندا. ان ڪري هنن بنگالين، برمين ۽ بهارين کي پڙڪائي اڻاريو آهي". واهه! منهنجي سوال جو جواب ملي ويو.

08_01_1985

19 ڊسمبر جي ريفرنڈ ڪانپوءِ ايم آر ڊي نئين حڪمت عملي تحت مسجد جي سياست جي شروعات ڪري چڏي آهي. جنهن تحت هر جمعي تي پنجاب جي مسجدن ۾ ميڙاڪا ٿيندا. ۽ جمعي نماز ڪانپوءِ جلوس ڪڍي مظاهرا ڪيا ويندا. اڄ جنگ اخبار جي خبر آهي ته ايم آر ڊي اڳواڻن رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي ۽ خواجا خيرالدين، جنرل ضياءَ سان ملاقات ڪئي آهي. جنهن ۾ جنرل عارف ۽ جنرل جهانداد خان به شريڪ ٿيا هئا.

جڏهن ته ساڳي اخبار ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي ان خبر جي سختيءَ سان تردید به ڪئي آهي.

10_01_1985

اڄ جي اخبارن ۾ خبر آهي ته پ پ جي مير اعجاز ٽالپر ۽ اين ڊي پي جي عابد زبيري گڏجاڻي ڪري فيصلو ڪيو آهي. ته اُهي ضياءَ جي غير پارٽي عام اليڪشن ۾ حصو ونڊندا. جنهن تي پ پ ترجمان قاضي عبدالغني ايڊووڪيٽ چيو آهي ته مير اعجاز ٽالپر، ضياءَ جي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ ڪري هن کي پارٽيءَ مان ڪڍيو ويو آهي. تنهن ڪري هن جي بيان جي ڪا به حيثيت ناهي.

12_01_1985

اڄ جي اخبارن ۾ خبر آهي ته ايشيا جو ماڻل ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ پي ٽي وي ۽ ريڊيو تان شام جو خطاب ذريعي اهم اعلان ڪندو الاهي وسوسا ٿيندا رهيا. شام جو خبرن ۾ ٻڌايو ويو ته جنرل ضياءَ اليڪشن شيڊول ڏنو آهي. جنهن تحت 28 فيبروري تي قومي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيندبون. ۽ 25 فيبروري تي صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيندبون. جيڪي غير جماعتي هوندبون. ڪابه پارٽي ان ۾ حصو نٿي وٺي سگهي. هاڻي اها ڳالهه ته صاف ٿي وئي ته ڪا به سياسي پارٽي چونڊ نٿي وڙهي سگهي. جو ته هي چونڊون غير سياسي آهن. هاڻي ڏسنداسون ته ڪهڙي پارٽي پنهنجا ماڻهو موڪلي غير سياسي ۽ غير جماعتي چونڊن ۾ حصو ٿي وٺي.

13_01_1985

ضياءَ جي ڪالهه واري چونڊن جي شيڊول جاري ڪرڻ واري اعلان تي بين الاقوامي اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن هي خبرون نشر ڪيون آهن. پاڪستان جي شهر لاهور ۾ ضياءَ جي غير جماعتي چونڊن جو اعلان ڪرڻ خلاف لاهور ريگل چوڪ تي وڏو احتجاجي جلوس نڪتو جنهن تي پوليس ۽ فوج لٺيون وسايون ۽ ڳوڑها آٽيندڙ گئس جا هزارين شيل فائر ڪري سون جي تعداد ۾ مظاهرو ڪندڙ به گرفتار ڪيا ويا آهن.

بي بي سي جيڪو سامراجي نشرياتي ادارو آهي، ان ڪجهه به نه

بڌايو اڄ جو خيرالدين بہ خاموش رهيو پيو ته بوريو سامراج ضياء جهڙي ملڪ ۾ عوام دشمن جنرل مان خوش آهي حيرت آهي ته ضياء جهڙو فاشسٽ حڪمران اڄ تائين پئدا نہ ٿيو آهي. هن ڪميني هنڌ مسولسي ۽ شاهہ ايران جهڙن ظالمن کي بہ شڪست ڏني آهي انساني حق جون ڏاڍيون اڏائي ڇڏيون آهن. سياسي ڪارڪنن سماجي ڪارڪنن ۽ جمهوريت پسندن کي ته سرعام اسٽيڊيمس ۾ ٽنگا هڻايا آهن. ۽ مسڪين دڪاندارن کي بہ نہ بخشيو آهي ايستائين جو رمضان ۾ ڪراچي جهڙي شهر ۾ روزو نہ رکندڙ مسافرن کي بہ نہ بخشيو آهي. جن ڪي سفر دوران اسلام روزو قصر فرار ڏنو ويو آهي. ان تي يورپ جون انساني حق جون علمبردار حڪومتون بہ ضياءَ شاهي جي حمايت ڪري رهيون آهن

15_01_1985

اڄ ساڻي محبوب جوڻيجو ملڻ آيو هن چيو ته "ڏاڍو آهي نہ سياڻي توهان جي ڪيس جو فيصلو پيو اڄي". مون چيو ته "محبوب آهو اڄي ته ڇڪو آهي. جام ساقي ڪيس مان جام سافي. بدر الزمان سهيل سانگي. امر لال آزاد باقي ڪيس کي سزا لڳي ڇڪي آهي. آهو آهي شير شر ۽ ڪمال وارثي ڪميونسٽ اسان سان فراڊ ڪري ڇڪا آهن ۽ اسان ان فراڊ کي قبول ڪري ڇڪا آهيون. پر يار اسان جو اعتماد ۽ پروسو جام سافي جهڙي اگواڻ تان ختم ٿي ويو ڪيڏو نہ فراڊ آهي هي شخص خير اسان جو فيصلو الله وٽ آهي. آهو ضرور اسان جو حساب ورندو"

16_01_1985

اڄ هڪ ڪرنل اسان جي ڪيس جو فيصلو ٻڌائڻ آيو جنهن نہ اسان کي نہ هٽڪڙيون لڳرايون. نہ ڪيس هلايو. مون چيو "اهي ڪٽي آهن جن سان جو ڪيس هلايو هو تون ڪير آهين؟" هن چيو "مان ڪرنل آهيان". ان تي مون چيو: "اهي ڪيڏانهن ويا جن اسان تي ڪيس هلايو هو اهي فيصلو چو نٿا ٻڌائين!؟" ڪرنل منهنجي سوالن تي پريشان ٿيڻ لڳو

• بي بي سي کي پهرائي جا ماڻهو خيرالدين سڏيندا هئا

هڪدم چيائين: "فيصلو پڙهو جام ساقي، امر لال، بدر ابڙو ۽ سهيل سانگي تي ڪيس ثابت نه ٿيو انهن کي آزاد ٿو ڪريان، جڏهن ته ڪمال وارثي ۽ شبير شر تي ڪيس ثابت ٿيو آهي، انهن کي ست ست سال قيد بامشقت جي سزا ٿو ڏيان". ان تي مان تاڙي وڄائي ۽ ڪرنل کي چيو: "ست سال ته وڏا آهن، توهان ايترو عرصو پنهنجي هيءَ غير قانوني ۽ غير آئيني حڪومت بچائي سگهندا...!؟"، هو جواب ڏيڻ کانسواءِ اٿي هليو ويو. محبوب جوٽيجو ملاقات تي آيو هن به پڇيو ته: "توهان کي سزا پڌائي اٿن چا!؟" مون چيو: "ها صرف ڪمال ۽ مونکي، باقي جام ساقي سميت سمورن کي آزاد ڪيو ويو آهي، ڪميونسٽ پارٽي جن ته اسان به هلائيندا هئاسون!".

17_01_1985

اڄ ملڪ جي سڀني سنڌي، اردو اخبارن ۾ مونکي ۽ ڪمال وارثيءَ کي فوجي ڪورٽ طرفان ڏنل 7 سال سزا جي باري ۾ خبرون ڇپيون آهن. اڄ بدر ابڙي جيل وارن کان فيصلي جي ڪاپي ونڊ جو چيو هو ڪافي خوش ۽ تندرست لڳي رهيو هو. مونکي چيائين: "ڪچو پيرڊ (under trail) لاءِ درخواست ڏي ته ان سان توهان به باهر اچي ويندا". مون چيو: "اسان کي ته تخريبڪار قرار ڏئي سزا ڏني اٿن، ۽ چون ٿا ته جن کي مارشل لا قانون تحت سزائون آهن، انهن جي سزا جي ڪٽپ سزا پڌائڻ واري ڏينهن کان شروع ٿئي ٿي. يونين عرصو ان ۾ شامل نٿو ڪيو وڃي"، هن چيو: "الائي خبر ناهي، پر بابا توهان لاءِ مون کي اهوئي نياپو ڏنو".

جيل وارن بدر کي به فوجي ڪورٽ جي فيصلي جي ڪاپي نه ڏني، هن حبو ته: "جيل رجسٽر تي 7 سال سزا لکي ويا آهن ۽ بين کي زباني ڇڏي ڏنو اٿن. باقي لکت ۾ ڪو به فيصلو نه ڏنو اٿن. حيرت آهي، ايڏي فوج هوندي به چورن وارو فيصلو پڌايو اٿن. هو بي هٿيار عوام کان ڪيڏو نه ڊنل آهن".

بي بي سي رات وارين خبرن ۾ پڌايو ته جنرلن جي ڪيبينيٽ فيصلو ڪيو آهي ته سموريون سياسي پارٽيون پارٽي نالي کانسواءِ چونڊن ۾ حصو وٺي سگهن ٿيون. اين ڊي پي، پي اين پي ۽ پ پ پ رجسٽرڊ نه هوندي به اليڪشن ۾ حصو وٺي سگهن ٿيون، پٽي طرف ايم آر ڊي جو مؤقف

ڏنو ويو جنهن ورجايو آهي ته جيستائين پارٽي بنيادن تي اليڪشن ڪرائڻ جو فيصلو نه ٿيندو اُها غير جماعتي چونڊن ۾ حصو نه وٺندي.

هتي سنگت سوال ڪيو ته جنرلن جو اوچتو پنهنجي مؤقف تان هٽي وڃڻ جو مقصد ڇا آهي؟ اوچتو ايڏي وڏي ڪلابازي جو ڪهڙو جواز ٿي سگهي ٿو؟

غلام مصطفيٰ خان جتوئي جو بيان ڇپيو آهي. جنهن ۾ هن چيو آهي ته: "1973ع جو آئين ختم ٿي ڇڪو آهي". هن چيو ته: "ضياءَ طرفان اُهو ان ڏينهن ختم ٿي ويو هو جڏهن 12 آگسٽ 1983 تي جنرل ضياءَ غير جماعتي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو. هاڻ اسان آئين کان اڳتي جي ڳالهه ڪنداسون" واهه اڄ جو بيان ته واقعي مزسيءَ وارو ٿو لڳي.

18_01_1985

اڄ جي اخبارن ۾ ملڪ جي چيف مارشل لا ايڈمنسٽريٽر جنرل ضياءَ جو بيان ڇپيو آهي ته جن سياستدانن کي ٽربيونلس نااهل ڪيو هو اُهي به غير جماعتي بنيادن وارين مارشل لا جي چٽيءَ هيٺ ٿيندڙ چونڊن ۾ حصو وٺي سگهن ٿا" جن لاءِ اڳ ۾ شرط رکيل هو ته ڪنهن به نااهل قرار ڏنل چونڊن ۾ حصو ورتو ته ان کي وڌيڪ 12 سالن لاءِ نااهل ڪيو ويندو. پر هاڻ ان مؤقف تان به جنرل صاحب يوٽرن هٽي چڪا آهن. ووٽرن لاءِ سجاڻپ ڪارڊ هجڻ جو شرط لازمي قرار ڏنو ويو هو ته ووٽ رڳو اُهو ووٽر ڏئي سگهندو جنهن وٽ سجاڻپ ڪارڊ هوندو پر اُهو شرط به ختم ڪري اعلان ڪيو ويو آهي ته هر بالغ ماڻهوءَ کي ووٽ ڏيڻ جو حق آهي. فوجي جنتا جي سجاڻپ ڪارڊ ۽ نااهلي واري شرط تي ان جي بغل بچ. تنظيم جماعت اسلامي سخت ناراض ٿي ٻئي آهي. جماعت اسلامي ان حد تائين حڪومت کي ڌمڪي ڏني آهي ته جيڪڏهن نااهلن کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏني وئي ته اُها چونڊن جو بائيڪاٽ ڪندي. وائيس آف آمريڪا ٻڌايو ته جن سياستدانن تي بين الاصوبائي داخلائن تي پابندي لڳائي هئي اُها به واپس ورتي وئي آهي. نه رڳو ايترو پر گرفتار سياستدانن. جن ۾ نوابزادا نصرالله ۽ مولانا فضل الرحمان شامل آهن. انهن کي به آزاد ڪيو ويو آهي. ته

جيئن اُهي ايم آر ڊي جي گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪري ايم آر ڊي کي غير جماعتي چونڊن ۾ حصو وٺڻ تي مجبور ڪري سگهن. ڇو ته سماجي ڏر سان تعلق رکندڙ سياستدان اندروني طور تي مارشل لا اختيارين سان گڏ آهن، ۽ اُهي هنن جي مفاد خاطر ايم آر ڊي ۾ شامل آهن.

مون مسرور حسن کان پڇيو ته : "هي نااهل سياستدانن کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏيڻ جو مقصد ڇا آهي؟" هن جيو ته : "ڪامريڊ اُهي سڀ نااهل اسيمبلي ۾ وڃڻ ۽ وزير ٿيڻ لاءِ تيار آهن. جڏهن پ پ جا سمورا نااهل وڏيرا حصو وٺڻ لاءِ تيار آهن ته فوجي سرڪار کي باقي ڇا کپي..!!" رات ساڍي اٺين وڳي بي بي سي ٻڌايو ته لنڊن ۾ پ پ قيادت جو اجلاس شيخ رفيع جي صدارت ۾ ٿيو، جنهن ۾ عبدالحفيظ پيرزادي، جام صادق علي، غلام مصطفيٰ کر ۽ ممتاز ڀٽو شرڪت ڪئي، جنهن ۾ ضياءَ جنتا جي غير جماعتي چونڊن جو مڪمل طور تي بائيڪاٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. پ پ ڪارڪنن کي اپيل ڪئي وئي آهي، ته اُهي غير جماعتي چونڊن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ عوام ۾ پرپور مهم هلائين.

ٻئي طرف رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي اعلان ڪيو آهي ته ضياءَ شاهي پارليامينٽ جي بااختيار هجڻ جو بقين ڏياري، ته پيپلز پارٽي غير جماعتي چونڊن ۾ به حصو وٺڻ لاءِ تيار آهي. پ پ قيادت اقتدار واري دؤر کان وٺي جيڪا گروپ بندي ڪئي هئي، اُها اڄ به برقرار آهي، ۽ فوجي جنتا لڳاتار ان جو ئي فائدو وٺي رهي آهي.

19_01_1985

اڄ رات بي بي سي پنهنجي نشريات ۾ ٻڌايو ته ايم آر ڊي قيادت جو ايبٽ آباد ۾ اهم اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ ضياءَ جي غير جماعتي چونڊن واري عمل جو مڪمل طور تي بائيڪاٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. بي بي سي ٻڌايو ته ايم آر ڊي پنهنجي آخري فيصلي جو اعلان انتهائي سخت مؤقف سان ڪيو آهي. حڪومت ايم آر ڊي قيادت کي ڪليل اجلاس ڪرڻ جي اجازت شايد ان ڪري ڏني هئي، ته ايم آر ڊي ۾ شامل مارشل لا حمايتي پارٽيون ايم آر ڊي جي سخت گير قيادت تي حاوي ٿي،

غير جماعتي چونڊن ۾ حصو ونڻي فيصلو ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندين.
پر اُهي مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويون آهن.

ايم آر ڊي جي تحريڪ ڪانپوءِ نوجي جنتا ان جي قوت کان سخت ڊنل آهي. هي غير جماعتي چونڊون بہ پنهنجي آقا آمريڪي سامراج جي چوڻ تي ڪرائڻ لاءِ مجبور ٿي آهي. ان جي ڪوشش هئي تہ ايم آر ڊي قيادت ۾ ڏڦيڙ وجهي. ان کي ورهائي 'آدها اِدهر ،آدها اُدهر' واري پاليسيءَ تي عمل ڪرايو ويڃي.

بنا اعلان جي سينسر بہ ختم

20_01_1985

اڄ صبح جڏهن اخبارون آيون تہ انهن سيني جي هيءَ سرخي ڏسي اسان حيران رهجي وياسون. خبر ڪجهہ هن طرح سان آهي:

"ايم آر ڈي نے غير جماعتی انتخابات کا مکمل طور پر بائيکاٹ کرديا"۔

انهن خبرن جي تفصيل ۾ لکيل آهي تہ عام چونڊون 1977ع جي چونڊن جيان 1973ع جي آئين مطابق هجڻ گهرجن. جڏهن تہ هنن چونڊن جو شيڊول نہ رڳو غير جمهوري آهي. پر غير آئيني بہ آهي. جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نٿو ڪري سگهجي. اگر 1973 جي آئين مطابق جماعتي چونڊن جو شيڈول ڏنو ويو. تہ ايم آر ڈي انهن ۾ حصو وٺڻ لاءِ تيار آهي.

21_01_1985

واهہ بي بي سي اڄ رات سڀني ائين وڳي جي خبرن ۾ ٻڌايو تہ حڪومت ايم آر ڈي جي ٽن اڳواڻن ملک قاسم (مسلم ليگ ملک قاسم گروپ جو سربراهہ) پي ڈي پي جو سربراهہ نوابزادہ نصرالله ۽ پ پ جي معراج خالد کي فوجي جنتا گرفتار ڪري ٽن مهينن لاءِ نظربند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري چڏيو آهي. هاڻ اهي نيئي فوجي سرڪار جا وفادار آهن. انهن کي سزا طور گرفتار ڪيو ويو آهي. تہ انهن ايم آر ڈي تحريڪ کي غير جماعتي چونڊن ۾ حصو وٺڻ تي راضي نہ ڪيو تہ ڏڪيڙ وجهڻ ۾ ناڪام ويا.

ڪالهہ جيان اڄ جون اخبارون بہ حڪومت مخالف سياستدانن جي بيانن سان ڀريل آهن. مون پ پ جي مسرور حسن کان پڇيو تہ "هي اخبارون اوچتو آزاد ڪيئن ٿي ويون آهن؟". هي پ پ جو واحد اگواڻ آهي.

جنهن جي سوچ ۽ تجزيو کاڀي ڏر جي اڳواڻن سان ملندڙ جلندڙ رهي ٿو. هن چيو ته :"ادا کامريڊ شبير، مارشل لا سرڪار جي هينئر پتلون ڍري ٿي وئي، ايمر آر ڊي ۾ سامراج ۽ مارشل لا نواز اڳواڻ نه هجن ها ته هيءَ حڪومت آگسٽ جي آخري هفتي ۾ ئي هلي وڃي ها. اصل ۾ فوجي سرڪار ۽ آمريڪا جا چاڙتا گهٽائي اسان جي پارٽي (پ پ) ۾ وينا آهن، اُهي سڄو ڪم چند ڊالرن جي خاطر خراب ڪري وينا آهن".

22_01_1985

اڄ آل انڊيا ريڊيو سنڌ جي امر انقلابي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت جي سلسلي ۾ پروگرام هلايو. جنهن ۾ ٻڌايو ته 21 جنوري 1943ع تي هيمون ڪالاڻي کي انگريز سامراج جي فوج کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي ان ڏوهه ۾ ڦاسي ڏني، جنهن ۾ هن روهڙي جي ويجهو ريل جي پٽڑي بم سان اڏائي ڇڏي هئي. ان دوران جڏهن انگريز سامراجي فوج هن جو گهيرو ڪيو هو ته هن پنهنجي ساٿين کي پڄي وڃڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ بيهي رهيو هو. هن گرفتار ٿيڻ بعد بي انتها درجي جون اذيتون برداشت ڪيون هيون پر هن ڪنهن به پنهنجي ساٿيءَ جو نالو نه ظاهر ڪيو. پوءِ هن کي سينٽرل جيل سکر اندر ڪورٽ مارشل ڪري موت جي سزا ڏنڻ وئي هئي، جنهن تي سينٽرل جيل سکر ۾ عمل ڪرائي. هن کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪيو ويو هو. بي بي سي ٻڌايو ته هيمون جي 83 سال پوڙهي امڙ اڄ به زنده آهي، جيڪا بمبئي شهر ۾ رهي ٿي.

ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي ته سنڌ ڌرتي جي هن امر انقلابي شهيد جنهن سامراج خلاف جنگ ڪندي سنڌ وطن جي آزاديءَ لاءِ جنگ وڙهندي 18 سالن جي جوبن واري جواني قربان ڪري ڇڏي هئي، ان کي پنهنجي وطن جي مٽيءَ وارن وساري ڇڏيو آهي.

اڄ ئي خبر پئي آهي ته نيپ جو اڳوڻو سيڪريٽري جنرل ۽ جهونو کاڀي ڏر جو اڳواڻ محمود الحق عثماني کي گرفتار ڪري اسپيشل وارڊ ۾ آندو ويو آهي. ان سان گڏ اِها به خبر آهي ته پ پ ليارين جي اڳواڻ احمد علي سومرو کي به گرفتار ڪري هِن جيل تي آندو ويو آهي.

24_01_1985

اڄ صبح جو مان ۾ ڪمال وارثي، جهوني سياستدان محمود الحق عثماني سان اسپيشل وارڊ ۾ ملڻ وياسون. هن پڇيو ته: "شبير شر ۾ ڪمال وارثي به هن جيل ۾ آهن؟". ان تي محمد خان سولنگي ۾ شير مگريي اسان ڏانهن اشارو ڪري چيو ته: "هي آهن". ان تي هن چيو: "حيرت آهي ته جام ساقي ڪيس مان جام ساقي، جمال نقوي جهڙا اڳواڻ آزاد ٿي ويا ۾ هنن کي ڪهڙي بنياد تي سزا آئي". ان تي امداد چانڊيو چيو: "ان سوال جو جواب ته فوجي ئي ڏئي سگهن ٿا سائين!" هن وري مون کان پڇيو: "ڪامريڊ شر توهان ٻڌايو؟" مون چيو اسان کي سزا ڏيارڻ جو فيصلو اسان جي اڳواڻن ڪيو هو، فوجي ڪورٽ ته ڪيس ثابت نه ٿيڻ تي سڀني کي آزاد ڪري رهي هئي. جام ساقي ۾ جمال نقوي، سهيل سانگيءَ جي وڪيل يوسف لغاري ذريعي شاهدن کان اهڙا سوال ڪرايا، ته هيءُ سمورو سامان شبير شر ۾ ڪمال وارثيءَ وٽان مليو آهي، اُهي به ها چوندا ويا. ساڻين چيو اسان کي قرباني ڏيڻي آهي، ته جيئن اسان جا سينيئر ساٿي آزاد ٿين ۽ ٻاهر وڃي انقلاب آڻين". ان تي محمود الحق عثماني ڪجهه ڳالهائي ئي نه سگهيو چَپَ ۾ نڙي خشڪ ٿي ويس. رڳو ڳيتون ئي ڏيندو رهجي ويو. امداد چانڊيو کي الائي ڪهڙو خوف ٿيو چيائين: "اٿو ته هلون، توتل بند ٿيڻ وارو آهي". ان تي ڪمال وارثيءَ چيو: "يار ايجا ته صبح جا 10 به نه ٿيا آهن، قيامت پئي اچي چا، جو سڄ ڏهين بجي لهندو".

ٻاهر آياسون ته امداد ٻانهون ٻڌي چيو: "هاڻ ته: "جام ساقي ۾ پروفيسر کي معاف ڪر". ان تي شير مگريي چيس: "توکي تڪليف چو ٿي ٿئي، زيادتي هنن سان ٿي آهي، تون ايترو ڪتي جيان وفادار چو ٿو ٻڌجين...!!"

24_01_1985

هتي جيل ۾ آيل نون سياسي قيدين، محمودالحق عثماني، احمد علي سومرو (ليباري وارو) ۾ قومي محاذ آزاديءَ جو اقبال حيدر شامل آهن. هن ٻڌايو ته ڪافي سياسي پارٽين جي گڏجاڻيءَ ۾ اِها ڪوشش رهي ته ضياءَ

جي غير جماعتي چونڊن ۾ حصو ورتو ويجي، انهن ۾ تحريڪ استقلال، جمعيت علماءِ اسلام، ولي خان جي اين ڊي پي پڻ شامل آهن خواجا همايون چپ ڪري اقبال حيدر جو بيان ٻڌندو رهيو ۽ هن پنهنجي پارٽيءَ جي باري ۾ ڪابه مداخلت نه ڪئي.

25_01_1985

اڄ محمود الحق عثماني سياسي قيدين جي مان ۾ مجهند جي مانيءَ جي دعوت ڪئي. جنهن ۾ پ پ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن به شرڪت ڪئي. اسان جي پهچندي ماني لڳي وئي، چو ته هن ماني باهران گهرائي هئي ۽ اُها اڃي چڪي هئي. ماني کائڻ بعد پ پ جي مسرور حسن چيو. "ويهو ته هنن کان سوال ڪيون"، مون چيو: "ڪالهه اسان هنن کي ڇاڇولي چڪا آهيون، هنن وٽ ڪجهه به ناهي"، ان تي مسرور حسن چيو: "پوءِ به ويهي وڃون. جواب ٻڌون". هنن سوال ڪيو ته: "پي اين پي بلوچستان ۾ ۽ اين ڊي پي سرحد ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ نه جو ساٿ نه ڏئي سگهيون؟" محمود الحق عثماني چيو: "اهڙي ڳالهه ڪونهي، سيني پارٽين هڪجهڙو ۽ پرپور رول ادا ڪيو ان ڪري ئي تحريڪ ڪامياب وئي، ۽ ضياءُ الحق انڊي منڊي چونڊ ڪرائڻ تي مجبور ٿي ويو آهي". مسرور حسن مون کي چيو: "ڪامريڊ، توهان سوال ڪيو. اسان جي چوڪرن کي سوال ڪرڻ نٿا اچن، اُهي هاڻ ٻوڙ ٻيا هارين". ان تي مون محمود الحق عثماني کان سوال ڪيو ته: "ايم آر ڊي ۾ انتخابي اتحاد جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، جڏهن ته ايم آر ڊي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪري چڪي آهي، ته پوءِ اهڙي صورت ۾ انتخابي اتحاد جون ڳالهيون ڇا لاءِ ٿي رهيون آهن؟". ان تي هن چيو ته. "چونڊون ته هاڻ هر صورت ۾ ٿيندیون، هيءَ اسيمبلي ايندي، جيڪا نه هلي سگهندي، چو ته ان ۾ ڪا به سياسي پارٽي نه هوندي، ان ڪري مستقبل جي عام چونڊن لاءِ انتخابي اتحاد جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، جيڪي پ پ جي دلچسپي نه ونڊ ڪري اڳتي نٿيون وڌن".

28_01_1985

اڄ بئنڪ فراڊ ڪيس ۾ فوجي ڪورٽ کان سزا ملیل قاضي رشيد

سان ڪچهري ٿي. هو ان ڳٽتيءَ ۾ آهي ته پاڪستان ڪڏهن ٿيندو ۽ هو آزاد ٿيندو! مون ڪيس چيو: "اهو مرحلو ڏاڍو پري آهي. توهان رڳو جمهوريت جي بحاليءَ تائين پاڻ کي محدود رکو ته جيئن ڪو آزاديءَ جو به آسرو ٿئي. هي ته توهان آزاد نه ٿيڻ واري خواهش جو اظهار پيا ڪريو". ان تي هُو به ڪلي وينو: "ڳالهه ته صحيح ٿا ڪريو". مون چيو: "پاڪستان ٽوڙڻ جو ٽيڪو سائين جي ايم سيد وٽ آهي. اُهو ته هن حڪومت سان نهيو وينو آهي".

ايم آر ڊي جي تحريڪ مائي ٿي وڃن ڪانپوءِ سياسي قيدين ۾ سخت قسم جي مايوسي ۽ نراسائي ڇانيل آهي. سڀ هاڻي اِهو چوڻ لڳا آهن. ته ضياءُ کي ڪو قدرت ماري ته جان ڇٽي. باقي هي مئي مارائي جان نه ڇڏيندو.

29_01_1985

اڄ ڪنهن ڪم سانگي زاهد جي ڪوليءَ ۾ ويس. جتي قومي محاذ آزاديءَ جو اقبال حيدر وينو هو جنهن کان صادق عمراڻي سوال ڪيو ته: "پنجاب ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي ناڪام ٿيڻ جا سبب ڪهڙا هئا. اُها سندِ جي تحريڪ جي اڳ جيترو به زور ونِي نه سگهي؟" ان تي اقبال حيدر چيو ته: "ان جو جواب پ پ ئي ڏئي سگهي ٿي. جنهن جي دعويٰ آهي ته اُها ملڪ جي نمبر ون پارٽي آهي ۽ ايم آر ڊي جي تحريڪ به پ پ ئي هلائي آهي. ٻئي طرف اِها ڳالهه به ڇڏي ته پ پ مڪاني چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو آهي. ته وري سندن پارٽيءَ جو مرڪزي اڳواڻ فاروق لغاري. بيگم نصرت ڀٽو ۽ مِس بينظير ڀٽو جا خط ورهائي رهيو آهي. جن ۾ ڪارڪنن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اُهي مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ حصو وٺن. جنهن ڪري پ پ جي ڪارڪنن جي اڪثريت مڪاني ادارن جي چونڊن جا نامزدگي فارم پڻ پرائي ڇڏيا آهن. فاروق لغاري انهن ڪمن ۾ سرگرم آهي. جن سان مارشل لا سرڪار کي فائدو پهچي پر هُو ايم آر ڊي تحريڪ دوران غير متحرڪ رهيو ۽ گرفتاري به پيش نه ڪيائين". اقبال حيدر چيو ته: "ٽڪا خان ۽ فاروق لغاري پ پ جي نمائندگي گهٽ. جي ايڇ ڪيو جي وڌيڪ ڪري رهيا آهن".

13_02_1985

هاڻ تہ ساڻي ملاقات ڪرڻ کان ٽڪجي پيا آهن. هاڻ ڪڏهن ڪو اچي ٿو تہ واهہ نہ تہ ائين ئي جيل ڪٽي رهيا آهيون. اڄ اسان جو تعرف هڪ نئين سياسي قيدي سان ٿيو. محمد خان سولنگي تعرف ڪيو تہ هي آهي ڪامريڊ علي احمد جوٽيجو! سنڌ جي پ پ دؤر جي خطرناڪ هوم سيڪريٽري محمد خان جوٽيجي جو پٽ آهي. ڊي ايس پي هيو ۽ وردي پائي ايم آر ڊي تحريڪ ۾ گرفتاري ڏني هيائين. سو هن کي حيدرآباد جيل کان هتي ٽرانسفر ڪيو اٿن. هي ڪوئي ڪميونسٽ وغيره ناهي پر هن کي لفظ ڪامريڊ چنبڙي ويو آهي. جنهن مان هي بہ جان ڇڏائي نٿو سگهي.

پوءِ هُن ٻڌايو تہ پٽو جي دؤر ۾ هن بدين ۾ هارين جي تنظيم ڪاري ڪئي هئي. اتان هن تي ڪامريڊ جو ٽپو لڳي ويو آهي. پوءِ بابي کي اُها ڳالهہ نہ وڻي تہ مونکي پوليس ۾ ڊي ايس پي پرتي ڪرائي ڇڏيائين. ڪراچي سائيٽ ۾ رکيو ويو اتي مزدورن هڙتال ڪئي تہ مل مالڪن چيو مزدور اڳواڻن کي گرفتار ڪريان. مان هنن کي گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ مزدورن نعرا هنيان. ڪامريڊ ڊي ايس پي زندهہ باد. اتان کان بدلي ڪري پشاور موڪليو ويو. جتي جي حڪومت ولي خان وارن جي هئي. اُتي وري مونکي پُٽي جو جاسوس سمجهندا هئا.

همراهہ ڳالهين جو ڳهير ٽو لڳي. سو هن سان وقت سٺو گذرندو.

05_03_1985

گذريل رات جو هاءِ جيڪنگ ڪيس جي جوابدار ناصر بلوچ کي ڦاسي ڏني وئي. سڄي رات سمورو جيل نعرن سان گونجندو رهيو. برجن ۽ بئرڪن مٿان فوج کي مقرر ڪيو ويو هو. ڪمال وارثي ۽ بہ ٽي ٻيا دوست وڃي جيل جي اسپتال ۾ سوچي سمجهي داخل ٿيا هئا. جتان کان هنن نعرا هنيان ۽ ناصر بلوچ شهيد کي پروقار انداز ۾ ويندي ڏٺائون. ڦاسي گهاٽ ۽ ڦاسي ڏيڻ واري هنڌ وچ ۾ هڪ ميل جو فاصلو آهي. ان فاصلي دوران هو نہ رڳو آرام سان هلندو ويو پر نعرا هڻندو ويو. هن جي نعرن جي آواز تي سڄو جيل گونجي اُٿيو. سيني هن جي نعري 'جيئي پٽو' جو جواب ڏنو.

اميرن جو اولاد آزاد ٿي ويو. ملڪ سرور اعوان جو پٽ ملڪ ايوب هوائي جهاز اغوا ڪيس جو اهم ملزم هو جنهن تي الزام هو ته هن جهاز اغوا ڪندڙن کي جهاز ۾ هٿيار پهچرائي ڏنا هئا. ان کي به موت جي سزا لڳي. جيڪا جنرل ضياءَ معاف ڪري ڇڏي. پيو اهم جوابدار لاڙڪاڻي جي وڏيري محمد علي جوهر جو پٽ سيف الله خالد آهي. ان کي به موت جي سزا هئي. جيڪا به ضياءُ الحق معاف ڪري ڇڏي. صرف غربت ڪاسي چڙهي وئي. هڪ غريب مسڪين مزدور کي ڪاسي ڏئي جنرل جڙ ملڪ فتح ڪري ورتو.

اڄ سموري جيل ۾ سوڳ واري صورتحال آهي. قيدي هڪٻئي کي پُرسو ڏئي ۽ ونڊي رهيا آهن. جيل انتظاميا ڪمال وارثيءَ تي ڏمريل آهي ته هو جاڻي واڻي جيل جي اسپتال ۾ داخل ٿيو ته جيئن نعرا هٽي سگهي. جيل جي ڊاڪٽر، ڪمال کي گهرائي چيو ته: "توهان جيل وارن کي جيڪو جواب ڏنو آهي، ان تي قائم رهجو. ته توهان بيماري سبب داخل ٿيا هئا". ڪمال چيو: "اِها ته حقيقت آهي. توهان به منهنجي حالت ڏسي مونکي داخل ڪيو هو". بعد ۾ جيل اندر غائبانه جنازي نماز پڙهي وئي. جنهن ۾ مڙني سياسي قيدين شرڪت ڪئي ۽ بعد ۾ مارشل لا مرده باد جا نعرا هنيان ويا. سڄو ڏينهن جيل اندر ڏک واري فضا رهي. ملاقات وغيره به بند ڪئي وئي آهي.
06_02_1985

اڄ جيل وارن اسان سياسي قيدين جي واردن جا ٻاهريان دروازا تالا هٽي بند ڪيا. واردن ٻڌايو ته: "ڊي ايم ايل اي جيل گهمڻ ٿو اچي". جڏهن ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر اسان جي وارڊ ٻاهران گذريو ته اسان زوردار نعرا هنيان. ان تي ڊپٽي حيدر امام پڇندو آيو ۽ چيائين: "نعرا نه هڻو". اسان پوءِ به نعرا جاري رکيا ته ڊي ايم ايل واپس موٽي ويو.

پوءِ جيل سپرنٽينڈنٽ مونکي پنهنجي آفيس ۾ سڏائي ڏهمان ڪرڻ لڳو ته: "توکي بند وارڊ ٿو ڪريان. نعرا ڇو هڻايا اٿئي؟". مون چيو: "ڪالهه بيگناهه قيدي کي ڪاسي ڏئي. اڄ هُو اسان جو ردعمل ڏسڻ آيو هو. سو اسان هن کي ڏيکاريوسون. باقي تون بند وارڊ ڪرڻ چاهين ته ڪر _ ان جي اسان کي به پرواهه ناهي". پوءِ هُن جيلر کي چيو: "هنن جي ملاقات بند

ڪيو". مون چيو: "نيڪ آهي، ڪيو بند". ائين چئي مان واپس آيس تہ پ پ جا صادق عمراڻي، مسرور حسن، اشفاق ڪولاچي ۽ اسان جي وارڊ ۾ آيا، هنن چيو: "اسان ٻڏو تہ توهان کي بند وارڊ ڪيو اٿن". مون چيو: "اڄان ڏمڪيون پيا ڏين، باقي ملاقات بند ڪري چڏي اٿن".

10_03_1985

ضياءَ غير جماعتي چونڊون ڪرائڻ ۾ ۽ ڪامياب ٿي ويو. پ پ خيرپور ۾ گلزار انڙ جي حمايت ڪئي. غلام مصطفيٰ جتوئي پنهنجي خاص سيڪريٽري امتياز تاج کي مهم هلائڻ لاءِ موڪليو. موري ۾ سندس پاءُ غلام مجتبيٰ خان جتوئي. دلمراد جمالي کي ڪنراپو ۽ هن جي جلسن ۾ خطاب پڻ ڪيائين. ائين ووٽر کي گهرن کان ٻاهر ڪڍي پولنگ اسٽيشن تائين آندو ويو. هاڻ پ پ وارا افغان انقلاب تي چڙيو وينا آهن، اهو نہ اچي ها تہ ضياءَ کي آمريڪي سرڪار ڏڪهو عرصو حڪومت نہ ڪرائي ها.

14_03_1985

ايم آر ڊي جا اُهي ڪارڪن اڃا تائين بند آهن، جن کي ضياءَ جي غير جماعتي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪرائڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو انهن ۾ ڊي ايس ايف جو توصيف ملڪ، پي اين پي جو شبيہ حيدر، پ پ جو ڪوثر عابدي ۽ ڪوثر حسين، جڏهن تہ قومي محاذ آزاديءَ جو رفيق احمد شامل آهن. تحريڪ استقلال جو مشير پيش امام بہ ڪالهہ گرفتار ٿي آيو آهي، اڳ وارا ليڊر بہ اڃا بند آهن. دوستن چيو: "اڳواٽن مان روز هڪ کي چانهہ جي دعوت ڏئي گهرائي ڪچهري ڪجي". محمد خان سولنگي، مشير پيش امام کي ونڊي آيو. چوڪرن سوالن جي بوچاڙ ڪيس تہ هو ڪاوڙجي پيو ۽ اٿيو هليو ويو. مون دوستن کي چيو: "سوال ڪرڻ جو انداز نرم رکو جيڪو جارحاٽو نہ هجڻ گهرجي، نہ تہ هُو سمجهندا تہ اسان هنن کي گهرايون ئي بيعزتي ڪرڻ لاءِ ٿا". اهو ئي سبب آهي جو قومي محاذ آزادي جي اڳواٽن علمدار حيدر، اقبال حيدر، جمعيت علماءِ اسلام جي قاري شير افضل چانهہ جي دعوت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري چڏيو.

18_03_1985

اڄ ڄانهه ڪڇهري تي پ پ جي قاضي عبدالغني کي گهرايوسون. قاضي عبدالغني به پٽي دؤر جو ڊي ايس پي آهي. جنهن کي ضياءالحق جي مارشل لا ايندي هزارين ماڻهن سان گڏ نوڪري تان لاهي گهر ۾ ويهاريو ويو. ان دوران پ پ جو هڪ ڪارڪن پهچي ويو. جنهن کي اسان ڄانهه پارٽيءَ ۾ شرڪت جي دعوت به نه ڏني هئي. سو هن ايندي ئي قاضيءَ تي ذاتي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. ان تي قاضي به دٻ ڏنس ته: "مونکي خبر آهي ته تو جهڙي ڇٽل ڪارتوس کي هتي ڪنهن موڪليو آهي. مان ڪامريڊن جي ڪڇهري ۾ آيو آهيان. توکي ڪهڙو حق ٿو پهچي جو مون تي ذاتي حملا ٿو ڪرين". اسان به هن کي چيو ته: "محفل جي آداب جي خلاف نه وڃ. آيو آهين ته مان ڪري ڪڇهري ٻڌ". پوءِ ڊي ايس ايف جي ملڪ ناصر هن کان سوال ڪيو ته: "ايم آر ڊي جي اڳتي لاءِ پاليسي ڇا آهي؟" ان تي هُن چيو: "پهريان ته ايم آر ڊي کي غير جماعتي چونڊن جي بائيڪاٽ جي ناڪامي تسليم ڪري عوام کان معافي ونڊ گهرجي. ٻيو ته مان بائيڪاٽ جي لائين جي خلاف هئس. چونڊن ۾ حصو ونڊجي ها. ۽ اسيمبليءَ ۾ ٻڌڊڪ وجهي ان فلور تان ضياءُ الحق کان استعيفيٰ جا مطالبا ڪجن ها. ائين ضياءُ مهيني اندر اهڙي اسيمبلي ختم ڪري ڇڏي ها". مون چيو: "قاضي صاحب 1979ع جي مڪاني چونڊن ۾ به ان فلاسافي تحت حصو ورتو هو. پوءِ ڇا ٿيو؟ حڪومت توهان جا سمورا چونڊيل نمائندا خريد ڪري ورتا ها. وڏيري کي هر صورت ۾ اقتدار ڪپي. ته جيئن اهو ٽاٽي کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي سگهي. هينئر به ائين ٿئي ها". قاضي چيو: "اهو فيصلو غلط هو. هينئر واري ڳالهه ٻي آهي".

23_03_1985

اڄ محمد خان جوڻيجي کي ضياءالحق جي اسيمبليءَ جو وزيراعظم چونڊيو ويو. جيئن سنڌ مان محروميءَ جو احساس ختم ڪري سگهجي. ضياءُ الحق اڄ پاڻ به چونڊيل صدر جو قسم کنيون. جيڪو کيس سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ڪٽايو. اسيمبلي جي ڪارروائي خاموش

هلي. ڪنهن به ميمبر کي ڳالهائڻ نه ڏنو ويو. ضياءُ جي تقرير ريڊيو تان نشر ڪئي وئي. هن چيو ته: "وزيراعظم محمد خان جوڻيجو انتهائي ذهين ۽ محب وطن انسان آهي. هن دؤر ۾ اسلام مضبوط ٿيو آهي"، ان جو ثبوت اهو ڏنائين ته ماڻهو هاڻي وڏي تعداد ۾ مسجدن اندر نماز پڙهڻ لڳا آهن. فخر امام کي اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊيو ويو. شورا جو چيئرمين هن کان اسيمبلي جي اليڪشن هارائي ويو. ان کان اڳ راجا ظفرالحق جيڪو ضياءُ جو اوپننگ بئٽسمين رهيو آهي، اهو به هارائي ويو. مطلب ته ضياءُ جا وڏا چمچا به سندس غير جماعتي اليڪشن کتي نه سگهيا.

27_03_1985

رات بي بي سي سهربين ۾ ٻڌايو ته حڪومت ملڪ جي بارن جي دروازن تي نوٽيس لڳايا آهن ته حڪومت يونين بازي تي پابندي لڳائي رهي آهي. جنهن تحت بار کي غير قانوني قرار ڏنو ويندو. ان تي سڄي ملڪ جا وڪيل اٿي کڙا ٿيا آهن. لاهور ۾ وڪيلن جو وڏو جلوس نڪتو جنهن سبب پوليس ۽ وڪيلن ۾ سڄو ڏينهن چڪريون هلنديون رهيون. استادن جي يونين تي اڳ ۾ ئي پابندي لڳائي وئي آهي. جنهن سبب استاد لڳاتار هڙتال تي آهن. جنهن ڪري ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي، لاهور ۽ اسلام آباد جون يونيورسٽيون بند پيل آهن. مزدور يونين تي به پابندي مڙهي وئي آهي. جنهن سبب ڪارخانا به مزدورن جي هڙتال سبب بند پيا آهن. مزدورن کي لانڊي جيل ۾ قيد ڪيو ويو آهي. اهڙي ٻرندڙ صورتحال ۾ به ايم آر ڊي جي قيادت خاموش آهي، ايڏا وڏا اشو هلي رهيا آهن، انهن تي به خاموش آهي.

بي بي سي اهو به ٻڌايو ته سوويت يونين جي صدر گورباچوف، ضياءَ حڪومت کي افغان مسئلي تي به ڌمڪي ڏني آهي، ته نام نهاد مجاهدن کي دهشتگردي جي سکيا ڏيڻ ۽ حمايت ڪرڻ بند نه ڪئي ته سخت ڪارروائي لاءِ پاڪستان تيار رهي.

31_03_1985

سائين جي ايم سيد جو جنگ اخبار ۾ بيان ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي ته: "ضياءُ الحق هڪ شريف النفس انسان آهي، جوڻيجو پير

پاڳاري جو ماڻهو آهي ۽ جيڪو پير پاڳاري جو ماڻهو آهي، اسان جو به ماڻهو آهي. هاڻ اسيري ۽ رهائي ۾ ڪو به فرق نه رهيو آهي". سيد کان توڙهي ڄاڻڪ تي ضياءَ حڪومت طرفان شهيد ڪيل جيئي سنڌ جا 12 شاگرد به وسري ويا. هزارين سنڌين کي روڊن تي بيهاري شهيد ڪرڻ وارو ڊڪٽيٽر سيد لاءِ شريف النفس آهي.

04_04_1985

اڄ بئرڪ نمبر 22 – 23 شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڇهين ورسي ملهائي وئي. جنهن لاءِ خبر پئي ته ڪالهه پ پ ۽ الذوالفقار وارن گڏجاڻي ڪوڻائي هئي. جنهن ۾ پ پ جي ڪميونسٽ دشمن لڏي خاص طور ظفر عارف، جنهن جو پ پ سان تعلق به ناهي، پر ڪميونسٽن کي پروگرام ۾ نه شامل ڪرڻ تي زور به ان ئي پريو.

صادق عمراڻيءَ کي ته ظفر عارف هٿيار طور ڪميونسٽن خلاف پيو استعمال ڪري. خبر پئي ته پ پ جي سينيئر اڳواڻن رحيم بخش بلوچ، قاضي عبدالغني ۽ عثمان ٻديءِ ظفر عارف جي لائين جي مخالفت ڪندي اسان کي پروگرام ۾ شامل ڪرايو. جڏهن استيج تي ويهڻ لاءِ عثمان ٻديءِ رحيم بخش بلوچ کي سڏيو ته رحيم بلوچ موڪي ٻانهن مان جهلي استيج تي وڃي ويهاريو.

12_04_1985

ڪالهه شام اشفاق ڪولاچي اسان کي ٻڌائڻ آيو ته اڄ شهيد ناصر بلوچ جو چاليهو آهي. جنهن ۾ قرآن خواني وغيره ٿيندي. سو گذريل ڏينهن جيان صادق عمراڻي خدائي فوجدار ۽ ڪميونسٽ دشمن ڊاڪٽر ظفر عارف کان جلسي جي صدارت ڪرائي. ۽ ٻئي ڪميونسٽ دشمن سفي منشي به ساڳي حڪمت علي هلرائي. ته ڪميونسٽ مخالف مقررن کان پهريان اسان کي ڳالهرايو ته جيئن اسان هنن کي جواب نه ڏئي سگهون. ظفر عارف ۽ سفي منشي کي ڄاڻڪ ئي اِهو مليل آهي ته ڪميونسٽن جي سخت مخالفت ڪن. سفي منشي جو ته پ پ سان پري جو به واسطو ناهي، هن جو ڪم سياسي قيدين ۾ ڏڦيڙ پئدا ڪرڻ ۽ ويڙهائڻ آهي.

15_04_1984

اڄ شهر ۾ هنگاما شروع ٿي ويا آهن. هڪ مهاجر چوڪري بشرا زيدي پنهنجي ڊرائيور جي مُني بس هيٺان اچي چيپاڻجي مري وئي آهي. ان تي لالو کيت، ناظم آباد سميت هر هنڌ پنهنجن تي حملا ڪيا پيا وڃن. ۽ انهن جي بسن، ٽرڪن، هوٽلن ۽ گهرن کي باهيون ڏئي ساڙيو پيو وڃي. اِهو به ڪيل سرڪار جو ٿو لڳي. ته عوام کي نسل پرستي جي بنياد تي ويڙهائي ورهايو وڃي. ته جيئن عوام جي قوت ورهائجي وڃي ۽ اُهي مارشل لا سرڪار، ان جي ڪٺ پتلي سول حڪومت خلاف عوام کان جدوجهد شروع ڪري نه سگهي. ان جي جواب ۾ پنهنجن به مهاجرن جي ملڪيتن تي حملا ڪري نقصان پهچايو آهي. مهاجر مطالبا ڪري رهيا آهن ته پنهنجن کي ڪراچيءَ مان لوڏي ڪڍيو وڃي.

20_4_1985

سياسي فضائن انوکو رُخ اختيار ڪري ورتو آهي. جنهن سان نسل پرستي وارين نفرتن کي انتها تي پهچائي. عوام جي قوت کي نسلي بنيادن تي ويڙهائي. غير جمهوري فوجي حڪومت جي گهٽجندڙ عمر کي وڌايو پيو وڃي. سياسي قوتون اهڙو ماحول ٻڌجڻ تي مجرماڻي خاموشي اختيار ڪيو ويٺيون آهن. اهو اهڙو ڪو به بيان نه ٻيون ڏين. ته اها حڪومت جي سازش آهي. ان سازش تحت عوام کي ويڙهائي عوام جي قوت کي ورهايو پيو وڃي.

ٻئي طرف بي بي سي اِها به خبر ڏني ته لنڊن ۾ مختلف سياسي شخصيتن گڏجي پ پ جي ممتاز پٽو جي اڳواڻي ۾ ايس اين بي پي ايف نالي پارٽي ناهي آهي. هاڻ پ پ کي به ورهائڻ جو وقت اچي ويو آهي. هن ڪانپوءِ هاڻ پ پ کي به ورهايو ويندو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي نئين پارٽي ناهيندو. پر ان سان پ پ جي قوت نه گهٽبي ۽ نه پ پ ختم ٿيندي. پر اِهي نوان گروپ اڳتي هلي ختم ٿي ويندا. صادق عمراڻي مون کان پڇيو: "ان جي باري ۾ تنهنجي ڇا راءِ آهي؟" مون کيس چيو: "تون پنهنجي ڪميونسٽن دشمن دوست کان پڇ، جن کي ان ۾ به سامراج جي سازش نظر ايندي". صادق چيو: "ها ايئن ٿو چوي".

01_05_1985

مون دوستن کي چيو: "مزدورن جي عالمي ڏينهن جي سلسلي ۾ ڪو پروگرام ڪجي". ڪمال وارثي ۽ شبيهه حيدر چيو ته: "پ پ سان گڏجي ڪيون؟"، مون چيو: "پ پ جي همراهن جون واڳون اڇڪلهه ظفر عارف ۽ هن آمريڪي جاسوس جي هٿن ۾ آهن، اُهي هنن کي هر صورت ۾ اسان کان پري رکڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن. سو اسان کي به هروپرو ان جاهل ٽولي سان هلڻ جو شوق ناهي". پ پ اهڙو گهوڙو آهي، جنهن تي هر سوار آرام سان سواري ڪري ٿو وڃي. پر پ پ وارن شام جو نياپو موڪليو ته اُهي صبح يوم مئي هئڊ جي سلسلي ۾ جلسو ٿا ڪن. صبح جو ڏهين وڳي وياسون ته بئرڪ ۾ ڳاڙهو بئنر لڳل هو. ان تي لکيل هو: "بينظير پٽو ۽ شهيد ناصر بلوچ کي سرخ سلام"، مزدورن جو ذڪر ڪنهن نندڙيُ ڪاغذ تي به نه هو. تقريرن ۾ مارڪسزم تي تنقيد ڪندا رهيا. دنيا ۾ هڪڙو ئي ازم آهي، اُهو ئي پٽو ازم.

13_05_1985

هلال پاڪستان جو رپورٽر نصير اعجاز ماڙيءَ ۾ نظر آيو هُو هتي بئنڪ ڪيس ۾ فوجي ڪورٽ کان سزا ملیل پنهنجي هڪ دوست منظور چنا سان ملڻ آيو. مون کيس چيو: "يار 'زندگي او زندگي' پڙهائي"، واعدو ڪيائين ته هُو ان جون به ٽي ڪاپيون موڪلي ڏيندو پر هڪ به نه موڪليائين. نيٺ اڄ طارق اشرف جي جيل جي ڊائري "هٿين هٿ ڪڙول" هڪ منافق هٿان ملي. چو ته هُو سنڌي نه ڄاڻڻ جي ڪري مونکي ڏيڻ تي مجبور ٿيو. طارق اشرف جو 22 مهينا جيل ۾ لکيل ڪتاب منهنجو پڙهيل آهي، جيڪو هُن پٽو جي دؤر ۾ ڪٽيل جيل تي لکيو هو اُهو مون ٻاهر هوندي پڙهيو هو.*

---

* (نوٽ: وڃ وارو عرصو 1985_05_13 کان 1985_07_23 واريون ڊائريون دوستن ذريعي موڪليندو هئس. اُهي منهنجي پائرن ڪامريڊ غلام حسين شر ۽ لياقت علي شر تائين نه پهچي سگهيون)

اڄ بئنڪ ڪيس واري قيديءَ کان مون ڪتاب گهريو هن چيو ته: مون وٽ جميلا نالي ڪتاب هيو. پر اُهو مونکان اوڪاش شيخ (جيل جو ايس پي) وٺي ويو". مون پڇيس: "ڪٿي ويو يا وٺي ويو". هن چيو "مان ماڻيءَ ۾ بيٺو هئس ۽ ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ڏسي، هن چيو هو پڙهي موٽائي ڏيندو؟". مون چيو: "هُو پڙهيل لکيل ئي ناهي". منظور چيو: "هو پهريان ڪاليج جو ليڪچرر هو. پوءِ ڪميشن ڪري ايس پي جيل بڻيو آهي" مون چيو: "هُو هاڻ جيل جو داروغو آهي ۽ هن جون سموريون صلاحيتون جهالت کي اڳتي وڌائڻ لاءِ آهن. هُو هاڻ تعليم ۽ ترقيءَ جو مڪمل طور تي دشمن بڻجي چڪو آهي. هُو هاڻ پنهنجي حڪمن ذريعي روزانو هنيلن قيدين جون جنگهون پيجرائي ڇڏيندو آهي. هن توکان ڪتاب ورتو ناهي. کسيو آهي. ان مقصد لاءِ ته اِها ڏياڻي به جيل اندر نه وڃي. ڇو ته ان سان ڪيترن ئي قيدين جا ذهن اونداهيءَ مان نڪري روشن راهه تي هلي پوندا".

اوڪاش شيخ، (ايس پي ڪراچي جيل) اُهو ظالم آفيسر آهي، جنهن لاچار قيدي امام علي شاهه کي بند وارڊ ۾ اذيتون ڏئي ماري ڇڏيو ۽ پوءِ ڊرامو رچايو ته هن آپگهات ڪيو هو. به ني سؤ قيدين جا ڪپڙا لهرائي کين ڊسمبر ۽ جنوريءَجي سخت سرديءَ ۾ بند ڪري ڇڏيائين ۽ ڏينهن رات هنن متان تشدد ڪرائيندو هو. هوُ جميلا ڪتاب ۾ جميلا کي ڏنل اذيتون پڙهي قيدين کي اهڙيون اذيتون ڏيندو.

هتي هڪ هيروئن (موت جو واپاري) جو وڏو سمگلر آيو آهي، هن جو رنگ ڪارو هجڻ ڪري هُو پاڻ کي بليڪ پرنس ٿو سڏرائي. هن کي اسپيشل وارڊ ۾ رکيو ويو آهي. هن کي سڀ سهوليتون ڏنيون ويون آهن. اٺ عام قيدي هن کي نوڪر طور ڏنا ويا آهن. هن کي رات ڏينهن کليل رکيو ٿو وڃي. جڏهن ته باقي قيدين جن ۾ سياسي قيدي به شامل آهن، شام جو ڇهين وڳي کان صبح جو 6 وڳي تائين کولين (ڪمرن) ۾ بند رکيو ويندو آهي. اِهو به ٻڌڻ ۾ آيو آهي، ته رات جو ايس پي جيل هن کي جيل مان ٻاهر ڪڍي ويندو آهي ۽ سڄي رات مجرا ڏسي. صبح جو موٽندا آهن.

26_07_1985

بي بي سي رات وارين خبرن ۾ ٻڌايو. ته مس بينظير ڀٽو جو پاڻ شاهنواز ڀٽو فرانس جي شهر پئرس ۾ واقع سندس گهر مان مئل حالت ۾ مليو آهي. مس بينظير ڀٽو بي بي سي سان ڳالهائيندي چيو ته: "هُو ڪالهه جڏهن شاهنواز سان سندس گهر ملڻ آئي. ته هُو ان وقت بورچيخاني ۾ ڪجهه ڪاڏو پچائي رهيو هو. هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ رات جو وري هي واقعو ٿيو آهي. اسان جو ته هن واقعي جيءُ جهوري وڏو آهي" - هن چيو ته: "بيگم نصرت ڀٽو کي هن دردناڪ واقعي جهوري وڏو آهي. هُوءَ غمن جي انبار هيٺ بس رڳو چپ چپ ڏسندي ئي رهي ٿي. هن جا ڳوڙها ٻه سُڪي ويا آهن". هن چيو ته: "خبر ناهي ڪهڙي سبب فرانس جي حڪومت لاش ڏيڻ کان لنوائي رهي آهي".

بي بي سي ٻڌايو ته بظاهر شاهنواز ڀٽو کي ڪو به زخم ناهي. جنهن جو مطلب آهي ته ڪمري ۾ اهڙي زهريلي گئس ڇڏي وئي هوندي. جنهن ڪمري مان آڪسيجن ختم ڪري ڇڏي هوندي.

02_08_1985

اڄ منظور ڇنا منهنجي ڪوليءَ ۾ آيو ۽ مونکي ٻڌايائين ته: "ڪسٽم جو هڪ آفيسر ٻڌجي آيو آهي. ۽ اُهو چوي ٿو ته هُو وڏو ڪميونسٽ آهي". مون پڇيو "هُو خدا جي خلاف ڳالهائيندو هوندو"، هن چيو: "ها روزي نماز هر شئي کي بکواز ٿو سڏي". جنهن تي مون هن کي چيو: "اسان ڪڏهن اهڙي ڳالهه هتي ڪئي آهي!؟". هن چيو: "هرگز نه". مون چيو: "ڪميونسٽ جاگيردار ۽ سرمائيدار سماج جو مخالف آهي. اُهو خدا جو مخالف نٿو ٿي سگهي. ڇو ته اُهو خدا جي مخلوق سان پيار ٿو ڪري. انهن جي خوشحاليءَ لاءِ. جدوجهد ٿو ڪري. سو اِهو همراهه جيڪو خدا جي خلاف آهي. اِهو ڪميونسٽ نه پر دهريو آهي. ان جو اسان ڪميونسٽن سان ڪو به واسطو ناهي". اُن تي منظور چن چيو: "ها ايئن ئي ٿو لڳي".

03_08_1988

گذريل ڪجهه مهينن کان گهنشام پرڪاش به هتي آيل آهي ۽ هن

ايندي ئي جيل ۾ استڊي سرڪل هلايا آهن. ڪتاب هٿ ۾ هوندو اٿس، عام قيدين کي انقلابي ڪتاب پڙهائيندو وتي ٿو. اوڪاش شيخ (ايس پي جيل) مونکي چيو: "گهنشام کي سمجهايو، عام قيدين طرف نه وڃي. اُهي ڪرمنل آهن، ۽ هُو هن کي نقصان پهچائي سگهن ٿا" مون چيو: "گهنشام کو به اهڙو ڪم نٿو ڪري. هُو ته توهان جو ڪم پيو ڪري، قيدين کي تعليم پيو ڏئي". ان تي هن چيو: "گهنشام، نارا جيل تان هتي موڪليو ويو آهي، جو اُتي به هُن فتنو پئدا ڪيو هو".

مون گهنشام کي چيو: "اوڪاش شيخ هيئن چيو آهي"، ان تي هن چيو: "واٽئين جو پٽ بڪواز ٿو ڪري. مونکي قيدي ڪجهه به نه ڪندا".

مان هن جي بحث کي ڇڏي، ملاقات جي جِنِي ڏسي، اوڏانهن هليو ويس. پير الطاف سرهندي چيو: "هيءُ ادو ۽ ادي آيا آهن"، مون ڏنو وڏو پاءُ ڪامريڊ غلام حسين شر ۽ پيٽ حسن بانو وينا هئا. مان سوچيو: "هي يار ته مڙي ئي نڪو، هن کي مارشل لا وارا ڪوليندا ٿا وٽن. هي روز هتي ٻينو آهي! مون کيس آهستي چيو: "هيءُ توهان ٺيڪ نه پيا ڪريو، توهان اڳ ۾ روپوش آهيو، مان جيل ۾ آهيان. گهر جي حالت خراب لڳي پئي آهي ۽ توهان مهم جوئيءَ کان نٿا مڙو". ٿوري دير ويهي مان چيو: "هاڻي هلو"، هن چيو: "مان نه پئي آيس، هيءَ ننڍڙي پيٽ وٺي آئي"، مون چيو: "ٺيڪ آهي، ملاقات ٿي، هاڻ توهان هلو"، پوءِ هُو سامان ڏئي هليا ويا.

07_08_1985

جيل جي ٽڪاوٽ ٽيٽ لڳي آهي. هُر ڪم ۾ سستي ڪرڻ لڳو آهيان. لکڻ، پڙهڻ، استڊي سرڪل وغيره ۾ به نه وجڻ تي گهنشام پرڪاش کي شڪايت آهي. مان وهنجڻ جي جي تياري ۾ هئس، ته ملاقات جي پرچي اچي وئي. گهنشام چيو: "يار سدائين ائين ٿو ڪرين. ملاقاتي اُس ۾ ٻينا هوندا آهن ۽ تون هتي پسار پيو ڪندو آهين". مون چيو: "ته پوءِ تون ئي تڪڙو وڃ، ملاقات اندر گهراءِ". ماڙيءَ تي ويس ته وفا نواز علي شر ٻينو هو مون چيو: "تون سوير آيو آهين، هيءُ وقت عام قيدين جي ملاقات جو آهي، اسان جي ملاقات 12 وڳي شروع ٿيندي". هن چيو: "تڪڙ آهي، بس هٿان ئي

جارين مان ملي ٿا وڃون". استاد علي محمد به هن سان گڏ هو سو گوڙ گهمسان ۾ مڙئي هلڪا ڦلڪا حال احوال ڪري موڪلايوسون.

08_08_1985

اڄ اسان جا دوست ڊاڪٽر جبار خٽڪ ۽ ڪمال وارثي، پ پ وارن کي شهيد نذير عباسيءَ جي ورسيءَ جي دعوت ڏيڻ ويا. ته پ پ وارن کي حسب معمول صادق عمراڻي، هتي ٻجي بن شاطر فسادين ڊاڪٽر ظفر عارف ۽ رفيق صفي جي پلاننگ تحت دنگو هڻي ٻيئو ته: "9 تي اسان ايياز سمون جو ڇاليهو شهيد ادريس طوطي ۽ عثمان غنيءَ جي ورسيءَ جو پروگرام ٺاهي ڇڏيو آهي". اسان جي ساٿين چيو: "توهان اهڙي ڳالهه ڪونه ڪئي، اسان سامان به گهرائي ڇڏيو آهي". ان تي صادق عمراڻي اُها ئي ڏڏي واري ڳالهه ۽ هٽ. ته هي گهٽائيءَ ۾ آهن. ۽ اسان ٿورائيءَ ۾ آهيون. سو هيءَ اسان جو پروگرام بن فسادين جي پلاننگ تحت خراب ڪندا.

شام تي صادق عمراڻيءَ پنهنجي هڪ چاڙتي کي موڪليو اُهو اسان جي ساٿين کي چئي ويو سياڻي 9 آگسٽ تي جلسو آهي، توهان به اچجو.

09_08_1985

ٽيڪ پنج سال اڳ، مارشل لا جي ڪارڪنن اسان جي هر دلعزيز ساٿي نذير عباسيءَ کي ٽارچر سيل ۾ اذيتون ڏئي شهيد ڪري ڇڏيو هو. ڪمال وارثيءَ چيو: "پ پ وارن رفيق سفي جي چوڻ تي فتني ڪرڻ جو مڪمل پروگرام ناهيو آهي، ان ڪري هنن پنهنجي بئرڪ ۾ قرآن خواني شروع ڪرائي ڇڏي آهي". اسان سوچيو جيل انتظاميا ۽ هيءَ پ پ وارا جيڪي آمريڪي جاسوس، رفيق سفي جهڙي فتني باز جي چوڻ تي هر وقت اسان سان جهيڙو ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ان ڪري اسان کي جيل اندر فتنو ناهي وڌائڻو اسان ورسي جو پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيو.

10_08_1985

فرانسيسي حڪومت مس بينظير پٽو کي سندس پاءُ شاهنواز پُٽو جو لاش هن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، پر پاڪستاني سفارتخانو ٽال

مٿول کان ڪم ونڻي رهيو آهي، تہ هن جو پاسپورٽ نہ هوءِ نہ ئي هن جو پاڪستاني شهري طور وٽن اندراج آهي. اهڙي صورت ۾ هن جو لاش پاڪستان ڪيئن وڃي! اهڙي صورت ۾ ملڪ جي اندر به ماڻهن ۾ بيچيني آهي، تہ مس بينظير کي پنهنجي پاءُ جو لاش به ملڪ آڻڻ نٿو ڏنو وڃي، ان بيچيني کي مارشل لا اختيارين به محسوس ڪري رهيون آهن.

13_08_1985

اڄ پ پ جو ولي محمد لاسي ملڻ آيو هن ٻڌايو تہ: "غلام مصطفيٰ جتوئي الڳ پارٽي ناهڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ سڀ وڏيرا به هن سان شامل ٿيڻ لاءِ تيار آهن". هن چيو تہ: "باهر اهي ڳالهيون هلن پيون تہ ضياءُ سان غلام مصطفيٰ خان جتوئي جون ڳالهيون ٿيون آهن. هُو محمد خان جوڻيجو کي هٽائي غلام مصطفيٰ جتوئي کي وزيراعظم ڪندو ۽ ڪٽان به هڪ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ خالي ڪرائي، ضمني چونڊون ڪرائي هن کي کٽرايو ويندو". مون چيو: "چاچا ان کي دير ٿي وئي آهي. اهو فيصلو ڪرڻ ۾ توهان جو رئيس ڪافي دير ڪري ويٺو هاڻ تہ محمد خان جوڻيجو به وڃڻ وارو آهي ـ هيءُ اسيمبلي ئي وڃي پئي".

14_08_1985

اسان جو 09 آگسٽ تي شهيد نذير عباسيءَ جي ورسي ملهائڻ واري پروگرام عوام ۽ ترقي پسند دشمن سوچ رکندڙ ڊاڪٽر ظفر عارف ۽ آمريڪي جاسوس رفيق صفي منشيءَ جي سازشن جي ور چڙهي ويو. پوءِ اسان 14 آگسٽ تي ورسي ملهائڻ جو پروگرام ناهيو. اسان پ پ وارن کي به دعوت ڏني، ان سان گڏ اسان عام قيدي جن کي مان، ڊاڪٽر جبار خٽڪ، گهنشام پرڪاش ۽ ڪمال وارثي استدي سرڪل ذريعي هم خيال ٻڌايو هو انهن ۾ علي خان ملوڪاڻي، علي مراد چانڊيو سکيو پالاري، ظفر پٺو جاڻي شيخ بيا شامل آهن. هنن ذريعي جيل جي عام قيدين کي ورسيءَ ۾ شرڪت لاءِ چيو. جنهن تي کين حوالدار چيو تہ: "ڊپٽي يا جيلر کان اجازت وٺو تہ مان هنن کي چڏيندس ورنہ اڄ موڪل جو ڏينهن آهي. قيدين جي هڪ وارڊ کان ٻئي وارڊ ڏانهن اجازت ڏيڻ کان روڪيو آهي".

ڊپٽي صرف 15 قيدين کي اسان جي وارڊ ۾ اچڻ جي اجازت ڏني. چڪر مان غازي ڪلوڙ سراج سومرو، تراب علي چانڊيو، محمد صديق راجپر، بشير جمن بروهي ۽ بيا هم خيال قيدي پ پ طرفان صادق عمراڻي ۽ ظفر عارف آيا. باقي کي هنن منع ڪري ڇڏيو ته ناهي وڃڻو. پوءِ اسان ٻه پروگرام کي چنڊي چاڻي مقرر رکيا. ڇو ته جيل وارن جي ٻه ٽڪڙ هئي ته ڪلاڪ کن ۾ قيدي فارغ ڪري واپس موڪليو. سو اسان رڳو ڊاڪٽر جبار خٽڪ کان تقرير ڪرائي، جنهن چيو ته: "شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1977ع ۾ جن سياسي قيدين سان آخري ملاقات ڪئي هئي، انهن ۾ شهيد نذير عباسي ٻه شامل هو جنهن شهيد ڀٽو کي چيو هو ته توهان خلاف مذهبي پارٽيون پي اين اي جي پليٽ فارم تان وڙوڙ ڪري رهيون آهن. توهان ترقي پسند ۽ قومپرست ته جيلن مان ڪڍو. ڀٽاڻ ۽ بلوچ قومپرست ٻه حيدرآباد جيل ۾ قيد آهن. ان تي ڀٽو شهيد ان وقت جي وڏي وزير غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ کي حڪم ڪيو هو. ته هنن کي آزاد ڪيو وڃي. پر هن ايئن نه ڪيو هو". گهنشام پرڪاش ٻه مختصر تقرير ڪئي. بس جلسي جي پڄاڻي تي اسان شرڪت ڪندڙن کي چانهه بسڪوٽ پيش ڪيا ۽ سپ هليا ويا.

پوءِ مان ۽ گهنشام 18 نمبر وارڊ ۾ منظور چنا وٽ وينا هئاسون. جنهن چيو ته: "اڄ تمام زبردست پروگرام ٿيو. ايم آر ڊي ڪانپوءِ پهريون پيرو هيڏو سٺو پروگرام ٿيو آهي". اتان ٻاهر نڪتاسون. ته رفيق سڻي جي لڳايل ٻاهه جا اُلا نظر آيا. صادق عمراڻي، رفيق ميمڻ ۽ هڪ ڪرمنل قيدي زاهد سعيد، ڊاڪٽر جبار خٽڪ کي ٺونشا هڻي رهيا هئا. صادق عمراڻيءَ جي وات مان گٽ وهي رهي هئي، هُو بار بار نذير شهيد کي ماءُ پيڙ جون گاريون ڏئي رهيو هو. اهو طئه آهي ته بلوچ جهڙو بيشرم، بي شناس ماڻهو نه ٿيندو اُهو طوطي جيان اکيون ڦيرائڻ ۾ دير نه ڪندو ۽ ڪرائي جو قاتل بڌجڻ ۾ ٻه دير نه ڪندو.

مان اڳتي وڌي وڃي هن جي سامهون بيٺس. مون چيو: "توکي شرم نٿو اچي، جو تون شهيد کي ايئن گاريون ڏئي رهيو آهين. ذوالفقار علي ڀٽو ٻه اسان جو شهيد آهي، اسان تو جهڙي واحيات جي واحيات گيريءَ ۾ هن خلاف

ڪڏهن ب ڪجهه نه چونداسون. تون ڦاسي گهاٽ ۾ هئين، تنهنجا پ پ وارا توسان ملڻ ب نه ايندا ها. اسان ڪميونسٽن نذير جي ساڻين توکي اتان ڪڍرايو. اڄ تون مارشل لا جي ايجنٽن رفيق سفي جي آڏر جي اشاري تي چتي ڪتي جيان اسان تي پؤنڪي رهيو آهين. حيف ٿئي، بلوچ ٿو سڏائين!"

اسان ڊاڪٽر کي وٺي پنهنجي واري ۾ آياسون. ته اُتي جيلر پير الطاف سرهندي آيو. هن چيو: "اوڪاش صاحب (ايس پي جيل) ٿو چوي توهان لکيت ۾ شڪايت ڪيو ته اسان قدم کڻون ٿا". مون چيو: "اسان ڪنهن جي شڪايت نٿا ڪريون پر ڪرمنل قيدي زاهد سعيد کي توهان پ پ وارن سان گڏ رکيو آهي. هن کي بند وارڊ ڪيو". جڏهن جيل پوليس جو اٽالو زاهد سعيد کي اتان ڪڍيندو ڪڍي آيو. ته صادق عمراڻي، ڊاڪٽر ظفر عارف ۽ رفيق سفي جي ٽيڪ نه پئي ٻيهي. اسان ڏانهن منظور چنه ۽ رشيد قاضي کي موڪلياٿون ته: "اسان معافي ٿا وٺون. غلطي ٿي آهي". مون هنن کي چيو: "معافي پوءِ ٽيندي. پهرين حساب برابر ڪنداسون. ڊاڪٽر ظفر عارف ۽ رفيق سفي جون جيل جي گرائونڊ تي پتلون لاهيندا سون"، اِهو نياپو وڃڻ سان همراهن جي حالت خراب ٿي وئي. هنن کان ته ڪرمنل قيدين ۾ اسان جو اثر وڌيڪ آهي. جنهن ڪري اُهي صبح جو اسان وٽ آيا. پوءِ ڊاڪٽر جبار ختڪ مونکي چيو: "ڇڏ شبير. گند ٽيندو. جيل پوليس ۽ مارشل لا وارن کي اسان سياسي قيدين ۽ عام قيدين تي آپريشن ڪري تشدد ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو".

پوءِ، هڪ ڏينهن اندر صادق عمراڻي پنهنجي ٽرانسفر ڪرائي ڪوئٽا جيل هليو ويو. رفيق صفي اچي هيٺ ويهي رهيو ته: "مان ڪجهه نه ڪيو آهي". مون چيس: "تون ڪجهه ب ڪر. مارشل لا وارن کي خوش ڪرڻ لاءِ سياسي قيدي ويڑهاءِ. پر تو آمريڪي جاسوس کي هُو ڪڏهن ب آزاد نه ڪندا. تنهنجو ته پ پ سان تعلق نه هو تون هتي جيڪي حرام پايون ڪري پ پ جو بڻيو آهين ۽ الذوالفقار جا جلسا پيو ڪرائين. تنهن لاءِ ته پيو ڪيس پيو ٿهي. تون وڌيڪ سزا لاِ تيار ٿي. پوءِ ته همراهه ڏڪڻ لڳو ۽ ڊاڪٽر جبار کان پيرن تي هٿ رکي معافي ورتائين.

جيل جي ايس پي اوڪاش شيخ صوبيدار موڪليو. جنهن چيو: "صاحب چوي ٿو ته مون سان اچي چانهه پيو". مان سمجهي ويس ته هي هاڻ پ پ جي ڪالهه جي ڪيل گونهاندي جو فائدو وٺڻ چاهي ٿو. مان اتي ويس ته هن چيو: "ڪالهه جي واقعي جي مونکي ڪالهه ئي خبر پئجي وئي. مون ايڪشن ان ڪري نه ڪنيون. ته توهان ڪامريڊ وري به هنن الذوالفقار جي غنڊن جو پاسو جهليندا". هن چيو ته: "مارشل لا وارا ته هنن تي ٻريا ويٺا آهن. جو هاڻ هنن ڪلهه ڪلا الذوالفقار جي پليٽ فارم تان جلسا ڪرڻ شروع ڪيا آهن". مون ڪيس چيو: "توهان کي به سڀ خبر آهي ته اِهو ڪهڙ ڪير ٿو ڪري ويٺو". ان تي هن چيو: "بلڪل. هڪڙو ئي ماڻهو آهي. اُهو آهي رفيق صفي منشي. حيدرآباد جيل ۾ به هن جو اهو ئي ڪم هوندو هو سياسي قيدين کي ويڙهائڻ. هڪڙو خفيه ايجنسين جو همراهه هن سان اتي به ملڻ ايندو هو ۽ هتي به ايندو آهي. هُن شايد آسرو ڏنو اٿس. ان جي اشاري تي سياسي قيدين ۾ ڏڦيڙ پئدا ڪندو ٿو رهي". مان هن جي نيڪ ارادن کي سمجهي ويس. هن جون به رفيق سفي تي باهيون هيون. جو هن خلاف مختلف قيدين جي نالن تي مارشل لا اختيارين کي درخواستون موڪليندو رهندو هو. ته هو بليڪ پرنس کان لکين رپيا وٺي هن کي شراب ۽ شباب جون سهوليتون ڏيو ويٺو آهي. اوڪاش چيو: "ڪالهه جي واقعي جي هڪ درخواست ڏيو ته مان هن کي سبق سيکاريان". هن کي به سموري رپورٽ هڻي ته صادق عمراڻي جهڙي واحيات ماڻهوءَ شهيد نذير عباسيءَ کي ماءُ پيڻ جون گاريون ڏنيون آهن. هن چيو: "يار اِها ته حد ٿي وئي. شهيدن کي گاريون ڏياريون اٿس". مون چيو" بهرحال. اِهو مسئلو اسان قيدين جي وچ ۾ آهي. مان ان ۾ توهان کي آڻڻ نٿو چاهيان". ايئن چئي مان واپس هليو آيس. ڏٺم ته مسرور حسن ويٺو هو هن چيو: "ساڻي. اسان جا دوست آمريڪي جاسوس رفيق سفي جي سازش جو شڪار آهن. هُو ڪمينو مڙي ئي نٿو هر وقت سازشن ۾ مصروف آهي. انهن ۾ وري اڳيان ظفر عارف کي ڪري ٿو چڏي. ته جيئن پاڻ ظاهر نه ٿئي.

17_08_1985

هتي وڏا مسئلا آهن. رڳو جيل کٽڻو هجي ها تہ مسئلو ناهي. پر رياستي ادارا هتي بہ اسان کي سکون سان ويهڻ نٿا ڏين ۽ صادق عمراڻي جهڙا ايجنٽ چڏي اسان کي پريشان ڪري رهيا آهن. بهرحال، اسان بہ گهڻ پاسائين جنگ وڙهون پيا ۽ هاڻ تہ ان جا عادي بہ ٿي چڪا آهيون.

صادق عمراڻي ايڏو ڪمينو ۽ ڪم ظرف ٿي سگهي ٿو مون ان جي باري ۾ سوچيو بہ نہ هو جنهن ماڻهوءَ کي مون قاسي گهاٽ مان ڪڍرايو ۽ ڪراڙي والد خان محمد عمراڻي سان ملاقاتون ڪرايون، ۽ هن جي امڙ آئي تہ ان سان ملاقات ڪرائي، هن هڪڙي ڪميني ڪم ظرف رفيق سفي جهڙي مارشل لائي ۽ آمريڪي ايجنٽ جي چوڻ تي شهيد نذير عباسيءَ کي ماءُ پيڻ جون گاريون ڏنيون. هيءُ تہ چتي ڪتي کان بہ بدتر آهي، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ان تي حملو نہ ڪندو آهي، جنهن هن کي ٽڪر ڏنو هجي. هن جي بچاءُ جي شاهد طور فوجي ڪورٽ ۾ ڪو بہ پيش ٿيڻ لاءِ تيار نہ هيو ڇو تہ هن تي الذوالفقار جو دهشتگرد هجڻ جو الزام هو. مان هن جي بچاءُ جي شاهد طور فوجي ڪورٽ ۾ پيش ٿيس ۽ هن جي حق ۾ بيان ڏنو هو. تہ هي سياسيٰ ڪارڪن آهي، هن جو ايياز سمون ۽ الذوالفقار سان ڪو بہ تعلق ناهي. ويچارو ايياز سمون قاسي چڙهي ويو. پر هي واحيات بروچ بچي ويو.

اڄ شام جو ايس پي جيل اوڪاش شيخ، جبار خٽڪ کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي چيو: "مونکي افسوس آهي جو الذوالفقار جي دهشتگردن توهان سان انتهائي بيهودگيءَ جو ورتاءُ ڪيو آهي. مونکي مسرور حسن بہ چيو تہ هتي بہ ماڻهو جيل جو ماحول خراب ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. هڪ رفيق سفي منشيّ ۽ بيو ڊاڪٽر ظفر عارف. ٻئي مارشل لا وارن جي پيرول تي آهن. سو توهان درخواست ڏيو تہ مان هنن دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪريان. مين دهشتگرد ۽ ڪرائي جو قاتل صادق عمراڻ تہ پنهنجي بدلي ڪرائي ڪوئٽا جيل هليو ويو آهي". جبار خٽڪ ٻڌايو تہ "مون هن کي شبير شر تو واري ڳالهہ چئي، تہ اسان سياسي قيدي آهيون، هُو نادان آهن. توهان رڳو زاهد سعيد کي بند وارڊ رکو ۽ رفيق سفي کي چتاءُ ڏيو

تہ: "آئينده تو ان قسم جي ڪا حرڪت ڪئي تہ بند وارڊ ٿيندي. باقي اسان هي مسئلو سياسي طريقي سان حل ڪنداسون". ان تي اوڪاش شيخ چيو تہ: "جيڪڏهن اڳلا بہ سياسي هجن" ان تي جبار چيو: "مان سمجهي ويس تہ اوڪاش شيخ چا ٿو ڪرڻ چاهي. ان ڪري مون چيو: "هو جڏ جاهل ۽ غير سياسي ڏهن رکندڙ آهن ۽ توهان بہ سمجهو ٿا تہ هنن کان اهڙا ڪم ڪير پيو وٺي ۽ توهان اِها ڳالهہ شبير شر سان بحث ڪري چڪا آهيو".

واپس اچي جبار خٽڪ اِسان کي ٻڌايو تہ "ايس پي جيل مون تي بہ ائين ئي زور پريو آهي. جيئن شبير شر تي پريو هو". ان تي گهنشام چيو: "اسان سياسي ماڻهو آهيون. هو سپ ائين ئي غير ارادي طور جذباتي ٿي ڪري پرتي ٿي آياآهن. سو اسان ۾ ۽ هنن ۾ اِهو ئي تہ فرق آهي. اسان پنهنجي اصلي دشمن ۽ ان جي ايجنٽن کي سڃاڻون ٿا. پل رفيق سڀي جهڙو مارشل لائي ايجنٽ پاڻ کي ڪيترو بہ لڪائي. ان کي اسان اگهاڙو ڪري چڪا آهيون".

20_08_1985

رات بہ وڳي پ پ جي اڳواڻن احمد علي سومرو ۽ ليارئ واري سيد امداد شاهہ کي وٺي ويا. ڪمال وارثيءَ کان پڇيم: "هن وقت چو آيا؟"، هن چيو تہ: "21 آگسٽ تي مرحوم شاهنواز پٽو جو لاش ڪنيون پئي اچي مس بينظير پٽو ان لاءِ رياستي دهشتگردي پکيڙي پئي وڃي". صبح جو اٺي ڏڻوسون تہ سيٺ هارون احمد جي ڪوليءَ مان پ پ جو جهونو ڪارڪن فيض بلوچ نڪتو. مون چيو: "چنڊا تون وري اچي وئين...!؟"، هن ڪِلي چيو: "اصل ۾ بہ ٽي مهينا ٿيندا آهن تہ مونکي جيل جي سِڪَ لڳندي آهي. سو گرفتارين جو نادر موقعو ڏسي هليو ايندو آهيان". وري ڏڻم تہ اقبال حيدر دروازي مان اندر داخل ٿيندو نظر آيو مون چيو: "اڄا تہ هيءَ اڳواڻن جي ديدار جي موسم ٽي لڳي"، ڪِلي چيائين: "يار چو ٿا شرمسار ڪيو. بس سُٽو پيو هئس تہ ٻڌي آيا آهن. خبر پئي آهي تہ ڪراچي شهر جي ناڪابندي ڪئي وئي آهي. پنهنجي شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن ويندڙ شهرين کي لاڙڪاڻي ئي وڃڻ جي شڪ ۾ لاهي گرفتار ڪيو ٿو وڃي. سرڪار کي لاڙڪاڻا نوبيا ٿي وئي

آهي. ته سڀ ماڻهو شهيد شاهواز پٽو جي جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ پيا ويجن".

اسان اڃان نيرن مس ڪئي هئي ته ليارين جو هڪ ٻيو جيالو غلام قادر سولنگي بستر بغل ۾ ڪري اسپيشل وارڊ ۾ داخل ٿيو. ڪمال وارثي چيو: "چنبا تون ٻه اچي وئين چا...!؟" هي اُهي جيالا آهن جيڪي هر (گرفتارين جي) خراب موسم جو شڪار ٿيندا آهن. هن چيو: "يار مان چاڪ نه هئس. بخار ۾ گهر سٽو پيو هئس. ته رات جو ٻين وڳي فوج گرفتار ڪري وئي ۽ هاڻ هتي وٺي آيا آهن". اڃا ويٺا ئي هئاسون ته پ پ ڪورنگي جو صدر مولانا شريف عرف موالي ٻه اچي نڪيو. هن اڃا بسترو مس رکيو ته يعقوب بنڌاڻي ٻه اچي ويو. اسان چيو: "اڄ ته جيالن جي برسات شروع ٿي وئي آهي". يعقوب بنڌاڻي چيو: "سائين گهر ستو پيو هئس. ظالم رات جو ٻين وڳي گهر ۾ اچي ويا". هن پنهنجو بسترو وڃي 3 نمبر ڪولي۽ ۾ اڇليو ته اقبال حيدر رڙ ڪئي. "پائي هي۽ هتي نه. ڪنهن ٻي ڪولي۽ ۾ وڃي". پر ايترا ته سياسي قيدي اچي ويا آهن جو گنجائش ئي ناهي. ڪيڏانهن ڪريون؟ ڪروڌ ڪنداسون ته جيل وارا هنن کي بند وارڊ يا ڪرمنل قيدين ڏانهن وٺي ويندا هنن عادي موالين کي پاڻ وٽ هرگز برداشت نه ڪندا. باقي موقعو مليو ته هنن کي اسان ڪميونسٽن خلاف ضرور استعمال ڪندا. ان ڪري اقبال حيدر کي چيوسون ته: "مولانا شريف ۽ يعقوب بنڌاڻي کي هڪ رات برداشت ڪيو".

شام جو ڪڇهريء دوران اقبال حيدر چيو ته: "پ پ وارا چون ٿا ته شاهنواز پٽو جي خفيه قتل جو فائدو نه ونڏاسون. بيوقوف آهن. هي خون رائگان وڃائيندا چا؟. هن کي حڪومت جي ڪاتي ۾ وڃهڻ گهرجي". مون چيو ته: "پهراڙي ۾ ڪو ماڻهو آپگهات ڪندو آهي ته ان کي به ڪنهن نه ڪنهن دشمن جي ڪاتي ۾ وڃهندا آهن ۽ هي ته خاموش قتل آهي. چون ٿا ته هن کي آءِ ايس آءِ جي ڪرنل امتياز بلو سائينائيٽ زهر گلاس جي باهرين پاسي ۾ لڳايو هوندو. جنهن جو ذائقو به محسوس نه ٿيندو آهي ۽ پاڻي پيئڻ سان ئي ماڻهو هڪدم مري پوندو آهي ۽ اُهو ليبارٽري ٽيسٽ ذريعي به ليپي نه سگهندو آهي".

21_08_1985

رات جو ٽين وڳي اسان گهري ننڊ ۾ ستا پيا هئاسون ته اوچتو ڪڙاڪ سان ڪولهءَ جو دروازو ڪليو ڪوئي نئون قيدي قومي محاذ آزادي جي ڪارڪن رفيق مٹان اچي ڪريو هن کان به رڙ نڪري وئي ته: "ڪير آهي پائي؟"، همراهه وراڻيو: "مان آهيان حاجي محمد صديق بلوچ"، پوليس وارن کي هڪ زوردار گار ڏئي چوڙ لڳو "ڪتي جا پٽ اڌ رات ۾ پنهنجي ماءُ کي فلاڻ ڪرائڻ لاءِ اڻاري وڻي آيا آهن"، رفيق چين: "هتي جاءِ ئي ناهي، هن کي سامهون واري ڪولهءَ ۾ وڻي وڃون، اُتي ٽي ڇڻا آهن، اقبال حيدر، احمد علي سومرو ۽ يعقوب بنڌاڻي". اتي ويا ته اقبال حيدر مڃرجي اٿيو ۽ پوليس وارن جي ماءُ پيٽ هڪ ڪري ڇڏيائين. پوءِ هنن وري مهاسنڌ جي اڳواڻ سيٺ هارون احمد جي ڪمري ۾ حاجي محمد صديق بلوچ کي بند ڪري هليا ويا. صبح جو اٺياسون، تڏهن خبر آئي ته 5 ڇڻن ٻين کي به هتي اسپيشل وارڊ ۾ ڇڏي ويا آهن، جن ۾ پ پ جو مزدور اڳواڻ ولي محمد لاسي به شامل آهي، جيڪو اڪثر لهڙن موقعن تي گرفتار ٿي ايندو رهندو آهي.

ولي محمد لاسي ٻڌايو ته: "پي اين پي جو محمود بلوچ به آيو آهي، جنهن کي 22 يا 23 نمبر بئرڪ ڏانهن موڪليو اٿن". ولي محمد لاسي سان گڏجي نيرن ڪئيسين، ان دوران حال احوال به ٿيندا رهيا ته مس بينظير پٽو پنهنجي پاءُ شاهنواز پٽو کي دفنائڻ بعد ملڪ ۾ رهندي يا علاج لاءِ وري واپس هلي ويندي.

شام جو 22 – 23 بئرڪ جي پ پ وارن ۾ سياسي قيدين کي پوليس حوالي ڪري چيو هو هنن کي پاڻ سان نٿا رهائي سگهن. ان تي جيل جو صوبيدار هنن کي اسان وٽ وڻي آيو. اسان جو سيل پريل هجڻ ڪري اسان اقبال حيدر کي چيو ته: "هنن کي هو پنهنجي ڪولهءَ ۾ رهائي"، هن سڪو جواب ڏيندي چيو ته: "هُو ڪنهن کي به وڌيڪ نه رهائيندو". ان تي گهنشام چيس ته: "جيل ۾ ائين ٿيندو آهي، هم خيال قيدي وڌڻ تي انهن کي گنجائش نه هوندي به رهائڻو پوندو آهي". ان تي هُن چيو: "توهان مان ڪوئي به اچي، ته اسان رهايون ٿا، باقي هنن کي نه رهائينداسون"، اسان چيو: "نيڪ

آهي، سوڙهه سکوڙ ۾ رهايون ٿا". پوءِ هنن کي پاڻ سان رهايوسون، جن پنهنجا نالا ٻڌايا ته پي اين پي جو محمود بلوچ ۽ پ پ جو اعجاز آهي، پ پ واري روئي ڏنو ته اسان کي پنهنجي پارٽي وارن ڏکا ڏئي ڪڍي ڇڏيو.

محمود بلوچ ٻڌايو ته: "23 نمبر بئرڪ ۾ هڪا به 6 ڇٽا، اسان کي چيائون ته هُو الذوالفقار جا آهن، هنن سان جيڪو به گڏ رهندو آهي، اُهو ڪڏهن به آزاد ٿي نه سگهندو آهي".

22_08_1985

اڄ جي اخبارن ۾ شهيد شاهنواز ڀٽو جو لاش جهار ذريعي فرانس مان ملڪ ۾ آڻي ۽ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي اباڻي قبرستان ۾ دفنائڻ جي باري ۾ خبرون ڇپيون آهن. لاڙڪاڻي اسٽيڊيم ۾ هن جي جنازي نماز پڙهي وئي، جتي لکين ماڻهن شرڪت ڪئي، اتي مس بينظير ڀٽو خطاب ڪيو جنهن ۾ ڪارڪنن کي منظم ٿيڻ جي هدات ڪيائين. شهيد شاهنواز ڀٽو جي شهادت جا ڪهڙا سبب هئا، انهن تي هن ڪجهه به نه ڳالهايو. هن ڇيو ته: "فرانس سرڪار ايجا تائين پوسٽ مارٽم رپورٽ نه ڏني آهي، جڏهن اُها ملندي ته مان توهان کي ضرور ٻڌائيندس" اتي ڪو به سياسي نعرو به نه لڳو. ماڻهو رڳو ذڪر ڪندا رهيا.

23_08_1985

افغانستان جي ثور انقلاب کان هفتو اڳ افغانستان جي دائود حڪومت پرچم پارٽيءَ جي سربراهه استاد مير اڪبر کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو. جنهن تي پرچم پارٽيءَ فوج کي اپيل ڪئي هئي ته اُها سردار دائود حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ۽ سڄي ملڪ جو عوام روڊن تي نڪري آيو هو. فوج سردار دائود جو نه رڳو تختو اوڌو ڪيو هو پر هن کي قتل ڪري اقتدار پرچم پارٽيءَ جي حوالي ڪيو هو. جنهن جو پهريون صدر نور محمد ترهڪيءَ کي ڪيو ويو هو. هتي به ملڪ جي وڏي پارٽي هجڻ جي دعويدار پيپلز پارٽي ائين ڪري پئي سگهي، پر پ پ جي وڏيرڪي قيادت مارشل لا اختيارين جي بي ٽيم بٽيل آهي، اُها ڪڏهن به ان حد تائين نڪي وڃي سگهي.

27_08_1985

شهيد شاهنواز جي شهادت جي ڏک ۾ سياسي قيدين عيد نہ ملهائي، بس اسان رڳو عيد نماز پڙهي اچي ويهي رهياسون. مها سنڌ جي اڳواڻ سيٺ هارون احمد چيو: "يار توهان جي ڏسپلين ۽ پڙهائيءَ جو رجحان ڏسي دل ٿي چوي تہ مان پُٽ کي بہ گرفتار ڪرائي هتي توهان سان رکان. تہ جيئن توهان هن جي تعليم ۽ تربيت ڪريو. تہ هُو بہ هتان سياسي ڪارڪن ٿي نڪري". رات پ پ جي احمد علي سومرو کي آزاد ڪيو ويو.

عيد نماز ۾ مولوي هڪ رڪعت پڙهائي. سلام ورائي ويهي رهيو. تہ گهنشام چيس: مولوي صاحب نماز ۾ تہ بہ رڪعتون ٽيندیون آهن؟ تو هڪ رڪعت پڙهائي آهي!". مولوي وري نماز پڙهائي. پوءِ مولوي عيد ملڻ وقت چيس: "تنهنجي مهرباني جو ياد ڪرايئي. توهان جو نالو ڇا آهي؟". "گهنشام پرڪاش. منهنجو نالو آهي". مولوي هڪو ٻڪو ٿي چيس: "سنڌي مسلمان اهڙا بہ نالا رکندا آهن ڇا؟". گهنشام چيو" مان مسلمان نہ آهيان. ماشاالله هندو آهيان". ان تي مولوي وائڙو ٿي ماڻهن سان عيد ملڻ ڇڏي روانو ٿي ويو. مولوي وڃي ايس پي جيل کي شڪايت ڪئي تہ هڪ هندو اسان جي نماز مڪروهہ ڪري ڇڏي آهي. ان تي ايس ايس پي اوڪاش مونکي سڏايو "يار هي ڇا ٿا ڪريو!. گهنشام کي سمجهايو نٿا. هتي قيدين کي خبر پوي ۽ هنگامو ٿي پوي تہ پوءِ؟" جنهن تي مون کيس وراڻيو: "سيني قيدين کي خبر آهي ۽ هُو ان سان عيد بہ مليا. اصل ۾ مُلي کان هڪ رڪعت پڙهائڻ وسري وئي. گهنشام اها ياد ڏياريس. ان تي مُلو وائڙو ٿي پڳو آهي". اها ڳالهہ ٻڌي اوڪاش شيخ بہ کلڻ لڳو.

28_08_1985

اقبال حيدر جي نظربندي وري 90 ڏينهن وڌائي وئي آهي. کيس جڏهن اها خبر پئي تہ حڪومت کي گاريون ڏيڻ لڳو "منهنجو پ پ سان ڪهڙو واسطو جو مونکي هنن جي ڪاتي ۾ نظربند ڪيو ٿو وڃي!". اسان هن کي ڏڪندو ڏسندا رهياسون. ان تي سيٺ هارون احمد چيس: "پائي توکي اخباري بيان ڏيڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي. توکي مارشل لا وارا ان تي بند ڪا رکن".

29_08_1985

مارشل لا اختيارين ۽ محمد خان جوڻيجو جي سول حڪومت وچ ۾ تڪرار ۽ تفرڪو واضح نظر اچي رهيو آهي. ضياءُ صدر کي وزيراعظم محمد خان جوڻيجو ۽ وڏي وزير سيد غوث علي شاهه يقين ڏياريو هو ته مس بينظير ڀٽو نه کي جلسا ڪندي، نه جلوس ڪيندي، پر ان باوجود به ڪيس 70 ڪلفٽن تي نظربند ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مس بينظير ڀٽو لاڑڪاڻي ۾ اعلان به ڪيو ته هوءَ جنوري 1986ع تائين انتظار ڪندي ته مارشل لا کي مڪمل طور تي هٽايو وڃي ٿو يا نه؟ ان ڪانپوءِ هوءَ تحريڪ هلائڻ جي باري ۾ فيصلو ڪندي، پئي طرف بي بي سي سهربين تبصرو ڪيو ته صورتحال اهڙي ٿيندي پئي وڃي، جو ڪٽي بينظير ڀٽو کي به سدس پيءُ ۽ پاءُ سان گڏي نه سمهاريو وڃي.

07_09_1985

اڄ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جميل گهرائي مونکي چيو: "حڪومت گهنشام جي ملاقات سي آءِ ڊي وارن جي رويرو ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي"، مون چيو: "صرف گهنشام جي؟"، هن وراڻيو: "ها". مون ان جو سبب پڇيو ته هن چيو: "چون ٿا ته ڪوئي سوويت يونين (روس) جو ايجنٽ هن سال ملڻ ايندو آهي، جيڪو هن کي تخريبي مواد ڏئي ويندو آهي ۽ اُهو هُو جيل ۾ ورهائيندو آهي"، مون چيو: "ايجنٽ به توهان جي مرضيءَ سان ايندو هوندو؟"، مون چيو: "توهان جي ايس پي اوڪاش شيخ حيدرآباد جيل تي به جام ساقي ۽ تي اهڙو الزام هڻي، هن کي قيد تنهائي ۾ رکڻ پئي چاهيو ته جيئن ڪيس ڊي آءِ جي جيل ڪن".

مون هن کي چيو: "اوڪاش کي ٻڌائي ڇڏ ته هاڻ جڏهن ڊي ايم ايل جيل وڃڻ تي آيو تڏهن اسان هن کي ٻڌائيندا سون ته روسي سفير اسان سان ملڻ ايندو آهي ۽ اُها مهرباني هي جيل جو ايس پي اوڪاش شيخ ڪندو آهي"، هُو مٽي هليو ويو ۽ وڃي اوڪاش شيخ کي ٻڌايائين، ان تي اوڪاش شيخ سهڪندو هيٺ لهي آيو: "شبير! توهان هرويرو مون تي ناراض ٿيندا آهيو، منهنجي اهڙي ڪا به مرضي ناهي، هُو ٿا چون"، مون چيو:

"نيڪ ٿا چون، اسان بہ اهڙا خط ٻاهر لکي سي آءِ ڊي وٽ پکڙايون ٿا تہ روسي ايجنٽن کي توهان اسان وٽ وڻي اچي ملايو ٿا"، همراهہ کان پگهر نڪري آيا. مون چيو: "اسان سياستدارن آهيون، اسان سان نہ ٺڪرج، آرام سان ويهي پنهنجي نوڪري ڪر". مان واريءَ ۾ آيس ۽ ساٿين کي صورتحال ٻڌايم. ڪمال وارثيءَ چيو: "تون تہ شيخ جي پتلون خراب ڪري آيو آهين"، مون چيو: "هن جو ڪيڏو دماغ خراب آهي، اسان جيل ۾ آهيون ۽ روسي ايجنٽ کان مواد وڻي جيل ۾ ٿا ورهايون...!؟"

08_09_1985

مان ڇهل قدمي ڪري رهيو هُئس تہ لياري پ پ جو اڳواڻ امداد شاهہ ۽ پ پ جو مزدور اڳواڻ ولي محمد لاسي مون وٽ آيا، اُهي هنن ٻنهي فتني بازن سان مليو پئي آيا. ايندي ئي چيائون تہ: "اقبال حيدر هڪ معمولي پارٽيءَ جو آهي ۽ اسان جي پارٽيءَ تي تنقيد ڪندو ٿو رهي، ان کي سمجهايو". مون چيو: "اسان چو سمجهايونس، اسان جي نہ ڊسيپلين ۾ آهي نہ پارٽيءَ ۾، توهان پاڻ ان سان چو نٿا ڳالهايو؟". ان تي ولي محمد لاسي چيو: "نہ سڌريو تہ اسان موچڑا هڻنداسون". مون چيو: "22_23 بئرڪن مان ٿا اچو نہ! توهان تي بہ الذوالفقار جي غنڊن ۽ دهشتگردن جو اثر ٿي ويو آهي، سياست ۾ تنقيد کي برداشت ڪبو ۽ ان جو جواب ڏبو آهي. هي جيل آهي، هتي جيڪڏهن نہ توهان بہ غنڊاگردي ڪئي، تہ جيل وارا سکر جيل ڏيکاريندؤ جتي مائٽ ملاقات بہ پهچي نہ سگهندو"، پوءِ وري چپ ڪري هليا ويا. گهنشام چيو: "سياست ٻارن جو کيل ناهي، هڪ مهيني اندر يارن کي جيل وڻي ويو آهي".

17_09_1985

اڄ ڪجهہ ساٿي ملڻ آيا، جن ۾ الاهي بخش جدگال، لعل بخش جدگال، ۽ اقبال شامل هئا، هنن ٻڌايو تہ: "حيدرآباد جيل تي جام ساقيءَ کي قيد تنهائيءَ ۾ بند ڪيو ويو آهي. ڊي ايس ايف جي ساٿين علي محمد بروهي ۽ برڪت ڪورڙ کي بہ واريءَ کان ٻاهر نڪرڻ نٿو ڏنو وڃي، ملاقات تي بہ سختي ڪري ڇڏي اٿن".

18_09_1985

اڄ منهنجي ننڍي پيٽ حسن بانو پروفيسر جمال جي نياڻي گيتيءَ سان گڏ ملڻ آئي. هن جي سوويت يونين لاءِ اسڪالر منظور ٿي آهي. سو پاسپورٽ نهرائڻ ۽ ويزا وٺڻ آئي آهي. اِهو به تڏهن ٿيو آهي، جڏهن مون ڪيترائي ڀيرا مير ٿيهي ۽ بين ساٿين کي خط لکي اِها گذارش ڪئي هئي. مان ملاقات اڏ ۾ ڇڏي الرجي جي دوا کائڻ آيس. مون کي هڪ ڪيپسول کائڻو هو پر مون به کائي ڇڏيا. ان تي هڪدم ري ايڪشن ٿي ويو. الٽيون شروٿي ويون. ڊاڪٽر جبار خٽڪ کي الائي ڪنهن اطلاع ڏنو سو جيل جي اسپتال مان ري ايڪشن کي ڪنٽرول ڪرڻ واري انجيڪشن کڻي هڪ منٽ ۾ پهچي ويو. جڏ اُڏري آيو. هن جلديءَ ۾ سُئي لڳائي ورتي. ايئن ري ايڪشن مان بچي ويس. پوءِ واپس پيٽ سان اچي ڪچهري ڪيم.

19_09_1985

پي اين پي جي سربراهه مير غوث بخش خان بزنجو جا اخبارن ۾ بيان ڇپيا آهن. جنهن ماسڪو کان واپسيءَ تي اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو آهي ته: "سوويت يونين پاڪستان جي مارشل لا سرڪار تي افغانستان ۾ لڳاتار مداخلت ڪرڻ تي سخت ناراض آهي". هن چيو ته: "سوويت يونين وٽ اهڙا ثبوت موجود آهن. جن تحت سرڪاري ماڻهو افغان مجاهدن سان گڏ وڙهندي ماريا ويا آهن. سوويت يونين سان دشمني ملڪ کي سخت نقصان رسائي سگهي ٿي".

23_09_1985

اڄ ادا وڏو ڪامريڊ غلام حسين شر منع ڪرڻ باوجود به هليو آيو. ادا وڏي چيو: "پيٽ کي ماسڪو لاءِ ابو اجازت نٿو ڏئي". ان تي پيٽ چيو: "ابو راضي آهي. ادا راضي نٿو ٿئي. چوي ٿو ته ڳوٺ ۾ رهي نه سگهندا سون. ماڻهو مهٽا ڏيندا". مون چيو: "انهن جي پرواهه نه ڪيو. توهان وٽ پئسو به ناهي. هي هتي نه پڙهي سگهندي". ان تي چيائين: "هيءَ اڪيلي ڪيئن ويندي". مون چيو: "ٻيو ڪير وڃي؟". ادا چيو: "اميدان کي به موڪلرائي". مون چيو: "ته اها ڳالهه آهي. ٺيڪ. مان ان جو بندوبست ڪريان ٿو". مون ڊاڪٽر

اعزاز نذير ڏانهن خط موڪليو. ته بلوچي روايتن موجب هڪ چوڪريءَ کي وڏا ٻاهر وڃڻ جي اجازت نٿا ڏين. پي کي به ماسڪو موڪلڻ جو بندوبست ڪري ڏيو. ادا چيو: "هاڻ نيڪ آهي. پر غربت آهي. پئسا ناهن. ان لاءِ زمين وڪڻي پوندي. ان لاءِ ابي ڏانهن خط ڏي". مان ابي لاءِ به خط ڏنومانس. ته هاڻ هن ئي مهيني ۾ بندوبست ٿي وڃڻ گهرجي.

01_10_1985

اڄ صبح جو جيلر پير الطاف سرهندي آيو. چيائين ته: "ڪمال وارثي. شبير شر ۽ گهنشام پنهنجو سامان کڻي ماڙي تي پهچن. جو توهان کي پوليس سکر جيل وٺي ٿي وڃي". اسان چيو: "هلو ادا نئون جيل ڏسون".

اسان سامان کڻي ماڙي تي آياسون. جتي رفيق ميمڻ. ظفر عارف. مولا بخش برفت ۽ هاڻ جيڪنگ ڪيس جو عيسيٰ بلوچ به سامان سميت بينا هئا. اسان کي پوليس جي وڏي گاڏيءَ ۾ سوار ڪيو ويو ۽ هڪ ٻي گاڏيءَ ۾ پوليس وارا پڻ موجود هئا.

جڏهن اسان جون گاڏيون مورو ويجهو پهتيون ته اسان واري گاڏي پوليس جي اڳئين گاڏيءَ کي زوردار ٽڪر هنيون. جنهن ڪري اڳين گاڏي ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري پير جي ٽلهي وڻ سان ٽڪرائجي وئي. اسان جي گاڏي ۾ پويان ويندڙ به سپاهي به زخمي ٿي هيٺ ڪري پيا. اسان بچي وياسون. پرپاسي جا ماٹهو آيا. هنن اسان کي کوليو. اسان ٻاهر اچي زخمي پوليس وارن کي گاڏين مان ڪڍي ٻاهر ليٽايو. اُهي شديد زخمي هئا. سندن رت ويهي رهيو هو. اسان هڪ همراهه موٽرسائيڪل واري کي چيو: "ٽاٽي تي اطلاع ڪري ته پوليس زخمي آهي". هن چيو: "توهان ڪير آهيو؟". اسان چيو ته: "قيدي آهيون". هن چيو: "هنن کي ڏوڙ وجهو توهان ته بچي وڃون". اسان چيو: "اسان سياسي قيدي آهيون. نه پڃنداسون". هو ويو ته پوليس به ڪلاڪ دير سان پهتي. جڏهن ايس ايڇ اواسان کان پڇيو ته: "ڪير آهيو؟" اسان چيو: "قيدي". هن چيو گهٽا هئا. اسان چيو: "جيڪي بينا آهيون" هن چيو ڪوئي پڃي ته نه ويو آهي. زخمي صوبيدار هن کي چيو: "اڙي هي سياسي قيدي آهن نه پڃندا. تون اسان کي جلدي اسپتال

پهچاءِ". پوءِ اسان هنن کي اسپتال وٺي آياسون ۽ پوءِ صوبيدار اسان کي ٽاٽي تي وٺي آيو. هن جڏهن پنهنجي ايس پي کي اهڙو اطلاع ڏنو ته ايس پي به پهچي ويو هن اسان کي رات جي ماني کارائي ۽ باهر ٽاٽي جي ميدان تي ڪٽون رکرائي ڏنيون. صوبيدار جي رات جو نيت بدلي. هن هڪ قيدياٽيءَ کي ڪيرائي زور ڏيارڻ جو چيو. جنهن تي ان چيس: "هي ماڻهو ڏسن ٽا"، صوبيدار سپاهين کي چيو: "هنن کي لاڪپ ۾ بند ڪيو". اسان چيو: "تنهنجي پيءُ کي به طاقت ناهي جو لاڪپ ۾ بندڪرين. تون هي قيدياٽيءَ کان زور ٽو ڏيارين. صبح ايس پي اچي تنهنجي ته وردي ٽا لهرايون ". اهو بڏندي ئي هُو اتان پڄي نڪتو.

صبح جو ايس پي جي حڪم تي اسان کي آنا اُقراٽا کارائي پوءِ سينٽرل جيل سکر موڪليو ويو. گهنشام ۽ ظفر عارف کي خيرپور جيل لاٽو ويو. باقي اسان سيني کي سينٽرل جيل سکر، جتي ايس پي جيل غلام محمد ساريو هو. جيڪو پاڻ سياسي ماڻهو رهي چڪو آهي. مون سان ائين مليو جڻ دوست هجي. چوڻ لڳو: "شبير، توهان به بي ڪلاس ۾ رهو. جتي محمد خان سولنگي رهي پيو. ڏاڍو سٺو وڻڪار وارو وارد آهي".

06_10_1985

ڪالهه جي اخبارن ۾ اسان جي حادثي جون خبرون ڇپيون هيون، سو ڳوٺ وري ڳٽتي ٿي هوندي. ضرور ايندا. امڙ اهو ئي چوندي ته پوليس زخمي ٿي، ته به نه ڇڏس. جهاز اغوا ٿيا، ته به نه وئين، توکي جيل ۾ الائي ڪهڙو مزو اچي ويو آهي. محمد خان سولنگي هتي جيل ۾ اسڪول کوليو آهي، جتي اٽڙهيل قيدين کي پڙهائي پيو ڏاڍو سرسبز آهي. چون ٿا ته بلوچ قومپرست اڳواڻ نوروز خان کي هتي رکيو ويو هو جنهن هي به ايائي سؤ وٽن تي مشتمل انبن جو باغ لڳايو هو ان کانپوءِ. جنرل شيروف (شير محمد مري) اُهي وڻ لڳايا هئا. هتي ڪٽون مليل آهي، سو 6 سالن کانپوءِ ڪٽ تي ليٽيس، ته ننڍ ئي نه پئي آئي. ٽيبل ڪرسيون به آهن. گهر جهڙو ماحول لڳو پيو آهي.

ملاقات تي پائٽيو ظهير عباس ۽ پائٽي اميد خاتون آيا. هنن ايندي ئي پڇيو: "ايڪسيڊنٽ ۾ ڪي گهٽا ڏڪ ته نه لڳا آهن؟"، مون چيو: "اسان

کي ڪوبہ ڏڪ ناهي لڳو. بس پوليس وارا زخمي ٿيا". ان دؤران مائٽ عزيز الله شر ۽ ڪرم الدين بہ ملڻ اچي ويا. حادثي واري خبر سان جتي ڪٿي اسان جي آمد جو اطلاع پهچي ويو.

هتي محمد خان جيڪي پڑهيل قيدي پنهنجي اسڪول ۾ ماستر ڪري رکيا آهن، انهن ۾ غلام محمد چانڊيو بہ آهي، جنهن کي عمر قيد جي سزا آهي ۽ گذريل 13 سالن کان جيل ۾ آهي. غلام حسين انڊڙ قلندر بخش لکڻ، آدم چانڊيو ڪرم علي گڏاڻي، هي سڀ خونن جي ڪيسن ۾ عمر قيد جي سزا پوڳي رهيا آهن.

08_10_1985

هتي اچڻ کانپوءِ مٽ مائٽ جام ٽا ملڻ اچن. اڄ ابو امڙ بہ آيا. امڙ اهو ئي چيو جنهن جو امڪان هو تہ: "پوليس وارن کي اسپتال پهچائي وري اچي جيل تي ويٺو آهين. توکي شرم ئي ڪونهي. جيل وڻي ويو اٿئي". مون رڳو وڌا وڌا ٽهڪ ڏنا تہ امڙ چمات وهائي ڪيڏي ڪمينو آهين ڪمينو. ابي چيس: "چڏينس. ماڻهن جي سامهون ٽي ڏڪ هڻينس"، ابو وري ٻانهون جاچڻ لڳو. ڏڪ تہ نہ لڳئي. مون چيو: "نہ اسان کي ڪوبہ ڏڪ ناهي لڳو".

10_10_1985

شام جو چڪر پئي لڳايم تہ جنم ٽيپ جي سزا وارو قيدي آدم چانڊيو آيو. چيائين: "هاڻ تہ ڪوڙ سارا سياسي قيدي اچي ويا آهيو ڪا ادبي گڏجاڻي شروع ڪيو تہ مان بہ پنهنجا شعر ٻڌايان". پچيائين تہ: "توهان جي وارڊ ۾ ڊپٽي ڪمشنر آيو هو چا؟"، وري چيائين: "اسان کي تہ ڪجهہ نہ چيائين. وطن دوست جي چوڪرن رمضان شورو ۽ خادم ڦلپوٽو حيدرآباد جيل ۾ ٽيل تشدد جا پڻن تي نشان ڏيکاريا".

11_10_1985

هتي جيل ۾ شر بہ جام آهن. سو منهنجو ٻڌي، مون کي ماني کائڻ ۽ چانهہ پيئڻ جون دعوتون بہ ڏين پيا. غلام نبي عرف بختو شر آيو. هن بہ دعوت جو زور پريو. غلام محمد ساريو جي ڪري جيل قيدين لاءِ گهر وانگر ٿو لڳي. سڄي جيل ۾ جتي قيدي کي وڻي (سواءِ عورتن جي وارڊ جي) پل

گهمندو وتي. بختي خان شر جي چانهه پارٽيءَ ۾ ٽيهارو کن شرن منهنجو استقبال ڪيو. جن ۾ احمد الدين شر، خدا بخش عرف ڪدو عالماڻي، هي اُهو ماڻهو آهي جنهن سنڌ ۾ پينگ خاطر اغوا جو بنياد وڌو آهي. هتي اڪثر قيدين کي مارشل لا ڪورٽن کان سزائون مليل آهن. سو هي قيدي سوال ٿي اِهو ٿا ڪن ته مارشل لا ڪڍهن ويندي؟.

واپس اچي ادبي گڏجاڻي ڪئي سين. جنهن ۾ 30 کن قيدي شريڪ ٿيا. قلندر بخش لکڻ بہ اچي ويهي رهيو. آدم چانڊيي نظم پڙهيو. غلام حسين چانڊيوءِ بين نظم پڙهيا. علي محمد بروهي ڪهاڻي پڙهي. آدم چانڊيي جي شاعري تي ڪافي قيدي ڪاوڙجي پيا. جو هن پڙهيو.

ڳـــــــاڙهن ڳلـــــــڙن واري
ســـا ڪيـــئن ٿـــي ڪـــاري ڪـــاري
ڪـــــاري يـــــاءِ آ مـــــاري

هتي قيدين جي اڪثريت ڪارپ وارن ڪيس ۾ سزا ڪاٽي رهي آهي. سو مس همراهن کان معافي ونڊي جهيڙو ٽاريوسون. قلندر بخش لکڻ چيو: "ابا هي چانڊيو پاڻ بہ ڪارو ماري آيو آهي. سو هي هتي فتنو پکيڙيندو".

12_10_1985

اڄ اسان جي دوستن جا ڏنب اچي ويا. جن ۾ محبوب چانڊيو عاشق شاهہ. روهڙي سيمنٽ فيڪٽري جا ساٿي ۽ ٻيا شامل هئا. هي يار لاڙڪاڻي کان ڊي ايس ايف جي ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪري موٽيا هئا. هنن ٻڌايو تہ: "رات مٽن جيئي سنڌ جي دهشتگردن فائرنگ ڪئي. جنهن ڪري اتان ڪنوينشن ملتوي ڪري هاڻ ٻلهڙيجي ۾ رکيو آهي. هو گهٽو ترسي نہ سگهيا" تنهن ڪري ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪرڻ ڪانسواءِ ئي موٽي آيا.

17_10_1985

هتي هن جيل جي قيدين جي عجيب نفسيات آهي. هتي جي قيدين جا سوال ڏاڍا عجيب آهن. پڇن ٿا. ڪا اهڙي حڪومت ايندي جيڪا هنن جنم قيدين (25 سال سزا وارن) کي آزاد ڪندي؟ يا اهڙي

حڪومت نہ ايندي، جيڪا جيل ختم ڪري ڇڏي؟". مون چيو تہ: "ها اهڙي حڪومت اسان سوشلسٽن جي هوندي، اُها جيل بہ ختم ڪندي ۽ غريبن جي حڪومت پڻ قائم ڪندي. اُها حڪومت ايندي ئي جاگيردارن کان زمينون کسي غريبن ۾ ورهائيندي. پوءِ زمين جا مالڪ بي زمين هاري هوندا". اِهو ٻڌي هُو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ چيائون: "سائين اهڙي حڪومت کي تہ جلد اچڻ گهرجي". مون چيو: "اُها حڪومت توهان هاري ۽ مزدور ئي آڻيندا. جڏهن توهان متحد ٿي اسان جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندا".

هتي ادبي گڏجاڻيون بہ هلن پيون. اڄ قلندر بخش لکڻ کان صدارت ڪرائي سون. مون ۽ علي محمد بروهي ڪهاڻيون پيش ڪيون. هاڻ هن سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ 10 کان مٿي عام قيدي شريڪ ٿيا آهن. پ پ کانسواءِ باقي سمورا قيدي دلچسپيءَ سان شرڪت ڪن ٿا.

20_10_1985

اڄ صبح ساڻ هڪ قيدي آيو هن چيو: "خيرپور جي فوجي ڪورٽ ۾ هن جو ڪيس ٿو هلي. جتي توهان جو پاڻ لياقت علي منهنجو وڪيل آهي. ان مون کي چيو آهي تہ توهان کان پڇي اچي تہ سامان ڪپيس تہ اُها لسٽ ونيو اچينس". مون هن کي خط لکي ڏنو هتي بي پهچ قيدين جي گهٽائي آهي. جيڪو پنهنجو ڪيس وڙهڻ لاءِ وڪيل ڪرڻ جي سهپ بہ نٿا رکن. لياقت جي باري ۾ ٻڌو آهي ۽ قيدي ئي ٻڌائن ٿا تہ هو مسڪين قيدين جا ڪيس مفت ۾ ڪٽندو آهي. حالانڪ هن جي مالي حالت بہ ڪا ايتري سٺي ناهي. پر هن ۾ انساني احساس موجود آهي.

24_10_1985

ڪافي ڏينهن کان اخبارن ذريعي ڪجهہ سياسي چرپر محسوس ٿي رهي آهي. 25 آڪٽوبر تي ايم آر ڊيءَ جو اهم اجلاس سڏايو ويو آهي، جنهن ۾ ولي خان، رائو رشيد، فضل الرحمان، خواجا خيرالدين، ملڪ قاسم ۽ ٻيا شرڪت ڪندا _ اجلاس ڪراچيءَ ۾ رکيو ويو آهي. بي بي سي هينئر خبر ڏني آهي تہ رائو رشيد، ولي خان ۽ مولانا فضل الرحمان جي سنڌ داخلا تي حڪومت پابندي هٽي ڇڏي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهم اڳواڻن کي

گرفتار ب ڪيو ويڃي. ڇو ت لڳي ٿو ت ان اجلاس ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جو آخري رائونڊ هلائڻ جو اعلان ب ڪيو ويندو.

25_10_1985

اڄ جي اخبارن جي خبر آهي ت پي ڊي پي جو نوابزاده نصرالله خان ڪراچي پهچي ويو آهي. پر هن کي گرفتار ڪري صوبي بدر ڪيو ويو آهي. نسيم ولي خان کي ب ڪراچي هوائي اڈي تان واپس پشاور روانو ڪيو ويو آهي. غلام مصطفيٰ جتوئي، خواج خيرالدين، فتحياب علي خان ۽ اين ڊي خان کي ستن ڏينهن لاءِ نظر بند ڪيو ويو آهي. جڏهن ت ايم آر ڊي جا اڳواڻ سيد قائم علي شاهه، اقبال حيدر ۽ مير هزار خان بجاراڻي سميت ٻيا اڳواڻ روپوش ٿي ويا آهن. فوج ۽ پوليس انهن کي ب ڳولي رهي آهي. مطلب ت ڪجهه نه ڪجهه ٿيڻ وڃي پيو. اهي گرفتاريون، نظربنديون، صوبي بدريون ۽ جلاوطنيون ايئن ت ناهن! بهرحال، محمد خان جوڻيجو جي نام نهاد سول حڪومت کي ب اثر ڏيڪاري نه سگهي آهي، مارشل لا پنهنجي وجود کي برقرار رکيو بيٺي آهي.

26_10_1985

اڄ جي اخبارن ۾ خبرون ڇپيون آهن ت ايم آر ڊي جو اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ هڪ سياسي ٺهراءُ پاس ڪري ايڊمنسٽي بل جي مذمت ڪئي ۽ سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو ويو آهي _ بس دودو ڏوڻ چنيسر چائي. ان کانپوءِ مير هزار خان ب گرفتار ٿي ويو ۽ اخباري تارزن اقبال حيدر ب گرفتار ٿي. وڃي ڪراچي جيل جي بيغيرت بلي سان مليو جنهن کي هي روز گاريون ڏيندو هو ت ضياءُ الحق وانگر هن اڃي بلي ۾ غيرت ٿي ڪونهي، ڪوئا هن سان ايم آر ڊي واريون غير فيصلاڪيون گڏجاڻي ڪندا ٿا رهن، ت هي پڙوو چپ ڪري هنن جا رايا ٻڌندو ٿو رهي.

27_10_1985

اڄ آل انڊيا ريڊيو خبرن کانپوءِ تبصري ۾ آمريڪي صدر رونالڊ ريگن تي سخت تنقيد ڪندي چيو ت ريگن پاڪل ٿي چڪو آهي، يا انتهائي مڪار قسم جو ماڻهو آهي. جنهن پارتي وزيراعظم راجيو گانڌيءَ کي آمريڪي دوري دوران يقين ڏياريو هو ت پاڪستان کي ايٽم بم ناهڻ جي

اجازت نہ ڏني ويندي ۽ نہ ئي پاڪستان جو اهڙو ڪو ارادو ئي آهي. هاڻ جڏهن يو اين اي جي چاليهين سالگرهہ جي سلسلي ۾ پارتي وزيراعظم راجيو گانڌي نيويارڪ ويو تہ ريگن هن کي چيو تہ پاڪستان ايٽم بم ناهڻ کان نٽو مڙي ان اعلان کي پارتي اڳواڻن ريگن جي مڪاري سڏيو آهي.

ان کانپوءِ راجيو سڌو ماسڪو پهتو آهي. جتي هن هنگامي بنيادن تي سوويت يونين قيادت سان هنگامي گڏجاڻي ڪئي آهي. بي بي سي موجب لڳي ٿو تہ پارتي وزيراعظم پاڪستاني ايٽم بم جي سلسلي ۾ پريشانيءَ واري صورتحال ۾ ماسڪو پهتو آهي. جنگ اخبار ٽن ڪالمن واري خبر ڇاپي آهي. جنهن ۾ لکيل آهي تہ پارت هن سال جي آخر تائين پاڪستان تي حملو ڪندو سنڌي ٽائمس پارتي فوج جو تعداد 17 لک ٻڌائيندي چيو آهي تہ اُهو پاڪستان کان گهٽو طاقتور ملڪ آهي.

28_10_1985

قيدين کي انقلابي ڪتابن جي اسٽڊي سرڪل ڪانپوءِ خادم فلپوٽي چيو تہ: "رمضان شورو ذري گهٽ انڌو ٿيڻ وارو آهي. هلو تہ جيل جي اسپتال هلون". اُتي جيل جو ايس ايس پي غلام محمد ساريو ب ويٺو هو جيڪو اوڪاش کان تمام گهٽو بهتر ۽ سٺو انسان پڻ آهي. هن اسان کان پڇيو تہ: "دوا وغيره ملي ٿي". اسان چيو: "هيءَ رمضان چورو (هتي شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جا قيدي هن کي شورو بدران چورو سڏيندا آهن) ذري گهٽ انڌو ٿيڻ وارو آهي. پوءِ هن ڊاڪٽر کي چيو: "هن کي باهر جو لکو تہ موڪليونس. هي انقلابي ماڻهو انڌا ٿي نڪتا تہ پوءِ ڪهڙي ڪم جا ٿيندا".

01_11_1985

اڄ اسان جي هفتيوار ادبي سنگت جي گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ اڄ عام قيدين جو وڏو تعداد پنهنجا ليک ڪٽي آيو. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي تہ هنن ۾ اسان لکڻ ۽ پڙهڻ جو رجحان پئدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون. اسان جو مقصد بہ اِهو آهي تہ هيءَ ڏوهن جي دنيا مان نڪري ڏميوار شهري ٻڌجن. مارا ماري ۽ قتل غارتگري ڪرڻ ڇڏي ڏين _ غلام محمد چانڊيو اڄ سٺي ڪهاڻي لکي آيو.

13_11_1985

اڄ جنرل ضياءَ پنهنجي بيان ذريعي غير جماعتي چونڊيل حڪومت کانپوءِ هن سال ڊسمبر ۾ جيڪو مارشل لا ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو ان تان هُو ڦري ويو آهي. هن چيو آهي ته سياستدانن غير جماعتي چونڊن ۾ حصو نه ونڊي پنهنجو پاڻ کي ڇيهو رسايو آهي. سو هاڻ اُهي 1990ع تائين جو انتظار ڪن.

ٻئي پاسي ڏونگي اسيمبليءَ ۾ سياسي پارٽين جي رجسٽرڊ ڪرڻ جو قانون ٺاهڻ تي بحث ڇيڙيو ويو آهي. ته جيڪي پارٽيون پاڻ کي رجسٽرڊ ڪرائينديون، اُهي ئي سياسي سرگرميون جاري رکي سگهنديون _ کڏڙي مان پٽ پئدا ڪرڻ جي اميد رکي ٻئي وڃي.

26_11_1985

اڄ محمد خان سوير جو تيار ٿي وڃڻ لڳو ۽ منهنجي پڇڻ تي چيائين ته: "جيل جي اسڪول ٿو وڃان. اڄ ميلاد جو پروگرام رکيل آهي". مان وري موڪل هجڻ ڪري ڪتاب پڙهڻ ويهي رهيس. شام جو حافظ عبدالقيوم گهانگهرو مليو هن پڇيو: "ميلاد جي پروگرام ۾ ڇو نه آئين؟". مون چيو: "بس سُستي، سمهي رهيو هيس". هن چيو ته: "اڄ پروگرام ڏاڍو سٺو ٿيڻ مون ماحول ٺاهي ورتو ۽ محمد خان سولنگي ان جو ڀرپور فائدو وٺندي تمام سٺي انقلابي تقرير ڪري قيدين ۾ سياست جو رجحان پئدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي". مون چيو: "محمد خان ته مونکي اهڙو ڪو به اشارو نه ڏنو مون سمجهيو ته رڳو مولود پڙهيا ويندا. ان ڪري نه آيس". هن چيو محمد خان تقرير ڪندي چيو ته: "اڄوڪو ڏينهن ان عظيم هستيءَ جي ولادت جو ڏينهن آهي. جنهن جو شان اهو آهي ته الله پاڪ ان هستيءَ کي پنهنجو محبوب ٻڌايو جيڪو سڄي ڪائنات لاءِ رحمت ٻڌجي آيو. نه ڪنهن گروهه لاءِ، پر هُو سڄي انسانيت لاءِ رحمت اللعالمين ٻڌجي آيو. جيڪو آخري نبي هو. جنهن کانپوءِ نبوت جو سلسلو ختم ٿي ويو. جنهن کي الله تعاليٰ آسمان تي معراج تي گهرايو. جنهن لاءِ الله پاڪ فرمايو: "اي منهنجا محبوب! اي منهنجا پيارا نبي صه مان توکي پئدا نه ڪيان ها ته هن

ڪائنات ڪي ئي پئدا نہ ڪيان ها". جنهن جو شان بيان ڪرڻ لاءِ هڪ گنهگار بندي جي زبان قاصر آهي. جنهن جي الله پاڪ پاڻ ساراهہ ڪري ٿو. ان جي ساراهہ بندو چا ڪندو!

04_12_1985

اڄ ڪافي ڊي ايس ايف جا دوست ملڻ آيا. جن ۾ شرف ميمڻ ۽ پيا دوست هئا. دوستن جو چوڻ آهي تہ ضياءَ ڪي محمد خان جوٽيجو جهڙي شريف ماڻهوءَ جي حڪومت بہ پسند ناهي. سو هُلَ اِهي پيا هلن. تہ ضياءَ الحق تمام جلد هيءَ اسيمبلي بہ ختم ڪندو.

07_12_1985

اڄ محمد خان سولنگي ٻڌايو تہ: "ڪالهہ ڪان جيل سپرنٽينڈنٽ غلام محمد ساريي اسڪول ڪي تالو هٽائي بند ڪري ڇڏيو آهي. هل تہ پچونس. هُن ايئن چو ڪيو آهي. اسڪول ۾ ڪهڙو غلط ڪم ٿي رهيو هو". اسان اوڏانهن وياسون پئي تہ جيئي سنڌ جي دوست ستار موريو چيو تہ هو بہ گڏ ٿو هلي. اسان گڏجي هن جي آفيس ۾ پهتاسون. جتي جيل جو ڊاڪٽر منگي بہ وينو هو. ويهندي ئي ستار موريو هن کان جارحاڻي انداز ۾ سوال ڪرڻ شروع ڪيا. "تو اسڪول چو بند ڪيو آهي؟" ان تي هن بہ جارحاڻي انداز ۾ جواب ڏنو "منهنجي مرضي. مان جيل جو ايس پي آهيان". ان تي ساريي چيو تہ: "تون بہ پنهنجي مرضيءَ تي مونکان اسڪول کولرائي نٿو سگهين". مون ڏٺو تہ ستار موريو جو جارحاڻو رويو تہ ڪيس رهندو ضدائي ڇڏيندو. پوءِ اسڪول تہ ڪڏهن بہ نہ کلندو. مون ستار کي چيو: "هڪ منٽ توهان ماڻ ڪيو هاڻ اسان کي ڳالهائڻ ڏيو". مون غلام محمد ساريو کي چيو: "صاحب ڳالهہ ٻڌو هيءُ جيل قيدين جي اصلاح. پلائي ۽ هن کي بهتر انسان بڻائڻ لاءِ آهن. توهان جي مرضيءَ سان محمد خان سولنگي اسڪول شروع ڪيو هاڻ اتي ڪائي غلط ڳالهہ ٿي هجي تہ ٻڌايو. اسان ان جو ازالو ڪريون. باقي اسڪول بند ڪرڻ سان قيدين جي تعليم متاثر ٿيندي". هو اڄ تائين اسان کي سڻو ماڻهو نظر ايندو هو. پر اڄ هن جي اصليت ظاهر ٿي پئي. چوڻ لڳو "چورن ۽ قاتلن جي کهڙي اصلاح ٿيندي. مدرسو ڪليو آهي.

وڃي اتي قرآن پڙهن". ساريو صاحب، ستار موريو جي سنو نہ ڳالهائڻ تي ڪاوڙجي پيو ۽ سخت رويو اختيار ڪندي چيائين تہ: "توهان کي جيڪي بہ سهوليتون ڪپن ونو جيل مان هلايان ٿو. توهان جيل جي معاملن ۾ مداخلت نہ ڪريو".

08_01_1986

ڪجهہ ڏينهن کان اخبارن ۾ خبرون اچي رهيون آهن تہ بحري بيڙو بحري روم ۾ پهچي ويو آهي. آمريڪي سامراج سوشلسٽ ملڪ لبيا تي حملي جون تياريون ڪري رهيو آهي. آمريڪا لبيا جي صدر ڪرنل قذافي کي سبق سيکارڻ چاهي ٿو جيڪو آمريڪا جي عرب دنيا ۾ هر آمراڻي پاليسيءَ جو سختيءَ سان مخالفت ڪري رهيو آهي. لبنان تي الزام آهي تہ ان جي مليشيا* آمريڪي جهاز اغوا ڪري ان کي دمشق هوائي اڈي تي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي. ان تي آمريڪي سامراجي سرڪار مڇرجي پئي آهي.

آمريڪي سامراج جي انهن توسيع پسندانہ سرگرمين کانپوءِ سوويت يونين قيادت آمريڪي سامراج کي چتاءُ ڏنو آهي. تہ لبيا تي حملو سوويت يونين پاڻ تي حملو سمجهندي ۽ ان جي ڀرپور مزاحمت ڪندي. لبيا کي پوري سوشلسٽ دنيا جي حمايت حاصل آهي. جنهن کانپوءِ آمريڪي سامراجي فوجي جنگي بيڙن پوئتي موڙڻ لاءِ واپسيءَ جو رخ ڪيو آهي.

10_01_1986

ايران جو صدر خامنائي، ايران تي انقلاب کانپوءِ پهريون ڀيرو پاڪستان جو دؤرو ڪري رهيو آهي. ڇو تہ انقلاب اڃڻ کان ونڊي هن وقت تائين پاڪستان آمريڪي سامراج جو اتحادي ٻڌيل آهي. جڏهن تہ ايران جي انقلاب جو بنياد آمريڪي سامراجي مخالفت تي مبني آهي. اِهو بہ آمريڪي سامراج جي مرضيءَ سان ئي ٿي رهيو آهي. تہ جيئن پاڪستان ذريعي ايران کي ڌڏو ڪري آمريڪي سامراج وري ڪنهن طرح سان ايران اندر پنهنجو اثر پئدا ڪري ونڊي. پر ايران جي هيءَ مذهبي مولوين تي

* مليشيا لبنان جي فوج جو نالو آهي.

مشتمل انقلابي حڪومت ڪنهن بہ صورت ۾ ايران اندر آمريڪي سامراجي اثر کي پئدا ٿيڻ نہ ڏيندي.

28_01_1986

صبح جو حوالدار رحيم بخش پٽو دروازو کولڻ سان گڏ رڙيون ڪرڻ لڳو تہ محمد خان جلدي اٺو جيل جي گيٽ تي فاضل راهو وينو آهي، توهان کي سڏي رهيو آهي. مون کي سياري ۾ ڏاڍو سيءَ لڳندو آهي، سو دير سان بسترو چڏيندو آهيان. اڄ جو جهوني سياسي اڳواڻ فاضل راهوءَ جو پڏم تہ مان بہ ٽپ ڏئي اٽي وينس. هن کي بہ شايد ڪنهن ٻئي جيل تان بدلي ڪري ونې آيا آهن، تڏهن تہ سوير پهتو آهي.

اسان ماڙيءَ تي پهچي وياسون. جتي فاضل راهو اسان سيني سان ايئن پاکر پائي مليو جڙ هڪ گهر جا پاتي هجون. جڏهن تہ اڄ اسان جي هن سان پهرين ملاقات آهي. ان کان اڳ ڪڏهن بہ نہ مليا آهيون. فاضل راهوءَ چيو: "مان ڏاڍو ٽڪل آهيان، بک بہ لڳي آهي، سو هلو کٽو ٽپڙ تہ هلون". هن جا بريف ڪيس بخت کهاوڙ کنيان، هڪ مون ۾ هڪ محمد خان، باقي مني ريفريجريٽر ۾ بسترو رهيو. ان لاءِ گيٽ ڪيپر عطا محمد چنا کي چيوسون تہ برداشتي ٿا موڪليون.

ان وقت 08 پئي ٽيا، سو برداشتين کان آنا ۾ اڦراتا پچرائي نيرن گڏجي ڪئي سين. فاضل راهوءَ جو ورتاءُ انتهائي پنهنجائپ وارو آهي، هُو ڳالهہ ڳالهہ ۾ ٽو چوي: "اسان ماڻهو اسان ماڻهو"، مطلب تہ فاضل هڪ الڳ پارٽيءَ جو هوندي بہ ايندي ئي مرڄ ٽي ويو آهي. هتي هاڻ ڪو بہ "مان" ناهي رهيو سڀ "اسان" بڻجي ويا آهيون، واهہ جو ماڻهو آهي.

منهنجو 9 وڳي بي اي جو پيپر آهي، سو مان تہ قلم پيڊ کٽي ماڙيءَ تي امتحان ڏيڻ هليو ويس. شاهہ لطيف يونيورسٽيءَ مان ڪونہ ڪو استاد پيپر آڻيندو آهي پر اڄ ساڍين 9 تائين جڏهن ڪوبہ نہ آيو تہ مان ايس پي جيل غلام محمد ساريو جي آفيس ۾ هليو ويس. هن کي چيم: "هن مهل تائين ڪو بہ استاد پيپر کٽي نہ آيو آهي!" هن پنهنجي گن مين ۾ ڊرائيور کي چيو: "اسلاميا ڪاليج ويجون، اتان وڃي پرنسپل کي چئو تہ سوالن ۾ جوابن

واري ڪاپي سميت ڪوئي استاد ڏئي، سياسي قيدي شاگرد جو پيپر آهي".
پر ايتري ۾ استاد نواب پتافي پيپر سميت پهچي ويو.
29_01_1986.

ملڪ جي ماڻ واري تلاءِ ۾ ترقي پسند قوتن پيندڙ اُچلي مانيِ پاڻيءَ ۾ لهرون پئدا ڪرڻ شروع ڪيون آهن. سڄي ملڪ جي ترقي پسندن ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي سڏ تي لبيا خلاف آمريڪي جارحيت جي مذمت ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ احتجاجي جلوس ڪيڻ شروع ڪيا آهن. سول ۽ فوجي حڪومتون اهڙي قسم جي جلوس کي روڪڻ لاءِ ڪائي پُرتشدد ڪارروائي ۾ شروع ڪري نه سگهي آهي، چو ته هي مظاهرا هڪ اسلامي ملڪ جي سلامتيءَ خاطر آهن.

فوجي حڪومت هتي چپ آهي، نام نهاد سول حڪومت ڏمڪيءَ ڏني آهي ته اهي احتجاجي مظاهرا چوٽين مارشل لا کي جنم ڏيندا. هي ويچاري محمد خان جوٽيجي جي حڪومت ڪيڏي نه خوش فهميءَ جو شڪار آهي ته اُها جمهوري حڪومت آهي. مارشل لا ڪورٽون به موجود آهن، هاءِ ڪورٽ جا اختيار ختم آهن. ملڪ جون هاءِ ڪورٽون ۽ سپريم ڪورٽ مارشل لا سزائن جي اپيل ٻڌڻ جو به اختيار نٿيون رکن. حيرت آهي ته هن سنڌ جي وڏيري کي شرم به نٿو اچي، پنهنجي منسٽر گيري کي سول يا جمهوري حڪومت سڏيندي.
31_01_1986

بي بي سي اڄ رات جي خبرن ۾ ٻڌايو آهي ته ايم آر ڊيءَ جي اجلاس ۾ اتحادي پارٽين ۾ نااتفاقي پئدا ٿي پئي آهي، جنهن تحت تحريڪ استقلال، ايم آر ڊي جو پارٽي رجسٽرڊ نه ڪرائڻ واري فيصلي کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ان ڪري پئي ٿئي، جو تحريڪ استقلال جو سربراهه اصغر خان پاڻ رٽائرڊ فوجي آهي، اُهو فوجي مستقل مفاد خلاف ته نه ويندو.

ٻئي طرف پنجاب جي وڏي وزير نواز شريف جو بيان به ٻڌايو جنهن چيو ته ايم آر ڊي جي اڄ واري جلسي ۾ چند ماڻهو هئا، هي مارشل لا جو ننڍڙو

گُڏو ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ تہ هٽلر جي ڪوڙي ترين وزير گوئبلز جو بہ پوٽو ٿو لڳي.

سڀ ڳالهہ پنهنجي جڳهہ تي پر اڄ بہ نئين سال جي رات بغير پيئڻ ۽ پيارڻ جي گذريو پئي وڃي. هاڻ ڏي جيئڙا! سڄي سنگت کي پوءِ بہ Happy New Year.

01_02_1986

اڄ سڄي سنگت کي نئين سال جون واڌايون ڏنيونسين. پر عام قيدين کي اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. گهٽن سادي دماغ وارن تہ رڙ ڪري پڇيو: "ڇا مارشل لا ختم ٿي وئي..!؟". پوءِ تہ مان مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو ئي بند ڪري ڇڏيو.

رات بي بي سي. جيڪو سامراجي نشرياتي ادارو آهي. جنهن کي سامراجي مفادن کي مضبوط رکڻ لاءِ هلايو پيو وڃي. ٻڌايو تہ لاهور وارو ايم آر ڊي جو اجلاس اختلافن جو شڪار ٿي ويو آهي. لڳي ايئن ٿو تہ ايم آر ڊي هاڻ گهٽو عرصو جڏاداري ڪري نہ سگهندي ۽ ٽٽي ويندي.

ٻئي طرف ايم آر ڊي جو اعلان نامو ڇپيو آهي. جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن موجوده محمد خان جوڻيجو حڪومت جمهوري آهي. تہ اُها فوجي ڪورٽن طرفان ڏنل سياسي ۽ غير سياسي قيدين جي سزائن کي ختم ڪري. اُهي ڪيس سول ڪورٽن ۾ هلائڻ جو فيصلو ڪري. جي ايترو بہ نٿي ڪري سگهي تہ سڀني ميمبرن کي وزيراعظم محمد خان جوڻيجو سميت استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي.

فاضل راهوءَ چيو: "واهہ! هاڻ ايم آر ڊي ڪيو آهي. سياسي فيصلو. خبر تہ پوي هي ڳيجهو جوڻيجو ضياءُ الحق جو منشي ڪري ڇا ٿو وٺو. رڳو وزيراعظم جي پگهار کڻڻ آيو آهي. ايترو سڄو آهي تہ اسان ٿا هن کي چندو ڪري ايترا پئسا ڏيون. جيترا ضياءُالحق هن کي منسٽر گيريءَ جا ڏئي رهيو آهي.

03_02_1986

اڄ منهنجو بي اي جو آخري پيپر هو. سو مٿي ماڙيءَ تي وڃي. استاد نواب پتافي جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. محمد خان سولنگي بہ اچي

بينو سينٽرل جيل سکر بئراج جي پرسان آهي، ڪجهه نعرا ٻڌڻ ۾ آيا، اسان دريون کولي ڏٺوسون ته پ پ جا جهنڊا نظر آيا، پر گهٽن جهنڊن جو رنگ ابتو سبتو هو جنهن جاءِ تي ڳاڙهو رنگ هجي ها، اتي سائو ۽ سائي جي جاءِ تي ڪارو. ان تي محمد خان چيو: " ادا اِها به بدحواسي، جتي مارشل لا جو ڏنبو پيو هلي، گهٽ ۾ گهٽ ماٺهو نعرا ته هڻن پيا، رنگن کي پوءِ ڏسي ونڊاسون".

مان امتحان ڏئي هيٺ لٽس ته باهر هڪ همراهه تي نظر پئي، مان گيٽ ڪيپر عطا محمد کي چيو: "ان همراهه کي اندر آڻ"، هن چيو: "اِهو فاضل صاحب سان ملڻ آيو آهي"، مون چيو: "فاضل، اسان هڪ آهيون، ان کي اندر گهراءِ"، هن کي اندر آندو ويو هن مونکي ڀوڙي پاکر پاتو درساڻي چني عوامي تحريڪ جو علي محمد جوکيو هو، جيڪو 1984ع ۾ ڪراچي جيل ۾ اسان سان گڏ هو. پوءِ فاضل راهو آيو ته هن جا پيا به پارٽي وارا اندر آيا، جن سان هن تعرف ڪرايو، سردار محمد خان مگسي، ايم آر ڊي سنڌ جو ڪنوينر آهي.

06_02_1986

اڄ ڪو شيڊول تي استڊي سرڪل به نه هئي، سوچيم ته چو نه عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ فاصل راهوءَ سان ڪچهري ڪريان، هن سان ويٺس، پڇيائين ته: "ڪهڙا ڪتاب پڙهيا اٿم ۽ هاڻ ڪهڙو ڪتاب پيو پڙهان. سڄي لسٽ ته نه ٻڌائي سگهيس، چو ته پڙهيل ڪتابن جي فهرست وڏي آهي، سو في الحال ٻن ڪتاب جو ٻڌايم، جن ۾ جڳ مشهور صحافڻ اريانه فلاسي جو "Interview to History" ۽ ٻيو ويٽنامي ناول The Forest ٻڌايومانس"، ان تي چيائين "نظرياتي ڪتاب ڪهڙا پڙهيا اٿئي؟"، مون چيو: "ڪارل مارڪس جو قدر زائد Surplus Values ۽ Human avaluation"، ان تي چوڻ لڳو: "چنڊا ڪو سنڌيءَ ۾ به پڙهيو اٿئي يا رڳو انگريزيءَ؟". مون چيو ته: "ٻيا سبط حسن جا ترجمو ڪيل "انسان بڻا ڪيسي بنا" ۽ شاهه عنايت شهيد جي جدوجهد تي لکيل "همه اوست" (جو کيڙي سو کائي)، پوءِ چيائين: "ظلم تي ڪو پڙهيو اٿئي، ته ظالم آهي چا؟"،

مون چيو: "جيولیس فیوچک جو Gallows ۽ اشرفُ دھکاني جا اذیت سھڑ وارا ڪتاب پڑھیا اٿم. چوڙ لڳو "اڙي گڏھ. جيڪو سماج ۾ ظلم ٿيندو ٿو رهي". مون چيو: "سمجھ ۾ نٿو اچي. توهان ڪھڙي ظلم جي ڳالھ پيا ڪريو!". پوءِ ٻڌايائين تہ: "ظلم اِهو آهي تہ هارين کان شگر ملن وارا 18 رُپيا مڻ جي حساب سان ڪمند خريد ڪن ٿا. ان تي 8 رُپيا چالیھ پئسا هنن کان ٽيڪس ڏڏي تي ڪٽيو ٿو وڃي. آبادگار کي اهڙي طرح ڪجھ بہ نٿو بچي. ڏيڍ رُپيو مڻ تي مل کي ڪمند پهچائڻ جو پاڙو بہ آبادگار پريندو آهي. 40 رُپيا ڊل ۽ آبيانو بہ. زرعي ٽيڪس الگ ڏئي. هڪ مڻ ڪمند مان چار ڪلو کنڊ ٿي نڪي. جيڪا مارڪيٽ ۾ 12 رُپيا ڪلو جي حساب سان وڪرو ٿئي. اِها سڄي ڪمائي مل مالڪ ۽ حڪومت کي ٿي ملي ـ اِهو آهي ظلم". مون چيو: "سائين. اهو هاريءَ سان تہ ظلم ناهي. اِهو تہ زميندار سان آهي. جيڪو اهي سمورا خرچ هاريءَ مان ڪيندو آهي. جيڪو سدائين سندس قرضي هوندو آهي". ان تي چيائين: "وڏو ڪو گڏھ آهين. توکي نئين سري سان پڑھائڻو پوندو".

07_02_1986

اخبارن ۾ خبرون چپيون آهن تہ سرڪاري خرچ تي پئدا ڪيل نئين پارٽي سنڌ بلوچ پختون فرنٽ جو سربراھ ۽ اڳوڻو سنڌ جو ڏھيسر ممتاز علي پٹو لنڊن کان جدي پهتو آهي. جتي مڪي شريف وڃي عمرو ڪرڻ کانپوءِ. رياض واري سي آءِ اي هيڊ ڪوارٽر مان هدايتون حاصل ڪرڻ کانپوءِ. اڄ شام تائين ڪراچي پهچندو. جتي سندس شاندار استقبال ڪيو ويندو. سندس استقبال جون تياريون بہ سرڪاري خرچ تي ڪيون ويون آهن.

پوءِ رات جو بي بي سي ٻڌايو تہ ممتاز پٹو جو ڪراچي هوائي اڈي تي جيئي پٹو ۽ جيئي بينظير پٹو جي نعرن سان استقبال ڪيو ويو. مارچ ۾ مس بينظير پٹو اچي رهي آهي. مارشل لا جڏھن کان وردي لاهي (جوڻيجو سول حڪومت آئي آهي) مارشل شيرواني پاتي آهي. تڏھن کان سيني وڏيرڪين ۽ چوڌري پارٽين جي پاڻمرادو جلاوطن ٽيل اڳواٽن واپسي شروع ڪري ڇڏي آهي.

08_02_1986

اڄ محمد خان سولنگيءَ جو ننڍو پاءُ منظور سولنگي ملاقات تي آيو تہ اسان هن کي وٺي برطانوي سرڪار جي گوري جج جنهن ڪورٽ ۾ سنڌ جي مزاحمتي ڪردار ۽ آزادي جي جدوجهد جي هيرو شهيد هيمون ڪالاڻي کي موت جي سزا جو فيصلو ٻڌايو هو. ان تي منظور سولنگي کي جوابدارن جي ڪٺهري وٽ وڃي ويهاريوسون. جنهن تي هن پڇيو تہ: "هي ڇا آهي؟". اسان چيو: "اِهو اُهو ڪٺهڙو آهي، جتي هيمون ڪالاڻي بيهي پنهنجي ڪيس جي ڪارروائي ٻڌندو هو". هن اُن ڪٺهڙي کي چُمي ڏني. ان دوران منهنجو ننڍپڻ جو دوست عظيم ٽٻ بہ آيو. پاڪر پائي چيائين: "شبير، يار ملڪ کان ٻاهر رهندو آهيان، آيس تہ خبر پئي، تون جيل ۾ آهين، سو ملڻ هليو آيس". پوءِ عظيم ٽٻ ۽ مون ويهي ننڍڙپڻ جي شرارتن کي ياد ڪيوسون. اڄ الاهي عرصي کانپوءِ ننڍڙپڻ جي دلي يار عظيم ٽٻ سان ڪچهري ڪري ڏاڍو مزو آيو.

09_02_1986

اڄ جي اخبارن ۾ خبر ڇپي آهي، تہ شيخ زين بن سلطان ٽرسٽ ۾ واقعي پاڪ لبيا ڪمنپيءَ جي آفيس ۾ بم جو ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ هڪ آفيسر ظهير عباس خوف سبب دريءَ مان ٽپو ڏنو ۽ مري ويو. ڌماڪي سبب باهه لڳي وئي ۽ باقي ماڻهن کي فائربرگيڊ وارن ڪڍيو. اخبار لکيو آهي تہ هڪ نوجوان اِهو چئي بريف ڪيس رکي ويو تہ هُو ڪار ۾ چاهيون وساري آيو آهي، جيڪو هيٺ ويو ۽ ڌماڪو ٿيو.

10_02_1986

اڄ جي جنگ اخبار ۾ خبر ڇپي آهي تہ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن اسپتال واربد ۾ جام ساقي سان ڏاڍي بدتميزيءَ وارو ورتاءُ ڪيو آهي. اخبار لکيو آهي تہ جي ايم سيد بہ ساڻي اسپتال ۾ آهي ۽ جام ساقي هن جي ڀالهه پولهه ٽيپ رڪاربدر تي رڪارڊ ڪري رهيو هو جنهن تي جيئي سنڌ وارن هن سان بدتميزي ڪئي. حيرت آهي تہ جام ساقي ٽيپ رڪاربدر ڪٽي جي ايم سيد جو آواز چو پيو رڪارڊ ڪري!؟ ڀالهه سمجهه ۾ نٿي اچي! سنگت اچي تہ

معلومات ونبي. هڪ طرف خبرون اِهي هيون تہ جام ساقي جي حالت سخت خراب آهي، ٻئي طرف جام ساقي، جي ايم سيد جا انٽرويو رکارڊ ڪندو پيو وتي ـ خبر ناهي تہ هيءَ سياسي صورتحال ڪهڙو رُخ بدلائي رهي آهي.

21_02_1986

اخبارن ۾ خبر ڇپي آهي تہ فلپائين جي ضياءُ الحق جهڙي بيغيرت صدر پنهنجي ئي ڪرايل چونڊن جي نتيجن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ڇو تہ هو بہ آمريڪي پٺو آهي ۽ گذريل 20 سالن کان پنهنجي ملڪ جي عوام مٿان مڙهيل آهي. ڪميونسٽ پارٽي فلپائين ۾ گوريلا جنگ وڙهي رهي آهي ۽ هن جي نتيجن قبول نہ ڪرڻ واري عمل کانپوءِ ڪميونسٽ پارٽي گوريلا جنگ ۾ شدت آڻي ڇڏي آهي.

04_03_1986

اڄوڪي ڏينهن تي ون يونٽ يعني سنڌ جو نالو مٽائي مغربي پاڪستان رکڻ واري عمل خلاف سنڌ يونيورسٽي جي شاگرد اڳواڻن يوسف لغاري، مير يوسف تالپر، علي اڪبر بروهي، ابن حيات پنهور، هدايت حسين سميت ٻين شاگردن جدوجهد جي شروعات ڪئي هئي ۽ 1986ع ايوبي آمريت هنن مٿان راجپوتانا اسپتال وٽ يونيورسٽي بس مان لاهي يوسف لغاري تي بي انتها تشدد ڪري کيس رتورت ڪري جيل موڪليو هو ۽ اتان کان ايوبي آمريت خلاف جدوجهد شروع ٿي هئي. جنهن کانپوءِ مشرقي پاڪستان، بنگلاديش ٻڌجي ويو ۽ باقي مغربي پاڪستان کي ڇٽن صوبن، سنڌ، بلوچستان، سرحد (ڪي پي ڪي) ۽ پنجاب ۾ ورهايو ويو هو.

پي خبر اِها آهي تہ پاڪ لبيا هولڊنگ ڪمپنيءَ جو ڊائريڪٽر احمد محمد عمار اغوا ٿي ويو آهي، ۽ هن جي اغوا کي ٻہ هفتا گذري چڪا آهن پر اخبارن اڄ وري خبر ڏني آهي، تہ هُن کي ڪراچي پوليس تخريبي ڪارروايين جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو آهي. اهو آهي نتيجو ملڪ ۾ آمريڪا جي لبيا خلاف جارحيت تي مظاهرن ڪرڻ جو. پاڪستان سرڪار آمريتي سرڪار وٽ پاڻ کي سُرخرو ڪرڻ لاءِ هيءُ شرمناڪ ڊرامو شروع ڪري ڇڏيو آهي.

05_03_1986

اڄ ڪشمور جا ساڻي نبي بخش ٿهيم ۽ مولچند آيا. هنن ٻڌايو ته جام ساقيءَ سان جيئي سنڌ وارن جي جيڪا جي ايم سيد جو آواز رڪارڊ ڪرڻ تان اٽڪايت ٿي هئي، ۽ اخبارن ان مسئلي کي گهٽو اُپاريو. حڪومت ان کي بهانو بڻائي جام ساقي کي اسپتال کان جيل موڪلي ڇڏيو آهي ـ جنهن سبب سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري رهيا آهن. مون چيو: "هن جي جيل موڪلڻ تي ساڻي مظاهرا ڪري رهيا آهن، اسان کي ست سال ٽيپ ڏني وئي، ان تي ته ڪامريڊن جي ٻليءَ به ميائون نه ڪئي. جام کي جي ايم سيد وٽ وڃي ٽيپ رڪارڊر کڻي آواز رڪارڊ ڪرڻ جي لوڙ ڇو پئي، ان تي ساڻي خاموش ٿي ويا".

هنن اِهو به ٻڌايو ته مُلن ڪشمور ۽ ڪنڊڪوٽ ۾ مندرن کي باهيون ڏئي ساڙڻ شروع ڪيو آهي. ڪشمور ۾ ته جيئي سنڌ جي اڳوڻي صدر يوسف جڪراڻي مُلن سان مهاڏو اٽڪائي، مندرن ۽ هندن جي ملڪيت کي بچايو آهي.

08_03_1986

اڄ ادا وڏو ڪامريڊ غلام حسين شر ۽ سندس وڏي نياڻي گنهري سميت ملڻ آيو. هنن ٻڌايو ته گنهري لاڙڪاڻي پڙهڻ پئي وڃي، سو ملاقات ڪرڻ آئي. پيڙ شهزادي حسن بانو کي ماسکو موڪلڻ بابت پڇيم ته ان جو به گول مول جواب ڏنائين: "گهر جون حالتون خراب آهن، ڇا ڪريون، ڪيئن ڪريون؟ موڪلينداسون ته ماڻهو جيئڻ نه ڏيندا". مون کي ياءُ جي ان رويي تي ڏاڍو ڏک ٿيو. ٿين ٽا ڪامريڊ! پُٽن لاءِ ترقي پسند سوشلسٽ، نياڻيءَ جو مسئلو تو اڇي ته بروچ ۽ مولوي بڻجي ٽا پون. مون چيو ته: "توهان زمين کپائي گاڏي به ورتي، توهان منهنجي حصي جا پئسا منهنجي پيڙ کي ڏئي ماسکو موڪليو نه موڪليوَ ته مان هتي خودڪشي ڪندس، منهنجو لاش وٺي ماڻهن ۾ منايون ورهائجو" مان ائين چئي ملاقات روم ڇڏي واپس هليو آيس.

09_03_1986

گذريل ڏينهن جيلن جو آءِ جي آيو. جنهن جيل جي ايس پي غلام محمد ساريو کي چيو ته: "بند واردن ۾ قيد خطرناڪ يعني جيل جي زبان ۾ ڊانڊرس قيدين جون ڏنڊا ٻيڙيون کولي هنن کي عام قيدين جيان رکو". ان تي ساريو صاحب کي خوف آهي ته هي عام قيدين ۾ آيا ته جيل جو امن تهس نهس ڪري ڇڏيندا. جنهنڪري نه پيو کولي. نيٺ، إسان سياسي قيدين هن تي زور پريو ته هنن کي کوليو نه ته اسان بک هڙتال ڪنداسون. نيٺ، هنن کي اڄ کوليو ويو جن ۾ شمن جتوئي، مٺل شر، صدر چانڊيو ۽ هن جو ننڍو ڀاءُ سرو چانڊيو، محبت مري، بهادر فقير انصاري، گل محمد کوسو، قائم سهاڳ، آندل ڪوري، عاقل ڏاريجو ۽ رحمت الله ڏيٽو شامل آهن. هُو ويچارا گذريل ٽن سالن کان ڏنڊا ٻيڙين ۾ بند واردِ ٽيل هئا. اڄ ڏاڍو خوش ٿيا آهن.

13_03_1986

ايس پي جيل غلام محمد ساريو، جيلر امان الله سان نياپو موڪليو ته مون سان چانهه اچي پيئو. مان، فاضل راهو ۽ محمد خان سولنگيءَ لاءِ نياپو هو اسان شام جو 5 وڳي ساريو صاحب جي آفيس ۾ ويا سون ته اُتي رٽائرڊ ايس پي جيل قمرالدين عباسي به وينو هو. هن مون تي ۽ محمد خان تي ڏاڍو ڪِنو حملو ڪيو. مونکي چيائين: "تنهنجي عمر چا آهي؟"، مون چيو: " 26 – 27 سال هوندي"، پوءِ محمد خان کان پڇا ڪيائين، هن چيو: "30 – 31 هوندي". جنهن تي هُن اسان ٻنهي سان مخاطب ٿيندي چيو: "ابول...! هيءَ انمول جواني ڪهڙن واحيات مقصدن لاءِ وڃائي رهيا آهيو. هيءَ جوانيءَ جي عمر آهي، سيڪس جو مزو ونڊ جي، پوءِ ڪراڙا ٿي ويندا، سيڪس جو گوري سان به مزو نه ماڻي سگهندا". مان ساريو صاحب کي چيو: "هيءُ ڪهڙو سيڪس جو بکيو ماڻهو ويهاريو وينو آهين؟ هن ڪراڙي کي ڇڏ وڃي ڪائي مسجد وسائي. هيءُ اسان انقلابين کي سڃاڻي به نٿو وينو آهي بڪواز ڪرڻ"، ساريي صاحب وراڻيو: "ادا هيءُ جيل جو رٽائرڊ ايس پي قمرالدين عباسي آهي"، پوءِ مونکي ياد آيو ته آدم چانڊيو هن جي ڏاڍي تعريف ڪندو هو ته هن قيدين لاءِ جيل ۾ گڏهيون گهرائي اندر ڇڏي ڏنيون

هيون. مون چيو: "سائين توهان کي واقعي سدائين سيڪس سوار هوندو آهي. توهان ئي گڏهيون جيل اندر چڏي ويڙهايا هئا". مون چيو: "تون انتهائي سطحي سوچ وارو ماڻهو آهين. سو مان ڪري ويهڻ" پوءِ ساريو صاحب چيو: "يار شبير، سياڻي پنجاب جا زير تربيت آفيسر ٿا اچن. هڪ ته انهن کي چانهه پيارجو. ٻيو ٿورڙو فضيلت سان هلجو". مون چيو: "توهان کي اسان جي خبر آهي ته اسان مهذب قسم جا سياسي قيدي آهيون. باقي جيئي سنڌ جو ستار موريو جاڻي. توهان جاڻو اسان ان لاءِ ذميوار نه آهيون. باقي چانهه پيارينداسون. ڪيڪ وغيره گهرائڻ جيترا پئسا اسان وٽ ناهن. ان تي فاضل راهوءَ چيو: "ادا، ڪيڪ مان گهرائيندس".

14_03_1986

اڄ جيل جو ايس پي ساريو صاحب پنهنجا مهمان آفيسر وٺي آيو ڪُرسيون ٽيبلون ڪجهه ته اسان وٽ هيون. باقي غلام محمد ساريو پنهنجي آفيس مان موڪلي ڏنيون. باقي ستار موريو کي فاضل راهو ڪنٽرول ڪيو. فاضل راهوءَ ۾ هڪڙي ڳالهه آهي ته اٽڪل ماڻهو هوندي به، خير اٽڪل ته هن کي نٽو چئي سگهجي. گهٽ پڙهيل هوندي به هن وٽ دليل ڏئي چريا قابو ڪرڻ جو به هنر موجود آهي. سو ستار موريو جهڙي ڏکئي ماڻهوءَ کي به هن چُپ ڪرائي چڏيو. پر پنجاب جا جيل آفيسر حيران ٿيا ته ستار موريو جهڙا خوبصورت نوجوان به جيل ۾ آهن! ستار آهي ته سهڻو هن جون اکيون نيريون آهن. پوري چاپهين ڏاڙهي. درميانو قد. هُو هن کي ڏسندا ئي رهجي ويا.

فاضل راهو الائي ڪيئن بندوبست ڪري ورتو سندس پٽ اسلم راهوءَ کي ڪوئٽا ڪرايائين. سو هُو بمبئي بيڪري حيدرآباد جا ڪيڪ، سُڪو ميوو ڪافي ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه وٺي آيو. ان دوران لاهور جيلن جي ٽريننگ ڪاليج جي پرنسپل (جيڪو مولوي ٿو لڳي) چيو ته: "هن ڪان حڪومت قيدين جي اصلاح جون تجويزون گهريون. جيڪي هن ڏنيون آهن ۽ انهن تي هُو ڪتاب به لکي چڪو آهي". ان تي محمد خان سولنگيءَ پڇيس: "توهان ڪهڙيون تجويزون ڏنيون". هيءُ مولوي ڏاڍو روشن خيال

لڳو هن چيو: "جيل ۾ مهيني ۾ هڪ پيرو شادي شده قيديءَ کي هڪ زال سان رهڻ ڏنو ويڃي. جي نه ته 3 مهينا حق زوجيت ادا نه ڪندڙ زال مڙس جو نڪاح خودبخود ٽٽي ويندو آهي. يا پيرول تي آزاد ڪيو ويڃي. ڪو به سرنديءَ وارو ماڻهو ان قيديءَ کي پنهنجو ملازم ڪري ونڃي ويڃي ۽ هن جي مشقت جا پئسا حڪومت وٽ جمع ڪرائي". هن چيو ته: "منهنجي ان راءِ تي پنجاب ۾ عمل شروع ٿي ويو آهي. پر سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين صوبن جي خبر ناهي ته ان تي عمل ڪڏهن کان شروع ٿيندو".

پنجاب هونئن به حڪمران قوم آهي. اتي قانون اسان محڪوم قومن جي پيٽ ۾ مختلف آهي.

ڪچهري جي پڄاڻي ٿي ته سپ موڪلائي هلڻ لڳا. تڏهن گلگت جي آفيسر چيو: "سڀ سوچ رکو ملڪ کي تباهه نه ڪجو". مون چيو: "گلگتي صاحب! پهريان پنهنجي صوبائي حيثيت ته بحال ڪرايو اسان ته اڳتي جي ڳالهه پيا ڪريون".

15_03_1986

بهار جي مُند پئي هلي. گلابن ڏاڍا گل جهليا آهن. سڄو وارڊ باغ بهار ٿي ويو آهي. انبن جي بُورَ جي خوشبوءِ به هن سان ملي ڪري ماحول کي مست بڻائي ڇڏيو آهي. پويان ليبيز وارڊ مان روز نياپا ٿا اچن ته ڪجهه گل پٽي موڪليو. اسان ڪن لاتار ڪيو ويٺا آهيون. گل موڪليوسون ته غلام محمد ساريو مڱڻهار کان گهٽ ناهي. سڄي جيل ۾ پَڙهو ڏيندو ته سياسي قيدي قيدياڻين کي لائين ٿا ڏين. مٺان وري بهار جي پهرين برسات به سڄ لهڻ سان شروع ٿي وئي آهي. پوءِ ته متيءَ ۽ گلن جي سڱنڌ ملي ڪري ماحول کي جنت بڻائي ڇڏيو آهي. محمد خان ماڇي (سولنگي) مست ٿي ڏاڍا راڳ پيو ڳائي.

16_03_1986

اڄ محمد خان جي گهرواري پاڃائي عنايت امان ۽ ٻارن سان گڏجي آئي ته محمد خان مونکي سڏائي ساڻن ملايو. هن سان گڏ محمد خان جا ٻه ٻارڙا ارشد ۽ نياڻي مقصوده به آيا. ٻئي ٻارڙا ڏاڍا ذهين. خاص طور

مقصوده تمام گهٽي ڏهين لڳي. جام جي نياٽي بختاور جيان رڳو آزاد ٿيڻ جا سوال پڻي ڪري محمد خان جو ننڍو پاءُ منظور سولنگي ۽ آيو جنهن پنهنجو گيت "چپرن. منهن. لوڙهن ۾ گهر گهر ۾ گوليون" ڳائي ٻڌايو ڏاڍو سُريلو آواز اتس. شاعر ۽ واهه جو آهي. اڳتي هلي شيخ ايياز جيان نالو ڪڍي سگهي ٿو.

هُو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي پيو هن اُتان جو حال احوال ٻڌايو ته جيئي سنڌ فيڊريشن ۾ جيئي سنڌ آرگنائزنگ ڪميٽيءَ ۾ بدمزگي جو ماحول پئدا ڪيو ويو آهي ۾ هنن ٻنهي ڌرين وٽ ڪلاشنڪوف ۽ اچي وئي آهي. اصل ۾ ايجنسيون سنڌ يونيورسٽيءَ جو ماحول خراب ڪرڻ ۾ سنڌ جي واحد وڏي تعليمي اداري کي بند ڪرائڻ جو ارادو رکن ٿيون. منظور سولنگي ڏاڍو باشعور ٿو لڳي. پوءِ محمد خان سولنگي ۾ ياجائي عنايت کي جيلر جي آفيس خالي ڪرائي خلاصي ۾ اڪيلي ملاقات جو موقعو ڏياريو. امڙ. منظور. پار ۾ اسان هيمون ڪالاڻي واري ڪورٽ ۾ ويهي ڪچهري ڪندا رهياسون.

18_03_1986

اڄ جي اخبارن ۾ خبرون آهن ته پ پ سنڌ جي صدر غلام مصطفيٰ خان جتوئي پرڏيهه ۾ علاج ڪرائڻ ڪانپوءِ واپس پيو اچي ۾ هن جو شاندار استقبال ڪرڻ جون ڪارڪنن کي اپيلون ڪيون ويون آهن. جڏهن هُو ولايت ويو پئي. تڏهن اعلان ڪيو هئائين ته سندس روانگي وقت ڪير به نه اچي. ڇو ته هن وقت ملڪ ۾ مارشل لا آهي ۾ هُو اهڙي صورت ۾ وڏي ڏام ڏوم سان پرڏيهه روانو ٿيڻ نٿو چاهي.

19_03_1986

اخبارن ۾ ۽ بي بي سي جون خبرون آهن ته سوويت يونين "هيلي ڪوپٽ" نالي خلائي شٽل خلا ۾ موڪلي هئي. ته جيئن اُها پچڙ تاري جا فوٽو موڪلي سگهي. جيئن خبر پوي ته اُتي ڇا آهي؟. سو خلائي شٽل فوٽو موڪليا آهن. جن مان ڏڏڙ ڪوهيڙ. برف ۽ گپ نظر آئي آهي. جنهن جو مطلب آهي ته اڳتي هلي اُتي به زندگي ۽ حرڪت پئدا ٿي سگهي ٿي.

پيڙ تاري جو نالو "هيلي استار" ٻڌايو اٿن. ان شئل ۾ ماڻهو به سوار آهن. جيڪي دوربين ذريعي هيلي استار جو جائزو وٺي. رپورٽون هيڊ موڪلي رهيا آهن. سوويت يونين جا سائنسدان هن هيلي استار يعني پيڙ تاري جو جائزو وٺي رهيا آهن ته ان جا ڏرتيءَ تي ڪهڙا اثر پئجي سگهن ٿا. ٻئي طرف سنڌ جا ماڻهو ان هيلي استار يعني پيڙ تاري کي نياڳو سڏيندا آهن. سنڌ جي ماڻهن جو عقيدو آهي ته ان جي ظاهر ٿيڻ سان نياڳ وڏندو آهي. ڏڪار پوندو آهي. بک بدحالي ۽ بيماريون وڏنديون آهن. بهرحال. ڪجهه به هجي. سائنسي ترقي ڪمال تي پئي وڃي. حضرت انسان هاڻ بلنديون کي ڇهڻ لڳو آهي. ناممڪن کي ممڪن بڻائڻ شروع ڪري ڇڏيو اٿائين. هاڻ ته ملن. پنڌتن ۽ پادرين جي روٽي روزگار تي لت اچڻ شروع ٿي وئي آهي. جيڪي خدا. ڀڳوان ۽ گاڊ کي ماڻهن کان پري رکيو ٻيٺا. پنهنجو ڌنڌو ڪري رهيا آهن.

22_03_1986

ڪمال وارثي جو ميڊيڪل بنيادن تي آءِ جي جيل. ڪراچي جيل ٽرانسفر ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي. پر پوليس نه اچڻ ڪري هُو گڏن جي سخت تڪليف ۾ مبتلا آهي. اڄ محمد خان سولنگي سميت ايس پي جيل غلام محمد ساريو سان ملڻ ويا سون. هن ڏسي چيو: "يار. مان بيمار ٿي پيو آهيان. استاف به بي سُرو مليل آهي. قيدي به منهنجي نرميءَ جو ناجائز فائدو ونندي چڑواڳ ٿي تنگ ڪرڻ لڳا آهن. توهان جي مهرباني. جو ڏکين قيدين کي سمجهائي قابو ۾ رکو ٿا. باقي مان ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ کي چئي چڏيو آهي. هُو ايس ايس پي سکر سان ڳالهائي. سياڻي تائين پوليس گهرائي ونندو ۽ ڪمال وارثي سياڻي ڪراچي جيل هليو ويندو".

23_03_1986

گهري ننڊ ۾ ستا پيا آهيون. جو به وڳي جيل جي ڏاکڻين پاسي ڪلاشنڪوفن ۽ ٻين خودڪار هٿيارن جا تڑڪا لڳا پيا آهن. لڳي ٿو ته جيل تي حملو ٿي ويو آهي. فائرنگ ايڏي ته شديد آهي. جو ايئن پيو محسوس ٿئي. جڻ هندستان پاڪستان جون فوجون آمهون سامهون هجن.

جيل جا سمورا برج خاموش آهن. فائرنگ ڪاسي گهاٽ، بند وارڊ واري پاسي ٽي رهي آهي، ٻاهران واهن جي ڪپن تان بہ فائرنگ ٽيندي نظر پئي اچي. هڪ پيري اسان لاءِ جهاز اغوا ٽيو هو، هي وري خبر ناهي تہ ڇا آهي؟ ايتري ۾ ايس پي جيل غلام محمد ساريو جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: "اڙي وارو ڪريو هوڏانهن ڪاسي گهاٽ تي حملو ٽيو آهي، توهان اِتي ڇا ٿا ڪريو؟"

لڳاتار 35 منٽ فائرنگ هلي ۽ پوءِ فائرنگ ڏکڻ طرف ويندي، ۽ پري ٽيندي ٽيندي بند ٽي وئي. اسان جي وارڊ جو سپاهي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي پيو جنهن تي اسان پڇيس: "تون ڇو ٿو ڊوڙين؟"، چيائين: "صاحب! جي هيڏانهن آيا تہ مان وٽ تہ بندوق بہ ڪونهي". مون کيس چيو: "تون مات ڪري ٻيهہ، پهريان تہ هيڏي نہ ايندا، پر جي آيا بہ، تہ اسان نہ پڇنداسون".

تہ گيٽيءَ وٽان آواز آيو: "در کوليو، ڪاسي گهاٽ خالي ٽي ويو صاحب زخمي ٽي پيو آهي"، قيدي فرار ٽي وڃڻ کانپوءِ جيل جو سائرن وڄو ۽ پوءِ مڪمل سانت ٽي وئي آهي. اڇي ڇڪر واري پاسيءَ کان "نعراءِ حيدري" جي گونج پئي اچي، اسان بہ سمهي رهياسون. صبح جو اٺين وڄي اک کلي، تڏهن ڏٺوسين، دروازا بند آهن ۽ اسان جي وارڊ جو حوالدار رحيم بخش پٽو بہ غائب آهي. ٽئين نمبر کوليءَ مان فاضل راهوءَ سڏي چيو: "جنهن کي چانهہ پيئڻي هجي، پنهنجا پيالا سپاهي هٽان موڪلي، مون چانهہ تيار ڪئي آهي". سپاهي ڪرسيءَ تي سُتو پيو هو، ان کي سڏ ڪري اٺاريوسون: "فاضل صاحب کان چانهہ ونې ڏي"، چانهہ ونې ڏنائين تہ فاضل راهوءَ چيس: "ٻاهران خبر چار ونې اڇ، تہ رات ڇا ٽيو؟، ڪير مئو ڪو زخمي تہ نہ ٽيو"، هُو دروازي وٽان موٽي آيو چئي: "مونکي پئُہ ٿو ٽئي، جيل سڄو سنسان لڳو پيو آهي، لڳي ٿو توهان کانسواءِ ٻيو هتي جيل ۾ ڪو قيدي نہ بچيو آهي"، فاضل چيس: "پوءِ اسان کي بہ کول تہ وڃون، هتي اسان کي بک ماريندين ڇا!؟" چيائين: "سائين ڪنجون تہ ماڙيءَ تي آهن، مان ڪيئن کوليان؟"، فاضل چيس: "وڃ ڪنجون ونې اڇ"، چيائين: "سائين خبر ناهي، متان ڏاڙيل بينا هجن، مان غريب کي بہ ماري وجهن".

ٿوري دير بعد سپاهي گيٽ طرف پڇي ويو، 10 منٽن کانپوءِ آيو تہ

پهريان بخت کهاوڙ ۾ فاضل راهوءَ کان ٽيندو. اسان وٽ آيو. ٻڌايائين: "ڏاڙيل قاسي گهاٽ جي 34 انهن قيدين کي فرار ڪرائي ويا آهن. جن کي فوجي ڪورٽن موت جي سزا ٻڌائي هئي. ٻن قيدين کي گولين هڻي ماريو ويو آهي. باقي موت جي سزا جي ستن قيدين فرار ٽيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ آقادياني پائر آهن. هڪ پروفيسر ناصر. ان جو پاءُ رفيق ۾ نمازين تي بم حملو ڪندڙ انور چانڊيو. جنهن کي علي حسن ڪاڪيپوٽي ۾ سومر گوپانگ سان گڏ ايندڙ مهيني قاسي اچڻي هئي. جن جا بليڪ وارنٽ آيل هئا. انهن ۾ 2 اپريل تي علي گوهر ڏيپراڻي. عزيز کوکر. شبير کوکر. جانو آرائين. دادن چانڊيو ۾ رمضان چانڊيو کي قاسي اچڻي هئي. جڏهن ته نياز محمد شاهاڻي گذريل ڏهن سالن کان قاسي گهاٽ ۾ بند هو. اپيل ٽربيل ۾ رحم جي تار به رد ٿيل هُيس.

سپاهيءَ ٻڌايو ته رٽائرڊ صوبيدار گل محمد جتوئي به فرار ٽيندڙ قيدين ۾ ڏاڙيلن جو پيڇو ڪيو ته هنن برسٽ هڻي ماري وڌس. غلام محمد ساريو کي جنگهه ۾ پيٽ ۾ گولين لڳيون آهن. اسان جو واربن رحيم بخش پُٽو به جنگهه ۾ گولي لڳڻ ڪري زخمي ٿيو آهي.

اسان کي رڳو فاضل راهوءَ جي مهرباني سان ڄاڻهه ملي آهي. سڄو جيل بغير کاڌي پيتي جي بند پيو آهي. ايس پي جيل زخمي ٿي اسپتال پهتو آهي. جيل جو نه اوهي آهي نه واهي...!!

ٻنيهرن جو جتوئي سپاهي ڪچو گوشت ڪٽي اسان کي چيو: "سائين هي ڏنو اٿن". جنهن تي اسان هن کي وراڻيو ته: "اسان بند وينا آهيون. بورچي بند آهن. اسان ڪچو گوشت ته نه کائينداسون. هن کي موڪليو ته ڪنجون ڪٽي اچي". هُو ٿوري دير ۾ موٽي آيو. چيائين ته: "ڪو آفيسر موجود ناهي. گيٽ وارا ڪنجون نٿا ڏين". اسان چيس: "گوشت بئرڪ ۾ بورچي حاجي کي ڏئي". هن ڪلاڪ کن ۾ گوشت ته پچائي ورتو. ماني جو مسئلو ٿيو. جو اتو بورچيخاني ۾ پيل آهي. نيٺ. وڏي لنگر تان مانيون گهرائي پيٽ جو دوزخ پريوسون. سئو ٿيو فليش وارو باٿروم آهي. نه ته ڏاڏا ڪن ٿين ها.

ماني کائي سمهي رهياسون تہ اوچتو فاضل راهوءَ جي رڙين جي آواز تي اُٿي وياسون. هُو سپاهيءَ کي چئي رهيو هو: "ماءُ جهاوا. قيدين کي پاڻ ۾جائي سزا اسان کي ڏئي رهيا آهن. مان السر. مِنن ۾يشابن ۾ هاءِ بلڊ پريشر جو مريض آهيان. وچ وچي ڪنجون وڻي اچ". هُو ڊوڙندو وبو ۾ ٿوري دير بعد جيل جي صوبيدار ڏٺي بخش ڪورائيءَ سان گڏ آيو. جيڪو اسان جي ڪولين جون ڪنجون ڪٽي آيو ۾ چيائين: "ڊي آءِ جي ممتاز صديقي توهان سان معذرت ڪئي آهي. برداشتي سپ نہ ڪولينداسون. ۾ ٽي ٽا ڪوليون. انهن کان ڪم وٺو".

ٻاهر نڪري صوبيدار کان رات جيل تنٽ وارو حال احوال ورتوسون. هن چيو تہ: "سؤ سوا سؤ ڪلاشنڪوفن وارا ڏاڙيل هٿ ۾ اسان وٽ پاڪستان نهڙ کان اڳ واريون رائفلون. جيڪي هڪ هڪ فائر ڪري بند ٽي ويون. پنجن برجن جو مڪمل ڪنٽرول ڏاڙيلن وٽ هو. ڏاڪڙ. هٿوڙا. بجلي ڪٽڻ واريون ڦٽنچيون ۾ دستانا ۾ ڪنيون آيا. جن سان ڪوٽ واريون بجليءَ جون تارون ڪٽي. ڏاڪڻن ذريعي جيل اندر ٽپي آيا. هٿوڙن سان کولين جا تالا ڀڃي قيدين کي ڪڍيائون". هن چيو تہ: "فوج ۾ هجي ها تہ ڏاڙيلن جو مقابلو نہ ڪري سگهي ها".

فاضل راهوءَ چيو: "هي سنڌي ماڻهن کي بزدلي ٿا سمجهن. تہ هنن کي رڳو موت جون سزائون ڏئي ڏيڃاري خاموش ڪندا".

24_03_1986

اڄ ۾ جيل بند آهي. قيدي ٻئرڪن ۾ کولين ۾ بند آهن. اسان کي اڄ صبح جو 6 وڳي کوليو ويو. ٻاهريون بي ڪلاس وارڊ جو دروازو بند رکيائون. هفتو ملاقاتون ۾ بند رهنديون.

سپاهيءَ يوسف ٻڌايو تہ: "۾ قيدي اُهي ماريا اٽن. جيڪي قاسي گهاٽ ۾ ڪم ڪندا هٿا. انهن جي سزا ۾ ٿوري بچي هئي. جيل پوليس پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ بي گناهہ قيدي ماري ڇڏيا". اِها ۾ خبر پئي تہ ماءُ کي قتل ڪندڙ ستار پٽو ۾ نڪري ويو هو جيڪو قيدي ڪپڙا پهريل گهنٽا گهر تي گهمي رهيو هو تہ ڪيس پوليس پکڙيو. هُو چريو آهي

۽ چئي ڏيو "ذوالفقار علي ڀٽو عام معافي ڏني آهي".
28_03_1986

جيل ٽٽڻ ۽ موت جي سزا جا 34 قيدي فرار ٿيڻ کانپوءِ ايا تائين سڄو جيل بند آهي، اسان کي به پنهنجي بي ڪلاس وارڊ تائين محدود ڪيو ويو آهي، ملاقات به بند آهي. شڪر آهي جو اسان وٽ ريڊيو آهي، جنهن ذريعي سڄي دنيا سان ڳنڍيا ويٺا آهيون.

اڄ رات بي بي سي ريڊيو خبر ڏني آهي ته 19 اپريل تي مس بينظير ڀٽو واپس وطن اچي رهي آهي، جيڪا لنڊن کان رواني ٿيندي، تهران پهچي، اتان کان پي آءِ اي جي جهاز ذريعي لاهور لاءِ رواني ٿيندي.
01_04_1986

• اڄ رات ساڍي اٺين وڳي جي خبرن ۾ بي بي سي ٻڌايو ته پ پ جي چيئرپرسن مِس بينظير ڀٽو اڄ ماسڪو کان لنڊن روانو ٿي رهي آهي. اِهو به ٻڌايو ويو ته مِس بينظير ڀٽو اوچتو ماسڪو وڃڻ جو پروگرام ناهيو آهي، جڏهن ته وطن واپس ورڻ واري شيڊول ۾ ماسڪو جو دورو ڪٿي به شامل نه هو. هاڻ ان خبر ۾ ڪيتري صداقت آهي، ان جو ڪو پتو ناهي. هڪ طرف اخبارن تي سخت سينسر هجڻ ۽ پ پ قيادت تڪراري هجڻ ڪري اصل حقيقت جو ڪو پتو نٿو پئجي سگهي، ته مس بينظر ڀٽو آمريڪا کانپوءِ سوويت يونين جو دورو ڪري 9 اپريل تي پاڪستان ڪيئن ٿي موٽي سگهي. ٻئي پاسي جنهن ملڪ ۾ هن جي والد کي سوويت يونين سان واسطو رکڻ، ڪراچي ۾ اسٽيل مل لڳائڻ ۽ ملڪ ۾ سوشلزم جو نعرو لڳائڻ تي آمريڪي سرڪار ڦاسي چڙهائي ڇڏيو اهو ئي آمريڪا هاڻ هن جي نياڻيءَ جي ماسڪو واري دوري کي ڪيئن برداشت ڪندو...!
02_04_1986

اڄ رات ماسڪو ريڊيو اسٽيشن پئي ٻُڌيسون، ان ۾ مِس بينظير ڀٽو جي ماسڪو پهچڻ يا واپس ٿيڻ جي باري ۾ ڪابه خبر نه هئي. هاڻ بي بي سي جو ادارو به ويڪائو وڏيرن جيان ئي ٿو لڳي. جو اِها خبر جنرل ضياءَ ٽولي لڳرائي هوندي، ته جيئن اُهي آمريڪي سامراجي سرڪار کي

محسوس ڪرائن تہ مس بينظير پُٹواج بہ ماسڪو سان گڏ بيني آهي. شايد ايئن هجي، تہ ايراني خوني انقلاب ڪانپوءِ آمريڪي سامراج پريشان آهي جو ايم آر ڊي جي تحريڪ جي صورت ۾ اهڙي صورتحال کي محسوس ڪري چڪو آهي، تہ پاڪستان ۾ بہ ايران جهڙو انقلاب اچي سگهي ٿو ۽ سُرخ سوويت فوج بہ افغانستان ۾ موجود آهي. ان ڪري جنرلن تي دٻاءُ وڌو ويو هوندو تہ ملڪ ۾ چونڊون ڪرائي، توهان وچي پهنجون ٻئرڪون وسايو.

02_04_1986

اڄ بہ ماسڪو ريڊيو اسٽيشن لڳائي ڪَنُ ڏئي ٻڌيسون، چو تہ هي ريڊيو اسٽيشن روز نہ ٻڌندا آهيون، جو هتي جون مقامي خبرون ناهي ڏيندو. هاڻ ان ڪري ٿا ٻڌون تہ ان ڏينهن بي بي سي جيڪا ڪوڙي خبر ڏني هئي، تہ پ پ جي چيئرپرسن مِس بينظير پٽو ماسڪو ويندي. سو اڄ بہ ماسڪو ريڊيو اسٽيشن اهڙو ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو. جنهن جو مطلب آهي تہ بي بي سي سامراجي ادارو آهي، جيڪو پنهنجي ضياءُ الحق جهڙن پَٽو ايجنٽن کي بچائڻ لاءِ ڪوڙيون خبرون هلائڻ ۾ بہ ان کي شرم محسوس نٿو ٿئي.

04_04_1986

اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي، پر مان 1979_04_04 ڪانپوءِ پنهنجي سالگرهہ نہ ملهائيندو آهيان ۽ نہ ئي ڪنهن کي ٻڌائيندو آهيان. اڄ جي ڏينهن تي هن ملڪ جي مزاحمتي ڪردار اڏول ۽ ارڏي انسان ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ٻٹو کي آمريڪي سيهوني ايجنٽ ضياءُالحق، آمريڪي سامراج جي حڪم تي رات جي انڌيري ۾ بغير اعلان جي هڪ قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسي ڏئي، هن ملڪ کي بين الاقوامي معيار واري قيادت واريون صلاحيتون رکندڙ هڪ اڏول شخصيت کان محروم ڪري ڇڏيو. شهيد ٻٹو کي سُرخ سلام. سامراج ۽ ان جي ايجنٽ ضياءُالحق تي لک لعنتون.

بخت کهاوڙ جيتوڻيڪ ڪرمنل قيدي آهي، پر هن چانور ۽ گوشت گهرائي شهيد ٻٹو جي ورسي ملهائي، قرآن خواني ڪرايائين، اسان چيس:

"شهيدن کي پيٽا قرآن خواني سان نہ پر جلسو ڪرائي ڏني آهي". ان تي بخت کهاوڙ چيو: "يار جيل پگل آهي، جيل وارا ناراض نہ ٿين"، مون چيو: "اسان شهيد پٽو کي پيٽا ڏينداسون، جيل پوڙ ۾ قيدي فرار ڪرڻ وارن کي تہ نہ ڏينداسون". هن چيو: "توهان جي مرضي". اسان پاڻ ۾ ئي سياسي قيدين جلسي جو ماحول ناهي ورتو. فاضل راهو ۾ مون تقريرون ڪيون، محمد خان سولنگي اسٽيج سيڪريٽري ٿيو. اسرار خشڪ شعر پڙهيو، باقي قيدي ڪمنل آهن، جيڪي پ پ جي ڪاتي ۾ بي ڪلاس وارڊ ۾ وينا آهن. اُهي ان خوف وچان شامل نہ ٿيا، تہ جيل گرم ٿيڻ وارو آهي، جلسي ۾ ئي نہ آيا.

06_04_1986

جڏهن کان ڦاسي گهاٽ جا قيدي فرار ٿيا آهن، تہ ملاقات جو سلسلو بند ڪيو ويو آهي. حيات ڦل کي هن جيل جو بہ ايس پي مقرر ڪيو ويو آهي ۾ هُو اصل ۾ خيرپور جو ايس پي آهي، سو اج اوچتو ملاقات جي پرچي آئي، مان ويس تہ خبر پئي ابو ۾ امڙ آيا آهن. مان جيلر کي چيو ابو امڙ آيا آهن، هنن کي مونسان اندر ملاقات ڪرايو"، جيلر چيو: "في الحال جيل فوج جي ڪنٽرول ۾ آهي، حيات ڦل نالي ماتر سپرنٽينڈنٽ آهي، سو ڪجهہ ڏينهن ترسو تہ پوءِ ايئن ٿي سگهندو"، نيٺ، مون کي مجبورن ابي امڙ سان عام قيدين واري حصي وٽان جارين مان ملاقات ڪرٽي پئي. پاڻ لياقت علي ۽ جون نندڙيون نياڻيون شهربانو ليلي ۾ ميران، سؤٽ غلام تقي جي نياڻي نوربانو بہ اچي بيهي رڙيون ڪرڻ لڳيون: "چاچا او چاچا، اسان کي پاڪر تہ پاءِ"، مونکي تہ اکين ۾ پاڻي اچي ويو.

07_04_1986

مس بينظير پٽو جي وطن واپسيءَ جو فيصلو ٿي ويو آهي، لنڊن مان هن جي شاندار آجياڻي جون خبرون ڇڇجي رهيون آهن، فوجي/سول حڪومت هن جي لاءِ سخت حفاظتي اُپاءَ وٺي رهي آهي. ڪمانڊوز ۾ انٽيليجنس ادارن کي هن جي حفاظت جي ذميواري ڏني وئي آهي، جنگ لنڊن لکيو آهي تہ مس بينظير پٽو لاءِ جهڙي قسم جا حفاظتي اُپاءَ ورتا پيا وڃن، اُهي ڪنهن ملڪ جي متوقع سربراهہ لاءِ ئي ڪيا ويندا آهن.

ٻئي طرف اِهي بہ افواهہ آهن تہ ووٽر لسٽن جي نئين سِر تياري بہ شروع ڪئي وئي آهي. پ پ وارا اِهي اشارا ڏئي رهيا آهن تہ آمريڪي سرڪار سان پ پ جا شرط طئہ ٿي ويا آهن. ۽ آمريڪي سرڪار ضياءَ کي هٽائي پ پ کي حڪومت ڏيڻ جو فيصلو ڪري چڪيو آهي _ هي آهي نام نهاد آزاد ملڪ ۽ ان جا محب وطن سياستدان.

09_04_1986

رات ائين وارين خبرن ۾ بي بي سي ٻڌايو تہ مس بينظير پٽو لنڊن کان لاهور لاءِ رواني ٿي وئي آهي. لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تان پ پ جي بہ سؤ کن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن هن کي الوداع ڪيو. لاهور جي موچي گيٽ واري ميدان کي پ پ جي استقبالي پوسٽرن ۽ بئنرن سان سينگاريو ويو آهي. جتان کان مارڪ ٽيلي ٻڌايو تہ: "موچي گيٽ تي مس بينظير پٽو صبح جو عوامي استقبالي ميڙ کي خطاب بہ ڪندي".

پاڪستان روانو ٿيڻ کان پهريان مس بينظير اخبار (ميڊيا) وارن جي سوال جو جواب ڏيندي چيو تہ: "روسي فوجن کي افغانستان مان نڪري وڃڻ گهرجي. انهن جي نڪري وڃڻ سان افغان مجاهد ۽ پناهگير خود بہ خود ئي واپس هليا ويندا. اڳ ۾ اهو مؤقف نہ هو. اڳ مؤقف هو تہ افغان حڪومت سان سڌيون ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. هاڻ اقتدار جو مسئلو طئہ ٿيڻ کانپوءِ پراڻي مؤقف ۾ بہ تبديلي اچي وئي آهي.

ٻئي طرف بي بي سي پ پ جي سينيئر ترين اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئي جو مؤقف ڏنو. جنهن چيو آهي تہ: "مس پٽو آمر ٿي وئي آهي. هن اهڙي ماڻهوءَ کي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو آهي. جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ پارٽي ۾ شامل ٿيو آهي. ان ڪري هُو مرڪزي ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ شريڪ نہ ٿيندو. اخبارن جو تاثر آهي تہ غلام مصطفيٰ جتوئي چار اپريل تي شهيد پٽو جي ورسيءَ ۾ بہ شامل نہ ٿيو لڳي ٿو تہ هُو پنهنجي الڳ پارٽي ٺاهڻ جو فيصلو ڪري چڪو آهي.

10_04_1986

صبح جو وائيس آف آمريڪا ريڊيو خبر ڏني تہ پ پ جي

چيئرپرسن مس بينظير پٽو لاهور پهچي چڪي آهي، پر ايا هُوءَ استقبالي جلسي گاهه ۾ نه پهچي سگهي آهي.

شام جي خبرن ۾ وائيس آف آمريڪا ٻڌايو ته جلسي گاهه ۾ 10 لک ماڻهن شرڪت ڪئي، جيڪي آمريڪا مرده باد جا نعرا هڻي رهيا هئا. جلوس ۾ شامل ماڻهن جڏهن به ڪنهن گوري چمڙي واري کي ٽي ڏٺو ته ان جو گهيرو ڪري "آمريڪا مرده باد" جا نعرا ٽي هنيا ۽ ماڻهن جي هٿن ۾ شهيد پٽو ۽ ڪرنل قذافي جون قداور جيڏيون تصويرون هيون.

هاڻ پنجاب ۾ سامراج مخالف پارٽي يعني ڪميونسٽ پارٽي ايترو نه مضبوط آهي ۽ نه اثر رکي ٿي. اِهي ماڻهو ضياءُالحق جي ايجنسين تيار ڪري موڪليا هوندا. جيئن آمريڪا کي ثابت ڪري ڏيکارين ته پ پ آمريڪا دشمن پارٽي آهي، ته جيئن آمريڪا سرڪار جيڪو پ پ کي اقتدار ڏيارڻ جو ضد ڪري رهيو آهي، ان کان هٽي. بي بي سي به ساڳي ڳالهه ڪئي، ته جلسي ۾ رڳو آمريڪا مخالف نعرا لڳا. في الحال ته جنرلن پ پ جو ڪيل خراب ڪري ڇڏيو آهي، هاڻ اڳتي ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي.

14_04_1986

صبح جو سوير بي بي سي خبر ڏني ته بينظير جو استقبالي جلوس 18 ميلن جو مفاصلو پيادل هلڻ ڪري 12 ڪلاڪن ۾ پورو ڪري جلسي گاهه پهتو جتي 10 لک ماڻهن شرڪت ڪئي. پاڪستان جي تاريخ ۾ هي پهرين اڳواڻ آهي، جنهن جو ماڻهن جي ايڏي وڏي تعداد ۾ استقبال ڪيو آهي. بينظير پٽو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته: "جنرل ضياءُالحق ۽ ان جي ٽولي کي هر صورت ۾ وڃٽو پوندو". هُن حبيب جالب جو نظم به پڙهيو. "مان باغي هان، مان باغي هان".

میں باغی ہوں
میں باغی ہوں
جو چاہی ہم پر ظلم کرو
میرے ہاتھ میں حق کا جھنڈا ہے
میرے سر پر ظلم کا پھندا ہے
میں مرنے سے کب ڈرتا ہوں

میں حق کی خاطر زندہ ہوں
میں جو بھی ہوں میں باغی ہوں
اس دور کی رسم رواجوں سے
ان تختوں سے ان تاجوں سے
جو درد کی کوک سے ڈرتے ہیں

12_04_1986

جيل ٽنٽ ڪانپوءِ جمال مري ڪي هن جيل جو ايس پي مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن جيل ۾ تشدد جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي، هر هنڌ قيدين کي ڪاسائن جيان وڍيندا ڪٽيندا ٿا وتن، جنهن تي هڪ قيدي اميد علي ماڇي، پٽو جيلر کي قابو ڪري گُهٽا ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي بہ سڄي جيل پوليس ٽٽي پئي، ان کي بہ اڌ مئو ڪري ڇڏيو اٿن ـ جيل ٽنٽ جو بدلو بي هٿيار قيدين کان ورتو پيو وڃي.

13_04_1986

جلاد مري ايس پي جيل قيدين تي تشدد جي انتها ڪري ڇڏي آهي، هر بئرڪ کي هن بند وارڊ ناهي ڇڏيو آهي، هر بئرڪ ۾ زخمي قيدين جون آنهون ۽ دانهون آهن، جيڪي اڄ بغاوت ڪري بئرڪن تي چڙهي ويا. انهن کي لاهڻ لاءِ، نيٽ، ايس ڊي ايم آيو جنهن جي ضمانت ڏيڻ تي قيدي هيٺ لٿا.

14_04_1986

هن جيل جون حالتون خراب آهن، پڇي ويل ڏاسي گهاٽ جي قيدين جو بدلو جيل ۾ بند بي هٿيار قيدين کان ورتو پيو وڃي. اڄ بہ اسان شام تائين کولين ۾ بند آهيون، ملاقات بہ بند آهي؛ هر طرف کان لٽين، انساني چيخن ۽ دردناڪ دانهن جا آواز پيا اچن.

15_04_1986

اڄڪلهه اخبارون بہ ڪٽي پوءِ ٿا ڏين، شايد جيل جون خبرون جيڪي تشدد بابت هونديون، لڪائيندا هوندا. آمريڪي صدر ريگن لبيا جي ڪرنل قذافي کي ڌمڪي ڏني آهي تہ هُو لبيا مٿان بمن جو مِينهن وسائي، لبيا کي تباهہ ڪري ڇڏيندو.

17_04_1986

نيٺ آمريڪا صدر ريگن جي اعلان تي عمل ڪري ڏيڪاريو آهي. آمريڪي جهازن لبيا تي حملو ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪي جهازن لبيا تي بمباري ڪئي آهي. جنهن تي سڄي ملڪ ۾ آمريڪا خلاف احتجاجي جلوس نڪتا آهن. مچريل ماٺهن آمريڪي جهنڊي ۽ ريگن جي پتلن کي باهيون ڏئي. پنهنجو احتجاج نوٽ ڪرايو آهي.

20_04_1986

اڄ پائو لياقت علي. امر لال ۽ هڪ ساٿي ستار شاهه ملڻ آيا. لياقت ٻڌايو ته: "جيل جو ايس پي چوي ٿو ته قاسي گهاٽ جي انهن کولين ۾ انقلابي ۽ گوريلا کهاڻين جا ڪتاب مليا آهن. جن مان قيدي پڄي ويا آهن. انهن تي شبير شر. محمد خان سولنگي ۽ ڪمال وارثي جا نالا لکيل آهن. اسان تي فوجي زور پريو بينا آهن ته اهي سياسي قيدي اسان جي حوالي ڪيو". مون چيو: "ان جي اسان کي پرواهه ناهي. اسان هنن کي انقلابي ڪتاب پڙهائي ذميوار سياسي ڪارڪن ٻڌائي رهيا هئاسون". مون چيو. "هاڻ ان طرح سان هي ڏمڪيون پيو ڏئي".

مون پائو لياقت عليءَ کي چيو ته: "توهان هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن وجهو ۽ ججن کان جيل جو معائنو ڪرايو ته هتي سڄو جيل سخت زخمي حالت ۾ آهي". اُن تي پائُوءَ چيو: "جلاد مري هن سان مليو آهي. جيڪو چوي ٿو. توهان هن خلاف باهر درخواستون پيا موڪليو. جڏهن ته هُو توهان کي سموريون سهوليتون ڏيو وينو آهي". مون چيو: "پر اسان وارڊ ۾ محدود آهيون. ملاقات بہ بند آهي. ته اسان جو ڪهڙو ذريعو آهي. جنهن سان درخواستون باهر ويندیون. هُو رڳو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي".

24_04_1986

ڪمال وارثيءَ جي اڄ ملاقات آئي هئي. واپسيءَ تي ٻڌايائين ته پ پ لالا اسد شيخ جي قيدي ولي محمد سهتي کي ڊيرا اسماعيل خان مان هتي آندو اٿن. پر جيل پوليس هن کي ونڊي نٿي. هن کي فوجي ڪورٽ 25 سال قيد جي سزا ڏني آهي. پوءِ خبر پئي ته بئنڪ ڊاڙي ڪيس جو مُحب شاهه بہ هن

سان گڏ آهي، جنهن کي به فوجي ڪورٽ کان عمر قيد جي سزا مليل آهي.
25_04_1986

بي بي سي رات وارين خبرن ۾ ٻڌايو ته جنرل ضياءَ، بينظير ۽ٻئو جو لکين ماڻهن جو جلسو ڏسي بدحواس ٿي ويو آهي. هن نالو وٺڻ کانسواءِ چيو ته: "ڪجهه سياستدان ماڻهن کي ورغلائي ملڪ جي امن امان جي صورتحال تباهه ۽ برباد ڪري رهيا آهن" هن چيو ته: "هو اڄ به طاقتور آهي ۽ پنهنجي فولادي هٿن سان مخالفن کي چيپاٽي سگهي ٿو".
27_04_1986

اڄ جي اخبارن ۾ خبرون آهن ته افغانستان جي صدر بابرڪ ڪارمل کي هٽايو ويو آهي، ۽ بي بي سيءَ جونُ خبرون آهن ته بابرڪ ڪارمل ٿور انقلاب جي تقريب ۾ به نظر نه آيو. اتي شايد قيادت تبديل ٿي رهي آهي. ٻئي طرف ڪابل ريڊيو ٻڌايو ته ثور انقلاب جي سربراهه ۽ افغانستان جي صدر بابرڪ ڪارمل ثور انقلاب جيٰ سالگرهه جي موقعي تي عوام کي مبارڪون ڏنيون آهن.

اصل ۾ سامراجي قوتون غلط پيروپئگنڊا ذريعي دنيا کي گمراهه ڪري رهيون آهن.
28_04_1986

بخت کهاوڙ کي حيدرآباد جيل بدلي ڪيو ويو آهي، اسرار خشڪ کوليءَ ۾ اڪيلو ٿي پيو. تڏهن مونکي چيو ويو ته مان ساٺس گڏ رهان. اڄ وري ولي محمد سهتي کي به هِن وارڊ ۾ آندو ويو آهي. ته هن کي به اسان پاڻ سان رهايو آهي.
30_04_1986

اخبارن ۾ سنڌ جي جاري ڪوٽا سسٽم تي بحث ڇڙيل آهي، مهاجرن جو مطالبو آهي ته سنڌ مان ڪوٽا سسٽم ختم ڪيو وڃي. جڏهن ته سنڌين جو مطالبو آهي ته سنڌ جي ٻهراڙين جو تعليمي نظام شهرن جي برابر ڪيو وڃي. تيستائين ڪوٽا سسٽم کي جاري رکي _ سنڌين لاءِ تعليم ۽ ملازمت جون سهوليتون بحال رکيون وڃن.

01_05_1986

اڄ شڪاگو جي مزدورن جي انقلابي جدوجهد جا سؤ سال مڪمل ٿيا آهن، جن پهرين مئي 1886ع مزدور اڳواڻ البرٽ اُينجلس ۽ ٻن ٻين مزدورن کي سرمائيدارن جي عدالت موت جي سزا ڏني هئي. هن جو خيال هو تہ ان سان مزدور تحريڪ سدائين لاءِ ختم ٿي ويندي. اُها سندن پُل هئي. پورهيت اڳواڻن کي موت جي سزا ملڻ کانپوءِ تحريڪ زوردار انداز سان شروع ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 18 ڪلاڪن وارو پورهيو گهٽائي 12 ڪلاڪ ڪيو ويو ۽ ان کانپوءِ 8 ڪلاڪ. جيڪو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. دنيا جي پهرين پورهيتن جي حڪومت سوويت روس ٿي، جتي پورهيتن جي حڪومت قائم آهي.

02_05_1986

جيل ۾ 1980ع واري صورتحال ٿي وئي آهي، نہ ملاقات آهي ۽ نہ ئي عام قيدين سان ميل ملاقات. سڄو ڏينهن اُباسيون ڏيندي تاش کيڏندي گذري ٿو.

03_05_1986

اڄ رات بي بي سي پنهنجي خبرن ۾ ٻڌايو تہ اڄ ڪراچي هوائي اڈي تي ڏهہ لک ماڻهن پ پ جي چيئرپرسن مس بينظير ڀٽو جو استقبال ڪيو 8 ڪلوميٽر پنڌ چهن ڪلاڪن ۾ طئ ڪيو. ماڻهو لڳاتار پنڌ هلي رهيا آهن. هن جي ڪراچي پهچڻ کان ٻہ ڏينهن اڳ پ پ جو مرڪزي اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئي لنڊن روانو ٿي ويو آهي. ممتاز ڀٽو کانپوءِ هاڻ غلام مصطفيٰ جتوئي ٻہ لڳي ٿو تہ الڳ پارٽي ٺاهيندو ۽ پ پ کان الڳ ٿي ويندو.

04_05_1986

بي بي سي جي خبر آهي تہ افغانستان حڪومتي پارٽي خلق جي سربراهي نجيب الله کي ڏني وئي آهي ۽ بابرڪ ڪارمل کي علاج لاءِ ماسڪو موڪليو ويو آهي. لڳي ٿو تہ نجيب الله کي ئي ملڪ جو صدر ٻہ مقرر ڪيو ويندو. ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪابل ريڊيو اها خبر ڏني هئي تہ خلق پارٽيءَ جي سينٽرل ڪميٽي اجلاس ۾ اِهو طئ ڪيو ويو آهي تہ پارٽي ۽

ملڪي سربراهه الڳ الڳ ڪيا ويندا. تہ جيئن ٻنهي ادارن کي سگهاري انداز سان هلائي سگهجي.

سامراجي ادارا اهڙين معمولي تبديلين کي ٿوڙي مروڙي اهڙي طرح پيش ڪري رهيا آهن، جنهن سان اِهو تاثر ملي تہ افغان انقلاب ڪمزور ٿي رهيو آهي.

05_05_1986

اڄ وائيس آف آمريڪا خبر ڏني تہ مس بينظير ڀٽو غلام مصطفيٰ جتوئي کي پ پ سنڌ جي صدارت تان هٽائي ڇڏيو آهي. ان جي جاءِ تي مخدوم خليق الزمان کي پ پ سنڌ جو صدر مقرر ڪيو آهي. غلام مصطفيٰ جتوئي مرڪزي ڪميٽيءَ جو صرف ميمبر ئي رهندو هُو تہ 12 اپريل تي لاهور ۾ ٿيل مرڪزي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ ب شريڪ نہ ٿيو جنهن مان لڳي ٿو تہ هُو الڳ پارٽي ناهڻ جي تيارين ۾ رڌل آهي.

08_05_1986

غلام مصطفيٰ جتوئي پ پ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. مس بينظير ڀٽو کيس ان فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ جو چيو آهي. غلام مصطفيٰ جتوئي، بينظير جي ان ڳالهہ کي ب رد ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف بي بي سي جي خبر آهي تہ غلام مصطفيٰ جتوئي پنهنجي ويجهن ساٿين غلام مصطفيٰ کر ۽ ٻين سان نئين پارٽي ناهڻ جي سلسلي ۾ صلاح مشورا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. غلام مصطفيٰ جتوئي هڪ بيان ذريعي سوال ڪيو آهي تہ بينظير تحريڪ ۽ پارٽي هلائڻ لاءِ پئسا ڪٿان ٿي آڻي؟. اِهو ساڳيو سوال ۽ جيڪو جنرل ضياءُ الحق، بينظير ڀٽو کان ڪندو رهندو آهي. اڄ جي اخبارن ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي جي حامين جون پارٽيءَ جي بنيادي ميمبريءَ تان استعيفائون ڏيڻ جي باري ۾ خبرون ڇپيون آهن.

ٻئي طرف ايم آر ڊي جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل خواجا خيرالدين، غلام مصطفيٰ جتوئي کي پ پ سنڌ جي صدارت واري عهدي تان هٽائڻ واري عمل جي مذمت ڪئي آهي.

اِهي بہ خبرون آهن تہ غلام مصطفيٰ جتوئي لنڊن ۾ ضياءُ الحق جي اسيمبليءَ جي اسپيڪر فخر امام سان ملاقات ڪئي آهي.

11_05_1986

پ پ جي شريڪ چيئرپرسن مس بينظير پٽو حيدرآباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ: "ضياءُالحق کيس ملڪ پهچڻ واري ڏينهن تي ئي گرفتار ڪري ها، پر سندس وزير اعظم محمد خان جوڻيجو کيس اهڙي عمل کان روڪيو ويٺو آهي". مطلب تہ بينظير سياسي چال طور اِهو بيان ڏنو آهي، تہ جيئن جوڻيجو ۽ ضياءُ الحق ۾ ايجا بہ اختلاف وڌن.

14_05_1986

اڄ جي اخبارن ۾ ڪراچيءَ ۾ هنگامن جون خبرون آهن. شهر جي ڪافي هنڌن تي ڪرفيو بہ لڳايو ويو آهي. چون تہ ڪرفيو ان ڪري لڳايو ويو آهي، تہ جيئن بک هڙتال تي ويٺل رياض شاهہ بهاريءَ کي گرفتار ڪري سگهي. جيڪو بنگلاديش مان بهاري پاڪستان آڻڻ جا مطالبا ڪري رهيو آهي.

15_05_1986

مس بينظير پٽو، پهريون پيرو پارٽيءَ جي تنظيم ڪاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ باقائده ميمبرشپ مهم هلائڻ لاءِ وڏو اجلاس گهرائي پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي اهڙيون هدايتون پڻ ڏنيون آهن. سنڌ جو ڪنوينشن هالا ۾ رکيو ويو آهي، مرڪزي ڪميٽيءَ اهو بہ فيصلو ڪيو آهي، تہ جيڪڏهن حڪومت مس بينظير پٽو کي گرفتار ڪري، تہ ڪارڪن گرفتاريون پيش ڪرڻ جي تحريڪ هلائين.

پ پ جي ان فيصلي تي ايم آر ڊي ۾ ڦڦڙوٽ پئجي وئي آهي. قومي محاذ آزادي جي سربراهہ معراج محمد خان پريس ڪانفرنس ۾ ايم آر ڊي جي جوائنٽ سيڪريٽري جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. ان تي، اُتي موجود پ پ سرحد جي صدر احسان شير پائو هن کي گريبان مان پکڙيو ۽ بيعزتي ڪئي. پ پ جي اندروني مسئلن تي اتحادين جو مشتعل ٿيڻ سمجهہ ۾ نٿو اچي.

16_05_1986

اسان سياسي قيدين اڄ جيل انتظاميا جي روين خلاف بک هڙتال شروع ڪئي آهي. جيل جي ڊاڪٽر کي گهرائي نوٽيس ڏنو آهي. ته جيل انتظاميا بي سبب ملاقات بند ڪري چڏي آهي. جيل جو عملو ملاقات لاءِ اسان جي ملاقاتين کي تنگ ٿو ڪري. جيئي سنڌ جي اطهر سومري. اقبال مهيسر. غلام مصطفيٰ برڙي ۽ مظهر حسين حاجاڻي کي بي سبب تشدد ڪري بند واري ۾ ڌڪيا ۽ آڙا بيڙيون هڻي رکيو ويو آهي. جيستائين انهن کي بند واري مان ڪڍي. هتي اسان سان نه رکيو ويندو ۽ ملاقات پراڻي طريقي تحت نه ڪرائي ويندي. تيستائين بک هڙتال جاري رهندي.

ان کانپوءِ پهريان صوبيدار آيو ۽ منٿ ميڙ ڪرڻ لڳو ته بک هڙتال نه ڪيو هن کي جواب ڏئي چڏيوسون. ان کانپوءِ جيلر امان الله نيازي ۽ پوءِ جيلر رضا بلوچ آيو. اسان هنن کي به جواب ڏئي چڏيو. شام جو صوبيدار آيو ۽ پُڇڻ لڳو: "بند ته ٽيندؤ يا نه؟". اسان چيو: "بند ٽينداسون". پوءِ اسان کولين ۾ هليا وياسون.

17_05_1986

اڄ صبح 7:30 وڳي جيل ايس پي فاضل راهوءَ کي سڏايو ۽ هن کي چيو ته: "بک هڙتال ختم ڪرائي". فاضل راهوءَ کين جواب ڏئي موڪي آيو ته: "توهان جيئي سنڌ جي ڪارڪنن تي تشدد ڪري بند واري ۾ ڪيو ويندا آهيو. ملاقات بند آهي. اهڙي صورت ۾ بک هڙتال چو نه ڪريون". فاضل چيو: " مان به چئي آيو آهيان ته مان بيمار هوندي. مان به اڄ کان هنن سان بک هڙتال تي ويهان". سو بورچي کي سڏي چوڻ لڳو: "منهنجو راشن به موڪلائي ڏئي اڄ". اسان چيو: "سائين توهان اهڙو قهر نه ڪيو. توهان مٿن پيشابن جا مريض آهيو. بلڊ پريشر پائيلس وغيره آهن. بک هڙتال ۾ دوا نه کائي سگهندؤ". چئي: "ادا مان سنگت کي نٿو چڏي سگهان. مران ته پل مران". اسان چيو هيءُ طريقو لڳي ٿو توهان کي جيل وارن ٻڌايو آهي. چو ته اسان توهان کي بک هڙتال تي ويهاري نٿا سگهون. اسان کي بک هڙتال توڙڻي پوندي". هن چيو: "پل ٽوڙيو پر مان سياسي چوڪرن جي بند واري مان

آزاد ٹيٽ تائين بک هڙتال تي ويهندس. جڏهن ته هيءُ جيئي سنڌ وارا ٻاهر ڪاليجن ۾ يونيورسٽين ۾ اسان جي توهان جي چوڪرن سان وڙهندا رهندا آهن، پر هتي اسان هنن سان ساڻ نپائيندا سون".

ٿوري دير بعد جيل جو ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ آيو جنهن پچا ڪئي ته: "مسئلو ڇا آهي؟". اسان چيو: "مسئلو توهان کي لکيت ۾ ڏئي چڪا آهيون، توهان سان ڳالهيون نه ٿيندیون. ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر سان ڳالهائيندا سون". ان تي هن منٽ واري انداز ۾ چيو: "پاڻ ۾ ويهي مسئلو حل ڪريون ته بهتر آهي". هن چيو: "روزي رکڻ وقت راشن نه ڏيڻ ۽ توهان جا برداشتي نه کولڻ تان بن جيلرن کي چارج شيٽ ڏئي چڪا آهيون، ملاقاتين سان بدتميزي ڪندڙ سپاهيءَ کي گيٽ تان هٽايو ويو آهي. رهيو مسئلو اطهر سومري ۽ اقبال مهيسر جو اُهي ٻئي سياسي ڪيس ۾ ناهن، ڪرمنل ڪيس ۾ پڌجي آيا آهن. هُو جڊيشل لاڪ اپ تي وڙهيا هئا، اتان هنن کي ڊينجرس قيدي قرار ڏئي هتي موڪليو اٿن. هتي به تلاشي نه پيو ڏئي ۽ سپاهين سان وڙهيو ان ڪري بند وارڊ ڪيا آهن. مظهر حاجاڻو ۽ غلام مصطفيٰ به شڪارپور لاڪ اپ تي وڙهيا آهن ۽ ڊي سي هنن کي بند وارڊ جو لکيو آهي". اسان چيو: "پوءِ ٺيڪ آهي، اسان جي بک هڙتال جاري رهندي". ڊپٽي چيو: "به ٽن ڏينهن کانپوءِ سيئي سياسي قيدي توهان کي ڏيندا سون، اسان لاءِ مسئلو آهي، فاضل راهو ضد ڪري بک هڙتال ڪري وينو آهي". اسان ڊپٽي کي چيو: "توهان جي واعدي تي بک هڙتال ختم ٿا ڪريون، جي واعدو نه نپايوَ ته اسان مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪنداسون". هُو هليو ويو. اسان چيو: "سهڻا فاضل، توهان بک هڙتال نه ڪيو ها ته اسان هنن کي بن ڏينهن ۾ جهڪائي ڏيکاريون ها". فاضل چيو: "يار، مان سنگت کي ته نٿو چڏي سگهان".

18_05_1986

اڄ جي اخبارن ۾ تصوير سان گڏ خبر ڇپي آهي ته ڪراچي جي ساحل تي لکن جي تعداد ۾ مُئل مڇيون سمنڊ ڏکي ٻاهر ڪڍيون آهن، جن جون اکيون نڪتل آهن. عام اخبارن ان کي معمولي خبر ڪري ڇپيو آهي،

جڏهن ته امن اخبار لکيو آهي ته: "کجهه ڏينهن اڳ آمريڪي ايٽمي آبدوز لنگر هنيو هيو جتي هن ايٽمي فضلو خارج ڪيو آهي، جنهن سبب لکين ماڻهن جو موت ٿيو آهي".

20_05_1986

بي بي سي رات ٻڌايو ته: "پاڪستان فوج پارا چنار ۾ افغاني جهاز کي ڪيرائي تباهه ڪيو آهي، جيڪو افغان مجاهدن جي ڪئمپ تي بم هڻڻ اچي رهيو هو". اهو پهريون پيرو آهي جو پاڪستاني فوج اهڙي ڪارروائي ڪئي آهي، نه ته اڳ رڳو افغان سفير کي گهرائي ڏنو ويندو رهيو آهي.

21_05_1986

مس بينظير پٽو جي وطن واپس اچڻ ڪانپوءِ ملڪ ۾ سياسي سرگرميون تيز آهن، ماڻهو لکن جي تعداد ۾ هن جي جلسن ۾ شامل ٿيندا رهن ٿا. انهن جلسن مان پ پ جي وڏيرڪي لوپي قيادت ان جو نتيجو اهو اخذ ڪري رهي آهي، ته پ پ کي حڪومت ملڻ واري آهي، ان ڪري ايڏي وڏي تعداد ۾ ماڻهو بينظير جي جلسن ۾ جلوسن ۾ شامل ٿي رهيا آهن؛ ٻئي طرف اِهي به سوال اُٿي رهيا آهن، ته جڏهن مس بينظير کي اِها خبر هئي، ته غلام مصطفيٰ سندس ماڻهو ناهي؛ ان باوجود به هوءَ ڪيس پارٽيءَ ۾ چو رکيو ويئي هئي؟. ان جو جواب اِهو ٿو ٻڌڻ ۾ اچي ته هن هر صورت ۾ اقتدار ۾ پئي چاهيو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي آمريڪي سرڪار جي پسنديده شخصيت آهي، ۽ اُهو بينظير پٽو کي آمريڪا کي سفارش ڪري اقتدار ونڻي ڏيندو، ان جي آسري پارٽي ۾ ڪيس رکيو پئي آئي. هاڻ جڏهن بينظير پٽو يورپ ۽ آمريڪا جي دوري دوران سڌا واسطا رکي آئي آهي، ته هن کي جتوئي صاحب جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي، تڏهن هُن کي پارٽي منجهان فارغ ڪري ڇڏيو اٿائين.

22_05_1986

اڄ امر لال، سرور سميجو ۽ سجاد رضا ملڻ آيا، جن ٻڌايو ته سياڻي حافظ عبدالڦيوم گهانگهرو ڪنڊيارو ۾ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر

بخش جتوئي جي ورسي جي سلسلي ۾ جلسو رکيو آهي. حافظ عبدالقيوم ۽ اسان جو جيل مان تيار ڪيل ساٿي آهي. اهڙا ڪافي ساٿي پارٽي ۾ شامل ٿيا آهن. جن کي اسان جيل ۾ استبدي سرڪل ذريعي تيار ڪيو آهي. هنن ساٿين چيو تہ: "توهان جا تيار ڪيل دوست پارٽي لاءِ وڏي سگهہ ٻڌجي رهيا آهن. جو اهي پاڻ سان گڏ پنهنجا مٽ مائٽ ۽ دوست ۽ شامل ڪري رهيا آهن".

23_05_1986

ڪافي ڏينهن کان سنڌ جي استادن جي هڙتال هلي رهي آهي. سياسي ڏرين ۽ ان هڙتال جي حمايت ڪئي آهي. جڏهن تہ ٽيليفون جي ملازمن پڻ هڙتال ڪئي هئي. جن جا مطالبا فوري طور مڃيا ويا. چو تہ هنن جي هڙتال سان ٽيليڪنگ جو نظام ۽ فون ذريعي مواصلاتي نظام درهم برهم ٿي ويو هو. باقي استادن جي هڙتال سان ٻارن جي تعليم ۾ خراب ٿئي. ان سان فوجي سرڪار جي صحت تي ڪوبہ اثر نٿو پوي.

سڄي ملڪ جي ڪلارڪن ۽ قلم ڇڏ هڙتال ڪري رکي آهي. ملڪ جون سياسي پارٽيون پ پ تائين ان صورتحال جو فائدو وٺڻ لاءِ تيار ناهن. هن وقت تحريڪ هلائڻ لاءِ حالتون سازگار آهن. عوام ڏکهي مارشل فوجي ڪورٽن ۽ هر ماڻهوءَ جي هر هنڌ ٿيندڙ تذليل ۽ توهين کان بيزار آهن. اهڙي صورتحال ۾ تحريڪ هلائڻ سان اِهي سڀ ڏريون شامل ٿي سگهن ٿيون. ايم آر ڊي جي اڳ کان وڌيڪ قيادت فوج جي حامين جي آهي. جنهن جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل خواجہ خيرالدين آهي. جيڪو مسلم ليگ جي هڪ ٽانگي جيتري ڏڙي واري پارٽيءَ جو سربراهہ ۽ فوج جو حامي رهيو آهي. تحريڪ استقلال جو سربراهہ رٽائرڊ ايئر مارشل اصغر خان خود فوجي ۽ فوج جي لابيءَ جو ماڻهو آهي. پ پ جو فاروق لغاري فوج جي پسنديده شخصيت آهي. اين ڊي پي جو سردار شير باز خان مزاري فوج جو گڏو آهي. جنهن کي جڏهن ۽ گرفتار ڪيو ويو تہ هن کي سندس گهر ۾ ئي نظربند ڪيو ويو. جي يو آءِ جو مولانا فضل الرحمان فوج جي پسنديده شخصيت آهي. باقي رهي کاپي ڏر. ان وٽ عوام جي سگهہ ناهي.

26_05_1986

بي بي سي ٻڌايو تہ هٿ نوڪي قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر فخر امام خلاف عدم اعتماد واري تحريڪ ڪامياب ٿي وئي. هن خلاف 150 ووٽ پيا ۽ حمايت ۾ صرف 72 ووٽ آيا. هُن کي ان ڪري هٽايو ويو. جو هن جو تعلق مسلم ليگ سان آهي. هُن پاڻ کي غير جماعتي ظاهر ڪيو هو. ٻيو تہ هُو لنڊن ۾ بينظير ٻئو سان بہ مليو هو. ان تي بہ ضياءُ الحق ڪاوڙجي پيو تہ هن جي اجازت ڪانسواءِ مس بينظير سان ڇو مليو!؟ ان ڪري اسپيڪر جو ڪردار حڪومت لاءِ مشڪوق ٻڌجي ويو جنهن ڪري هن مان جان ڇڏائي وئي.

هيءَ نہ ويل وڃڻ جي.

30_05_1986

بي بي سي خبر ڏني آهي تہ سپاف جي صدر فقير اقبال هيسباڻيءَ کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فوج گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو آهي. ڪافي عرصي کان هن جو جيئي سنڌ فيڊريشن وارن سان جهڳڙو هلندڙ هو جنهن سبب فوج هن جو بهانو ڪري سپاف جي صدر کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي. فقير اقبال هيسباڻي، فقير خوش خير محمد جي خاندان مان هو ۽ سندس تعلق اسان جي خيرپور جي فيض گنج سان هئس. شهيد اقبال سان جيل کان ٻاهر ڪڏهن بہ ملاقات نہ هئي. هُن سان 1983ع ۾ سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾ ملاقات ٿي هئي، جتي محمد حسين ڏنجي تعرف ڪرايو تہ هيءَ فقير اقبال هيسباڻي آهي ۽ ٻيو هو ثمر علي شاهہ. ٽيئي ڪارا ڪپڑا پايو. نيو جيل مان مجلس امام حسين عہ ٻڌيو پئي آيا. پوءِ تہ فقير اقبال جي مون سان جڙ تہ محبت ٿي وئي هئي، هُو انتهائي جذباتي ۽ وفا شعار انسان هو. هن منهنجي نيو جيل ۾ ڪيل اسٽيج ڊرامي ۾ بہ ميجر جو رول ادا ڪيو هو. آزاد ٽيڙ واري ڏينهن مون سان ملڻ آيو ۽ موڪلائڻ وقت اُڇنگارون ڏئي روئي پيو هو. اڄ مان ان جي شهادت جو ٻڌي اوڇنگارون ڏئي روئي پيو آهيان.

"اقبال هيءَ نہ ويل وڃڻ جي هئي".

09_06_1986

هيءَ عيدالفطر ائين لڳي، جڙ آئي ڪونہ. اڳي تہ سجو جيل ميلا ملاکڙا ٻڌجي ويندو هو هاڻ تہ جلاد مريءَ جي ڪري سجو جيل ڪربلا ٻڌيل آهي. اسان کي اڄ عيد گاهہ تي وڃڻ جي اجازت ڏني وئي، اُتي اسان کي قيدين ايندو جو ڏنو تہ ڏاڍا خوش ٿيا. نماز شروع ٿي تہ جيل عملي زور زور

سان سيٽيون وڃائي خوف جي فضا پئدا ڪري ڇڏي. نماز پڙهڻ کانپوءِ مان صوبيدار ۽ جيلر رضا بلوچ کي چيو: "هي هراسمينٽ ڇو ٿا پکيڙيو؟" پوءِ قيدي اسان ڏانهن ڊوڙي آيا ۽ وڏا وڏا ٻک هڻي مليا. سوال ڪرڻ لڳا ته: "ڪائي سياسي تبديلي ڪونہ ٿي اچي. پلا تحريڪ بہ نٿي هلي" لڳاتار تشدد قيدين کي سخت مايوس ڪري ڇڏيو آهي. مان قيدين سان ملي رهيو هئس ته جيلر پٽو آيو. هن چيو: "ڊپٽي آيو آهي. توهان سان ملڻ ٿو چاهي". مون کيس چيو: "هن کي چئہ ته قيدين سان عيد ملي اچان ٿو". هن چيو: "هو هتي عيدگاهہ ۾ ئي بيٺو آهي". مان هن وٽ ويس ته چوڻ لڳو: "وڏو صاحب چوي ٿو توهان پنهنجي واري ڏانهن هلو". مون چيو: "عيد جو ڏينهن آهي. اڃوڪو ڏينهن ته ملڻ ڏيو". هن چيو: "جيل مشڪل سان ڪنٽرول ڪيو آهي". نيٺ هُو منٿون ڪرڻ لڳو: "توهان واري ۾ هلو ته مان وري ايس پي صاحب کان پڇي ٿو اچان". مون چيو: "ٺيڪ آهي". مان واري ڏانهن هلڻ لڳس ته چوڻ لڳو "محمد خان سولنگي. ولي محمد سهتي. اطهر سومري. اقبال مهيسر ۽ اسرار خشڪ کي بہ سڏ ڪيو". مون چيو: "توهان سڏي اچو اِهو ڪم منهنجو ناهي. ته مان هر هڪ کي سڏيندو وتان". ڊپٽي منٿون ڪرڻ لڳو ته هُو اسان سان نہ ايندا. مون هنن کي سڏ ڪيو ته هليا آيا. واري ۾ ويناسون. ٻاهران سنگت جي موڪليل ماني بہ اچي وئي. ايتري ۾ ڊپٽي بہ آيو. چوڻ لڳوتہ: "صاحب نٿو مڃي. توهان ٻل ماني موڪليو ته اُها اسان ڏيارينداسون". سڄو ڏينهن ٻاهران ماني ايندي رهي. جيڪا اسان قيدين ڏانهن موڪلينداً رهياسون.

10_06_1986

اڄ بہ دوستن طرفان جام ماني آئي. نہ آئي ته پنهنجي گهر کان نہ آئي. ياءُ لياقت رهي بہ خيرپور ٿو پر اها تڪليف هن بہ نہ ڪئي. دوستن مان صرف هڪ دوست پشم لال چپاتي اندر پرچي وجهي موڪلي. باقي مسلمان دوستن وٽ ته ديوانن جهڙو دماغ ئي ناهي. اڄ شام ماني آئي ته ٽانو ڪٽي ويندڙ کي چيوسين ته: "نالو پڇي اڇ". ان ٻڌايو: "عبيد عثماني". مان ته نہ پيو سڃاڻان پر محمد خان سولنگيءَ چيو: "اِهو ڊي ايس ايف جو ساٿي آهي".

11_06_1986

عيد ڪانپوءِ پهريون پيرو اڄ ملاقات آئي. وڏو پاءُ ڪامريڊ غلام حسين شر. ماسات شاهنواز پائٽي گنهري. پائٽيو سجاد ظهير ۽ سنگت بہ اچي وئي. جن ۾ لياقت سومرو ۽ اشرف راهي وارا هئا. ان دوران پيو پاءُ وڪيل لياقت علي ۽ ڪامريڊ محرم علي بہ اچي ويا. اڄ سڄو ڏينهن ملاقات جو سلسلو جاري رهيو. لياقت علي‌ءَ چيو: "عيد ڏينهن ڳوٺ هئاسون. نہ تہ ماني ضرور ڪٽي اچون ها".

14_06_1986

ڪجهہ ڏينهن اڳ آمريڪي سينيٽر استيفن سولارز پاڪستان آيو هو. جتي هُن پ پ جي چيئرپرسن مِس بينظير پٽو سميت مڙني سياسي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي. شايد هُو سياستدان جو ٽيمپريچر معلوم ڪرڻ آيو هو. هُن واپس وڃي رپورٽ ڏني آهي. جنهن ۾ هن چيو آهي تہ پاڪستان ۾ نہ تہ ايران. ويٽنام يا فلپائن جهڙيون حالتون آهن ۽ اتي جيڪا جمهوري حڪومت آهي. عوام ۽ سياستدان ان مان بہ مطمئن نہ آهن. وچ واريون چونڊون ڪرائي مخلوط حڪومت ٺاهي وڃي. تہ پاڪستاني سياستدان پُرسڪون ٿي ويندا.

ان مان پاڪستان اندر آمريڪي اثر ۽ مداخلت صاف ظاهر آهي. حڪمرانن ۽ سياستدانن کي ان رپورٽ کان پوءِ ٻڏي مرڻ کپي. پر اهي بہ گهٽو ٽٽو آمريڪي سامراجي سرڪار تي انحصار ڪري رهيا آهن. اُهي بہ ايران. ويٽنام ۽ فلپائن جي عوام ۽ سياستدانن جيان عوامي قوتن ۾ نہ يقين رکن ٿا ۽ نہ ئي اهڙي تبديلي ئي چاهين ٿا.

اڄ اخبارن ۾ اِها بہ خبر آهي تہ اسيمبلي ۾ بل پيش ڪيو ويو آهي تہ جيڪا سياسي پارٽي پاڻ کي حڪومت وٽ رجسٽر نہ ڪرائيندي. ان کي جلسا جلوس ڪرڻ بہ نہ ڏنا ويندا. اِهو خاص قانون مس بينظير پٽو لاءِ ناهيو پيو وڃي. جنهن چيو آهي تہ 5 جولاءِ کان ملڪ ۾ مارشل لا ۽ ان جي پٽو سول حڪومت خلاف سول نافرماني جي تحريڪ شروع ڪري جلسا ڪيا ويندا ۽ جلوس ڪڍيا ويندا.

عيد کان پهريان عوامي تحريڪ جي اڳواڻن فاضل راهو ۽ رسول بخش پليجي کي به آزاد ڪيو ويو آهي. رسول بخش پليجي بيان ڏنو آهي ته ملڪ ۾ جمهوري حڪومت آهي، ان جو ثبوت هن جي آزادي آهي.

17_06_1986

اڄ رات بي بي سي ريڊيو تان پ پ چيئرپرسن مس بينظير پٽو جو انٽرويو نشر ڪيو. جنهن چيو ته: "5 جولاءِ کان سيني پارٽين سان گڏجي جيل پريو تحريڪ شروع ٿيندي. ۽ عوام ان کي ڪامياب ڪندو". هن انٽرويو ۾ ڪٿي برِاهونہ چيو ته ڪو ايم آر ڊي به ان ۾ شامل هوندي. هن چيو ته: "5 جولاءِ تي سيئي پارٽيون ڪارو ڏانهن ملهائيندیون". 19 جون تي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ايم آر ڊي جي گڏجاڻي ۾ مس پٽو چيو ته: "ان ۾ منهنجي شرڪت ضروري ناهي. پارٽيءَ جو ڪو به اڳواڻ نمائندگي ڪندو".

18_06_1986

اڄ رات بي بي سي پنهنجي سهربين ۾ ٻڌايو ته ڏکڻ آفريڪا ۾ گورن جي حڪومت سياهہ فام بستيءَ کي باهہ ڏياري. جنهن جي نتيجي ۾ چار ماڻهو سڙي رک ٿي ويا. جڏهن ته عورتون ۽ ٻار پڄي رهيا هئا. گوري رنگ وارا فوجي انهن مٿان گوليون ۽ هنٽر (چهبڪ) وسائي رهيا هئا. جنهن کانپوءِ گوري حڪومت هنگامي حالتن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جُو مطلب آهي ته ڏسندي ئي ڪاري رنگ واري کي گولي هنئي وڃي. پوليس ۽ فوج جتي به ضروري سمجهي، وسندين کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏي.

هنگامي حالتن جو اعلان ٿيڻ کانپوءِ وڏي تعداد ۾ ڪاري نسل وارا غائب ٿيڻ لڳا آهن. جن جا مائٽ سخت پريشان آهن. ڇو ته انهن کي گرفتار ڪرڻ کانپوءِ، گوليون هڻي ماري لاش ويران هنڌن تي اڇلايا وڃن ٿا.

ٻئي طرف گورن جي بشپ اعلان ڪيو آهي ته اسان ڌرين جي ڇوڙ تي عبادت ڪرڻ بند نہ ڪنداسون. هن کي ڪارن جي نسل ڪشي ۽ رياستي دهشتگرديءَ کان وڌيڪ ڌرين جو فڪر آهي. هن وٽ انساني زندگين جي ڪابہ حيثيت ناهي. بشپ فلپ ٽوٽو کي خدا جي خلق تي ڪوبہ رحم نٿو اچي. هونئن به گورن کي سون ۽ ٻين ڌخيرن سان مالا مال ڏکڻ

آفريڪا جي سرسبز ڌرتي ڪپي، ماڻهو نه.

19_06_1986

اڄ راولپنڊي ۾ ريم آر ڊي جو اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ مس بينظير ڀٽو نوابزادو نصرالله خان ۽ رسول بخش پليجو شريڪ نه ٿي سگهيا. اجلاس ۾ عوامي تحريڪ کي عارضي ڪنوينرشپ ڏني وئي آهي.

20_06_1986

بي بي سي رات وارين خبرن ۾ ايم آر ڊي جي بن ڏينهن واري اجلاس جون خبرون ٻڌايون، جنهن ۾ اتفاق راءِ سان ناهه پاس ڪيو ويو ته صوبن کي مڪمل خودمختياري هجڻ گهرجي، مرڪز وٽ دفاع ڪرنسي، خارجه ۽ تجارت ڪانسواءِ باقي سمورا ڪاتا صوبن حوالي ڪيا وڃن. ولي خان ۽ اصغر خان به اجلاس ۾ شامل نه ٿي سگهيا، اجلاس ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي آهي، جيڪا جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ شروع ڪرڻ واري عمل جو جائزو وٺي رپورٽ پيش ڪندي. تحريڪ ڪڏهن هلائي ويندي، ان جو ڪو به شيڊول نه ڏنو ويو آهي.

28_06_1986

وائيس آف آمريڪا ريڊيو خبر ڏني آهي ته افغانستان جي ناظم العمور باز محمد کي اغوا ڪيو ويو آهي، آفيس کان گهر ڏانهن واپسيءَ تي هن کي اغوا ڪيو ويو. يورپي نشرياتي ادارن جي خبر آهي ته هو ڪار وڪڙ ڪانپوءِ ڪنهن يورپي ملڪ ۾ سياسي پناهه وٺڻ لاءِ فرار ٿي ويو آهي. جڏهن ته افغان حڪومت چيو آهي ته هن کي سي آءِ اي جا ايجنٽ اغوا ڪري ويا آهن. هي واقعو به لبيا جي هولڊنگ ڪمپني جي مئنيجر محمد عمار جي اغوا جهڙو ئي آهي، پوءِ هن کي پوليس مقابلي ۾ گولي هڻي زخمي ڪري دهشتگرد جو الزام هڻي جيل موڪليو ويو هو.

اهڙي طرح ڪيوبا جي سفارتڪار کي به اغوا ڪري هن ٿي سخت تشدد ڪيو ويو هو ۽ هن کي ڊيڄاريو ويو ته جيڪڏهن هو سياسي پناهه ونڊو ته بچندو، ورنه هن کي گولي هڻئي ويندي. پوءِ جڏهن هن کي پريس ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو ويو هو ته هن وٽي دانهون ڪيون هيون، ته ڪيس

سياسي پناهه ونڻ تي مجبور ڪيو ٻيو وڃي ۽ موتمار ڏمڪيون ڏنيون ٻيون وڃن. پاڪستان آمريڪي سامراجي دلالي ڪري پنهنجي آقائن کي هر طرح سان خوش ڪري رهيو آهي.

30_06_1986

ملاقات لاءِ ايندڙ ساڻي بڌائين ٿا تہ مس بينظير ڀٽو جي 5 جولاءِ کان تحريڪ شروع ڪرڻ واري اعلان کانپوءِ هر ننڍي وڏي شهر ۾ فوج مورچا سنياڻي رهي آهي. بي بي سي موجب اڄ 70 ڪلفٽن تي جي يو آءِ جي سربراهه مولانا فضل الرحمان مس بينظير ڀٽو سان ملاقات ڪئي. جتي هن ڪيس 5 جولاءِ تي رڳو ڪارو ڏينهن ملهائڻ جلسا ڪرڻ ۽ جلوس ڪيڻ جي تجويز ڏني آهي ۽ تحريڪ هلائڻ کان منع ڪيو آهي. ڇو تہ اهڙي عمل سان ايم آر ڊي جي اتحاد کي سخت ڇيهو رسي سگهي ٿو. ٻئي طرف جي يو آءِ ايم آر ڊي ۾ متحرڪ ٽيڻ جو بہ اعلان ڪيو آهي. ڇو تہ اُها گذريل ٽن مهينن کان غير متحرڪ هئي ۽ ايم آر ڊي جي ڪنوينرشپ سينالڻ کان بہ معذرت ڪري رکي هئي.

01_07_1986

بہ ٽي ڏينهن کان شديد گرمي هئي. ڪوليون ڪُوري جيان کامي رهيون هيون. هتي مشهور آهي تہ انب. ڪجيون ۽ ماٺهو گڏجي پچندا آهن. سو اسان بہ ڪوري جيان کامندڙ ڪولين ۾ کامي کامي پڇي راس ٽي ويا آهيون.

اڄ ٻنپهرن جي ننڍ ۾ هئس تہ آسمان تي راڙو ٽيو چرڪ پري اٽيس تہ ڪارا بادل رم جهم رم جهم سان رقص ۽ ڏڏو مينهن وسائي رهيا هئا. انبن جا وڻ ۽ ميوا ڏوپي چمڪڻ لڳا آهن. ڇڀيون پائي باهر بيهي وسڪاري ۾ وهنتاسون. اسرار خشڪ. ولي محمد سهتو ۽ محمد خان سولنگي سپ نڪري آيا. اطهر سومرو موٽو هجڻ ڪري ترڪي ٻيو. جڻ تہ ڦِسي ٻيو. اقبال مهيسر کي پراڻي مليريا آهي سو هر وقت ٻيو ڏڪندو آهي.

05_07_1986

اڄوڪي رات تي جنرل ضياءُالحق هن ملڪ تي راتاهو ڏئي. ملڪ جي چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪري. ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم

کي گرفتار ڪري ادياڻا جيل موڪلي ڇڏيو هو. بي بي سي به ٻڌايو ته پ پ جي اعلان تي سڄي ملڪ ۾ جلسا ٿيا آهن ۽ جلوس نڪتا آهن.

مطلب ته اڄ پ پ تحريڪ شروع ڪري نه سگهي. هونئن به اڪيلي سِر پ پ لاءِ تحريڪ هلائڻ سندس وس ۾ به ناهي. اهڙي صورت ۾ ڪاب پارٽي پ پ جو ساٿ نه ڏيندي.

06_07_1986

اڄ جي اخبارن ڪالهه جي پ پ جي ڪارو ڏينهن ملهائڻ واري سڏ کي ناڪام سڏيو آهي. چو ته ايم آر ڊي جي ڪنهن به اتحادي پارٽي ان سڏ جي موٽ نه ڏني. پ پ هاڻ رڳو پنهنجي قوت مجرائڻ جي چڪر ۾ آهي. ته جيئن متوقع چونڊن جي نتيجي ۾ ايم آر ڊي ۾ شامل پارٽين سان چونڊ اتحاد نه ڪرڻو پوي _ سڄو مال اڪيلي هڙپ ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي.

07_07_1986

اڄ ابو امڙ ملاقات تي آيا. اُهي روئندا رهيا. چيائون: "رسول بخش پليجو ۽ فاضل راهو به آزاد ٿي ويا. بس ملڪ ۾ اهي ئي به سياسي قيدي هئا. جيڪي آزاد ٿي ويا. هاڻ ملڪ ۾ ٻيو ڪو به سياسي قيدي ناهي. ته پوءِ تون ڪهڙي ڏوهه ۾ آهين؟". ابي ڪي چيم: "ابو توهان به ائين ٿا سمجهو". ابي چيو: "نه. تنهنجي ماءُ ائين ٿي سمجهي. پليجو ته مونکي خبر آهي. سرڪاري ماڻهو آهي. نه قومپرستن جي ڪاتي ۾. نه ترقي پسندن جي ۾". امڙ روئي پئي. "تون الائي ڪڏهن آزاد ٿيندي؟. اسان جيئرا به هونداسون الائي نه! تنهنجي شادي ڏسون ها...!". ابي چيس: "هيءَ ڪهڙي مجلس ۽ نوحه خواني شروع ڪئي اٿئي. ماڻ ڪر. ته ڪچهري ڪريون". تڏهن وڃي امڙ ماڻ ڪئي.

08_07_1986

اڄڪلهه رجعت پرست اردو اخبارون رسول بخش پليجي جي پنڌيان پيل آهن. اڄ به جنگ اخبار ۾ هن خلاف ڏگهيون خبرون ۽ مضمون ڇپيا آهن. هن تي تنقيد ڪئي ته لاهور ۾ پليجي راجا ڏاهر کي هيرو سڏيو آهي ۽ محمد بن قاسم کي لٽيرو. لاهور ۾ جماعت اسلامي وارن وڏا وڏا

جلوس پڻ ڪيا آهن. ته رسول بخش پليجو کي سنگسار ڪيو ويو. جنهن اسلامي هيرو کي لٽيرو سڏيو آهي.

09_07_1986

شام وارين خبرن ۾ ريڊيو حيدرآباد تان انائونسر محمد علي بگهيو فرمائشي پروگرام هلائي رهيو آهي. هن کي خبر آهي الائي نہ. ته سندس پاءُ غلام اصغر ممٽائي جا بليڪ وارنٽ اڇي ويا آهن. اڄ هن جي آخري ملاقات ٻه ڪرائي وئي آهي. هن کي ٻه فوجي ڪورٽ ڪرمنل ڪيس ۾ موت سزا ڏني آهي.

10_07_1986

اڄ جيل معمول موجب کلي ويو. مونکي آڻت ٿي ته اصغر ممٽائي بچي ويو هوندو. چو ته جڏهن قيدیءَ کي موت سزا ايندي آهي ته ان ڏينهن جيل ديرسان کلندو آهي. سو مون حوالدار رحيم بخش پٽو کان پڇيو ته: "اصغر ممٽائي جو ڇا ٿيو؟" هن چيو: "هاءِ ڪورٽ ۾ سزا کي چئلينج ڪيو ويو آهي. جنهن هاءِ ڪورٽ ۾ فيصلو ٿيڻ تائين منع ناموجاري ڪري ڇڏيو آهي".

ٻئي طرف بي بي سي ٻڌايو ته غير جماعتي ۽ غير جمهوري اسيمبليءَ ۾ شريعت بل پاس ڪيو ويو آهي. آئين ۾ 9 ترميم ڪري ملڪ ۾ اسلامي قانون نافذ ڪرڻ جو قانون پاس ڪيو ويو آهي.

13_07_1986

اڄ وائيس آف آمريڪا خبر ڏني آهي ته پ پ جي چيئرپرسن مس بينظير پٽو پاڪستان کي آمريڪا طرفان ملندڙ فوجي امداد جي حمايت ڪئي آهي. هيءَ آهي ملڪ جي ٻڌي ۾ وڏي مخالف ڌر جي پارٽيءَ جي سربراهہ. ايترو شرم ۽ نٽو اڇي ته اِهو مطالبو ڪن. ته جيستائين ملڪ جمهوريت بحال نٿي ٿئي. تيستائين فوجي امداد بند ڪئي وڃي. ڇو ته آمريڪا کان ملندڙ امداد ۾ هٿيار ۽ گاڏيون ملڪ جي عوام خلاف استعمال ٿي رهيا آهن.

19_07_1986

بي بي سي اڄ رات ٻڌايو ته رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي خاموشيءَ

سان ڪراچي پهچي ويو آهي. هُو لنڊن ۾ غلام مصطفيٰ کر ۽ ان جي اڳوٽي گهرواري تهمينہ جي ٻارن جو جهيڙو نبيرڙ ويو هو غلام مصطفيٰ کر ٻہ واپس اچي ويو آهي. جنهن کي اسپيشل ملٽري ڪورٽ طرفان 14 سال جي سزا مليل آهي. لڳي ٿو تہ جتوئي صاحب فوج سان معاملا نبيري پوءِ آيو آهي. نہ تہ غلام مصطفيٰ کر ايئرپورٽ تان ئي گرفتار ٿي وڃي ها. جتوئي صاحب جو روپوش فرزند غلام مرتضي خان جتوئي ٻہ موٽي آيو آهي. هُو ٻہ ڪنهن ڪورٽ مان ضمانت حاصل ڪرڻ کانسواءِ گهمندو پيو وتي. بابا جيل تہ رهڻو اسان ڪميونسٽن لاءِ آهي. سوويت يونين افغانستان ۾ هجڻ سان ڪميونسٽ جو مٿو خراب ٿي ويو. تہ ڇاڻ هتي ٻہ انقلاب آيو. ادائي ماٺهن کي تيل مالش ڪرائي ويهي رهيا.

20_07_1986

اڄ محمد خان ماڇيءَ (سولنگي) جو ننڍو پاءُ منظور سولنگي ملڻ آيو آهي. ڪاليج جو شاگرد آهي پر هي ماڇي ذاڏا ٿڪ آهن. سو ٻڌايائين هفتو اڳ هن جي فرنٽ جي سربراهہ ممتاز پٺو سان حيدرآباد ۾ ملاقات ٿي. جئہ هن کي مون چيو تہ: "توهان جي فرنٽ جي پروگرام کي رهڻو ڳالهين جو ڳهير وچولو طبقو ئي سمجهي سگهيو آهي. جيڪو رهڻو چانهہ جي ڪوپ تي ٻاکڙا هوٽل تي ويهي سياست ڪندو آهي. باقي جنهن کي عوام ٿو چئجي. اُهو اِهو لفظ ڪنفيڊريشن کي سمجهي ئي نہ سگهيو آهي". ان تي ممتاز پٺو ڪجهہ دير تائين سوچيندو رهيو. پوءِ مون کان سوال ڪيائين تہ: "ڪٽي تون ڪميونسٽ تہ ناهين؟". منظور چيو تہ: "وري پ پ وارن سان بحث ٿيو مان هنن کي چيو تہ توهان جي قيادت سميت توهان ۾ هڪڙو ٻہ ماٺهو نظرياتي ناهي. ان تي هُو ٻہ چڙي پيا. تہ مان ڪيئن ٿو چوان تہ هو نظرياتي ناهن. مون چيو: "تہ توهان شعوري سياست ٻہ نٿا ڪريو. توهان جي سياست عقيدي واري ٿي پئي آهي. شهيد پٺو کي توهان پير بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن کان توهان مرادون ۽ پٽ گهرڻ لاءِ مزار تي سکان ۽ گل ڪٽي تا وڃون. توهان جي جدوجهد جو نظريو ڪهڙو آهي". چئي: "ان تي هُو وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مون ٻڌي جان ڇڏائي".

3 وڳي اسان سنگت سات سان ملاقات ڪري موٽي اچي ماني کائي رهيا هئاسون، ته ملاقات جي پرچي آئي. ڏاڍي حيرت ٿي ته جلاد مريءَ جي دور ۾ ٻي ملاقات جي پرچي، ڪير ٿو ٿي سگهي؟، مون سوچيو متان فاضل راهو هجي، اُهو ئي زبردستي ملاقات وٺي سگهي ٿو. چو ته اُهو دبنگ ماڻهو آهي. اسان ماني کائي ماڙي (گيٽ) تي پهتاسون تہ جيلر چيو: "منهنجو استاد جمال نقوي توهان سان ملڻ آيو آهي"، محمد خان سولنگي ۽ ڪمال وارثي سميت اسان هڪا ٻڪا ٿي هڪٻئي کي ڏسندا ئي رهجي وياسين. ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو ڊپٽي سيڪريٽري جنرل ۽ آزاد ٿي ويو؟!!

جيلر چيو: "توهان منهنجي آفيس ۾ ويهو ته مان پروفيسر صاحب کي اندر وٺي ٿو اچان"، اسان جو جارين مان ڏنو ته ڊاڪٽر اعزاز نذير، چاچو رڪن الدين قاسمي، امر لال، مصطفيٰ جماڻي ۽ نعيم شيخ ۽ نظر آيا. اسان جيلر کي چيو: "جيڪي ماڻهو پروفيسر سان گڏ آهن، اُهي سڀ جا سڀ اندر آڻ"، هن چيو: "اِهو منهنجي وس ۾ ناهي"، محمد خان چيو: "چگو مان ايس پي جلاد مري ڏي ٿو وڃان"، هُو ويو ته هن چيو: "صرف هڪ پروفيسر جمال نقوي اندر چڏيندس ٻيا نہ"، هُو موٽي آيو مون چيو: "اسان ملاقات ئي نٿا ڪريون. هي اسان جا ليڊر آيا آهن. اڄ هنن کي ٻه خبر پوي ته اسان سان هن جيل ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. هلو ته هلون"، اسان واپس وڃڻ لڳاسون ته جيلر مٿي جلاد مري جي آفيس ڏانهن ڊوڙندو ويو سو ساڳي رفتار سان واپس آيو چئي: "چئن ڇٽن کي صاحب اچڻ جي اجازت ڏني آهي، باقي ٻن کي نہ"، مون کيس چيو: "ايندا ته سڀ ايندا، نہ ته اسان ڪنهن سان ٻه ملاقات نہ ڪنداسون"، اسان اڃان ٽ گيٽي ٻه پار نہ ڪئي هئي، ته جيلر ڊوڙندو اچي چيو: "صاحب چيو آهي، سيني جي ملاقات اندر تا ڏيون."

سنگت اندر آئي ته مون پروفيسر کي چيو: "مبارڪ هو"، پروفيسر سمجهي ويو چئي: "شبير منهنجو اِهو خيال نہ هو ته توهان کي سزا لڳندي"، مون چيو: " ته پوءِ انهن وڪيلن کي اِهو رستو چو ڏنو ته سرڪاري وڪيل وارا سوال اُهي ڪن، تہ اِهو سڄو سامان شبير شر ۽ ڪمال وٽان مليو آهي.

توهان ۽ جام ساقي اسان جي احتجاج جي جواب ۾ چيو هو ته توهان ٻاهر نڪري پارٽي جو ڪم ڪرڻ ٿا چاهيو. پر هاڻ جڏهن ٻاهر نڪتا آهيو ته پارٽيءَ جا ڪم لاهي رهيا آهيو. هي اڪثريت ۽ اقليت جو جهيڙو ڇا آهي؟"، ان تي امر لال وچ ۾ گهوپي هڻڻ جي ڪوشش ڪئي. مون ڪيس چيو: "تون خاموش رهه. هي پارٽي مسئلو آهي، جنهن جي تو جهڙي ٻار کي خبر ناهي"، ان تي محمد خان سولنگيءَ مونکي چيو: "يار ساڻي آيا آهن، ته ڪچهري ڪريون. هي جهيڙو ڇو پيا ڪريو؟"، ان تي ڪمال وارثيءَ چيس: "تون چپ رهه. توکي مسئلن جي خبر ناهي. پارٽي ٽٽڻ ٻڌي ويجي. شبير درست ڳالهه رکي رهيو آهي".

ان تي پروفيسر جمال نقوي جو بلڊ پريشر چڙهي ويو چئي: "شبير شر سدائين مون تي الزام لڳائيندو رهيو آهي. اڄ ٻه هي مير ٽيبي ۽ مختيار باچا جي چوڻ تي ڳالهائي رهيو آهي. اڻو ته هلون"، اٽيو اِهو ٿو ويجي...!

واپسيءَ تي محمد خان چيو: "يار شبير، تو سنو نه ڪيو"، مون چيو: "مان سنو نه ڪيو! پارٽيءَ جا ڪرتا ڌرتا اسان سان گڏ گرفتار ٿيا. نذير عباسي شهيد ٿي ويو. اسان ۾ کي سزا لڳي وئي. جام ساقي ڪيس مان، جام ساقي، پروفيسر جمال نقوي آزاد...! سزا صرف ڪيس کي لڳي وئي، يعني ڪمال وارثي ۽ شبير شر!

25_07_1986

اڄ رات اٺين وڳي جي خبرن ۾ بي بي سي ريڊيو خبر ڏني ته پاڪستان ۾ ڪاپي ڌر جي چئن پارٽين جو انضمام ٿيو آهي، جنهن تحت هڪ پارٽيءَ کي وجود ۾ آندو ويو آهي. ان جو نالو عوامي نيشنل پارٽي رکيو ويو آهي، ولي خان کي ان جو صدر مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو اڳ ۾ به ڪاپي ڌر جي پابندي لڳل نيشنل عوامي پارٽي جو صدر رهي چڪو آهي. هن نئين پارٽي ۾ جيڪي پارٽيون شامل ٿيون آهن، انهن ۾ اين ڊي پي، پي اين پي (لطيف آفندي)، عوامي تحريڪ (رسول بخش پليجو) ۽ مزدور ڪسان پارٽي (سردار شوڪت علي)، جڏهن ته پي اين پي جي صدر مير غوث بخش خان بزنجو پنهنجي پي اين پي کي الڳ رکيو آهي ۽ شامل ٿيڻ کان انڪار

ڪري ڇڏيو آهي. مطلب تہ پي اين پي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ ڏڙي پي اين پي کي ڇڏي عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي.

مونکي هي اتحاد غير فطري ۽ عارضي ٿو لڳي. ان ڪري جو عوامي تحريڪ ڪميونسٽ سان بلڪل نٽي نٿي. غلام محمد بلور جي سوچ ڪميونسٽ دشمن رهي آهي. اسان جا دوست ڏاڍو خوش آهن. پر مونکي نٽو لڳي تہ ڪو هي اتحاد گهٽو عرصو هلي سگهندو. غوث بخش بزنجو شامل نہ ڪري ڪميونسٽن مان جان ڇڏائي آهي. جيڪي هن جي پارٽيءَ ۾ رهندي نعرا "تنهنجو ساڻي منهنجو ساڻي" جا لڳائيندا رهندا هئا.

26_07_1986

اڄ جي اخبارن ۾ ڪابي ڊر جي پارٽين جي اتحاد ۽ هڪ پارٽي ناهڻ جي سلسلي ۾ خبرون ڇپيل آهن. تصويرون بہ آهن. جن ۾ ولي خان. لطيف آفريدي. شوڪت علي ۽ رسول بخش پليجو خطاب ڪري رهيا آهن. ولي خان پنهنجي تقرير ۾ افغان انقلاب جي پرپور حمايت جو اعلان ڪيو آهي ۽ سڀني ترقي پسندن کي ڪابي ڊر جي نئين انضمام جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيل عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي.

28_07_1986

سانوڻ جي رت منهنجي ڪمزوري رهي آهي. اڄ ڪارا بادل لامارا ڏئي رهيا آهن. لڳي ٿو تہ اڄ دلدار جو ديس وسندو. شام پنجين وڳي کان ڪارن بادلن جو وسڻ شروع ڪيو تہ بس ئي نہ پيا ڪن. منهنجو ڳوٺ هتان کان 80 ميل آهي ۽ هر طرف پٽون ئي پٽون آهن. مان ننڊپڻ ۾ وسندڙ مينهن ۾ ڀڪريون چارڻ وقت پٽن تي ٻلهاڙو راند شوق سان کيڏندو هئس. اسان بہ جهڙوڪر ٽريا ئي تہ آهيون. اڄ اُتي واهہ جو مزو هوندو. پر ڪيئن گذاريان قيدن ۾ _ لطيف سرڪار بہ تہ ٽريو هو.

31_07_1986

اڄ هڪ ست پيرا رتائر ڊ ٽي بار بار جيلن جو آءِ جي ٽيڻ جو جنون رکندڙ آءِ جي علي ڏنو پنهور هن جيل جي دوري تي آيو. هن کي اسان سان

ڪچهري ڪرڻ جو شوق ٿيو ۽ اچي ويهي رهيو. پوءِ پنهنجي زندگي جا تجربا ٻڌائڻ لڳو. اسان چيس: "اسان کي تنهنجا تجربا ٻڌڻ جو شوق ناهي. هتي هن جيل کي هٽلر واري ڪنسٽريشن ڪئمپ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. تشدد جي انتها ٿي رهي آهي. هڪ جنوني ۽ ذهني مريض کي هن جيل جو ايس پي مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن جو اِهو فلسفو آهي ته تشدد ئي مسئلن جو حل آهي. هتي ڪو پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار ايس پي رکو. جيڪو هن جيل جي انهن قيدين جي اصلاح ڪري. جيڪي بي سبب خون ڪري. ڏاڙا هٽي ڦرون ڪري هتي ٿا اچن. هن جيل جي ايس پي ۽ ڪرمنل قيدين ۾ ڪو ته فرق رکو. چا توهان چار پيرا آءِ جي جيل رهي به اِها ڳالهه نه سمجهي سگهيا ته ماڻهن جي اصلاح تشدد سان ناهي ٿيندي. هي پاڳل قسم جو ايس پي رکيو ويو آهي. جيڪو پاڻ به بند وارڊ ٿيڻ جي قابل آهي". پنهور صاحب جي ته بولتي بند ٿي وئي. 78 سالن جو ڪراڙو ماڻهو بلڊ پريشر وڌي ويس. سو جمال مريءَ کي چيائين: "هي صحي ٿا چون. تون پاڻ پاڳل آهين. ايڏو تشدد ڪرڻ سان واقعي اصلاح نه ٿيندي آهي. مان توکي سسپينڊ ٿو ڪريان". ايئن چوندو هليو ويو.

13_08_1986

جڏهن کان قومپرستن ۽ ترقي پسندن جو عوامي نيشنل پارٽيءَ جي صورت ۾ انضمام ٿيو آهي. تنهن کان رجعت پسند اخبارون انتهائي بيچيني جو شڪار آهن. جڏهن ته بقول حفيظ قريشي جي ته: "رسول بخش پليجو قومپرستن کي به گاريون ڏيندو رهي ٿو ته ترقي پسندن کي به. ته پوءِ هي پاڻ آهي چا؟". سو مان سمجهان ٿو ته اِهو انضمام به گهٽو غرصو هلي نه سگهندو. چو ته پليجو صاحب ۽ غلام محمد بلور ٻئي ترقي پسندن کي نه پسند ڪندا آهن ۽ نه ئي برداشت ڪندا آهن. غوث بخش بزنجو پڻ قومپرستن ۽ پليجو صاحب کي به سڃاڻي. ان ڪري ئي ته هو شامل نه ٿيو ۽ پنهنجي پارٽيءَ جي سڃاڻپ کي برقرار رکيو آيو آهي.

13_08_1986

اڄ شام جو ڇئين وڳي ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ مون ڏي ۽ محمد خان

سولنگيءَ ڏانهن نياپو موڪليو تہ اسان هن وٽان چانهہ پي وڃون. اُتي وياسون تہ هن چيو: "شبير شر، توهان پنهنجي پاءُ لياقت علي شر ذريعي جيڪا هاءِ ڪورٽ ۾ قيدين تي ٽيندڙ تشدد جي باري ۾ پٽيشن داخل ڪرائي آهي، اُها مهرباني ڪري واپس وٺو. اسان توهان جا سمورا مطالبا تسليم ڪري ڇڏيا آهن. ڪرمنل ڪيسن ۾ گرفتار قيدين، فقير عنايت هيسباڻي، وحيد شيخ، يعقوب شيخ ۽ نور محمد چاچڙ بہ توهان جي حوالي ڪريون ٿا، جن کي هڪ واٽئين کي پنگ خاطر اغوا ڪرڻ جو ڪيس داخل آهي، هنن مان هڪڙو بہ سياسي قيدي ناهي، وڪيل نارائڻ نظربند آهي، هن تي بہ پارت جي جاسوس هجڻ جو الزام آهي، اُهو بہ اوهان جي وارڊ ۾ ٿا موڪليون. اڳتي جيڪو بہ اهڙو قيدي ايندو، پل سياسي نہ هجي، توهان جي وارڊ ۾ موڪليندا رهنداسون، جيستائين توهان پاڻ تنگ ٿي منع نہ ڪندا".

مون چيو: "اِهي اسان جا ناهن، پ پ وارن يارن جو چوڻ آهي، انهن ۾ هڪڙو يار جڏهن کان ڊيرا اسماعيل خان مان بدلي ٿي آيو آهي، سچو ڏينهن وارڊ ۾ اهڙيون سازشون ڪندو ٿو رهي، جيئن توهان کي خبر آهي ڪراچي ۾ آمريڪي جاسوسي جي الزام ۾ سزا ورتل همراهہ سچو ڏينهن رڳو سازشون ڪندو رهندو هو". مون چيو: "ٺيڪ آهي پائو سان فون تي ڳالهرايو". هن لياقت کي گهرائي فون ڪال ڪئي، جنهن کي مون چيو تہ: "صبح جو سياسي قيدين کي بند وارڊ ڪرڻ واري پٽيشن واپس وٺي".

اسان درخواست واپس وٺي وارڊ ۾ پهتاسون تہ وڪيل نارائڻ داس سميت سيئي همراهہ وارڊ ۾ صوبيدار ڪورائي وٺي آيو. مون کي ان مهل ڏاڍي حيرت ٿي، جڏهن مون ڏٺو تہ وڪيل نارائڻ داس وارڊ ۾ پيرن اگهاڙو آيو. مون صوبيدار کي چيو: "هي ڪهڙي زيادتي آهي"، صوبيدار چيو: "پوليس ئي هن کي پيرن اگهاڙو وٺي آئي هئي". مان هن کي پنهنجي پيرن جي چپل لاهي ڏني، جنهن تي هُن چيو: "نہ سائين! توهان وري ايئن ڪيئن گهمندا؟". مون چيو: "جيئن هيترا ڏينهن توهان پيرن اگهاڙا اگهميا آهيو اسان برابري ٿا ڪريون". هن چيو تہ هو پراٽي نيشنل عوامي پارٽي (نيپ) ۾ رهيو آهي، هن چيو تہ هو سال بہ سال هن جيل ۾ ايندو رهندو آهي، ڪڏهن

روسي جاسوس ته ڪڏهن پارٽي ايجنٽ جهڙا الزام هٽي ڪيس بند ڪيو ويندو رهندو آهي.

مان باٿروم (واشروم) مان فريش ٿي نڪتس. ته باهر ڪرسين تي ڏهه پارنهن ڇٽا نوان ماڻهو نظر آيا. اڳتي آيس ته هنن مان هڪ ڏگهي قدوار شخص اُٺي پاڪر پائي چيو: "شبير شر. ڪامريڊ غلام حسين شر جو ننڍو پاءُ؟". مون چيو "ها"، چئي "مان سيد خورشيد احمد شاهه توهان جي وڏي پاءُ ڪامريڊ کان هڪ سال جونيئر رهيو آهيان. ڊگري ڪاليج سکر. هن سان گڏ مشتاق سرهيو غلام قادر پٽو علي محمد شاهه". پوءِ ته هر بن منٽن کانپوءِ زور سان جيئي پٽو جو نعرو ٿي لڳو ۽ ڏهه پندرهن ڇٽا هڪ ئي وقت پئي داخل ٿيا.

مون کي هاڻ ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته مس بينظير پٽو آگسٽ ۾ تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو هو سو هي گرفتاريون ان جو تسلسل آهن. اڄ جيل وارا اوچتو مهربان ٿي ان ڪري ٿيا ته سياسي قيدين جي آمد شروع ٿيڻ واري آهي ۽ طاقت جو توازن تبديل ٿيڻ وارو آهي. باقي هاءِ ڪورٽ جي پٽيشن ته ٻهانو هئي.

مون خورشيد شاهه کان پڇيو: "خير ته آهي. توهان هيڏي وڏي خلق ونڊي پهتا آهيو؟". خورشيد شاهه چيو: "توهان کي خبر ناهي؟ سيڀاڻي 14 آگسٽ جو ڏينهن آهي. مس بينظير پٽو وطن واپسيءَ جو اعلان ڪيو هو ته 14 آگسٽ کان نئين سِر جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪ هلائي ويندي". خورشيد شاهه چيو ته: "هت نوڪيئي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي اعلان ڪيو هو ته هُو سيڀاڻي مينار پاڪستان تي جلسو ڪرڻ جو اعلان ڪندو مس صاحبه ٻ مينار پاڪستان تي جلسو ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن تي وزيراعظم جلسن جلوسن تي پابندي هٽندي پنهنجي پارٽي جو جلسو ٻ ملتوي ڪري ڇڏيو آهي".

خورشيد شاهه ٻڌايو ته: "اداِ اها صورتحال ڏسي ايم آر ڊي ٻ پ پ سان گڏجي مينار پاڪستان تي جلسو ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ان تي لالو پٽو چيو: "جيئي پٽو سو جوڻيجو جي حڪومت پنهنجي پارٽيءَ جي

جلسي تي بہ پابندي هٽي چڏي آهي". خورشيد شاهہ ٻڌايو تہ: "محمد خان جوڻيجو چيو آهي تہ سيپٽي 14 آگسٽ تي سرڪاري پارٽي بہ جلسا نہ ڪندي. تہ مخالف پارٽين کي بہ جلسا نہ ڪرڻ گهرجن. سو پ پ هاڻي لاهور جي موچي گيٽ تي جلسو ڪرڻ جو پروگرام ناهيو آهي. ان ڪري فوجي ۽ سول حڪمرانن سڄي ملڪ مان ڏڙا ڏڙ سياسي ڪارڪنن جون گرفتاريون ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪري چڏيو آهي.

14_08_1986

اخبارن ۾ سنڌ اندر وڏي پئماني تي گرفتاريون ڪرڻ بابت خبرون آهن. پي اين پي جي سربراهہ غوث بخش خان بزنجو قومي محاذ آزاديءَ جو معراج محمد خان. اقبال حيدر. پ پ جي اين ڊي خان ۽ پيار علي الانا کي گرفتار ڪري نظربند ڪيو ويو آهي. پي ڊي پي جي سربراهہ نوابزادي نصرالله کي بہ نظر بند ڪيو ويو آهي. 1983ع جي ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ سياسي ڪارڪنن جون وڏي پئماني تي گرفتاريون ڪري اڳواٽن کي سندن گهرن يا ريسٽ هائوسن ۾ نظربند ڪيو ويو هو پر هن پيري ضياءَ شاهي گهٽو ڏنل نظر اچي ٿي. سيني ايم آر ڊي اڳواٽن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ بند ڪيو ويو آهي. هتي سکر جيل ۾ بہ ضلعي ليول جا اڳواڻ بہ گرفتار ڪري موڪليا ويا آهن. اسان جي بي ڪلاس وارڊ ۾ هڪ بئرڪ ۾ 20 ڪوليون آهن. سي سپ جون سپ پرجي ويون آهن. ضلعي ۾ تعلقي سطح تائين جا صدر ۽ سيڪريٽري گرفتار ڪري هتي بند ڪيا ويا آهن. جيل ۾ جيڪو جلاد مري دوزخ ٻٽائي چڏيو هو اُهو في الحال تہ وري جنت الفردوس جهڙو ٻڌجي ويو آهي. اسان جي وارڊ ۾ 208 سياسي قيدي پهچي چڪا آهن. انهن ۾ جيڪب آباد جو وڪيل محمد صديق کوسو بہ شامل آهي. هن چيو: "يار شبير مان هيٺ نہ سمهي سگهندو آهيان. مونکي ڪٽ ڏيار". مشتاق پٽو بہ چيو هو بئرڪ ۾ ڪارڪنن سان ننڊ رهي سگهي. سو هن کي ڪٽ ۽ ڪولي کپي. مون چيو: "اسان وٽ ڪٽن جي پنهنجي پورت آهي. سيد خورشيد شاهہ ادا وڏي ڪامريڊ غلام حسين جو دوست آهي. ان کي مان پنهنجي ڪولي ۾ رهايو آهي. باقي صديق کوسو لاءِ اطهر سومرو کان اڌاري ڪٽ ورتي سون".

هتي پ پ جو محب شاهہ آهي. ان کي کتي کنيون بيٺي آهي. سو بئرڪ ۾ گهٽ هجڻ تي بغاوت ڪرائي اٽس تہ: "تيستائين قيدي بند نہ ٿيندا. جيستائين بئرڪ ۾ پکا نہ لڳندا...!". جيلر رضا بلوچ ۽ امان الله نيازي آيا. هنن مون کي منٽ ميڙ ڪئي تہ رات سياسي قيدي بند ٿين. صبح جو پکا لڳرائي ڏيندا سون. پر محب شاهہ صفا پکو ليڊر ٿي ويو آهي. مڃي ئي نٿو. هنن همراهن جو ڪو پتو ڪونهي. تہ ڪيترو عرصو رهندا. هن جي نڪري وڃڻ کانپوءِ جلاد مري خبر ناهي. تہ اسان کان ڪهڙو بدلو ونندو. مون خورشيد شاهہ کي چيو: "سائين. اوهان اڳواڻ آهيو. آفيسر واعدو ٿا ڪن. سياڻي سيڪ پکا لڳي ويندا". خورشيد شاهہ ڪارڪنن کي چيو: "هلو بابا بند ٿيو". ان تي محب شاهہ. غلام قادر پٽو کي سڏي چيو: "توهان بہ تہ پ پ جا اڳواڻ آهيو. توهان چا ٿا چئو؟". هن جا کي خورشيد شاهہ سان ٻاهر کان ئي اختلاف آهن. آهي بہ جڏ قسم جو ماٺهو. سو هڪدم فيصلي واري انداز ۾ چيائين: "ڪو بہ تيستائين بند نہ ٿيندو. جيستائين سڄي بئرڪ ۾ پکا نہ لڳندا ۽ اڳواڻن کي کٽون نہ ملنديون". مون چيو: "پوءِ ٺيڪ آهي. هي جيل تڏل آهي. 60 قيدي قاسي گهاٽ مان فرار ٿيل آهن. هي حساس ترين جيل قرار ڏنل آهي. هاڻ توهان کي فوج اچي بند ڪندي. ايس پي جيل انتهائي درجي جو تڙڪو ۽ پاڳل قسم جو ماٺهو آهي. پٽا تون ۽ محب شاهہ مُنهن ڏجو. اسان پنهنجي ڪوليءَ ۾ ٿا هلون". مون خورشيد شاهہ کي چيو: "سائين اچو تہ پاڻ بند ٿيون".

اڏ ڪلاڪ اندر سؤ سوا سؤ فوجي اسان جي وارڊ ۾ داخل ٿي ديوار سان قطار ناهي بندوقون سڌيون ڪري بيهي رهيا. غلام قادر پٽو. مشتاق پٽو. محب شاهہ سڀ کان پهريان اندر هليا ويا. پنيان ٻيا قيدي. مون غلام قادر پٽو کي سڏ ڪيو: "او ليڊر پٽا. ڪاڏي ٿو پگو وڃين. مُنهن ڏي نا!". راڻيپور جي پير علي تقي شاهہ مون کي اچي چيو: "يار ڳوناڻي آهين. مونکي کٽ نٽي ڪپي. کولي ڏيار تہ مان الڳ سمهان. بئرڪ ۾ سڄي رات رڙبون ٿيون هلن. مان سمهي نٽو سگهان". مان ڪورائي صوبيدار کي چيو: "هن کي کولي ڏيو". هن چيو: "جيلر کي چئہ". مون رضا بلوچ کي چيو. جيڪو جتوئي آهي ۽

منهنجو پراڻو دوست ۽ جو اسان حيدرآباد ۾ اسٽيج ڊرامن ۾ گڏجي اداڪاري ڪندا هئاسون. مون رضا کي سڏ ڪري چيو: "رضا شاهه صاحب! هن کي ست نمبر کولي کولرائي ڏي ۽ ۽ ٽي ڪمبل ۽ ته جيئن هيٺ وڇائي سگهي".

خورشيد شاهه چيو: "غلام قادر پٽو ۽ محب شاهه جو دماغ چا تي خراب ٿيو آهي! وري فوج آئي ته دب ۽ نه ڪٽي سگهيا".

15_08_1986

محب شاهه جي شرارت تي هڪ سياسي قيدين جا مسئلا جيل وارن کان حل ڪرائڻ لاءِ ڪميٽي ناهي وئي آهي. ان ۾ منهنجو ۽ نالو ڏنو ويو. مون انڪار ڪندي چيو ته: "هتي پ پ جي ڪارڪنن جي اڪثريت آهي. سو انهن کي ڪنٽرول پ پ قيادت ئي ڪري ٿي سگهي. اسان جي نه هر ڳالهه مجيندا. نه اسان کو ضابطو ئي رکي سگهنداسون. خورشيد شاهه، سڪندر لاکو، غلام قادر پٽو، قاضي محمد بخش ڏامراهه بهتر ماڻهو آهن. انهن تي مشتمل ڪميٽي ناهي پنهنجو ڪم هلايو".

اڄ هڪ واقعو ٿيو. آغا اشرف، خورشيد شاهه وٽ دانهين ٿيو ته منهنجي ماني ۽ سامان آيو آهي. اُهو مونکي ناهي ملير. سامان آڻڻ واري قيدي کان خورشيد شاهه پڇيو ته: "آغا اشرف جو سامان تو ڪنهن کي ڏنو؟" هن ٻڌڪ ۾ وڃي هلي همراهه ڏيکاريا، جيڪي ماني کائي رهيا هئا. خورشيد شاهه چيو: "اڌ هي ماني توهان جي ته ناهي...!؟" هنن ڦِڪائيءَ مان چيو: "سائين پل ٽي وئي". خورشيد شاهه چيو: "پرائي ماني، فروٽ، سگريٽ ۽ مڙب ڪيو تا وڃون خدا کان ڀجو". آغا چيو: "سائين ماني، فروٽ انهن جو مونکي رڳو سگريٽ ڏين" هُو رڳو سگريٽ ڪٽي وڃي پنهنجي بستري تي ويهي رهيو.

16_08_1986

اڄ رات بي بي سي جي خبرن ۾ ٻڌايو ته ڪراچيءَ ۾ زوردار هنگاما ٿيا آهن. جتي مچريل ماڻهن ويون تي ناڪر سازي ٽرئفڪ جو نظام درهم برهم ڪري ڇڏيو. بئنڪن ۽ گاڏين کي باهيون ڏنيون ويون. پوليس ۽ فوج ماڻهن

تي سڏيون گوليون هلايون. جنهن جي نتيجي ۾ 19 ڄڻا شديد زخمي ٿي پيا. جن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. ماڻهن به پٿر وسائي 15 ڪن اهلڪارن کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. بدين ۾ به احتجاجي جلوس ڪڍيا ويا ۽ ريل جون پٽڑيون اکيڙيون ويون. ۽ اسٽيشن کي باهه ڏئي ساڙي ويو آهي. پوليس ۽ فوج فائرنگ ڪري ڪيترائي ماڻهو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتا آهن. اي اين پي جي يوسف کيڙانو کي گرفتار ڪيو ويو آهي. خيرپور ۾ به زوردار مظاهرا ٿيا. جتي ڊي ايس ايف جي اسد عابدي. رضا محمد دراني ۽ اعجاز پٽو کي گرفتار ڪيو ويو آهي. شاهپورچاڪر ۾ به احتجاجي مظاهرا ٿيا. جتي پير پاڳاري جي حُرن مظاهرين تي فائرنگ ڪري ۽ لڻيون وسائي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. اتي به سؤ ڪن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. نوابشاهه مان 72 ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ جي خبر ٻڌائي وئي. سڪرنڊ وٽ مچريل ماڻهن اين ايل سي جي ٽرالرن ۽ ٽرڪن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو ۽ پنجن ڪلاڪن تائين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. هالا وٽ به روڊ بلاڪ ڪري گاڏين کي باهيون ڏئي ساڙيو ويو. نوابشاهه مان قاضي محمد بخش ڏامراهه. رحيم بخش جمالي. عنايت رند. بخش علي جمالي. ٿوني زرداري سميت پ پ جي سوين ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. لاڙڪاڻي ۾ به جلوس نڪتل جتان به 20 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا آهن.

هن وقت تائين هن تحريڪ ۾ پ پ. قومي محاذ آزادي. پي ڊي پي. اي اين پي ۽ پي اين پي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتارين جون خبرون آهن. باقي ايم آر ڊي ۾ شامل تحريڪ استقلال. مسلم ليگ ملڪ قاسم ۽ خواجا خيرالدين گروپ ۽ جي يو آءِ جو ڪو به نالو نشان نظر نٿو اچي.

17_08_1986

ايم آر ڊي جي قائم مقام ڪنوينر لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عوام کي اپيل ڪئي آهي. ته 18 آگسٽ تي سڄي ملڪ ۾ جاري بيجا رياستي تشدد ۽ سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتارين خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا وڃن ۽ جلوس ڪڍيا وڃن. بي بي سي ٻڌايو ته پاڪستان ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جو سمورو زور سنڌ ۾ آهي. باقي ننهي

صوبن ۾ ايم آر ڊي کي کا خاص موٽ نہ ملي سگھي آهي. ٽندو آدم وٽان ريل جون پٽڑيون اکيڑي ريلن جي اڇ وڇ جو نظام درهم برهم ڪيو ويو آهي. بن پوليس وارن تي عوام پٿر وسائي انهن کي ماري ڇڏيو آهي. دادو جي علائقي پير پنجو ۾ ريلوي اسٽيشن کي باهه ڏئي ساڙيو ويو آهي. بي بي سي ٻڌايو ته دوڙ ۾ اسٽيشن ماسٽر کي باهه ڏئي ساڙيو ويو آهي (هي عمل خراب، اسٽيشن ماسٽر عوام جو حصو آهي. اهڙي تشدد جي مذمت ٿيڻ گهرجي). بي بي سي اِهو به ٻڌايو ته پنجاب حڪومت، پنجاب ۾ جلسن جلوسن تان پابندي ختم ڪري ڇڏي آهي. قاضي محمد بخش ڏامراهه، رحيم بخش جمالي، عنايت رند، بخش علي جمالي ۽ ڏوٽي زرداري سميت سوا سؤ سياسي قيدي اڄ هتي پهچي ويا آهن.

18_08_1986

بي بي سي ٻڌايو ته ايم آر ڊي جي جلسا جلوس ڪيڏي احتجاج ڪرڻ واري سڌ کي اڄ سجي ملڪ مان سڀ موٽ ملي آهي ۽ سجي ملڪ ۾ زوردار قسم جا احتجاجي مظاهرا ٿيا آهن: ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ بسن کي باهيون ڏئي ساڙيو ويو آهي.

24_08_1986

اڄ جيلر رضا جتوئي ٻڌايو ته هن جيل ۾ سائڪا ٽي سؤ ڪن سياسي قيدي پهچي چڪا آهن. اڄ قرباني واري عيد آهي، عيدالفطر پيري به انسان ۽ چور قيدين گڏجي نماز پڙهي هئي، سو هن پيري سياسي قيدين جو تعداد وڌيڪ هجڻ ڪري، جيل جي ايس پي جمال مري، غلام قادر پٽو سان سازباز ڪري بي ڪلاس وارڊ ۾ مولوي موڪلي ڏنو. هتي جا ڦني خان قيدي اڃا ننڍ پيا هئا ته غلام قادر پٽو پنهنجا چاڙتا ونيِ، عيد نماز پڙهائي ڇڏي. ستين وڳي جمال عرف جلاد مري چور قيدين وٽ مولوي وڃي ويجي، عيد نماز پڙهائي جان خلاصي ڪئي ۽ سياسي قيدين ۽ چور قيدين کي ميلاپ کان روڪي ورتو. پوءِ دير سان فقير عنايت هيسباڻي پنهنجي ڪجهه ڪارڪنن کي وٺي نعريبازي ڪندو عام قيدين جي بئرڪن ڏانهن وڃڻ لڳو ته صوبيدار ڪورائي پڇندو آيو ته "فتنو نہ ڪيو جيل مشڪل سان ضابطي ۾ آيو

آهي". محمد بخش ڏامراهه محب شاهه کي چيو: "تون فتنا نٽو چڏين، اڳي وانگر وري ڊيرا اسماعيل خان يا هريپور هزارا جا جيل ڏسندين". غلام قادر پٽوءِ ٻين کي چيائين: "توهان ته مچ جيل جي تياري ڪريو". پوءِ ته پ پ جا وڏيرا ٽيون ڪٽي ويجي، چورن کي موڪلائي آيا.

ٻئي طرف پ پ جي اڪيلي سر شروع ڪيل گرفتارين واري تحريڪ ۾ دم ٽوڙي ڇڏي ڇيڏ لڳي آهي. وڏيرن ته ڊي سي کي معافي ناما ۾ لکي موڪلڻ شروع ڪيا آهن. اڄ لاڙڪاڻي جا ٽي ڇٽا معافي ونڊي آزاد ٿي ويا.

پ پ جا وڏيرا اِهو ۾ چوڻ لڳا آهن ته مس بينظير اڪيلي سر تحريڪ هلائي مارائي وڏو آهي. هاڻ ته فوجي ڪورٽون سزائون ۾ ڏينديون.
25_08_1986

پ پ جي وڏيرڪي قيادت گند ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جيل وارن سان طئه ڪيو ته اندر جي ملاقات تي في سياسي اڳواڻ 50 رُپيا سي آءِ ڊي واري لاءِ جيلر وٽ جمع ڪرائيندو ٻه ڪارڪن 20 رُپيا. ان تي اڄ ملاقات واري هنڌ پ پ ڪارڪنن جا پنهنجي قيادت جي گريبانن ۾ هٿ پئجي ويا. ڏاڍو لڙ بکيڙو ٿيو. نيٺ خورشيد شاهه وچ ۾ پئي ڪارڪنن کي ٺڏو ڪيو ٻه 50 رُپئي وارو شرط ختم ڪرايو.
26_08_1986

پاڻ ليافي علي آيو هن ٻڌايو ته ٽري ۾ هاري ڪميٽي ٻه اي اين پي طرفان جلوس ڪڍيا ويا ٻه ايس ڊي ايم جي آفيس کي باهه ڏني وئي. هن ٻڌايو ته تحريڪ دم ٽوڙي رهي آهي. ايم آر ڊي جي قيادت ۾ پ پ جيڪا هٿ ڏرمي جي ڪري اختلاف ٿي ويا آهن. تحريڪ ختم ٿي رهي آهي. وڏيرا معافيون ونڊي آزاد ٿيڻ لڳا آهن.
27_08_1986

تحريڪ ٺڏي ٿي وڃڻ ڪري پ پ جي جيل ۾ موجود قيادت ٻه ڪارڪن لڏي ۾ سخت مايوسي پکڙجي وئي آهي. ان مايوسيءَ سبب هڪٻئي تي تڏون ٻه ألرون ۾ ڪرڻ لڳا آهن. توصيف ملڪ جو پاڻ سليم

ملڪ بہ هتي آهي. هن ڪيترائي پيرا چيو آهي تہ: "استبدي سرڪل شروع ڪري پ پ جي ڪارڪنن جي تربيت ڪيون". مون چيو: "اِهو عمل اسان کي سدائين گهاٽي وارو پلئہ پيو آهي. جنهن سبب اسان خلاف سازشون شروع ٿي ويندیون آهن. صادق عمراڻي. اشفاق ڪولاچي. ممتاز لاشاري ۽ شريف بروهي جي تربيت جو نتيجو ڪراچي جيل ۾ پوڳي آيا آهيون. جتي پوءِ هنن رفيق سڪي منشي ۽ ظفر عارف جي سازشن ۾ اچي اسان سان جهڳڙو ڪيو ۽ ڊاڪٽر جبار خٽڪ کي ڏڪ هنيان _ هتي توهان جا ڪارڪن هڪٻئي جا ٽي ٻڏڪا لاهڻ لڳا آهن". سليم ملڪ چيو: "پوءِ بہ توهان کي ڪوشش جاري رکڻ گهرجي". مون چيو: "يار. توهان جي پارٽي بي لغام قسم جي آهي. نہ اُن وٽ ڊسيپلين آهي. ۽ نہ ئي قيادت ۽ ڪارڪنن وٽ هڪٻئي جي عزت. هاڻ ڏس. غلام قادر پٽو جهڙو بازاري غنڊو خورشيد شاهہ جهڙي صاف ستري ورڪر لاءِ ڪيڏي نہ بازاري زبان استعمال ڪري ٿو. مشتاق سرهيو جهڙي شريف ۽ غريب ماڻهوءَ جي ڪيڏي نہ ڪِئي انداز ۾ بيعزتي ڪئي". سليم ملڪ چيو: "ها يار. هتي واقعي اسان جي پارٽيءَ ۾ گند لڳو پيو آهي".

28_08_1986

هتي اسان جو جهونو ڪامريڊ رشيد شاهہ بہ گرفتار ٿي آيل آهي. جيڪو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سينيئر اڳواڻ آهي. هن سان ڪچهري ڪري رهيا هئاسون تہ جيلر رضا جتوئي اچي ويو چيائين: شبير هن ڪراڙي جي آزادي جو پروانو اچي ويو آهي. هن کي ٿوري دير ڇڏ تہ هنن سان ڪچهري ڪري ونان". مون چيس: "هاڻ ٽپڙ ٻڌ ۽ وڃي سوير پيرو گاهہ پڻي جي ڪر. اڄو ٿا تہ بشني جيتري بہ سزا نٿا وٺي اڇو ۽ اسان کي ڏاڙيلن واري سزا ڏياري ڇڏي آهي".

29_08_1986

اڄ جمعي جو ڏينهن آهي. مان پنهنجي ڪوليءَ ۾ ويٺو "دي فاريسٽ" ناول پڙهي رهيو هيس. تہ ڪشمور پ پ جو صدر ڊاڪٽر نور احمد ڊاهر ۽ اصغر چاچڙ آيا. جن چيو تہ: "ڪامريڊ ڪچهري ڪرڻ آيا آهيون". مون

چيو: "ويهو". هن ويهندي ئي سوال ڪيو تہ: "ڇا هيءَ تحريڪ ڪامياب ٿيندي". مون چيو: "تحريڪ شروع ٿيڻ کان پهريان ئي ختم ٿي وئي. هاڻ تہ سنگت معافي ناما لکندي ٻاهر پئي وڃي". ايتري ۾ پ پ جا ادب حسين گولاڻو. بشير سرڪي ۽ ڪجهہ ٻيا ب پ ب ڪنڊڪوٽ ۽ ڪشمور جا ڪارڪن منهنجي ڪوليءَ ۾ لنگهي آيا هنن ب ساڳيو سوال ڪيو ۽ مون جواب ب ساڳيو ڏنو. مون چيو: "31 آگسٽ تي غلام مصطفيٰ جتوئي نئين پارٽي ناهڻ جو اعلان ڪيو آهي. اها پارٽي ٽهڻ ڪانپوءِ ئي سگهي ٿو تہ هن جي نئين پارٽي ايم آر ڊي ۾ شامل ٿيڻ جي درخواست ڏيندي. جي اُها درخواست رد ڪئي وئي. تہ هُو ئي سگهي ٿو ضياءَ حمايت تحريڪ ۾ شامل ٿي وڃي.

30_08_1986

اڄ جي اخبارن جون خبرون آهن تہ غلام مصطفيٰ جتوئي نئين پارٽي جو نالو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. اين پي پي (نيشنل پيپلز پارٽي) حنيف رامي، غلام مصطفيٰ کر، ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي، مير عابد حسين جتوئي، عبدالله بلوچ ۽ ٻيا پ پ جا اڳواڻ اين پي پي ۾ شامل ٿيا آهن.

01_09_1986

اڄ بي بي سي جي خبرن جي شِهہ سرخي غلام مصطفيٰ جتوئي جي نئين ناهيل پارٽي اين پي پي جي هئي. ان ۾ پ پ جي قيادت جو وڏو تعداد مس بينظير ڀٽو سان بغاوت ڪري الڳ ٿي. اين پي پي ۾ شامل ٿيو آهي. منهنجي خيال ۾ ان سان پ پ تي ڪو ب اثر نہ پوندو. چو تہ عوام اڳ ۾ ئي اين پي پي جي قيادت جي نيتن کي پرکي چڪو هو. ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسيءَ واري ڏينهن کان. جڏهن اِها سموري قيادت، غلام مصطفيٰ جتوئي، حنيف رامي سڀ جا سڀ ملڪ ڇڏي ٻاهر هليا ويا هئا. ۽ ڀٽو جي زندگي بچائڻ جي تِرَ جيتري ب ڪوشش نہ ڪئي هيائون. هتي جنهن وقت بي بي سي تان غلام مصطفيٰ جتوئي جي ناهيل نئين پارٽيءَ جون خبرون شروع ٿيون، ان وقت ڪارڪن لڏو نعرا هڻڻ لڳو. "جتوئي ۽ کر، دربدر، دربدر". "بي بي سي تي، لعنت". سليم ملڪ، غلام مصفيٰ گائنچو ۽ ڊاڪٽر اڪرم

اصغر چاچڙ مونکي چيو: "ان تي تبصرو ڪر". مون چيو: "ان سان پ پ جي صحت، قد، وزن ۽ بُٽَ تي تِرَ جيترو به اثر نه ٿيندو. اِها پارٽي ڪڏهن به عوام ۾ عزت نه ماڻي سگهندي. اِها قيادت وائکي ٿي وئي. عوام انهن تي اڳ ۾ به پروسو نه ڪندو".

02_09_1986

اڄ پ پ جو جام فيروز منهنجي ڪوليءَ ۾ آيو چيائين ته: "توهان مون سان ملڻ ڏٺا اچو. چو ته مان وڏو ليڊر نه آهيان". مون چيو: "جام صاحب، مان ته ڪنهن به وڏي ليڊر سان ڪونه ملندو آهيان. توهان ايئن ڪيئن ٿا چئو؟". هُو ٿوري دير وينو ۽ پوءِ چيائين: "شام منهنجي چانهن پيئڻ اچو". هن يار کي وري ٽئين نمبر بئرڪ ۾ رکيو ويو آهي. سو مان شام جو هن وٽ ويس. هُن حيرت انگيز خبرون ٻڌايون ته سندس پاءُ جام تماچي ضياءَ حڪومت ۾ سينيٽر آهي ۽ هيءُ پاڻ مخدوم شفيق الزمان سان دوستي هجڻ ڪري پ پ ۾ شامل ٿيو آهي.

03_09_1986

اڄ ملاقات تي ويس ته الائي چو ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ جميل صديقي مونکي سڏايو. اتي جو ويس ته حيرت جي حد نه رهي. جميل صديقي جو شايد مون ۾ ڪوبہ ڪم نه هو هن مونکي شايد هيءُ منظر ڏيکارڻ پئي چاهيو. مون ڏٺو ته ڪرسين ۽ صوفن تي پ پ جا اڳواڻ باباءِ جيل قاضي محمد بخش ڏامراهہ، آغا سيف الدين، سيد خورشيد احمد شاهہ ۽ ڪجهہ ٻيا اڳواڻ وينا هئا. ٻہ ڇڻا هيٺ ٻڏ تي وينا هئا. جن مان مون هڪ کي سُڃاتو هُو محمد بخش لاکو هو. جو اُهو 1983ع جي تحريڪ دوران جتوئي گروپ جو سڏائيندڙ ڪراچي جيل ۾ مليو هو. ٻئي کي مان نه سڃاڻي سگهيس. اِهي چئي رهيا هئا ته: "قاضي صاحب، جتوئي صاحب تنهنجي ڏاڍي عزت ٿو ڪري. هن چيو آهي ته قومي حڪومت ٺهڻ واري آهي. محمد بخش ڏامراهہ سنڌ جو چيف منسٽر هوندو". ان تي ڏامراهہ چيو: "مون کي ان قومي حڪومت جي وزيراعظم جي ڪُرسي ۾ قبول ناهي. مان مُٺان اهڙي قومي حڪومت جي ٻوٽ ۾، جيڪا پٺو جي خون تي سوديبازي ڪرڻ جي نتيجي

ٻ ملي اُٺ لاکا تون وڃي نوابشاهه ٻ رنون کپاءِ ٻ پزوت ڪر. ٻڙوا نون هليو آهين. اسان کي وڪرو ڪرڻ". ڏامراهه ته مون کي اڄ انقلابي ڳوٺ نظر آيو
05_09_1986

اڄ صبح ساڻ جيل گزيت (مطلب ڪوڙي خبر) جيڪا سڏائين ٻ ٻ پنوعاقل جو غلام مصطفيٰ بوزدار پکيڙيندو رهندو آهي. اڄ هن خبر پکيڙي آهي ته جهاز اغوا ٿيو آهيٰ جنهن جي هائيجيڪرن مس بينظير ڀٽو جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو آهي. غلام مصطفيٰ سرڪ مسٽو بوزدار جي خبرن تي يقين ناهي هوندو. سيد خورشيد احمد شاهه جي. "سيٽمي 6 سيپٽمبر تي ايم آر ڊي ٻ ٻ احتجاجي مظاهرن جو اعلان ڪيو هو حڪومت ان کي ناڪام بڻائڻ لاءِ 1981ع حيان هي، کيل ٻ ضياء شاهيءَ جوئي ٿي سگهي ٿو".
06_09_1986

اڄ صبح جو وائيس آف آمريڪا بڌايو ته پاڪستاني ڪمانڊوز اغوا ٿيل پي آءِ اي جي جهاز تي گولين جي بوڇاڙ ڪئي. جيڪا جي نتيجي ۾ هڪ هائيجيڪر مارجي ويو ۽ 16 مسافر پڻ مارجي ويا ۽ 30 مسافر سڌيد زخمي ٿيا آهن. جهاز جي بجليءَ جون تارون ڪٽي اوڏ هي ڪٽي رڻي جنهن ڪري هائيجيڪرن مسافرن کي مارڻ شروع ڪيو. ايمرجنسي گيٽن مان مسافر نڪالڻ لڳا. جن جون جنگهون پڇي پيون.

پارٽ جي وزيراعظم راجيو گانڌي چيو آهي ته "پاڪستاني ڪمانڊوز جو ايڪشن ناڪام ويو. جنهن جي نتيجي ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ مسافر زندگيون وڃائي ويٺا ۽ باقي زندهه بچي ويل سڏائين لاءِ اباهه ٿي ويا. حڪومت مسافرن جي زندگين کي اهميت نه ڏئي انتهائي نااهليءَ جو مظاهرو ڪيو آهي". هن چيو ته: "هونئن به پاڪستان خراب ڪاڪردگي جي همت افزائي ڪندو رهيو آهي ۽ پارٽ جا جهازا اغوا ڪرائڻ ۾ سان جوهت رهيو آهي. ۽ هاڻ ان بيماريءَ ۾ باڻ به مبتلا ٿيڻ لڳو آهي".
07_09_1986

اڄ ڊاڪٽر ظفر پٽو اختيار پٽو. اصغر چاچڙ ۽ نظار سميجو سان

ڪچهري ٿي. ظفر پٽو ۽ نظام سميجو پ پ جا آهن. جڏهن ته اختيار پٽو ڊاڪٽر ظفر پٽو جو ننڍو پاءُ آهي پر هن جو تعلق ڪميونسٽ پارٽي سان آهي. محمد خان سولنگي هتي استڊي سرڪل شروع ڪيو آهي. جنهن ۾ ظفر پٽو. اختيار پٽو. نظام سميجو. سنر چانڊيو. چاڪر خان چانڊيو ۽ رشيد لاڙڪ شامل آهن ۽ روزانو استڊي سرڪل ۾ شريڪ رهندا آهن. ستار رند به سرڪل ۾ شامل رهيو آهي.

08_09_1986

اڄ جي اخبارن ۾ خبر آهي ته: "پ پ جي چيئرپرسن مس بينظير پٽو جي سنڊس ڪيس جي پاڻ پيروي ڪرڻ واري درخواست منظور ڪري ورتي آهي ۽ هوءَ 9 سيپٽمبر تي پنهنجي ڪيس جي پاڻ پيروي ڪندي". اخبارن لکيو آهي ته: "هاءِ ڪورٽ جي ان فيصلي کانپوءِ حڪومت ڏڇي ۾ پڻجي وئي آهي. جو ته جتي مس بينظير ايندي. اُتي لکن جي تعداد ۾ خلق به پهچندي ۽ پوءِ 'ضياءُ ڪتا. هاءِ هاءِ'. 'مارشل لا.. مردہ باد' جا نعرا ٻه لڳندا. ٿوري دير اڳ ۾ سليم ملڪ ۽ ڊاڪٽر اڪرم مسڙ مون وٽ آيا ۽ مونکي جيائون ته: "مان هاءِ ڪورٽ واري فيصلي تي تبصرو ڪريان". مون چيو: "مس پٽو کي سرڪار ڪورٽ وئي ئي نه ويندي. ٻيو ته ان سان هاءِ ڪورٽ بااختيار ٿي ويندي يا ته ايئن ٿيندو جو مس پٽو کي سرڪار آزاد ڪري ڇڏيندي. ته جيئن هن جي پٽيشن بي اثر ٿي خارج ٿي وڃي ۽ هاءِ ڪورٽ کوبه فيصلو نه ڪري سگهي".

ٻئي طرف شاهنواز جڪراڻي کي ٽيڙ ڪڍائي اسپتال موڪليو ويو آهي. جو ان جي ڪوليءَ ۾ علي تقي شاهه ۽ آغا سيف الدين کي رکيو ويو آهي. هن چڙ ۾ چيو: "هن جو بنگلو سياستدان کي ڪيندو هو ان ڪري هن سان سپاف جي واحيات چورن کان بدتمزي به ڪرائي اٿن".

09_09_1986

صبح جو 7 وڳي اک کُلي ته نلڪي تي سياسي فيدين جي وڏي رش نظر آئي. هونئن ته هر ڪو ڏهين يارهين وڳي وهنجندو آهي. پر اڄ خبر ناهي ته چا ٿيو آهي! عزيز الله مري به وراندي ۾ بينو هو. هن ٻڌايو آهي ته

ريڊيو تي خبر آئي آهي تہ اڄ هنن کي آزاد ڪيو ويندو. سو بسترا ٻڌي هاڻ وهنجڻ ٻيٺا آهن. سڪندر لاکي ٻڌايو تہ: "رات اِها خبر ٻڌڻ کانپوءِ ڪير بہ ناهي سُتو همراهہ سڄي رات سڄ اُيرڻ جو انتظار ڪندا رهيا آهن. هڪ مهيني جي جيل همراهن کي چتو ڪري ڇڏيو آهي".

منهنجي ملاقات آئي تہ مان ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ کان پڇيو تہ: "سياسي قيدين کي ڇڏيو ٿا چاڻ". هن چيو: "اڄا تائين اهڙو ڪو بہ آرڊر ناهي آيو". پوءِ مون ڏٺو تہ ڊي ايس ايف لاڙڪاڻي جو ساڻي ڪبير شاهہ ٻيٺو هو هن ٻڌايو تہ هو صبح ڏهين وڳي کان ٻيٺو آهي. مون چيو: "اڄ سياسي قيدي آزاد ٿيا آهن. سو اسان جيڪي مستقل سياسي قيدي آهيون. انهن جي ٿوري تعداد ۾ هجڻ ڪري جيل وارا هاڻ کان تنگ ڪرڻ لڳا آهن".

شام جو سکر سان تعلق رکندر سياسي قيدي آزاد ڪيا ويا. جن ۾ سيد خورشيد شاهہ. آغا سيف الدين. علي محمد شاهہ. روهڙيءَ جو خالد ۽ نادر شاهہ سميت 39 جڻا شامل هئا. سليم ملڪ ۽ ڊاڪٽر اڪرم مسڻ. قطب الدين. ڊاڪٽر ظفر پٺو. غلام مصطفيٰ گائنچو اختيار پٺو. نظام سميجو چيو تہ: "اڄ شام جو آخري راٽوند لڳايون". پوءِ گڏجي چڪر هنيون سون. چڪر هڻي رهيا هئاسون تہ جيڪب آباد جا دوست موڪلائڻ آيا. جن ۾ ڊاڪٽر نور احمد ڊاهي. صفر جانڊيو. اصغر چاچڙ. محبوب شاهہ. سليمان دستي. اعجاز ترين. بشير کوسو. بشير سرڪي ۽ ادب حسين گولاڙو شامل هئا. رات جو اٽين وڳي لاڙڪاڻي جي سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويو. جن ۾ ڊاڪٽر اڪرم مسڻ. سليم ملڪ. غلام مصطفيٰ گائنچو ۽ سيد ديدار حسين شاهہ شامل هئا. سيد ديدار حسين شاهہ چيو: "ادا. جيستائين هي مارشل لا جا ملعون ويٺا آهن. پاڻ ملڻ پيا ايندا رهنداسون". غلام الله ماهوٽو ۽ غلام مجتبيٰ اسراڻ بہ هنن سان گڏ آزاد ٿي ويو.

10_09_1986

اڄ اُهي سياسي قيدي بہ آزاد ٿي ويا. جن تي ڪيس داخل هئا. شايد انهن کي ضمانتن تي ڇڏيو ويو آهي. جن ۾ انعام الله دل. نذير احمد دل. ڊاڪٽر ظفر پٺو. اختيار پٺو. نظام الدين سميجو ۽ مبارڪ شاهہ شامل هئا.

باقي سڪندر لاکو اسماعيل مگريو غلام مصطفيٰ ابڙو ۽ محمد نواز عباسي رهجي ويا آهن. جن تي بغاوت جو ڪيس لڳل آهي.

12_09_1986

اڄ رات بي بي سي ريڊيو ٻڌايو تہ ايران جي اڳوڻي بادشاهہ رضا شاهہ پهلويءَ جي پٽ محمد رضا شاهہ ايران جي خفيہ ريڊيو اسٽيشن تان خطاب ڪندي ايراني عوام کي امام خميني‌ءَ خلاف بغاوت ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. جيڪا بہ آمريڪي سي آءِ اي جي سازش ٿي لڳي.

13_09_1986

اڄ غلام قادر پٽو، چاڪر چانڊيو علي محمد بروهي ۽ ٻيا ساٿي ملڻ آيا. چاڪر چانڊيي چيو تہ هُو تمام جلد ٻين سميت سنڌ هاري ڪميٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪندو. هن چيو تہ: "ٻين ساٿين جي ضمانت ڪرائي ڇڏي آهي. حاجي ارباب جلباڻي بچيو آهي. ان جي سياسي تربيت ڪريو ۽ پاڻ سان رکوس. باقي بچيري جا نوح فقير سهتو محمد وارث سهتو مشتاق سهتو نذير محمد سهتو شبير سهتو ڏوڙ جا زوار ڏڻي. پرتو زرداري، قادر بخش کوسو ۽ ٻين جون بہ جلد ضمانتون ڪرائيبيون. انهن کي بہ دلجاءِ ڏيو".

14_09_1986

اڄ جي اخبارن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جا فيصلا ڇپيا آهن. ٽِکا خان ۽ آفتاب شير پائو پريس بريفنگ ڏيندي اخبارن وارن کي ٻڌايو تہ شيڊول مطابق تحريڪ 20 سيپٽمبر کان ئي شروع ٿيندي. هاڻ رڳو حڪمت عملي ۾ فرق هوندو. باقي پروگرام ساڳيو رهندو. ٻئي طرف خواجہ خيرالدين جو بيان ڇپيو آهي. جنهن ۾ هن چيو آهي تہ في الحال 7 سيپٽمبر تي تحريڪ هلائڻ جي ضرورت ناهي. تنظيم ڪاري ڪرڻ جي ضرورت آهي. پ پ جلد بازي کان ڪم ونڊي رهي آهي. پ پ جي آگسٽ ۾ هلايل تحريڪ جو جيڪو حشر ٿيو آهي. 20 سيپٽمبر واري تحريڪ جو حشر ان کان بہ برو ٿيندو.

ان مان لڳي ٿو تہ ايم آر ڊي ڊڻي بندي جو شڪار آهي ۽ پ پ قيادت جا اڪيلائپ وارا فيصلا ايم آر ڊي ٽٽڻ جو سبب بڻجي رهيا آهن.

15_09_1986

اڄ ڏهين وڳي فقير عنايت هيسباڻي ۽ اعجاز ڪماريو آيا. هنن چيو: "سياڻي ڏهين محرم آهي. اڇي چڪر ۾ الم لڳل آهي. اسان اُتي ماتم ڪرڻ وينداسون". مون چيو: "ڀٽي سان ڳالهايون ٿا". ڀٽي ڏي ڇڻ موڪلي. جنهن 3 وڳي گهرايو. پهريان هُو سياسي صورتحال تي ڳالهائڻ لڳو ته: "هتان جڏهن ليڈر آزاد ٿيو پئي ويا. تڏهن اُهي چوندا ويا ته 20 سيپٽمبر واري تحريڪ نه هلندي". مون چيو: "پ پ قيادت ته فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ 20 سيپٽمبر به ويجهو آهي. ڏسون ته چا ٿو ٿئي؟" پوءِ هن کي مقصد تي آندوسون. ان تي هن چيو ته: "جڏهن توهان عيد نماز پنهنجي واري ۾ پڙهي سگهو ٿا ته ماتم به ڪري سگهو ٿا". اعجاز ڪماريو چيو ته: "اتي الم لڳل آهي". هن چيو: "اِتي به الم هٽي سگهو ٿا. هي جيل سڄي دنيا ۾ بدنام ٿي ڇڪو آهي. ڏاڍي مشڪل سان ڪنٽرول ٿيو آهي". اسان جا همراهه جذباتي ٿي ويا. چيائون ته: "اسان هر صورت ۾ اڇي چڪر ماتم ڪرڻ وينداسون".

16_09_1986

اڄ شهيد انسانيت حضرت امام حسين ع جي شهادت جو ڏاڙو آهي. جيڪو سڄي دنيا ۾ ملهايو وڃي ٿو. اڄ سياسي قيدين ڏهين محرم جو ماتمي جلوس ڪڍي اڇي چڪر وجهڻ لڳا ته مقدم قيدين ۽ جيل پوليس هنن جو رستو روڪيو. ولي محمد سهتي ٻڌايو ته "جهيڙو ٿي پيو آهي". مان. ڪمال وارثي. اسرار خشڪ اتي وياسون ته مقدم اعجاز ڪماريو ۽ فقير عنايت هيسباڻيءَ کي ڀڪ وجهي ٻيئا هئا. مون صوبيدار کي چيو: "هي توهان سنو ٿا ڪريو جيل جو پُرامن ماحول توهان پاڻ پيا خراب ڪريو". مقدم قيدين کي چيو ته: "توهان يزيدي آهيو جو يزيدي پوليس جي چوڻ تي ماتمدار قيدين سان پيا وڙهو". اُن تي اُهي پوئتي هٽي ويا. پوءِ ڀٽي جيلر کي موڪليو ويو. جنهن پوليس کي پوئتي هٽايو ۽ ماتمدار قيدي اڇي چڪر طرف ماتم ڪندا ويا. زوار ڏٺي. پر تو زرداري نوحو شروع ڪيو.

"ڪر ڳئي وچ زندان قضا. هئي ارمان سڪينا دا".

17_09_1986

اڄ صبح بي بي سي ۽ وائيس آف آمريڪا ٻڌايو تہ اسلام آباد ۾ سوويت يونين جي ملٽري اتاشي کي گوليون هڻي ماريو ويو آهي. هن جو قاتل بہ گرفتار ڪيو ويو آهي، جنهن ڇيو آهي تہ هو روز ويزا لاءِ ڇڪر هڻندو هو ۽ هن کي ويزا نہ ڏني وئي، جنهن کان تنگ ٿي هن کي قتل ڪيو. حڪومت قاتل کي ذهني مريض قرار ڏنو آهي. ٻئي طرف لاهور، راولپنڊي، ڊيراسماعيل خان ۽ پنجاب جي مختلف هنڌن تي شيعا سني فساد بہ شروع ٿي ويا آهن.

جڏهن تہ ماسڪو ريڊيو سوويت يونين جو بيان جاري ڪيو جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ سوويت سفارتڪار جو خون پاڪستان کي هضم ڪرڻ نہ ڏنو ويندو.

18_09_1986

اڄ پ پ ڇيري سان تعلق رکندڙ 9 ڪارڪن آزاد ٿي ويا، جن ۾ الله وسايو زرداري، محمد وارث سهتو، گل محمد جمالي، مشتاق سهتو، نظر محمد سهتو، شڪل زرداري ۽ بيا شامل هئا.

بي بي سي رات ٻڌايو تہ ايم آر ڊي پنهنجي 20 سيپٽمبر کان شروع ٿيڻ واري تحريڪ ملتوي ڪري 10 آڪٽوبر کان شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيئن سياسي قيدين جو تعداد گهٽجي رهيو آهي، تيئن جيل انتظاميا جو رويو بہ سخت ٿيندو پيو وڃي. پ پ جا همراهہ بہ اُبهرائي نٿا چڏين ۽ رات جو ڏهين وڳي تائين گهمندا ٿا رهن.

19_09_1986

اڄ محمد خان سولنگي جي سزا پوري ٿي وئي آهي، پر هُن کي جيل وارا آزاد نٿا ڪن، ان تي ڊپٽي سان رابطو ڪيوسون، جنهن چيو تہ: "هن جو رول ناهي آءِ جي جيل کي موڪليو آهي، اتان جواب ناهي آيو". وري هن چيو: " اخبارن ۾ خبرون ٿيون اچن، تہ امداد چانڊيي ۽ شير محمد مگريي جون سزائون مارچ ۾ پوريون ٿي ويون، پوءِ بہ هنن کي آزاد نٿو ڪيو وڃي. ان تي محمد خان چيو تہ: "هنن جي امتحانن جي معافين جو مسئلو هو، منهنجو

اهڙو ڪو بہ مسئلو ناهي".

پائو لياقت علي ملڻ آيو. هن سان گڏ پائٽيو محمد حسن بہ هو. جيڪو بار بار پڇي رهيو هو تہ: "مان هتي چا ٿو ڪريان!؟. گهر ڇو نٿو هلان؟". مون لياقت کي ٻڌايو تہ: "سيائي محمد خان آزاد ٽيٽو آهي. سو ساڻين کي ان جو اطلاع ڏجو".

20_09_1986

اڄ محمد خان سولنگي جي آزاديءَ جو ٻڌي سندس پاءُ نور احمد سولنگي. ماروٽ عبدالله سولنگي ۽ خليل سولنگي بہ آيا. ڊپٽي کان پڇيوسون تہ هن چيو: "اجا تائين آءِ جي کان ليٽر نہ آيو آهي". اسان چيو تہ: "توهان خلاف حبس بيجا ۾ بند رکڻ جو ڪيس داخل ٿا ڪريون". ان تي هن چيو: "اهو بہ آ جي خلاف ڪجو. اسان تہ هن کي بہ هفتا اڳ لکي چڪا آهيون". محمد خان ڊپٽيءَ کي چيو تہ: "جيستائين مونکي آزاد نہ ڪيو ويندو. تيستائين مان بک هڙتال ٿو ڪريان".

وجود علي شر آيو. جنهن چيو تہ: "لياقت علي خيرپور ۾ جاءِ ٿو ٺهرائي. سو مونکي موڪليو اٿس تہ ڪم ٻڌايو". مون چيو: "ڪم بہ لياقت کي ڪرڻو آهي. هن کي چئو تہ محمد خان سولنگيءَ جي سزا پوري ٿي چڪي آهي. سو جيل وارا هن کي آزاد نہ پيا ڪن. هاءِ ڪورٽ ۾ حبس بيجا جي پٽيشن داخل ڪري". ان لاءِ محمد خان سولنگيءَ جي پاءُ نور کي بہ چيوسون تہ هو سکر وڃي صديق ڪرل وڪيل. رڪن الدين يا حسن حميدي سان رابطو ڪري تہ اُهي هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ وجهن.

اڄ رشيده پهنور. سلمہ بلوچ. نجمہ بلوچ ۽ سلمہ ملڪ. فقير عنايت هيسباڻي سان ملڻ آيون. رشيده پهنور تہ 1983ع ۾ ڪراچي جيل ۾ بہ هئي.

27_09_1986

اڄ ڪافي دوست ملڻ آيا. جن ۾ رحيم بخش جعفري. غلام رسول سهتو ضياءُ پٽي. شفقت ميراڻي. فدا پنجابي. سهيل منگي. فقير عنايت جو چاچو فقير اوشاق علي هيسباڻي ۽ عاشق قمبراڻي بہ وينا هئا.

29_09_1986

اخبارن جي خبرن موجب ڪالهه اسلام آباد ۾ عورتن شريعت بل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. جماعت اسلامي وارن بل جي حق ۾ مظاهرو ڪيو. عورتن جو جلوس اسيمبلي طرف وڌيو ته پوليس ان کي روڪي ڇڏيو. جنهن تي مخالف ڌر جا ميمبر باهر نڪتا ۽ عورتن کي اسيمبلي اندر وٺي ويا. ٻئي طرف جماعت اسلاميءَ جا ميمبر بل جي حق ۾ مظاهرو ڪندڙ جماعتين کي اسيمبلي وٺي ويا.

03_10_1986

چون ٿا ته حيدرآباد جيل ۾ قيدين جي ٻن ٽولن ۾ جهيڙو ٿي پيو. جنهن تي پوليس گولي هلائي. گولي هڪ سياسي قيدي کي لڳي. جيڪو ٽڏي تي ئي فوت ٿي ويو. 45 قيدي هن جيل تي آندا اٿن. ولي محمد سهتي چيو ته: "اسان جي پوئين وارڊ ۾ انهن قيدين تي سڄي رات تشدد ڪندا رهيا آهن. جنهن ڪري ڪيس ننڊ ئي نه آئي. نواب شبير احمد چانڊيو هُن سان گڏ رهي ٿو. هن ٻڌايو ته: "سڄي رات اسان سُمهي نه سگهيا آهيون. جو لٽ جو زيبٽ هو. پر قيدين کي سلام آهي. جن ايڏو تشدد صبر سان سَنوءِ ڏري ٻه رڙ نه ڪئي".

شام جو پ پ جا چڙواڳ ڪارڪن وارڊ جي چت تي چڙهي ويا. حوالدار رحيم بخش پٽو مونکي چيو: "توهان هنن کي سمجهايو نٿا. هڪ ته هي توهان جي ڪري هن وارڊ ۾ آهن. سياسي قيدي ته آهن ڪونه". مان فقير عنايت هيسباڻيءَ کي چيو: "هنن کي لاهيو". هُو وڃي هنن کي لاهي آيو. هن چيو: "هي مقدمو برداشتي ٻه مٿي ويندا هئا".

هڪ نئون همراهه ٻه آيو آهي. طارق ڊومڪي. نواب شبير احمد چانڊيو ٻڌايو ته هو ساٽس گرامر اسڪول ڪوئيٽا ۾ پڙهيو آهي. هن تي ٻه فوجي سرڪار مون جيان ڏمرجي پئي آهي.

04_10_1986

ڪافي عرصي کان ڪمال وارثي کي گُڙدن ۾ سخت تڪليف آهي. سو هن کي ڪراچي موڪلڻ لاءِ سنگت اخبارن ذريعي مهم هلائي.

نيٺ، اڄ شام هن کي ڪراچي موڪليو ويو. ڪمال لاءِ سردار شبير احمد چانڊيو ٻاهران ماني گهرائي، جيڪا هُو کائي روانو ٿي ويو. مونکي هن جي وڃڻ کانپوءِ اڪيلائي محسوس ٿيڻ لڳي. اسان ٻئي گذريل ستن سالن کان گڏ رهيا آهيون، جهڙوڪ: هڪ گهر جا ٻاتي بڻجي ويا هئاسون.

05_10_1986

اخبارن جي اهم خبر آهي ته مخدوم خليق الزمان پ پ سنڌ جي صدارت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، هن چيو آهي ته: "مس بينظير ڀٽو چاهيو ته مان مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ ڪم ڪندو رهندس"، هتي جي پ پ وارا چئي رهيا آهن ته هاڻ سيد قائم علي شاهه پ پ سنڌ جو صدر ٿيندو. ٻيو ته مخدوم خليق لڳاتار پنجاب خلاف ڳالهائي رهيو هو، ان تي پ پ پنجاب وارا ناراض هئا، جن هن کي هٽرايو آهي.

06_10_1986

نواب شبير احمد چانڊيو جڏهن کان آيو آهي، ته مون سان گڏجي اچي ويهندو آهي ۽ مختلف قسم جا سياسي سوال ڇيڙي، پيو وقت گذر ڪندو آهي. هي انتهائي پڙهيل لکيل ۽ مهذب ماڻهو ٿو لڳي. انگريزي ۾ تمام اعليٰ قسم جي اٽس. گهڻو ڪري انگريزي ناول پڙهندو آهي. روزانو ڪرن بيڪري جا ڪيڪ گهرائيندو آهي، جيڪي منجهند جو چانهه سان کائيندا آهيون. سندس وزن تي سؤ پائونڊ کان ۾ مٿي آهي. جڏهن ڊاڪٽر منگي مشين کڻي اچي نواب جو وزن ڪرڻ لڳو ته کانٽو ۾ ٽي ڦيرا کائي وڃي زيرو تي بيهي رهيو. ڊاڪٽر پريشان ٿي ويو، ان تي سردار شبير احمد چيو: "ادا، هيءَ ننڍڙي لوهه جي مشين اسان جي وزن جي دٻ ڪونه کڻي سگهندي، ڪو کانٽو بانٽو گهرائي".

هن جو چوڻ آهي ته: "سوشلسٽ سماج سائنسي نظريو آهي، اُهو هر ملڪ جي ضرورت بڻجي چڪي آهي، هن ملڪ کي ۾ جي بچائڻو آهي ته سوشلسٽ نظريو ئي بچائي سگهي ٿو".

ڊيرا اسماعيل خان مان ڪريم خان، محب شاهه ۽ ولي محمد سهتو سان ملڻ آيو. هن سؤ سؤ رُپيا اسان سيني جي ڪيسن ۾ وڌا. اسان جي

اعتراض تي چيائين، واپس نہ وڃندو ڏاڙي چڏيندو.

واپسي تي ڊپٽي سپرينٽينڈنٽ چيو: "رات جو بند ٿيڻ جو وقت بدلايو ڏهين وڳي بدران 8 وڳي بند ٿيو". مون چيو: "مونکي تہ اعراض ناهي پر جيالا نہ مڃيندا، انهن سان ڳالهايو".

09_10_1986

اڄ سپاف جو اڳواڻ غلام مصطفيٰ کوريجو کي گرفتار ڪيو آهي.

14_10_1986

اڄ سوير ننڍ مان اُٺيس، نيرن وغيره کي تيار ٿي، سوچيم تہ کافي ڏينهن کان کوئي ڪتاب نہ پڙهيو آهي، برازيل جي ڏاهي ۽ انقلابي مفکر پائلو فريري جو ڪتاب "علم تدريس مظلومن لاءِ" کڻي وڃي ٽوپر تي بئرڪن پويان پڙهان. کافي ڏينهن کان هيءُ ڪتاب دوستن کان گهرائي رکيو آهي پر پڙهڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو آهي، هن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو سائين محمد ابراهيم جويو کرائي ڇپرايو آهي. سائين جويو صاحب کافي انقلابي، سياسي ۽ سائنسي ڄاڻ وارا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو کري ڇپرائيندو رهندو آهي. سائين جويو صاحب هن قسم جي خدمت کري، انقلابي ادب ۽ علم ذريعي سنڌ ۾ سياسي، طبقاتي ۽ انقلابي سجاڳي پئدا کرڻ ۾ اهم ڪردار ادا کيو آهي. هن ديس جون ڪيتريون ئي پيڙهيون صدين تائين سائين محمد ابراهيم جويو کي ياد رکنديون ۽ اهڙا ماڻهو سدائين زندهہ رهندا آهن، انهن کي موت بہ مات ڏئي نہ سگهندو آهي.

مان ڪُرسي کڻي وڃڻ لڳس تہ نواب شبير احمد چانڊيي سڏ ڪيو: "سرڪار ڪاڏي لکڻ ٿا وڃون، اڄ ڪچهري جو موڊ ناهي ڇا؟"، مون چيو: "هي نايابَ قسم جو ڪتاب مليو آهي، اِهو پڙهڻ پئي ويس"، مون ڪچهري دوران کائنس پڇيو: "توهان جو رويو هتي تہ ڏاڍو سٺو آهي، پر جيڪي بہ هتي چانڊيا قيدي آهن، اُهي توهان لاءِ سٺي راءِ نٿا رکن. آدم چانڊيو هُو توهان جي پاسي جو اُهو چوندو هو تہ توهان ماڻهن تي ڏاڍا ظلم ڪندا آهيو". ان تي هُن چيو تہ: "مان تہ يار پاڻ پورهيت آهيان، اسان کي تہ بابي (سلطان احمد چانڊيو) گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو، پي شادي ڪيائين،

مان نائين درجي تائين بہ تعليم مڪمل ڪري نہ سگھيس. اهو ٿورو راڄ سان بہ سخت رهيو آهي. باقي اسان جو ڏاڏو غيبي خان تہ سخي مشهور هو. هن جا لنگر هلندا هئا ۽ ماڻهن جي مالي مدد بہ ڪندو هو".

ملاقات جو سڏ ٿي ويو تہ ڪچهري اڏ ۾ ڇڏي هليو ويس. ساڻي امداد چانڊيو ڪالهہ ڪو خيرپور جيل مان آزاد ٿيو هو. اُهو اڄ ملڻ آيو. هن چيو: "رات جو جيل مان ڪيڊي ڇڏيائون. ڊاڪٽر پنهل پنهنجي گهر جي سامهون ڪٽ تي ويٺو هو. مون کي چيائين، 'هينئر رات ۾ ڪاڏي ويندين؟' سو ان پنهنجي گهر ۾ سمهاريو. اڄ وهنجي سهنجي ڪري هيڏانهن هليو آيس. هن ٻين دوستن سان تعرف ڪرايو. شوڪت پيلار، ذڪاءُ الله دراني، شرف ميمڻ ۽ امداد، جن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي.

امداد ۽ شير مگريو تہ آزاد ٿي ويا. محمد خان اڃا قاڻو پيو آهي. هي اسان کان سال پوءِ گرفتار ٿيا هئا ۽ آزاد پهريان ٿي ويا.

18_10_1986

اڄ امڙ ملاقات تي آئي. هن ڏاڍي ڏکوئيندڙ خبر ٻڌائي تہ: "پٽ فضل حسين جو وڏو پٽ محبوب علي ڪينسر سبب فوت ٿي ويو آهي". محمد خان جا گهر وارا بہ ملاقات تي آيا آهن. هي تہ هن جي آزاديءَ جو ٻڌي روز ٿا ملڻ اچن.

واپسيءَ تي نواب شبير احمد چانڊيي چيو تہ: "هي پ پ واري شاهہ جي بدمعاشي ڏسو. ديوان سريش ڪمار کان ڪٽ کسي پنهنجي گهر موڪلي چڏي اٽس. منهنجو گدو هنن وٽ آهي. اُهو گهران ٿو تہ چون ٿا اسان توکي ڪٽ ڏني هئي. اُها موٽائي ڏي". مون چيو: "سائين! هي سياسي قيدي آهي ڪونہ. هن شاهہ کي ٻئنڪ ڏاڙي ۾ سزا لڳل آهي. پ پ جو سڏائي سياسي قيدين وارين سهوليتن مان فائدو پيو وٺي. تڏهن تہ انهن ئي بچڙائين ڪري هن کي ڊيرا اسماعيل خان موڪليو ويو هو هاڻ بہ جيل وارا ٻريا وينا اٽس. توهان ترسو ڏينهن ٻن اندر يا ڪنهن پرانهين جيل تي موڪليندس يا بند وارڊ ڪندس. هي ۽ هيسباڻي فقير ٻئي ڏاڙن ۽ اغوا جي ڪيسن ۾ آهن. ٻئي مستيون ٿا ڪن. هي سيني لاءِ مسئلو پئدا ڪري رهيا آهن".

19_10_1986

اڄ جي اخبارن ۾ مس بينظير پٽو جي سکر ۾ ڪيل تقرير ۽ جلسي جون جھلڪيون ڇپيون آھن. اخبارن لکيو آھي ته جڏھن جلسي مان ضياءُ الحق ۽ محمد خان جوڻيجو تي لعنتون پوڻ لڳيون ته مس پٽو ھنن کي منع ڪندي چيو ته: "ھاڻ ان قسم جي نعرن جي ضرورت ناھي". ھن چيو ته: "اسان ضياءُ الحق سان ھڪ ٽيبل تي ويھي ڳالھيون ڪرڻ لاءِ تيار آھيون". حيرت آھي. اقتدار خاطر پنھنجي پيءُ جي قاتلن سان ٽيبل تي ويھي ڳالھائڻ لاءِ تيار ٿي وئي آھي! جڏھن ته ان کان اڳ چوندي رھي آھي ته ضياءُ الحق سان ڪنھن بہ قيمت تي ڳالھيون نٿيون ڪري سگھجن. ته پوءِ ھاڻ ڇو؟

ٻئي طرف ضياءُ الحق بہ بينظير پٽو کي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو آھي. اخباري بيان ۾ جنرل چيو ته: "ھاڻ ھوءَ شرافت واري سياست ڪرڻ لڳي آھي". جيل جي جلاد مري جي تشدد سبب سينارجن جو غلام عمر لُنڊ مري ويو. جنھن جو ڪيس ياڻ لياقت علي ھاڻ ڪورٽ ۾ داخل ڪيو آھي. ان تي جيل انتظاميا ڏمڪيون ٻئي ڏئي. ته اسان تي چڙھائي ڪري سڀ سھوليتون ختم ڪندا ۽ بند وارڊ ڪندا.

26_10_1986

جڏھن کان تحريڪ استقلال ايم آر ڊي ڇڏڻ جي ڏمڪي ڏني آھي. تڏھن کان ان پارٽيءَ جا ڊنگ ليڊر پارٽي ڇڏي نيشنل پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿي رھيا آھن. شايد ان ڪري ته اقتدار پرست سياستدان سمجھن ٿا ته ھاڻ محمد خان جوڻيجو ڪانپوءِ رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي کي اقتدار ملندو. مسلم ليگ خواجا خيرالدين گروپ ۾ بہ مانڊاڻ پئجي ويو آھي. جو سنڌس جنرل سيڪريٽري ملڪ قاسم. خواجا خيرالدين کي پارٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيو آھي ۽ اخبارن ۾ ڪارٽون ڇپيل آھن. ھُو ڳلولَ ذريعي ھڪٻئي کي باھر اڇلائي رھيا آھن.

30_10_1986

اخبارن لکيو آھي ته مخدوم امين فھيم. مس بينظير جو خط فرانس

۾ رهندڙ سندس والده بيگم نصرت پٽو ڏانهن ڪٽي ويو هو جنهن واپسيءَ تي پنهنجي دوري کي ڪامياب قرار ڏنو آهي. ان جو مطلب ڇا آهي؟ ڇا مس بينظير پٽو ماءُ کان ضياءُ الحق سان هڪ ٽيبل تي ويهي معاملا طئ ڪرڻ جي اجازت گهري آهي.

31_10_1986

اڄ جي اخبارن ۾ خبر آهي ته مهاجر قومي تحريڪ جو ڪالهه حيدرآباد ۾ جلسو رکيل هو جنهن ۾ شرڪت لاءِ ڪراچي جا مهاجر بسون پري حيدرآباد وڃي رهيا هئا. جڏهن اُهي سهراب گوٺ وٽ پهتا ته متن العظم اسڪوائر تان فائرنگ ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ مهاجر قومي تحريڪ جا 5 ڪارڪن مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا آهن. ڪافي عرصي کان ڪراچي ۾ مهاجرن ۽ پنائٽن ۾ جهيڙا هلي رهيا آهن. مهاجر، پنائٽن جون بسون، هوٽل، دڪان ۽ گهر باهيون ڏئي ساڙيندا ٿا رهن.

اڄ پائو لياقت ملڻ آيو هن ٻڌايو ته ڪيس جيل جي ايس پي ميار ڏني آهي. ته هن تي مان قيدين تي تشدد ڪرڻ جو ڪيس چو داخل ڪيو آهي ۽ هن ڪيس ڪهڙي تڪليف ڏني آهي؟

03_11_1986

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پنائٽ مهاجر نسل پرستي وارو جهيڙو زور وٺي ويو. ان جهيڙي جي نتيجي ۾ وڏي تعداد ۾ پنائٽ پورهيت مارجي رهيا آهن. جن کي خبر ئي ناهي ته جهيڙو ڇا تي آهي؟ ۽ ڪنهن جي وچ ۾ آهي!

05_11_1986

نوابشاهه جو وڪيل علي محمد ڏاهري ٻه رات گرفتار ٿي آيو آهي. هن مون کي حافظ عبدالقيوم گهانگهرو جو خط ڪٽي آڻي ڏنو هن لکيو آهي ته علي محمد ڏاهري هن جو گهرو دوست آهي. ان ڪري مان هن جو هر طرح سان خيال رکان. ان کان پهريان حوالدار رحيم بخش پٽو ٻڌايو هو ته هڪ نئون سياسي قيدي آيو آهي. سو ان لاءِ ماني رکون. هن ٻڌايو ته هُن جو تعلق سنڌ، بلوچ ۽ پختون فرنٽ سان آهي. چو ته ممتاز پٽو سندس ذاتي دوست آهي. هن چيو ته: "پنائٽن ۽ مهاجرن جو جهيڙو ٿي پيو آهي. ان ڪري اسان

فرنٽ وارن جون گرفتاريون ڪيون ويون آهن". هن چيو ته: "مون نوابشاهه فرنٽ جو جلسو ڪرايو هو جنهن ڪي ممتاز پٽو حفيظ پيرزادو ۽ ٻين فرنٽ اڳواڻن خطاب ڪيو هو. شايد ان تي به سرڪار ناراض آهي، جنهن ڪري ڪيس نظربند ڪري هن جيل تي موڪليو ويو آهي".

06_11_1986

اڄ سريش ڪمار جي سزا پوري ٿي وئي ۽ هُو آزاد ٿي ويو. هن جي آزاد ٿيڻ تي خوشي به آهي ته ڏک به. ڏک ان ڪري ته هُو ننڍڙي پاڻ جيان رُساما به ڪندو هو ته پرچندو به هو. ڏاڍي نماڻي طبيعت جو مالڪ هو. اڄ اسان ڪي سريش جي ڪمي شدت سان محسوس ٿي رهي آهي. ڪالهه رات ڊوڙندي اسان جي ڪوليءَ ۾ آيو ۽ سهڪي پيو. پڇڻ تي بڌايائين ته: "محرم جتوئي ته صفا بي رحم ماڻهو آهي، هُو ڏيڏريءَ کي هٿ وينو ٿو لڳائي، ڊپ ئي نٿو ٿئيس". شبير احمد چيس: "نيٺ، آئين نه پنهنجي واٽڪي رڳ تي، سڄي ٽيپ بهادريءَ سان ڪٽي وئين، ٽاٽي تي صوبيدار جي مار به کاڌئي، توکي ڊپ نه ٿيو هاڻي اچي ڏيڏريءَ کي هٿ تي ڪٽندو ڏسي هانءُ ڦاتو اٿئي..!!"

اسان هن کي جلوس جي صورت ۾ ماڙي (گيٽ) تي چڙهڻ وياسون پر جڏهن هڪڙو پير گيٽ اندر ۽ هڪڙو باهر هُئس، تڏهن اُڇنگار ڏئي روئي پيو ۽ پوئتي موٽي آيو. چئي: "مان توهان کي چڏي باهر نه ويندس. جڏهن توهان سيئي آزاد ٿيندا، مان توهان سان گڏجي نڪرندس". نيٺ، هن کي پرچائي منٽون ڪري، پوءِ باهر ڪڍيوسون.

07_11_1986

اڄ جمعو آهي. جمعي تي موڪل هجڻ ڪري دنيا جي گولي کي جڙ ٽوٽيءَ سان بڌي چڏبو آهي. سڄي ڪائنات جو چرخو بيهجي ٽوويجي، نه ملاقات، نه ڪائي اڇ وڇ، بس خاموشي..!!

سو اڄ چانهه تي ڪچهري ڪرڻ ويناسون ته علي محمد ڌاهري چيو ته: "مون کي فرنٽ نوابشاهه جو آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو هاڻ مسئلو آيو ته مان آرگنائزيشن ڪيئن ناهيان؟، پوءِ مون جيئي سنڌ وارن سان گڏجاڻي ڪئي، هنن کي چيو توهان به پنجابين جي خلاف آهيو ته اسان به

اچو تہ گڏجي ڪم ڪريون. پوءِ مون جلسي لاءِ بہ هنن کي استعمال ڪيو سڄو ڪم هنن ڪيو ۽ منهنجو جلسو ڪامياب ٿي ويو".

09_11_1986

هتي پ پ جي نام نهاد ورڪرن جي بدمعاشي ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي. ڪونہ ڪو بهانو ڪڍي جيل انتظاميا سان اٽڪندا ٿا رهن. اڄ بہ ڦشري ڪئي اٿن. تہ بند نہ ٿيندا سون. جو اسان جي ملاقات موتائي اٿن. هتي هڪ سيد ۽ هيسباڻي فقير هنن جا فتني باز اڳواڻ آهن. جن کي پادر پادراڻي ڪانسواءِ سُڪون ئي نٿو اچي. سو لڳي ٿو تہ جيل انتظاميا تنگ ٿي اسان جي وارڊ ۾ بہ هٿ وجهندي.

10_11_1986

نيٺ پاءُ لياقت علي. محمد خان جي ماروٺ عبدالله سولنگيءَ کي پٽيشنر ڪري پٽيشن داخل ڪئي آهي. هاڻ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. عبدالله سولنگي انتهائي پيارو ٻار آهي. جڏهن کان مان هن جيل تي آيو آهيان. هُو بنا وقفي جي روزانو ملڻ ايندو آهي. ڪتان کو پئسو پائي ڪري اسان لاءِ ضرورت واريون شيون بہ ونڊي ايندو آهي. هُو چوندو آهي تہ: "مان روز توهان کي خوابن ۾ آزاد ٿيندي ڏسندو آهيان. روز ان اميد سان سمهندو آهيان تہ سڀاڻي ضرور خواب ساڀيان ٿيندو".

11_11_1986

اڄ عبدالله سولنگي آيو هن ٻڌايو تہ: "جيل وارن هاءِ ڪورٽ سکر ۾ لکيت ۾ ڏنو آهي تہ اُهي 1986_11_13 تي محمد خان سولنگي کي آزاد ڪندا. سو مون ڪوٽ فون ڪري چڏيا آهن. محمد خان جي آزاد ٿيڻ جو استقبال ڪرڻ جون تياريون وڏي پئماني تي ٿي چڪيون آهن". عبدالرسول بلو بہ آيو هن بہ ٻڌايو تہ: "اسان سکر ۾ محمد خان جو استقبال ڪرڻ جون تياريون ڪري چڏيون آهن".

اڄ وري شام جو پ پ وارن ڏما چوڪڙي ڪئي تہ ٽوٽل نہ ڏيندا سون. جو شاهہ ۽ هيسباڻي جي ملاقات نہ ڪرائي وئي. علي محمد ڏاهري چيو: "اهڙيون سهوليتون تہ ڪنهن بہ جيل تي ناهن. هتي تہ هرويرو

ماحول خراب ڪيو پيو وڃي".

12_11_1986

اڄ اُهو ئي ٽيو جنهن جو انديشو هو. جيل پوليس صبح ساڻ ئي وڏن اٽالن جي صورت ۾ اسان جي ڪولين تي پهچي ڪوليون ڪولي، ڪٽون، ڪرسيون، ٽيبلون ۽ ريڊيو ڪٽي وئي. جيلر شاهد ڇڇڙو اڳواڻي ڪري رهيو هو. شبير احمد چانڊيو، علي محمد ڏاهري، عبدالرحمان لاکو ۽ مولوي عبدالرزاق کي اسان جي وارڊ کان ٻاهر ڪڍي ويا ۽ ڪٽون، ٽيبلون، ڪُرسيون ڪٽي ويا. خالي بسترا زمين تي اڇلائي ويا. اسان کي چيائون: "گهڙيون بہ ڏيو. جو ٻين کان بہ ورتيون آهن، پوءِ موڪلائي ڏينداسون". اسان گهڙيون بہ ڏئي ڇڏيون. بعد ۾ برداشتين جي بئرڪ ۾ وڃي انهن تي تشدد ڪرڻ شروع ڪيائون. محب شاهہ مونکي چيو: "هيءَ تہ حد ٿي وئي!"، مون چيو: "تنهنجي مهرباني سان، جو روز ٽوٽل تي ڦشري ڪيو ٻيٽو هوندو هُئين. هاڻ توکي سڀ سهوليتون ملي ويون، تون ۽ عنايت هيسباڻي خوش ٿيو".

13_12_1986

ڪالهہ جي آپريشن ڪانپوءِ اسان کي ڪولين ۾ ئي پابند سلاسل رکيو ويو آهي. اڄ محمد خان سولنگي کي آزاد ڪيو ويو. طويل ترين جيل ڪاٽڻ ڪانپوءِ آزاد ٿيندڙ پنهنجي ساٿي کي الوداع بہ نہ چئي سگهياسون. هُو هتي پاڻ بہ ڪلندو رهندو هو ۽ سڄي سنگت کي بہ ڪلائيندو رهندو. هُو قيدين کي ڪتاب پڙهائيندو. اٽپڙهيلن کي الف ب پڙهائڻ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٽڪبو هو ۽ نہ ڪڏهن هن جي چهري تي مايوسي يا ويڳاڻپ ئي نظر آئي. هن آخري وچوڙي جو پاڪر پاتو ۽ هليو ويو. مون سان گڏ ڪولين ۾ اقبال مهيسر آهي. هن ڪارل مارڪس جي جدلياتي مادیت تي ڳالهائڻ چاهيو. مون چيو: "ڇڏ يار، ڏاڍو بور آهيان".

3 وڳي جيل پوليس جا اٽالا اچي ويا. هنن عنايت هيسباڻيءَ جو دروزاو ڪولي چيو: "هل تنهنجي جيل بدلي جا حڪم اچي ويا آهن". پوءِ محب شاهہ کي ڪڍيو ويو ۽ ان کانپوءِ جيلر ڇڇڙو منهنجي سيل تي آيو ۽ ڪولي چيائين: "هلو"، هن سپاهيءَ کان منهنجو بسترو ڪٽايو. هُو ڪاري

چڪر ۾ ڊبل ماڙ تي وڃي آيا. جتي ڪولي بند ڪري ڏنڊا ٻيڙيون ۽ آڙا ٻيڙيون هٽي. ڪولي بند ڪري هليا ويا. هنن اِها ڪارروائي محمد خان سولنگيءَ جي ويڙهه ڪانپوءِ ڪئي. ته جيئن اها خبر ٻاهر نه وڃي سگهي.

ٿوري دير بعد جيلر ۽ سپاهي آيا. محب شاهه ۽ عنايت هيسباڻي جون ڪوليون ڪولي هنن کي لئين سان ڪٽڻ شروع ڪيائون. مون شاهد ڇڄڙي کي چيو ته: "هي تون سنو نه ٿو ڪرين"، جنهن تي هُن مونکي گار ڏني. جواب ۾ مون به کيس گار ڏني. جنهن تي هن چيو: "هِن جي ڪولي ڪوليو"، پر صوبيدار پوئتي ورانديِ ڏانهن ڏنو ۽ شاهد کي چيائين: "صاحب منع ٿو ڪري. هن کي ڪجهه نه چئو"، پوءِ هنن تي تشدد ڪري هليا ويا.

مون کي ڳٽتي آهي. اقبال مهيسر جي. هو پراڻي ملیريا جو مريض آهي. لڳاتار بک هڙتال ۾ ملیريا هن جي ڪمزور جسم تي ڪو شديد حملو ڪيو ته هُو نه بچندو. اسان جي بک هڙتال جاري رهي.

14_11_1986

رات مان ڪافي دير تائين ڏنڊا ٻيڙيون ۽ آڙا ٻيڙيون لڳل هجڻ ڪري سمهي نه پئي سگهيس. ڪافي دير تائين مان ڪمبل مٿان نه وڌو. سپاهي ۽ صوبيدار ايندا ڏسندا پيا وڃن. نيٺ. محب شاهه چيو: "هڪ گوڏو پيٽ ڏانهن ڇڪ ته آڙا ٻيڙي پاسيري ٿي ويندي. تون ٻئي جنگهون ملائي سمهي سگهندين" مون ائين ئي ڪيو ۽ ننڊ اچي وئي.

15_11_1986

محب شاهه چيو: "ٿورو ماني جو وچ ڪڍي ڪاءُ. مان به کانوان ٿو"، مون چيو: "ائين نه ڪندس. بک هڙتال جو مطلب ڪجهه به نه ڪائيندس"، اڇوڪو ڏينهن به گذري ويو. جيل وارا جيل جو پٽو هيٺ زمين تي رکي ٿا وڃن. جنهن کي ٻليون اچي سنگهي هليون ٿيون وڃن. چڪن به نه ٿيون.

16_11_1986

اڄ بک هڙتال کي پنجون ڏينهن آهي. پهريون پيرو ڊاڪٽر گل محمد جماڻي چيڪ ڪرڻ آيو آهي. هن چيو: "جيل انتظاميا کيس اڄ ليٽر ڏنو آهي. ته توهان بک هڙتال تي آهيو. سو اڄ چيڪ ڪرڻ آيو آهيان"، مون

کيس چيو: "اسان جو بيان رڪارڊ ڪر، ته جيل انتظاميا اسان کي زهر ڏئي مارڻ ٿي چاهي". هن چيو: "سياڻي بيان ونڻ ايندس". محب شاهه ڊاڪٽر کي چيو: "اسان کي گلوڪوز جي ڊرپ هڻ"، هن چيس: "شبير ته منع پيو ڪري، تون ڊرپ پيو هڻائين".

17_11_1986

قيدي پاڻيءَ جو دلو پرڻ آيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي چيائين: "هيٺ ڊانڊرس قيدي بند آهن، هنن توکي سلام چيا آهن، جن ۾ ڪراڙو چانديو دائم زرداري، امان الله شر ۽ بيا حيدرآباد جيل کان بند ٿي آيا آهن.

18_11_1986

لانڊي ۾جيل جا قيدي ٻار هوندا هئا، اتي به مونکي هنن 24 ئي ڪلاڪ بند واري ۾ ڏسي ڊانڊرس قيدي جو نالو ڏنو هو. هتي وارا جيڪي پاڻ ڊانڊرس آهن، راڻو ڏاريجو، فيضو لغاري، اياز زرداري، ولو مهر ۽ قلندر بخش کوسي وارا به مونکي ڊانڊرس سمجهي رهيا آهن. شايد ان ڪري جو مان لڳاتار نعرا هڻندو ٿو رهان. جيل ۾ نعرو هڻڻ، اُهو به بند واري ۾، وڏي بهادريءَ جو ڪم آهي.

اڄ بک هڙتال کي ستون ڏينهن آهي، ڪٽي سنگت سُست نه ٿي پوي، بنا مطالبن مڃجڻ جي، بک هڙتال ختم ڪئي ته جيل وارا اسان جي ڪڏهن به عزت نه ڪندا.

19_11_1986

محمد خان سولنگيءَ کي آزاد ٿئي ست ڏينهن گذري چڪا آهن. پاڻ لياقت علي ضرور هاڻ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي هوندي، پاڻ وڪيل هوندي ايڏي انصاف ۾ دير ٿئي، حيرت آهي! اڄ جيلر آيا، هنن پڇيو: "چا خيال آهي؟"، مون چيو: "سپ سهوليتون واپس ڏيو ۽ ڪورٽ ۾ پيش ڪريو جتي توهان خلاف محب شاهه ۽ فقيرعنايت هيسباڻي تي ڪيل تشدد جو بيان رڪارڊ ڪرائيندا سون". مون وٽان محب شاهه وٽ ويا ته هو چُپ ڪري ويٺو رهيو.

ڊاڪٽر کي بي ڪلاس واري ڏانهن ويندو ڏسي ڊپ ٿيو ته ڪٽي

اقبال مهيسر بيمار ماڻهو آهي، هلي نه پوي، پر اسان وٽ به بک هڙتال جاري رکڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو به نه ناهي.

20_11_1986

اڄ اسان جي بک هڙتال کي نائون ڏينهن آهي به جيلر اسان کي ڏسڻ آيا، ڳالهايائون ڪجهه به نه ۽ پوءِ هليا ويا، ته مٺان ڊاڪٽر به آيو، هن مون کي چيو: "بک هڙتال کي 9 ڏينهن ٿي ويا آهن، گلوڪوز جي ٽيلهي لڳرايو"، مون چيو: "ڊاڪٽر صاحب مان ته نه لڳرائيندس"، هن چيو: "ٽيلهي پاڻي آ، ان سان بک هڙتال ٽورئي ٽنڊي"، مون چيو: "ان ۾ انرجي ته آهي"، هُو به هليو ويو.

21_11_1986

اڄ صبح ساڻ سپاهي فيروز گل اچي ٻيٺو چوڻ لڳو اسان جي حالت ته قيدين کان بدتر آهي، موڪل واري ڏينهن به موڪل ناهي، مهينو گذري ٿو وڃي ٻارن سان به نٽا ملي سگهون. صبح جو سوير ڊيوٽي تي ايندو آهيان ته ٻار سُتا پيا هوندا آهن. وري رات جو وبندو آهيان، تڏهن به ٻار سُتا پيا هوندا آهن. زال چوندي آهي ته ٻار پُڇن ٿا ته سندن پيءُ ڪيڏانهن هليو ويو آهي؟ اڄ بک هڙتال کي ڏهون ڏينهن به گذري ويو. جلاد مريءَ تي ڪو اثر نه ٿيو.

22_11_1986

اڄ سپرنٽينڈنٽ جمال عرف جلاد مري بند وارڊ ۾ داخل ٿيو ته اسان نعرا هنيان سون، "گولي لائي ڪي سرڪار نهين چليگي"، ان تي هُو واپس هليو ويو. ٽوري دير بعد صوبيدار آيو، دروازو کولي منهنجو ڏيڊ فوٽ وارو آڙو ڪڍي، ايائي فوٽن وارو آڙو هٽي ٻاهر نڪتو ۽ محب شاهه ڏانهن ويو ته هن چيس: "ڪهڙي قانون تحت ٽو آڙو وڌائي هٽين"، ان تي جيلر شاهد چڄڙي اچي لٽين سان ورتس: "هن قانون تحت، جيڪو ڪرٽو اٽئي، ڪري چڏجان"، مون کيس چيو: "توسان ته حساب ٿيندا". مون ڏانهن لٽ ڪٽي وڌيو ته جيلر امتياز شيخ چيس: "اڳتي هل، هن سان نه الجهه"، پڇيائينس: "چو نه؟ پليس گاريون ڏئي"، ان تي امتياز شيخ چيس: "هي سياسي قيدي آهي، هن جو

ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ٿي ويو آهي"، هُو هليا ويا ته محب شاهه چيو: "ڏٺئي مان چيو نه پئي ته اک ٿي ڦڙڪي. ڪجهه ٿيندوا"، مون ڪيس چيو: "شاهه، تون پادر هٽ سان گهري ٿو ونين. آڙا هٽڻ آيا، هٽي وڃن. الجهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"، مون کي وراڻيائين: "هاڻ تون به ته گاريون ڏنس، توسان چو نه وڙهيو؟"، مون چيس: "ان جي مونکي خبر ناهي".

پوءِ اسان رات جو ڪمبل ٻاهر اڇلائي ڇڏيا. هڪڙو ته مٽي ڏبل تي ڪولي رات جو اچي ڏڏي ٿي. ٻيو اتر واءُ شروع ٿيو. پوءِ ته مون چيو: "هيءُ ته اسان پاڻ کي پاڻ پيا سزا ڏيون"، رات جو 11 هين وڳي ڪراڙو جيلر آيو. مون کي چيائين: "هي چا ٿو ڪرين، ان سان آفيسرن تي ڪهڙو اثر پوندو؟ توهان پاڻ کي تڪليف ٿا ڏيو"، مون چيو: "نه ونندس، بس اڄ مرڻو آهي"، هن چيو: "مان رٽائرڊ ٿيڻ تي آهيان، منهنجي ڊيوٽي ۾ توهان کي ڪجهه ٿي ويو منهنجا ته ٻچا رُلي ويندا". اچي منٽون ڪرڻ لڳو. مون سوچيو هيءُ موقعو آهي ڪمبل ونڻ جو. جيڪو مون ورتو شاهه ته دير ئي نه ڪئي، چئي: "ها يار، هي غريب چو مري!".

23_11_1986

آهستي آهستي بک مرڻ لڳي آهي ۽ جسم ۾ معدو خالي رهڻ جا عادي ٿي چڪا آهن. هاڻ بک جا وَٽَ پوڻ بند ٿي ويا آهن. صبح جو بند وارڊ جو سپاهي دڙها هڻندو ايندو آهي. جيئن اسان ڇُرون پُرون ته هن کي يقين ٿئي ته اسان زندهه آهيون. جڏهن ڇُپ ڪري سُتو پيو هوندو آهيان ته پوءِ آهستي آهستي سَڏُ ڪندو آهي: "شبير ياءِ، السلام عليڪم"، مان ڪمبل مان هٿ ڪڍي هن کي دلجاءِ ڏيندو آهيان. پوءِ هُو هيٺ لهي ويندو آهي.

ايڏا تائين پائو لياقت به ڪوئي ٻوٽو ناهي ٻاربو ۽ ڪو ڪڙ تيل ئي ناهي نڪتو.

2 وڳي جو پ پ جو رفيق ميمڻ آيو هن چيو ته: "علي محمد ڏاهريءَ سان جيل وارن ڳالهايو آهي، سو چون ٿا ته ڪٽن ۽ ريڊيو ڪانسواءِ باقي سامان ڏيندا سون"، مون چيو: "اِهو شرط قبول ناهي، اسان کي سمورو سامان، ڪٽُن، ڪُرسين سميت واپس ڪپي"، هن چيو: "سڀ دوست سُست ٿي ويا

آهن. سو مون کي موڪليو اٿن". محب شاهه چيس: "ها نيڪ آهي. سڄي سنگت کي گڏي ويهارين ته فيصلو ڪريون ٿا". مون چيو: "فيصلو اهو ئي آهي ته اسان کي سمورو سامان ڪپي". ايتري ۾ جيلر ۽ صوبيدار ٻيڙين لاهڻ واري کي وٺي آيا. مون چيو: "ٻيڙيون ائين نه لاهيندا سون. پهريان سمورا مطالبا مڃون". محب شاهه ٻيڙيون لهرائي هليو ويو. مان ويهي رهيس. ٿوري دير بعد نواب شبير احمد چانڊيو ڊاڪٽرن جڙهي آيو. سهڪي پيو. چئي: "جيڪي بدمعاشي ڪندا هئا. اُهي هنگي ويهي رهيا آهن. هاڻ تون ڇو ٿو ضد ڪرين!؟". مون چيو: "منهنجو سياٽي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس لڳل آهي. هيءُ اڄ تڏهن پيا منٽون ڪن". نيٺ. شبير احمد چانڊيو زوري بي ڪلاس ۾ وٺي آيو. جتي محب شاهه. فقير عنايت. رفيق ميمڻ. ولي محمد سهتي ۽ ٻين پ پ وارن وڃي کوليءَ ۾ گڏجاڻي ڪئي. جتي علي محمد ڊاهري جي ڪوڙي يقين ڏيارڻ تي بک هڙتال ختم ڪئي. ته هُو بن ٽن ڏينهن ۾ سمورو سامان واپس ڪرائيندو. علي محمد ڊاهريءَ چيو: "ادا محب شاهه آهي. ته هتي ڪونه ڪو پندرهن ٽينڊو رهندو". ان تي محب شاهه ڦِڪي ڪِل ڪِلڻ لڳو. 12 ڏينهن واري بک هڙتال ايندي ويندي رهي. سيد ۽ هيسباٽي فقير هنگي ويهي رهيا.

24_11_1986

صبح ساڻ ٽوٽل کولڻ کان پهريان حوالدار رحيم بخش پٽو سيٽي وڄائي. جيڪا اڳ ڪڏهن به نه وڄندي هئي. محب شاهه ايندي ئي فقير عنايت سان گڏجي پنهنجي چوڌراهٽ جمڪائڻ جي چڪر ۾ بي سبب حرڪتون ڪري سمورا پرمر ختم ڪرائي ڇڏيا. اڳ هو رات جو اٽين وڳي ٽوٽل (بند ٽيڻ) ڏيڻ لاءِ تيار نه ٽيندو هو هاڻ ڪالهه کان 5 وڳي وڃي کوليءَ ۾ ويهي رهيو. ملاقات جو سڏ ٽيو ته معمول خلاف مقدم پٽيان لڳو آيو. گيٽ اندر داخل ٽيس ته جيلر امتياز شيخ چيو: "ڊپٽي ٿو سڏي". مون چيو: "مان ڊپٽي جو نوڪر ناهيان. مان ملاقات ڪرڻ آيو آهيان". پوءِ هن چيو: "لياقت صاحب ڊپٽي جي ڪمري ۾ ويٺو آهي". اتي ويس ته لياقت ٽپ ڏئي اُٿي پاڪر پائي مليو چيائين: "اڄ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس لڳل هو. اُتي هنن بيان

ڏنو ته توهان بند وارڊ ناهيو ۽ ملاقات ۾ کليل آهي". مون چيو: "12 ڏينهن تائين هنن ڏندا ٻيڙيون ۽ آڙا ٻيڙيون هٽي رکيو کالهه هاڻ ڪورٽ جي ڊپ کان کوليو اٿن ته سامان نٿا ڏين". ان تي ڊپٽي کي چيائين: "هي ته توهان زيادتي ٿا ڪريو مان ٻيهر هاڻ ڪورٽ ٿو وڃان. ججن کي ٿو چوان جيل جو معائنو ڪن. ڏسن ته سوين قيدي زخمي حالت ۾ پيا آهن". ان تي ڊپٽي چيو: "شبير کي سڀ سهوليتون ڏيندا سون. هو به ڪرمنل قيدي آهن. محب شاهه ۽ عنايت هيسباڻي. سڄو مسئلو انهن جي ڪري ٿيو آهي. مون توهان کي منع ڪيو هو ته اِهي سياسي قيدي ناهن. اتي نه وڃي ويون. پر توهان ضد ڪري وڃي ويا. هنن مون کي بي عزت ڪيو گاريون ڏنيون". لياقت چيس: "اسان سان توهان زيادتي ڪئي آهي. ان جو مان حساب ونندس. عبدالله سولنگي به آيو هُو جڏهن اندر آيو ۽ منهنجي ڏاڙهي وڏيل ڏنائين ته اُڇنگار ڏئي روئي پيو".

25_11_1986

هتي پ پ جي جيالن جو زور آهي ته وري بک هڙتال ڪجي. باهران سنگت چئي موڪلي مون کي وري بک هڙتال ڪرڻ کان منع ڪيو آهي. هنن چيو آهي جيڪو مسئلو هوندو. هتان اسان باهران ڪٽنداسون. هاڻ ته توهان جي بند وارڊ واري مسئلي تي ساڻين سکر ۾ جلوس ڪڍيو جنهن سبب الطاف شاهه سميت چار ساڻي گرفتار ٿيا. جن کي ضمانتن تي آزاد ڪرايو آهي. اسان پ پ وارن کي چيو: "هيءُ سڄو مسئلو توهانجي بيجا بدمعاشين سبب ٿيو آهي. توهان جي پارٽي به توهان لاءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. بک هڙتال به توهان ختم ڪئي. اسان توهان جي روز روز جي بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندا سون".

04_12_1986

اڄ اوچتو ڊاڪٽر گل محمد جماڻي نيابو موڪليو ته هُو صوبيدار جي آفيس ۾ ويٺو آهي. سو مون سان ملڻ ٿو چاهي. مان ويس ته هن چيو منهنجو وزن وڃندو ۽ چيڪ اپ ڪندو. مون سبب پڇيو ته هن چيو: "سپرنٽينڈنٽ جمال مري جو حڪم آهي". پوءِ هُو ڪجهه ڪاغذن تي

لکندو ويو. مون گھٽو پڇيو تہ سبب ڇاهي؟. هن چيو ڪيس هُن ڪجهہ بہ ناهي ٻڌايو واپس آيس تہ نواب شبيراحمد چانڊيو کي مون سمورو احوال ڏنو. جنهن تي هن چيو: "توهان کي ايمنسٽي انٽرنيشنل 'ضمير جو قيدي' قرار ڏئي چڪي آهي. هي بند وارڊ واريون خبرون اوسيتائين پهتيون هونديون. تڏهن هنن سرڪار کي لکيو هوندو. تہ شبير شر جي زندگي خطري ۾ آهي". ولي محمد سهتي چيو: "هاڻي توکي ۽ محب شاهہ کي ڦٽڪا هٽندو". مون چيو: "اهو نہ هن کي اختيار آهي نہ همت. بند وارڊ ۾ بہ هُو مون تي آڱر نہ کٽي سگهيو. جڏهن تہ محب شاهہ. عنايت هيسباڻي کي سُڃائي ڇڏيائون".

08_12_1986

اخبارن جون خبرون آهن تہ ڏاڙيلن جي ٻهاڑي فوج آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي. سوين بيگناهہ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ڏاڙيلن کي بہ هٿيار تہ فوج ئي ڏنا آهن. تہ جيئن اُهي سنڌ جي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏين. برهماڻي ٻوٽ ۽ ٿهيمن جي ٻوٽ ۾ بي سبب رات جو گوليون هلائي ٻار. ٻڍا ۽ عورتون قتل ڪيا آهن. انساني حقن وارين ڪميٽين کي بہ جڙ نانگ سنگهي ويو آهي. اُهي ان عمل خلاف ڪابہ رپورٽ جاري نٿيون ڪن.

09_12_1986

اخبارن جي خبر آهي تہ لاهور ۾ ايم آر ڊي جو ڪالهہ اجلاس ٿي گذريو. جنهن ۾ حڪومت کان گُهرَ ڪئي وئي آهي تہ 120 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن حوالي ڪري. فوج بئرڪن ۾ هلي ويڃي. جماعت اسلامي سنڌ جي امير جان محمد عباسيءَ جو بيان ڇپيو آهي. جنهن ۾ هن چيو آهي تہ: "فوج سنڌ جي ماڻهن سان پنهنجو نرم رويو اختيار ڪري. جيڪڏهن جنگ لڳي تہ سنڌ جا ماڻهو فوج جو ساٿ نہ ڏيندا".

10_12_1986

ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مرڪزي اڳواڻ ۽ چام ساقي ڪيس جو اهم ڪردار چام ساقي آزاد ٿي ويو آهي. باقي چام ساقي ڪيس جيل ۾ سزا

پوڳي رهيو آهي. جمال نقوي، جبار خٽڪ، صفت رند سميت سموريا ڪميونسٽ اڳواڻ آزاد ٿيڻ ڇڪا آهن. هاڻ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي الله بچائيندو. هي ڪميونسٽ پارٽي ڪارڪنن جو حشر نشر ڪرڻ کانپوءِ، هاڻي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪهڙو حشر ڪندا! ان جي ڪا خبر ڪونهي.

13_12_1986

اڄ جي ڏان اخبار ۾ خبر ڇپي آهي ته سنڌ اسيمبلي مخالف ڏر جي ميمبرن سنڌ جي هوم سيڪريٽري کي چيو ته کين سنڌ جي ڇڻن جيلن جو معائنو ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، جن ۾ سينٽرل جيل ڪراچي، سکر، حيدرآباد ۽ نارا جيل شامل آهن، جتي قيدين سان انتهائي درجي جو ظلم ڪيو پيو وڃي. جن مخالف ڏر جي ميمبرن درخواست ڏني آهي، تن ۾ حسين هارون، لياقت علي جتوئي، افتخار سومرو، بيگم گلزار انڙ، ممتاز قيصر، جنيد سومرو، سيد امداد شاهه ۽ قاضي شفيق مهيسر شامل آهن.

اخبارن موجب هوم سيڪريٽري انهن جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي.

15_12_1986

اڄ جي اخبارن جي خبر آهي ته حڪومت سهراب ڳوٺ ۾ آپريشن ڪيو. جنهن دوران سهراب ڳوٺ کي ڌاهي پٽ ڪيو ويو آهي، جتي مزاحمت ڪندي 51 ماڻهو مارجي ويا آهن. حڪومت ان کي منشيات فروشن خلاف آپريشن قرار ڏنو آهي، جتان هٿيارن ۽ هيروئن جا ذخيرا هٿ ڪيا ويا آهن.

جنهن جي ردعمل تي پناڻن قصبا ڪالونيٰ ۽ اورنگي ٽائون تي هٿيار ڪولي ڇڏيا، جتي 50 کن ماڻهو مارجي ويا.

16_12_1986

اسان وٽ نه ريڊيو آهي ۽ نه ئي وقت تي اخبار ٿي ملي، ان ڪري ٻاهرين سياسي صورتحال جو ڪو به پتو نٿو پوي. شام جو دير سان اخبارون مليون، جن موجب ڪراچيءَ ۾ هنگاما جاري آهن. ڪالهه به 90 ماڻهو مارجي ويا، اسپتالن ۾ مارجي ويلن جا وارث لاش سڃاڻڻ لاءِ اسپتالن ۾

ڊوڙندا رهيا. فوجي سرڪار ماڻهن جو ڏيان سندن مخالف تحريڪ تان هٽائڻ لاءِ هي جڙتو جهيڙا ڪرائي پئي، جنهن ۾ بي گناهه ماڻهن جو قتل عام ڪيو پيو وڃي.

17_12_1986

اڄ ته پارو ڪڙڪي پيو آهي. پارو ته اڳ به پوندو هو. پر ڪٿُن تي سمهڻ ڪري خبر ئي نه پوندي هئي. هاڻ ته پٽ تي سمهڻو ٿو پوي. سو سيءُ جهل نٿو ڏئي. اڄ ته انبن جا ڇوڙا لاهي. اندر باهه ٻاري. تڏهن وڃي ڪجهه سيءَ کي ڏڪ لڳو آهي. سياڻي کو سِگري ۽ ڪوئلا گهرايون. جيڪي به جيل وارا هرگز نه ڏيندا _ هنن جو ڪم اسان کي اذيت ڏيڻ آهي. جمال مري بنيادي طرح سان ڏهني مريض آهي. هن کي جونيئر آفيسر هوندي به جيل حوالي ڪيو ويو آهي، ته جيئن قيدين کي اذيتن ذريعي ڪنٽرول ڪري.

18_12_1986

اڄ جي اخبارن ۾ به ڪراچيءَ ۾ هلندڙ قتل غارتگريءِ جي باري ۾ خبرون آهن. مارشل لا ۽ سول حڪومت خاموش ٿيا. تماشو ڏسي رهيا آهن. پناڻ ۽ مهاجر هڪٻئي جو درندگيءَ سان قتل عام ڪري رهيا آهن. ان ۾ به ضياءَ شاهيءَ جو هٿ آهي. ته جيئن عوام هڪٻئي جو قتل عام ڪندا رهن. ۽ هُو آرام سان پنهنجي غير آئيني ۽ غير قانوني آپي شاهيءَ جا ڪُنڊڙ ڏينهن وڌائيندو رهي. سياستدان به اهڙي صورت ۾ پنهنجو جمهوري ۽ آئيني ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. ۽ نه ئي اڳتي وڌي انهن جي حڪومتي سازشي پاليسي "ورهايو ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" کي وائکو ٿا ڪن. *

---

* (نوٽ: جيل ۾ لڳاتار جهيڙي، تلاشين ۽ سياسي قيدين جي گروهي اختلافن سبب منهنجي ڊائرين ۾ هڪ طرف ته تاريخن جو تسلسل به ناهي. پيو ته جن دوستن کي مون ڊائريون ڏاڻ لياقت علي ۽ غلام حسين کي پهچائڻ جي ذميواري ڏيندو هُئس. انهن شايد غير ذميواري جو مظاهرو ڪندي ۽ منهنجي ان تاريخي ورثي کي غير اهم سمجهندي ڦٽو ڪندا رهيا. جنهن سبب هن وقت به 19 ڊسمبر 1986ع کان 13 اپريل 1987ع جون ڊائريون غائب آهن. اِها تاريخي ڪوتاهي يا بدديانتي مون کان جاڻي واڻي يا پُل ۾ ڪڏهن به نه ٿي آهي. مون انتهائي مجبور حالتن هوندي به پنهنجي هن تاريخي دور واري مشاهدي کي پنهنجي ذميواري سمجهندي ڊائرين کي قلم بند ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش جاري

"رات عمر مون خواب ۾ پنهنجا ساڻي ساريا"، صبح ساڻ اڻڊي مان استاد منظور علي خان جو ڳايل اِهو ڪلام جھونگارڻ شروع ڪيو ته ولي محمد سهتي پڇيو: "ڪامريڊ ڇا ٿيو آهي، اڄ وري ڪهڙن ساڻين ساريو اٿئي؟"، مون چيو: "اُها ئي بيوفا، منهنجي زندگيءَ مان ته نڪري وئي، خوابن مان ايان نڪري نڪري"، وليءَ چيو: "پاپي ٻُجھ ملاح! ايان به ياد اچي پئي ڇا؟"، مون چيو: "ان بيوفا کي پاپي ڇا لاءِ ٿو چوين؟"، وليءَ چيو: "ادا عورت ۽ مرد پنهنجو پھريون پيار وساري نه سگھندا آهن"، مون چيو: "پھريون ته منهنجو هو هوءَ ڪميني ته الائي ڪيتريون دنيائون لتاڙي پوءِ مون تائين پھتي هئي".

اسان پراين يادن جي جھنگل ۾ ايڏا الجھائي پينا هئاسون، ته حوالدار رحيم بخش پُڇي چيو: "هل شبير شرَ، پنهنجو سامان ٻڌ، تنهنجي جيل بدليءَ جو حڪم آيو آهي"، ولي محمد سهتي حوالدار کي چيو: "نيٺ، شبير مان جان ڇڏائي ويئو"، هن چيو: "ها، روز آفيسرن تي ڪيس ڪيو ٻينو آهي"، مون چيو: "ڪھڙي جيل ٿا موڪليو؟"، هن چيو: "خيرپور"، ولي محمد سهتو ۽ لاڪاڻ جو محرم جتوئي منهنجو سامان ٻڌڻ ۾ لڳي ويا، ته مان باٿروم ۾ هليو ويس، ٻاهر آيس ته منهنجو سامان تيار هو. ولي محمد بسڪوٽن جا ڊبا ۽ ٻيو ڪائڻ جو سامان به منهنجي سامان ۾ وجھڻ لڳو جنهن تي مون احتجاج ڪيو ته هُن چيو: "خبر ناهي، الائي ڪھڙي جيل تي پيو وڃين! الائجي ڪھڙيون حالتون هجن، هي ٿورو گھڻو ڪائڻ جو سامان ضروري اٿئي". مون چيو: "خيرپور ٿو وڃان"، هن چيو: "جيل وارا ڪڏهن به سچ ناهن ڳالهائيندا". ماني لڳائي وئي، سوچيوسون ته آخري ماني ته گڏجي ڪائون پر ماني ڪنهن کي به ڪونه وڻي. گرهه گرهه کائي اُٿي ڪڙا ٿياسون ۽ يارن کان موڪلائي، نئين منزل طرف روانا ٿي وياسون. عبدالرحمان لاکو پويان ڊوڙندو

رکي آهي. بند وارڊ جيل وارن جون تلاشيون به منهنجي ڊائرين جي غائب ٿيڻ جو وڏو سبب بڻيل آهن. ان لاءِ قومي پڑھندڙ کان معذرت خواهه آهيان). شبير شر

آيو چئي: "يار موڪلايون ٿو وڃ"، هُو به پاڪر پائي مليو.

مان ٻاهر نڪتس ته جمال مريءَ جي سرڪاري گاڏي ٻيني هئي. مان گارڊن کان پڇيو ته: "هي چا آهي؟"، هنن چيو: "پوليس جي گاڏي ڪانه هئي. ڪافي ڏينهن کان هي جيل وارا اسان جي ايس پي کي خط لکي رهيا هئا ته خطرناڪ قيدي منتقل ڪرڻو آهي، پر گاڏي واندي نه پئي ملي. اڄ چيائين ته پوليس موڪليو گاڏي مان پنهنجي ٿو ڏيان". مون سوچيو وڏو ڪمينو آهي، هي پاڻ کي ايڏو ظالم آفيسر ٿو سمجهي، پوءِ به مون بي هٿيار قيديءَ مان ايڏو ڊنل هو. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ته وردين وارا هيڏن وڏن طاقتور هٿيارن ۾ توپن هوندي مون بي هٿيار کان ڪيڏو نه ڊنل آهن. واهه! مان واقعي هنن لاءِ ايترو ئي خطرناڪ رهڻ ٿو چاهيان، جيترو هي سمجهن ٿا.

پهريون پيرو ڪٽڪ جو پڪل ريٽو ٽيل فصل ۾ نيڑهيءَ جي ڪجين جا نظارا نظر آيا. خيرپور جيل ۾ سکر جيل جي وچ ۾ ڏهن ميلن جو فاصلو آهي، جيڪو اڌ ڪلاڪ ۾ پورو ٿي ويو.

خيرپور واري ڦاٽڪ کان جڏهن جيل طرف گاڏي ڦري ته ريڊيو اسٽيشن تي نظر پئي. مون کي به ان دؤر جي يادگيرين وکوڙي ورتو. جڏهن ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد جي ڊرامن ۾ سداڪاريءَ ڪندو هئس.

جيل جي بائونڊري اندر داخل ٿياسون ته سپرنٽينڈنٽ جو بنگلو آهي. جتي ايس پي جيل حيات ڦل گنجي ۾ گوڙ ۾ بينو هو. ڊرائيور ۾ گارڊ لهي هن کي سليوٽ ڪيو ته پڇيائين: "ڪنهن کي آندو اٿوَ هيٺ لاهيوس"، مان لٽس ته پاڪر پائي مليو "چئبو شبيرَ، مريءَ کي ايڏو تنگ ڪيئي. جو پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري، تو مان جان ڇڏائي اٽس. پر يار مون سان ته سنو هلندين نا؟" مون چيو: "ڦل صاحب! توهان قيدي ۾ انسانيت دشمن ناهيو. توهان ته سکر ۾ به رهيا آهيو. پاڻ ڪچهريون ڪندا هئاسون. بس مونکي ظالم آفيسر ناهي وٺندو". صوبيدار کي چيائين: "هن جي هٿڪڙي ته ڪڍو"، هنن هٿڪڙي ڪڍي ڇڏي. چيائين: "هل گهنشام به اندر اٽئي. ان سان رهندين نه. مان جيلر کي چئي ٿو ڇڏيان".

جيل اندر ويس ته پير الطاف ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ جي وردیءَ ۾ بينو

هو. مون بہ رڑ ڪئي: "پيرَ...! هيءُ ڪڏهن ٽئين؟"، هن بہ رڑ ڪئي: "اڙي شبير شر آهين چا!؟" جڏهن اسان ڪراچي جيل تي هوندا هئاسون تہ پير الطاف سرهندي اتي جيلر هوندو هو پاڪر پائر مليو عملو وائڙو ٿي ويو هي ڪهڙو قيدي آهي جيڪو جيل جي بئي نمبر وڏي عملدار سان ايڏو حجائتو ٿي پيو ڳالهائي. هن سنتريءَ کي چيو: "وڃ گهنشام کي وٺي اچ. هن کي چَئُ تہ ملاقات آئي اٿس". پوءِ پير چيو: "اچ تہ تيستائين چانهہ پيئون".

گهنشام پرڪاش ڊي ايس ايف سنڌ جو چيئرمين. هن کي شبير لاشاريءَ سان گڏ اسان جهڙي ئي پمفليٽ ڪيس ۾ 7 سال سزا لڳل آهي. هي بہ ڪراچي جيل ۾ اسان سان گڏ هو. جتان کان هن کي بہ اسان سان گڏ هتي آندو ويو هو. مونکي ۾ ڪمال وارثيءَ کي سکر جيل موڪليو ويو هو _ ڏيڍ سال بعد وري اڄ پيا ملون. گهنشام سان گڏ خادم ڦلپوٽو بہ اچي ويو. خادم ڦلپوٽو اڪبر خاصخيلي جي نالي سان 1986ع ۾ مون سان گڏ رهيو هو. رمضان شورو بہ هن سان گڏ هو. ٻنهي جو تعلق وطن دوست اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان هو. هاڻ هو شايد اصلي نالي سان گرفتار ٿي آيو آهي. ثمر حسين شاهہ جيڪو سپاف جو آهي، اُهو بہ منهنجو ٻڌي آيو آهي. 1984ع ۾ ڪراچي جيل ۾ اسان گڏ هو.

15_04_1987

هتي ملاقاتن جو سلسلو بہ شروع ٿي ويو آهي. ماروٽ ممتاز ۾ مامُو مانجهي خان ملڻ آيا. مامي کان پڇيم: "توکي ڪيئن خبر پئي، تہ مان هتي اچي ويو آهيان؟". مامي چيو تہ: "هتي لياقت علي وٽ آيو هئس. هن ٻڌايو سو دل نہ رهي سگهي. هليو آيس". پوءِ تہ بي بہ سنگت ايندي وئي. رضا محمد دراني. اعجاز ٻٽو اسد عابدي. سليم ٻٽو ۾ ٻيا ايندا رهيا. سکر واري ٻُوسٽ ۾ ٽڪ لهي ويا.

هي جيل بہ ائين ئي آزاد آهي. جيئن 1985ع کان 1986_03_23 تائين سکر جيل آزاد هو. هاڻ خدا خير ڪري هن جيل ڏي ڪو اهڙو ڏڇو نہ ٽئي.

20_04_1987

سکر جيل جي پيٽ ۾ هن جيل ۾ گُهٽ ٻُوسٽ ۾ گرمي وڌيڪ آهي.

اُتي بہ ادائي سؤ انبن. نمن ۾ تارين جا وڻ هئا. هتي هڪ بہ وڻ ناهي. کوليون ننڍيون، سوڙهيون ۾ چتيون هيٺ آهن. سڄي رات مچر ٽا کائين. ننڊ ئي پوري نٿي اچي. اڄ بہ صبح جو ٿوري ٽڏ سبب ننڊ هئي تہ گهنشام رانيات ڪرڻ شروع ڪيا: "اُٺ تيار ٿي نيرن تيار آهي. ملاقات اچڻ واري هوندي"، مون چيو: "مونکي سمهڻ ڏي. مون کي ملاقات نٿي ڪپي". پوءِ وري رڙيون شروع ڪيائين: "ملاقات جي پرچي آئي آهي". مون چيو: "تون وڃ. مان ننڊ ٿو ڪريان". هُو هليو ويو. نيٺ 11 هين وڳي خادم ڦلپوٽو آيو. هن چيو: "امداد چانڊيو چاچو شاهہ محمد دراني ۾ پير ڪاظم ٽالپر آيا آهن. توکي سڏين ٿا".

اُتي ڏنم تہ پاڃائي مِنان بہ ويٺي هئي. امداد کان پڇيم: "شادي ڪري ڇڏيئي؟" هن چيو: "ها يار"، مون چيو: "صغران کي نہ آندو اٿوَ". هن چيو: "اُها ڳوٺ هئي. اسان نوابشاهہ مان آيا آهيون".

امداد چيو: "تون جيڪو چوندو هُئين. اُهو ئي ٿي ويو آهي"، مون چيو: "پارٽي ٽٽي پئي نا"، امداد چيو: "ها يار". چاچي شاهہ محمد داني دانهن ڪئي: "شبير ڇا چوندو هو؟"، امداد چيو تہ: "جڏهن بہ جمال نقوي ۾ جام ساقي جيل کان ٻاهر ايندا. اُهي ٻهريون ڪم اِهو ڪندا. تہ پارٽي ٽوڙيندا"، چاچي چيو: "توکي خبر هئي؟"، مون چيو: "چاچا توکي بہ خبر خبر هئي. پر توهان سڀ عقيدي جي رَسيءَ ۾ ٻڌل هئا. اسان جي گرفتاري نذير جي شهادت ۾ وري جام ساقي ڪيس مان جام ساقي آزاد ۾ ڪيس کي سزا لڳي وئي....!! مان اڄ ڏينهن تائين ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر بہ نہ آهيان. ٿُنهنجا ڪميونسٽ اڳواڻ جام ساقي. جمال نقوي. بدر ابڙو. امر لال ڄيل کان ٻاهر ويٺا آهن. اِهي سڀ جا سڀ سرڪاري ايجنٽ آهن. جن جو ڪم ڪميونسٽ سياست کي هتي تباهہ ۾ برباد ڪرڻو آهي". چاچو دراني هڪو ٻکو ٿي ڏسندو رهيو. امداد چيس: "هي اِها ڳالهہ اسان کي جيل ۾ ٻڌائيندو هو. پر اسان عقيدت جي انڌ ۾ هن جي ڳالهہ ٻڌندا ئي نہ هئاسون".

مون چيو: "ٻاهر بدر ابڙو پارٽيءَ جو دانشور هوندو هو. جيل ۾ هن جو پارٽيءَ سان تعلق ئي نہ رهيو. سڄو وزن مون تي ۾ ڪمال تي وڌو ويو تہ مشينون بہ اسان جون. ڪميونسٽ پارٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر بہ اسان هلائيندا

هئاسون. اُتي هڪ پيٽي ۾ اسان رکي هئي، جنهن مان جام ساقيءَ جا تارچر سيل مان لکيل خط، امام علي نازش جا ماسڪو مان لکيل خط، افراسياب جا ڪابل مان لکيل خط، اسان سنپالي رکيا هئا".

مان سنگت سان ڪچهري ڪري رهيو هئس، ته ايس پي جيل حيات ڦل آيو ۽ مون کي چيائين: "ايمنسٽي انٽرنيشنل جو گروپ توسان ملڻ آيو آهي". گهنشام چيو: "هن کي چئجان ته مون سان نه ملي"، حيات ڦل مونکي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آيو. جتي ايمنسٽي انٽرنيشنل ڏکڻ ايشيا چيپٽر جي انچارج آئيسو بل جيڪس ويٺي هئي، مون هن کي تعرف ڪرايو ته هوءَ اُتي ويٺي ۽ مون سان هٿ ملايائين. ٻيو هڪ مرد نه هو. جنهن پنهنجو نالو پيٽر ڊِڪي ٻڌايو.

آئيسو بل جيڪس، حيات ڦُلَ کي چيو ته: "اسان کي الڳ ڳالهائڻ جي اجازت مليل آهي، سو اسان کي الڳ ڪمرو ڏيو". پوءِ اسان کي هنن ڊپٽي پير الطاف سرهنديءَ جو ڪمرو ڏنو. هنن کي مون ٻڌايو ته: "شايد توهان جي ملاقات جي ڪري مون کي 14 اپريل تي سکر جيل کان هتي منتقل ڪيو ويو آهي، جتي مونکي آڙا ٻيڙيون ۽ ڏنڊا ٻيڙيون (Cross fetters) هٽي بند رکيو ويو. مون 12 ڏينهن تائين بک هڙتال ڪئي، اُتي قيدين سان بي انتها تشدد ڪيو پيو وڃي، جن جو جيل پيڙهٔ ۽ قيدي فرار ڪرڻ واري عمل سان ڪو به تعلق ناهي. ٻن قيدين غلام عمر لنڊ ۽ هڪ ٻئي کي تشدد ڪري ماريو ويو آهي. سوين قيدي زخمي حالت ۾ آهن". هنن مونکي چيو ته: "مان هنن کي خط ڪيئن لکيا؟"، مون چيو: "اِها هڪ راز جي ڳالهه جيڪا مان توهان کي نٿو ٻڌائي سگهان. ڇو ته جتي وينا آهيون، اِها جاءِ به مهنجي لاءِ محفوظ ناهي. مونکي ته مهينن جا مهينا گهروارن سان ملاقات کان به محروم رکيو ويندو آهي". هنن چيو: "هتي ڪيئن آهي؟"، مون چيو: "هتي به شايد توهان جي اچڻ جي ڪري ملاقات آهي، ٿي سگهي ٿو توهان جي واپس وڃڻ کانپوءِ مون کي واپس ساڳي جيل تي موڪليو وڃي".

مون هنن کي چيو ته: "هتي ٻيو ڪو سياسي قيدي آهي، هن سان به ملو" جنهن تي هنن حيات ڦل کي چيو ته هن گهنشام کي سڏائي ورتو. حيات

قُل رڳو ايترو چيو: "مريءَ جا پل ٽپڻ ويڙهائجو پر منهنجو بچاءُ ڪجو". مون آئيسوبل جيڪس جا ٿورا مڃيا. جنهن نہ رڳو مونکي ضمير جو قيدي قرار ڏياريو. پر مون سان هِتي اچي ملاقات بہ ڪئي آهي ۽ منهنجي خطن جا جواب بہ ڏيندي رهي ٿي. هن چيو: "تنهنجي انگريزي تہ ايتري پختي ناهي. جيتري لکيت ۾ ملندي رهي آهي". مون چيو: "مون سان سکر جيل ۾ نواب شبير احمد چانڊيو رهندو هو. اُهي خط مونکي هُو لکي ڏيندو هو ۽ هُو مونکي انگلش گرامر پڙهائيندو ہ هو".

گهنشام هن کي چيو تہ: "هتي اسان سان سرڪار جو اهڙو رويو آهي. جهڙو برطانوي سرڪار جو آئرش سان". مون چيس: "او پوسڙي جا. ان کي ٽچ نہ ڪر. هيءَ انگريز آهي آئرش ناهي". پر گهنشام وچي انٽرنيشنل سياست ۾ پيو تہ مائي چيس: "تنهنجي مهرباني! هاڻ تون هل تہ اسان اُن سان ڳالهايون. جنهن سان ملاقات جي اجازت ونی آيا آهيون". حيات ڏل باهران ورانڊي ۾ بينو هو. سو گهنشام کي چيائين: "توسان ڏاڍي ٿي. هاڻ عزت سان باهر نڪري اچي اسان سان بيهہ".

گهنشام باهر هليو ويو پيٽر چيو تہ: "هو آئرش آهي". مون چيس: "آئرش جدوجهد جي باري ۾ چا خيال آهي". هن چيو: "مان ان کي پنهنجي جنگ ٿو سمجهان. منهنجو گهر بار تہ آئرلينڊ ۾ ئي آهن". مون هنن کي ٻڌايو تہ: "1986ع ۾ پنجاب ۾ نوجي ڪورٽن طرفان سزائون ڏنل چار هزار قيدين کي پيرول تي آزاد ڪيو ويو آهي ۽ اسان کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. سزا ۾ چوٽ ناهي. مونکي ست سال سزا مليل آهي پر مونکي اٺون سال جيل ۾ هلي رهيو آهي. پوءِ بہ مونکي آزاد نٿو ڪيو وڃي. هتي ٻٽو قانون آهي. سنڌ ۽ بلوچن سان غلام قومن وارو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو". آئسوبل جيڪس چيو تہ: "توهان کي عدالتن ۾ وڃڻ گهرجي". مان ڪِل روڪي نہ سگهيس. مون چيو: "هتي نام نهاد اسيمبلي قانون پاس ڪيو آهي تہ فوجي ڪورٽن جي سزائن کي ملڪ جي اعليٰ عدالتن. هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ بہ چئلينج نٿو ڪري سگهجي. هتي جون اعليٰ عدالتون. مارشل لا لڳڻ واري ڏينهن کان بي اختيار ٻڌيل آهن".

آخر ۾ آئسوبل منهنجا فوٽا وڻي ورتا. ان دوران پيٽر دروازي وٽ آڏ ٿي بيٺو هن چيو: "اسان تولاءِ چا ٿا ڪري سگهون؟"، مون چيو: "سڀ جيل ۾ پاڪستان جي ٻين جيلن ۾ انساني حقن جون ڏاڇيون اڏايون ٿيون وڃن. بي انتها تشدد ڪيو وڃي ٿو. ايمنسٽي سڀ جيل جو معائنو ڪرڻ جي دنيا ۾ مهم هلائي. سڄي دنيا جي اخبارن ذريعي اِهو ٻڌايو ته اسان کي فوجي ڪورٽن کان مليل سزائون پوريون ٿي چڪيون آهن. پوءِ به اسان کي آزاد نٿو ڪيو وڃي. ٻيو ته سڀ جيل ۾ هڪ پاڳل ۽ هٽلر جي پوئلڳ جمال مريءَ جهڙي جاهل ۽ اذيت پرست جنوني انسان کي جيل آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي. ان کي فوري طور هٽايو وڃي.

21_04_1987

سڀ جهڙي دوزخ واري جيل مان نڪري جڙ هتي خيرپور ۾ جنت ۾ پهچي ويو آهيان. ملاقات ڪليل آهي ۽ سڄو جيل ڪليل آهي، جتي ويڙ چاهيون وڃي ٿا سگهون. پر مان في الحال لکڻ پڙهڻ ۽ ملاقات کي وقت ڏئي رهيو آهيان. جو لکڻ پڙهڻ کي سڀ ۾ وقت نه ڏئي سگهيس. ٻيو ته جيل وارا به منهنجا سمورا ڪتاب ۽ لکيل ڊائريون کسي کڻي ويا. اڄ گهوٽڪي جو نوجوان دوست لياقت عباسي آيو. ڪميونسٽ پارٽي ۾ پيل ڦٽ ڄي باري ۾ ڪافي سوال ڪيائين. مون هن کي چيو: "جن قوتن کي ان پارٽيءَ جي ضرورت هئي، اُها انهن جي ضرورت پوري ٿي وئي آهي. هاڻ توهان جا ليڊر پيپلز پارٽي، مسلم ليگ سميت هر ان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندا، جنهن کي اقتدار ملڻ جو امڪان هوندو"، هن گهنشام کي چيو: "هي چا پيو چوي؟"، گهنشام چيو: "هن اسان جي ليڊرن کي صحي سمجهيو آهي. باقي اسان توهان کي ته هُو بيوقوف ٺاهيو پئي هليا"، ان دوران 6 دوست ٻيا به اچي ويا. جن ۾ ذوالفقار شر به آهي، جنهن ٻڌايو ته: "هو منظور شر ۽ عبدالقادر شر جو ننڍو ڀاءُ آهي"، لياقت عباسيءَ وري چيو: "مونکي توهان سان ٿورو الڳ ڳالهائڻو آهي"، مون چيس: "چورا ماڻ ڪري وڃي گاهه پٽي جي ڪر، مون سان وڌيڪ ڳالهائيندين. کوپڙي وڌيڪ خراب ٿي ويندئي". ان دوران منهنجي پائٽي پروين آئي، جنهن ٻڌايو ته: "هاڻ هن جو نالو فاطمه آهي"، ٻي

هن سان ساهيڑي ساڻ هئي حليمہ کين چيم: "بس هاڻ هلو. هتي رش ٿي وئي آهي".
22_04_1987

پائلو لياقت علي آيو. ڏاڍو مصروف ٿو رهي. پوءِ به هٿين خالي هليو ايندو آهي. چيائين: "ايمنسٽي جو وفد توهان سان ملڻ آيو هو. مون سان اُهي ڊي سي آفيس ۾ مليا. هنن پڇيو. شبير کي سکر جيل کان خيرپور ڇو بدلي ڪيو ويو؟. مون چيو هن منهنجي ذريعي سکر ۾ تشدد خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن پئي داخل ڪرائي. ٻيو توهان کي خطن ذريعي سکر ۾ هلندڙ تشدد جي باري ۾ آگاهہ ڪندو رهندو هو". هن چيو ته: "هنن واپسيءَ تي ملڻ جو چيو هو پر هنن سان آغا سيف الله ساڻ هو. جيڪو هنن کي غلط گائيڊ ڪندو ٿي آيو". مون چيو: "اُهو ته رفيق سفي جو وائو آهي. ان ڪري ڪيڊ لڳو هوندس. رفيق سفي سرڪاري ايجنٽ آهي. جيل ۾ به هن کي ايجنسين اسان جي ڪيڊ لڳائي ڇڏيو هو. روزانو اسان جي خلاف سازشون ڪندو رهندو هو.

ملاقات تان واپس موٽياسون ته سپاف يا پ پ جو ٿمر شاهہ رڙيون ڪندو آيو: "ڊپٽي پير الطاف وڏو سازشي آهي. ان خلاف ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻو پوندو". مون چيو: "هُو انتهائي سٺو ماڻهو آهي. اصل ۾ توهان پ پ وارن کي عزت راس نہ ايندي آهي". هُو ان تي وائڙو ٿي ويو. هن چيو: "چا ٿيو پائلو؟". مون چيو ته: "سکر جيل ۾ به هيسباڻي ۽ هڪ سيد ٽرڙا هئا. جن ڪيل ماحول خراب ڪيو. روز ٽوٽل تي ڪڏو. نيٽ بند وارڊ ٽياسون. سڃيون سهوليتون ويون. ملاقاتون ويون. هاڻ هتي تون لڳو آهين. مهرباني ڪر. هتي جو ماحول خراب نہ ڪر". ان تي چوڻ لڳو: "پائلو معاف ڪر. مان سندڙ بلوچ پختون فرنٽ جو آهيان". مون چيو: "تربيت ته پ پ واري ٽيل اٽئي نہ!". پوءِ هُو چپ ڪري هليو ويو. خادم ڪلپوٽي چيو: "چگو ڪيوسين. هيءَ به روز مٿو کائي ويو آهي. چوري بازي به ڪري ٿو پاڻ ۾ به الاهي ڪِنيون عادتون اٽس ۽ روز ڪڏي جي ڪوشش ۾ هوندو آهي". مون چيو: "اهڙن کي پادر هٽي پري پجايو. جهيڙو اصولن تي ٽيندو. جڏهن اسان وٽ سڀ سهوليتون آهن. ته پوءِ

جهيڙو جهيڙو ڇا جو؟" شاهنواز پٽو ۽ سليمان شيخ چيو: "واهه جي ڳالهه ڪيئي. هن جو محب شاهه جيان واقعي دماغ خراب آهي".

27_04_1987

اڄ جي اخبارن ۾ خبرون آهن. جيڪي مونکي مهاجر صحافين جي فتني باز ذهن جو ناهيل وڌاءُ ٿيون لڳن. خبر آهي ته سورجاڻي ٽائون ۾ پناڻن حملو ڪري وڏي پئماني تي مهاجرن کي کهاڙين ۽ ڪاتين سان ڪُٽو آهي. لڳي ٿو ته ڪراچي ۾ ٻاپر نه ايندي. اتي انهن حرڪتن ذريعي مهاجر پارٽي ٺهرائيندا.

پارٽيءَ جي اندر جهيڙو تيز ٿيندو پيو وڃي. مون واري مؤقف ڄام ساقي ۽ جمال نقوي گروپ کي ڪيترن ئي سوالن ۾ منجهائي ڇڏيو آهي. جنهن سبب منهنجي پائرن غلام حسين ۽ لياقت علي ذريعي مون کي ميڙ منٽ ڪئي پئي وڃي، ته هن جهيڙي ۾ مان وچ تي رهان. مطلب ته هنن جيڪو مونکي گرفتار ڪرايو ۽ مونکي سزا ڏياري اِهي سيئي گناهه معاف ڪريان. منهنجا پائر به چاهين ٿا ته هُو ڄام ساقي جا خليفا ٿي رهن. مون سان جيڪو ٿيو سو هارين جيان الله جي طرفان سمجهي چپ ڪري ويهي رهان. ته جيئن هُو ٻين ساڻين جو به ساڻيو حشر ڪن.

10_05_1987

اڄ چاچا شاهه محمد دراني پريشان حال. متي اگهاڙو آيو. چوڻ لڳو: "هي چا پيو ٿئي؟". مون چيو: "چاچا ٻئي ليڊر ٻاهر نڪتا آهن. انهن کي ايئن ئي ڪرڻو هو. جڏهن پارٽي انهن کان نذير جي گرفتاريءَ ۽ شهادت جو ڪو حساب نه ورتو. ته هنن کي ڇڙواڳي ملي وئي. ته هي جيئن ڪرڻ چاهيندا ڪندا رهندا. هنن کي ڪو به روڪي نٿو سگهي". گهنشام چيو: "چاچا هي شروع وارن ڏينهن کان انهن کان حساب ونڊ جي ڳالهه ڪندو رهيو آهي. پر اسان نه مڃيندا هئاسون. ان ڪري جو توهان سڀ جا سڀ خاص مريدن ۾ شامل هوندا هئا".

اڄ پيٽ حسن بانو ۽ پائٽي اميد جا خط مليا. اُهي ماسڪو کان يوڪرين پهچي ويون آهن. جتي هنن جي ميڊيڪل ۾ داخلا ٿي وئي آهي.

واهہ! اهو منهنجو پراڻو خواب ته پورو ٿيو. هاڻي اُهي ڊاڪٽر ٿي موٽندیون، پهريون شرياڻيون پرڏيهہ مان پڙهي ايندیون.

11_05_1987

پارٽيءَ اندر پروسترويڪا ۽ گلاس نوڪ جو سوويت يونين ۾ شروع ڪيل گورباچوف جو جهيڙو زور ونيو ويو آهي. هوڏانهن سوويت يونين ٽٽڻ پيو وڃي. هيڏانهن پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي جيڪا پارٽي جي شڪل ته ڪڏهن اختيار ڪري نہ سگهي، بس هڪ گروپ هو. اڄ لياقت عباسي آيو جنهن مون کي چيو: "اصل جهيڙو ڇا تي آهي؟"، مون چيو: "مهاجر ۽ پٺاڻ ڪامريڈن ۾ مال تان جهيڙو آهي. اُهي ٻئي هتي ڪميونسٽ پارٽي هلائڻ جي عيوض سوويت يونين کان معاوضو ونندا هئا. ڪجهہ ته هتي جي ايجنسين جي بہ پيرول تي هئا. اُهي سڀ هينئر مال جي ورهاست تي وڙهي پيا آهن". گهنشام ويٺو چپ ڪري ٻڌي رهيو هو. لياقت عباسي چيس: "هيءُ ڇا پيو چوي؟"، گهنشام چيو: "هي ڳالهيون لڪايو ويٺو هو. صحي ڳالهيون هيءُ ئي ۽ صحي وقت تي پيو ڪري". لياقت عباسي چيو: "نيٺ، آخر ڇا ٿيندو؟"، مون چيو: "هتي ڪميونسٽ پارٽي ٽٽي چڪي آهي. هاڻ هر گروپ ان کي بين القوامي سطح تي سيڃاڻپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ سوويت يونين بہ ڪجهہ سالن اندر ٽٽي ويندي. اتي تمام جلد خانہ جنگي شروع ٿيندي. ايٽمي هٿيار چوري ٿي سڄي دنيا ۾ پکڙيا. جيڪي هر طرح جي دهشتگردن وٽ پهچندا. انهن هٿيارن جي تباهيءَ کان يورپ ۽ آمريڪا بہ نہ بچندو. انهن جا ايجنٽ ئي روسي ايٽمي هٿيار انهن خلاف استعمال ڪندا". همراهہ جا تارا جهلجي ويا. هينيون هيٺ، مٿيون مٿي! اُٿي ڪڙو ٿيو. چوندو ويو: "هيءُ اسان کي چريو ڪرڻ سکر جيل کان هتي آيو آهي".

16_05_1987

اڄ سائين شيخ اياز جو فرزند مونٽ اياز ملڻ آيو. ڏاڍي محبت سان مليو. چيائين: "ڪافي ڏينهن کان پئي سوچيم توهان سان مِلان. نيٺ، اڄ پڪو پهہ ڪري نڪتس ۽ اچي ويو آهيان". هن کان گهنشام پڇيو: "لطيف يونيورسٽي جي اليڪشن ۾ توهان ڪٿيو يا هارايو؟". هن چيو: "مون تيرهن

ووٽن تان هارايو. ادا، هتي يونيورسٽي تي بہ وڏيرا شاهيءَ جو قبضو آهي".
20_05_1987

هاڻ ڪميونسٽ پارٽي اتي ورهائجڻ جا 16 آنا امڪان پئدا ٿي ويا آهن. جمال نقوي ۽ جام ساقي جي ڌڑي کي اڪثريت سڏيو پيو وڃي. مختيار باچا، مير ٽيبو امتياز عالم ۽ افراسياب خٽڪ وارن کي اقليتي ڌڑو چو جو سينٽرل ڪميٽيءَ ۾ هنن کي ئي اڪثريت حاصل هئي. هاڻ ڏسجي تہ اڪثريت ڪيڏانهن ٽي وڃي؟. ڊي ايس ايف جو مرڪزي چيئرمين امداد چانڊيو، شير محمد مگريو، محمد خان سولنگي سميت سنگت اقليت واري پاسي هلي وئي آهي. جڏهن تہ علي حسن چانڊيو ۽ خادم ٿهيم اڪثريت واري پاسي هليا ويا آهن. باقي سنڌ هاري ڪميٽي بہ ورهائجي وئي آهي. ڪامريڊ غلام رسول سهتو اقليتي پاسي ڏانهن آهن. غلاحسين شر منهنجو وڏو ياءُ هجڻ جي ناتي مون تي دباءُ وجهي رهيو آهي. تہ مان 17 ڊسمبر تي آزاد ٿي رهيو آهيان. تيستائين مان ڪنهن بہ ڌر جي حمايت يا مخالفت نہ ڪريان. منهنجي ايئن ڪرڻ سان شهيد نذير سان ٽيل زيادتي وارو مسئلو لڙهي ويندو. اسان جي احتجاج باوجود اسان کان سُرخ پرچم جهڙو حساس ڪم. هڪ ڪليل جاءِ تي ۽ مزدور بستيءَ ۾ ڪرايو ويو. جتي ڇپائيءَ جي مشينن جو آواز پري پري تائين ويندو هو.
25_05_1987

گهنشام مونکي ڪجهہ لٽريچر ڏنو ۽ چيائين تہ: "هن کي پڙهہ". مون چيو: "مونکي اِهو مواد پڙهڻ جي ضروت ناهي. هي ٻئي ڏريون سوويت يونين ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن کان ملندڙ مال تي وڙهيا آهن. منهنجو اختلاف ٻنهي سان آهي. مون مير ٽيبي کي خط لکي پروفيسر جمال نقوي طرفان ڪيل غلط فيصلي کان آگاهہ ڪيو هو جنهن بہ خاموشي اختيار ڪئي ۽ اڄ ڏينهن تائين ان مسئلي کي پارٽيءَ جي ڪنهن بہ گڏجاڻي ۾ نہ اٿاريو ويو. ان ڪري هي توهان وارا اقليتي بہ جرم ۾ برابر جا شريڪ آهن.
30_05_1987

اڄ سجاول بليدي ملڻ آيو هن چيو تہ: "اوهان جي بي اي جي

امتحان جو نتيجو اچي ويو آهي ۽ مان پاس ٿي ويو آهيان". مون هن کي چيو ته: "اسماعيل مگريو کي يونيورسٽي مان سرٽيفڪيٽ ونڻي ڏيو ته ڪٽي اچي، جيئن مان سزا مان معافي لاءِ درخواست ڏئي سگهان، جو ان امتحان جي ڪري منهنجي سزا ۾ 3 مهينا گهٽتائي ٿيندي ۽ مان اپريل 1988ع بدران هن سال ۾ ئي آزاد ٿي ويندس. هي سجاول بليدي سکر جيل تي مونکي بي اي جا امتحاني پيپر ڪرائڻ ايندو هو ۽ پاڻ سان گڏ ماني ب ڪٽي ايندو هو.

05_06_1987

اڄ سجاول بليدي سکر جيل تان ولي محمد سهتي جو خط ڪٽي آيو. هن لکيو آهي ته: "هتي تبديلي اچي وئي آهي. انڪوائري ڪميٽي مها منافق ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ جميل صديقيءَ کي جيل ٽٽڻ لاءِ قائم ٿيل ٽربيونل معطل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ حئي قريشي ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ ٿي ويو آهي. اسان کي ريڊيا ۽ واچون ب موٽائي ڏنيون اٿائين". مون هن کي لکي موڪليو ته: "حئي قريشي ايس اين ايس ايف ۾ رهيو آهي. سو هي سياسي قيدي ب رهيو آهي. هي توهان سان بهتر هلندو. مان جيلر رضا جتوئيءَ کي ب توهان جي پارٽ ڪئي آهي. رضا توهان جي هر طرح جي مدد ڪندو رهندو".

15_06_1987

ملاقات جو پرچو آيو ته گهنشام چيو: "وچ، ڏس ته ڪير آيو آهي. اندر گهرائينس. تيستائين مان نيرن ڪري اچان ٿو". مان ويس ته گيٽ واري سپاهيءَ لياقت سيال چيو: "اعجاز پٽو آيو هو. سو همراهه ڪاوڙيل آهي. توهان دير ڪندا آهيو ته هليو ويندو آهي".

20_06_1987

اڄ جي ريڊيو جي خبر آهي ته لاهور ۾ اهل حديث جي جلسي ۾ بم جو ڌماڪو ٿيو. جتي 6 ماڻهو مري ويا ۽ 35 کن شديد زخمي ٿيا آهن. جيستائين ضياءُ الحق جهڙو زيان خور هوندو. نسل پرستي، مذهبي ۽ فرقيواريت جي بنياد تي انساني خون پيو وهندو رهندو. پيو ڌماڪو اسٽيج جي هيٺان ٿيو. جنهن سبب تقرير ڪندڙ مولوي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پري وڃي ڪريو. اسٽيج تي ويٽل 9 مولوي ب مارجي ويا.

30_06_1987

اڄ منظور شر ملڻ آيو هن چيو: "ڪامريڊ غلام حسين موڪليو آهي، هو چوي ٿو ته في الحال تون اڪثريت اقليت جي ڏر ۾ نه ٿي، جيل مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪو فيصلو ڪجان، ته جيئن سيئي ڏريون تنهنجو گڏيل استقبال ڪن"، مون چيو: "يار منهنجا ٻئي مجرم آهن، مان جيڪو هينئر جيل وينو ڪتيان ۽ جام ساقي ڪيس جو جام ساقي به آزاد ٿي چڪو آهي ۽ مان سزا وينو ڪاٽيان، مان ته پنهنجو نذير جو ۽ ڪمال وارثيءَ جو حساب پيو گهران. ادا، اِها ڳالهه سمجهي ئي نٿو ۽ جام ساقي جو مريد لڳو پيو آهي"، پوءِ منظور به مڃيو ته: "اِها ڳالهه ته تنهنجي صحي آهي"، مون چيو: "بدر ابڙو به ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر هو، هن کي بچائڻ لاءِ بدر جو گهر، جنهن مان سامان نڪتو، اُهو به منهنجي ڪچيءَ ۾ وڌو ويو ۽ پنهنجي وڪيلن کان شاهدن کان سوال ڪرايا ته اِهو سامان شبير ۽ ڪمال وٽان نڪتو آهي. اِهو به ته چئي ٻئي سگهيا ته ان سامان سان ڪنهن جو به ڪو تعلق ناهي، ملٽري ڪورٽ ته سيني کي آزاد ٻئي ڪيو هي اسان جي سزا جو فيصلو ته اسان جي قيادت ڪيو".

05_07_1987

اڄ خادم قلپوتو جي ملاقات آئي ته مون ڏانهن نيابو موڪليائين ته وطن دوست پارٽيءَ جا ڪجهه دوست آيا آهن، جيڪي مون سان ملڻ ٿا چاهين. اُتي ويس ته اُتي به نوجوان بيٺا هئا، هڪ جو تعارف هن نثار ڪانهر جي نالي سان ڪرايو ۽ ٻئي جو عبدالحسين شر، هُو ٻئي لطيف يونيورسٽي ۾ ايم اي فائنل پڙهندا آهن. عبدالحسين شر ٻڌايو ته هُو علي بيگ، رحيم خان واري جو پٽ آهي، هي به يار وطن دوست اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ آهي.

15_07_1987

اسان جا دوست هڪٻئي مٿان الزام لڳائي رهيا آهن، ته اُهي ٽراٽسڪائي ٿي ويا آهن. ٽراٽسڪي کي آڪٽوبر انقلاب ڪانپوءِ اسٽالن انقلاب دشمن قرار ڏئي مارائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن ڪري هُو روس ڇڏي جنيووا هليو ويو هو. لياقت علي ۽ آلي مقبول رضوي اڄ آيا، هنن

وري مونکان پارٽي سرڪيولر جي باري ۾ پڇيو تہ مون چيو: "ٻئي ڏڻا مال تي وڙهيا آهن. سوويت يونين ٽٽڻ ٻئي وڃي. هنن جو مال بہ بند ٿيڻ ٻيو وڃي. سو هاڻ هتي وارين قوتن کي بہ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي جاري رکڻ جي ضرورت ناهي". مون چيو: "اهو ئي سرڪيولر آهي. جنهن پارٽيءَ کي ڀڃ ڊاهہ واري رُخ طرف تيزيءَ سان ڏڪڻ شروع ڪيو آهي. جيئن گورباچوف سوويت يونين کي ٽوڙيندو. تيئن جمال نقوي. جام ساقي. مختار باچا پارٽي ٽوڙيندا". لياقت چيو: "اسان جي بہ هاڻ اِها ئي راءِ ٻيڻي آهي".

30_07_1987

اڄ رفيق انڊڙ ۽ لياقت عباسي ملڻ آيا. هنن چيو: "تو اڳي جيڪو مسئلو چيڙيو آهي. ان تہ جمال نقوي ۽ جام ساقي گروپ کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ تہ هنن جا حمايتي جواب بہ نٿا ڏئي سگهن. سنگت جي سوال تي. اِهو ئي پڇين تہ جيڪي پارٽي جا ميمبر ئي نہ هئا. انهن کي سزا ڇو لڳي ۽ وڏا اهم ليڊر ڪيئن آزاد ٿي ويا؟ اهو بہ ضياءَ جي مارشل لا هوندي. هاڻ تہ جام ساقي. ضياءَ جي دؤر ۾ جلسا بہ ڪري رهيو آهي. هن جا وڏا وڏا جلوس نڪري رهيا آهن".

مون چيو: "منهنجي ڏوهہ جا ڏوهاري مير ٿيبو. رحيم بخش جعفري ۽ غلام رسول سهتي وارا بہ آهن. غلام رسول سهتي کي تہ مان ڪراچي جيل کان لکت ۾ ڏنو هو تہ اسان جي گرفتاري جو ذميوار جمال نقوي آهي. ان کان پڇيو وڃي. جنهن تي غلام رسول سهتي مون تي الزام لڳايا هئا تہ پارٽي وارن کي گرفتار ئي شبير شر ڪرايو هو.

05_08_1987

اڄ ملاقات کانپوءِ سيٺ طالب چيو: "اڄ گهران ماني آئي آهي. اڄ تہ گڏجي کائون". مون چيو: "ٺيڪ آهي". هي يار اڳوٽي زال جي مڙس کي قتل ڪرڻ جي الزام هيٺ جيل ۾ آهي. ڏاڍو سٺو ماڻهو ٿو لڳي. وڪيل جي قتل ۾ ڦاسي ويو آهي. سو پاڻ کي بہ سمجهہ ۾ نٿو اچيس تہ هن کي قتل ڪنهن ڪيو؟

اڄ ڀاءُ ليات علي ٻڌايو تہ: "اسان جي تعليم وارين معافين جي

پٽيشن عدالت منظور ڪري ڇڏي جيل وارن آزاديءَ جي تاريخ ٻڌائي آهي، ته 17 ڊسمبر تي توهان کي يقيني طور تي آزاد ڪيو ويندو". وري لياقت چيو ته: "اڄ ڳوٺ ٽو وڃان ٿو اِها خوشخبري ابي امڙ کي ٻه وڃي ٽو ٻڌايان"، مون کي چيائين: "خوش نظر نٿو اچين". مون ڪيس ڪلي چيو: "8 سال جيل ڪٽي ويس، هي چار مهينا ڪيئن ڪٽبا...!؟ اِهو ٽو سوچيان، تاريخ نه ٻڌائين ها ته سنو هو".

10_08_1987

آئيسوبل جيڪس ۽ پيٽر جي ملاقات ڪانپوءِ مون کي روزانو يورپ، آسٽريليا ۽ آمريڪا جا ماٺهو خط ۽ ڪارڊ موڪلينداٿا رهن. سڄي دنيا ۾ منهنجي آزاديءَ جي مهم هلائي پئي وڃي، اڄ ٻه نيڊرلينڊ ڪان هڪ اسپتال جي نرس جيسيڪا 'سالگرهه مبارڪ' جو ڪارڊ موڪليو آهي، ڏاڍو سهڻو ۽ رنگارنگ آهي. هن وقت تائين دنيا جي مختلف ملڪن مان سالگرهه مبارڪ جا پنج خط ملي چڪا آهن، هُو خطن ذريعي منهنجي تڪليف جي باري ۾ فڪرمند نظر ايندا آهن.

20_08_1987

غلام رسول سهتي جو پاٽيجو جام سهتو هڪ ڪرمنل ڪيس ۾ جيل ۾ قيد آهي، گهنشام کي روز قيدين جي ڪمن جون پرچيون آڻي ڏيندو آهي. نيٺ گهنشام اڄ تنگ ٿي چيس: "توکي ئي اسان الائي ڪيئن رڌ پچاءَ ڪرڻ جون سهوليتون ونڊي ڏنيون آهن، سڄي بئرڪ کي باهه ڏيارينديندين چا؟"، گهنشام چيو: "يار، هن ته هاڻ تنگ ڪرڻ شروع ڪيو آهي".

30_08_1987

اڄ جي اخبارن ۾ خبر ڇپجي آهي ته ملڪ جا 17 لک ڪلارڪ اڄ کان قلم ڇڏ هڙتال شروع ڪندا، هنن اعلان ڪيو آهي ته هفتي اندر هنن جا مطالبا نه مڃيا ويا ته اُهي مڪمل طور تي هڙتال ڪندا ۽ اُها تيستائين جاري رهندي، جيستائين هنن جا سمورا مطالبا نه مڃيا ويندا.

اهڙي صورتحال مان به سياسي پارٽيون فائدو نٿيون ونڊن ۽ سندن مطالبن جي حمايت ۾ به ڪوئي بيان نٿيون ڏين _ وڏي حيرت جي ڳالهه آهي.

سکر مان جماعت اسلامي جي ڪائونسلر جي گھر مان هٿيارن جو وڏو ذخيرو هٿ آيو آهي. هن کي گرفتار ڪري بن ٽن ڏينهن اندر آزاد ڪيو ويندو. اسان جي ڪنهن ساٿي وٽان هڪ گولي به پکڙجي ها. ته هن کي گرفتار ڪري ڪورٽ مارشل ڪيو وڃي ها.

28_09_1987

اڄ جي اخبارن ۾ مانڊل شر. ڪامريڊ غلام حسين شر. علي حسن چانڊيو اختيار پٽو ۽ ٻين جو بيان ڇپيو آهي. جنهن ۾ صرف ڪمال وارثيءَ جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. هنن ڪامريڈن هاڻ اختلاف راءِ کي برداشت نہ ڪندي. منهنجي گھر ۾ فتنو پئدا ڪرڻ جھڙي ڪنهن حرڪت ڪئي آهي. جو منهنجي وڏي پاءُ جو ان بيان ۾ نالو ڏنو اٿن. جنهن ۾ منهنجي آزاديءَ جو مطالبو ناهي. يعني هاڻ هي ايتري هينئين سطح واري ويڙهه وڙهڻ تي لهي آيا آهن.

07_10_1987

اخبارن ۾ ٿر جي ڏڪار بابت خبرون آهن. جت ماڻهو ۽ مال بکن سبب مري رهيا آهن. اڄ جي اخبار موجب چار هار بک وگهي فوت ٿي ويا. حڪومت طرفان ڪنهن به قسم جي واهر نہ ڪئي وئي آهي. هتي لکين افغانين کي مفت ۾ کارايو پيو وڃي. پر هن ملڪ جا ماروئڙا بکن ۾ پاهہ ٿي رهيا آهن. انهن لاءِ حڪومت وٽ ڪجهہ به ناهي. ڪافي عرصي کان وسڪارو نہ ٿيڻ ڪري ٿر ۾ بک پکڙجي وئي آهي.

09_10_1987

اڇڪلهہ اخبارن ۾ پ پ جي چيئرپرسن مس بينظير پُٽو جا بيان اچي رهيا آهن. ته پ پ ايندڙ غير جماعتي مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهڙو فيصلو 1983ع ۾ به ڪيو ويو هو. جنهن سبب اڏ کان وڌيڪ پ پ جا چونڊيل ڪائونسلر سرڪاري ڏر ۾ شامل ٿي ويا هئا. ضياءَ حڪومت به شروع کان مڪاني ادارن واري حڪومت ناهڻ تي زور ڀريندي رهي آهي. ان سان عام ماڻهوءَ جو جمهوري ادارن تان به ڀروسو ٽٽي ويو. ته هن ووٽ ذريعي نلڪا ۽ سلائي مشين ڏيڻ

وارو نمائندو ته چونڊي ورتو.

10_10_1987

بي بي سي ۽ وائيس آف آمريڪا خبر ڏني آهي ته نار واري اپ سمنڊ ۾ آمريڪا ۽ ايران جون سڌيون جهڙپون هلي رهيون آهن ۽ ٻنهي فوجن جا ٻيڙا هڪٻئي جي آمهون سامهون آهن. آمريڪي ٻيڙن تان ايراني آبدوز تي ميزائل فائر ڪيا ويا آهن. جنهن سبب ٿي آبدوز تباهه ٿي ويون. ٻئي طرف ڪجهه ملڪن آمريڪا جي ان عمل جي مذمت ڪئي آهي ته اُهو ٽين عالمي جنگ کي جنم ڏئي رهيو آهي. جيئن سوويت يونين پنهنجي اندروني خلفشار جو شڪار ٿيندي پئي وڃي، تيئن آمريڪي توسيع پسندانا ڪارروائين ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. نار ۾ سوويت يونين جا ٻيڙا موجود هوندي به سوويت يونين کا به ڪارروائي نه پيو ڪري.

11_10_1987

اڄ ايم ڪيو ايم جو باني اڳواڻ اختر رضوي هتي گرفتار ٿي آيو آهي. هن کي بند وارڊ ۾ رکيو ويو آهي. اسان کي اها خبر پئي ته حيات ڦل وٽ وياسون. اسان چيو: "اختر رضوي کي بند وارڊ ۾ نه رکو هُو سياسي قيدي آهي. اسان سان گڏ رکو". حيات ڦل چيو ته: "حڪومت جون سخت هدايتون آهن ته هن کي سختيءَ ۾ رکو". مون کيس چيو: "صاحب! هُو چون ٿا ڪراڙو ماڻهو آهي ۽ هن کي بند وارڊ ۾ هِيٽ اسٽروڪ ٿي ويو ته مرڻ ۾ دير نه ڪندو. پوءِ خبر اٿئي ايم ڪيو ايم وارا اڳ ۾ ئي باهه ٻاريو وينا آهن". اڃان اتي وينا ئي هئاسون ته بند وارڊ جو حوالدار آيو جنهن ايس پي صاحب کي ٻڌايو ته: "ڪراڙي کي سخت بخار آهي ۽ بيهوش ٿي ويو آهي". ڊاڪٽر پنهل وٽ وياسون. هُو جيل جي اسپتال ۾ ويٺو هو. سو اسان جي چوڻ تي اسٽريچر موڪلي هن کي کڻائي ورتائين. واقعي بيهوش هو ۽ 105 ڊگري جو بخار هئس. ان تي هن مٿان برف وارو پاڻي لاهڻ لڳا ته ڊاڪٽر چيو: "نلڪي جو پاڻي وجهو".

ايس پي جيل حيات ڦل جو ساهه پيو وڃي. مونکي چيائين: "اها ڳالهه هڪ ڏينهن اڳ ۾ نه پيو ڪرين". مون چيو: "اسان کي خبر ئي اڄ پئي آهي. جو سليمان شيخ کي الائي ڪنهن ٻڌايو". نيٽ ڊاڪٽر پنهل جي

محنت رنگ لاتو ۽ شام تائين اختر رضوي جو بخار ۾ لهي ويو. تڏهن هُو هوش ۾ آيو.

پوءِ هن کي بي ڪلاس منتقل ڪيو ويو. اتي هن ٻڌايو ته هو ڪميونسٽ پارٽي ۾ رهيو آهي. اصل خيرپورميرس جو آهي ۽ شاعر ۽ آهي. مون کيس چيو: "پوءِ هي نسل پرستيءَ ۾ ڪيئن ڦاٿو آهين؟". ان جو هُو ڪوئي به جواب نه ڏئي سگهيو.

12_10_1987

اڄ صبح سوير ئي ملاقات آئي. مطلب ته نيرن ئي نه ڪئي هئي ته ملاقات جو سڏ ٿيو. ايڏو سويرا؟ حيرت ۽ ٿي ته خوف ۽. ڏٻٽي پير الطاف ڪِلي چيو: "الائي ڪهڙو واندو آهي جو 9 وڳي اڇي ٻيهي رهيو آهي". ڇارين مان ڏٺم ته عبدالقادر شر ٻيٺو هو. هن کي اندر گهرايم ۽ تڪڙو تڪڙو حال احوال ورتم. مون چيو: "خير ته آهي ايڏو سويرا؟" هن چيو: "دير سان وري توهان وٽ خلق هوندي آهي. چيم نويڪلي ڪچهري ڪريان". هيءُ همراهه ايريگيشن ۾ سرويئر آهي. راڌڻ ۾ نوڪري هئس. هاڻ هتي خيرپور بدلي ٿي آيو آهي. راڌڻ ۾ ڪامريڊ غلام حسين شر کيس نرنجن جي پاءُ گهنشام وٽ رهايو هو. سو ٻڌايائين ته: "ديوان ته بلوچن کان ۽ وڌيڪ بهادر نڪتا".

13_10_1987

اڄ پي اين پي جو دوست بشير ملاح ملڻ آيو. مون کائنس پڇيو: "نانڪ کي نه وٺي آئين؟". هن چيو: "مان ڳوٺان (بوزدار وڏا) آيو آهيان. نانڪ راڻيپور هوندو آهي". هن ٻڌايو ته ڪميونسٽن بزنجو کان الڳ ٿي ولي خان سان اتحاد ڪري غلطي ڪئي ۽ پنهنجو وڏو سياسي نقصان پڻ ڪيائون. ان دوران اسد عابدي، ذڪاءالله ۽ رضا محمد دراني گرفتار ٿي اندر پهتا. هنن پنهنجا پُٽا ۽ سَٽر ڏيکاريا. جو اسان جي آزاديءَ لاءِ جلوس ڪڍيو هو. ان تي پوليس هننُ کي ڌاڪي ۾ وٺي وڃي متن تشدد ڪيو هو. مان سمجهيو ته ڪو هي ملاقات تي آيا آهن. پر هنن کي پوليس جيل حوالي ڪري وئي. مان هنن کي جيل جي اسپتال وٺي ويس ته هنن جي زخمن جو

معائنو ڪري ميڊيڪل جي ڪتاب ۾ لکي. پر ڊاڪٽر پنهل نتائج لڳو تہ: "ان مان چا ٿيندو؟" ايتري ۾ حياتي ڀر ۾ اچي ويو. مون کي چيائين: "لڳي ٿو شبير هن جيل تي ۽ ۽ ٽي ڏينهن رهندين؟. هاڻ سنڌ جا سڀ جيل گهمي چڪو آهين. ڇ جيل وڃي ڇڏيو آهي. آزادي ۾ ۽ ٽي مهينا اٺئي. آرام سان نٿو ويهين" ڊاڪٽر کي چيائين: "انهن جي پٽي ڪري شبير جي وارڊ ۾ موڪلين". مونکي ٻانهن کان ورتائين: "اڄ تہ توسان حساب ڪريان". مونکي پنهنجي آفيس وٽي آيو: "يار مونکي نوجين سان نہ ويڙهاءِ. غريب ماڻهو آهيان. الائي ڪيئن جيل جو ايس پي ٽي ويو آهيان. ٻاهرين سنگت کي ڇڏ تہ اُهي اُتي پندڙ ڪن. هتي ڇڏ. نہ ڪر فساد".

14_10_1987

صبح جو نيرن ۽ نہ ڪئي هئي سون تہ ڊپٽي پير الطاف ماڻهو موڪليو: "چاچو دراني آيو آهي. ان جا چوڪرا موڪليو". ذڪاءُ الله ۽ رضا محمد کي چيوسون ويجو پر چاچي شاهہ محمد دراني کي ڏکَ نہ ڏيکارجو. هنن چيو: "توهان ۽ هلو". اتي وياسون تہ چاچو آسمان متي تي ڪنيو ٻيٺو هو. اسد عابديءَ کي چيائين: "اڙي ڊگها تون چا جي لاءِ ٿو جلوسن ۾ وڃين. جاڏي ٿو ڊوڙين. پوليس اوڏانهن ٽي پيڄي. سدائين سؤلائيءَ سان ٻڌو پيو آهين". وري پنهنجي چوڪرن کي چيائين: "هِن اُٺ جي پٽيان ڇو ڊوڙندا آهيو! ٻيو ڪو هنڌ نظر نہ ايندو اٿوَ؟". اصل ۾ اسد عابديءَ جو قد سادا ڇهہ ڦٽ آهي. واقعي جڏهن ۽ هُو جلوس ۾ ويندو آهي تہ ٻڌبو ۽ ضرور آهي. پوءِ جيڪي هن جي پويان ڊوڙندا آهن. اُهي ۽ پڪڙجي ويندا آهن". چاچي چيو: "22 نمبر رجسٽر ۾ چوڪرن جي زخمن جو اندراج ڪرايوَ يا نہ؟" اسان چيو: "بلڪل ڪرائي ڇڏيو آهي". چاچا شاهہ محمد دراني چيو: "چڱو مان هلان ٿو مونکي پڪ هئي تہ گهنشام ۽ شبير شر وينا آهن. سو وارثي تہ ٽي وئي هوندي". پوءِ هليو ويو.

17_10_1987

ڪالهہ هتي خيرپور ۾ ڊي ايس ايف جو صوبائي ڪنوينشن هو. سو چيم پئي تہ اڄ ڪافي ساٿي ملڻ ايندا. مجيد بلوچ ۽ لقمان چانديو ٽيون

ڏينهن ملي ويا هئا. منير ميمڻ، محمد ارشاد گلاباڻي، امداد چانڊيو ۽ شير مگريو جي اچڻ جي اميد هئي. پر ڪير به نه آيو. جڏهن وجود علي شر ۽ عبدالله سولنگي آيا، هنن کان خبر چار ورتي. تڏهن خبر پئي سڃي سنگت وڃي چڪي آهي ۽ اسان سان ڪو به ملڻ نه آيو. عبدالله سولنگي ٻڌايو ته: "مونکي گڏجاڻي ۾ مبصر طور ويهاريو ويو. پر ڏک تڏهن ٿيو. جڏهن منير ميمڻ اعتراض ڪندي چيو ته 'عبدالله سولنگي غير ضروري مبصر ٿو لڳي'. هن کي ڪنهن ڪجهه به نه چيو ته هُو پاڻ ناهي وينو. هن کي دوستن جي راءِ سان ويهاريو ويو آهي".

18_10_1987

اڄ مس بينظير ڀٽو جو بيان ڇپيو آهي ته سندس پيپلز پارٽي 1985ع واريون غير جماعتي چونڊن ۾ به حصو ونڻ لاءِ تيار هئي. پر هن کي ايم آر ڊي جي پارٽين سختيءَ سان منع ڪئي هئي. هاڻ ان جو نتيجو آهي ته اسيمبلي آرام سان هلي رهي آهي. اتي ڪو به مزاحمت ڪرڻ وارو ميمبر ناهي. جي اسان حصو ونون ها ته ضياءُ الحق هن اسيمبليءَ کي مهيني اندر ٽوڙي ڇڏي ها. هاڻ هو هن ڪٽ پتلي اسيمبليءَ کان مارشل لا ڪورٽن جا ڏنل فيصلا به قانوني ۽ آئيني قرار ڏياري رهيو آهي، ۽ حدود آرڊيننس جهڙي ڪاري قانون کي به قانوني شڪل ڏياري رهيو آهي. مِس ڀٽو واهه جي ڀَالهه ڪئي آهي، هونئن به ايم آر ڊي ۾ شامل اڪثر پارٽيون ضياءُ الحق جي بي ٽيم رهيون آهن: تحريڪ استقلال خواجه خيرالدين جي مسلم ليگ، اين ڊي پي، جي يو آءِ.

واقعي جيڪڏهن پ پ حصو ونڻ ها ته اڪثريت سان سيٽون ماڻي ونڻ ها ۽ ضياءُ الحق پنهنجي مرضيءَ وارو محمد خان جوڻيجي جهڙو زنده لاش وزيراعظم به نه ڪرائي سگهي ها.

19_10_1987

عبدالقادر ۽ منظور شر جو ننڍو ڀاءُ ذوالفقار شر پابنديءَ سان روزانو ملڻ اچي ٿو هي ٽيئي ڀائر انتهائي درجي جا معتبر ۽ پيارا آهن. هي ڏهرڙو هوندي به ڪڏهن ٻنڊ ته ڪڏهن ٽانگي تي ايندو ضرور آهي، بصر، پٽاڻا،

فروٽ ۾ ٻيو سامان بہ ضرور وڌيو ايندو آهي. منظور شر ۾ عبدالقادر شر لڳاتار سکر جيل کان منهنجي پرگهور لهندا اچن. هُو ڪو پارٽي جا ناهن پر ادا وڏي غلام حسين شر سان دوستي جي ناتي منهنجي پرگهور لهندا ٿا اچن. ويجها مائٽ تہ شايد ئي ڪڏهن ايندا آهن. هي پري جا مائٽ ٿي ڪري بہ ويجهن کان وڌيڪ منهنجي سار لهندا ٿا رهن. ذوالفقار منهنجي چوٽ تي ڊي ايس ايف ۾ شامل ٿي ويو آهي.

مون کان عبدالقادر شر پڇيو: "ناراض نہ ٿئين تہ هڪڙي ڳالهہ پڇان؟"، پوءِ هن چيو: "تنهنجو جام ساقي وارن سان اختلاف ڇا تي آهي؟"، جڏهن هن کي مون سڄو قصو ٻڌايو تہ پوءِ اٿي ٻيهي مونکي سلام ڪري چوٽ لڳو: "يار، تون واقعي عظيم انسان آهين. ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ڪو بہ تعلق نہ هوندي. پنهنجي وڏي ياءُ جي محبت ۾ هيءُ سڀ ڪجهہ پوڳي وئين؟ حيرت آهي!"

ان دوران ياءُ لياقت علي اچي ويو هن ٻڌايو تہ: " 1987_10_20 تي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس فڪس ٿيو آهي"، هن مونکي بي اي جو سرٽيفڪيٽ ڏيندي چيو تہ: "هي جيل جي رڪارڊ تي رکرائي ڇڏ. هاءِ ڪورٽ اعتراض ڪيو آهي تہ مارشل لا جي سزا کي هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج نٿو ڪري سگهجي. مون کين صديق کرل ڪيس جو حوالو ڏنو جنهن ۾ جيل قانون موجب امتحان جي سزا ۾ ڇوٽ واري درخواست کي هاءِ ڪورٽ منظور ڪيو هو ۽ مون چيو مون سزا کي چئلينج ناهي ڪيو پر جيل قانون موجب امتحان جي سزا ۾ ڇوٽ واري قانون تحت حق گهريو آهي"، هن مون کي ايمنسٽي آسٽريليا جي گروپ ليڊر 'جان ٽنڊيل' جو خط بہ ڏنو جنهن سان گڏ پاڪستان سرڪار طرفان آسٽريليا جي پرڏيهي وزير کي جواب لکيو هو تہ شبير شر جي اجا 6 مهينا کن سزا رهي ٿي پئي. 20 بہ سياٽي آهي. ڏسجي تہ هاءِ ڪورٽ ڪهڙو فيصلو ٿي ڏئي.

20_10_1987

لياقت علي اڄ نئين پٽيشن کڻي آيو چيائين تہ: "عدالت چيو آهي تہ قيدي پاڻ پٽيشنر ٿئي"، مون ان تي صحيح ڪئي تہ جيلر تصديق واري

صحيح نہ پيو ڪري. ڊپٽي ۽ سپرنٽينڊنٽ ٻئي ڪونہ هئا. نيٺ ايس پي حيات ڏل کي سڏايو ويو. هُو به گس گساءِ پيو ڪري. نيٺ صحيح ڪيائين ۽ لياقت علي اُٿا کٽي هليو ويو. ان دوران ذوالفقار شر. مولوي ذوالفقار شر. شبير علي فقير به آيا. هنن سان ملاقات ڪري رهيا هئاسون. ته ننڍي بار جي روئڻ جو آواز آيو. ڊپٽي جي ڪمري مان نڪتاسون ته هڪ بار کي سنگهر ويڙهيل هئي. هُو روئي رهيو هو. پوليس ٻڌايو ته: "خون جي ڪيس ۾ ٻڌو آهي". هن جي پيءُ ٻڌايو ته: "هڪ پوڙهو آيو. پاڻي گهريائين. پياريوسون ته اُتي ئي فوت ٿي ويو. ان تي پوليس کٽي خون جو ڪيس ناهيو آهي".

22_10_1987

پاءُ لياقت علي آيو. هن چيو: "پٽيشن هاءِ ڪورٽ ٻڌڻي لاءِ منظور ڪندي آءِ جي جيل ۽ سپرنٽينڊنٽ جيل کي 28 آڪٽوبر تي حاضر ٿي جواب ڏيڻ جا نوٽيس جاري ڪيا آهن. ته هن کي امتحان جي معافي ڇو نٿي ڏني وڃي؟". پاءُ ٻڌايو ته: "اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل چوي ٿو ته انٽر واري امتحان جي سزا ۾ چار مهينا چوٽ ملي ته پٽيشن تان هٽ کٽي وڃون. ڇو ته هاءِ ڪورٽ فيصلو ڪيو. ته اسان ان کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا سون. پوءِ مسئلو ٿيندو". لياقت چيو: "ان سان تون ڊسمبر ۾ آزاد ٿي ويندي". مون چيو: "هونئن به اپريل 1988ع ۾ منهنجي ته سزا به ختم ٿي ويندي. سيڪي رميشن ڇو نہ ونون. پل ڪورٽ کي جيڪو وٽي فيصلو ڪري اسان کي اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جي چوڻ تي نہ هلڻ گهرجي". لياقت چيو: "ها، اِهو دليل به وزنائتو آهي". مون کيس وراڻيو ته: "بي اي واري معافي ٿي ملي ته مان اڄ ئي آزاد ٿي ويندس. پوءِ ڊسمبر تائين مان جيل ۾ ڇو ويهان. ان فيصلي سان هين قيدين جو به پلو ٿيندو".

24_10_1987

9 وڳي مقدم آيو. چئي: "گهنشام ۽ شبير کي ايس پي حيات ڏل ٿو سڏي". اتي وياسون ته خبر پئي غلام رسول سهتو ملاقات لاءِ ويٺو هو. هن چيو ته هُو چندو گڏ ڪرڻ نڪتو آهي. 13 نومبر تي سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو جلسو ٿو ڪري. حيات ڏل آيو. مونکي چيائين ته: " جيل جي معائني تي ٿو

وڃان، سو مون سان گڏجي هل". جيل جي ميدان تي وڏو جلسو ڪرايائين. قيدين کي خطاب ڪيائين، مون کي 9 سؤ قيدي وينل ڏسي جوش آيو ته تقرير ڪريان. ڪُلَ چيو: "چڏ يار مارائيندين چا؟ هتي هنن ۾ الائي ڪيترا فوجين جا ايجنٽ هوندا". قيدين چيو: "سيءُ آهي ڪمبل ڏيو". هن چيو: "جيڪو ڪمبل گهرندو، ان کي سکر جيل موڪليندس، جتي توهان کي ڏنڊن سان گرم ڪندا، ڪمبل پنهنجي گهرڙان گهرايو." هڪ قيدي جڙيو رند اُٿي بيٺو: "اسان کي بين جيلن کان نہ ڊيڄار، اُتي بہ بن مانين جو پٽو ملندو. بين ضلعن جا قيدي هتي سڙن ٿا پيا، انهن کي پنهنجي ضلعن جي جيلن تي موڪل، ته وڃي مٽن مائٽن کي سولا ٿين". حيات قل تقرير اڌ ۾ چڏي هلي پيو. قيدي يڪو خطاب ڪندو رهيو.

ايتري ۾ امڙ ملاقات تي آئي، آزادي جا سوال ڪونہ ڪيائين. چيائين: "پنهنجي پارٽي بہ چڏي ڏنئي"، مون چيو: "مونکي پارٽيءَ چڏي ڏنو آهي، 500 رُپيا مهيني جو خرچ موڪليندا هئا، اُهو بہ جام ساقي آزاد ٿيڻ کانپوءِ بند ڪرائي چڏيو آهي". امڙ حيرت ۾ چيو: "بند ڪري چڏيائون...! پوءِ هي تو وارا پائر اهڙي ڪِني پارٽيءَ ۾ چو وينا آهن". مون چيو: "امڙ اُهي جام جا مريد آهن، ان ڪري".

27_10_1987

اڄ ابو سائين ملڻ آيو، ابي بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي: "ايجا جيل ۾ آهين ته تنهنجي پارٽي ۽ تنهنجا پائر توکان رُسي ويا آهن. بهرحال، تو صحي ڪيو، منافقن جي پارٽي توکي گهٽو اڳ چڏڻ ڪپندي هئي، جام آزاديءَ کان پوءِ ڳوٺ آيو، مون تنهنجي لاءِ چيس ته هاڻ ته وڪيل ڪري ڪيس وجهي ڏيو. ان تي چيائين، هُن (شبير) کي سزا پوري ڪٽڻي پوندي، جڻ جيل ۾ وجهڻ ۽ سزا جو فيصلو ئي جام ساقي جو ٿيل آهي". ابي چيو: "لياقت ڪوشش ڪري پيو، جي امتحان جي معافي ملي، ته ڪڏهن آزاد ٿيندين؟"، مون چيو: "ان ئي ڏينهن آزاد ٿي ويندس". پوءِ ته ابو سائين هٿ مٿي ڪري دعائون ڏيڻ لڳو.

28_10_1987

ڊاڪٽر پنهل پنهور جو ماڻهو آيو. اڄ ته چانهه پيئون. چانهه جي بهاني اتي وري ڊگهي ڪچهري ٿي ويندي آهي. هوڏانهن ملاقاتي انتظار ڪري ٿڪجي پوندا آهن. اُهو ئي ٿيو. وينس مس ته سڌ سڌان ٿي وئي. ملاقات تي ويس ته ابو ويٺو هو. ڪاوڙ ۾ هو: "يار اڌ ڪلاڪ کان ويٺو آهيان". مون معافي ورتي ته ڊاڪٽر ويهاري چڌيو. ابي چيو: "اڄ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس لڳل آهي. الائي چا ٿيو. لياقت علي به اڄا ناهي آيو".

عبدالله سولنگي ۽ ذوالفقار شر گڏجي آيا. عبدالله چيو ته: "ڊي ايس ايف جو ڪنوينشن آهي. ان لاءِ پيغام ٿو ڪپي". ٻيو ٻڌايائون ته: "ذوالفقار شر ڊي ايس ايف چڌي واپس سپاف ۾ شامل ٿي ويو آهي. ذوالفقار ان جو جواز ڏنو ته سندس وڏن پائرن منظور شر ۽ عبدالقادر شر مٺس وزن وڌو ته هُو سپاف ۾ شامل ٿئي. نه ته گهر اچي ويهي". ان دوران ياءُ لياقت علي به اچي ويو. هن ٻڌايو ته: "آءِ جي جيل منظور پنهور ۽ ايس پي جيل حيات قل عدالت ۾ پيش ٿيا. جيڪي تيار ٿي نه آيا هئا. عدالت جي سوالن جا جواب ئي نه ڏئي سگهيا. عدالت پچيو ته پٽيشنر جي هيترين درخواستن جو جواب چونٿا ڏيو. وري ڪيس 23 نومبر تي رکيو آهي. آءِ جي جو چوڻ هو ته قيدي مارشل لا ڪورٽ جو سزا يافتا آهي. ان لاءِ اسان هوم ڊپارٽمينٽ کي لکيو آهي. پوءِ عدالت آءِ جي کي چيو ته 23 نومبر تي مسئلو حل ڪري اچي".

29_10_1987

اڄ جيلن جو آءِ جي منظور پنهور آيو ۽ مونکي حيات قل جي آفيس ۾ سڏايائين. هن چيو ته مونکي امتحان جي چار مهينا سزا ۾ چوٽ ڏيارڻ جو واعدو ٿو ڪري. پر مان پٽيشن تان هٽ ڪٽان. مون ڪيس چيو: "پهريان ڏيو ته پوءِ هٽ ڪٽندس". منهنجي جواب ملڻ کانپوءِ هُو حيات قل تي بگڙي ويو. "جيل صفا ٺڏو لڳو پيو آهي. مان هتي ڪجهه نه ڪائيندس". ايئن چئي مون سان هٽ ملائي ٻاهر نڪتو ته آفيسر به پويان لڳا ويس.

31_10_1987

ڊي ايس ايف جي حوالي سان به تڪراري پريس ڪانفرنسون

اخبارن ۾ چپيون آهن. هڪ ۾ امداد چانڊيو کي ٻيو پيرو ڊي ايس ايف جو مرڪزي چيئرمين چونڊيو ويو آهي ۽ اقبال بنگلزئي کي جنرل سيڪريٽري ۽ چار نائب صدر.

امداد چانڊيو ان جي تردید ڪندي چيو آهي تہ انهن چونڊن سان اسان جو ڪو بہ واسطو ناهي. اِهي نامزدگيون ٽيون آهن. جيڪي ڊي ايس ايف کي ٽوڙڻ جون ڪافي عرصي کان سازشون ٿي رهيون هيون. ان جو حصو آهن.

01_11_1987

ڊي ايس ايف ڪراچي جا بہ ساٿي سرفراز ۽ شهزاد روڊ حادثي ۾ شهيد ٿي ويا آهن. ڪراچي ۾ ڊي ايس ايف جو مرڪزي ڪنوينشن بہ ٿي گذريو آهي. پر اتان ڪو بہ ساٿي ملڻ ناهي آيو. جنهن ڪري رزلٽ جي خبر نٿي پوي. پارٽي ورهائجڻ کانپوءِ هاڻ ڏيلي تنظيمن جي ورهائجڻ جو عمل بہ شروع ٿي ويو آهي. هاڻ هاري ڪميٽي ۽ ليبر فيڊريشن جو وارو آهي. اِها ڳالهہ بہ ٻڌڻ ۾ آئي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ علي حسن چانڊيو ڊي ايس ايف جي شيٽ جيئي سنڌ وارن جي شيٽ مٿان لڳائي ۽ جيئي سنڌ وارن کي ٻڌايو تہ اُها شيٽ منظور سولنگي ۽ مهيش لڳائي آهي. جيئي سنڌ وارا منظور سولنگي ۽ مهيش سان وڙهڻ آيا. جتي ڪنهن شاهد چيو اُها شيٽ هن علي حسن کي لڳائيندي ڏٺي آهي.

هيءَ صورتحال انتهائي ڏکوئيندڙ آهي تہ اڳ جيڪي هڪٻئي جا ساٿي هئا. اُهي هاڻ هڪٻئي جا جاني دشمن ٻڌجي پيا آهن.

اڄ ملاقات تي شرف ميمڻ آيو هن ڪراچي ۾ ٽيل ڊي ايس ايف جي ڪنوينشن جو احوال ڏنو تہ ڪنوينشن ڪاميابي سان ٿي ويو. هن ٻڌايو تہ امداد چانڊيو چيئرمين لاءِ فارم نہ ٻيو پري. پوءِ سنگت زوريءَ پرايس. امداد بنا مقابلي ڊي ايس ايف جو ٻيو پيرو چيئرمين چونڊجي ويو. جنرل سيڪريٽري اقبال بنگلزئي. گل بليدي کي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ اسلم کي سوشل سيڪريٽري ۽ خواجا متين کي نائب صدر چونڊيو ويو آهي. ڪارل مارڪس جي ورسي ملهائي وئي. جنهن ۾ غوث بخش بزنجو خاص

مهمان هو. جڏهن امداد چانڊيو کي تقرير لاءِ سڏايو ويو تہ هن گروپ نعرا لڳايا، "چام ساقي ۽ علي حسن چانڊيو جي غدارن تي لعنت". ان تي ڊي ايس ايف سنڌ يونيورسٽيءَ جي صدر رشيد راجڙ زوردار نعرا هڻايا، "نذير عباسيءَ جي قاتلن تي لعنت".

07_11_1987

ڪميونسٽ پارٽي ٽٽي چڪي آهي. پروفيسر جمال نقوي ۽ چام ساقي آزاد ٽيڊ ڪانپوءِ پهريون ڪم اهو ڪيو جيڪو سالن کان سرڪار نہ ڪري سگهي. مير ٽيپيو رحيم بخش جعفري يا مختيار باچا وارا بہ پارٽي هلائي ڪونہ سگهندا، هنن سيني پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو آهي.

مان انهن ئي سوچن ۾ هئس تہ ملاقات جو سڏ ٽيپو ويس تہ مير ٽيپو رحيم بخش جعفري، طالب لاشاري، عبدالله سولنگي ۽ صالح بلو ڊپٽي جي آفيس ۾ وينا منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. هنن ايندي ئي چيو تہ: "اسان تفصيلي ڪچهري بہ ڪنداسون تہ چانهہ بہ پيئنداسون"، هنن چيو تہ: "اسان اي اين پي ۾ رهڻ ٿا چاهيون. في الحال ڪا بہ نئين پارٽي يا ڪميونسٽ پارٽي ٺاهڻ جو ڪو ارادو ڪونهي. جيستائين اي اين پي جو قومي جمهوري پروگرام آهي، تيستائين رهنداسون". مون چيو: "پليجو نہ توهان کي ان ۾ رهڻ ڏيندو نہ پارٽي کي ٽوڙڻ کان رهندو". ان تي مير چيو: "هاڻ پليجو بہ ڪافي حد تائين پنهنجي سوچ بدلائي چڪو آهي". مون چيو: "رسول بخش پليجي جنهن ڏينهن پنهنجي سوچ بدلائي، ان ڏينهن قيامت ايندي". مون چيو: "اسان کي پليجي پنيان هلڻ تي سخت اعتراض آهي". مير چيو: "چام ساقي بہ حيدرآباد ۾ اهو ئي سوال ڪيو تہ اسان هن کي بهتر ٿا سمجهون يا پليجي کي؟". مير چيو: "مون کيس چيو تنهنجو اهو سوال اجايو آهي". مون هن تي واضح ڪيو تہ: "توهان کي مون خط لکيا تہ نذير عباسي سان پروفيسر جمال نقوي ويساهہ گهاتي ڪئي، اسان جي گرفتاري ۽ سزا هنن جي غلط حڪمت عمليءَ جو نتيجو هئي، پر توهان بہ ان وقت مريدن وارو ڪم ڪندي خاموش رهيا. هُو واپس آزاد ٽي آيو تہ هن کي پارٽيءَ جي ساڻي حيثيت ڏني وئي، هن کان ڪو بہ حساب نہ ورتو نہ پڇيو. رهندو غلام

رسول سهتي منهنجي خلاف پروپئگنڊا ڪئي ته مان سرڪاري ايجنٽ ٿي ويو آهيان ۽ الزام لڳائي رهيو آهيان". ان تي صالح بلوچيو: " ها، سهتي اِهو گند ڪيو هو".

08_11_1987

اڄ نانڪ رام ساجهر ملڻ آيو. هن ٻڌايو ته: "شاهه محمد شاهه، سچل سئمينار ڪرائي لکين رُپيا خرچ ڪيا، اسان کائنس پڇيو ته: "ايترا پئسا ڪٿان آيا". ڇيائين: "ڪمند جي ڪميشن ملي آهي، جرمن تحقيقدان اينميري شمل جو به راڻيپور ۾ زوردار استقبال ڪرايو. پنج هزار شريڪ ماڻهن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست شاهه محمد شاهه ئي ڪيو هو. بشير ملاح کان پڇيوسين ته: "ڪمند جي ڪميشن ڪروڙ رُپيا هوندي آهي ڇا؟". هو به جواب ڏيڻ بدران کلندو ئي رهيو. پوءِ خبر پئي ته به ٽي لک غلام مصطفيٰ جتوئي ڏنا هوندس، ڪجهه اصغر خان، ائين هن سپني کي ڪانفرنس ۾ اسٽيج تي ويهاري ڪلاشنڪوفن جا به هزارين رائونڊ هلائي، شريڪ ٽيندڙن جو استقبال ڪرايو".

ان دوران حيدرآباد ڊي ايس ايف جو ساٿي لالا رحمان سمون به اڇي ويو هي ساٿي ڊي ايس ايف ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽي يونٽ جو سربراهه آهي. هن چيو: "رشيد راجڙ موڪليو آهي ته مٿگزين "سچائيءَ" لاءِ مواد ڏيو". هن ٻڌايو ته ٽنڊو ڄام ۾ هنن ڊي ايس ايف جي ڪنوينشن جا پوسٽر لڳايا هئا، جن مٿان وري ڄام ساقي گروپ پنهنجا پوسٽر لڳائي ڇڏيا. هن ٻڌايو ته:"حيدر بخش رستماڻي ڄام گروپ ۾ شامل ٿي ويو آهي ۽ اسان جي مخالفت پيو ڪري". ان دوران ڊي ايس ايف جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر گل بليدي به اڇي ويو. ڊاڪٽر گل بليدي پريشان نظر آيو ۽ گهنشام کي چيائين ساٿس اڪيلائي ۾ گالهائڻو اٿس. مرتضيٰ کهڙو آيو. جنهن گهنشام کي چيو: "ٻڌو آهي ته تون اڄڪلهه سنڌو ديش جون خبرون پيو ڪرين". هي دانشور آهي، پاڻ ئي گالهائيندو ۽ سوال اٿارينڊو پوءِ جواب به پاڻ ئي ڏينڊو رهندو آهي.

10_11_1987

اڄ ابو سائين ملڻ آيو. پهريان ئي سوال ڪيائين تہ: "غُلام حسين (منهنجو وڏو پاءُ) توسان ملڻ آيو؟"، مون چيو: "ايجا تہ نہ آيو آهي"، ابي چيو: "مان تاڪيد ڪئي هئس تہ ملڻ اچي. چو نہ آيو؟"، مون ابي کي چيو: "ان تڪرار کي ڇڏيو. آهستي آهستي حالتون پنهنجي جاءِ تي اچي ويندیون. گهر ۾ ڪيٽو نہ هجي تہ بهتر آهي". ابي چيو: "آفرين اٿئي. اِها تنهنجي سوچ بهتر ٿي لڳي"، ابي چيو: "17 ڊسمبر تي آزادي يقيني آهي"، مون چيو: "آءِ جي آزاديءَ لاءِ اِها ئي تاريخ مقرر ڪئي آهي. منهنجي خيال ۾ تہ هاءِ ڪورٽ ۾ بہ اهڙو ئي بيان جمع ڪرايو اٿن يا ڪرائيندا"، ابي چيو: "غلام رسول سهتي محرابپور ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو ڪنوينشن ڪوناپو آهي ۽ مون کي شرڪت جي دعوت ڏني اٿائين. پر غلام حسين منع ٿو ڪري"، مون چيو: "تہ پوءِ توهان نہ وڃون"، ان دوران ساڻي بشير شيخ ۽ عبدالرسول بلوا اچي ويا تہ ابي سائين موڪلايو. پوءِ قدوس مهر بہ آيو.

13_11_1987

گهنشام سيءَ جي ڊپ نٿو ڪٽي سگهي. سو روم هيٽر ڳهرايو اٿس. ان تي مقدم سومر ملاح چيس: "هيءَ چا جي مشين آهي"، گهنشام چيو: "ڪمري کي گرم ڪرڻ جي مشين آهي"، ان تي هن چيس: "هي سوڙ ۽ ڪمبل بہ تنهنجا آهن"، گهنشام چيو: "ها"، ان تي سومر ملاح چيس: "تڏهن تہ سيءَ توسان چمبڙيو پيو آهي. جو ان لاءِ ايڏا وڏا اهتمام ڪيا اٿئي".

14_11_1987

عبرت اخبار ۾ محرابپور ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي ٽيل ڪنوينشن جي خبر آهي. جنهن کي غلام رسول سهتي. امداد چانڊيو. شاهہ محمد شاهہ ۽ قاضي محمد بخش ڏامراهہ خطاب ڪيو. ملاقات آئي انهن ۾ ابو سائين اڳيان آيو. هن جي پويان ڪامريڊ رشيد انڊڙ. گهوٽڪي ڊي ايس ايف جو اسد شاهہ. عبدالواحد پٹو ۽ ممتاز پٹو موجود هئا. ابي مونکي مبارڪ ڏني تہ مونکي سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو سينيئر نائب صدر چونڊيو ويو آهي. عبدالله سولنگي اسان لاءِ ٽوپيون ۽ اجرڪون ڪٽي آيو. جيڪي

ڪنونشن ۾ شريڪ هاري ورڪرن اسان لاءِ موڪليا هئا، ابو به ڪنونشن ۾ شريڪ ٿيو ڪيس مٿي استيج تي ويهاريو ويو هو.
15_11_1987

اڄڪلهه اخبارن ۾ مڪاني ادارن جي چونڊ بابت ئي خبرون اچن ٿيون. سياسي پارٽين اعلان ڪيو آهي ته اُهي پنهنجا همدرد اميدوار بيهاريندیون. ته جيئن هن پيري ضياءَ شاهي جي چوٽ نه ملي ۽ ايوان ۾ پنڌ ڪرڻ وارا سياسي ڪارڪن موجود هجن.

اڄ عبدالقادر شر، عبدالرسول بلو صاحب خان جاگيراڻي ۽ طفيل شيخ آيا. جن مونکي چيو ته: "اِهو فيصلو درست ٿيندو"، مون چيو: "بلڪل درست آهي. ته حڪومت کي ڪجهه ته مٿي ۾ سُور وجهڻ وارا ايوانن اندر هجن. باقي هنن کي صاف ميدان ڏيڻ کهڙي سياست آهي".
18_11_1987

اڄ هڪ پراڻو دوست ملڻ آيو. جميل ميمڻ، مان جڏهن بلدنگس کاتي ۾ ڪلارڪ هوندو هئس ته هُو ڊرافٽس مين هوندو هو. شايد اٽس جو ملڻ آيو آهي. جميل پنهنجي پٽ اصغر ميمڻ کي به ڊي ايس ايف جي سياست ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

ايتري ۾ محمد خان سولنگي جو ننڍو پاءُ منظور سولنگي به اچي ويو. منظور جي ڪچهري ڏاڍي مزيدار ۽ رنگ برنگي هوندي آهي. هي پنهنجي سُريلي آواز ۾ گيت ڳائي به ٻڌائيندو آهي. هن جو پنهنجو مشهور گيت آهي.

"مَنهَن چپرن لوڙهن ۽ گهر گهر ۾ گوليون
فوج پوليس چوي ڏاڙيل پيار ڳوليون"

هن جڏهن اڄ ڳائڻ شروع ڪيو ته حيات ڀل ۽ ڊپٽي پير الطاف پنهنجي آفيس مان اُٿي آيا ۽ هن کي دلچسپيءَ سان ٻڌڻ لڳا.
19_11_1987

جيل جو ايس پي حيات ڀل ماٺهو ڏاڍو پلو آهي. جلاد مريءَ جيان نه اذيت پرست نه انسان دشمن. پر هن کي ڊپٽي پير الطاف سرهندي سنو

آفيسر نہ مليو آهي. ٿمر شاهہ صحي چوندو هو تہ منافق آهي. ملاقات اچي ٿي تہ انهن کي ٻاهر بيهاري ٿو چڏي. اڄ بہ جڏهن مان 12 وڳي آيس تہ خبر پئي مامو محمد بخل ٻاهر بينو انتظار ڪري رهيو آهي. هن ٻڌايو تہ هُو صبح جو 10 وڳي کان بينو آهي. ڊپٽيءَ کان پڇيم تہ قسم کٽي ويو. "باخدا مون کي ڪنهن بہ نہ ٻڌايو"، پوءِ وري گيٽ ڪيپر لياقت سيال کي گهٽ وڌ ٻُالهائڻ لڳو. مامي بخل کي شايد پتڪو ٻڌل ڏسي بيهاري چڏيائون. ان دوران منظور سولنگي ۽ وجود علي بہ اچي ويا. مامي بخل سان وينو هئس تہ منظور سولنگي چيو: "ڪالهہ پنهنجي پراڻي دوست سان وينو رهين، اڄ مامي سان وينو آهين، اسان جو اچڻ تہ اجايو آهي نہ!"، مون چيو: "تون ٻُائڻ شروع ڪر تہ ڏل صاحب اچڻ وارو آهي، چوي ٿو ان کي جيل ۾ ٿا بند ڪريون ۽ ڏکڙ باجن وارا بہ گهرائي بند ٿا ڪريون، هن کان روز ويهي راڳ ٻڌنداسون". منظور چيو: "لياقت جي گهر وينا ئي هئاسون تہ ڪامريڊ جام ساقي بہ اچي ويو هن سان امر لال بہ هو تہ ڪجهہ ٻيا ساڻي پڻ، جيڪي مون نہ سڃاتا. جام ساقي کان منظور پڇيو. توهان چيو هو تہ پل سزا شبير ۽ ڪمال وارثيءَ کي لڳي، تہ جيئن توهان ٻاهر وڃي ڪم ڪريو هيءُ ڪهڙو ڪم ڪيو جو ٻاهر نڪرندي ئي پارٽي ٽوڙي چڏيوَ".

ان تي جام ڏاڍو حيران ڪندڙ ۽ انتهائي غير سنجيده جواب ڏنو چئي: "آمريڪا سرڪار سنڌ جي وڏي وزير غوث علي شاهہ کي خط لکيو آهي تہ اسان ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ هيتري امداد ڏيندا رهندا آهيون، اُها کيڏانهن ٿي وڃي، هاڻ جام ساقي جيل مان نڪتو آهي، جيڪو ڪميونسٽ پارٽي کي مضبوط ڪري رهيو آهي، توهان اُهي پئسا کيڏانهن ٿا ڪريو؟، هن خط جو جواب موڪليو تہ 60 لک ڊالر مير ٿيبي کي ڏنا آهن ۽ هُو ڪميونسٽ پارٽي کي ٽوڙي چڪو آهي". ان تي منظور سولنگيءَ پڇيس: "ڪامريڊ اِهو خط توهان ڪٽي ڏنو؟"، ان تي چيائين تہ: "ملڪ جا وڏا ڪامورا مون سان گڏ پڙهيا آهن، هنن ذريعي سرڪار جون ڪافي ڳجهيون ڪارروايون مون تائين پهچائيندا رهندا آهن". منظور چيس: "75 سيڪڙو بيورو ڪريسي جو تعلق پنجاب سان آهي، باقي 25

سيڪڙو جو تعلق سڄي ملڪ جي بيورو ڪريسي سان آهي. اهي 75 سيڪڙو ئي توهان سان گڏ پڙهيا آهن!". لکمير چيس: "توهان کي اِها خبر پارٽي ٽنڊو کانپوءِ ڇو پئي؟". ان تي چيائين: "ماٹھو ڪرڙ جي مند نہ ٿيندي آهي". پوءِ چيائين: "امداد چانڊيو ئي ڏسو مان هن کي نذير کانپوءِ پنهنجو جان نشين سمجهندو هئس. هُو بہ دوکو ڏئي ويو". منظور چيس: "توهان تہ پهريان پاڻ کي شهيد نذير عباسيءَ جو جان نشين ثابت ڪيو ها. هُو توهان جو جان نشين ڪيئن ٿيو؟. تون ئي هيڏا ٽکاءَ ويٺو ٿو هڻين. اسان کي حيرت ٿي ٿئي تہ تو جهڙي ماٹھوءَ کي اسان پنهنجي آئيڊيل شخصيت سمجهندا رهياسون".

مون کي ان دوران ڊپٽي پير الطاف سڏايو تہ: "23 نومبر تي تنهنجي ڪيس جي تاريخ رکيل آهي. ان جو چا ٿيٹو آهي. اسسٹنٹ ايڊووڪيٹ جنرل بہ جواب گهريو آهي". مون چيو: "ان جو فيصلو توهان کي ڪرڻو آهي". ايتري ۾ پاءُ لياقت علي شر وڪيل بہ اچي ويو هن سان بہ ڊپٽي پير الطاف ساڳي ڳالهہ ڪئي. لياقت صاحب چيس: "عجيب ماٹھو آهيو جيل جو ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ جهڙي عهدي تي ويٺو آهين. اسان کان ڪيئن ٿو پڇين. ان سوال جو جواب آءِ جي کان پڇو. هن پيري عدالت توهان کي پڇڻ نہ ڏيندي". ان تي پير چيو: "17 ڊسمبر تي شبيرجي آزادي بيهي ٿي. اسان بہ اِهوئي رول ناهي آءِ جي ۽ سنڌ جي قانون واري کاتي کي موڪليو آهي".

20_11_1987

ايم آر ڊي جي ڪالهہ واري اجلاس جي باري ۾ خبرون آهن. جنهن ۾ مِس بينظير ڀٹو ۽ ولي خان شريک نہ ٿيا. پ پ جي شريک چيئرپرسن بيگم نصرت ڀٹو بہ وطن موٽي آئي آهي. جيڪا اڃا تائين پنهنجي جوان پٽ شاهنواز جي موت جي صدمي مان باهر نہ نڪري سگهي آهي. ماءُ آهي. اهڙي ماءُ جنهن جي زندگي صدما. جيل. لٹيون ۽ جوان اولاد جي موت جي صورت. ايڏو وڏو ماٹھو جنهن جو شاندار ڪردار رهيو مڙس ذوالفقار علي ڀٹو کي ضياءُالحق جهڙي ردي ماٹھوءَ ڪيس رات ۾ ڦاسي ڏئي لاوارثن جيان لاش دفنائي ڇڏيو.

21_11_1987

اداسي روح ٿيو آهي
مونکي محبوب ماري ٿو

صبح صبح ساڻ گهري ننڊ ۾ هيءُ آواز ٻڌڻ ۾ آيو آهي. جهڙي شاعري سڀي آهي. اهڙو وري آواز آهي. کو عشق جو ڏٻيل قيدي پيو ڳائي. باهر نڪري ڏٺم ته اسان جو برداشتي پٺاڻ قيدي دروازي تي ويٺو ڳائي. مون کائنس پڇيو ته: "سنڌي توکي ڳالهائڻ نٿي اچي. هي ڳائين ڪيئن پيو؟"، جيائين: "سائين هتي جيل ۾ قيدي آهي اُهو سيکاريندو آهي. مون کي ڏاڍو وٺندو آهي. ان ڪري مون ياد ڪري ڇڏيو آهي". ظالمَ. مون کي منهنجي بيوفا محبوبا نجمہ ملاح ياد ڏياري ڇڏيئي.

22_11_1987

اڄ گهنشام مجيب مهر ۽ غني جتوئي اديب فاضل جا امتحان ڏئي رهيا آهن. ته جيئن امتحاس پاس ڪرڻ سان سزا ۾ ڇوٽ ملي سگهي. پيپر ونڊ واري استاد مونکي چيو: "ويهہ مون سان ڪچهري ڪر". هن ڇوٽ ۾ ئي جيئي سنڌ جي جاهلن وانگر شيخ ايياز تي تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي. ته جيڪو چوي ٿو ان تي عمل نٿو ڪري مون چيو: "چاچا. ايياز تي اُهو ڳالهائي يا تنقيد ڪري. جيڪو ايياز جي گهٽ ۾ گهٽ اڌ جيتري صلاحيت رکندڙ هجي. لطيف سرڪار هيئن چيو آهي ته:

"مون سين هلي سان. جا جيءُ مٺو مَ ڪري"

ايياز ان دؤر ۾ سنڌ جي حقن جي نہ رکو ڳالهہ ڪئي. پر ويڙهہ وڙهي. جڏهن سنڌ جو نالو ونڊ ۾ گناهہ هوندو هو. ٻڌ هُو چا ٿو چوي:

"سنڌڙي تنهنجو نانءُ ورتم. جڙ ڪاريهر تي پير پيم"

ايياز لطيف سرڪار جو همعصر نہ ته ثاني ته آهي ئي آهي.

هن جي شاعري ته ٻُڌ:

هونءِ وڏيرو هل ڙي
بگڙي جو سرڪار ته پوءِ جهر ڪيءَ واري دل ڙي

سنڌ جو وڏيرو ڪيڏو ڪمينو آهي، ان جو انداز سائين اياز جي شاعريءَ مان لڳايو. جيڪو تو اچي اياز تي تنقيد ٿو ڪري. پهريان اياز جيترو هڪ حصو ته ٿي ڏيکاريو".

پوءِ ته استاد ويچاري جي واڇ گودو ٿيڻ وئي. "سائين معاف ڪجو. واقعي مان به بڌين ٻگالهين تي آهيان. ايجا ايياز جي شاعري به نه پڙهي آهي".

اڄ هتي جيل تي جيئي سنڌ جو هڪڙو ڪارڪن امام بخش ڏلپوٽو گرفتار ٿي آيو آهي. ننڍي عمر جو هوندي وڏي حوصلي وارو آهي. اڄ پنهنجي ڪوليءَ ۾ وينو هُن سان ڪچهري ڪري رهيو هئس ته ملاقات جو سڏ ٿيو. اڄ منهنجي ڪيس جي هاءِ ڪورٽ ۾ تاريخ به آهي. پاڻ لياقت علي ڪورٽ کان سڏو هتي جيل تي ايندو آهي. پهريان مونکي احوال ڏئي پوءِ وري پنهنجي ڪورٽ جي ڪمن سان هليو ويندو آهي. مان ماڙيءَ تي آيس ته ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ پير الطاف سرهندي مبارڪ ڏني ته: "تنهنجو رول اچي ويو آهي. تون 17 ڊسمبر تي آزاد ٿي ويندين". هن چيو: "آءِ جي جيل ۾ قانون واري ڪاتي جا ليٽر اچي ويا آهن". مون پير کان پڇيو: "هاءِ ڪورٽ ڪهڙو فيصلو ڪيو؟". پير چيو: "بس هاءِ ڪورٽ به اهو ئي فيصلو ڪندي"

ايتري ۾ پاڻ لياقت علي به اچي ويو. هن ٻڌايو ته: "هاءِ ڪورٽ جي ڊويزن بينچ جيڪا ناصر اسلم زاهد ۽ آغا عبدالرسول تي مشتمل هئي، ان فيصلو ڏنو آهي ته توهان کي 17 ڊسمبر تي آزاد ڪيو ويندو". مون چيو: "پاڻ اهو ته آءِ جي لا ڊپارٽمينٽ وارا به چئي رهيا آهن. توهان جي اڇ کان پهريان ڊپٽي مونکي آزادي جي تاريخ به 17 ڊسمبر ٻڌائي. ته مونکي صرف انٽر جي چوٽ ملي. بي اي پاس ڪرڻ جي نه ملي. مطلب ته تنهنجي هاءِ ڪورٽ به بيوس ۽ لاچار آهي. صرف انٽر جي امتحان جي معافي ته آءِ جي جيل ڏني. توهان جي هاءِ ڪورٽ مونکي چا ڏنو؟" ادا لياقت به خاموش ٿي ويو. چيائين "ڪجهه به نه". پوءِ چپ ڪري ويٺو رهيو.

26_11_1987

30_ 29 نومبر تي ڪابل لوئي جرڳو ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ شرڪت لاءِ جوٽيجو اسيمبلي ميمبرن کي به دعوتون ڏنيون ويون آهن. جي

يو آءِ جي مولانا فضل الرحمان ۽ جي يو پي جي مولانا شاهه احمد نوراني کي به شرڪت جي دعوت آهي. سڄي ملڪ جي ساڃي ڏر جي سياستدانن کي دعوتون ڏني، هتي نئون ڏيڻ پئدا ڪيو ويو آهي. اخبارن لکيو آهي ته 20 ايم اين ايز ويزائون ونڻي چڏيون آهن. رسول بخش پليجي کي به خاص دعوت ڏني وئي آهي. باقي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڏڙي بازي ٽيڙ ڪري ڪنهن به ڏر کي دعوت ناهي ملي.

29_11_1987

اڄ رات بي بي سي خبر ڏني ته ڪابل ۾ لوئي جرڳي تي ان وقت انقلاب دشمنن ميزائلن سان حملا ڪري ڏنا. جنهن وقت افغانستان جو صدر نجيب الله تقرير ڪري رهيو هو. شرڪت ڪندڙن ۾ خوف چائنجي ويو. پر افغان صدر ڏماڪن باوجود تقرير جاري رکي. جنهن سبب ماڻهو وڌا رهيا ۽ تقرير دوران ڪنهن به قسم جي بدنظمي نڏي.

اڄ عبدالرسول بلوچ رفيق انڊڙ ملڻ آيا. جن ٻڌايو ته هنن ڏي ايس ايف جي چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ دعوت ڏني هئي. جنهن ۾ ڏي ايس ايف جو چيئرمين امداد چانڊيو جنرل سيڪريٽري اقبال بنگلزئي. جوائنٽ سيڪريٽري گل بليدي ۽ ٻيا دوست شامل هئا.

30_11_1987

شيخ اياز ڪالهه علامه آءِ آءِ قاضي جي ورسيءَ ۾ تقرير ڪندي چيو ته: "هڪ ملاقات دوران علامه آءِ آءِ قاضي مونکي چيو هو ته شيطان لاءِ هڪ ئي دروازو کليل آهي، اُهو آهي دوزخ جو. ٻيو فرشتي لاءِ به هڪ ئي دروزاو کليل آهي، اُهو آهي بهشت جو. جڏهن ته انسان لاءِ به دروازا کوليا ويا آهن. هڪ بهشت جو ۽ ٻيو دوزخ جو جنهن ۾ وڃي. اسان کي ڪيڏي نه چوٽ مليل آهي. جيترا وسيلا قدرت انسان لاءِ پئدا ڪيا آهن. شايد ئي ڪنهن ٻي مخلوق لاءِ هجن. پر ايئن چوڻ کان ڪجهه عرصو پوءِ ٻڌم ته علامه جو لاش سنڌوءَ جي ڪناري تان مليو. خبر ناهي ته اهڙي سوچ رکندڙ ايڏي وڏي عالم، موت جو اهو رستو چو اختيار ڪيو".

01_12_1987

اڄ صبح ساڻ يَخ تڏي هوا گهلڻ شروع ٿي وئي. مان لوهي دروازي کي ڪمبل هٽي بند ڪري ڇڏيو. مٿان درين کي به بند ڪري ڇڏيم. اندر هيٽر ٻاري پاڻ ڪمبل مٿان وجهي ليٽي آسٽريليا جي تاريخ پڙهڻ ويٺس. مقدم سومر ملاح آيو جيڪو ڪجهه به چوڻ کان ناهي مڙندو. پهريان ته مونکي ڏسندو رهيو ته هي همراهه ڇا تي پريشان آهي. چئي: "جي سياري لاءِ هيڏا بندوبست ڪندين ته سڄي جيل کي ڇڏي هتي هليو ايندو. سو سياري لاءِ ايڏا بندوبست نه ڪر". شايد مان سومر ملاح جو هتي تعرف ناهي ڪرايو. هي لاڙ جي علائقي نٽي جي سمنڊ واري ڪُنڊَ. ڪاري ڇاڻ جو آهي. عمر قيد جي سزا اٿس. اتفاق سان هن کان خون ٿي ويو هو. وري پٽو صاحب جي حڪومت جي دؤر ۾ جيلن تي هنگاما ٿيا ته هن کي ڪيڊي خيرپور جيل تي اماڻي ڇڏيائون. سو گذريل 15 سالن کان هن جيل ۾ آهي. پوين کي به خبر نه هئس. نيٺ، اسان نٽي جي ساڻي منير ميمڻ کي ذميواري ڏني. جيڪو سومر ملاح جي پٽ کي وٺي آيو. جيڪو هُو ننڍڙو ڇڏي آيو هو. پاڻ لياقت علي کي به عرض ڪيو آهي ته سومر ملاح جي آزاديءَ جو ڪيس وڙهي.

ايتري ۾ ملاقات جو سڏ ٿيو ڏکندو ملاقات تي ويس. روزانو اسان سان ملاقات لاءِ ايندڙ عبدالله سولنگي بيٺو هو. کجهه استيڪر کڻي آيو ته ان تي اسان جي آزادي جا مطالبا لکي ڏيو. جيڏو اسان جي آزاديءَ جو فڪر عبدالله کي آهي. ايترو منهنجي سڳي پائرن کي به ناهي. ڏاڍو پريشان هوندو آهي.

02_12_1987

مڪاني ادارن جون چونڊون ٿي گذريون پر هن ڏينهن کان نتيجو ظاهر نه ڪيو ويو آهي. وائيس آف آمريڪا ۽ اخبارن جون خبرون آهن ته مسلم ليگ اڪثريت سان کٽيو آهي. پ پ رڳو ٻهراڙين مان کٽي سگهي آهي. ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ مان 90 سيٽون کٽيون آهن. هاڻ سرڪاري طرح سان نتيجا تڏهن ڏنا ويندا، جڏهن سرڪار پنهنجي هاريل اميدوارن کي به ڪامياب قرار نه ڏياريندي. ننڍين چونڊن کي به ايمانداري سان هلڻ نه ٿو ڏنو وڃي. اُتي به بي ايماني ئي بنياد آهي.

03_12_1987

اڄ ياءُ لياقت علي آيو هن ٻڌايو تہ: "اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل زوار حسين جعفري بہ عدالت ۾ لکت ۾ ڏنو آهي، چار مهينا معافي پٽيشنر شبير شر جو حق آهي، پر اڄا عدالت بہ فيصلو نہ ڀئي ڪري سو ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي". ٽل مان پ پ جو دوست عبدالغفور ڪنراٽي ملڻ آيو امام بخش ڦلپوٽو سان راجا پيلار ملڻ آيو ۽ هُن وري مون سان ملڻ جي فرمائش ڪئي.

06_12_1987

اڄ مونکي شديد انتظار هو تہ هاءِ ڪورٽ منهنجي آزاديءَ جي سلسلي ۾ ڪهڙو ٿي فيصلو ڪري، ايتري ۾ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ پير الطاف سرهندي مونکي سڏايو چيائين تہ: "آءِ جي فون ڪيو آهي تہ چار مهينا سزا ۾ چوٽ ڏئي 17 ڊسمبر تي شبير شر کي آزاد ڪيو جو ايس پي جيل حيات ڦل اسان جو ڪارو مُنهن ڪرائيندي هاءِ ڪورٽ ۾ اهڙو بيان ڏئي ويٺو آهي". پائو لياقت ڏيڊ وڳي آيو تہ هن چيو: "اڄ فيصلو ڪونہ ٿيو جسٽس ناصر اسلم زاهد ۽ جسٽس آغا عبدالرسول تي مشتمل ڊويزن بئنچ ۾ حيات ڦل توهان جي حق ۾ بيان ڏنو پر زوار حسين شاهہ اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل مهلت ورتي تہ هن جي بيان سان هن تي اعليٰ آفيسر ناراض ٿيندا". مون چيو: "هتي تہ آءِ جي فون ڪري منهنجي آزاديءَ جي تاريخ 17 ڊسمبر ٻڌائي ڇڏي آهي". پائو وري پير الطاف کان پڇيو ان بہ تصديق ڪئي تہ آءِ جي فون ڪري تاريخ ٻڌائي آهي، باقي آرڊر سياٽي تائين اچي ويندو.

پيٽ حسن بانو جو بہ روس مان خط آيو آهي تہ: "هتي پڙهائي دوران انتهائي مشڪل وقت مان گذري رهيون آهن، اسڪالر اٽپوري آهي، جنهن سبب روس جي سردي موجب گرم ڪپڙا بہ ناهن ورتا". ياءُ کي چيم: "هي خط توهان پڙهيو آهي"، هن چيو: "ها، پر ڪو طريقو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي، جنهن ذريعي ٻئسا موڪلي سگهجن"، هن لکيو آهي تہ: "سوويت سماج هن وقت ڀڄ ڊاهہ جو شڪار ٿي رهيو آهي. ڏينهون ڏينهن حالتون خراب ٿي رهيون آهن".

07_12_1987

اڄ امداد چانڊيو غلام رسول سهتو زين ڊائريڪٽر سحر رضوي ملڻ آيا. جن کي به مون ٻڌايو ته: "منهنجي آزاديءَ جي تاريخ مقرر ٿي وئي آهي. 1987_12_17"، هنن چيو: "زبردست، اسان استقبال جون تياريون ٿا ڪريون".

08_12_1987

اڄ امام بخش قلپوٽو آزاد ٿي ويو. هن چيو: "ساڻي ملڻ ايندو ۽ گهر جي ماني آڻيندو". مون وري کيس چيوته: "سائين شيخ اياز جي شاعري جو مجموعو ڇپيو آهي، اُهو وٺيو اچجو".

09_12_1987

اڄ امداد چانڊيو عبدالله سولنگي وارا آيا. اڄا اُهي وينا ئي هئا ته ابو سائين به اچي ويو. ابو سائين ڏاڍو خوش نظر آيو. چيائين: "يار تنهنجي آزاديءَ جي تاريخ ٻڌي رات ننڊ ئي نه آئي". منظور شر به آيو. هن به چيو: "اسان کي يقين ئي نه پيو اچي ته ڪو تنهنجي آزاديءَ جو ڏينهن به مقرر ٿيندو"، ادا وڏو ڪامريڊ غلام حسين به آيو. پاڪر پائي مليو. هن چيو: "اسان طئ ڪيو آهي ته صبح جو اٺين وڳي پهچي ويندا سون". ان تي امداد چانڊيي چيو: "ايترو سوير جيل به ڪونهي کلندو. ٿورو آرام سان اچجو ته پي سنگت به ايندي. ته جيئن جلوس جي صورت ۾ گڏجي نڪرون". مون چيو: "اهو توهان جو مسئلو آهي، اسان لاءِ هي 7 ڏينهن هتي گذارڻ مسئلو ٿي پيو آهي. ست سال جيل ته گذري ويو هي ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذرندا". ابي موڪلائڻ مهل چيو: "ادا، مان ته هر صورت ۾ ضرور ايندس".

11_12_1987

اڄ سومر ملاح پنهنجي شرط تي عمل ڪندي مونکي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ پهرين دعوت کارائي. 5 ڪلو مڇي گهرائي پاڻ پچايائين. اهڙي مڇي مان اڄ ڏينهن تائين ناهي کاڌي. ڏاڍو سٺو بورچي به آهي. جئرام داس صبح ساڻ ئي 5 ڪلو تازي مڇي وٺي ڏئي ويو هو.

12_12_1987

اڄ پنهنجي برداشتيءَ جي سزا جو حساب ڪرائڻ ڊپٽي پير الطاف وٽ ويس ۽ چيومانس تہ : "هن جي سزا ڏسي ڏيو ڪڍهن ٿي پوري ٿئي؟". مون کي چيائين: "اڄ تاريخ ڪهڙي آهي"، مون چيو: "ڪئلينڈر تان ڏسو مونکي ياد ناهي؟"، چيائين: "مطلب تہ تون پنهنجي سزا پوري ٿيڻ جي باري ۾ نٿو سوچين"، مون چيو: " اهو وري ڪيئن؟"، چئي: "آزادي جي تاريخ ملڻ کانپوءِ قيدي گهڙيون ۽ منٽ ويٺو ڳڻيندو آهي"، مون چيو: "پير صاحب، پر منهنجا لکڻ پڙهڻ جا ڪم تمام گهٽا رهيا پيا آهن، اُهي ڪرڻ ۾ مصروف آهيان تہ آزاد ٿيڻ واري ڏينهن اُهي اتي جو اُتي رهجي ويندا. اسان باهرين زندگيءَ جي الجهن ۾ الجهي ويندا سون".

ان دوران جئرام ۽ طفيل شيخ بہ اچي ويا. جئرام چيو: "مچي صحي هئي"، مون چيو: "مچيءَ کي لڏيڻ بٹايو سومر ملاح، ان ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪردار آهي"، هن چيو: "جي ڪِني مچي ونڻي اچان ها تہ پوءِ...!؟".

ايتري ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ آيو هُو مون کي سمجهائڻ آيو تہ جام ساقي ۽ پروفيسر جمال نقوي سان اختلاف نہ ڪريان. مون کيس چيو: "ڊاڪٽر صاحب! توهان پرائي گهر جي باهہ وسائڻ بدران پنهنجو گهر بچايو. هنن جي جهيڙي ۾ توهان پنهنجي ننڍڙي تنظيم وطن دوست وڃائي ويهندؤ. توهان ماڻ ڪري ويهي تماشو ڏسو هي ٻئي گروپ الگ ٿيڻ کان پوءِ پارٽيون نہ هلائي سگهندا. ورڪر لڏو توهان ڏانهن ايندو. توهان سنيالجو"، بهرحال، ڊاڪٽر ارباب بضد هو تہ هُو جام ساقي جو اتحادي بڻجي چڪو آهي.

ان کان پوءِ رمضان ميمڻ آيو جنهن مونکي چيو: " تو سان بحث ڪرڻ آيو آهيان"، مون چيو: "اِهو تہ مان ڪنهن سان بہ ڪري ٿو سگهان، تون اِهو ٻڌائي تہ اسان کي جنهن وقت گرفتار ڪري تنهنجي گهر وٽان ونيو ٿي ويا، تنهنجي گهرواريءَ شاهينہ اسان کي ڏسي رهي هئي، تہ پوءِ هن پروفيسر ۽ نذير جي گهر اطلاع ڇو نہ ڏنو؟". هن چيو: "اها سمجهي نہ سگهي"، مون چيو: "هٿيارن سان 20 کان 25 ماڻهو اسان کي ونيو پئي ويا، اِهو

هوءَ سمجهي نہ سگهي! هاڻ باهر اچان ٿو ان سوال جو جواب ساڻين کي ڏيڻو پوندئي". ان تي هُن جو مُنهن لهي ويو. "ساڻي اسان جي نيت تي شڪ ٿا ڪريو". رمضان چيو. مون وراڻيو: "هڪ ساڻي جي زندگي هلي وئي. اسان 7 سال جيل پوڳيو. اها شڪ جي نہ پر يقين جي ڳالهه آهي". ان تي گهنشام چيس: "هن جو نالو به نذير جي قاتلن جي لسٽ ۾ لکو".

13_12_1987

وجود علي شر ٻڌايو تہ: "منهنجي ڳوٺ ۾ استقبالي ڪميٽي نهي آهي. جنهن عملي طور هن وقت تائين ڪو اخباري بيان به ناهي ڏنو پر تنهنجي خلاف پروپئگنڈا جام ڪري رهي آهي تہ منهنجي پارٽي منهنجي لاءِ ڪجهه به ناهي ڪيو". جڏهن تہ مان ڪميونسٽ پارٽي جو به ميمبر ڪونہ هئس ۽ ڪميونسٽ پارٽي ٽٽڻ کانپوءِ اڃا مون تہ ڪنهن پارٽي ۾ نہ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ نہ خيال ڏيکاريو آهي. منهنجي استقبال جي تياري منهنجا اُهي ساڻي ڪري رهيا آهن. جيڪي مون سان گڏ جيل ۾ رهيا آهن. يعني انهن ۾ امداد چانڊيو. شير محمد مگسي. محمد خان سولنگي. منظور سولنگي. عبدالله سولنگي. سيد اسد شاهه عابدي ۽ اسد شاهه گهوٽڪي وارو ۽ غلام رسول سهتو شامل آهن.

اسان جي باقي ساڻين يعني جام ساقي. جمال نقوي. امر لال ۽ بدر ابڙو طرفان منهنجي آزادي جي سلسلي ۾ ڪو به اعلان وغيره ناهي ڪيو.

"جنين ڪاڻ مياس
سي ڪلهي ڪانڊي نہ ٽيا"

14_12_1987

درويش صفت جهونو قيدي سومر ملاح اچي پرسان وينو. رازداراڻي انداز ۾ پڇڻ لڳو: "ڏي خبر خواب ڏسين ٿو؟". مون چيو: "ڪهڙا؟". چئي: "آزاديءَ جا؟". مون چيو: "ها يار. روز خواب ۾ آزاد ٿيندو آهيان. جاڳ ٿيڻ تي هن لوهي دروازي تي نظر پوندي ئي باهه وني ويندي آهي". وڌا ٽهڪ ڏيڻ لڳو. "آزادي.... آزادي.... آزادي. چوندي آواز پرجي آيس". چئي: "الائي ڪيئن هوندي آهي مون کان تہ وسري وئي آهي". مون چيو: "يار آزاد ٿي

وڃان ٿو. پر هي پوليس ۾ ڪوٽ اتي جو اتي بيٺا هوندا آهن". وري ڪلڻ لڳو. مون چيو: "رات خواب ۾ آزاد ٿي باهر نڪتس ته ڪرائي جا پئسا نه هئا. جو ڳوٽ وڃان. موٽي اچي گهنشام کان اڳارا ويهه رُپيا ورتم ته جيل پوليس گيٽ بند ڪري الائي ڪاڏي غائب ٿي وئي". پوءِ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو چئي "مون سان به اڪثر ايئن ئي ٿيندو آهي". هي ماڻهو زندگي جا 18 سال جيل ۾ رهيو آهي. هن آزاديءَ جا خواب ئي وساري ڇڏيا آهن. چوڻ لڳو: "اهي ويهه رُپيا جيڪي اڳارا ورتا اٿئي. اِهي ڪنهن فقير کي صدقو ڏئي ڇڏجان". مون چيو: "ها. باهر نڪرندي ئي ڏئي ڇڏيندس".

ملاقات جو سڏ ٿيو. اتي ويس ته سپاف جو مرڪزي اڳواڻ غلام حسين چانڊيو بيٺو هو. چيائين: "هتي فقير بخش هيسباڻي. نذير ڏاريجو ۽ ٻين سان ملڻ آيس. تنهنجي خبر پئي ته هتي آهين". هن هڪ سياسي گالهه ٻڌائي ته: "سائين جي ايم سيد کي ضياءُ الحق ناراض ٿي گرفتار ڪيوآهي. جو ضياءُ چيو هئس ته الطاف جي ايم ڪيو ايم جو مسلم ليگ سان ناهه ڪراءِ. ته جيئن چيئرمين مسلم ليگ جو ٿئي". مون کيس چيو: "جانڊيا صاحب باراٽيون ڳالهيون پيا ڪريو ايم ڪيو ايم ناهڻ ڏارا ضياءُ الحق وارا پاڻ آهن. اُهي خالق جيئن هنن کي چوندا تيئن ڪندا رهندا. سيد کي ٻڌو اٽن ٽوڙهي ڏانڪ واري ايف آءِ آر تي. جيڪا شهيد شاگردن جي سائين ڪرنل ۽ برگيڊيئر تي داخل ڪرائي آهي".

15_12_1987

هني عام قيدين منهنجي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ منجهند جي ماني ڪئي. هتان ڪوئي قيدي آزاد ٿيندو آهي ته سمورن قيدين کي ايئن محسوس ٿيندو آهي. جڻ اُهي به آزاد ٿي ويا. ملاقات آئي. جنهن ۾ پاءُ لياقت علي. عبدالقادر شر. ماسات غلام رضا ۽ مختيار حسين به ملڻ آيا. پاءُ ٻڌايو ته هو بنا مقابلي خيرپور بار جو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو آهي. مون چيو: "نئين سال جي آمد کان پهريان اسان کي مبارڪون ملڻ جي موسم شروع ٿي وئي آهي".

16_12_1987

ڪاڪو سومار ملاح ڪلندو آيو: "ڏي خبر سپاٽي آزاد ٿي ويندين. پوءِ ملڻ ايندين الائي نہ...!؟ پر ٻڌ، پل ملڻ نہ اچجان، پر هوم ڪاتي ۾ وڃي منهنجو رول جاچ ڪراءِ، تہ منهنجي سزا معافين سان ختم ٿي وئي آهي. مون کي آزاد ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ شبير مسڪين لاوارث قيدي آهيان، بيلي مون کي وساري نہ ڇڏجان ۽ منهنجي وارثي ڪجانءِ".

17_12_1987

رات واقعي ننڊ نہ آئي. ڇو تہ ست سال 5 مهينا جيل ۾ رهڻ ڪانپوءِ اڇوڪو ڏينهن منهنجي آزاديءَ جو آهي. رات ڏکوئيندي وئي. ايتري جو قيامت جي رات کان ٻيڻ تي ڏکوئيندي رات محسوس ٿي. جيڏي مهل ٻہ اک ٿي لڳي تہ جيل جا دروازا کلي ٿي پيا ۽ مان پکيءَ جيان آزاد فضائن ۾ اڏامڻ ٿي شروع ڪيو. آزادي جا ڏهل ۽ شرنايون وڄڻ شروع ٿي پئي ويا.

مان وهنجي تيار ٿيس تہ سومار ملاح ڪالهہ کان ئي گل گهرائي رکيا هئا. گلاب جا ڳاڙها گل. هن سُئي سڳو ڪٽي پنهنجي هٿن سان گل سٻيا. هن جا ڪارڙا هٿ جڏهن منهنجي لاءِ ڳاڙهن گلابن جو هار سٻي رهيا هئا. مان سوچيو "اِهي هٿ وڃي چمان" ۽ مان اڳتي وڌي هن جا پورهيت هٿ چميا. جيڪي سڄو سال مونکي ماني پچائي کارائيندا رهيا. سومر ملاح کي بي ساختا اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. چئي: "صاحب! هن ڪاري ملاح جا ميرا هٿ ڪيئن ٿو چمين؟"، مون چيو: "ڪارو گلاب ڳاڙهي گلاب کان وڌيڪ خوبصورت ۽ وٽندڙ ٿيندو آهي".

ايتري ۾ فقير بخش هيسباڻي آيو. شبير اڄ مان تنهنجي لاءِ نيرن تيار ڪرائي آهي. توکي آنا گهوٽالا ۽ اڦراٽو پسند آهي نہ. مان اُهي تيار ڪرايا آهن. مان فقيربخش هيسباڻي جي سيل ۾ ويس. هي منهنجي پياري پائرن جهڙي دوست شهيد اقبال هيسباڻيءَ جو سؤٽ ۽ نالائق عنايت هيسباڻيءَ جو وڏو پاءُ آهي. خير، عنايت بہ پلو هو هن کي نالائق بڻائڻ ۾ پٽيل شاهہ جو هٿ آهي. نيرن ۾ ڏاڍو مزو آيو پر آزادي جي خوشي ۾ بہ ٿي گرهہ ئي کائي سگهيس.

واپس سيل ۾ آيس ته مجيب مهر، سليمان شيخ ۽ غني جتوئي گلن جو هار کنيون ٻيئا هئا. سومار ملاح لڳاتار ڪِلي رهيو آهي. ايئن پيو لڳي. جڙ ته 18 سالن کانپوءِ سومار ملاح پاڻ آزاد ٿي رهيو آهي.

مان موڪلائڻ مهل سومار ملاح کي چيو: "ڪائي غلطي ٿي هجي ته معاف ڪجان". سومار چيو: "شبير صاحب! تون ته منهنجي لاءِ هتي فرشتو ٿي آئين. مان پنهنجي مائٽن کان وڇڙي ويو هئس. توهان مون سان منهنجو پٽ ملايو. مان لاوارث کي پنهنجا وارث ڳولي ڏنا. شبير صاحب! منهنجون دعائون سدائين توسان گڏ رهنديون. توکي ڪڏهن به ڪوسو واءُ نه لڳندو". مان اِهي دعائون ونيِ ڏهين وڳي جيل جي ڦاٽڪ طرف وڙڻ لڳس ته گهنشام پرڪاش، مجيب مهر، سومار ملاح، سليمان شيخ ۽ غني جتوئي نعرا هڻندا هليا: "جيل کا پھاٹک ٹوٹ گیا ، شبیر شر چھوٹ گیا". مان ويس ته ڊپٽي پير الطاف سرهندي چيو: "دروازو کوليو هي ٻاهر جو ماڻهو اندر چا پيو ڪري. هن کي ڪيو ٻاهر. هي جيل ٽوڙيندو آهي". پير الطاف سرهندي دوست آهي. هُو به خوشيءَ وچان جذباتي ٿي ويو. مون چيو: "پيرَ. ملڪ ۾ ايجا مارشل لا هلي پئي. هي شاهدي پيو ڏين چا؟ ٻاهر ٻيئا هوندا. مونکي وري گرفتار ڪندا". چيائين: " توبھ توبھ. خوشيءَ ۾ اِهي لفظ نڪري ويا".

ٻاهر نڪتس ته ابو سائين زوار عبدالرزاق گلن جو هار کنيون ٻيئو هو. نڪرندي ئي هار وڌائين. مخصوص مولود ڳائڻ لڳو:

"گھورون گھوٹ مٹان، انڑي مينھن جا ماٹک موتي"

پوءِ ادا وڏي ڪامريڊ غلام حسين هار پارائي چمي ڏني ۽ پاڪر پاتو. امداد چانڊيي نعرو هڻايو: " جیل کا پھاٹک ٹوٹ گیا ، شبیر شر چھوٹ گیا". پوءِ منظور سولنگي ڳائڻ شروع ڪيو:

"مَـنھَن، چپـرن، لـوڙھن ۽ گھـر گھـر ۾ گولیـون".

عبدالله سولنگي پيارو پاءُ خوشيءَ وچان روئي پيو هي لڳاتار روزانو ملڻ وارو پيارو ٻار.

ٻاهر نڪتس. آزاد دنيا ڏاڍي عجيب لڳي. منظور شر، عبدالقادر شر نوٽن جا هار پارايا. ٻئي پاڙ انتهائي پيارا ۽ معتبر انسان آهن. خيرپور ۾

لياقت علي جي گهر تورو ترسي پوءِ ٿريءَ جي چؤڪ تي پهچي. مان ۽ امداد چانڊيو تقريرون ڪيون.

ڳوٺ پهتس هتي ته سڀ ڪجهه بدليل نظر آيو. سڄ برسات علي پنهنجي هڪ نالي بندوق سان فائرنگ ڪري منهنجو استقبال ڪيو. ڳوٺ جي سوين مائُن گڏجي منهنجي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ سهرا ڳايا. آزاديءَ تي مون کي نوٽن جا ايترا هار پيا. جيڪي لک کان به مٿي آهن. وڏي ڳالهه ته منهنجا ابو امڙ بيحد خوش آهن. بس! هڪڙو دردناڪ ڏک آهي. ته منهنجو پيارو پاءُ مرحوم نور علي ناهي.

○○○

ڊائريءَ مان ٽکرو

وارڊ ۾ وياسون ۽ ممتاز پٽو اڪيلي ويٺي انگريزيءَ جو ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو، هُو تمام سٺي نموني مليو. پوءِ اقبال ساڻيا ئي الذوالفقار جي ڪارروائين شروع ڪرڻ وارا سوال ڪيا. ان تي ممتاز چيو: "بلڪل فائدو ٿيندو، تشدد جو جواب تشدد سان ملڻ کپي، ۽ رياستي ادارن کي خبر پوي". مون کي چيائين: "ڪامريڊ ڳالهيون انقلاب جون ٿا ڪريو ۽ وري انقلابي کارروائين کان ڊڄو ٻه ٿا". مون ڪلي چيو: "سائين ڪالهه ۽ توهان جو ٻيو مؤقف هو". هن چيو: "اتي سپ ڇڏ هٽاءِ، ٻيو ۽ الائي ڪيترا بئرڪن ۾ ايجنسين پنهنجا ايجنٽ موڪلي ڇڏيا آهن. پ پ آهي جڏن جي پارٽي، ان ۾ ڪو به عقل وارو ماڻهو ناهي". پوءِ اقبال کان پڇيائين: "تو واري وارڊ ۾ ۽ پ پ جا سپ وڏا ليڊر ويٺا آهن، اُهي ڇا ٿا چون؟". اقبال ٻڌايو ته: "پيار علي الانا، عبدالله بلوچ، امداد شاهه ۽ ٻيا دهلجي ويا آهن، ۽ هاڻ اسان جو ڇا ٿيندو؟ ڪٽي ضياءُالحق هتي ئي مٽن دهشتگردي جو ڪيس هلائڻ نه شروع ڪري...!". اقبال چيس: "توهان الذوالفقار جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟". هن چيو ته: "الذوالفقار پ پ جو حصو آهي ۽ مان ان جي ڪارروائين کي ٺيڪ ٿو سمجهان". مان سوچيو: "ايڏو دلير هجين ها ۽ شهيد پٽو سان گڏ ڦاسي گهاٽ پار ڪري ڇڪو هجين ها، هاڻ فرنٽ ناهي پ پ کان الڳ ٿي ويٺو ٺڪاءُ ڇڏين وڏيرا". اقبال هيسباڻي چيو: "مان پارٽي اڳواڻ جي واتان اهڙو مڙسيءَ وارو بيان ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس". ان تي مون چيو: "ممتاز صاحب ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ ناهي ڇڪو آهي، ان جو هاڻ پ پ سان کهڙو تعلق آهي". ان تي ممتاز چيو: "ڪامريڊ فرنٽ به اهائي انقلابي لائين وٺندي". مون پڇيو: "کهڙي؟"، ممتاز وراڻيو: "مير مرتضيٰ پٽو واري ٻي کهڙي". مون چيو: "مشڪل". ان تي ٿوري دير لاءِ اسان هڪبئي کي اکين ئي اکين ۾ ڏٺو ۽ چپ ٿي وياسون. وڌيڪ بحث نه ڪيوسين ۽ موڪلائي ٻاهر آياسون. تڏهن فقير اقبال چيو: "ڪامريڊ مڃين نه مڃين، ممتاز پٽو واقعي ڏهيسر آهي" مون چيو: "فقير ڏاڍو سادو آهين".....